
ڏرتي ڏوڏيندڙ ڏهه ڏينهن



جان ريد

يوسف سنڌي

گلشن

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڏرتي ڏوڏيندڙ ڏهه ڏينهن

(روسي انقلابَ جي ڪهاڻي)

جان ريڊ

يوسف سنڌي

گلشن پبليڪيشن

حيدرآباد/لاڙڪاڻو

2013ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڌرتي ڏوڻيندڙ ڏهه ڏينهن
موضوع: روسي انقلاب جي ڪهاڻي
مصنف: جان ريڊ
سنڌيڪار: يوسف سنڌي
چاپو پهريون: 2013ع
پيسٽنگ: سهيل سلام پٽو
ٽائٽل: هرٽ لائين، حيدرآباد
چپائيندڙ: گلشير بلوچ،
گلشن پبليڪيشن، گهر نمبر HCB-1816، ممتاز ڪالوني،
قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد، سنڌ.
ڪمپوزنگ: خالد پٽي ۽ اجي ڪمار مکواڻا
انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد
فون: 022-2721172

DHARTI DHODINDAR DAH DEENHN
[Ten Days That Shook The World]

By **John Red**
Translated in Sindhi ***Yousuf Sindhi***

Edition: First
Year: © 2013
Published by: Gulsher Baloch, Gulshan Publication, HCB-1816, Mumtaz Colony, Qazi Abdul Qayoon Road, Hyderabad, Sindh.
Composing: Intel Communications, Hyd.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

ڈاکٹر شاھ محمد مريءَ

جي نالي

ـ يوسف سنڌي

27-12-2011

فهرست

ـ مترجم پاران	7
ـ جان ريڊ جي سوانح حيات	9
ـ آمريڪي ڇاپي لاءِ تعارف	19
ـ روسي ڇاپي جي لاءِ تعارف	20
ـ پيش لفظ	22
ـ وَضاحتون ۽ سمجھاڻيون	29
باب پھريون: **پسمنظر**	41
باب ٻيو: **طوفان جا آثار**	57
باب ٽيون: **انقلاب کان پھرين**	84
باب چوٿون: **عارضي حڪومت جي پڇاڻي**	117

باب پنجون:
شروعات ٿي چُڪي 155

باب ڇهون:
چونڪاري واري ڪميٽي 191

باب ستون:
انقلابي محاذ 216

باب اٺون:
انقلابي دشمني 237

باب نائون:
سوپَ 262

باب ڏهون:
ماسڪو 287

باب يارهون:
اقتدار جي جيت 302

باب بارهون:
هاري ڪانگريس 332

مترجم پاران

گذريل سال، موبائيل ابس ايم ايس جي ذريعي پنهنجي دوست ڊاڪٽر شاهه محمد مريءَ سان ڪچهري ڪري رهيو هوس جو پُڇيائين، "اڄ ڪلهه ڪهڙو ڪتاب پيو پڙهين؟"

جواب ۾ وراڻيومانس، "جان ريڊ جو روسي انقلاب جو اڪين ڏَنو احوال 'ڏرتي ڏوڏيندڙ ڏهه ڏينهن'."

"اهو ڏاڍو سٺو ڪتاب آهي. لينن جي خواهش هئي ته اهو ڪتاب دنيا جي هر زبان ۾ ترجمو ٿئي. مون به لينن جي خواهش کي مان ڏينديءِ گهٽا سال اڳ اُن ڪتاب جو بلوچيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي."

ڊاڪٽر مريءَ جواب ڏنو.

"واهه!"..... جواب ڏنومانس. "ڪتابي صورت ۾ ڇپيو هجي ته ڪاپي مون کي موڪل....."

"نه اڃا ڇپيو ناهي... مسودي جي صورت ۾ موجود آهي. جلد ڇپائيندس..."

ڊاڪٽر مريءَ وراڻيو.

جان ريڊ جو اهو ڪتاب مون ڪافي سال اڳ 'سوويت يونين' واري دور ۾ پڙهيو هو ۽ اهو پيو پيرو هو جو ورائي پڙهي رهيو هوس.

'سوويت يونين' جي دور ۾ الائجي ڪيترائي اهڙا ڪتاب هئا، جيڪي نه رڳو مون جهڙن جي اُپياس هيٺ آيا، پر اُنهن جي ذهنن کي بدلائي جدوجهد جي ميدان ۾ پڻ لاٿو... جان ريڊ جو مٿيون ڪتاب به هڪ اهڙو ئي ڪتاب آهي. سوويت انقلاب جي سچي پچي ۽ اڪين ڏني ڪهاڻي.

سوويت يونين جي خاتمي کانپوءِ، سڄي دنيا ۾ وڏي اُٿل پٿل آئي، ہين هنڌن تي ڇا ٿيو...! پر پاڪستان ۽ سنڌ ۾ ته ڪامريڊن وڏو 'ڪِن' ڪيو. رات وچ ۾ سوشلسٽ انقلابين مان ڪي ليگي ته ڪي تبليغي بنجي ويا. گهٽا ته انهن عوام دشمنن سان وڃي سلهاڙيا، جن جي ئي خلاف هنن جدوجهد ڪئي هئي. تفوبر تو اي چرخ گردان...

ان ڪفر واري دور ۾ تمام ٿورن ماڻهن جو 'سوشلزم' تي ايمان سلامت رهيو... ۽ اهي ڪنهن کان ڳُجها ڪونهن.

مون هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي ايمان جي سلامتيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ان لاءِ ڪنهن کان سرٽيفڪيٽ ونڊ جي گهرج ڪونهيم.

هن ڪتاب ۾ مون 'جان ريڊ' جو ڏنل ضخيم ضميمو نه ڏنو آهي، جيڪو به لڳ پڳ سئو صفحن جو ٿيندو جيتوڻيڪ اهو ضميمو به هڪ رڪارڊ آهي ۽ ترجمو به ڪيم، پر پوءِ محسوس ڪيم ته پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو سبب نه بنجندو ۽ مٿن هڪ بوجهه محسوس ٿيندو.

هن وقت جڏهن سڄي دنيا ۾ "سرمائيداريت" جي ٻُڇڙاين جي خلاف هلچل ڏينهون ڏينهن زور ونڊي رهي آهي ۽ "وال اسٽريٽ" جي تحريڪ ٿي سگهي ٿو جلد ئي ڪا نئين شڪل ونڊي، يا ڪنهن نئين هلچل جي روپ ۾، عوامي اُپار جي صورت ۾ ظاهر ٿئي، جان ريڊ جي هن عظيم ڪتاب "ڏرتي ڏوڏيندڙ ڏهه ڏينهن" جو سنڌي ترجمو سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد جي ضرورت ۽ هلچل ۾ منهنجي پتيءَ جو ننڍڙو ڪم سمجهڻ گهرجي.

يوسف سنڌي

پهرين ڊسمبر 2011ع

جان ريڊ جي سوانح حيات

پھريون آمريڪي شھر، جتي سڀ کان پھرين مزدورن'ڪولچاڪ' جي فوج کي موڪلڻ جي لاءِ فوجي سامان کي جھاز تي چاڙھڻ کان نابري واري، اھو شھر ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪنڊيءَ تي "پورٽ لينڊ" ھو. ان ئي شھر ۾ جان ريڊ 22 آڪٽوبر 1887ع ۾ جنم ورتو.

سندس پيءُ انھن سخت جان ۽ ڪليل دل وارن پيشروئن مان ھو جن جي تصويرڪشي 'جيڪ لنڊن' پنھنجي آمريڪي اولھ بابت ڪھاڻين ۾ ڪئي آھي. ھو تجسس وارو ذھين رکندڙ ھو ۽ ڪيس دوکي ۽ دولاب کان نفرت ھئي، ھو بااثر ۽ دولتمندن جي طرفداري ڪرڻ جي بدران، اُنھن جي مخالفت ڪندو ھو ۽ جڏھن ٽرسٽن، رياست جي ٻيلن ۽ قدرتي دولت تي قبضي ڪرڻ جي لاءِ پنھنجا چنبا پکيڙيا تہ ھن ٽرسٽن جي خلاف جدوجھد ڪئي. ڪيس تنگ ڪيو ويو ماريو ۽ ڪُٽيو ويو ۽ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ۽ ھن ڪڏھن بہ دشمن کان ھار نہ مڃي.

ايئن 'جان ريڊ' جي پيءُ، ھن جي لاءِ ھڪ شاندار ورثو ڇڏيو ھڪ مجاھد جو رت، اعليٰ قسم جو ذھن ۽ سرڪش روح. جان جون صلاحيتون جلد ئي نکرڻ لڳيون، ھاءِ اسڪول جي تعليم ختم ڪرڻ کانپوءِ ھو 'ھارورڊ' ويو. ھارورڊ تيل جي بادشاھن، ڪوئلي جي نوابن ۽ فولاد جي وڏن واپارين جي پُٽن جي يونيورسٽي ھئي، انھن کي خبر ھئي تہ ڇٽن سالن جي راندين، عيش ۽ بي عمل سائنس جي بي عمل اُپياس کانپوءِ ھو جڏھن اُن يونيورسٽيءَ مان نڪرندا تہ مٽن 'ريڊيڪل ازم' جو پاڇو بہ نہ پوندو ۽ واقعي بہ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سوين ھزارين آمريڪي نوجوان ان قسم جي موجود نظام جي علمبردارن، رجعت پرستيءَ جي سفيد گاردن جي حيثيت سان پروان چڙھندا ھئا.

جان ريڊ، هارورڊ ۾ چار سال گذاريا. جتي سندس ذاتي دلڪشي ۽ رويي، هر شخص کي سندس مداح بنائي ڇڏيو. هن جو دولت مند ۽ امير ماڻهن جي اولاد سان روزاني جو واسطو هو هن عمرانيات جي وفادار اُستادن جا ناهوڪا ليڪچر ٻڌا. سرمائيداريءَ جي مها پنڊتن يعني معاشيات جي پروفيسرن جا وعظ ٻڌا ۽ هن اهو ڪرشمو ڪري ڏيکاريو ته دولتمندن جي حڪمرانيءَ جي ان ڳڙهه ۾ هڪ 'سوشلسٽ ڪلب' منظم ڪيو. اهو انهن جي منهن تي هڪ چماٽ هئي، جن پنهنجو پاڻ کي اهو دلاسو ڏنو ته اها بس چوڪراٽي وهيءَ جي هڪ ڏُڻ آهي. هنن چيو "جڏهن ڪاليج مان نڪرندو ۽ دنيا ۾ قدم رکندو ته سندس ريڊيڪل ازم تڏوٽي مٽي مان هوا ويندي."

جان پنهنجي تعليم ختم ڪري، ڏگري حاصل ڪئي ۽ وشال دنيا ۾ قدم رکيو ۽ رات وچ ۾ اها جيتي ورتي. اها هن پنهنجي جيالي پٽي، پنهنجي جوش ۽ پنهنجي قلم سان جيتي. هو اڃا شاگرد ئي هو ته هن هڪ مزاحيه اخبار "ليمپون" جي ايڊيٽر جي حيثيت سان پاڻ کي هلڪي ۽ تابعدار قسم جو مالڪ ثابت ڪري ڇڏيو. هاڻ هن نظمن، ڪهاڻين ۽ ڊرامن جو هڪ سڄو سلسلو تخليق ڪيو. پبلشرن مٿس آڇن جو مينهن وسائي ڏنو. باتصور رسالا ڪيس حيرت انگيز اجورو ڏيندا هئا ۽ وڏيون اخبارون ڪائنس بين الاقوامي واقعن تي تبصرا لکڻ جي گذارش ڪنديون هيون.

ايئن هو دنيا جي رستن تي "جهان گرد" بنجي ويو جن ماڻهن سيهوڳي معاملن کان باخبر رهڻ چاهيو ٿي، تن لاءِ ضروري هو ته هو 'جان ريڊ' جي پويان هلندا رهن. چاڪاڻ ته جتي به وڏيون شيون هوندیون هُيون، اُت جان ريڊ هڪ طوفاني پکيءَ جيان اک چنبي ۾ پهچي ويندو هو.

پيٽرسن ۾ سوتي ڪپڙي جي ڪارخانن جي هڙتال پڙڪي هڪ انقلابي طوفان بنجي ويئي ۽ جان ريڊ ان جي وچ ۾ موجود هو. ڪولورادو ۾ راڪ فيلرجا غلام پنهنجن هرن مان نڪري آيا ۽ هنن هٿياربند گارڊن جي ڏندن ۽ رائفلن جي باوجود به واپس هرن ۾ وڃڻ کان نابري واري، ۽ جان ريڊ اُتي به باغين جي پنيرائي ڪرڻ جي لاءِ موجود هو. ميڪسيڪو ۾ غريب هارين بغاوت ڪئي ۽ 'پانچوويلا' جي اڳواڻيءَ ۾ حڪومت جي مرڪز ڏانهن وڌيا ته جان ريڊ به گهوڙي تي سوار انهن سان گڏ هو.

تازي ڪارنامي جو هڪ بيان 'ميٽرو پاليٽن' رسالي ۾ ۽ پوءِ هڪ ڪتاب "انقلابي ميڪسيڪو" ۾ ڇپيو. جان ريڊ قرمزي ۽ ويران پهاڙين ۽

ريگستان جي وشالتا جو بيان ڪيو آهي، جيڪي "چئني ڏسائن راڪاس جيڏين نانگ ڦٽين جيان ۽ ڪنڊيدار ٻوڙن جي حفاظت ۾ هيون." وشال ميدانن ۽ ان کان ٻ وڌيڪ اُن جي آبادي ڪيس پنهنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو هو جنهن کي زميندار ۽ ڪيٽولڪ ڪليسا بي رحميءَ سان لُٽيندا هئا. هن انهن ماڻهن کي جابلو چراگاهن مان مال جا ڌڻ هڪليندي، آزادي جي فوجن ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ بي تاب، رات جو هرندڙ باهه جي مچن جي چوڌاري پنهنجا گيت ڳائيندي ڏٺو ۽ بک جي باوجود ٻ، قاتل ڪپڙن، اگهاڙن پيرن سان زمين ۽ آزاديءَ جي لاءِ بهاديءَ سان وڙهندي ڏٺو ۽ بيان ڪيو.

سامرا جي جنگ چڙي ۽ جان ريڊ اُتي پهتو جتي توپن جي گونج هئي. فرانس ۾ جرمني، اٽلي، ترڪي، بلقان ۽ هتي روس ۾ ٻ- 'زار شاهي' آفيسرن جي دغا بازيءَ کي بي نقاب ڪرڻ ۽ يهودين جي منظم قتل عام ۾ سندن سازباز هئڻ کي ثابت ڪرڻ وارن اطلاعن کي گڏ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس ۽ مشهور فنڪار 'بورڊ هن رابنس' کي پوليس گرفتار ڪري ورتو. جتان هن نهايت فنڪاري ۽ چالاڪي يا ڪنهن بي طريقي سان آزادي حاصل ڪئي ۽ ڪلندي ڪُڏندي پنهنجي ايندڙ مهم ۾ ٽپي پيو.

خطرو ڪٽي ڪيڏو ٻ وڏو هجي، پر جان ريڊ کي روڪڻ ممڪن ئي نه هو. خطرو ڪٽڻ ته سندس خمير ۾ شامل هو. هو سدائين مختلف حيلن ۽ بهانن سان جنگ جي محاذ جي خندقن تائين پهچي ويندو هو.

مونکي جان ريڊ ۽ بورس رائنشٽائن سان گڏ سيپٽمبر 1917ع ۾ ريگا جو ڪيل سفر ياد آهي. اسان جي جيپ جڏهن ڏکڻ طرف "ويندن" وڃي رهي هئي ته جرمن توپخاني ان نديڊي ڀُوٽ تي گولا وسائڻ شروع ڪري ڏنا. ۽ اوچتو اهو ڀُوٽ، جان ريڊ جي لاءِ دنيا جي سڀني کان وڌيڪ دلڪش جاءِ بنجي ويئي. هن زور پريو ته پاڻ کي اوڏانهن هلڻ گهرجي، اسين احتياط سان سُري رهيا هئاسين، جو اسان جي پويان هڪ بم ڦاٽو ۽ رستي جي جنهن حصي تان اسين اجهو ڪي گهڙيون اڳ لنگهيا هئاسين، اها دُنهه ۽ مٽي جو ڪارو ڦوهارو بنجي ويئي. ڊپ سبب اسين هڪبئي کي چهٽي وياسين. پر هڪ منٽ ڪانپوءِ جان ريڊ جو منهن خوشيءَ سبب ائين ٻهڪڻ لڳو جڻ اجهو هينئر ئي سندس ڪا اندروني گهرج پُوري ٿي ويئي هجي.

ائين هن سڄي دنيا جو سڀني ملڪن ۽ سڀني محاذن جو سفر ڪيو. هو هڪ غير معمولي ڪارنامي مان گذري ٻي طرف ٿي ويو. پر هو ڪو عام

مهم جو ڪونہ هو نہ ئي وري ڪو سفري اخباري خاطو. پر هو هڪ اهڙو تماشائي هو جيڪو ماٿهن جي اهنجن کي غير جذباتي انداز ۾ ڏسندو هو. سڄي افراتفري، گندگي ۽ رتوڇاڻ ۾ سندس احساس، انصاف ۽ شائستگي مجروح ٿيندا هئا. هو تيزيءَ سان انهن ٻڇڙاين جون پاڙون ڳولهيندو رهيو. تہ جيئن انهن کي پاڙئون پٽي ڦٽو ڪجي. جڏهن هو پنهنجي سفرن تان واپس نيويارڪ وريو تہ آرام ڪرڻ نہ پر نئين ڪم ۽ ايجي ٽيشن ڪرڻ جي لاءِ.

ميڪسيڪو واپس اچي هن اعلان ڪيو تہ: "هاڻي ميڪسيڪو ۾ بغاوت ۽ افراتفري آهي، پر انهيءَ جي ذميداري بي زمين هارين تي نہ پر انهن تي اچي ٿي، جيڪي سون ۽ بندوقون موڪلي جنگ ۽ جهيڙي کي هوا ڏين ٿا. يعني تيل جون حريف آمريڪي ۽ برطانوي ڪمپنيون!"

هو واپس پيٽرسن موٽيو تہ اهو بہ ميڊيسن اسڪوائر گارڊن ۾ هڪ زبردست ڊرامو شو ڪرڻ جي لاءِ. جنهن جو نالو هو "موڙيءَ جي خلاف پيٽرسن جي پرولتارين جي ويڙهہ."

ڪولورادو کان واپس موٽي اچي لوڊلو جي قتل عام جو حال بيان ڪيائين. جنهن سائبيريا ۾ "لينا" جي ڪناري تي سون جي کاڻين جي مزدورن تي فائرنگ کي بہ مات ڏيئي ڇڏي. هن بيان ڪيو تہ ڪيئن کاڻيون کوٽيندڙن کي گهرن مان ڪڍيو ويو هو ۽ هو تنبن ۾ رهندا هئا ۽ ڪيئن انهن تنبوئن تي پئٽرول هاري انهن کي باهہ ڏني ويئي ۽ پڇندڙ مزدورن کي سپاهين گولين جو نشانو بنايو ۽ ڪيئن، ڪيترائي ڏزن عورتون ۽ ٻارڙا سڙي مري ويا. هن ڪروڙپتين جي سرتاج راڪ فيلر کي مخاطب ڪندي چيو "هو تنهنجون ڏڳيون آهن ۽ هو تنهنجا خريد ڪيل ٻانها آهن.... تون قاتل آهين."

جنگ جي ميدانن مان بہ هو ڪنهن فوج جي ظلمن جون خالي ڳالهيون نہ پر هڪ اگهاڙي دردنگيءَ جي حيثيت سان، سامراجين جي منظم ڪيل رتوڇاڻ تي ۽ خود جنگ تي لعنتون موڪلينڊو واپس ورندو هو. 'لبريٽر' ۾، جيڪو هڪ ريڊيڪل انقلابي رسالو هو ۽ جنهن کي جان ريڊ پنهنجون بهترين لکڻيون مفت ۾ ڏيندو هو. ان ۾ هن هڪ غضبناڪ سامراج دشمن مضمون لکيو. جنهن جو نعرو هو "پنهنجي سپاهي پُٽ جي لاءِ سيني بند پٽيون خريد ڪريو." ڪيس ۽ ٻين ايڊيٽرن کي نيويارڪ جي هڪ عدالت ۾ غداريءَ جي الزام ۾ پيش ڪيو ويو. سرڪاري وڪيل پنهنجي وطن پرستيءَ واري ذهنيت سبب جيوري کان 'ڏوهاري' هئڻ جو

فيصلو ڪرائڻ تي زور پري رهيو هو. اُن حد تائين ته، جو هنن ڪيس جي شنوائيءَ جي دوران عدالت وٽ هڪ 'براس بينڊ' جو به بندوبست ڪيو جيڪو قومي تراني جي ڌن وڄائيندو رهندو هو. پوءِ به جان ريڊ ۽ سندس سنگتي پنهنجن عقيدن تي قائم رهيا. جڏهن جان ريڊ بي باڪيءَ سان وراڻيو ته "هو هڪ انقلابي جهنڊي جي هيٺ هڪ سماجي انقلاب جي لاءِ ڪم ڪرڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهي." ته سرڪاري وڪيل سوال ڪيس:

"ڇا تون هن جنگ ۾ آمريڪي جهنڊي هيٺ وڙهندين؟"

"نه، آئون نه وڙهندس!" ريڊ جواب ڏنو.

"ڇو نه؟"

جواب ۾ جان ريڊ هڪ جوشيلي تقرير ڪئي، جنهن ۾ هن اُهي پوائتا منظر ۾ واقعا بيان ڪيا، جيڪي هن جنگ جي ميدان ۾ ڏٺا هئا. بيان ايترو ته سچو ۽ اثرائتو هو جو جيوريءَ جي ڪن تعصبي پيٽي بورزوا ميمبرن جي اکين ۾ به لڙڪ اچي ويا ۽ ايڊيٽرن کي آزاد ڪيو ويو.

ٽيو هيئن ته جڏهن آمريڪا جنگ ۾ شامل ٽيو ته ريڊ جو آپريشن ٽيو هو ۽ سندس هڪ گردو ڪيڊيو ويو. ڊاڪٽرن کيس فوجي خدمتن لاءِ ناموزون قرار ڏيئي ڇڏيو.

هن چيو "هڪ گردي جي نه هئڻ سان آئون هن قومن جي وچ ۾ جنگ ۾ حصو وٺڻ کان آجو قرار ڏيئي سگهجان ٿو. پر ان سبب جي ڪري مونکي هن طبقن جي جنگ ۾ حصو وٺڻ کان معاف نٿو ڪري سگهجي."

1917ع جي گرمين ۾ جان ريڊ تيزيءَ سان روس آيو جتي هن شروعاتي جهڙپن کانپوءِ سمجهي ورتو ته هڪ وڏي طبقاتي ويڙهه ٽيڙ واري آهي. هن صورتحال جو جائزو ورتو ۽ سمجهي ويو ته پرولتاريه جي هٿان اقتدار جي تسخير منطقي ۽ اڻ ٽر آهي. پر دير ۽ مهملیءَ سان ڪيس پريشاني ٽيندي هئي. هو روزانو صبح جو هڪ اهڙي بيزاريءَ واري احساس مان اُٿندو هو ته انقلاب اڃان تائين شروع نه ٽيو آهي. نيٺ اسمولني سگنل ڏنو ۽ عوام انقلابي جدوجهد ۾ ڪُڏي پيو. قدرتي طور تي جان ريڊ به انهن سان گڏ اڳيان وڌيو. هو هر هنڌ موجود هو. شروعاتي پارليامينٽ ٽنٽ جي موقعي تي، مورچا ناهڻ مهل، جڏهن لينن ۽ زينووئيف روپوشيءَ مان نڪتا ته تاڙين جي گونج ۾ سندن آڏرياءُ مهل به، ۽ 'سرما محل' تي قبضي وقت به.....

پر اهو سڀ ته هن پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. ڪيس جتان به مليو هن پنهنجي ڪتاب جي لاءِ مواد گڏ ڪيو. ان لاءِ هن هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين وڃڻ کان به نه ڪيهايو. هن 'پراودا' ۽ 'ازوستيا' جا مڪمل فائيل، سيئي اعلان، ڪتابڙا، پوسٽر ۽ بيان گڏ ڪيا. پوسٽرن جو ته ڪيس خاص طور تي جنون هو. جڏهن به ڪو پوسٽر نظر ٽي آيو ۽ جيڪڏهن اهو حاصل ڪرڻ جو ڪو ٻيو ذريعو نظر نٿي آيو ته هن اهو پٽ تان ڪرڻي لاهڻ ۾ به هڪ محسوس نه ٿي ڪئي.

انهن ڏينهن پوسٽر ايتري ته جلدي ۽ ايڏي ته وڏي تعداد ۾ ڇپيا هئا، جو پتين تي لڳائڻ جي لاءِ انهن جي لاءِ جاءِ به نه بچندي هئي. ڪاديت، سوشل انقلابي، منشويڪ، ڪاپي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي ۽ بالشويڪ پوسٽر هڪٻئي جي مٿان ڇُهٽيا پيا هوندا هئا. هڪ ڏينهن جان ريڊ هڪٻئي جي مٿان ڇهٽيل 16 پوسٽرن جو هڪ ٿهو ڇڪي لاٿو ۽ ڪاغذ جي هڪ وڏي دفتري لوڏيندي منهنجي ڪمري تي آيو ۽ چيائين، "ڏس مون هڪ ئي حملي ۾ انقلاب ۽ انقلاب دشمنن کي هٽ ڪري ورتو آهي."

ائين مختلف ذريعن وٽان هن هڪ شاندار مجموعو گڏ ڪري ورتو. جيڪو ايترو ته سٺو هو جو جڏهن هو 1918ع ڪانپوءِ نيويارڪ جي بندرگاهه پهتو ته آمريڪا جي اثارني جنرل جي ايجنٽن اهو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. جيڪو بهرحال هو ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان واپس وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اهو هن پنهنجي نيويارڪ جي ڪمري ۾ لڪائي ڇڏيو. جتي هن پنهنجي ڪتاب TEN DAYS THAT SHOOK THE WORLD کي پنهنجي مٿي جي مٿان ايلي ويٽر جي گوڙ ۽ پيرن جي هيٺان زمين دوز ريلوي جي گوڙ ۾ ٽائپ ڪيو.

اها ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ٿي ته آمريڪي فاشسٽن نٿي چاهيو ته هي ڪتاب ماڻهن تائين پهچي، تنهنڪري هو ڇهه پيرا اُن ڪتاب جو مسودو چورائڻ جي لاءِ سندس پبلشر جي آفيس ۾ گهڙيا. جان ريڊ پنهنجي پبلشر کي جيڪو فوٽو ڏنو ان تي لکيائين:

"پنهنجي پبلشر هوريس ليورائٽ کي، جيڪو هن ڪتاب جي ڇپائي جي دوران برباد ٿيندي بچيو."

روس جي باري ۾ سچائي سامهون آڻڻ جي لاءِ فقط هيءَ ڪتاب سندس ادبي ڪوشش جو نتيجو نه هو. بورزوازين کي هيءَ ٿوري سچائي به

پڌري ٿيندي نہ ٿي وڃي. ڪين روسي انقلاب کان نفرت بہ هئي تہ ڊپ بہ هو ۽ هنن اهو ڪوڙ جي ٻوڏ ۾ ٻوڙڻ چاهيو. سياسي پليٽ فارمن، سئنيما جي پردن، اخبارن ۽ رسالن جي ڪالمن ۾ اُن انقلاب جي مٿان بيڇڙي الزام تراشيءَ جا چشما اُپڙڪي رهيا هئا. جيڪي رسالا ڪنهن وقت ريڊ ڪي مضمونن جي لاءِ منٿون ڪندا هئا، سي هاڻ سندس لکڻيون نہ ڇاپيندا هئا. پر پوءِ بہ هو ريڊ ڪي ماڻ نہ ڪرائي سگهيا. هن اڻ ڳڻين جلسن ۾ تقريرون ڪيون. هن پنهنجو هڪ رسالو ڪڍيو. هو ڪاهي ڏر جي سوشلسٽ رسالي 'ريوولويوشنري ايج' ۽ پوءِ 'ڪميونسٽ' جو ايڊيٽر ٿيو. 'لبريٽر' جي لاءِ هن لڳاتار مضمون لکيا. آمريڪا جي هڪ سري کان وٺي ٻي سري تائين سفر ڪيائين. ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيو. پنهنجي پرپاسي جي ماڻهن کي حقيقت کان واقف ڪيائين ۽ انهن ۾ بہ پاڻ جهڙو جوش ۽ انقلابي لڳاءُ پيدا ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ آخر ۾ جيڪا ڳالهہ ڪنهن بہ لحاظ کان گهٽ اهم ڳالهہ ڪونهي تہ ڪميونسٽ ليبرپارٽي آمريڪي سرمائيداري جي دل ۾ منظم ڪئي، بلڪل ائين جيئن هارورڊ يونيورسٽي جي دل ۾ هڪ سوشلسٽ ڪلب منظم ڪيائين.

سڀائين جيان 'پنڊتن' غلطي ڪئي هئي. جان ريڊ جو ريڊيڪل ازم چا بہ رهيو هجي، پر 'ڳرو ڏنگ' نہ هو. انهن جي اڳ ڪٽين جي باوجود ٻاهرين دنيا سان جان ريڊ جي رابطن کيس نہ بچايو. هن سندس ريڊيڪل ازم ۾ نکار پيدا ڪري ڇڏيو. اهو ڪيترو توانو ۽ گهرو هو تنهن جو اندازو "وائسس آف ليبر" مان ٿئي ٿو جيڪو نئون ڪميونسٽ ترجمان هو. جنهن جي ادارت جان ريڊ ڪندو هو. آمريڪي بورزوا کي احساس ٿيو تہ نيٺ ملڪ ۾ هڪ حقيقي انقلابي پيدا ٿي ويو آهي. هاڻ هو ان هڪ "انقلابي" لفظ تي ڪنبڻ ٿي لڳا. اهو صحيح آهي تہ ماضيءَ ۾ آمريڪا جي لاءِ پنهنجا انقلابي هئا ۽ اڄان بہ ان جون ڪيتريون ئي معزز سوسائٽيون هيون، جهڙوڪ، "ڊاٽرز آف آميريڪن ريوولويوشنس" ۽ "سنس آف آميريڪن ريوولويوشنس"، جن جي وسيلي رجعت پرست بورزوازي 1776ع جي آمريڪي انقلاب کي خراج عقيدت پيش ڪندا هئا. پر اهي انقلابي ڳڇ عرصو اڳ مري چڪا هئا. جڏهن تہ 'جان ريڊ' جيئرو جاڳندو انقلابي هو هڪ اهڙو انقلابي، جنهن ۾ وڏو دم ۽ خم هو. جيڪو بورزوازين لاءِ هڪ للڪار هو ۽ هڪ ڊپ هو. تنهن ڪري هنن جي لاءِ ان کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو تہ جان ريڊ کي قيد ڪيو وڃي. ۽ ڪيس گرفتار ڪيو ويو.

هڪ پيرو نہ ويهہ پيرا. فلاڊلفيا ۾ پوليس اسيمبلي هال ۾ تالو وجهي ڇڏيو ڪيس تقرير ڪرڻ نہ ڏني. جنهن تي هو ڪاڪ جي هڪ ڪوڪي تي چڙهي ويو ۽ رستي تي گڏ ٿيل ميڙ کي خطاب ڪرڻ لڳو. جلسو ايترو تہ ڪامياب ٿيو ۽ سندس ايترا تہ حمايتي پيدا ٿي ويا، جو جڏهن ريڊ کي 'امن امان ۾ خلل وجهڻ جي ڏوهہ' ۾ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو تہ جيوريءَ ڪيس ڏوهاري قرار ڏيڻ جو فيصلو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪوہ آمريڪي 'شهر' تيستائين سُک جو ساهہ نہ پٽيندو هو جيستائين هن گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو ريڊ کي گرفتار نہ ڪيو هجي. پر هن هر پيري ضمانت تي آزادي حاصل ڪري ورتي، يا وري مُهلي حاصل ڪري ٿي ورتي ۽ جلدئي ڪنهن ٻي هنڌ حملو ڪرڻ جي لاءِ روانو ٿي ٿي ويو.

اولهائين بورزوازين کي پُنهنجي ناڪامين ۽ پريشانين جو ذميدار روسي انقلاب کي قرار ڏيڻ جي عادت پڙجي ويئي هئي. ان انقلاب جي سبب کان اڳ وٽندڙ ڏوهن مان هڪ اهو بہ هو تہ هن هڪ سلجهيٽي آمريڪي نوجوان کي انقلاب جو ڪٽر ۽ پرجوش علمبردار بنائي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ بورزوازي تہ اهو ئي سمجهندا هئا، پر حقيقت ۾ اها ڳالهہ مڪمل طور تي سچ نہ هئي.

جان ريڊ کي انقلابي روس نہ بنايو هو. پر هو جنهن ڏينهن پيدا ٿيو هو اُن ئي ڏينهن کان سندس رڳن ۾ آمريڪي انقلابي رت ڊوڙي رهيو هو. هائو جيتوڻيڪ آمريڪين کي سدائين ٽلهو متارو. پنهنجو پاڻ کان مطمئن ۽ رجعت پرست قوم جيان پيش ڪيو ويو هو پر پوءِ بہ ان جي رڳن ۾ بغاوت ۽ نفرت روان دوران آهي. ماضيءَ جي عظيم باغين جو ٽورو تصور ڪريو. ٽامس پين، والٽ وٽ مين، جان برائون، ۽ پارسنس جو ۽ جان ريڊ جي هاٽوڪن ڪامريڊن ۽ ساٿين جو بہ تصور ڪريو جهڙوڪ: بل هيوڊ، رابرٽ مائنر، روٽن برگ ۽ فوسٽر، هوم اسٽينڊ، پل مين ۽ لارنس ۾ ٽينڊڙ رتوچاڙ واري صنعتي ٽڪراءَ کي ۽ دنيا جي صنعتي مزدورن جي جدوجهد کي ياد ڪريو. اهي سڀ اڳواڻ بہ تہ ۽ عوام بہ، نج آمريڪي بنياد جا آهن. جيتوڻيڪ هن مهل اها ايتري ظاهر ڪونهي، پر آمريڪي رت ۾ بغاوت جي مٽيءَ جي ملاوٽ آهي، تنهنڪري اهو ڇئي ٽٽو سگهجي تہ روس، جان ريڊ کي انقلابي بنايو. پر اُن کيس هڪ سائنسي انداز ۾ سوچيندڙ ۽ سڌو انقلابي ضرور بنائي ڇڏيو. اها وڏي خدمت هئي. ان جي ڪري سندس ميز تي مارڪس، اينگلس ۽ لينن جي ڪتابن جا ڍڳ لڳي ويا. ان کيس تاريخ جي

۾ واقعن جي روش جي سمجھ ڏني. اُن کيس ڪنھن حد تائين موھوم انسان دوستيءَ وارن خيالن جي جاءِ تي معاشيات جي بي لوچ ۽ سخت حقيقتن جي سمجھ ڏني. ۽ ان کيس آمريڪي مزدور طبقي جي تحريڪ جو اُستاد ٿيڻ ۽ ۽ ان لاءِ ب اھي ئي سائنسي بنياد فراھم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي اُيارين جيڪو خود ھن پنھنجي اصولن جي لاءِ فراھم ڪيا.

سندس سنگتي کيس چوندا ھئا، "جان! سياست تنھنجو ميدان ڪونھي... تون نعري باز نہ پر فنڪار آھين. توکي پنھنجي سگھ تخليقي ادبي ڪم تي لڳائڻ گھرجي." ھو پاڻ ب ان ڳالھ جي سچائيءَ کي اڪثر محسوس ڪندو ھو تنھنڪري ھن جي دماغ ۾ نون نظمن، ناولن ۽ ڊرامن جو ھجوم ھو. جيڪو اظھار جي لاءِ تڙپي رھيو ھو. ۽ ھن چاھيو ٿي تہ کين کا قطعي ھيئت ملي وڃي. جڏھن سندس دوست مٽس زور پريندا ھئا تہ ھو پنھنجي انقلابي پروپيگنڈھ کي ھڪ پاسي رکي، پنھنجي ميز تي ويھي رھي تہ ھو مُرکندي وراڻيندو ھو. "ھائو ھائو... ائين ئي ڪندس."

پر ھن ڪڏھن ب انقلابي ڪم بند نہ ڪيو. ائين ڪرڻ سندس وس ۾ ب نہ ھو. روسي انقلاب ھن جي دل ۽ جان ۾ گھر ڪري ويو ھو. جنھن کيس ھڪ ماھر ۽ سندس ٻُڌتر واري نراجي جذبي کي ڪميونزم جي سخت ڊسيپلين جو تابع بنائي ڇڏيو. ان کيس ھڪ پيغمبر جيان روشن مشعل ڏيئي آمريڪا جي شھرن ۾ موڪليو ان کيس 1919ع ۾ ماسڪو گھرايو تہ جيئن ھو آمريڪا جي ٻنھي ڪميونسٽ پارٽين کي گڏڻ جي سلسلي ۾ 'ڪميونسٽ انٽرنيشنل' ۾ ڪم ڪري.

انقلابي نظريي جي نون ھٿيارن سان ھٿيار بند ٿي ھو ڪجھي نموني ٻيھر نيو يارڪ روانو ٿيو پر ھڪ جھازيءَ دغا ڪئي ۽ کيس جھاز مان لاھي فن لينڊ جي ھڪ جيل ۾ اڪيلائي واري قيد ۾ رکيو ويو. اتان ھو ٻيھر روس واپس موٽيو. 'ڪميونسٽ انٽرنيشنل' ۾ ھن مضمون لکيا ۽ ھڪ نئين ڪتاب جي لاءِ مواد گڏ ڪيو ۽ 'باکو' ۾ مشرقي قومن جي ڪانگريس ۾ ڊيلي گيٽ جي حيثيت سان شريڪ ٿيو. ھو ٽائيفس ۾ مبتلا ٿيو (جنھن جا جراثيم کيس شايد قفقار ۾ لڳا ھئا) ۽ گھٽي ڪم جي ٽڪاوٽ سبب ھو بيماريءَ مان جڙھي نہ سگھيو ۽ سترھين آڪٽوبر، آچر جي ڏينھن 1920ع ۾ گذاري ويو.

اسانکي جڏهن سندس چالاڪي جي خبر 'هيلسنگ فورس' ۾ 'ريويل' ۾ پيئي تہ اسان کي يقين هو تہ اهو بہ انهن کوڙن مان هڪ کوڙ آهي. جيڪي انقلاب دشمن کوڙن جي ڪارخانن ۾ روزانو گهڙين ٿا. پر جڏهن 'لوئيز برائيانٽ' اُن ڏک واري خبر جي تصديق ڪئي تہ اسان تردید جي اميد ترڪ ڪري چڏي جيتوڻيڪ اها ڏاڍي تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ هئي.

جان ريڊ جيتوڻيڪ جلاوطنيءَ ۾ مئو ۽ ان وقت پنجن سالن جي سزا جو فيصلو سندس مٿان لڙڪي رهيو هو بہ بورزوا پريس ڪيس فنڪار ۽ انسان جي حيثيت سان خراج عقيدت پيش ڪيو. بورزوازيءَ سُک جو ساهہ ڪنيو. ڇاڪاڻ تہ جان ريڊ کي خبر هئي تہ سندن فطري کوڙ کي ڪيئن بي نقاب ڪرڻ گهرجي. جيڪو پنهنجي قلم سان ايتري بي رحميءَ سان ڏڪ هٽندو هو. اهو هاڻ هن جهان ۾ نہ رهيو هو.

آمريڪا، ريڊيڪل دنيا کي تمام گهٽو نقصان رسايو. آمريڪا کان ٻاهر رهندڙ ڪامريڈ ان نقصان جي احساس جو اندازو مشڪل سان لڳائي سگهن ٿا، جيڪو هُنَ جي موت سبب پهتو. روسي اها قدرتي ڳالهہ سمجهندا آهن ۽ هنن جي لاءِ اهو ٽيندو آهي تہ ڪنهن شخص پنهنجن اصولن خاطر جان ڏيئي چڏي. هتي جڏبن جي ڪا بہ گنجائش ڪونهي. هتي سوويت يونين ۾ سوشلزم جي لاءِ هزارين، لکين ماڻهن پنهنجون جانيون قربان ڪري چڏيون. پر آمريڪا ۾ نسبتاً گهٽ قرباني ڏني ويئي. جيڪڏهن اوهين چاهيو تہ اهو چئي سگهو ٿا تہ جان ريڊ ڪميونسٽ انقلاب جو پهريون شهيد هو ۽ هزارن جو پيشرو هو. ڏورانهين روس ۾ هن جي 'شهاب ثاقب' جهڙي زندگيءَ جو ائين اوچتو خاتمو آمريڪي ڪميونسٽن جي لاءِ هڪ وڏو صدمون هو.

سندس پراڻن دوستن ۽ ساٿين جي لاءِ اها ڳالهہ اطمينان جو سبب بنجي سگهي ٿي تہ جان ريڊ کي اُن هنڌ دفنايو ويو جيڪا کيس دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ پسند هئي. يعني ڪريملن جي پٽ جي پاڇي واري چوڪ ۾.

اُتي سندس قبر تي هڪ يادگار ڪُتل آهي جيڪو سندس ڪردار سان مڪمل هڪ جهڙائپ رکي ٿو. گرينائٽ جو هڪ اڻ تراشيل پٿر، جنهن تي لکيل آهي.

"جان ريڊ ـ ٽين انٽرنيشنل ۾ نمائندو 1920ع".

البرٽ. آر. وليميس

آمريڪي ايڈيشن لاءِ تعارف

جان ريڊ جو هي ڪتاب "ڏرتي ڏوڏيندڙ ڏهه ڏينهن" مون ۾ بي حد دلچسپي ۽ ڏيان سان پڙهيو آهي. آئون دل جي گهراين سان سڄي دنيا جي پورهيتن کي هيءَ ڪتاب پڙهڻ جي سفارش ٿو ڪريان. هيءُ هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو منهنجي خواهش آهي ته لکن جي تعداد ۾ ڇپجي ۽ دنيا جي سيني ٻولين ۾ ترجمو ٿئي. هن ۾ انهن واقعن جو سچو ۽ ٻچو ۽ بي حد چٽو بيان ٿيل آهي، جيڪي اُن ڳالهه کي سمجهڻ جي لاءِ اهميت رکن ٿا ته پرولتاري انقلاب ۽ پرولتاري آمريت اصل ۾ آهي ڇا؟ اڄڪلهه انهن مسئلن تي عام طور تي بحث ڪيو ويندو آهي. پر اُن کان اڳ جو ماڻهو انهن خيالن کي رد يا قبول ڪري، کيس پنهنجي ان فيصلي جي پوري اهميت کي سمجهڻ گهرجي. جان ريڊ جو هيءُ ڪتاب ان سوال کي، جيڪو بين الاقوامي مزدور تحريڪ جو بنيادي سوال آهي، چٽو ڪرڻ ۾ بي شڪ وڏي مدد ڪندو.

- لينن

روسي ايڊيشن جي لاءِ تعارف

"ڏرتي ڏوڏيندڙ ڏهه ڏينهن"، اُهو عنوان آهي، جيڪو جان ريڊ پنهنجي مشهور ڪتاب ڪي ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ آڪٽوبر انقلاب جي شروعاتي ڏينهن جو حيرت ۾ وجهندڙ ڇڻو ۽ صحيح بيان ملي ٿو. اهو نہ رڳو حقيقت جو ڀاڻيو آهي، پر دستاويزن جو مجموعو هڪڙ سان گڏ زندگيءَ جي لقائن جو بہ سلسلو آهي، جيڪو مثالي پڻ آهي. انقلاب ۾ شرڪت ڪندڙ ڪنهن بہ شخص کي اهڙا منظر ضرور ياد ايندا، جيڪي هن پنهنجي اکين سان ڏٺا آهن، ۽ زندگيءَ جي انهن جهلڪين عوام جي جذبن ۽ انهن جذبن جي حيرت ۾ وجهندڙ سچائيءَ سان عڪاسي ڪئي آهي، جن انقلاب جي هر عمل جو تعين ڪيو.

شروع ۾ تہ اها ڀالھ حيرت ۾ وجهندڙ ٿي لڳي تہ هن قسم جو ڪتاب هڪ پرڏيهي همراهہ يعني هڪ آمريڪي ڪيئن ٿو لکي سگهي، جنهن کي نہ تہ زبان ٿي آئي ۽ نہ ئي وري ملڪ جا طور طريقا. جنهن ڪري اهو خيال بہ پيدا ٿي سگهي ٿو تہ هن اڻ ڀڻيون غلطيون ڪيون هونديون ۽ ڪيتريون ئي اهم ۽ ضروري شيون ڇڏي ڏنيون هونديو.

گھٹا پرڏيهي روس جي باري ۾ بلڪل مختلف طريقي سان لکن ٿا. جن واقعن کي هو ڏسن ٿا، تن کي هو يا ته سمجهڻ کان صفا لاچار هوندا آهن يا وري ڪن اڻ واسطيدار واقعن کي موضوع بنائين ٿا. جيڪي سدائين مثالي نه هوندا آهن ۽ انهن کي ڪيترن ئي پهلوئن جي جائزي ونڊ جي لاءِ استعمال ڪن ٿا.

پر ظاهر آهي ته انقلاب جا اکين ڏٺا شاهد ڪي ٿورائي پرڏيهي هئا. ان جي وضاحت هيئن ڪجي ته جان ريڊ کو سطحي مشاهدو ڪندڙ نه، پر هڪ پُرجوش انقلابي ۽ ڪميونسٽ هو جنهن انهن واقعن جي مقصد ۽ ان عظيم جدوجهد جي معنيٰ سمجهي ٿي، ان سمجهه ئي کيس مشاهدي جي اها تکي اک ڏني، جنهن کانسواءِ هي ڪتاب لکڻ ممڪن ئي نه هو.

روسي به ان انقلاب جي باري ۾ مختلف طريقن سان لکن ٿا، هو يا ته هڪ ڪُل جي حيثيت سان اُن جي ملهه ڪٽ ڪن ٿا، يا وري انهن واقعن کي بيان ڪن ٿا، جن ۾ هنن پاڻ حصو ورتو هوندو آهي. جان ريڊ جو هيءَ ڪتاب صحيح معنيٰ ۾ عوامي انقلاب جي عام تصوير پيش ڪري ٿو. ان ڪري هيءَ ڪتاب نوجوانن ۽ ايندڙ پيڑهين جي لاءِ خاص ڪري انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ خاص اهميت وارو آهي، جن لاءِ، آڪٽوبر انقلاب هڪ ماضي هوندو. جان ريڊ جو هيءَ ڪتاب هڪ رزميه پڻ آهي.

جان ريڊ پنهنجي زندگي روسي انقلاب سان واڳي ڇڏي، هو روس جو ئي ٿي ويو ۽ روس ۾ ئي هن ٽائفس جي بيماريءَ سبب وفات ڪئي، ۽ کيس "ريڊ اسڪوائر (ڳاڙهي چوڪ) جي پٽ جي چانوَ ۾ دفنايو ويو. جيڪو شخص انقلاب لاءِ جانيون قربان ڪندڙ سورمن جي تدفين کي اهڙي سڻي طريقي سان بيان ڪري، جيئن جان ريڊ بيان ڪيو آهي، اهو اهڙي عظيم اعزاز جو حقدار پڻ آهي.

ڪروپسڪايا

(لينن جي گهر واري)

پيش لفظ

هيءُ ڪتاب تاريخ جو هڪ اهڙو حصو آهي، جيڪا تاريخ مون پنهنجي اکين سان ڏٺي. ان کانسواءِ هي بي ڪا دعويٰ نٿو ڪري تہ نومبر انقلاب جو هڪ تفصيلي بيان آهي. جڏهن بالشويڪن، مزدورن ۽ سپاهين جي سرواٽي ڪندي، روس جي رياستي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ پوءِ اهو سوويتن جي هٿن ۾ آڻي ڇڏيو.

قدرتي طور هن جو گهڻو حصو گاڏي جي هنڊ ۾ بغاوت جي دل ’ڳاڙهي پيٽروگراڊ‘ بابت آهي. پر پڙهندڙن کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ جيڪو ڪجهہ پيٽروگراڊ ۾ ٿيو اهوئي ٿوري گهٽ يا وڌ شدت سان، مختلف وقتن ۾، سڄي روس ۾، لڳ ڀڳ ائين ئي ورجايو ويو.

هن ڪتاب ۾، جيڪو انهن ڪيترن ئي ڪتابن مان پهريون آهي، جيڪي آئون لکي رهيو آهيان، منهنجي لاءِ پنهنجو پاڻ کي فقط اهڙن واقعن تائين محدود رکڻ ضرور آهي، جن جو مشاهدو ۽ تجربو مون پاڻ ڪيو آهي، ۽ جن جي تائيد اعتبار جو ڪُن شاهدين سان ٿئي ٿي. ان کان اڳ اهڙي ريت

پهرين ٻن بابن ۾ نومبر (آڪٽوبر) انقلاب جي پس منظر ۽ سببن جو مختصر خاڪو پيش ڪيو ويو آهي، مونکي چڱي طرح احساس آهي ته اهي ٻه باب پڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، پر جيڪو ڪجهه اُن کان پوءِ آهي، تنهن کي سمجهڻ جي لاءِ اهي بي حد ضروري آهن.

پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال پيدا ٿيندا ته بالشوزم ڇا آهي؟ بالشويڪن ڪهڙي قسم جو حڪومتي ڍانچو قائم ڪيو؟ جيڪڏهن بالشويڪن نومبر (آڪٽوبر) انقلاب کان اڳ آئين ساز اسيمبليءَ جي علمبرداري ڪئي هئي ته پوءِ هنن هٿيارن جي زور تي اها چو منتشر ڪري ڇڏي؟ ۽ بورزروازي ان وقت تائين، جيستائين بالشوزم جو خطرو ظاهر نه ٿيو تيستائين آئين ساز اسيمبلي جي مخالفت ڪري رهيا هئا، ته پوءِ ان جي علمبرداري ڇو ڪرڻ لڳا هئا؟

اهڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي سوالن جا هتي جواب نٽا ڏيئي سگهجن، مون هڪ ٻي ڪتاب "ڪورنيلوف کان پريست ليتوفسڪ[1] تائين" ۾ جرمن ناهه تائين، ۽ ان سميت انقلاب جو رويو بيان ڪيو آهي. ان ۾ مون انقلابي تنظيمن جي شروعات، انهن جي فرضن، عوامي جذبي جي ارتقا، آئين ساز اسيمبليءَ جي ٽوڙڻ کان وٺي، سوويت رياست جي ساخت ۽ بريسٽ ليتوفسڪ جي ڳالهين مُهاڙين تائين ۽ انهن جي نتيجن جي وضاحت ڪئي آهي.

بالشويڪن جي عروج تي ويچاريندي، اها ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته روسي معاشي زندگيءَ ۽ روسي فوج 7 نومبر (25 آڪٽوبر) 1917ع ۾ نه پر ڪيترائي مهينا اڳ ان عمل جي منطقي نتيجي طور منتشر ٿي هئي. جيڪو 1915ع ۾ شروع ٿي چڪو هو. جن بدعنوان رجعت پسندن جي هٿن ۾ زار جي دربار جو ڪنٽرول هو، انهن جاڻي ٻُجهي روس کي تباهه ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن هُو جرمنيءَ سان پنهنجي سر ڏار ناهه ڪري سگهن. محاذ تي هٿيارن جي کوٽ جي ڪري 1915ع جي گرمين جي مند ۾ فوج کي گهٽو پُنتي ٽيٽون پيو فوج ۽ وڏن شهرن ۾ غذا جي کوٽ. 1916ع ۾ سامان ۽ چرپر ۾ افراتفريا اسين سپ جاڻون ٿا ته اهي سپ نقصان

---

[1] جان ريڊ اهو ڪتاب مڪمل ڪرڻ کان اڳ گذاري ويو ۽ ڪتاب ڇپجي نه سگهيو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

رسائيندڙ ان عظيم مهم جو حصو هيون، جنهن کي عين وقت تي مارچ (فيبروري) انقلاب روکي ڇڏيو.

نئين حڪومت جي شروعاتي ڪجهه مهينن ۾ ان، گڏجڻ جي باوجود جيڪا اهڙي عظيم انقلاب جي دوران ٿيڻ لازمي آهي، جڏهن دنيا جي وڏيڪ محڪوم ۽ مجبور سورهن ڪروڙ ماڻهن کي اوچتو آزادي ملي وئي ته نه رڳو اندرين حالت، پر فوج جي جنگي سگهه به بهتر ٿي.

پر اهو 'جشن' ڪجهه ڏينهن هو مٿين طبقي فقط هڪ اهڙو سياسي انقلاب چاهيو ٿي، جيڪو اقتدار زار کان کسي سندن حوالي ڪري، هنن روس، فرانس ۽ آمريڪا جيان هڪ آئيني بادشاهت ٿي چاهي، جڏهن ته ٻي طرف عام ماڻهن حقيقي، صنعتي ۽ زرعي جمهوريت ٿي چاهي. 'وليم انگلش ويلنگ' پنهنجي مشهور ڪتاب "روس جو پيغام" ۾، جيڪو 1905ع جي انقلاب جي باري ۾ آهي، روسي مزدورن جي ذهني حالت تمام سٺي نموني بيان ڪئي آهي، اهي ئي مزدور بالشوزم جي گڏيل طور تي حمايت ڪرڻ وارا هئا.

"هنن (پورهيت عوام) ڏٺو ٿي ته جيڪڏهن ڪا آزاد حڪومت به، جيڪڏهن ٻين سماجي طبقن جي هٿن ۾ اچيو وڃي ته ان سان به اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته هو پوءِ به ٻُکون کاڻيندا رهن.

روسي پورهيت، انقلابي آهن، پر هو نه ته شدت پسند آهن نه ئي وري ڪٽر اصول پسند ۽ بي عقل آهن، هو مورچي بندين جي لاءِ تيار آهن. پر هنن انهن کي سمجهي ورتو آهي ۽ دنيا جي مزدورن مان فقط هنن ئي انهن جي باري ۾ تجربي مان سکيو آهي، هو پنهنجي مٿان جبر ڪندڙ سرمائيدار طبقي سان توڙ تائين وڙهڻ جي لاءِ راضي ۽ ان جا خواهشمند آهن، پر هو ٻين طبقن جي موجودگيءَ کي به نظرانداز نٿا ڪن، هو رڳو اها گُهر ٿا ڪن ته جيڪو تلخ ٽڪراءُ ويجهو ايندو پيو وڃي، ان ۾ ٻيا طبقا ڪنهن نه ڪنهن پاسي ٿين.

هو (مزدور) سڀ ان ڳالهه تي سهمت آهن ته اسان جا (آمريڪي) سياسي ادارا هنن جي پنهنجن ادارن جي پيٽ ۾ واکاڙ جوڳا ۽ بهتر آهن، پر هو هڪ آمر حڪمران جي پيٽ ٻي (يعني سرمائيدار طبقي) سان ڪرڻ جا ڪي گهٽا خواهشمند نه هئا. روس جي پورهيتن ان ڪري گوليون نه کاڌيون هيون، هو ماسڪو ريگا ۽ اوڊيسا ۾ سون جي تعداد ۾ اُن ڪري قتل نه ٿيا

هئا. هنن هزارن جي تعداد ۾ ان کري هر روسي جيل ۾ قيد نہ ڪاڍيو هو ۽ ريگستانن ۽ اُتر قطب جي علائقن ۾ جلا وطن نہ ٿيا تہ جيئن انهن جي بدلي ۾ ڪين گولڊ فيلڈس ۽ ڪريپل ڪريڪ جي پورهيتن جون شڪي رعايتون حاصل ٿين."

تنهنڪري هڪ ٻاهرين جنگ جي وچ ۾ روسي سياسي انقلاب جي متان سماجي انقلاب جي نشونما ٿي. جيڪا بالشوزم جي سوڀ تي مڪمل ٿي.

آمريڪا ۾ روسي انفارميشن بيورو جي ڊائريڪٽر 'مسٽر اي جي سِڪ' جيڪو سوويت حڪومت جي مخالفت ڪندو آهي، پنهنجي ڪتاب "روسي جمهوريت جو جنم" ۾ چوي ٿو:

"بالشويڪن خود پنهنجي ڪابينا جوڙي. جنهن ۾ نڪولائي لينن وزيراعظم ۽ ليون ٽراٽسڪي پرڏيهي وزير ٿيو هنن جي اقتدار ۾ اچڻ جا اُمڪان مارچ انقلاب کان هڪدم پوءِ چٽا ٿي ويا هئا. انقلاب ڪانپوءِ بالشويڪن جي تاريخ سندن تيزرفتار نشوونما جي تاريخ آهي."

غير ملڪي ۽ خاص ڪري آمريڪي اڪثر روسي مزدورن جي 'جهالت' تي زور ڏين ٿا. پر سچ اهو آهي تہ ڪين اولهائين قومن جو سياسي تجربو نہ هو پر ڪين رضاڪارانہ تنظيمن جي سڻي سگيا حاصل هئي. 1917ع ۾ روسي صارفين جي "ڪوآپريٽو سوسائٽين" جي ميمبرن جو تعداد هڪ ڪروڙ ويهہ لکن کان وڌيڪ هو ۽ خود سوويتون ئي روسي مزدورن جي اعليٰ تنظيمي صلاحيتن جو حيرت ۾ وجهندڙ ثبوت آهن. تنهن ڪانسواءِ سوشلسٽ نظريي ۽ ان کي عملي طور تي لاڳو ڪرڻ ۾ دنيا ۾ ڪو بہ عوام ايترو سنو پڙهيل ۽ سگيا ورتل ڪونهي.

'وليم انگلش ويلنگ' سندن ڪردار نگاري هيئن ڪئي آهي.

"روسي پورهيتن جو وڏو حصو لکي پڙهي سگهي ٿو. ملڪ سالن تائين اهڙي اُتل پتل جي حالت ۾ رهيو آهي جو ڪين نہ رڳو پنهنجي اندران ئي ذهين ماڻهن جي. پر انقلابي تعليم يافتہ طبقي جي وڏي حصي جي اڳواڻي حاصل رهي آهي. جيڪا روس جي سياسي ۽ نئين سماجي زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجي خيالن سميت پورهيت عوام ڏانهن لاڙو رکيو اٿن."

ڪيترائي ليڪڪ سوويت حڪومت سان پنهنجي دشمنيءَ جي وضاحت اهو دليل ڏيئي ڪن ٿا تہ روسي انقلاب جو آخري دور بالشوزم جي وحشيانہ حملن جي خلاف "عزت وارن" عنصرن جي رڳو هڪ جدوجهد آهي. پر اهي تہ شاهوڪار طبقا هئا. جن کي جڏهن عوامي انقلابي تنظيمن جي طاقت ۾ واڌاري جو احساس ٿيو تہ هنن انهيءَ کي تباهہ ڪرڻ ۽ انقلاب کي روڪڻ جو ڏمون ڪنيو. انهيءَ مقصد جي لاءِ شاهوڪار طبقا آخر ۾ تہ وڌا قدم کڻڻ تي بہ لهي آيا. ڪيرنسڪيءَ جي وزارت ۽ سوويتن کي ٽوڙڻ جي لاءِ چرپر جي عمل کي روڪيو ويو ۽ اندروني انتشار پيدا ڪيو ويو. فيڪٽرين ۽ ورڪشاپ ڪميٽين کي چٽڻ جي لاءِ ڪارخانا بند ڪيا ويا. هارڻ ۽ ڪچي مال کي لڪايو ويو. محاذ تي فوجي ڪميٽين کي ٽوڙڻ جي لاءِ موت جي سزا ٻيهر لاڳو ڪئي ويئي. فوجي شڪست تي اکيون ٻوٽيون ويون.

اهو سڀ ڪجهہ بالشويڪ ٻاهہ جي لاءِ سڀو هارڻ هو. بالشويڪن طبقاتي جنگ جو پرچار ڪري ۽ سوويتن جي برتريءَ کي حقيقت جو روپ ڏيئي. اُن جو جواب ڏيئي چڏيو.

انهن ۾ انتهائن جي وچ ۾. انهن ۾ين گروهن سان گڏ. جيڪي دل سان ٻاهرينءَ ٻَني انهن جي حمايت ڪندا هئا. جهڙوڪ نالي ماتر "اعتدال پسند" سوشلسٽ. منشويڪ. سوشلسٽ انقلابي ۽ ٻيون ڪيترين ئي پارٽيون هيون. شاهوڪار طبقن اُنهن کي بہ نہ چڏيو ۽ مٿن حملا ڪيا. پر انهن جي نظرين. سندن مزاحمت جي طاقت کي مفلوج ڪري چڏيو هو.

ٽلهي ليکي. منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي اهو سمجهندا هئا تہ روس معاشي لحاظ کان هڪ سماجي انقلاب جي لاءِ تيار ڪونهي. رڳو هڪ سياسي انقلاب ئي ممڪن آهي. هنن جي چوڻ موجب روسي عوام اقتدار سنيالڻ جي لاءِ ايترو تعليم يافتہ ڪونهي. ايئن ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش اڻ ٽر طور تي هڪ رد عمل جو سبب بنجندي. جنهن جي بنياد تي ڪي بي رحم موقعي پرست پراڻي حڪمرانيءَ کي بحال ڪري سگهن ٿا. ۽ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو تہ جڏهن 'اعتدال پسند' سوشلسٽ اقتدار سنيالڻ تي مجبور ٿيا تہ هو انهن کي استعمال ڪندي ڏنا ٿي.

هنن سمجهيو ٿي ته روس کي ارتقا جي انهن سياسي ۽ معاشي مرحلن مان گذرڻ گهرجي، جن سان اولهه يورپ آشنا ٿيو هو ۽ آخرڪار باقي سڀني سان گڏ مڪمل طور تي نشوونما پاتل سوشلزم ۾ داخل ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري قدرتي طور تي هو شاهوڪار طبقن سان اُن ڳالهه تي سهمت هئا ته روس کي پهرين اولهه جي جمهوريتن جي مقابلي ۾ ڪجهه بهتر پارليامينٽري رياست هڻڻ گهرجي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته هنن حڪومت ۾ شاهوڪار طبقن سان سهڪار تي زور ڀريو.

هنن جي نظر ۾، انهن جي حمايت ڪرڻ هڪ سوَلو قدم هو. 'اعتدال پسند' سوشلسٽن کي بورزوازي جي گهرج هئي، ۽ بورزوازين کي "اعتدال پسند" سوشلسٽن جي ڪابه ضرورت نه هئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته سوشلسٽ وزير پنهنجي سڄي پروگرام ۾ ٿورو ٿورو ٿي ڏڃڻ تي مجبور ٿيڻ لڳا. جڏهن ته شاهوڪار طبقن جا مطالبا ڏينهون ڏينهن وڌندا ٿي ويا. ۽ آخر ۾ جڏهن بالشويڪن سڄي ڪوڪلي ناهه کي رد ڪري ڦٽو ڪيو ته منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين پنهنجو پاڻ کي مٿينءَ طبقي ۽ شاهوڪارن سان گڏ هڪئي صف ۾ وڙهندي ڏٺو. اڄ دنيا جي لڳ ڀڳ هر ملڪ ۾ اهو ئي نظر اچي رهيو آهي.

ڪنهن تباهه ڪندڙ قوت جي بدران مونکي ته ائين لڳي ٿو ته سڄي روس ۾ بالشويڪ ئي اها اڪيلي پارٽي هئي، جنهن وٽ هڪ تعميري پروگرام ۽ اهو ملڪ ۾ لاڳو ڪرڻ جي سگهه هئي. جنهن وقت هو حڪومت ۾ آيا، اُن وقت جيڪڏهن هو نه اچن ها ته منهنجي ذهن ۾ ترجيحرو بہ شڪ ڪونهي ته ڊسمبر ۾ شاهي جرمنيءَ جون فوجون پيٽروگراڊ ۽ ماسڪو جون ڏرٽيون پيون ڪين ها ۽ روس جي مٿان ٻيهر هڪ زار جي لعنت مڙهيل هجي ها.

سويت حڪومت جي هڪ سال گذري وڃڻ کانپوءِ بہ بالشويڪ بغاوت جو ذڪر هڪ "پاڪ آزمائڻ" جيان ڪرڻ، هڪ فيشن آهي. پاڪ آزمائڻ ته هو ۽ بني نوع انسان جيترا بہ پاڪ آزمايا آهن، انهن سڀني مان شاندار قسم جي پاڪ آزمائڻن مان هڪ، جيڪا پورهيت عوام جي اڳواڻي ڪندي تاريخ ۾ گهڙي آئي ۽ جنهن ان جي وشال ۽ سادين خواهشن جي خاطر سڀ ڪجهه داءِ تي لڳائي ڇڏيو. اها مشنري قائم ٿي چڪي هئي،

جنهن جي ذريعي وڏن تعلقن/جاگيرن جون زمينون هارين ۾ ورهائي سگهجيون ٿي. صنعتن تي مزدورن جي ڪنٽرول تي عمل ۾ آڻڻ جي لاءِ فئڪٽري ورڪشاپ ڪميٽيون ۽ ٽريڊ يونينون هيون. هر ڳوٺ، وستي، واهڻ، شهر، ضلع ۽ صوبي ۾ مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جون سوويتون هيون، جيڪي مقامي انتظاميا جو فرض سنڀالڻ جي لاءِ تيار هيون.

بالشوزم جي باري ۾ ڪنهن جي راءِ ڪٽي ڪهڙي به هجي، پر اُن ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته روسي انقلاب انساني تاريخ جي عظيم واقعن مان هڪ ۽ بالشويڪن جو عروج عالمگير اهميت جو لقاءَ آهي. (هو) جيئن تاريخدان "پئرس ڪميون" جي احوال جي ننڍن جزن جي لاءِ واقعن جي تحقيق ڪن ٿا، تيئن ئي هو اهو به ڄاڻڻ چاهيندا ته نومبر (آڪٽومبر) 1917ع ۾ پيٽروگراڊ ۾ ڇا ٿيو هو ۽ اهو ڪهڙو جذبو هو جنهن عوام کي چڑپر ۾ آندو هو ۽ اڳواڻن جي شڪل ۽ شبيهه ڪهڙي هئي. هو ڪيئن ڳالهيون ڪندا هئا ۽ ڪيئن عمل ڪندا هئا. مون اُن ئي خيال کي ذهن ۾ رکندي هيءَ ڪتاب لکيو آهي.

جدوجهد ۾ منهنجون همدرديون اڃ ڏريون نه هيون. پر انهن عظيم ڏينهن جو احوال بيان ڪرڻ دوران مون واقعن کي هڪ ذميدار خاطوءَ جي اک سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي سچائي قلمبند ڪرڻ سان دلچسپي هجي.

نيويارڪ — جان ريڊ

پهرين جنوري 1919ع.

وضاحتون ۽ سمجھاڻيون

عام پڙھندڙن جي لاءِ روسي تنظيمن، سياسي پارٽين، ڪميٽين ۽ مرڪزي ڪميٽين، سوويتن، دومائن ۽ يونينن جي گھڻائي انتھائي مونجھاري واري ثابت ٿيندي. ان ڪري ھتي مختصر طور تي انھن جي واقفيت ڏيئي رھيو آھيان.

سياسي پارٽيون:

آئين ساز اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ پيٽروگراد ۾ اوڀيھن ۽ ڪن صوبائي شھرن ۾ ٿ چالیھن چالیھن پارٽين جا نامزد ڪيل اميدوار بيٺل ھئا. پر ھيٺ فقط انھن سياسي پارٽين ۽ گروھن جي مقصدن ۽ جوڙجڪ جو خُلاصو پيش ڪجي ٿو جن جو ذڪر ھن ڪتاب ۾ آيو آھي. ھتي انھن جي پروگرامن جو فقط نچوڙ ۽ انھن سياسي پرتن جون فقط عام خاصيتون بيان ڪري سگھجن ٿيون، جن جي ھو نمائندگي ڪري رھيون ھيون.

• بادشاھت پرست ۽ انھن جا مختلف رنگ، آڪٽوبري وغيرھ. اھي گروھ ڪنھن وقت ڏاڍا سگھارا ھئا، پر ھاڻ اعلانيہ وجود نہ رکندا ھئا، ھو يا ٿ روپوش رھي ڪم ڪندا ھئا يا وري انھن جا ميمبر "ڪاديتن" سان گڏجي ويا ھئا، ڇاڪاڻ ٿ "ڪاديت" ھوريان ھوريان سندن سياسي پروگرام جا حامي بنجي ويا ھئا. ھن ڪتاب ۾ انھن جي نمائندا وزيرانڪو ۽ شولگين آھن.

• **ڪاديت:** پنھنجي نالي 'ڪانسٽي ٽيونشنل ڊيموڪريٽڪ' جي شروعاتي لفظن جي آڏار تي ھو "ڪاديت" سڏجڻ لڳا (انقلاب کانپوءِ) انھن جو سرڪاري نالو "عوام جي آزاديءَ جي پارٽي" آھي. زار جي دور ۾ مٿين طبقن جي لبرلن تي ٻڌل "ڪاديت" سياسي سڏارن جي وڏي پارٽي ھئي،

جيڪا ٽلهي ليکي آمريڪا جي 'پروگريسو پارٽيءَ' جهڙي هئي. جڏهن مارچ 1917ع ۾ انقلاب شروع ٿيو تہ "ڪاديتن" پهرين عارضي حڪومت جوڙي. ڪاديت وزارت جو اپريل ۾ تختو اونڌو ڪيو ويو. چاڪاڻ تہ هنن پنهنجي اتحادين جي سامراجي مقصدن جي حق ۾ هئڻ جو اعلان ڪيو جنهن ۾ زار جي حڪومت جا سامراجي مقصد بہ شامل هئا. جيئن جيئن انقلاب وڌ کان وڌ معاشي انقلاب ٿيندو ويو تيئن ڪاديت وڌيڪ قدامت پسند ٿيندا ويا. هن ڪتاب ۾ سنڊن نمائندا مليو ڪوف، ويناوير ۽ شا تسڪي آهن.

• **الف۔ "عوامي شخصيتن جي جماعت"**: جڏهن ڪاديت ڪو رينلوف جي انقلاب دشمنيءَ سان پنهنجي لاڳاپي جي ڪري بدنام ٿي ويا تہ ماسڪو ۾ "عوامي شخصيتن جي جماعت" جوڙي ويئي. هنن جي نمائندن کي آخري ڪيرنسڪي ڪابينا ۾ پورٽ فوليو ڏنا ويا. جماعت پنهنجي اڳ ڏريو هئڻ جو اعلان ڪيو جيتوڻيڪ هن جا فڪري اڳواڻ روز يادڪو ۽ شولگين جهڙا ماڻهو هئا. هيءَ جماعت سڀ کان وڌيڪ "جديد" بئنڪ مالڪن، سوداگرن ۽ صنعتن ڪارن تي ٻڌل هئي، جيڪي اهو سمجهڻ جي سگهہ رکندا هئا تہ "سوويتن" جو مقابلو خود سندن ئي هٿيارن يعني معاشي تنظيم سان ڪرڻ گهرجي. جماعت جا مثالي نمائندا ليانوزوف ۽ ڪونووالوف هئا.

• **عوام دوست سوشلسٽ ياترود ديڪ (مزدور جماعت)**: ڳاٽيٽي جي لحاظ کان هيءَ هڪ ننڍي پارٽي هئي، جيڪا محتاط دانشورن، ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ جي اڳواڻن ۽ قدامت پرست هارين تي مشتمل هئي. هنن کي سوشلسٽ هئڻ جي دعويٰ هئي، پر حقيقت ۾ هو پيٽي بووازين، ڪلارڪن، دوڪاندارن وغيره جي مفادن جي حمايت ڪندا هئا. هي همراه چوٽين شهنشاهي 'دوما' جي "مزدور جماعت" جو سنئون سڌو اولاد ۽ انهن جي سمجهوتي باز روايتن جا وارث هئا. جيڪي وڏي حد تائين هاري نمائندن تي مشتمل هئا. جڏهن مارچ 1917ع ۾ انقلاب شروع ٿيو تہ ڪيرنسڪي، شهنشاهي، "دوما" ۾ تردودويڪو جو نمائندو هو عوام دوست سوشلسٽ هڪ قوم پرست پارٽي هئي. هن ڪتاب ۾ ان جا نمائندو پيٽسخيونون چائيڪوفسڪي آهي.

• **روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي:** شروع ۾ مارڪسي سوشلسٽ. 1903ع جي پارٽي ڪانگريس ۾ اها پارٽي طريقي ڪار جي سوال تي ٻن حصن ۾ اڪثريت (بالشويڪ) ۽ اقليت (منشويڪ) ۾ ورهائجي ويئي. بالشويڪ يعني اڪثريت ۽ منشويڪ يعني اقليت. اهي ٻئي گروهه ڏار ڏار پارٽيون ٿي ويون. ٻئي پاڻ کي "روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي" چوندیون هيون ۽ ٻئي مارڪسي هئڻ جون دعويدار هيون. 1905ع جي انقلاب کانپوءِ بالشويڪ حقيقت ۾ اقليت هئا ۽ سيپٽمبر 1917ع ۾ هو ٻيهر اڪثريت ۾ ٿيا.

(الف) منشويڪ: هن پارٽيءَ ۾ سوشلسٽن جا اهي سيئي رنگ شامل هئا. جيڪي سمجهندا هئا ته سماج کي سياويڪ طور تي سوشلزم ڏانهن وڌڻ گهرجي ۽ مزدور طبقي کي پهرين سياسي اقتدار تي قبضو ڪرڻ گهرجي. اها قومپرست پارٽي هئي. اها سوشلسٽ دانشورن جي پارٽي هئي. جنهن جو مطلب هيءَ هو ته. ڇاڪاڻ ته تعليم جا سڀ ذريعا شاهوڪارن جي هٿن ۾ هئا. تنهنڪري دانشورن تي جبلي طور تي انهن طبقن جي تربيت جو ردعمل ٿيندو آهي ۽ هو شاهوڪار طبقن جا طرفدار هوندا آهن. هن ڪتاب ۾ انهن جا نمائندا ڀان. ليبر. تسيريتيلي آهن.

(ب) منشويڪ بين الاقواميت پسند: منشويڪن جو اهو گروهه جيڪو بنيادي تبديليءَ جو خواهشمند آهي. بين الاقواميت پسند ۽ شاهوڪار طبقن سان ڪنهن به قسم جي اختلاف جي خلاف آهي. پوءِ به قدامت پرست منشويڪن کان ڏار ٿيڻ نٿو چاهي ۽ مزدور طبقن جي ڊڪٽيٽر شپ جي خلاف آهي. جنهن جي بالشويڪ وڪالت ڪن ٿا. ٽراٽسڪي به ڪيترن ئي ڏينهن تائين هن جماعت جو ميمبر رهيو هن گروهه جو اڳواڻ مارٽوف ۽ مارٽينوف آهن.

(پ) بالشويڪ: هينئر "اعتدال پسند" يا "پارليامينٽري" سوشلزم جي روايت تحت منشويڪن ۽ سڄي ملڪ جي هٿ ٿوڪين سوشلسٽن تي غالب آهن. پنهنجي ڏار سڃاڻپ تي زور ڏيندي. پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي سڏرائين ٿا. بالشويڪن فوري طور تي پرولتاري بغاوت ۽ حڪومت جي واڳ پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جي رٽ پيش ڪئي. ته جيئن صحت. زمين. قدرتي وسيلا. ۽ مالي ادارن تي زوري قبضو ڪري سوشلزم کي آڻڻ ۾ تيزي پيدا

ڪري سگهجي. هيءَ پارٽي قدرتي طور تي ڪارخانن جي مزدورن ۽ غريب هارين جي هڪ وڏي حصي جي خواهشمند هجڻ جو به اظهار ڪري ٿي. هن جي نالي "بالشويڪ" جو ترجمو "وڏ ۾ وڏ چاهيندڙ" (ميڪسي لسٽ) نڪتو ڪري سگهجي. وڏ ۾ وڏ چاهيندڙ هڪ ڏار پارٽي هئي. (ڏسو پيراگراف نمبر ب)

(ت) گڏيل سوشل ڊيموڪريٽڪ بين الاقواميت پسند: هنن کي سندن بااثر اخبار "نووايازيزن" (نئين زندگي) جي نالي سان پڻ سڏيو ويجي ٿو هيءَ دانشورن جي هڪ ننڍڙي پارٽي هئي، جنهن جي ميمبرن جو تعداد، سندس اڳواڻ مئڪسم گورڪي جي ذاتي مداحن کانسواءِ مزدور طبقي مان تمام گهٽ هئا. هي دانشور هئا ۽ هنن جو پروگرام لڳ ڀڳ اهوئي هو جيڪو منشويڪ بين الاقوامي پسندن جو هو پر هيءَ پاڻ کي انهن ٻنهي گروهن مان ڪنهن سان به لاڳاپيل هڻڻ کان انڪار ڪندي هئي. هيءَ بالشويڪن جي طريقي ڪار جي خلاف هئا، پر سوويت حڪومت ۾ شامل هئا. هن ڪتاب ۾ سندن ٻين نمائندن ۾ اويلوف ۽ ڪرامازوف آهن.

(ٽ) يدنستوھ (يڪجهتي): هڪ ننڍڙي پر خاتمي ڏانهن وڌندڙ جماعت، جيڪا سڄي جي سڄي پليخانوف جي ذاتي پوئلڳن تي مشتمل هئي. پليخانوف گذريل صدي جي نائين ڏاڪي ۾ روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ تحريڪ جي پيشروئن مان ۽ انهيءَ جو سڀ کان وڏو نظرياتي دان هو. هينئر هو ڪراڙو ٿي چڪو آهي. بي حد وطن دوست آهي ۽ منشويڪن جي نظر ۾ وڏو قدامت پسند آهي. حڪومت تي جبري قبضي کانپوءِ "يدنستوھ" ختم ٿي ويئي.

(ھ) سوشلسٽ انقلابي پارٽي: پنهنجي نالي جي شروعاتي اکرن جي ڪري 'ايس. ايرَ' سڏجي ٿي. شروع ۾ "هارين جي انقلابي پارٽي". وڏهندڙن جي تنظيمن جي يعني دوست پسندن جي پارٽي هئي. مارچ انقلاب کانپوءِ هن ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو به شامل ٿي ويا، جيڪي ڪڏهن به سوشلسٽ نه هئا. ان وقت هو مالڪن کي معاوضو ڏيئي، زمين جي ذاتي ملڪيت کي ختم ڪرڻ جي حق ۾ هئا. نيٺ هارين جي وڏندڙ انقلابي جذبي، سوشلسٽ انقلابين کي مجبور ڪري ڇڏيو تہ هو معاوضي ڏيڻ جي ڳالهہ تان هٽ ڪٽن ۽ اُن آڏار تي نوجوان ۽ وڏيڪ جوشيلن دانشورن 1917ع جي سرءَ جي موسم

۽ پارٽي کان الڳ ٿي هڪ ڌار ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ پارٽي ٺاهي. اهي سوشلسٽ انقلابي، جن کي پوءِ بنيادي تبديلي جي ڳالهه ڪندڙ پارٽيون، 'ڪاپي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي' سڏيندا هئا، منشويڪن جهڙي سياسي پاليسي اختيار ڪئي ۽ انهن سان گڏجي ڪم ڪندا هئا. هو پچاڙيءَ ۾ نيٺ شاهوڪار آبادگارن ۽ انهن طبقن جي سياسي لحاظ کان غير تعليم يافته آبادي جي نمائندگي ڪرڻ لڳا. پر هنن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ منشويڪن جي پيٽ ۾ سياسي ۽ معاشي راءِ جي رنگن ۾ گهٽو اختلاف هو. هنن صفحن ۾ انهن جي اڳواڻن روڪسنتيف، گوٽس، ڪيرنسڪي، چيرنوف ۽ پريشڪونسڪايا جو ذڪر آيو آهي.

(الف) ڪاپي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي: جيتوڻيڪ نظريي جي لحاظ کان هو مزدور طبقي جي ڊڪٽيٽر شپ جي بالشويڪ پروگرام ۾ شامل هئا، پر شروع ۾ بالشويڪن جي طريقي ڪار موجب سندن حمايت ڪرڻ کان لهرائيندا هئا. بهرحال ڪاپي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي سوويت حڪومت ۾ شامل رهيا ۽ هنن ڪابينا ۾ ڪيترين ئي وزارتن جا پورٽ فوليو خاص ڪري زراعت جو ڪاتو سنياليو. هنن ڪيترائي ڀيرا حڪومت کان جدائي اختيار ڪئي، پر هر ڀيري واپس اچي ٿي ويا. هارين جنهن تيزيءَ سان (ساڄي ڏر جي) سوشلسٽ انقلابين جي صفن کي ڇڏڻ شروع ڪيو ته هو ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا. جيڪا سوويتن جي حڪومت جي حمايت ڪندڙ سڀ کان وڏي هاري پارٽي بنجي ويئي. اها پارٽي ان ڳالهه جي حق ۾ هئي ته وڏن جاگيرن کي بنا معاوضي جي ضبط ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جو هاري پاڻ ئي نبيرو ڪين. هن پارٽيءَ جا اڳواڻ اسپريدونووا، ڪاريلن، ڪاسڪوف ۽ ڪلاگايمف هئا.

(ب) وڏ ۾ وڏيڪ چاهيندڙ (ميڪسي ملسٽ): 1905ع جي انقلاب ۾ سوشلسٽ انقلابين جي هڪ شاخ طور ڪم ڪندي هئي. ان وقت هيءَ هڪ سگهاري هاري تحريڪ هئي، جيڪا وڏ کان وڏ سوشلسٽ پروگرام فوري طور تي لاڳو ڪرڻ جي گهر ڪندي هئي. هينئر نراجيت پسند هارين جي هڪ غير اهم تنظيم آهي.

پارليامينٽري ڪارروائي:

روسي گڏجاڻيون ۽ ڪنوينشن اسان جي پنهنجي نه پر يورپي طور طريقي ۽ نموني تي ڪوٺايون ويندیون آهن. انهن ۾ سڀ کان پهرين صدر، سيڪريٽري يا صدارتي پريذيديم جي چونڊ ٿيندي آهي.

صدارتي پريذيديم هڪ صدارت ڪندڙ ڪميٽي هوندي آهي، جيڪا انهن پارٽين ۽ گروهن جي نمائندن تي سندن تعداد جي تناسب تي بڌل هوندي آهي، جن جي نمائندگي ان ميڙ ۾ هوندي آهي. اها ڪميٽي ايجنڈا مرتب ڪندي آهي ۽ صدر ان جي ميمبرن کي عارضي طور تي صدارت جي ڪرسي سنياليڻ جي لاءِ چئي سگهي ٿو سوال عام طريقن سان ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ تي بحث مباحثو ڪيو ويندو آهي ۽ بحث ختم ٿيڻ تي مختلف گروهه نمراءَ پيش ڪندا آهن ۽ هر هڪ نمراءَ تي ڏار ڏار راءِ ورتي ويندي آهي. پهرين اڏ ڪلاڪ ۾ ئي ايجنڈا جون ڏَجيون اڏائي سگهجن ٿيون ۽ عام طور تي اُڏايون ويندیون آهن. هنگامي حالتن جي "عذر" تي، جنهن کي ميڙ سدائين منظور ڪري وٺندو آهي. ايوان ۾ ڪو شخص اُٺي بيهي ڪجهه به ڀالهائي سگهي ٿو. گڏجاڻي کي ميڙ ئي ڪنٽرول ڪندو آهي ۽ صدر جو ڪم فقط اهو هوندو آهي ته هڪ ننڍي گهنٽي وڄائي نظم ۽ ضبط برقرار رکي ۽ تقرير ڪندڙن کي سڃاڻي. انهن جي نالن جو اعلان ڪري. اجلاس جو لڳ ڀڳ سمورو ڪم مختلف جماعتن ۽ سياسي گروهن جي شڪل ۾ ٿيندو آهي. اهي جماعتون ۽ ٽولا سدائين هڪ گروهه جي حيثيت سان ووٽ ڏيندا آهن ۽ انهن جي نمائندگي ايوان جا سربراهه ڪندا آهن. پر نتيجو اهو نڪرندو آهي ته هر اهم ڀالهه تي ووٽ وٺڻ کانپوءِ اجلاس ملتوي ٿي ويندو آهي. ته جيئن اهي جماعتون ۽ سياسي گروهه پنهنجي چيمبر ۾ وڃي صلاح مشورو ڪري سگهن.

ميڙ ۾ تمام گهٽو گوڙ هوندو آهي. تقريرن جي لاءِ تاڙيون وڄايون ويندیون آهن يا مٿن ٽوڪون ڪيون ويندیون آهن ۽ اهو ميڙ صدارت ڪندڙ جي رٽن کي درهم برهم ڪندو رهندو آهي. عام طور تي جيڪي سڏ واڪا ٻڌبا آهن. اهي هن ريت آهن. "پروسيم" (اسين پنهنجي ڀالهه کي جاري رکڻ جي درخواست ٿا ڪريون) "پراويلنا" يا "ايتاويرنا" (نيڪ اهو

صحيح آهي) دوراڻ (بس کوڙ آهي) دلوئي (هن جي موڪل ڪر) پروزا (شرم جي ڳالهه چئبي) ۽ تيسني (مان!).

عوامي تنظيمون:

• **سوويتون:** سوويت لفظ جي معني آهي "صلاح مصلحت." زار جي رياست ۾ شهنشاهي مجلس شوريٰ کي "گسودار ستويني سوويت" چيو ويندو هو. پر انقلاب کانپوءِ "سوويت" لفظ هڪ خاص قسم جي پارليامينٽ سان لاڳاپجي ويو آهي، جنهن جي چونڊ مزدور طبقي جي معاشي تنظيمن جا ميمبر ڪن ٿا. يعني مزدورن، سپاهين يا هارين جون سوويتون. تنهنڪري ان لفظ کي مون انهن ادارن تائين محدود رکيو آهي، ۽ جن بہ ٻين هنڌن تي اهو لفظ آيو آهي، اُتي مون ان جو ترجمو "ڪائونسل" ڪيو آهي.

مقامي سوويتن کانسواءِ، جيڪي روس جي هر شهر ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ چونڊيون ويندیون آهن. "ابلستني" يا "گوبرسنڪي" (ضلع يا صوبائي) سوويتون ۽ گادي جي هنڌ ۾ ڪل روس سوويتن جي مرڪزي ورڪنگ ڪميٽي بہ آهي، جيڪا پنهنجن شروعاتي لفظن جي آڌار تي "تسي اي ڪا" سڏبي آهي، (هيٺ ڏسو مرڪزي ڪميٽيون). مارچ انقلاب کان هڪدم پوءِ مزدورن ۽ هارين جون سوويتون هر هنڌ ملي هڪ ٿي ويون، پر پنهنجن مخصوص مفادن يا معاملن بابت مزدورن ۽ هارين جا حصا ڌار ڌار اجلاس ڪندا رهيا. هارين جي نمائندن جون سوويتون حڪومت تي بالشويڪن جي جبري قبضي کانپوءِ مٿين ٻنهي سوويتن سان گڏجي ويون، هو مزدورن ۽سپاهين جيان منظم هيون ۽ هنن جي بہ گادي واري شهر ۾ ڪُل روس هاري سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽي هئي.

• **ٽريڊ يونينون:** جيتوڻيڪ هيئت جي لحاظ کان گهٽو ڪري صنعتي هيون، پوءِ بہ روسي مزدورن جي يونين ان وقت بہ ٽريڊ يونين ئي سڏي ويندي هئي، ۽ بالشويڪ انقلاب جي وقت ان جي ميمبرن جو تعداد ٽيهن کان چاليهن لکن تائين هو هيءَ يونينون بہ هڪ ڪل روس تنظيم يا فيڊريشن ۾ جڙيل هيون، جنهن جي گادي واري شهر ۾ پنهنجي ورڪنگ ڪميٽي هئي.

• **فئڪٽري ورڪشاپ ڪميٽيون:** هي پاڻ مرادو تنظيمون هيون، جيڪي انقلاب جي نتيجي ۾ انتظاميا جي منتشر ٿي وڃڻ کانپوءِ مزدورن

پاران صنعتن جو ڪنٽرول سنڀالڻ جي ڪوشش دوران ڪارخانن ۾ قائم ڪيون هيون، انهن جو ڪم انقلابي عمل دوران ڪارخانن تي قبضو ڪري انهن کي هلائڻ هو. فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين جي به هڪ ڪُل روس تنظيم ۽ پيٽروگراڊ ۾ ان جي مرڪزي ڪميٽي هئي، جيڪا ٽريڊ يونين سان سهڪار ڪندي هئي.

• **دوما:** ٽلهي ليکي ان لفظ جي معنيٰ آهي "صلاح مشوري جي مجلس." پراڻي شهنشاهي دوما، جيڪا مارچ انقلاب کان پوءِ ڇهن مهينن تائين هڪ جمهوري شڪل ۾ قائم رهي، سيپٽمبر 1917ع ۾ پنهنجو موت پاڻ ئي مري ويئي. هن ڪتاب ۾ جنهن "ميونسپل دوما" جو ذڪر آهي، اها نئين سر جوڙيل ميونسپل ڪائونسل هئي، جنهن کي اڪثر "ميونسپل سيلف گورنمينٽ" چيو ويندو هو ان جي چونڊ سڏي سنئين ۽ ڳجهي بيلٽ جي ذريعي ڪئي ويئي هئي ۽ بالشويڪ انقلاب جي دوران ڪيس عوام کي قابو رکڻ ۾ جيڪا ناڪامي ٿي هئي، ان جو واحد سبب اهو هو ته معاشي طبقن تي ٻڌل تنظيمن جي وڏندڙ طاقت جي پيٽ ۾ سياسي نج سياسي نمائندگين جي اثر ۽ عام ڳهٽتائي ٿي ويئي هئي.

• **زيمستوهـ:** ٽلهي ليکي ان جو ترجمو "تعلقہ ڪائونسل" ڪري سگهجي ٿو. زار جي دور ۾ اهي نيم سياسي، نيم سماجي ادارا هئا، جن وٽ تمام گهٽ انتظامي اختيار هئا. انهن کي زمينن جي مالڪ طبقن جي لبرل دانشور ترقي ڏني ۽ اهي ئي وڏي حد تائين انهن کي ڪنٽرول ڪندا هئا. انهن جو مکيہ ڪم هارين ۾ تعليم ۽ سماجي خدمت هئي، جنگ جي دوران زيمستوهـ روسي فوج جي لباس ۽ ٻاهرين ملڪن سان خريداريءَ ۽ سپاهين ۾ ان قسم جي ڪم جو ذمون ڪنيو جهڙوڪ محاذ تي آمريڪي واءِ ايم سي (عيسائي نوجوانن جي انجمن) جي ڪم جهڙو هو. مارچ انقلاب ڪانپوءِ زيمستوهـ کي جمهوري بنايو ويو ته جيئن انهن کي ڳوناڻن ضلعن ۾ مقامي حڪومت جا ادارا بنايا وڃن، پر ميونسپل دوما جيان هيءَ به سوويتن جو مقابلو ڪري نه سگهيا.

• **ڪو آپريٽو:** هيءَ مزدورن ۽ هارين جي صارفين جون سهڪاري سوسائٽيون هيون، جن جي ميمبرن جو تعداد انقلاب کان اڳ سڄي روس ۾ لکن جي انگ ۾ هو. ڪوآپريٽو تحريڪ جو بنياد لبرلن ۽ اعتدال پسند

سوشلسٽن رکيو هو پر انقلابي جماعتون انهن جي حمايت نہ ڪندين هيون. ڇاڪاڻ تہ اهي پيداوار جي ذريعن جي مڪمل ورهاست کي مڪمل طور تي مزدورن جي هٿن ۾ منتقل ڪرڻ جو بدل هيون. مارچ انقلاب ڪانپوءِ ڪوآپريٽو سوسائٽيون تيزيءَ سان پکڙيون. انهن تي عوام دوست سوشلسٽن، منشويڪن ۽سوشلسٽ انقلابين جو غلبو هو ۽ بالشويڪ انقلاب تائين هنن هڪ قدامت پرست سياسي سگهہ جي حيثيت سان عمل ڪيو. پر جڏهن واپار ۽ چر پرجو پراڻون نظام ڏهي اچي پٽ پيو تہ ڪوآپريٽو سوسائٽين ئي روس کي غذا پهچائي.

• **فوجي ڪميٽيون:** فوجي ڪميٽيون محاذ تي سپاهين جي پراڻن حڪمرانن جي آفيسرن جي رجعت پرستيءَ جي اثر کي روڪڻ جي لاءِ ناهيون ويون هيون. هر ڪمپني ريجمنٽ، برگيڊ، ڊويزن ۽ ڪور کي پنهنجي پنهنجي ڪميٽي هئي ۽ انهن مڙني جي مٿان فوجي ڪميٽي جي چونڊ ڪئي ويئي هئي، پيٽروگراڊ ۾ مرڪزي فوجي ڪميٽيءَ جنرل اسٽاف سان سهڪار ڪندي هئي. انقلاب جي نتيجي طور فوج ۾ انتظاميا جي ڇڏ سان ڪوآٽر ماسٽر (روس جي داروغي) جي ڪاتي جو گهڻو ڀاڳ فوجي ڪميٽين تي اچي پيو. ۽ ڪن حالتن ۾ تہ فوجي دستن جي ڪمان بہ کين سنڀالڻي پيئي.

• **پيڙي ڪميٽيون:** هيءَ بحريہ ۾ ساڳئي نموني جون تنظيمون هيون.

• **مرڪزي ڪميٽيون:** 1917ع جي بهار ۾ گرمين جي مند ۾ هر قسم جي تنظيمن جا ڳل روس پيٽروگراڊ ڪنوينشن ٿيا. انهن ۾ مزدورن، سپاهين، ۽ هارين جي نمائندن جون سوويتون، ٽريڊ يونين، فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين، فوجي ۽ بيڙي ڪميٽين جي (انهن ڪانسواءِ فوج ۽ بحريہ جي سروس جي هر شاخ)، ڪوآپريٽو سوسائٽين، ڪوميتن وغيرهہ جون ڪانگريسون ٿيون. انهن مان هر ڪنوينشن هڪ ورڪنگ ڪميٽي يا مرڪزي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چونڊ ڪئي، تہ جيئن اها گادي واري شهر ۾ سندن خاص مفادن جي نظرداري ڪري. جيئن جيئن عارضي حڪومت ڪمزور ٿيندي ويئي، تيئن اهي ڪميٽيون وڌ ۾ وڌ انتظامي اختيار سنڀالڻ تي مجبور ٿيندين ويون.

هن ڪتاب ۾ جن اهم مرڪزي ڪميٽين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي هن ريت آهن:

• **يونينن جي يونين:** 1905ع جي انقلاب جي دوران پروفيسر مليوڪوف ۽ ٻين ليبرلن، پيشه ور ماڻهن يعني ڊاڪٽرن، وڪيلن، ۽ طبيبن وغيره جون يونينون قائم ڪيون، اهي هڪ مرڪزي تنظيم جي يونين تحت گڏ ٿيون. 1905ع ۾ يونينن جي يونين انقلابي جمهوريت سان قدم ڪنيا. پر 1917ع ۾ هن بالشويڪ بغاوت جي مخالفت ڪئي ۽ سرڪاري ملازمن کي متحد ڪيو جن سوويتن جي اقتدار جي خلاف هڙتال ڪئي.

• **تسي اي ڪا:** مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ڪُل روس مرڪزي ورڪنگ ڪميٽي. هن جو اهو نالو پنهنجي سڃي نالي جي شروعاتي لفظن تي ٻڌل هو.

• **تنسترو فلوت:** مرڪزي ٻيڙو يعني مرڪزي ٻيڙا ڪميٽي.

• **ويڪو ويل:** ريلوي ڪارڪنن جي ڪُل روس ورڪنگ ڪميٽي. مٿس اهو نالو پنهنجي نالي جي شروعاتي اکرن جي ڪري پيو.

ٻيون تنظيمون:

ـ **سرخ گارڊ:** روسي ڪارخانن جا هٿيار بند مزدور. سرخ گارڊ پهريون ڀيرو 1905ع جي انقلاب جي دوران ٺاهي ويئي هئي ۽ مارچ 1917ع ۾ اها ٻيهر ان وقت وجود ۾ اچي ويئي، جڏهن شهر ۾ نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ جي لاءِ ان وقت هڪ سگهه جي ضرورت هئي. اُن وقت کين هٿياربند ڪيو ويو ۽ عارضي حڪومت ياران کين بي هٿيار ڪرڻ جون گهٽو ڪري سڀ ڪوششون ناڪام ٿيون. انقلاب ۾ هر ذڪي گهڙيءَ سرخ گارڊ رستن تي اچي ويندا هئا. اهي فوجي نقطه نگاهه کان غير تربيت يافته ۽ ڊسپلين ۾ نه هئا، پر انقلابي جوش سان ڀريل هئا.

سفيد گارڊ:

بورزوا رضاڪار جيڪي انقلاب جي آخري مرحلي ۾ ظاهر ٿيا تہ جيئن بالشويڪن ياران نجي ملڪيتون ختم ڪرڻ جي ڪوششن کي انهن کان محفوظ رکن. هن ۾ گهٽا ٽٽا يونيورسٽيءَ جا شاگرد شامل هئا.

تيڪ تسي:

فوج جي هڪ نوڪي "وحشي ڊيزن" جيڪا وچ ايشيا جي مسلمان قبائلين تي ٻڌل هئي. ذاتي طور تي جنرل ڪورنيلوف جي وفادار هئي. تيڪ تسي پنهنجي انڊي اطاعت ۽ جنگ ۾ پنهنجي وحشياڻي سنگدليءَ جي لاءِ مشهور هئا.

مهلڪ بٽالين يا حملو ڪندڙ بٽالين:

دنيا ۾ فقط عورتن جي بٽالين ئي "مهلڪ بٽالين" جي حيثيت سان مشهور آهي، پر اهڙيون ڪيتريون ئي، 'بٽالينون' مردن تي به مشتمل هيون. انهن کي 1917ع ۾ گرمين جي مند ۾ ڪيرنسڪي جانبازيءَ وارن مثالن جي ذريعي فوج جي نظم و ضبط ۽ جنگي جوشن کي سگهاري ڪرڻ جي مقصد سان ٺاهيو هو. "مهلڪ بٽالينون" گهٽو ڪري وطن پرست نوجوانن تي ٻڌل هيون، جيڪي شاهوڪار طبقن جو اولاد هئا.

آفيسرن جي يونين:

هڪ تنظيم جيڪا فوج ۾ رجعت پرست آفيسرن ٺاهي هئي. ان جو مقصد فوجي ڪميٽين جي وڌندڙ طاقت سان سياسي طور تي وڙهڻ هو.

سينٽ جارج جا سورما (نائٽ):

صليب سينٽر جارج، لڙائيءَ ۾ اهم ڪارناما سرانجام ڏيڻ جي صلي ۾ ڏنو ويندو هو ۽ اهو انعام حاصل ڪندڙ پاڻ مرادو "سينٽ جارج جو سورمو" بنجي ويندو هو هن تنظيم ۾ گهٽائي فوجي خيال رکندڙ ماڻهن جي هئي.

هارين جي يونين:

1905ع ۾ هارين جي يونين هارين جي هڪ انقلابي تنظيم هئي. پر 1917ع ۾ اها وڏيڪ سُکين آبادگارن / هارين جي سياسي اظهار جو ذريعو بنجي چڪي هئي، تہ جيئن هارين جي نمائندن کي سوويتن جي وڏندڙ سگهہ ۾ انقلابي مقصد سان منهن ڏيئي سگهي.

واقعن جون تاريخون ۽ هجَ:

مون هن سڄي ڪتاب ۾ اڳوٽي روسي جنتري جي بدران، جيڪا 13 ڏينهن پوئتي آهي، اسان جي جنتري استعمال ڪئي آهي، روسي نالن ۽ لفظن جي هجَ ڪرڻ ۾ به سائنسي قاعدن جي پيروي ڪرڻ جي بدران، اها ئي هجَ لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جنهن سان انگريزي ڳالهائڻ وارو پڙهندڙ اُن جي صحيح اُچار تائين پهچي سگهي.

ماخذ:

هن ڪتاب ۾ جيڪو مسالو آهي، انهيءَ جو گهڻو حصو منهنجي يادگيرين تي ٻڌل آهي، پر مون ڪيترن ئي سوَن روسي اخبارن جي هڪ گڏيل سڏيل فائيل جو پڻ سهارو ورتو آهي، انهن ۾ انگريزي اخبار "رشين ڊيلي نيوز" ۽ به فرانسيسي اخبارون "رونال دي روسيئي" ۽ "آتنانت" جا فائيل شامل آهن. پر انهن کان به وڌيڪ قدر جوڳي "بليتام دي لاپريسن" آهي، جيڪا پيٽروگراڊ مان فرانسيسي انفرميشن بورڊ شايع ڪندو هو. اخبار سيئي اهم واقعن، تقريرن ۽ روسي اخبارن ۽ رسالن جي تبصرن بابت اطلاع ڏيندي هئي، انهيءَ جو 1917ع کان وٺي جنوري 1918ع تائين جو مڪمل فائيل مون وٽ موجود آهي.

مٿين مثالن کانسواءِ مون وٽ لڳ ڀڳ اهي سڀ اعلان، فرمان ۽ اشتهار موجود آهن، جيڪي پيٽروگراڊ جي پتين تي سيپٽمبر 1917 جي وچ کان وٺي جنوري 1918ع تائين چهڻايا ويا هئا، تنهن کانسواءِ سيني حڪومتي فرمانن ۽ حڪمن جي سرڪاري اشاعت ۽ انهن ڳجهن معاهدن ۽ٻين دستاويزن جي سرڪاري ۽ حڪومتي اشاعتن مان به استعفاد ڪيو ويو آهي، جيڪي بالشويڪن کي پر ڏيهي وزارت تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ هٿ چڙهيا هئا.

❊

پسمنظر

سيپٽمبر 1917ع جي پڇاڙيءَ ۾ روس ۾ آيل عمرانيات جو هڪ غير ملڪي پروفيسر پيٽروگراڊ ۾ مون سان ملڻ آيو. ڪيس ڪاروباري ماڻهن ۽ دانشورن اطلاع ڏنو هو ته انقلاب جو زور گهٽجي رهيو آهي. پروفيسر ان جي باري ۾ هڪ مضمون لکيو ۽ پوءِ ملڪ جو دورو ڪيو هو ڪارخانن وارن شهرن ۽ هارين جي ڳوٺن ۾ ويو جتي ڪيس اهو ڏسي اچرج لڳي ته انقلاب جو زور گهٽجڻ جي بدران وڌندو پيو وڃي. ڪيس اجرتي مزدورن ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي واتان عام طور تي اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته "سڀ زمينون هارين ۾ ورهايون وڃن. سڀ ڪارخانا مزدورن جي حوالي ڪيا وڃن." جيڪڏهن پروفيسر محاذ تي وڃي ها ته سڄي فوج کي صلح جون ڳالهيون ڪندي ٻڌي ها.

پروفيسر ڏاڍو حيران هو. پر ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه نه هئي. ٻئي شاهد صحيح هئا. شاهوڪار طبقو وڏيڪ قدامت پرست ٿي رهيو هو ۽ عوام وڏيڪ تبديلين جي خواهش ڪري رهيو هو.

ڪاروباري ماڻهن ۽ دانشورن ۾ عام طور تي هڪ احساس هو ته انقلاب گهٽو اڳتي نڪري چڪو آهي ۽ گهٽا ڏينهن هليو آهي ۽ هاڻ شين کي ٽمجي وڃڻ گهرجي. اها خواهش اعتدال پسند سوشلسٽ پارٽين اباروئنستي، منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابين ۾ وڏيڪ هئي، جن ڪيرنسڪيءَ جي عارضي حڪومت جي حمايت ٿي ڪئي.

27 (14) آڪٽوبر تي "اعتدال پسند" سوشلسٽن جي سرڪاري ترجمان اخبار "از وستياتسي اي ڪا" لکيو:

"انقلاب جي ڊرامي جا ٻه پارٽ آهن. پراڻي حڪمرانيءَ کي ڌاهڻ ۽ نئين حڪمرانيءَ جي تخليق. پهريون سين گهٽا ڏينهن هلي چڪو آهي.

هاڻ هي سين جي شروع ڪرڻ ۾ جيترو به ٿي سگهي اُن کي ساڻئي تيزيءَ سان کيڏڻ جو وقت اچي ويو آهي. جيئن هڪ عظيم انقلابيءَ چيو آهي ته دوستو انقلاب کي ختم ڪرڻ ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي، جيڪو به اهو گهٽا ڏينهن هلائيندو اهو ان جو ڦل ميڙي نه سگهندو. پر هارين سپاهين ۽ مزدورن ۾ هڪ احساس موجود هو ته "پهريون سين" اڃا پورو نه ٿيو آهي، محاذ تي فوجي ڪميٽيون سدائين انهن آفيسرن سان ٽڪراءَ ۾ رهنديون هيون، جيڪي پنهنجي جوانن سان انسانن جهڙو سلوڪ ڪرڻ جا اڃا عادي نه ٿيا هئا. هوڏانهن هارين جي "چونڊيل زميني ڪميٽين" کي جيلن ۾ واڙيو پيو ويو. چاڪاڻ ته هو زمين بابت حڪومتي ضابطن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون ۽ ڪارخانن ۾ مزدور بليڪ لسٽن ۽ تالابندين جي خلاف وڙهي رهيا هئا، نه رڳو اهو پر جيڪي جلاوطن واپس اچي رهيا هئا، تن کي "اڻ وٽندڙ" شهرين جي حيثيت سان ملڪ مان ٻاهر رکيو پيو ويو ۽ ڪن حالتن ۾ جيڪي ماڻهو ڏيساور مان واپس پنهنجي ڳوٺن ڏانهن موٽيا هئا، انهن تي 1905ع جي انقلاب ۾ حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس هلايا ويا ۽ کين جيلن ۾ وڌو ويو.

عوام جي مختلف قسم جي بي اطمينانيءَ جي لاءِ اعتدال پسند سوشلسٽن وٽ هڪ ئي جواب هو ته آئين ساز اسيمبلي جو انتظار ڪريو جنهن جو ڊسمبر ۾ اجلاس ٿيندو، پر عوام اُن تي مطمئن ٿيڻ وارو نه هو. آئين ساز اسيمبلي ته خير نيڪ هئي، پر ڪجهه شيون اهڙيون به هيون، جن جي لاءِ روسي انقلاب برپا ڪيو ويو هو ۽ جن جي لاءِ ئي انقلابي شهيد، مريخ جي ميدان ۾ پنهنجي اُجاڙ قبرن ۾ سڙي ڳري ويا هئا. ۽ کين ته اهو سڀ ڪجهه ملڻ گهرجي ها، جن جي هنن طلب ڪئي هئي، پوءِ 'آئين ساز اسيمبلي' هجي ها يا نه هجي ها ۽ اهي شيون هيون، ان زمين ۽ صنعتن تي مزدورن جو ڪنٽرول. انهن جي ئي گهرن ۾ بدل سدل ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي پيرا اسيمبلي ملتوي ٿي چڪي هئي ۽ شايد هڪ پيرو ٻيهر ملتوي ڪئي ويندي. جيستائين عوام ڪافي حد تائين پُرسڪون نه ٿي وڃي. بهر حال انقلاب کي اٺ مهينا ٿي چڪا هئا، پر هت ته هريڙ به نه هٽ لڳي هئي.

ان وچ ۾ سپاهين فوج مان پڇي ٿي امن جي سوال کي حل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. هارين جاگيردارن ۽ زميندارن جا گهر ساڙي، وڏين وڏين جاگيرن تي قبضو ڪري ورتو. مزدورن پيچ ڌاهه ڪئي ۽ هڙتالون ڪيون. ظاهر آهي ته ان صورتحال ۾ صنعت ڪارن، زميندارن ۽ آفيسرن کنهن به قسم جي جمهوري مصلحت جي ابتڙ پنهنجو سڄو اثر استعمال ڪيو.

عارضي حڪومت جي پاليسي هڪڙئي جي پويان غير اثرائتن سڏارن ۽ سخت جابراڻن قدمن تي عمل ڪري رهي هئي. سوشلسٽ صنعت واري وزير هڪ فرمان جي وسيلي مزدورن جي سپني ڪميٽين کي حڪم ڏنو ته هو آئندهه ڪم جي وقت کانپوءِ پاڻ ۾ گڏجن. محاذ تي مخالف ڏر جي سياسي پارٽين جي احتجاج ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويو. بنيادي تبديلين جي ڳالهه ڪندڙ اخبارن کي بند ڪيو ويو ۽ انقلابي پرچار ڪندڙن کي موت جون سزائون ڏنيون ويون. سرخ گارڊن کي بي هٿيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ صوبن ۾ نظم وضبط لاڳو ڪرڻ جي لاءِ ڪراڪ وڪليا ويا.

اعتدال پسند سوشلسٽن ۽ وزارت ۾ موجود سندن اڳواڻن انهن قدمن جي حمايت ڪئي، ڇاڪاڻ ته هنن شاهوڪار طبقن سان سهڪار ڪرڻ ضروري ٿي سمجهيو. نتيجي ۾ عوام تيزيءَ سان سندن ساٿ ڇڏيندو ويجي بالشويڪن سان مليو جيڪي امن، زمين ۽ صنعت تي مزدورن جي ڪنٽرول ۽ مزدور طبقي جي حڪومت جا حامي هئا. سيپٽمبر 1917ع تائين معاملا هڪ گهوٽالي تائين پهچي ويا. ڪيرنسڪي ۽ اعتدال پسند سوشلسٽن ماڻهن جي مرضيءَ جي ابتڙ. شاهوڪار طبقن سان گڏجي هڪ حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جنهن جو نتيجو اهو ڪتو ته منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي هميشه لاءِ عوام جي پروسي کان محروم ٿي ويا.

آڪٽوبر جي وچ ڌاري "ربو چي يوت" (مزدورن جي رستي) ۾ سوشلسٽ وزيرن جي عنوان سان هڪ مضمون ۾ "اعتدال" پسند سوشلسٽن جي خلاف عوام جي جذبن جو اظهار هن ريت ڪيو ويو هو.

هيءَ آهي انهن جي خدمتن جي هڪ فهرست:

تسيريتلي: جنرل پولو نسيف جي مدد سان مزدورن کي اکيلو ڪيو. انقلابي سپاهين کي ناڪام ڪيو ۽ فوج ۾ موت جي سزا کي ٻيهر جاري ڪيو.

اسڪوبليف: سرمائيدارن کي سندن فائدي جو سئو سيڪڙو ٽئڪس هڻڻ جي شروعات ۽ پڇاڻي. ۽ پُڇاڻي ورڪشاپن ۽ ڪارخانن ۾ مزدورن جي ڪميٽين کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

ـ **اوڪستيف:** سوين هارين ۽ زميني ڪميٽين کي جيلن ۾ واڙيو ۽ اڻ ڳڻين مزدورن ۽ سپاهين جي اخبارن کي بند ڪيو.

چيرنوف: شهنشاهي اعلان جي توثيق ڪئي. جنهن جي آڏار تي فنلينڊ جي وحدت کي ٽوڙيو ويو.

ـ **ساوينڪوف** جنرل ڪور نيلوف سان اعلانيا اتحاد ڪيو. ملڪ کي چوتڪارو ڏيارينڊڙ هيءَ همراهه جيڪڏهن پيٽروگراڊ کي دشمن جي حوالي ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو ته اهي اهڙا سبب هئا، جن تي سندس وس هلي نٿي سگهيو.

ـ **زارودني:** اليڪسنسڪي ۽ ڪيرنسڪيءَ جي موڪل سان انقلاب جي ڪن بهترين ڪارڪنن، سپاهين ۽ جهازين کي جيلن ۾ وڌائين. بالشويڪن جي خلاف هڪ من گهڙت ڪيس گهڙڻ ۾ مدد ڪيائين، جيڪا روسي عدالت جي اهڙي ئي ذليل حرڪت آهي، جهڙي بيليس جي ڪيس ۾ ٿي هئي.

نڪيتن: ريلوي ڪارڪنن جي خلاف بازاري پوليس مين جي حيثيت سان قدم کنيا.

ڪيرنسڪي: هن جي باري ۾ ڪجهه چوڻ اجايو آهي. هن همراهه جي خدمتن جي فهرست ڏگهي آهي. بالڪ ٻيڙي جي نمائندن جي هڪ ڪانگريس "هيلسنگ فورس" ۾ ٿي، جنهن ۾ هڪ قرارداد منظور ڪئي ويئي، جنهن جي شروعات ڪندي چيو ويو آهي. "اسين گهر ٿا ڪريون ته عارضي حڪومت جي صفن مان سوشلسٽ ۽ سياسي مهم جو ڪيرنسڪيءَ کي بنا دير جي ڪڍيو وڃي، ڇاڪاڻ ته هيءَ اهو همراهه آهي، جيڪو عظيم انقلاب ۽ ان سان گڏوگڏ انقلابي عوام کي بورزوازين پاران پاڻ ئي شرمناڪ سياسي بليڪ ميلنگ ڪري خوار ۽ بدنام پيو ڪري"

انهن سڀني عملن جو سنئون سنڌو نتيجو بالشويڪن جو عروج هو.

مارچ 1917ع کانپوءِ جڏهن مزدورن ۽ سپاهين جي مجريل ميڙن 'تائو رائد محل' سان ٽڪرائجي، شهنشاهي دوما کي ان ڳالهه تي مجبور ڪيو هو ته اها روس ۾ اقتدار سنيالي وٺي ۽ اهو عوام، مزدور ۽ سپاهي ئي هئا، جيڪي طاقت سان انقلاب جي هر روش ۾ تبديلي آڻي رهيا هئا. هنن مليو ڪوف وزارت کي نيڇو نوائي ڇڏيو. اها انهن جي ئي سوويت هئي، جنهن ناهه جي لاءِ روسي شرطن جو اعلان ڪيو "ڪابه ملڪ گيري ڪونهي، ڪوبه تاوان ڪونهي، قومن جي خود ارادیت جو حق." ۽ پوءِ جولاءِ ۾ غير منظم پرولتاريا جي بغاوت هڪ پيرو ٻيهر "تائورائد محل" تي حملو ڪري، ٻيهر اها گهر ڪرڻ لڳي ته "سوويتون روسي حڪومت جا اختيار پاڻ سنيالي وٺن".

بالشويڪ جيڪو ان وقت هڪ ننڍو سياسي گروهه هو تنهن پنهنجو پاڻ کي هلچل جو اڳواڻ بنائي ورتو. بغاوت جي تباهه ڪندڙ ناڪاميءَ جي نتيجي ۾ عام راءِ سندن خلاف ٿي پيئي ۽ سندن اڳواڻ "ويبرگ ڪوات" ۾ وڃي لڪا. جيڪو پيٽروگراد جو "سين آنتوان" آهي. تنهن ڪانپوءِ بالشويڪن جو وحشيائون تعاقب شروع ٿيو. سوين همراهن کي جيلن ۾ واڙيو ويو. جن ۾ ٽراٽسڪي، مادام ڪولونتائي ۽ ڪامينئف به شامل هئا. لينن ۽ زينوويئف روپوش ٿي ويا ۽ عدالت کين ياڃوڪڙ قرار ڏيئي ڇڏيو. بالشويڪ اخبارن کي بند ڪيو ويو. ۽ رجعت پسندن وٽي هاءِ گهوڙا ڪئي ته بالشويڪ جرمن ايجنٽ آهن، جو سڄي دنيا جا ماڻهو انهن تي وسهڻ لڳا.

پر عارضي حڪومت پنهنجن الزامن جي حق ۾ ڪي به دليل ڏيئي نه سگهي. جرمنن جي حق ۾ سازش ثابت ڪندڙ دستاويز به ڪوڙا ثابت ٿيا ۽ هڪ هڪ ڪري بالشويڪن کي بنا ڪيس هلائڻ جي نالي ماتر يا ضمانت ڪانسواءِ جيلن مان آزاد ڪيو ويو. باقي وڃي ڇهه بالشويڪ جيل ۾ رهيا. سدائين بدلجندڙ عارضي حڪومت جي بي وسي ۽ گومگو واري ڪيفيت هڪ اهڙو دليل هئي، جنهن کي رد نٿو ڪري سگهجي. بالشويڪن هڪ پيرو ٻيهر نعرو هنيو جيڪو عوام جي پسند جو هو. "سڄو اقتدار سوويتن جي حوالي ڪريو". ۽ هو رڳو خود غرض نه هئا، ڇاڪاڻ ته ان وقت سوويتن جي اڪثريت "اعتدال پسند سوشلسٽن" جي هئي، جيڪي سندن سخت دشمن هئا.

پر اُن کان بہ وڌيڪ اثرائتي شئي اها هئي تہ هنن مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي اڳ گهڙيل ۽ ساڌين خواهشن کي سمجهي هڪدم پنهنجي پروگرام جو حصو بنائي ورتو. تنهنڪري جڏهن "اباروئتسي" منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين پنهنجي پاڻ کي بورجوازين سان ٺاهن ۾ منجهائي ڇڏيو تہ ان وقت بالشويڪن تيزيءَ سان روسي عوام کي پنهنجو حمايتي بنائي ورتو. جو لائي ۾ بالشويڪن جو پيچو ۽ ساٿن نفرت ڪئي پي ويئي، هاڻ سيپٽمبر تائين گاڌي جي هنڌ جا مزدور بالڪ ٻيڙي جا جهازي ۽ سپاهي مڪمل طور تي هنن جا حمايتي بنجي ويا هئا. سيپٽمبر ۾ وڏن وڏن شهرن ۾ ٽيندڙ ميونسپل چونڊن جا نتيجا معنيٰ خيز هئا، انهن ۾ منشويڪن ۽ سوشلسٽن انقلابين کي فقط 18 سيڪڙو سيٽون مليون، جڏهن تہ جون ۾ ستر سيڪڙي کان بہ وڌيڪ سيٽون مليون هيون.

هڪ لقاءَ اهڙو رهي ٿو جنهن ٻاهرين مشاهدو ڪندڙن کي حيران ڪري ڇڏيو اهو هيءَ تہ سوويتن جي مرڪزي ڪميٽي، فوج ۽ ٻيڙي جي مرڪزي ڪميٽين ۽ ڪي ٽريڊ يونينون، جن ۾ تار ۽ ٽپال ڪاتي جي ڪارڪنن ۽ ريلوي جون يونينون ذڪر جوڳيون آهن، انهن جي مرڪزي ڪميٽين انتهائي شدت سان بالشويڪن جي مخالفت ڪئي. اهي سڀ مرڪزي ڪميٽيون گرمين جي وچ ڌاري يا اُن کان اڳ چونڊيون ويون هيون، جڏهن منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين جي حامين جو تعداد تمام گهٽو هو ۽ هنن نين چونڊن ۾ دير ڪرائي يا انهن کي روڪي ڇڏيو. تنهنڪري مزدورن ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن جي ضابطن ۽ قاعدن موجب ڪُل روس ڪانگريس سيپٽمبر ۾ گهرائڻي هئي، پر "تسي اي ڪا" گڏجاڻي نہ پي سڏائي. اُن بنياد تي آئين ساز اسيمبلي کي تہ فقط ٻہ مهينا وڃي بچيا هئا، جڏهن هو اهو اشارو ڪندیون هيون تہ سوويتون دستبردار ٿي ويندیون. ان سڄي عرصي ۾ بالشويڪ سڄي ملڪ ۾ هڪ هڪ ڪندا مقامي سوويتن ۾ يونينن جي شاخن ۾، سپاهين ۽ جهازين جي صفن ۾ ڪٽي رهيا هئا. هارين جون سوويتون ايڏا تائين قدامت پرست رهيون، جو تہ سست ڪوناٽن علائقن ۾ سياسي شعور هوريان هوريان وڌي رهيو هو. ۽ سوشلسٽ انقلابي پارٽي پنهنجي تاريخ ۾ اهڙي پارٽي رهي هئي، جنهن هارين ۾ هلچل شروع ڪئي هئي. پر هارين ۾ بہ هڪ انقلابي ڌڙي جي جوڙجڪ ٿي رهي هئي، اهو

آڪٽوبر ۾ چٽي نموني سامهون آيو جڏهن سوشلسٽ انقلابين جي ڪاپي ڏر پارٽي ڪان ڌار ٿي ويئي ۽ هنن هڪ نئون سياسي گروهه 'ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ' انقلابي پارٽي ٺاهي ورتي.

اُن سان گڏوگڏ هر هنڌ اُن ڳالهه جا به آثار هئا ته رجعت پرستيءَ جون قوتون اعتماد حاصل ڪري رهيون آهن. جهڙوڪ: پيٽروگراڊ جي 'تروئتسڪي ٿيٽر' ۾ بادشاهت پرستن هڪ مزاحيه ناٽڪ "زار جا گناهه" ۾ گوڙ ڪيو ۽ ڏمڪي ڏني ته شهنشاهه جي توهين "ڪرڻ" جي ڏوهه ۾ هو اداڪارن کي کوڙا هڻندا. ڪي روسي اخبارون وري ڪنهن "روسي نيپولين" جي خواهش ڪرڻ لڳيون. بورجوازي دانشور طبقي ۾ مزدورن جي نمائندن جي سوويٽن جو ذڪر "ڪتن جي نمائندن" جي نالي سان ڪرڻ عام ڳالهه ٿي ويئي هئي.

15 آڪٽوبر تي منهنجي هڪ وڏي روسي سرمائيدار "استيپان گيورگيوچ ليانوزوف" سان ڳالهه ٻولهه ٿي، جنهن کي 'روسي راڪ فيلر" چيو ويندو هو. هو عقيدو جي لحاظ کان 'ڪاديت' هو.

هن چيو "انقلاب هڪ بيماري آهي. ديرياسوير ٻاهرين طاقتن کي هتي مداخلت ڪرڻ گهرجي. جيئن ماڻهو ٻارڙي جو علاج ڪرڻ ۽ ڪيس هلڻ سيکارڻ لاءِ مداخلت ڪري ٿو ظاهر آهي اهو ڪنهن حد تائين نامناسب هوندو. پر قومن کي ۽ خود پنهنجن ملڪن ۾ سوشلزم ۽ 'پرولتاري آمريت' ۽ 'عالمي سماجي انقلاب' جهڙن خيالن جي خطري کي سمجهڻ گهرجي. هڪ اُمڪان اهو به آهي ته ان مداخلت جي ضرورت نه پوي. چرپر ۾ بددلي آهي. ڪارخانا بند پيا ٿين. جرمن وڏندا پيا اچن. ٻُڪ ۽ شڪست شايد روسي عوام جون اکيون پٽي ڇڏي."

مسٽر ليانوزوف پنهنجي اُن ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ٻينل هو ته چا به ٿي پوي واپارين ۽ صنعت ڪارن جي لاءِ اهو ناممڪن هوندو ته هو مزدورن جي ورڪشاپ ڪميٽين جي وجود جي موڪل ڏين يا مزدورن کي صنعت جي سارسنيال ۾ ڪو حصو ونڊ جي موڪل ڏين.

"جيستائين بالشويڪن جو تعلق آهي ته ڪين ٻڌ مان ڪنهن هڪ طريقي سان ختم ڪيو ويندو. حڪومت پيٽروگراڊ ڇڏي ڪنهن ٻي هنڌ وڃي سگهي ٿي ۽ پوءِ گهيري جو اعلان ڪري. ضلع جو فوجي ڪمانڊر

ڪنهن بہ قانوني ڪاروائيءَ ڪانسواءِ انهن سان منهن ڏي، يا جيڪڏهن آئين ساز اسيمبلي ڪنهن بہ قسم جي يوٽوپيائي ميلانات جو اظهار ڪري تہ طاقت جي بَل تي اها توڙي سگهجي ٿي."

روس جو پوائنٽو سيارو ويجهو ايندو پي ويو. مون ان جو ذڪر ڪاروباري همراهن کي هيئن ڪندي ٻڌو "سيارو سدائين روس جو بهترين دوست رهيو آهي. شايد هينئر اهو اسان کي انقلاب کان چوتڪارو ڏياري" محاذ تي ڏکندي مصيبت جون ماريل فوجون بدستور لنگهڻ وقت گذاري رهيون هيون،۽ مري رهيون هيون، منجهن جوش ختم ٿي چڪو هو. ريلوي جي حالت خراب ٿيندي پي ويئي، غذا جي کوٽ هئي، ڪارخانا بند ٿي رهيا هئا. عوام چوڌاري نااميد ٿي رڙيون ۽ واڪا ڪرڻ لڳو تہ بورجوازي زندگي کي ناڪام بنائي رهيا آهن، محاذ تي شڪست جو سبب بنجي رهيا آهن. جنرل ڪورنيلوف سرعام چيو هو تہ "ڇا اسان کي ملڪ کي پنهنجو فرض ياد ڏيارڻ جي لاءِ ريگا جي قيمت ڏيڻي پوندي؟" ۽ ان کان هڪدم پوءِ 'ريگا' دشمن جي حوالي ڪيو ويو.

آمريڪن جي لاءِ اها ڳالهہ يقين جوڳي ڪونهي تہ طبقاتي جنگ ايتري وڏي سگهي ٿي. پر آئون اترينءَ محاذ جي آفيسرن سان پاڻ مليو هوس، جن سپاهين جي ڪميٽين سان سهڪار ڪرڻ جي پيٽ ۾ فوجي شڪست کي اعلانيا ترجيح ٿي ڏني. ڪاديت پارٽيءَ جي پيٽروگراڊ شاخ جي سيڪريٽريءَ مونکي ٻڌايو تہ ملڪ جي معاشي زندگي جي ابتري انقلاب کي بدنام ڪرڻ جي هڪ مهم هئي. هڪ اتحادي ملڪ جي سفير بہ پنهنجي معلومات جي آڏارتي اُن ڳالهہ جي تصديق ڪئي، جنهن جو مون نالو نہ ڪٽڻ جو وعدو ڪيو هو. آئون خارڪوف وٽ ڪوئلي جي ڪجهہ ڪاٽين جي باري ۾ جاڻان ٿو جن ۾ سندن مالڪن باهہ لڳائي ڇڏي يا ڪين غرق ڪري ڇڏيو. ماسڪو جي ٽيڪسٽائل فئڪٽرين جي باري ۾ خبر اٿم جن کي انجنيئرن ڇڏڻ مهل، انهن جي مشينن کي خراب ڪري ڇڏيو. ريلوي جي آفيسرن جي باري ۾ خبر اٿم، جن کي مزدورن انجڻين کي خراب ڪندي سڪ سوڌو جهليو.

شاهوڪار طبقن جي هڪ وڏي حصي، انقلاب تي، ايتريقدر جو عارضي حڪومت تي بہ جرمني کي ترجيح ڏني ۽ هو ايئن چوندي ڪنهن بہ

قسم جو رک رکاءَ نہ ڪندا هئا. آئون جنهن روسي گهراٽي ۾ رهندو هئس، اُتي گهٽو ڪري ڳالهه ٻولهه جو اهو ئي موضوع هوندو هو ته 'جرمن' ايندا ۽ اهي ئي نظم و ضبط قائم ڪندا. هڪ شام جو آئون ماسڪو ۾ هڪ سوداگر جي گهر ۾ هئس. چانهه پيئڻ جي دوران ميز جي چوڌاري ويٺل يارنهن ماڻهن کان مون سوال پڇيو ته "اوهين ڪنهن کي ٿا ترجيح ڏيو ويلهه کي يا بالشويڪن کي؟" ويلهه جي حق ۾ ڏهه ۽ ان جي خلاف هڪ ووٽ هو.

منافعي خور عام طور تي بدنظميءَ مان فائدو وٺي مال ميڙيندا هئا ۽ اهو گڏ ڪيل مال وري حيرت انگيز رنگ رلين ۾ يا حڪومتي عهديدارن کي رشوت ڏيڻ ۾ خرچ ڪندا هئا. ڪاڏي پيتي جي شين ۽ هارڻ کي لڪائي رکيو ويو يا وري ڳُجهي نموني ملڪ کان ٻاهر سويڊن موڪليو ويو. مثال طور، انقلاب جي پهرين ڇٻن مهينن ۾ غذا جي محفوظ ذخيرن کي اعلانيا طور تي پيٽروگراڊ جي ميونسپل گودامن مان ڦُريو ويو. ايتريقدر جو اناج جا اهي ذخيرا جيڪي ٻن سالن جي لاءِ ڪافي هئا، اهي ايترا مَس وڃي بچيا جو شهر کي هڪ مهيني تائين ڪارائڻ بہ مسئلو بنجي ويو. عارضي حڪومت ۾ رسد جي آخري وزير جي رپورٽ موجب 'ڪافي' جيڪا "ولاديو ستوڪ" ۾ پَڏي جي اڳهه ۾ ٻن روبلن ۾ في پائونڊ جي حساب سان خريد ڪئي ويندي هئي، ان لاءِ پيٽروگراڊ جا خريدار تيرهن روبل ادا ڪندا هئا. وڏن شهرن جي سيني دوڪانن ۾ ٽنن جي حساب سان اناج ۽ ڪپڙو سٽيو پيو هو. پر انهن کي خريد فقط پئسي وارا ماڻهو ئي ڪري ٿي سگهيا.

آئون هڪ صوبائي شهر ۾ هڪ واپاري گهراٽي کي سڃاڻندو هوس، جيڪو منافعي خور بنجي ويو هو. ان کي روسي "مرادیور" (ڦورو / راکاس) سڏيندا آهن. تن ڇوڪرن رشوت ڏيئي فوجي خدمت کان جند آجي ڪرائي هئي، انهن مان هڪ ڪاڏي پيتي جي شين جي لين دين ڪندو هو. ٻيو وري "لينا درياءَ" جي سون جي کاڻين جو غير قانوني سون فنلينڊ جي پراسرار واپارين کي وڪڻندو هو ۽ ٽئين جو چاڪليٽ ناهيندڙ هڪ ڪارخاني ۾ هڪ وڏو حصو هو. اهو ڪارخانو مقامي "ڪوآپريٽو سوسائٽي" کي ان شرط تي چاڪليٽ سپلائي ڪندو هو ته "ڪوآپريٽو سوسائٽيون" ڪيس ضرورت جي هر شئي ڏينديون. تنهنڪري عام ماڻهن کي پنهنجي راشن ڪارڊ تي هڪ پاءُ پائونڊ ڪاري ماني ملندي هئي. پر ان

شخص وٽ سفيد روئي، ڪنڊ، نبات، چانهه. ڪيڪ ۾ مکڙ جي ريل ڇيل هوندي هئي، پوءِ به جڏهن سپاهي محاذ تي سيءَ، بک ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري جمي وڃي نه سگهندا هئا ۽ پنتي هٿ لڳندا هئا ته اهو گهراٽون نفرت وچان رنبَ ڪري چوندو هو. "پاڙيا!" ۽ ڪين "روسي هئڻ تي" ڪيڏي نه ڦڪائي ٽيندي هئي. جڏهن بالشويڪن نيٺ ڪاڏ خوراڪ جي شين جي لڪايل وڏن ذخيرن جي خبر هٿ ڪري، اهي ضبط ڪري ورتا ته ڪين ڪيڏي نه شدت سان "ڦورو" چيو ويو.

ان سڄي ٻاهرين ڏپ جي هينان پراٽن وقتن جون اهي ڪاريون قوتون سرگرم هيون، جيڪي نُڪولائي ثاني جي زوال کانپوءِ تر جيترو به نه بدليون هيون ۽ ايڏا سوڏي ڳجهي نموني، پر تمام گهٽيون سرگرم هيون. بد نام زمانه "او خرانا" جا ڪارندا زار جي لاءِ ۽ ان جي خلاف، ڪيرنسڪيءَ جي لاءِ ۽ سندس خلاف، جيڪو به ڪين پئسا ڏيندو هو اُن جي لاءِ ايڏا تائين ڪم ڪري رهيا هئا. اونداهيءَ ۾ هر قسم جون روپوش تنظيمون، جڙ ڪارا ڪيڙا، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ رجعت پرستيءَ کي بحال ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هئا.

ان بد عنوان ۽ پيانڪ اڌوري سچائين جي ماحول ۾ هڪ ڇٽو گيت جيڪو بالشويڪ ڪورس جي انداز ۾ ڳائي رهيا هئا، ڏينهون ڏينهن زور ونندو پئي ويو. "سڄو اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ ڏيو! سڄو اقتدار ڪروڙين عام مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي هٿن ۾ ڏيو. زمين، ماني ۽ بي مقصد جنگ کي ختم ڪريو. ڳجهي سفارتڪاري جو فائدو غداري جو خاتمو انقلاب ۽ ان سان گڏ سڄي دنيا جو مقصد خطري ۾ آهي".

پرولتاريه ۽ وچولي طبقي جي وچ ۾ جدوجهد، جيڪا مارچ جي شروعاتي ڏينهن ۾ شروع ٿي هئي، پنهنجي عروج تي پهچڻ واري هئي. روس هڪ ئي چلانگ ۾ وچينءَ دور مان ويهين صديءَ ۾ پهچي، حيران ۽ پريشان دنيا جي سامهون، انقلاب جي بن نظامن، سياسي ۽ سماجيءَ کي ڏکئي مقابلي ۾ پيش ڪيو.

لنگهڻ ڪاٽڻ ۽ خوش فهمين جي ازالي جي انهن سيني مهينن کانپوءِ روسي انقلاب جي جيالي پٽي جو کهڙو انڪشاف ٽيو. بورزوازين کي

پنهنجي روس جي باري ۾ وڌيڪ چاڻ هئڻ گهرجي ها. روس ۾ انقلاب جي "بيماري" هڪ وقت تائين پنهنجي انجام کي پهچڻ واري نه هئي.

پويان مڙي ڏسڻ سان نومبر (آڪٽوبر) جي بغاوت کان اڳ جو روس ڪنهن ٻي دور جو ۽ نه وسرڻ جهڙو قدامت (پراڻ) پسند ٿي لڳو. اسان هڪ تيز ۽ نئين زندگيءَ سان ڏاڍو جلد پاڻ کي هيرائي چڏيو. بلڪ ايئن جيئن روسي سياست سڄي ساڄي ڌر کي پينگ لي، توڙي ڪاديتن کي "عوام دشمن" قرار ڏيئي غير قانوني بنائي چڏيو. ڪيرنسڪي هڪ انقلاب دشمن بنجي ويو ۽ "وچ واري" سوشلسٽ اڳواڻ تسيريتلي، دان، ليسر، گوتس ۽ اوڪنتسيئف کي سندن پوئلڳن سخت رجعت پسند سمجهيو ۽ وڪتور چيرنوف جهڙا ماڻهو ته پنهنجي جاءِ تي پر مئڪسم گورڪي به ساڄي ڌر سان واسطو رکندڙ ٿي پيو.

ڊسمبر 1917ع جي وچ ڌاري سوشلسٽ اڳواڻن جو هڪ گروهه برطانوي سفير 'سر جارج بيوڪانن' سان نجي طور تي گڏيو ۽ کيس منٽ ڪيائون ته هو اُن حقيقت جو ڪنهن سان به ذڪر نه ڪري ته ڪو اهي ساٿس مليا هئا. چاڪاڻ ته انهن همراهن کي تمام گهٽو ساڄي ڌر جو سمجهيو ويندو آهي.

سر جارج وراڻين، "۽ ٿورو سوچيو ته سهي سال کن اڳ منهنجي حڪومت مونکي هدايت ڪئي هئي ته آئون مليوڪوف سان نه گڏجان جو هو ايتري ئي خطرناڪ حد تائين ساڄي ڌر جو آهي."

روس ۾ سال جا ۽ مهينا سيپٽمبر ۽ آڪٽومبر، خاص ڪري پيٽرو گراد ۾ ڏاڍا خراب گذرندا آهن. ڏينهن ننڍا ۽ آسمان سُرمئي رنگ جو ٿي ويندو آهي ۽ مينهن به لڳاتار اوڙڪون ڪري پيو وسندو آهي. زمين ترڪٽي ۽ گپ سان پرجي ويندي آهي ۽ بوٽن جي پيرن سان لڳي هر هنڌ پهچي ويندي آهي. هن سال به ايئن ئي ٿيو. جيئن عام طور تي ٿيندو آهي، پر اڳ کان به حالت خراب هئي، جو ميونسپل انتظاميا صفا ختم ٿي ويئي هئي. خليج فنلينڊ مان تيز هوائن جا لامارا پيا ايندا هئا ۽ تڏ رستن تي سُرندي ٿي رهي. سڄي رات بچت جي خيال ۽ زيپلينن جي ڊپ سبب رستي تي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي سهائي نظر ٿي آئي. ڏاتي گهرن ۽ فليٽن ۾ ڇهين بجي کان اڌ رات تائين بجلي ڏني ويندي هئي ۽ هڪڙي ميڙ بتي چاليهن سينٽن ۾

ملندي هئي. گاسليٽ تہ صفا اٽلي ٿي چڪو هو. ڦرون ۾ چوريون وڌي ويون هيون. فليٽن واربن عمارتن ۾ ماڻهون واري واري سان سڄي سڄي رات رائفلون کڻي چوڪي ڏيندا هئا. اهو سڀ ڪجهہ عارضي حڪومت هيٺ ٿي رهيو هو.

ڪاڏي پيتي جي شين جي ڪوٽ بہ ڏينهون وڌندي پي ويئي. مانيءَ جو روزانو راشن ڏيڍ پائونڊ مان گهٽجي. هڪ پائونڊ پوءِ اڌ پائونڊ ۽ پوءِ اچي پاءُ پائونڊ تي بيٺو. نيٺ هڪ هفتي تہ نوبت ايستائين اچي پهتي جو مانيءَ جو ملڻ ئي مشڪل بنجي ويو. ڪنڊ مهيني ۾ بہ پائونڊ ملڻ جو حق هو. پر اهو بہ ان صورت ۾ جو اها ملي ۽ ڪنڊ جو ملڻ بہ معجزو هوندو هو. چاڪليٽ جي هڪ ٽڪر يا پائونڊ جو ملهہ ست روبل يعني گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڊالر تائين هو. شهر ۾ ڪير تہ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ ٻارن کي ئي نصيب ٿيندو هو. هوڏانهن هوتلن ۾ نجي گهرن کي ڪير مهينن تائين ڏسڻ لاءِ بہ نہ ملندو هو. ميوات جي مند ۾ صوف. ناسپاتي في داڻو هڪ روبل جي اڳهہ سان وڪامبيون هيون.

ڪير. ماني. ڪنڊ. تماڪ جي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سخت تڏي مينهن ۾ قطارن ۾ بيهڻون پوندو هو. هڪ ڀيري سڄي رات گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ گهر ورندي ڏٺم تہ آلو وهاڻيءَ جو ئي دڪان جي سامهون قطار ٿهڻ شروع ٿي ويئي هئي. ان قطار ۾ بيٺلن ۾ گهڻيون مايون هيون. جن مان ڪن جي هنج ۾ ٻارڙا بہ هئا. ڪار لائل پنهنجي ڪتاب "فرانسيسي انقلاب" ۾ لکيو آهي تہ فرانسيسي عوام کي سندن قطارن ۾ بيهڻ جي صلاحيت ئي سيني کان ممتاز ڪندي هئي. روس پنهنجو پاڻ کي ان دستور جو عادي بنائي ورتو هو جيڪو 'نڪولائي بابرڪت' جي حڪومتي دور ۾ 1915ع ۾ ئي شروع ٿي ويو هو ۽ پوءِ وقفي وقفي سان 1917ع جي گرمين جي مُنڊ تائين هلندو رهيو. جڏهن ڪيس باقاعده معمول موجب مستقل حيثيت حاصل ٿي. پيٽروگراڊ جي لوهہ جهڙي سخت ڳڳاٽيل رستن تي. روسيءَ سرديءَ ۾ اڌ وگابرن ڪپڙن پاتل ماڻهن جو ٿوري دير سڄو ڏينهن بيٺي رهڻ جو تصور تہ ڪري ڏسو ماني جي حاصلات جي لاءِ لڳل قطارن ۾ مون ان بي اطميناني جا تلخ ۽ ڪاوڙيل جملا ٻڌا. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن روسي رڄ جي حيرت ۾ وجهندڙ خوش طبعي مان ڦُٽي نڪرندا آهن.

انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته ناٽڪ گهر، سڄيون سڄيون راتيون ايتريقدر جو آڇر واري ڏينهن به چالو هوندا هئا. مارينسڪي ناٽڪ گهر ۾ 'ڪرسنا وينا' هڪ نئين 'بيلي' ۾ ظاهر ٿي ۽ رقصن جو شوقين سڄو روس ڪيس ڏسڻ آيو. شلياپين ڳائيندي هئي، اليڪساندرينسڪي ۽ اليڪسي ٽالسٽائيءَ جي ڊرامي "ايوان مهيب جو موت" جي ميئر هولڊ جو پروڊڪشن ٻيهر اسٽيج ڪيو ويو ۽ ان پيشڪش جي دوران مونکي ياد آهي ته شهنشاهي خدمت گارن جي هڪ اسڪول جي هڪ شاگرد کي ڏٺم، جيڪو پنهنجي خاص موقعي جي وردي پائي بيٺو هو ۽ وچ وچ ۾ وقفي جي دوران شهنشاهي باڪس ڏانهن منهن ڪري باادب ٻيهي ٿي رهيو. جيتوڻيڪ باڪس تان عقابن کي ڪڍهوکو ڪُرچي صاف ڪيو ويو هو.

"ڪريو ويي زيرڪلا" ناٽڪ منڊلي شينترلر[1] جي ڊرامي "رائيگن" کي ڏاڍي شاندار نموني پيش ڪيو هو.

جيتوڻيڪ ايرميتاز ۽ ٻين نگارخانن کي ماسکو منتقل ڪيو ويو هو پر پوءِ به هر هفتي تصويرن جي نمائش ٿيندي هئي. دانشور طبقي جي عورتن جو وڏو تعداد فن، ادب ۽ آسان فلسفن تي ليڪچر ٻڌڻ ويندو هو. اها موسم خاص ڪري ٿياسافيڪل سوسائٽي وارن جي لاءِ سرگرمي واري هئي ۽ سالويشن آرمي، جنهن کي پهريون پيرو روس ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملي هئي، پٽين کي بائيبل بابت ٿيندڙ ميڙن جي باري ۾ پوسٽرن سان ڀري ڇڏيندي هئي. اهڙن ميڙن ۾ شريڪ ٿيندڙ روسي سامعين خوش به ٿيندا هئا ته حيران پڻ.

جيئن- ان قسم جي هر دور ۾ ٿيندو رهيو آهي، جيستائين به ممڪن ٿي پي سگهيو شهر جي معمولي روايتي زندگي انقلاب کي نظرانداز ڪندي پي ويئي. شاعر، شاعري ڪري رهيا هئا، پر اها انقلاب جي باري ۾ نه هئي، حقيقت پسند فنڪار وچينءَ روسي دور جي منظرن يعني انقلاب کانسواءِ هر شئي جي تصوير ڪشي ڪري رهيا هئا. صوبن مان نوجوان عورتون فرانسيسي پڙهڻ ۽ پنهنجو اُچار / تلفظ درست ڪرڻ جي لاءِ گادي جي هنڌ ويندیون هيون. خوش باش خوبصورت نوجوان آفيسر پنهنجا سنهري ڇوٽ وارا فرنري "باشليڪي" پائي ۽ نهيل جڙيل ڦقاري تلوارون لڳائي هوٽلن

---

[1] آرٿر شنيترلر (1862 - 1931ع) هڪ آسٽريائي ليکڪ.

جي اڳڙ ۾ پيا وڪڙندا هئا. ننڍين سرڪاري آفيسرن جي گهرن جون عورتون، هڪٻئي وٽ شام جي چانهه پيئڻ جي لاءِ ايندڙيون هيون، ۽ سڀ پنهنجي سهڙيون ۽ پيڪيدار ڪنڊ جون ڏهلڙيون يا ڏبل روٽيءَ جو اڌ پاڻ سان گڏ کڻي ويندڙيون هيون ۽ ان خواهش جو اظهار ڪندڙيون هيون ته زار واپس اچي يا جرمن اچي وڃن، يا ڪجهه به ٿي پوي، پرسندن نوڪرن جو مسئلو حل ٿي وڃي، هڪ ٽپهري جو منهنجي هڪ دوست جي ڏيءُ اڌ جنوني حالت ۾ گهر آئي، چاڪاڻ ته ٽرام جي ڪنڊيڪٽر عورت ڪيس "ڪامريڊ" چئي سڏيو هو.

هنن جي چئني طرفن عظيم روس سخت تڪليف ۾ هو هڪ نئين دنيا کي جنم ڏيئي رهيو هو ۽ جن نوڪرن سان ماڻهو جانورن کان به خراب سلوڪ ڪندا هئا ۽ کين نه هئڻ جي برابر پگهار ڏيندا هئا، اهي آزاد ٿي رهيا هئا. جُوتن جي هڪ جوڙيءَ جي قيمت سئو روبلن کان به وڌيڪ هئي، پر نوڪر جو پگهار وڌ ۾ وڌ 35 روبل هو تنهن ڪري نوڪر قطار ۾ بيهي پنهنجون جُتيون گسائڻ کان انڪار ڪندا هئا. پر انهيءَ کان به وڏي ڳالهه اها هئي ته نئين روس ۾ هر عورت ۽ مرد ووٽ ڏيئي سگهيو ٿي. مزدور طبقي جون اخبارون هيون، جيڪي نيون ۽ چرڪائيندڙ خبرون پيون ڇپيندڙيون هيون. سوويتون ۽ يونينون هيون. ازوشچيڪي (ٽانگي وارن) جي هڪ يونين هئي ۽ پيٽروگراڊ سوويت ۾ به ڪين نمائندگي حاصل هئي. هنن هوٽلن جي پتين تي نوٽيس هٽي ڇڏيا هئا، جن تي لکيل هو "هتي بخشش نه ورتي ويندي آهي." يا جيڪڏهن ڪو شخص ميز تي ماني کڻي اچي رکي ۽ پنهنجو روزگار پيو ڪري ته اها اهڙي ڳالهه ته نه هئي جو اوهين بخشش ڏيئي ڪيس ذليل ڪريو.

محاذ تي سپاهين آفيسرن سان لڙايون ۽ پنهنجي ڪميٽين جي ذريعي پاڻ حڪومت ڪرڻ سکي- ڪارخانن ۾ فئڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين جي بي مثال روسي تنظيم پراڻي نظام سان لڙائي ڪري تجربو ۽ پنهنجي تاريخي مسئلن جو احساس حاصل ڪيو. سڄو روس لکي ۽ پڙهي رهيو هو. ماڻهن سياست، معاشيات ۽ تاريخ بابت جاڻڻ ٿي چاهيو. هر شهر ۾، ڳوٺ ۾، محاذ تي، هر سياسي گروهه جي پنهنجي اخبار هئي. جيڪي تنظيمون ۽ گروهه ڪڏهن ڪڏهن وري هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ پمفليٽ ورهائيندڙيون هيون، جن سان ڳوٺ، فئڪٽريون ۽ رستا پرجي ويندا هئا.

تعليم جي تڙپ، جنهن کي هيتري عرصي تائين دٻايو ويو هو هاڻ انقلاب سان گڏ اظهار جي جنون ۾ ٻاهر نڪري آئي هئي، فقط 'اسمولني انسٽي ٽيوٽ' ۾ شروعاتي ڇهن مهينن ۾ روزانو ٽنن جي حساب سان موٽر گاڏيون ۽ ريل گاڏيون پري ٻاهر موڪليون ويندیون هيون، جيڪي ملڪ جي اُڃائيندیون هيون، روس پڙهڻ جي مسالي کي ايئن جذب ڪري رهيو هو جيئن گرم واري پاڻيءَ کي جذب ڪندي آهي ۽ ڏاپبي ئي ڪانهي، ۽ اهو ادب قصن، ڪهاڻين، ڪوڙين تاريخن، وهمن ۽ وسوسن تي ٻڌل ڪو سستو افسانوي ادب نه پر سماجي ۽ معاشي نظريي، فلسفي، تالستائي، گوگول ۽ گورڪيءَ جون لکڻيون هيون.

تنهن کانسواءِ تقريرون هيون، جن جي سامهون 'ڪار لائل' جي "فرانسيسي تقريرن جو سيلاب" هڪ پوپٽ هجي ها. ليڪچرن، تقريرن، ناٽڪ منڊلين، سرڪسن، اسڪولن، ڪلبن، سوويتن جي گڏجاڻين جي ڪمرن، سوويتن جي مرڪزي آفيس، بارڪن ۾، محاذ تي خدمت ۾، ڳوٺن جي چوڪن تي، ڪارخانن ۾ گڏجاڻيون، اهي ڪيڏا نه شاندار منظر هوندا هئا. جڏهن 'پوتيلوفسڪي رود دل پوتيلوف' جي ڪارخاني جا چاليهه هزار مزدور سوشلسٽ ڊيموڪريٽن، سوشلسٽ انقلابين، نراجيت پسندن، ڪنهن کي به ٻڌڻ جي لاءِ ڳاهڻ اچي ٽيندا هئا. پر شرط اهو هوندو هو ته وٽن چوڻ جي لاءِ ڪجهه هجي، پيٽروگراڊ توڙي روس ۾ مهينن تائين، هر چوڪ هڪ پبلڪ پليٽ فارم هو ريل گاڏين ۾، ٽرامن ۾، مطلب ته هر هنڌ بحث شروع ٿي ويندو هو.

انهن کانسواءِ "ڪل روسي ڪانفرنسون ۽ ڪانگريسون" هيون، جن ۾ ٻن ڪنڊن جا ماڻهو اچي گڏيا هئا. پيٽروگراڊ ۾ سدائين ٿي يا چار ڪنوينشن پيا ٿيندا هئا، هر ڪانفرنس ۾ مقرر جو وقت محدود ڪرڻ جي خلاف ووٽ ڏنو ويندو هو ۽ هر شخص پنهنجي دل جي ڳالهه چوڻ جي لاءِ آزاد هوندو هو. اهي ڪانفرنسون ۽ ڪنوينشن، سوويتن جا، سهڪاري سوسائٽين جا، زيمستوون جا، قوميتن، پادرين، هارين، سياسي پارٽين جا ڪنوينشن، ڊيموڪريٽڪ ڪانفرنسون، ماسڪو ڪانفرنسون، يا روسي جمهوريه جي ڪائونسل جون ڪانفرنسون ۽ ڪنوينشن هوندا هئا.

اسين 'ريگا' جي پويان ٻارهين فوج جي محاذ تي آياسين، جتي هپاٽل هيڊ ۽ پيرن اڳاڙا فوجي نااميديءَ واري حالت ۾ خندقن جي گپن ۾

بيزار ٿيو پيا هئا، پر هنن جڏهن اسانکي ڏٺو تہ چرکي پيا. هنن جا چهرا تڏ سبب ڳاڙها ٿي ڇڪا هئا ۽ قاتل ڪٽڻ مان سندن نيرو ٽيل گوشت نظر اچي رهيو هو هنن وڏي شوق ۽ اپهرائيءَ مان اسان کان پڇيو "اوهين پڙهڻ جي لاءِ پاڻ سان ڪجهہ کڻي آيا آيو؟".

تبديليءَ جون ٻاهريون ۽ نظر ايندڙ نشانيون، پوءِ پلي اهي ڪهڙيون بہ رهيون هجن. پلي 'اليڪساندرين سڪي' ٽئٽر جي سامهون ڪيٿرائن جي مورتيءَ جي هٿ ۾ هڪ ڳاڙهو جهنڊو ٻڌو ويو هجي ۽ ان کانسواءِ ٿورا ميرانجهڙا ڳاڙها جهنڊا سيني پبلڪ عمارتن تي جهولي رهيا هجن ۽ پلي شاهي مهر ۽ عقاب ڪرچي، لاهي اڇلايا يا ڏڪيا ويا هجن ۽ غضبناڪ "گرودو ديئي" (شهري پوليس) جي جاءِ تي نرم لهجي واري ۽ بنا هٿيارن جي مليشيا رستن تي گشت ڪرڻ شروع ڪيو هجي. ان هوندي بہ ڪيتريون ئي شيون انمول ۽ بي جوڙ هيون.

جهڙوڪ: پيٽر اعظم جي جدول، جيڪا هن زوري روس ۾ لاڳو ڪئي هئي، اڃا سوڏي مڪمل طور تي رائج هئي. اسڪولي ٻارڙن کان وٺي مٿي تائين، هر شخص پنهنجي مقرر وردي پائيندو هو جن جي بٽڻ ۽ ڪلهن تي شهنشاهہ جو نشان ٺهيل هو. ٽپهري جو پنجين بجي ڏاري رستن تي وردي پاتل پوڙهن جو ڏنبلو موجود هوندو هو جيڪي باريڪن جيان، وزارتن يا سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ گهر ويندي پنهنجي ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ آفيسرن جي مرڻ جو تناسب ڪيترو هئڻ گهرجي، جيئن سندن ترقيءَ جون راهون ڪلن ۽ هو 'پريوي ڪائونسلرز' جي سڀني عهدي تي پهچي، سندن آرام واري زندگي، وظيفي يا شايد 'سينٽ اين ڪراس' حاصل ڪرڻ سان گڏ پينشن تي وڃڻ جو امڪان پيدا ٿئي.

سينٽر سڪولوف جو واقعو تہ مشهور آهي، جڏهن هو انقلاب جي جوبن وارن ڏينهن دوران هڪ ڏينهن سينٽ جي گڏجاٽيءَ ۾ عام شهري لباس ۾ آيو تہ ڪيس اندر گهڻن جي موڪل نہ ڏني ويئي، چاڪاڻ تہ ڪيس زارجي خدمت جي مقرر ڪيل وردي پاتل نہ هئي.

اهو هو هڪ سڄي قوم ۾ پيدا ٿيندڙ اُپار ۽ انتشار جو پس منظر، جنهن ۾ بغاوت جي لاءِ اُتي ڪڙو ٿيندڙ روسي عوام جو ميڙ اڳيان وڌڻ شروع ٿيو.

*

طوفان جا آثار

سيپٽمبر ۾ جنرل ڪورنيلوف پاڻ کي روس جو ڊڪٽيٽر بنائڻ جي لاءِ پيٽروگراڊ تي حملو ڪيو. ان جي پويان اوچتو بورزوازيءَ جي آهني مُڪ ظاهر ٿي. جيڪا وڏي دليريءَ سان انقلاب کي کچلڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڪن سوشلسٽ وزيرن تي به آگريون کڄڻ لڳيون. ايتريقدر جو ڪيرنسڪيءَ کي به شڪ جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. ساوينڪوف کي پنهنجي پارٽي سوشلسٽ انقلابين جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سامهون اچي وضاحت ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو. پر هن انڪار ڪيو ته ڪيس پارٽيءَ مان ڪڍيو ويو. ڪورنيلوف کي سپاهين جي ڪميٽين گرفتار ڪري ورتو. جنرلن کي هٽايو ويو. وزيرن کي سندن ڪم کان روڪيو ويو ۽ وزارت ٺٽي پيئي.

ڪيرنسڪيءَ، بورزوازي پارٽي يعني ڪاديت کي گڏي نئين حڪومت ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سندس پارٽيءَ سوشلسٽ انقلابين ڪيس حڪم ڏنو ته ڪاديتن کي ٻاهر رکي. پر ڪيرنسڪيءَ اهو مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو دڙڪو ڏنو ته جيڪڏهن سوشلسٽ اجايو زور پريندا ته هو (ڪيرنسڪي) ڪابينا مان استعفيٰ ڏيئي ڇڏيندو. پر عوامي جذبن جو ايڏو ته اُپارهو جو وقتي طور تي ڪيرنسڪيءَ کي ان جي مخالفت ڪرڻ جي همت نه ٿي ۽ ڪيرنسڪيءَ جي سربراهيءَ ۾ پنجن پراڻن وزيرن جي عارضي ڊئريڪٽريٽ اقتدار سنيالي ورتو. ايئن وقتي طور تي اهو مسئلو حل ٿي ويو.

ڪورنيلوف جي واقعي سڀني سوشلسٽ جماعتن. ۽ اعتدال پسند انقلابين. کي خود حفاظتيءَ جي پرجوش جذبي تحت هڪ ٻئي جي ٻنهه ويجهو ڪري ڇڏيو. کين ڪورنيلوف جهڙن ٻين مهم جوئن جي گهرج نه

هئي، هنن جي نظر ۾ هڪ نئين حڪومت قائم ٿيڻ گهربي هئي، جيڪا انقلاب جي حمايت ڪندڙ عنصرن جي سامهون جوابدار هجي. تنهنڪري 'تسي اي ڪا' عوامي تنظيمن کي دعوت ڏني ته هو سيپٽمبر ۾ هڪ ڊيموڪريٽڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ پنهنجا نمائندا موڪلين.

'تسي اي ڪا' ۾ ٽن راين جنم ورتو. بالشويڪن گهڻ ڪئي ته فوري طور تي سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس گهرائي وڃي ۽ سوويتيون اقتدار پنهنجي هٿن ۾ کڻي وٺن. وچٽري سوچ رکندڙ سوشلسٽ انقلابي چيرنوف جي اڳواڻيءَ ۾ اها گهر ڪرڻ ۾ سوشلسٽ انقلابين سان گڏ هئا ته حڪومت نج سوشلسٽ هجي. جن جا اڳواڻ ڪامڪوف ۽ اسپريدو نووا هئا. مارتوف جي ماتحتيءَ ۾ منشويڪ. بين الاقواميت پسندن ۽ وچين منشويڪن سان ملي ويا. جن جي نمائندگي بگدانوف ۽ اسڪوبليف ڪندا هئا. ساڃي ڌر جي منشويڪن جو سربراهه تيسريتيلي، دان، اورلبير ۽ ڪاپي ڌر جا سوشلسٽ انقلابي، جن جي اڳواڻي اوڪنسيئف اوگوتسن وٺ هئي. ان ڳالهه تي زور پريو ٿي ته نئين حڪومت ۾ مٿين طبقن جي نمائندگي به ضرور هئڻ گهرجي.

ان صورتحال ۾ بالشويڪن پيٽروگراد ۾ اڪثريت حاصل ڪري ورتي ۽ ٻين شهرن ماسڪو ڪٽيف ۽ اوڊيسا ۾ ايئن ئي ٿيو ان ڳالهه کان پريشان ٿي، منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين، جن کي 'تسي اي ڪا' تي ڪنٽرول حاصل هو. اهو فيصلو ڪيو ته هو لينن جي خطري جي پيٽ ۾ ڪورنيلوف جي خطري کان بهرحال گهٽ ڏڃن ٿا. هنن ڊيموڪريٽڪ ڪانفرنس ۾ نمائندگي جي رٽ تي نظرثاني ڪئي ۽ ڪوآپريٽو سوسائيٽن ۽ پراڻ پسند ادارن جا وڌيڪ نمائندا شامل ڪري ورتا. هن خاص طور تي ترتيب ڏنل ميڙ ۾ شروع ۾ ڪاديٽن ڪانسواءِ انقلابي حڪومت جي حق ۾ ووٽ ڏنو. ڪيرنسڪيءَ جي استعفيٰ جي ڪليل ڏمڪيءَ ۽ اعتدال پسند سوشلسٽن جي پريشاني ۽ تشويش ۽ هاءِ گهوڙا ته "جمهوريت خطري ۾ آهي." ڪانفرنس کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ويو ته اها ٿوري اڪثريت سان بورزوازي سان اتحاد جي اصول جي حق ۾ اعلان ڪري ۽ هڪ قسم جي مشاورتي پارليامينٽ جي قيام جي موڪل ڏيئي ڇڏي. جنهن کي قانون سازيءَ جا اختيار حاصل نه هجن ۽ جنهن کي "روسي جمهوريه جي عارضي

ڪائونسل" چيو ويڃي، نئين وزارت ۾ مٿين طبقن کي عملي طور تي ڪنٽرول حاصل هو ۽ روسي جمهوريہ جي ڪائونسل ۾ ڪين تناسب کان وڌيڪ نشستون حاصل هيون.

حقيقت اها آهي تہ "تسي اي ڪا" هاڻ سوويتن جي عام ميمبرن جي نمائنده نہ رهي هئي ۽ هن هڪ ٻي سوويتن جي "ڪل روس ڪانگريس" گهرائڻ کان غيرقانوني طور تي انڪار ڪري ڇڏيو جيڪا سيپٽمبر ۾ ٿيڻ گهرجي ها. اها ڪانگريس گهرائڻ يا ان کي گهرائڻ جي موڪل ڏيڻ جو اُن جو ڪو بہ ارادو نہ هو. ان جي سرڪاري اخبار 'ازوستيا' (خبرون) اهو اشارو ڪرڻ شروع ڪيو تہ سوويتن جي هاڻ اها گهربل اهميت نہ رهي آهي ۽ هاڻ سندن ڪو ڪم بہ نہ بچيو آهي ۽ شايد انهن کي جلد ٽوڙيو وڃي. ان وقت نئين حڪومت پنهنجي پاسي جي هڪ حصي طور "غير ذميدار تنظيمن" يعني سوويتن کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

ان جي جواب ۾ بالشويڪن، ڪُل روس سوويتن کي گهرايو تہ جيئن هو 2 نومبر تي (20 آڪٽوبر) تي پيٽروگراد ۾ پنهنجو اجلاس ڪن ۽ روس جي حڪومت پنهنجن هٿن ۾ ڪٽن اُن سان گڏ ئي هنن روسي جمهوريہ جي ڪائونسل مان ٻاهر نڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ۽ اهو بيان ڏنو تہ هو "عوام سان غداريءَ جي حڪومت" ۾ شرڪت نہ ڪندا.

پر بالشويڪن جي نڪري وڃڻ ڪانپوءِ بہ بد بخت ڪائونسل کي سڪون نہ مليو. مٿيان طبقا هاڻ اقتدار جي حيثيت ۾ پهچي وڌيڪ دليرِ ٿي ويا هئا. ڪاديٽن اعلان ڪيو تہ حڪومت کي ڪوبہ حق نٿو پهچي تہ اها روس جي جمهوريہ هئڻ جو اعلان ڪري، هنن فوج ۽ بحريہ ۾ سپاهين جي ۽ جهازين جي ڪميٽين کي ختم ڪرڻ جي لاءِ سخت قدم کڻڻ جي گهر ڪئي ۽ ڪُلم ڪُلا سوويتن جي مذمت ڪئي. ايوان جي ٻي سري تي، منشويڪ بين الاقوامي پسند ۽ ڪاپي ڏر جا سوشلسٽ بنا ڪنهن دير جي ناهہ، زمين هارين ۽ ورهائڻ ۽ صنعتن تي مزدورن جي ڪنٽرول يعني عملي طور تي بالشويڪ پروگرام جي گهر ڪري رهيا هئا.

مون، ڪاديٽن جي جواب ۾ مارتوف جي تقرير ٻُڌي ٽريبون جي ڏيسڪ تي هو ڪنهن خطرناڪ مرض ۾ مبتلا شخص وانگر لڳي رهيو هو

۾ جيڪو هو بہ- هو ايتري نہ جهيڻي آواز ۾ تقرير ڪري رهيو هو جو مُشڪل سان اِها ٻُڌڻ ۾ پي آئي. هن ڪاپي پاسي جي بئنچن ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي چيو:

"اوهين اسان کي هارايل تا چئو پر هارايل اُهي آهن، جيڪي ناهہ ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن مناسب وقت جي اوسيئڙي ۾ آهن. ايستائين جو روسي فوج وٽ باقي ڪجهہ بہ نہ بچي. ايستائين جو روس مختلف سامرا جي گروهن جي وچ ۾ سوديبازي جو موضوع بنجي وڃي. اوهين روسي ماڻهن تي اهڙي پاليسي لاڳو ڪري رهيا آهيو جيڪا بورزوازين جي مفاد ۾ جوڙي ويئي آهي، صلح جو سوال بنا ڪنهن دير جي ڪٽڻ گهرجي، تڏهن ئي اوهان ڏسندا تہ انهن ماڻهن جو ڪم بيڪار ڪونہ هو جن کي اوهين جرمنيءَ جو ايجنٽ ٿا چئو. انهن زيمروالڊين[1] جو ڪم بيڪار نہ هو جن سيني ملڪن ۾ جمهوريت پسند عوام جي ضميرن کي سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيو."

انهن ٻن گروهن جي وچ ۾ منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي، ٻُڌتر جو شڪار هئا ۽ عوام جي وڏندڙ بي اطميناني جو دٻاءَ کين ڪاپي ڏر طرف ڌڪي رهيو هو.

شديد دشمنيءَ ايوان کي ٻن اهڙن گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو جن جي وچ ۾ ناهہ ٽيٽون ئي ڪونہ هو.

هيءَ هئي اها صورتحال، جنهن ۾ پيرس ۾ ٽيندڙ 'اتحادي ڪانفرنس' جي اعلان، جنهن جو ڪافي وقت کان انتظار هو، پرڏيهي پاليسيءَ جي فوري حل جو سوال اُٽاري ڇڏيو.

اصولي طور تي روس جون هڙئي سوشلسٽ پارٽيون جمهوري شرطن تي جلد کان جلد ناهہ جي حق ۾ هيون. مئي- اپريل، 1917ع ۾ ئي پيٽروگراڊ سوويت، جيڪا ان وقت منشويڪن ۽ سوشلسٽن جي ڪنٽرول ۾ هئي، مشهور روسي شرطن جو اعلان ڪيو هو جنهن گهر ڪئي تہ جنگ جي مقصدن تي بحث ڪرڻ جي لاءِ اتحادي هڪ ڪانفرنس گهرائين. اها ڪانفرنس آگسٽ ۾ ڪونائڻ جو وعدو ڪيو ويو هو پوءِ اها سيپٽمبر، پوءِ

---

[1] يورپ جي سوشلسٽن جي انقلابي بين الاقواميت پسند ڏر جا ميمبر، مٿن اهو نالو 1915ع ۾ زيمر والڊ، سوئٽزرلينڊ ۾ ٽيل بين الاقوامامي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي ڪري پيو.

آڪٽوبر تائين ملتوي ڪئي ويئي ۽ هاڻ اها 10 نومبر (28 آڪٽوبر) تي ٿيڻي هئي.[1]

عارضي حڪومت ۾ نمائندا تجويز ڪيا. رجعت پرست فوجي شخصيت جنرل اليڪسيئف ۽ پرڏيهي وزير تيريشنڪو ۽ سوويتن پنهنجي ترجمانيءَ جي لاءِ اسڪوبليف کي چونڊيو. ۽ هڪ منشور 'نڪاز' (هدايت نامو) مرتب ڪيو. عارضي حڪومت اسڪوبليف ۽ سندس هدايت نامي تي اعتراض واريو. اتحادي سفيرن احتجاج ڪيو ۽ نيٽ (برطانوي حڪومت جي مالیات واري وزير) اينڊريو يونارلا. هائوس آف ڪامنس ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي سرد مهريءَ سان چيو "جيتريقدر مونکي خبر آهي ته پئرس ڪانفرنس جنگ جي مقصدن تي نه پر صرف ان کي هلائڻ جي طريقن تي بحث ڪندي"

اُن تي قدامت پرست روسي اخبارون ڪاڪيون هڙڪ لڳيون ته. "ڏٺوَ! منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين جي سمجهوتي بازيءَ جي طريقي کين ڪٽ پهچائي ڇڏيو آهي."

هڪ هزار ميل ڊگهي محاذ تي روس جي لکين فوجين ۾ سمند جي لهرن جيان هلچل متل هئي. هو هڪٻئي جي پويان وفد گاڏيءَ واري هنڌ موڪلي رهيا هئا ۽ "ـناهـ ـ ناهـ ـ" ڪري رهيا هئا.

آئون درياءَ پار 'سيرڪ موديرن' (نئين سرڪس) ۾ انهن زبردست گڏجاڻين مان هڪ ۾ ويس. جيڪي شهر ۾ روزانو پهرين رات کان به وڌيڪ انگ ۾ ٿي رهيون هُيون. اُداس ۽ هر سهوليت کان وانجهيل اِنهي ٿيٽر ۾ هڪ سنهي تار ۾ پنج ڇهه ننڍيون ننڍيون لالٽينون لڙڪي رهيون هيون. ماڻهو وچ ميدان کان وٺي لاهياريءَ تي ڪُتل بلڪل چٽ تائين بئنچن ۾ سوڙها سنگهڙا ٿيو وينا هئا. انهن تي وينل سپاهي. جهازي. مزدور. عورتون سپ ائين ڪن لايو وينا هئا. جڏ سندن زندگي جو دارومدار ئي اُن تي آهي. هڪ سپاهي تقرير ڪري رهيو هو. سندس واسطو 548 هين ڊويزن سان هو. جيڪا خبر ڪونهي ته ڇا هئي ۽ ڪٿي هئي:

"ساٿيو!" هن زور سان چيو هن جي مايوس ۽ اُداس منهن ۽ مايوس ڪندڙ چرپر ۾ حقيقي ڪرب هو. "مٿي وينل همراهـ اسان کي سدائين وڌ ۾

---

[1] اها ڪانفرنس عارضي حڪومت جي زوال سبب ٿي نه سگهي.

وڏ قرباني ڏيڻ جون اپيلون ڪندا رهن ٿا، جڏهن ته انهن ماڻهن کي ته هٿ به نٿو لاڻو ويجي، جن وٽ سڀ ڪجهه آهي.

"اسين جرمنيءَ سان پيا وڙهون، ڇا اسين جرمن جنرلن کي دعوت ڏيون ته هو اچن ۽ اسان جي فوج ۾ ڪم ڪن؟ ته پوءِ ته اسين سرمائيدارن سان به وڙهون پيا، پر اسين کين پنهنجي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ منٿون به پيا ڪريون.

"سپاهي پُڇي ٿو ته مونکي ڏيکاريو ته آئون ڪهڙي شئي لاءِ پيو وڙهان. قسطنطنيه جي لاءِ يا آزاد روس جي لاءِ؟ جمهوريت جي لاءِ يا سرمائيدار قورن جي لاءِ. جيڪڏهن اوهين اهو ثابت ڪريو ته آئون انقلاب جو بچاءِ ڪري رهيو آهيان ته آئون پاڻ ئي ويجي وڙهندس ۽ مونکي موت جي سزا جو ڊپ ڏيئي وڙهڻ تي مجبور ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي.

"جڏهن زمين هارين جي هوندي ۽ ڪارخانا مزدورن جا هوندا ۽ اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ هوندو ته پوءِ اسين سمجهنداسين ته اسان وٽ سڀ ڪجهه آهي ۽ اسين ان جي لاءِ وڙهنداسين."

بئرڪن ۾ فئڪٽرين ۾ چوڪن تي مقرر ٿيل اڻ ڳڻيا سپاهي جنگ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ گوڙ ڪري رهيا هئا ۽ اعلان ڪري رهيا هئا ته جيڪڏهن حڪومت ناهه ڪرڻ جي سنجيده ڪوشش نه ڪئي ته فوج خندقن کي ڇڏي واپس پنهنجي گهر ڏانهن هلي ويندي.

ڏهين فوج جي ترجمان چيو:

"اسين ڪمزور آهيون. اسان جي ڪمپنيءَ ۾ فقط ٿورا ماڻهو بچيا آهن. اسانکي کاڌي پيتي جون شيون ۽ جوتا ملڻ کپن ۽ نئين ڪمڪ پهچڻ کپي، نه ته خندقون خالي رهجي ويندیون. صلح ڪريو يا رسد پهچايو. حڪومت يا ته جنگ کي ختم ڪري يا وري فوج کي گهربل شيون مهيا ڪري..."

46 هين سائبيريا ئي توپخاني جي ترجمان چيو:

"آفيسر اسان جي ڪميٽين سان گڏجي ڪم نٿا ڪن. هو اسانکي دشمن جي حوالي ڪريو ڇڏين. ۽ اسان جي هڙتال ڪندڙ ڪارڪنن کي موت جون سزائون ڏين ٿا ۽ انقلاب دشمن حڪومت سندن حمايت ٿي ڪري. اسين اهو سمجهندا هئاسين ته انقلاب صلح آڻيندو پر هاڻ

حڪومت اهڙين شين تي ڳالهائڻ کان روڪي ٿي ۽ گڏوگڏ اسان کي ايتري به غذا نه ٿي ڏي ته جيئن جيئرو رهي سگهون، نه ئي وري ايترا هٿيار ٿي ڏي ته جيئن اسين وڙهي سگهون...."

روس مان افواهه اچي رهيا هئا ته روس کي نقصان پهچائي ئي ناهه ڪيو ويندو.

فرانس ۾ روسي فوجن سان جيڪو سلوڪ ڪيو ويو انهن خبرن سان بي چيني ايڏا به وڌي ويئي. پهرين بريگيڊ، جنهن وطن ۾ ساڻين جي نقش قدم تي هلندي، آفيسرن جي جاءِ تي سپاهين جون ڪميٽيون ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سلوينڪا وڃڻ کان نابري واري ۽ گهر ڪئي ته کين واپس روس موڪليو وڃي، تنهن کي گهيرو ڪري بُکن وگهي ماريو ويو ۽ پوءِ مٿن توپخاني سان گولا وسايا ويا، جنهن ۾ ڪيترائي سپاهي مارجي ويا.

26 (13) آڪٽوبر تي آئون مارينسڪي محل جي سنگ مر مر سان ٺهيل قرمزي هال ۾ ويس، جتي جمهوريه جي ڪائونسل ويهندي هئي ته جيئن حڪومت جي پرڏيهي پاليسيءَ جي باري ۾ تيريشنڪو جو اعلان ٻُڌي سگهان، جنهن جو انتظار صلح جي لاءِ تڙپندڙ ٽڪل ٽئل ملڪ سخت بي چينيءَ سان ڪري رهيو هو.

مون ڏٺو ته اتي هڪ قد جو ڊگهو انتهائي نفيس ڪپڙا پاتل نوجوان شخص پنهنجي ٻنهه غير محتاط تقرير پڙهي رهيو هو. جنهن ۾ فقط اهو هو ته جرمن فوجي چڙهائيءَ کي اتحادين جي مدد سان ڪچليو ويندو روس جي رياستي مفاد جي باري ۾ ۽ اسڪوبليف جي هدايت نامي سان پيدا ٿيندڙ بدمزگي ٽيڙ جي باري ۾ اهي ئي پراڻيون ڳالهيون ورجايل هيون. هن پنهنجي تقرير ختم ڪندي چيو:

"روس هڪ عظيم طاقت آهي ۽ روس هڪ عظيم طاقت رهندو پوءِ پلي ڪجهه به ٿي پوي. اسان سيني کي وڙهڻ گهرجي. اسان کي اهو ڏيکارڻ گهرجي ته اسين هڪ عظيم آدرش جا رکوالا ۽ هڪ عظيم طاقت جا سپوت آهيون."

سنڊس ان تقرير مان ڪير به مطمئن نه ٿيو. رجعت پرستن هڪ "مضبوط" سامراجي پاليسي چاهي ٿي. جمهوري پارٽين پڪ ٿي چاهي ته حڪومت صلح جي لاءِ دٻاءُ وجهندي. هيٺ آئون بالشويڪ پيٽروگراد

سوويت جي ترجمان "ربو چي اي سلدات" (مزدور ۽ سپاهي) جو هڪ اداريو نقل ڪريان ٿو جنهن مان صورتحال جو پليءَ پت اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان وقت سوچ ڪهڙي هئي.

خندقن کي حڪومت جي وراٽي:

اسانجي وزيرن مان سيني کان گهٽ ڳالهائيندڙ مسٽر تيريشنڪو دراصل خندقن کي چيو آهي تہ:

- اسين پنهنجي اتحادين سان قريبي طور تي متحد آهيون. "(عوام سان نہ پر رڳو حڪومتن سان)
- انہ ۾ جمهوريت جي لاءِ ڪوبہ فائدو ڪونهي تہ اها سياري جي مُنڊ جي مهم جي ممڪن يا ناممڪن هڻڻ جي باري ۾ بحث ڪري اهو فيصلو اتحادي حڪومتون ڪن.
- پهرين جولاءِ (18 جون) جو حملو فائدي وارو ۽ ڏاڍو خوشگوار معاملو هو. (هن نتيجن جو ذڪر ڪونہ ڪيو.)
- سوچ اها ڪونهي تہ ڪو اتحادين کي اسانجي پرواهہ ڪونهي. مانواري وزير جي قبضي ۾ ڪيترائي اعلان آهن (اعلانن؟ ۽ عملن جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ ۽ ملڪ مان تڙيل انقلاب دشمن جنرل گورڪو سان برطانوي بادشاهہ جي ڳالهہ ٻولهہ؟. مانواري وزير انهن سيني جو ذڪر ئي نہ ڪيو.)
- اسڪوبليف جو هدايت نامو خراب آهي ۽ اهو اتحادين کي نٿو وڻي ۽ روسي سفيرن کي بہ اهو پسند ڪونهي. (اتحادي ڪانفرنس ۾ پاڻ سيني کي هڪ ئي زبان ڳالهائڻ گهرجي)

(۽ هي جيڪو ڪجهہ آهي؟ ان مان نڪرڻ جو رستو ڪهڙو آهي؟ حل اهو آهي تہ اتحادين ۽ تيريشنڪو تي پروسو رکيو وڃي. ناهہ ڪڏهن ٿيندو؟ جڏهن اتحادي اُن جو موڪل ڏيندا).

"اهو آهي ناهہ جي باري ۾ خندقن کي حڪومت جي وراٽي."

هاڻ روسي سياست جي پس منظر ۾ هڪ ٻوائتي طاقت ڪزاڪن جي مبهم خط و خال جي جوڙجڪ ٽيڙ شروع ٿي. گورڪي جي اخبار "نووايا زيزن" (نئين زندگي) انهن سرگرمين ڏانهن ڏيان ڏياريندي لکيو:

"انقلاب جي شروع ۾ ڪزاڪن عوام تي گولي هلائڻ کان نابري واري جڏهن ڪورنيلوف پيٽروگراد تي چڙهائي ڪئي ته هنن حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو. انقلاب سان پنهنجي وفاداريءَ کي پنڌتي ڇڏي هاڻ ڪزاڪن (ان جي خلاف) فعال سياسي حملو شروع ڪري ڏنو آهي. هو اوچتو انقلاب جي پسمنظر مان نڪري اسٽيج جي پهرين حصي تي اچي ويا آهن."

عارضي حڪومت 'دون' جي ڪزاڪن جي اڳواڻ 'ڪاليدن' کي 'ڪورنيلوف' جي معاملي ۾ ملوث ٿيڻ تي هٽائي ڇڏيو هو. هن استعفيٰ ڏيڻ کان انڪار ڪندي، تن زبردست ڪزاڪ فوجن کي گڏ ڪري 'نووا چير ڪاسڪ' ۾ خيما کوڙي ويهي رهيو هو. هن جون سازشون جاري هيون ۽ هو هڪ خطرو بڻيل هو. هن جي طاقت ايتري ته گهٽي هئي، جو حڪومت به سندس حڪم عدوليءَ کي نظر انداز ڪرڻ تي مجبور ٿي پيئي. پر اُن کان به وڌيڪ اهو ته اُها ڪزاڪ فوجن جي يونين جي ڪائونسل کي مڃڻ ۽ سوويتن جي نئين ٺهيل ڪزاڪ شعبي جي غيرقانوني هئڻ جو اعلان ڪرڻ تي مجبور ٿي پيئي.

آڪٽوبر جي پهرينءَ اڌ ۾ هڪ ڪزاڪ وفد ڪيرنسڪيءَ سان مليو ۽ هن ديده دليريءَ سان زور ڀريو ته ڪاليدن جي خلاف جيڪي الزام آهن، سي واپس ورتا وڃن ۽ ڪيس چنڊ ڀٽي ۽ هن سندن ڳالهه مڃي ورتي، ڪيرنسڪي، ڪاليدن کي سندس حال تي ڇڏڻ تي راضي ٿي ويو ۽ پوءِ چيو وڃي ٿو ته هن چيو هو ته. "سوويت اڳواڻن جي نظر ۾ آئون ظالم ۽ آمر آهيان. جيتري قدر عارضي حڪومت جو واسطو آهي ته ان جو مدار سوويتن تي ڪونهي. پر اُن ڳالهه کي به افسوس جوڳو ٿي سمجهي ته انهن جو وجود به آهي. ان زماني ۾ هڪ ڪزاڪ وفد برطانوي سفير سان مليو ۽ ان سان "آزاد ڪزاڪ عوام" جي نمائندن جي حيثيت سان بي باڪيءَ سان پيش آيو.

"دون" ۾ بلڪل ڪزاڪ جمهوريه جهڙي ڪا شئي قائم ٿي ويئي، ڪوبان پنهنجي هڪ خودمختيار ڪزاڪ رياست هئڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. 'روستوف برڪناردون' ۽ 'يڪاترينا سلاف' جي سوويتن کي هٿيار بند ڪزاڪن منتشر ڪري ڇڏيو ۽ خارڪوف ۾ ڪوئلي جي کاڻين جي ڪارڪنن جي يونين جي آفيس تي حملو ڪيو. ڪزاڪ تحريڪ پنهنجي سيني ظاهري آثارن جي لحاظ کان سوشلسٽ دشمن ۽ هٿياربند

تحريڪ هئي. ان جا اڳواڻ ڪالیدن، ڪورنيلوف، جنرل دوتوف، ڪرائولوف ۽ باردیزي وڏا امير ۽ جاگيردار هئا. ڪين ماسڪو جي سگهارن واپارين ۽ بئنڪن جي مالڪن جي پٺيرائي حاصل هئي.

پراڻو روس تيزيءَ سان ڌهي رهيو هو. يوڪرين، فنلينڊ، پولينڊ، بائيلو روس ۽ قومپرست تحريڪون زور ونڊيون ۽ وڌيڪ چٽيون ٿيندیون پي ويون. مقامي حڪومتن، جن تي مٿينءَ طبقي جو ڪنٽرول هو، خود اختياريءَ جي دعويٰ ڪئي ۽ پيٽروگراڊ جي حڪم ماڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هيلسنگ فورس ۽ فنلينڊ، عارضي حڪومت کي قرض ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. فنلينڊ خود اختياريءَ جو اعلان ڪري، روسي فوج کي واپس گهرائڻ جي گهر ڪئي. ڪيئف ۽ بورزوازين، يوڪرين جي سرحدن کي ايترو ته وڌائي ڇڏيو، جو اُن ۾ اوپر ۽ ڪوهستان اورال تائين، ڏکڻ روس جا سڀئي زرخيز علاقا شامل ٿي ويا ۽ هنن هڪ قومي فوج جي جوڙجڪ شروع ڪري ڏني. وزيراعظم وينيچنڪو جرمنيءَ سان هڪ ڏار ناهه طرف اشارو ڪيو ۽ عارضي حڪومت ڪجهه ٻه ڪري نه سگهي. سائيبريا ۽ قفقاز ڏار آئين ساز اسيمبلين جي گهر ڪئي ۽ اُن سڄي علاقي ۾ عملدارن جي ۽ مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي مقامي سوويتن جي وچ ۾ سخت جدوجهد جي شروعات ٿي چڪي هئي.

حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندیون پي ويون. لکين سپاهي محاذ ڇڏي ڀڄي رهيا هئا. ۽ سڄي ملڪ ۾ بنا ڪنهن مقصد جي ڀڪڙبا پي ويا. تامبوف ۽ تويو پرڳڻن جي هارين زمين جي لاءِ انتظام ڪندي ٽڪجي ۽ حڪومت جي سخت قدمن مان بيزار ٿي زميندارن جي حويلين کي ساڙڻ ۽ زميندارن کي قتل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. زبردست هڙتال ۽ تالابندين ماسڪو اوديسا ۽ دون جي ڪوئلي جي کاڻين کي مفلوج ڪري ڇڏيو. چرپر ۽ اڇ وچ ختم ٿي چڪي هئي. فوج ٻُڪن ۾ پاهه پي ٿي ۽ وڏن شهرن ۾ ڪپهه اڻ لڀ ٿي چڪي هئي.

حڪومت، جمهوري ۽ رجعت پرست گروهن ۾ ورهايل هئي ۽ ڪجهه ٻه نه پي ڪري سگهي. اها جڏهن ٻه عمل ڪرڻ ٿي مجبور ٿيندي هئي ته سدائين مٿين طبقن جي مفادن جي حمايت ڪندي هئي. هارين ۾ نظم و ضبط قائم ڪرڻ جي لاءِ ۽ هڙتالون توڙڻ جي لاءِ ڪزاڪ موڪليا ويندا هئا.

تاشقند ۾ حڪومتي عهديدارن 'سوويت' کي چٽي چڏيو. پيٽروگراد ۾ ملڪ جي تباهه ٿيل زندگيءَ کي بحال ڪرڻ جي لاءِ قائم ڪيل معاشي ڪائونسل، جيڪا موڙي ۽ محنت جي مخالفتن جي وچ ۾ بيڪار بنجي ويئي هئي، ڪيرنسڪيءَ ان کي ٽوڙي چڏيو. پراڻي حڪمراني جي فوجي آفيسرن کادیتن جي حمايت سان گهر ڪئي ته فوج ۽ بحريه ۾ ڊسيپلين بحال ڪرڻ جي لاءِ سخت قدم کنيا وڃن. جهاز راني جي بزرگ وزير 'ايڊمرل ويريفسڪي' ۽ جنگ واري وزير 'ويرخوفسڪي' ان ڳالهه تي زور پريو ته هڪ نئين، رضاڪاراڻي ۽ جمهوري ڊسپيلين ئي فوج ۽ بحريه کي بچائي سگهي ٿو جنهن جو بنياد سپاهين ۽ جهازين جي ڪميٽين سان آفيسرن جي سهڪار تي هجي. پر سندس سفارش کي نظرانداز ڪيو ويو.

رجعت پرست عوامي ڪاوڙ کي اُپارڻ تي سندرو ڀڏيو ٻيئا هئا. ڪورنيلوف جو ڪيس شروع ٿيڻ وارو هو ۽ بورزوا پريس ڏينهون ڏينهن ڪُلي عام سندس حمايت ڪري رهي هئي ۽ ان جو ذڪر "عظيم روسي محب وطن" جي حيثيت سان ڪندي هئي. بورتيسف جي اخبار 'اويشئي' ديلا (گڏيل مقصد)ڪورنيلوف، ڪاليدن ۽ ڪيرنسڪي جي ڊڪٽيٽرشپ جي گهر ڪئي.

هڪ ڏينهن مون "جمهوريه" جي "پريس گئلري" ۾ بورتيسف سان ڳالهايو. هو ڄُمڪيل ڪلهن ۽ ننڍي قد وارو انسان هو. سندس چهرو گهنجن سان پريل ۽ تمام گهڻين ڪمزور اکين تي ٽلهن شيشن واري عينڪ لڳل هئي، هن جا وار منجهيل ۽ ڏاڙهي چڊڻي هئي.

"نوجوان منهنجي ڳالهه پنهنجي ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏ.! روس کي هاڻ هڪ مضبوط شخص جي ضرورت آهي. اسانکي پنهنجو ڏيان انقلاب تان هٽائي جرمنن تي ڏيڻ گهرجي. ڏاندلي بازن ڪورنيلوف کي شڪست ڏيئي چڏي ۽ انهن ڏاندلي بازن جي پٺيرائي جرمن ايجنٽ ڪري رهيا آهن. ڪورنيلوف کي جيتڻ گهرجي ها...."

ساڃي پاسي، صفا ڪنڊ تي، نالي ماتر لڪيل چپيل بادشاهه پرستن جون ترجمان اخبارون پوريشڪيوچ جو "نرودني تربيون" (عوام جو تربيون) نووايا روس (نئون روس) ۽ 'زيو وي سلوا' (جاندار لفظ) وڏي واڪي انقلابي جمهوريت کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي وڪالت ڪري رهيون هيون.

23 (10) آڪٽوبر تي 'خليج ريگا' ۾ هڪ جرمن ٻيڙي سان لڙائي ٿي، جنهن کي ٻهانو بنائي. اهو چئي ته 'پيٽروگراد خطري ۾ آهي'. عارضي حڪومت گاڏي جو هنڌ منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سڀ کان پهرين هٿيار ناهيندڙ ڪارخانن کي اتان وڃڻون هو ۽ انهن کي وڏي پئماني تي سڄي روس ۾ پکيڙي ڇڏڻون هو ۽ پوءِ خود گاڏي جي هنڌ کي ماسڪو منتقل ٿيڻون هو. ان فيصلي تي هڪدم بالشويڪن گوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ته حڪومت انقلاب کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ 'سرخ گاڏي جي هنڌ' کي ڇڏي رهي آهي. 'ريگا' کي جرمنن کي وڪرو ڪيو ويو آهي ۽ هاڻ پيٽروگراد سان دغا ڪئي پيئي وڃي.

بورزوا پريس ڏاڍي خوش هئي. ڪاديت اخبار "ريچ" (تقرير) لکيو ته "ماسڪو ۾ حڪومت پنهنجو ڪاروهنوار هڪ پُرسڪون فضا ۾ نراجيت پسندن جي مداخلت کانسواءِ سرانجام ڏيئي سگهي ٿي". ڪاديت پارٽي جي ساڃي ڏر جي اڳواڻ رودزيانڪو اخبار 'اوترا روسيئي' (صبح روس) ۾ اعلان ڪيو ته 'پيٽروگراد تي جرمنن جو قبضو هڪ برڪت هوندي. ڇاڪاڻ ته هو سوويتن کي تباهه ڪري انقلابي بالٽڪ ٻيڙي کان ڇوٽڪارو ڏيارينداء'

هن لکيو:

"پيٽروگراد خطري ۾ آهي. آئون پاڻ چوان ٿو ته "خدا پيٽروگراد تي رحم ڪري" کين ڊپ آهي ته جيڪڏهن پيٽروگراد هٿن مان ويو ته مرڪزي انقلابي تنظيمون تباهه ٿي ويندیون." ان جو جواب آئون اهو ڏيندس ته جيڪڏهن اهي سڀ تنظيمون تباهه ٿين ٿيون ته آئون خوش آهيان. ڇاڪاڻ ته اهي روس تي تباهي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آڻيندیون. پيٽروگراد تي قبضي سان گڏ ئي بالٽڪ ٻيڙو به تباهه ٿي ويندو. پر ان ۾ افسوس ڪرڻ جي ڪا ڳالهه ڪونهي. ڇاڪاڻ ته گهٽا تٽا جنگي جهاز مڪمل طور تي پنهنجو حوصلو وڃائي چڪا آهن".

عوام جي نا پسنديدگيءَ کان مجبور ٿي، گاديءَ جي هنڌ جي منتقليءَ جي رٽا کي ختم ڪيو ويو.

ان دوران روس تي سوويتن جي ڪانگريس هڪ گڏنڊڙ ڪڪر جيان ڇانيل رهي، جنهن مان هڙ هڙ وڄ جا چمڪاٽ پي پيا. ان ڪانگريس جي مخالفت رڳو حڪومت ئي نہ پر سيئي "اعتدال پسند" سوشلسٽ بہ ڪري رهيا هئا. ڪانگريس کي روڪڻ جي لاءِ فوج ۽ بحريہ جي مرڪزي ڪميٽين، ڪن ٽريڊ يونينن جي مرڪزي ڪميٽين، هارين جي سوويتن، پر سيني کان وڌي چڙهي خود "تسي اي ڪا" بہ پنهنجي پَر ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئي. اخبارن 'وستيا' (خبرون) ۽ 'گولس سلداتا' (سپاهي جو آواز) جن جو بنياد پيٽروگراڊ سوويت رکيو هو ۽ هاڻ اهي 'تسي اي ڪا' جي هٿ ۾ هُيون. سوشلسٽ انقلابي اخبارن "ديلا نرودا" (عوام جو مقصد)۽ 'ودليا نرودا' (عوام جي مرضي) مڪمل توپخاني جيان، اُن تي سخت حملا ڪيا.

ملڪ ۾ مختلف هنڌن ڏانهن ڊيلي گيٽ موڪليا ويا. مقامي سوويتن جي نگران ڪميٽين کي تار جي ذريعي پيغام موڪليا ويا، جن ۾ کين هدايت ڪئي ويئي تہ هو ڪانگريس جي لاءِ چونڊ کي روڪين. ڪانگريس جي خلاف قراردادون پاس ڪيون ويون ۽ مخالفت جو هڪ طوفان برپا ڪيو ويو. مارچ جي روسي انقلاب جي قائم ڪيل سڄي مشنري، ڪانگريس جو تدارڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪم ڪري رهي هئي.

بي پاسي پرولتاريہ يعني مزدور عام سپاهي ۽ غريب هاري هئا. ڪيتريون ئي مقامي سوويتون بالشويڪ بنجي چڪيون هيون، تنهن ڪانسواءِ صنعتي مزدورن جون تنظيمون، فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽيون ۽ بغاوت لاءِ تيار ويٺل فوج ۽ بحريہ جون تنظيمون هيون. ڪن هنڌن تي جڏهن عوام کي باقاعده ڊيلي گيٽن جي چونڊ ڪرڻ کان روڪيو ويو تہ هنن بي قاعده گڏجاڻيون ڪري پيٽروگراڊ موڪلڻ جي لاءِ پاڻ مان هڪ نمائندي جي چونڊ ڪئي. ٻين هنڌن تي پراڻين رڪاوٽون وجهندڙ ڪميٽين کي ٽوڙي، نيون ڪميٽين کي جوڙيو ويو. زمين جي اندران ئي اندران بغاوت جو مادو پڪي راس تي ڏڙٽيون ڪري ٻاهر نڪرڻ لڳو. هيٺرن مهينن کان ڊيل انقلابي ٻاهہ پيڙ بنجڻ لڳي. هاڻ فقط هڪ پاڻمرادو تحريڪ ئي سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس ڪرائي پي سگهي.

بالشويڪ مقرر روزانو بارڪن ۽ ڪارخانن جا چڪر هڻندا هئا ۽ ان گهرو ويڙهہ واري حڪومت جي وڌي واکي مذمت ڪندا هئا. هڪ آچر

جي ڏيهاڙي اسين هڪ ڪچاڪچ پريل ٽرام تي چڙهي گپ جي سمنڊ مان ڪارخانن ۾ زبردست ديولن جي وچ مان لنگهندا، هڪ سرڪاري هٿيار ناهيندڙ ڪارخاني پُڳاسين. جيڪو شلمسيلبرگ پراسپيڪٽ ۾ هو.

گڏجاڻي سرن سان ڏهيل اڻ پوري عمارت جي پٽين جي وچ ۾ ٿي. ڏهه هزار ڪارا ڪپڙا پاتل مرد ۽ عورتون هڪٻئي جي مٿان چڙهڻ سٽيا پيا هئا. ڪاٺ ۽ سرن جي ڍڪن تي ماڻهن جو هجوم هو ۽ اهي ڪارن گاڏرن تي به ويٺل نظر پي آيا. هنن جي مهاندن تي اٽل رادن جون ريڪائون هيون ۽ هنن جي آوازن ۾ گوڙ هو. مٿيءَ هاٿن ڪڪرن سان ڍڪيل آسمان مان ڪنهن مهل سج به ليئا پائڻ ٿي لڳو ۽ درين جي جهرو ڪن مان، ساڏن سوڏن ڇهرن تي اُس جي لهر ڊوڙي ٿي ويئي، جيڪي اسان ڏانهن متوجه هئا.

شاگرد جهڙي ڊيل ڊول ۽ ڪنهن حساس فنڪار جهڙي ڇهري وارو 'لونا چارسڪي' ٻڌائي رهيو هو ته ڇا جي ڪري سوويتن کي اقتدار پنهنجن هٿن ۾ ونڻ گهرجي، ۽ي ڪاب اهڙي شئي ڪونهي، جيڪا انقلاب دشمن جي خلاف ان ڳالهه کانسواءِ بنجي سگهي، جيڪي ڇاٽي ٻُجهي ملڪ کي تباهه ڪري رهيا آهن، فوج کي تباهه ڪري رهيا آهن ۽ هڪ نئين 'ڪورنيلوف' جي جنم لاءِ موقعا پيدا ڪري رهيا آهن.

رومانيا جي محاذ تان آيل هڪ سنهڙي سيپڪڙي، ڏکويل صورت واري ڪاوڙيل سپاهيءَ رڙ ڪري چيو "اسين محاذ تي ٻُکن ۾ پاهه ٿي رهيا آهيون، اسين سيءَ سبب سُڪي ڪاٺ ٿيندا پيا وڃون. اسين هرو ڀرو مري رهيا آهيون. آئون آمريڪي ساٿين کي چوان ٿو ته هو اها خبر آمريڪا پهچائين ته روسي مرڻ مري ويندا، پر پنهنجي انقلاب مان ڪڍهن به هٽ نه ڪيندا. پر اسين سڀ پنهنجي طاقت سان جميا ٻينا هونداسين، ايستائين جو سڄي دنيا جو عوام اُٿي ڪڙو ٿيندو ۽ اسانجي مدد ڪندو. آمريڪي مزدورن کي چَئو ته هو اُٿي ڪڙا ٿين ۽ سماجي انقلاب جي لاءِ جنگ ڪن".

ان ڪانپوءِ بندري قد وارو ۽ هوريان هوريان اٽڪي اٽڪي ڳالهائڻ وارو غير مصلحت پسند پترونسڪي آيو. هن چيو:

"هاڻ زباني ڳالهين جو وقت ڪونهي، جيتوڻيڪ معاشي حالتون خراب آهن. پر پاڻ کي انهن جي جو عادي ٿيڻ گهرجي، هو اسانکي ٻُکن وگهي ماري ۽ سيءَ ۾ ڌڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هو اسانکي

چيڑائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر کين ٻڌايو ته هو حد کان وڌي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن هنن پرولتاريہ جي تنظيمن تي هٿ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسين کين ڏرتيءَ جو گولي تان گند ڪچري وانگر ٻُهاري ڦٽو ڪنداسين".



اوچتو ئي اوچتو بالشويڪ پريس تمام گهڻي وڏي ويئي. هن پارٽي اخبارن "ربوچي پوت" (مزدورن جو رستو) ۽ 'سلدات' (سپاهي) کانسواءِ هارين جي لاءِ هڪ نئين اخبار "ديزيو ينسڪايا بيدنتا" (ڳوٺن جا صفا غريب ماڻهو) شايع ٿيڻ لڳي ۽ روزانو پنج لک ڪاپيون ڇپجڻ لڳيون ۽ 30 آڪٽوبر (17) تي هڪ ٻي اخبار "ربوچي اي سلدات" (مزدور ۽ سپاهي) جي اشاعت شروع ٿي. جنهن جي ادار تي مضمون ۾ بالشويڪ نقطہ نظر جو تت پيش ڪيو ويو.

"چوٽين سال جي جنگي مهم جو مطلب اهو هوندو ته فوج ۽ ملڪ جو خاتمو. پيٽروگراڊ جي حفاظت لاءِ خطرو آهي. انقلاب جا ويري عوام جي بدبختين تي ڪاڪيون هڻي رهيا آهن. هارين تنگ ٿي بغاوت تي سندرو ٻڌو آهي. زميندار ۽ حڪومتي عهديدار تعزيري مهمون موڪلي کين قتل ڪري رهيا آهن. ڪارخانا ۽ ڪاٽيون بند ٿي رهيون آهن. مزدورن کي بُکن وگهي مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. بورزوا ۽ انهن جا جنرل فوج ۾ ٻيهر انڌو ضابطو لاڳو ڪرڻ چاهين ٿا. بورزوازين جي حمايت سان 'ڪورنيلوف' جا طرفدار آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس کي اعلانيا ٽوڙڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. ڪيرنسڪيءَ جي حڪومت عوام جي خلاف آهي. اها ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏيندي.

اسان جي اخبار نهايت ڏکين حالتن ۾ پنهنجي اشاعت شروع ڪئي آهي. "ربوچي اي سلدات" کي پيٽروگراڊ جي پرولتاريہ ۽ پيٽروگراڊ جي محافظن جو آواز بنجڻون آهي. اسانجي اخبار غريب هارين جي مفادن جي حفاظت ڪندي. عوام کي فقط انقلاب جي تڪميل ئي بچائي سگهي ٿي. ۽ ان مقصد جي لاءِ سڄو اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ هئڻ گهرجي.

اسان جي اخبار هيئين ڳالهين جي وڪالت ڪري ٿي:

• سڃو اقتدار صوبن توڙي گاڏي واري شهر ۾ سوويتن جي هٿن ۾ هٿ گهرجي.

• سيني محاذن تي ۽ سيني قومن جي وچ ۾ ديانتداريءَ وارو ۽ جمهوري ناهه ٽيڙ گهرجي.

• زميندارن جون زمين بنا ڪنهن معاوضي جي ضبط ڪري هارين کي ڏنيون وڃن.

• صنعتي پيداوار تي مزدورن جو ڪنٽرول هجي.

• سڃائي ۽ ايمانداريءَ سان چونڊيل هڪ آئين ساز اسيمبلي قائم ڪئي وڃي."

هتي اُن اخبار مان هڪ پئراگراف نقل ڪرڻ دلچسپي وارو هوندو جيڪا انهن ئي بالشويڪن جي ترجمان هئي، جن کي دنيا ۾ جرمن ايجنٽن جي حيثيت سان مشهور ڪيو ويو هو.

"جرمن قيصر لکين ماڻهن جي رت ۾ ٻُڏل پنهنجي فوج کي پيٽروگراد طرف ڌڪڻ ٿو چاهي. اسانکي جرمن مزدورن، سپاهين ۽ هارين کي سڏ ڏيڻ گهرجي، جيڪي اَسان کان گهٽ امن جا خواهشمند ڪونهن تہ هو هن لعنتي جنگ جي خلاف اُٿي ڪڙا ٽين! اها رت ڪيئن پوري ڪجي؟ اها فقط هڪ انقلابي حڪومت ئي پوري ڪري سگهي ٿي. جيڪا سڀ پڇ روس جي مزدورن ۽ سپاهين جي ترجماني ڪندي ۽ سفيرن جي مٿن کان مٿان سڏو جرمن فوجين کي اپيل ڪندي. جرمن خندقن کي اعلانن سان ڀري ڇڏيندي، جيڪي جرمن زبان ۾ هونداَ. اسان جا هواباز هنن اعلانن کي سڄي جرمنيءَ ۾ پکيڙي ڇڏيندا".

جمهوريہ جي ڪائونسل ۾ ايوان جي بنهي پاسن کان خليج ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي ويئي. ساڃي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين پاران ڪاريلن رڙ ڪندو هو. "شاهوڪار طبقا روس کي اتحادين جي جنگي رٿ ۾ جوڙڻ جي لاءِ رياست جي انقلابي مشنريءَ جو استحصال ڪرڻ چاهين ٿا. انقلابي پارٽيون ان پاليسيءَ جي بلڪل خلاف آهن."-

پوڙهي نڪولائي چائيڪوفسڪيءَ، عوام دوست سوشلسٽن جي نمائندگي ڪندي هارين کي زمينون ڏيڻ جي خلاف تقرير ڪئي ۽ ڪاديٽن جي طرفداري ڪئي.

"اسانکي فوج ۾ فوري ضابطو لاڳو ڪرڻ گھرجي، جنگ شروع ٿيندي ئي آئون لڳاتار زور پريندو پيو اچان ته جنگ جي زماني ۾ سماجي ۽ معاشي سڌارن جون ذميداريون کٽڻ ڏوھ آھي. ۽ اسين ان ڏوھ جا ڏوھي آھيون، پوءِ بہ آئون انھن سڌارن جو دشمن نہ آھيان، چاڪاڻ ته آئون سوشلسٽ آھيان."
(تاڙيون)

ڪاديتن پاران اجيموف اعلان ڪيو ته "فوج کي اھو ٻڌائڻ جي ضرورت ئي ڪونھي ته اھا ڪنھن جي لاءِ پيئي وڙھي، چاڪاڻ ته ھر سپاھيءَ کي سمجھي ڇڏڻ گھرجي ته سندس پھريون فرض دشمن کي روسي سرزمين تان ڏکي ڪڍڻ آھي."

خود ڪيرنسڪيءَ بہ پيرا تقرير ڪئي، ھن قومي اتحاد جي لاءِ پرجوش اپيل ڪئي ۽ ھڪ پيرو ته روئي بہ پيو. اجلاس ڪيس سرد مھريءَ سان ٻڌو ۽ وچ وچ ۾ مٽس جملي بازي بہ ٿيندي رھي.

"تسي اي ڪا" ۽ پيٽروگراڊ سوويت جي مرڪزي آفيس 'اسمولني انسٽيٽيوٽ' ڪيترائي ميل پري "نيوا درياءَ" جي ڪنڌي تي ھئي. آئون اُت ھڪ ٽرام تي چڙھي ويس، جيڪا پٽرن ۽ گپ سان پريل رستن تي ماٺھن سان ڪچا ڪچ پريل ڪنجھندي ڪرکندي ھلندي ھلي، ٽرام لائن جي آخري سري تي "اسمولني" ڪانونٽ جي شانائتي عمارت سرمئي گنبذن سان، ٿوري ميرانجھڙي پر ڏاڍي سھڻي نظر اچي رھي ھئي ۽ ھن سان لڳ "اسمولني انسٽيٽيوٽ" جو وڏن بارڪن جھڙو سامھون وارو حصو جيڪو بہ سئو وال ڊگھو ۽ ته ماڙ مٿاھينءَ تي، پٽر ۾ تراشيل شھنشاھي نشان ايان بہ ھن جي مکيہ دروازي تي بي حياڻي سان جميو پيو ھو.

ھيءَ انسٽي ٽيوٽ پراڻي حڪمرانيءَ ۾ امير جي بارن لاءِ، ھڪ مشھور "ڪانونٽ" اسڪول ھو. جنھن جي سرپرستي خود "زارينا" ڪندي ھئي. ھاڻي اھا مزدورن ۽ سپاھين جي انقلابي تنظيمن جي قبضي ۾ ھئي. عمارت ۾ ھڪ سئو ڪان بہ وڌيڪ ڪمرا ھئا. جن جي دروازن تي لڳل تختيون اڃا بہ ٻُڌائي رھيون ھيون. "ڪلاس روم نمبر 4" يا اُستادن جو بيورو. پر انھن جي مٿان وڏن ۽ ڏنگن ڏڏن اکرن ۾ لکيل پنا چنبڙيل ھئا. جيڪي نئين نظام جي جيالي پٽي جي علامت ٿي لڳا. انھن پرچن تي لکيل ھو. "پيٽروگراڊ سوويت جي مرڪزي ڪميٽي" ۽ "تسي اي ڪا" ۽ پرڏيھي

بيورو. سوشلسٽ سپاهين جي يونين، ڪُل روس ٽريڊ يونينن جي مرڪزي ڪميٽي، فئڪٽري ورڪشاپ ڪميٽيون "مرڪزي فوجي ڪميٽي" ۽ سياسي پارٽين جون مرڪزي آفيسون ۽ سندس سربراهن جا ڪمرا هئا.

ڏگها ڏگها وراندا، جن ۾ بجلي جي روشني به هئي، جلدي جلدي ايندڙ ۽ ويندڙ سپاهين ۽ مزدورن جي پاڇولن سان پريل هئا. ڪجهه اخبارن، اعلانن ۽ هر قسم جي ڇپيل پروپيگنڊهه جي وڏن وڏن بنڊلن جي بار سبب جڙ ڏٻيا پيا هئا. انهن جي ڪرن بوٽن جا آواز ڪاٺ جي فرش تي گهري ۽ لڳاتار گونج پيدا ڪري رهيا هئا. هر هنڌ نوٽس لڳل هئا. "ساٿيو! پنهنجي تندرستيءَ جي خاطر صفائي رکو." هر ماڙ تي ڏاڪڻين جي سري تي ۽ وچ وچ ۾ وڏن ڏاڪن تي وڏيون وڏيون ميزون لڳل هيون، جن تي وکري جي لاءِ مختلف سياسي پارٽين جي پمفليٽن ۽ ڪتابن جا ڍڪ رکيل هئا.

هيٺينءَ ماڙ تي ويڪري ڇت وارو هال ايجا به 'ڊائننگ هال' هو. مون ٻن روبلن جي هڪ ٽڪيٽ خريد ڪئي، جنهن سان آئون ماني ونڊي کائڻ جو حقدار بنجي ويس ۽ ٻين هزارين ماڻهن سان گڏ قطار ۾ بيهي رهيس. جيڪي ماني ورهائيندڙ ڍڪهين ميزن تائين پهچڻ جي اوسيئڙي ۾ هئا، جتي ويهه مرد ۽ عورتون شوروي سان پريل وڏين وڏين ديڳن مان ڏويون پري ٻوٽيون، دال ۽ ڪاري ماني ڏيئي رهيا هئا. ٽين جي هڪ ڪوپ ۾ چانهه جي لاءِ پنج ڪوپڪ ڏيڻا تي پيا. هڪ ٽوڪريءَ مان جهت هٿي چمچو ڪڍڻو تي پيو. ڪاٺ جي ميزن وٽ رکيل ٻئنچون ٻکايل مزدورن سان پريون پيون هيون. جيڪي ماني کائيندا، سازشون ڪندا ۽ رڙيون ڪري هڪ ٻئي سان ڪل مشڪري لايو وينا هئا.

مٽيئن ماڙ تي هڪ ٻيو مانيءَ کائڻ جو ڪمرو هو جيڪو فقط "تسي اي کا" جي لاءِ مخصوص هو. پر اُتي سڀ ويندا هئا. اُتي مکڻ لڳل ماني ۽ ڪيترن ئي گلاسن ۾ چانهه ملي سگهي تي.

ٻي ماڙ تي، ڏاڪڻين حصي ۾ گڏجاڻين جو وڏو هال هو جيڪو انسٽيٽيوٽ جو اڳوڻو بال روم هو. اوچي ڇت واري ان اڇي ڪمري ۾ اُڇن بلوري فانوسن جي روشني هئي، جنهن ۾ بجليءَ جا سوين رنگا رنگي بلب لڳل هئا. ڪمري کي ٽلهن ٽنين جي ٻن قطارن ورائي رکيو هو. هڪ سري تي ڊائس هو جنهن جي ٻنهي سرن تي ڪيترين ئي شاخن واريون روشنيءَ جون

جھالرون هيون ۽ پويان هڪ سونهري فريم هو جنهن مان شهنشاهہ جي شڪل ڪنهن پٽي ڪيڊي ورتي هئي. اتي خاص خاص موقعن تي جَڳ مَڳ ڪندڙ فوجي وردين ۽ مذهبي لباس سجايل هوندا هئا. جيڪي گراند ڊچسين جي سجاوٽ لاءِ ڪم ڏيندا هئا.

هال جي ٻي سري تي ٻاهر ئي سوويتن جي ڪانگريس ڪميٽيءَ جي آفيس هئي. آئون اُتي ٻيهي نون ايندڙ ڊيلي گيٽس کي ڏسندو رهيس. ڏاڙهيءَ وارا ڊگها سپاهي، ڪارا ڪرتا پاتل مزدور ۽ ڪجهہ ڊگهن وارن وارا هاري، نگران چوڪري پليخانوف جنهن "يدنستوه" سان واسطو ٿي رکيو. اهي پهرين ڪانگريس جي ڊيلي گيٽن کان بلڪل مختلف ماڻهو هئا. "ڏس تہ سهي صفا جٽ ۽ جاهل نظر اچي رهيا آهن. ڪارا همراهہ!" اهو سچ هو. روس جون گهرايون متجي ويون هيون ۽ هاڻ اچاڻ تري مٿي آئي هئي. پراٽي "تسي اي ڪا" جي مقرر ڪيل رجسٽر ڪميٽي هر ڊيلي گيٽ کي اهو چئي رد ڪري رهي هئي تہ ڪين غير قانوني طور تي چونڊيو ويو آهي. جنهن جي جواب ۾ بالشويڪ مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر مُرڪي رهيا هئا. هنن چيو. "اُلڪو نہ ڪريو. جڏهن وقت ايندو تہ اسين ان ڳالهہ جو خيال رکنداسين تہ اوهان کي پنهنجون ڪرسيون ملي وڃن."

"ربو جي اي سلدات" لکيو:

"نئين ڪُل روس ڪانگريس جي ڊيلي گيٽس جو ڏيان تنظيمي ڪميٽيءَ جي ڪن ميمبرن جي انهن ڪوششن ڏانهن ڏياريو ٻيو وڃي، جيڪي اها دعويٰ ڪانگريس کي ٽوڙڻ جي لاءِ ڪري رهيا آهن تہ اها ڪانگريس نہ ٽيندي ۽ اهي ڊيلي گيٽس پيٽروگراڊ مان هليا وڃن تہ سڏو. اهڙن ڪوڙن افواهن ڏانهن ڪير بہ ڏيان نہ ڏري. عظيم ڏينهن اچي رهيو آهي."

اها ڳالهہ چئي هئي تہ 2 نومبر (20 آڪٽومبر) تائين ڪورم پورو نہ ٽيندو. تنهنڪري ڪانگريس کي 7 نومبر (25 آڪٽومبر) تائين ملتوي ڪيو ويو. پر هاڻ سڄو ملڪ سُجاڳ ٿي چڪو هو. ۽ منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين اهو محسوس ڪري تہ هو شڪست کائي چڪا آهن. پنهنجو طريقي ڪار بدلائي ڇڏيو ۽ هاڻ هو بوکلائجي صوبائي تنظيمن کي هڪٻئي جي پويان تارون ڪرڻ لڳا تہ جيترا بہ گهٽا ٿي سگهن "اعتدال

پسند" سوشلسٽ ڊيلي گيٽس چونڊيا وڃن. گڏوگڏ هارين جي سوويتن جي مرڪزي ڪميٽيءَ هارين جي هڪ هنگامي ڪانگريس جي لاءِ اپيل جاري ڪئي، جيڪا 13 ڊسمبر (20 نومبر) تي ٿيءِ ان قدم کي رد ڪري، جيڪو سپاهي ءِ مزدور کڻندا.

بالشويڪ چا ڪندا؟ شهر ۾ اهو افواهه پکڙجي ويو ته هڪ "هٿيار بند مظاهرو" ٿيندو يعني مزدور ءِ سپاهي ٻاهر نڪري ايندا. بورزوا ءِ رجعت پسند پريس بغاوت جي اڳ ڪٿي ڪئي ءِ حڪومت تي زور ڀريو ته اها پيٽروگراڊ سوويت کي گرفتار ڪري يا گهٽ ۾ گهٽ ڪانگريس ٿيڻ نه ڏي. "نووايا روس" جهڙين اخبارن ته بالشويڪن جي قتل عام جي وڪالت به ڪئي.

گورڪيءَ جي اخبار "نووايا زيزن" بالشويڪن سان سهمت هئي ته رجعت پرست انقلاب کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن ءِ جيڪڏهن ضرورت پوي ته انهن جي هٿيارن جي طاقت سان مزاحمت ڪرڻ گهرجي. ءِ انقلابي جمهوريت جي سڀني پارٽين کي هڪ متحده محاذ جوڙڻ گهرجي.

"جيستائين جمهوريت پنهنجي خاص قوتن کي منظم نه ڪيو آهي، جيستائين اُن جي اثر جي مزاحمت سگهاري آهي، تيستائين حملي جي لاءِ اڪثي وڌڻ ۾ ڪوبه فائدو ڪونهي. ۽ جيڪڏهن عوام دشمن عنصرن عوامي قوتن جو سهارو ونڻي ٿو ته انقلابي جمهوريت کي اقتدار تي قبضي جي ويڑهه ۾ داخل ٿي وڃڻ گهرجي. ءِ عوام جا سڀ کان گهرا پرت انهن جي حمايت ڪندا."

گورڪيءَ ٻڌايو ته رجعت پسند ءِ سرڪاري، ٻيئي اخبارون بالشويڪن کي تشدد تي اُڀاري رهيون آهن. ۽ بغاوت هڪ نئين ڪورنيلوف جي راهه هموار ڪندي. هن بالشويڪن تي زور ڀريو ته هو افواهن جي تردید ڪن. پوتريسوف منشويڪ اخبار "دين" (ڏينهن) ۾ هڪ چرڪائيندڙ خبر ڇپي، جنهن سان گڏ هڪ نقشو به هو ان جي دعويٰ هئي ته هن مهم جي بالشويڪ رٿا جي راز کي فاش ڪري ڇڏيو آهي.

ائين لڳو جڻ جادوئي قوڪَ جي ذريعي پتيون خبرن مان پرجي ويون. 'اعتدال پسند' ءِ قدامت پرست گروهن ءِ 'تسي اي ڪا' پاران اعلان ءِ

اپيلون، جن ۾ هر مظاهري جي اعلانيا مذمت ۽ مزدورن ۽ سپاهين کي منٽ ميڙ ڪيل هوندي هئي تہ هو هڙتالين جي ڳالهين تي ڏيان نہ ڏيرين.

جهڙوڪ: سوشلسٽ انقلابي پارٽيءَ جي فوجي شعبي پاران چيڀيو تہ:

"هاڻ هڪ پيرو ٻيهر 'وستو پلينسي' جا افواهہ شهر ۾ گشت ڪري رهيا آهن. انهن افواهن جي سرچشمون کهڙو آهي؟ جيڪي هڙتالي بغاوت جو پرچار ڪن ٿا، تن کي کهڙي تنظيم اُن جو حق ڏنو آهي؟ 'تسي اي کا' ۾ بالشويڪن کان هڪ سوال پُڇيو ويو تہ ان جي جواب ۾ هنن انڪار ڪيو تہ ان سان سندن ڪوبہ واسطو ڪونهي.

"پر اهي افواهہ خود هڪ وڏي خطري جا حامل آهن. اهو تہ سولائيءَ سان ٿي سگهي ٿو تہ مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي گهٽائي جي ذهن جي حالت کي خيال ۾ رکندي، مٿي ڦريل مزدورن جي هڪ حصي کي رستن تي کڏيو اچن ۽ کين بغاوت تي هُشڪارين.

"روس هينئر جنهن خوفناڪ وقت مان گذري رهيو آهي، ان ۾ ڪابہ بغاوت سولائيءَ سان گهرو لڙائي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي ۽ ان جو نتيجو پرولتاريا جي سڀني تنظيمن جي تباهي ٿي سگهي ٿو جيڪي هيڏي وڏي محنت سان ٺاهيون ويون آهن. انقلاب دشمن، انقلاب کي برباد ڪرڻ جي لاءِ 'ويلهلمر' جي لاءِ محاذ کولڻ ۽ آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اُن بغاوت مان فائدو حاصل ڪرڻ جون سڀ ڪوششون ڪري رهيا آهن. پنهنجن مورچن تي مضبوطيءَ سان جميا رهو. ٻاهر متان نڪرو."

28 (15) آڪٽوبر تي منهنجي 'اسمولني' جي ڏيڀيءَ ۾ ڪامينيئف سان ملاقات ٿي. جيڪو بندري قد، ڳاڙهاڻ مائل ٻُڇي ڏاڙهي ۽ بيزاريءَ واري چرپر ڪندڙ شخص هو. ڪيس صفا پڪ نہ هئي تہ ڪو ايترا گهٽا ڏيلي گيٽ ايندا. هن چيو "جيڪڏهن ڪانگريس ٿئي ٿي تہ اها عوام جي غالب جذبن جي نمائندگي ڪندي، جيڪڏهن بالشويڪ پارٽي گهٽائي ۾ اچي ٿي، جيئن آئون سمجهان ٿو تہ ايندي، تہ اسين گهر ڪنداسين تہ اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ ڏنو وڃي ۽ وقتي حڪومت کي استعفيٰ ڏيئي ڇڏڻ گهرجي."

ولودارسڪيءَ، جيڪو ڊگهي قد وارو شخص، جنهن کي عينڪ پاتل هئي ۽ جنهن جي رنگت گهٽي خراب هئي. وڏيڪ پروسي سان چيو "ليبير ۽ دان ۽ انهن جهڙا ٻيا سمجهوتي باز همراهہ ڪانگريس کي

نقصان پهچائي رهيا آهن، جيڪڏهن هو ان اجلاس کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته پوءِ اسين ايترا حقيقت پسند ته آهيون، جو هنن جي جلهڙ سان به نه جهلباسين."

29 (16) آڪٽوبر جي تاريخ واري روزنامچي ۾ هيٺين خبر ڏسي رهيو آهيان، جيڪا ان ڏينهن جي اخبارن مان ورتي ويئي هئي.

- "موگيليف (جنرل اسٽاف هيڊ ڪوارٽر) هتي وفادار گارڊ ريجمنٽ، وحشي ڊويزن، ڪزاڪن ۽ مهلڪ جو ميڙ آهي.
- پاولو فسڪ- زارسڪويي سيلو ۾ پيٽرهوف جي آفيسرن جي اسڪولن جي يونڪرن[1] کي حڪومت حڪم ڏنو آهي ته هو گاڏيءَ واري هنڌ اچڻ جي لاءِ تيار رهن. 'اورانيئن بائوم' جا يونڪر شهر پهچي چڪا آهن.
- پيٽروگراڊ گيريزن جي بکتر ڪار ڊويزن جو هڪ حصو 'سردين جي محل' ۾ مقرر ڪيو ويو آهي.
- ٽراٽسڪيءَ جي صحيح ڪيل حڪم تي سيسترورتيسڪ جي سرڪاري هٿيار ٺاهيندڙ ڪارخاني مان هزارين رائفلون پيٽروگراڊ جي مزدورن جي ڊيلي گيٽن کي ڏنيون ويون.
- هيٺينءَ 'ليتي تني' پاڙي جي شهر مليشيا جي هڪ جلسي ۾ قراردار منظور ڪئي ويئي، جنهن ۾ گهر ڪئي ويئي ته سڄو اقتدار سوويتن جي حوالي ڪيو وڃي." اهي انهن هنگامہ خيز ڏينهن جي منجهيل واقعن جو فقط هڪ نمونو آهن، جڏهن هر شخص کي خبر هئي ته ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، پر ڪنهن کي به اها خبر نه هئي ته نيٺ ڇا ٿيڻ وارو آهي.؟

30 (17) آڪٽوبر جي رات 'اسمولني' ۾ پيٽروگراڊ سوويت جي هڪ گڏجاڻي ۾ ٽراٽسڪيءَ، بورجوا پريس جي انهن دعوائن کي ته سوويت هڪ هٿياربند بغاوت جي باري ۾ سوچي رهيا آهن، رجعت سندن پاران سوويتن جي ڪانگريس کي ناڪام ۽ بدنام ڪرڻ جي هڪ ڪوشش قرار ڏنو. هن اعلان ڪيو ته پيٽروگراڊ سوويت ڪنهن به 'وستو پليني' جو حڪم نه ڏنو آهي. البت جيڪڏهن ضرورت پيئي ته اسين ائين ڪنداسين ۽ پيٽروگراڊ

---

[1] يونڪر، اُن نوجي اسڪول جا ڪيڈٽ، جيڪي اشرافيہ مان زار شاهيءَ جي لاءِ آفيسرن جي تربيت ڪندا هئا.

گيريزن اسان جي حمايت ڪندي هو (حڪومت وارا) هڪ رد انقلاب جي تياري پيا ڪن ۽ اسين هڪ فيصلہ ڪُن منهن توڙ جواب ڏيندا سين."

اهو سچ آهي تہ پيٽروگراڊ سوويت ڪنهن مظاهري جو حڪم نہ ڏنو هو. پر بالشويڪ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ بغاوت جي سوال تي ويچاري رهي هئي. 23 (10) هين آڪٽومبر جي سڃي رات سندن گڏجاڻي ٿي. پارٽيءَ جا سڀ دانشور، اڳواڻ ۽ پيٽروگراڊ جي مزدورن ۽ گيزيزن جا ڊيلي گيٽ اتي موجود هئا. دانشورن مان فقط لينن ۽ ٽراٽسڪي بغاوت جي حق ۾ هئا. فوج وارن بہ اُن جي مخالفت ڪئي. ووٽنگ ڪئي ويئي. بغاوت جي سوال کي شڪست ملي.

پوءِ هڪ جذباتي مزدور اُٿي بيٺو هن جو منهن ڪاوڙ سبب ٻريو پيو. هن چيو تہ "آئون پيٽروگراڊ جي پرولتاريہ پاران ڳالهائي رهيو آهيان. اسين بغاوت جي حق ۾ آهيون. اوهانکي جيڪو وٹي سو ڪريو پر آئون اوهان کي هينئر ئي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ جيڪڏهن اوهان سوويتن کي تباهہ ڪرڻ جي موڪل ڏني تہ پوءِ اسان جو اوهان سان ڪو بہ واسطو نہ رهندو." ڪجهہ سپاهين بہ سندس حمايت ڪئي. پوءِ تہ اصل ڳرکو ئي ڳري ويو. ٻيهر ووٽنگ ڪرائي ويئي. بغاوت کٹي ويئي.[1]

---

[1] آڪٽومبر 1917ع ۾ بالشويڪ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي تاريخي اجلاس ۾ هٿياربند بغاوت بابت ٿيندڙ بحث ۾ مباحثي جي اها رپورٽ صحيح ڪونهي. هڪ هٿيار بند بغاوت منظم ڪرڻ جو فيصلو 23 (10) آڪٽومبر تي مرڪزي ڪميٽيءَ جي هڪ بند اجلاس ۾ منظور ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙ ميمبرن ۾ لينن، بونبوف، وزيرزينسڪي، زينوئيف، ڪامينيئف، ڪولونتائي، سوير دلوف، سڪولينڪوف، اسٽالن، ٽراٽسڪي ۽ اورتيسڪي هئا. ڪامينيئف ۽ زينوئيف لينن جي رٽ جي مخالفت ۾ ووٽ ڪيو. ڇهن ڏينهن کانپوءِ 29 (16) آڪٽومبر تي مرڪزي ڪميٽيءَ جي هڪ توسيعي اجلاس ۾، جنهن ۾ پيٽروگراڊ پارٽي ڪميٽي، پيٽروگراڊ سوويت، ٽريڊ يونينن، فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين، ريلوي ڪارڪنن ۽ پيٽروگراڊ ضلع پارٽي جي نمائندن بہ شرڪت ڪئي. ان گڏجاڻي ۾ لينن مرڪزي ڪميٽيءَ جي اجلاس جي منظور ڪيل قرارداد ٻڌائي. پنهنجي تقرير ۾ لينن ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ روس ۽ يورپ جون معروضي سياسي حالتون انتهائي فيصلي ڪُن ۽ انتهائي سرگرم پاليسيءَ جي تقاضا ٿيون ڪن. جنهن جو مطلب فقط سياسي بغاوت ٿي سگهي ٿي. لينن هڪ رٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ هٿياربند بغاوت جي باري ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ جي فيصلي جي آجيان ۽ ان جي حمايت ڪئي ويئي هئي. قرارداد جي حق ۾ ١١ ووٽ پيا. مخالفت ۾ 2 ۽ چٹن ڇڻن جي غير حاضريءَ جي صورت ۾ منظور ٿي. زينوويئف ۽ ڪامينيئف وري بہ قرارداد جي خلاف ووٽ ڏنو.

بهرحال بالشويڪن جو هڪ گروهہ ريازانوف، ڪامنيئف ۽ زينوئيف جي سرواٽيءَ ۾ هڪ هٿياربند بغاوت جي خلاف مهم هلائيندو رهيو. 31 (18) آڪٽوبر[2] جي صبح جو "ربوچي پوت" ۾ لينن جي "ڪامريڊن جي نالي خط" جي پهرين قسط ڇپي، جيڪا سياسي دنيا ۾ ڇپجندڙ سياسي پروپيگنڈهہ جي انتهائي بي باڪ لکڻين مان هڪ آهي. ان ۾ لينن سنجيدگيءَ سان بغاوت جي حق ۾ دليل پيش ڪندي، ڪامينيئف ۽ يازانوف جي اعتراضن کي بحث جو موضوع بنايو آهي.

هن لکيو تہ "اسانکي يا تہ پنهنجي نعري اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ ڏيو. کي ڇڏي ڏيڻ کپي، يا اسان کي بغاوت ڪرڻ کپي، وچيون ڪوبہ رستو ڪونهي."

ان ڏينهن ٽپهريءَ جو ڪاديتن جي اڳواڻ "مليوڪوف" جمهوريہ جي ڪائونسل ۾ هڪ شاندار تلخ تقرير ڪئي، جنهن ۾ "اسڪوبليف" کي جرمن نواز قرار ڏنو ۽ اعلان ڪيائين تہ "انقلابي جمهوريت "روس کي تباهہ ڪري، هن تيريشنڪو جو مذاق اُڏايو ۽ اعلانيا چيو تہ آئون روسي سفارت تي، جرمن سفارت کي ترجيح ٿو ڏيان. سندس تقرير دوران کاپي پاسي جي بئنچن وٽان زوردار گوڙ ٿيندو رهيو.

پنهنجي طور تي حڪومت بالشويڪ پروپيگنڊهہ جي اهميت کي نظر انداز نہ ڪري سگهي. 29 (16) هين آڪٽوبر تي حڪومت ۽ جمهوريہ جي ڪائونسل جي هڪ ڪڏيل ڪميٽيءَ جلدي جلدي بہ قانون مرتب ڪيا. هڪ هارين کي عارضي طور تي زمينون ڏيڻ جي لاءِ ۽ بيو هڪ سگهاري پرڏيهي پاليسيءَ کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ. بي ڏينهن ڪيرنسڪيءَ فوج ۾ موت جي سزا کي معطل ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن شام جو وڏي نٽ ۽ نانگر سان "جمهوري حڪمراني کي سگهارو بنائڻ، نراج ۽ انقلاب دشمنيءَ جي خلاف وڙهندڙ ڪميشن" جو افتتاح ٿيو. ان ڪانپوءِ تاريخ ۾ ان نئين ڪميٽيءَ جو وري ڪو نالو نشان بہ نٿو ملي. ان جي بي ڏينهن بن اخباري نمائندن سان گڏ مون ڪيرنسڪيءَ کان انٽرويو ورتو. اهو آخري پيرو هو جو هو اخباري نمائندن سان گڏيو.

---

[2] تاريخ صحيح ڪونهي. شمارو پهرين نومبر (19 ـ آڪٽوبر) تي ڇپيو.

هن تلخيءَ سان چيو "روسي عوام معاشي ٽڪاوٽ ۾ مبتلا آهي ۽ اتحادين پاران خوشفهمين جي ازالي ۾ دنيا سمجهي ٿي ته روسي انقلاب ختم ٿيڻ وارو آهي. دوکو متان کائو. روسي انقلاب ته هاڻ شروع ٿي رهيو آهي." اهي لفظ جيترو هن سمجهيا تي، اُن کان وڌيڪ اڳڪٿيءَ وارا هئا.

30 (17) هين آڪٽوبر تي پيٽروگراد سوويت جي سڄي رات هلندڙ گڏجاڻي، جنهن ۾ آئون به موجود هوس، وڏي طوفاني رهي. 'اعتدال پسند' سوشلسٽ دانشور آفيسر، فوجي ڪميٽين جا ميمبر ۽ 'تسي اي کا' مڪمل طور تي موجود هئي. انهن جي خلاف مزدور، هاري ۽ عام سپاهي سادي سوڌي ۽ پر جوش انداز ۾ اُتي ڪڙا ٽيا هئا.

هڪ هاريءَ 'تويڙ' ۾ ٽيندڙ فسادن جي باري ۾ ٻڌايو جيڪي سندس چواڻي ته "ايراضي ڪميٽين" جي گرفتاري جي ڪري ٿيا هئا. هن رڙ ڪري چيو "اهو ڪيرنسڪي ته زميندارن جي ڍال ڪانپسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. انهن کي خبر آهي ته آئين ساز اسيمبليءَ ۾ اسين زمينون ونڊي لائينداسين. تنهن ڪري اهي آئين ساز اسيمبليءَ کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن."

بوتيلوف ڪارخاني جي هڪ منشيءَ ٻڌايو ته ورڪشاپن جا سپرنٽنڈنٽ ڪيئن نه حيلي بهاني سان هڪ جي پويان ٻيو شعبو بند ڪري رهيا آهن ته پارٽ ڪونهي يا ڪچو مال ڪونهي. هن ٻڌايو ته "فيڪٽريءَ جي ورڪشاپ ڪميٽيءَ لڪايل تمام گهڻو مال هٿ ڪيو آهي."

هن چيو "اهو ته چڙ ڏيارڻ جي برابر آهي. هو يا ته اسان کي ٻُکن وگهي مارڻ تا چاهين يا وري اسانکي تشدد ڪرڻ تي مجبور ٻيا ڪن."

سپاهين مان هڪ چيو "ساٿيو! آئون اوهان جي لاءِ ان هنڌان سلام کڻي آيو آهيان، جتي ماڻهو قبرون کوٽي رهيا آهن ۽ انهن کي خندقون سڌبو آهي."

هڪ ڏگهي ٻُٽ ۾ پريل ۽ وڏي ڏيا وارو سپاهي اُٿي بيٺو. هن جي اکين ۾ چمڪ هئي. هن جو وڏي جوش سان آڏر ياءُ ڪيو ويو. اهو چودنو فسڪي هو جنهن جي باري ۾ افواهه هو ته هو جولاءِ واري لڙائي ۾ مارجي ويو هو. پر هاڻ هو ٻيهر جيئرو ٿي ٻيو هو.

"عام سپاهي هاڻ پنهنجن آفيسرن تي پروسو نٿا ڪن. فوجي ڪميٽين ۾ اسان سان دغا ڪئي. هنن اسان جي سوويت جي گڏجاڻي گهرائڻ کان انڪار ڪيو. عام سپاهي چاهين ٿا تہ آئين ساز اسيمبلي جو اجلاس اُن ئي ڏينهن ٿئي، جنهن ڏينهن اهو گهرايو ويو هو ۽ جيڪي ماڻهو اهو ملتوي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، تن مٿان لعنت وڌي ويندي ۽ اها ڪا افلاطوني لعنت نہ هوندي، چاکاڻ تہ فوج وٽ بندوقون ۽ آهن."

هن آئين ساز اسيمبليءَ جي ان چونڊ مهم جي باري ۾ ٻڌايو جيڪا ان وقت پنجين فوج ۾ ٿي رهي هئي. "آفيسر، خاص طور تي منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي ڄاڻي واڻي بالشويڪن کي ڪچلڻ جي ڪوشش پيا ڪن. اسانجي اخبارن کي خندقن تائين پهچڻ نٿا ڏين. اسان جي مقررن کي گرفتار ڪيو ٿو وڃي". هڪ ٻي سپاهي رڙ ڪري چيو. "تون اهو چو نٿو ٻڌائين تہ ماني ڪونهي؟" چودوفسڪي سختي سان وراڻيو. "انسان رڳو ماني تي جيئرو رهي نٿو سگهي".

ان ڪانپوءِ هڪ آفيسر تقرير ڪئي، جيڪو 'ويتيسڪ' سوويت جو ڊيلي گيٽ منشويڪ 'ابارو نتس' "(مدافعت پسند) هو. "سوال اهو ڪونهي تہ اقتدار ڪنهن جي هٿ ۾ آهي، گڏ بڏ حڪومت نہ پر جنگ جي ڪري آهي، ۽ ان کان اڳ جو ڪا تبديلي اچي، جنگ جيتڻ کپي." مٿس ٽوڪون ڪيون ويون ۽ طنزيہ تاڙيون وڄايون ويون. "اهي بالشويڪ ايجي ٽيشن ڪندڙ وڌا بدمعاش آهن." تنهن سان سڄو هال ٻري اُٿيو. "هڪ گهڙيءَ جي لاءِ طبقاتي جدوجهد وساري ڇڏيو." پر هو اُن کان وڌيڪ ڪجهہ ٻہ چئي نہ سگهيو جو ڪنهن رڙ ڪري چيس "ڙي! تون تہ اهو ئي چاهين ٿو." انهن ڏينهن پيٽروگراڊ جو نقشو ڪجهہ ٻيو هو. فئڪٽرين ۾، ڪميٽي رومن ۾، رائفلن جا ڍڳ لڳا پيا هئا. بارڪن ۾ سڄي رات ۽ ڏينهن ٽيندڙ گڏجاڻين ۾ بحث مباحثن جي وٽ وڻان لڳي پئي هوندي هئي. رستن تي، اُداس شامن جو ماڻهن جا ڊنبلا وڌي ويندا هئا، جيڪي هوريان هوريان ڳالهائيندا، ميڙن جي شڪل ۾ 'نيوسڪيءَ' ڏانهن ويندا ۽ ايندا نظر ايندا هئا. اخبارن جي لاءِ جهيڑا ٽيندا هئا، قرلت جا واقعا ايترا تہ وڌي ويا هئا، جو گهٽين ۾ هلڻ ئي مشڪل بنجي ويو هو. هڪ ٽپهري جو "سدو وايا" جي پرسان مون ماڻهن جو هڪ ڊنبلو ڏٺو جنهن هڪ سپاهيءَ کي ڇوري ڪندي سڄ سوڌو جهلي

ورتو هو ۽ ڪيس ايترو ته ماريو ڪُٽيو هو جو هو مري ويو هو. پراسرار ماڻهو انهن عورتن جي آسپاس ٻيا ڦرندا هئا، جيڪي سياري جي منڊَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ قطارن ۾ بيٺيون ڪير ۽ ڊبل روٽي جي لاءِ انتظار ڪنديون هيون. ۽ اهي پُراسرار همراهه انهن جي ڪنن ۾ پُڙ پُڙ ٻيا ڪندا هئا ته ڪاڏي پيتي جون ته سڀ شيون هنن لڪائي رکيون آهن ۽ اهو ته عوام ته ٻُکون پيو ڪاٽي، پر سوويت جا ميمبر ڪايو پيئو ڏٺ ٽيو عيش جي زندگي ٻيا گذارين.

اسمولني ۾ دروازي تي ۽ ٻاهرين ڦاٽڪ تي سخت پهرو هو. هر ماڻهوءَ کان پاس گهري ٽي ويئي، 'ڪميٽي روم' ڏينهن رات گونجندا رهندا هئا. سوين مزدور ۽ سپاهي، فرش تي جتي به جاءِ تي، ملي اُتي پَٽ پاتاري ڪريو سُتا ٻيا هوندا هئا. متينءَ وڏي هال ۾ هڪ هزار ماڻهو 'پيٽروگراڊ' سوويت جي پُرشور اجلاس ۾ ميڙو لڳايو وينا هوندا هئا.

شام جي ڏنڊلڪي کان وٺي صبح جي تڙڪي تائين، جوا خانا سرگرميءَ سان ڪم ڪندا رهندا هئا. شامپيئن جي جامن مٿان جام ٻيا هلندا هئا ۽ ويهه ويهه هزار روبل داءِ تي هنيا ويندا هئا. رات جو شهر جي وچ ۾ جواهرن ۽ نيمتي سمور جي ڪپڙن ۾، وٽشيائون گهمندڙ رهنديون هيون ۽ قهوي خانن ۾ انهن جا ميڙا متا ٻيا هوندا هئا.

بادشاهه پرستن جون سازشون، جرمن جاسوس، رٽائون رٽيندڙ اسمگلر ۽ مينهن ۽ سخت سرديءَ ۾، سُرمئي آسمان جي هيٺان عظيم ڏڪندڙ شهر ڏينهون ڏينهن تيزيءَ سان وڏي رهيو هو. پر ڪهڙي پاسي؟

انقلابَ کان پھرين

هڪ ڪمزور حڪومت ۽ باغي عوام جي لاڳاپن ۾ هڪ وقت اهڙو به اچي ٿو جڏهن اقتدار ڏٽين جي هر قدم تي عوام بيزاريءَ جو اظهار ڪندو آهي ۽ قدم کڻڻ جي هر انڪار کي هو حقارت جي نظرن سان ڏسندا آهن.

پيٽروگراد خالي ڪرڻ جي رٽَ تي هڪ طوفان اُٿي کڙو ٿيو. ڪيرنسڪيءَ جڏهن ان ڳالهه کان انڪار ڪيو ته حڪومت جو ان قسم جو ڪو به ارادو نه هو ته سندس طنزيه جملن سان آجيان ڪئي ويئي.

"ربوچي پوت" لکيو ته. "انقلاب جي دنيا جڏهن سڀ راهون بند ڪري چڏيون ته عارضي بورزوا حڪومت ڪوڙا دلاسا ڏيئي نڪري وڃڻ ٿي چاهيو ته سندس پيٽروگراد مان پڃڻ جو ڪو به ارادو نه هو ۽ اهو ته ڪو هن گادي جو هنڌ دشمن جي حوالي ڪرڻ ٿي چاهيو."

خارڪوف[1] ۾ ڪوئلي جي کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ ٽيهه هزار ڪارڪن منظم ٿي ويا ۽ هنن "آئي ڊبليو ڊبليو" (I.W.W)[2] جي آئين کي پنهنجو ڪيس بنائي ورتو. "مزدور طبقي ۽ مزدور رکندڙ طبقي ۾ ڪا به شئي هڪ جهڙي ڪونهي". انهن ڪارڪنن کي ڪزاڪن منتشر ڪري چڏيو ڪجهه ڪارڪنن کي مالڪن نوڪرين مان ڪڍي چڏيو ٻين عام هڙتال جو اعلان ڪيو. صنعت واري وزير ڪونووالوف پنهنجي مددگار "اورلوف" کي مڪمل اختيار ڏيئي ان گڙبڙ جو نبيرو ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيو. کاڻين جا مزدرو

---

[1] مٿي جان ريڊ جو مطلب شايد ڪوئلي جي مونتيسڪ بيسن سان آهي.

[2] آءِ آءِ ڊبليو (انڊسٽريل ورڪرز آف دي ورلڊ) آمريڪا جي هڪ عوامي انقلابي ٽريڊ يونين تنظيم. جيڪا 1905ع ۾ روس جي انقلابي واقعن جي اثر کان متاثر ٿي قائم ٿي. چوٽين ڏاڪي ۾ جڏهن اها هڪ فرقي پرست تنظيم بنجي ويئي ۽ عوام سان سندس لاڳاپو ختم ٿي ويو ته اها ٽٽي ويئي. ان جي عروج جي زماني ۾ جان ريڊ "آئي ڊبليو ڊبليو" جو سرگرم ميمبر هو.

اورلوف کان نفرت کندا هئا، پر 'تسي اي کا' نہ رڳو سندس مقرريءَ جي حمايت ڪئي، پر اها گهر ڪرڻ کان بہ نابري واري تہ ڪزاڪن کي "دون بيسن" تان واپس گهرايو وڃي.

ان کانپوءِ 'ڪالو گا' جي سوويت کي منتشر ڪيو ويو. بالشويڪن سوويت ۾ اڪثريت حاصل ڪري ڪجهہ سياسي قيدين کي آزاد ڪري چڏيو هو. حڪومت، ڪميسار جي اجازت سان "ميونسپل دوما" منسڪ مان فوجون واپس گهرائي ورتيون ۽ سوويت جي مکيہ آفيسن تي توپن سان گولي بازي ڪئي. بالشويڪن هار مڃي ورتي، پر هو جيئن ئي عمارت مان ٻاهر نڪتا تہ ڪزاڪن اهو چئي متن حملو ڪري ڏنو تہ "اسين سڀني بالشويڪن جو اهوئي حشر ڪنداسين. ماسڪو ۽ پيٽروگراڊ جي سوويتن جو بہ". ان حادثي سڄي روس ۾ گهبراهٹ ۽ ڪاوڙ جي لهر ڊوڙائي چڏي.

پيٽروگراڊ ۾ اُتر جي سوويتن جي هڪ علائقائي ڪانگريس ختم ٿي رهي هئي، جنهن جي صدارت بالشويڪ "ڪري لينڪو" ڪري رهيو هو. اُن وڏي اڪثريت سان اهو فيصلو ڪيو تہ سمورو اقتدار "سوويتين جي ڪل روس ڪانگريس" کي سنيالي وٺڻ گهرجي. ان بالشويڪن کي سلام موڪليا، جيڪي قيد ۾ هئا ۽ کين خوش ٿيڻ جي لاءِ چيو تہ سندن آزاديءَ جي گهڙي ويجهي اچي ويئي آهي. ان وقت فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين جي ڀهرين ڪُل روس ڪانفرنس بہ سوويتن جي حق ۾ زوردار اعلان ڪيو ۽ معنيٰ خيز طور اهو چيو تہ:

"مزدور طبقو پاڻ کي زار شاهيءَ کان سياسي طور تي آزاد ڪرائڻ ڪانپوءِ جمهوري حڪمرانيءَ کي سندس پيداواري سرگرمين جي دائري ۾ بہ سوپارو ڏسڻ ٿو چاهي. ان جو بهترين اظهار صنعتي پيداوار تي مزدورن جي ڪنٽرول سان ٿئي ٿو. جيڪو غالب طبقن جي مُجرماٽي پاليسيءَ جي پيدا ڪيل معاشي انتشار جي فضا ۾ قدرتي طور تي پيدا ٿيو..."

ريلوي ڪارڪنن جي يونين آمدرفت ۽ رسل و رسائل جي وزير 'ليو رونسي' جي استعفيٰ جي گهر ڪري رهي هئي.

"تسي اي کا" پاران اسڪوبليف زور ڀريو تہ "هدايت نامو" اتحادي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو وڃي. ۽ هنن تيريشنڪو کي پئرس موڪلڻ تي باقاعده احتجاج ڪيو. جواب ۾ تيريشنڪو استعفيٰ ڏيڻ جي آڇ ڪئي.

جنرل ويل خوفسڪي، پنهنجي فوج جي نئين سرجوڙجڪ ۾ پي ڪري سگهيو. هو ڊگهن وقفن ڪانپوءِ ئي ڪابينا جي گڏجاڻين ۾ ايندو هو. 3 نومبر (21 آڪٽوبر) تي بورسيف جي اخبار "او شسئي ويلا" وڏين وڏين سرخين سان ظاهر ٿي.

"شهريو. وطن کي بچايو."

مونکي اهو پتو پيو آهي ته "قومي بچاءَ جي ڪُل ڪميٽين" جي هڪ جلسي ۾ جنگ جي وزير جنرل ويرخوفسڪيءَ، جيڪو انهن خاص ماڻهن مان آهي. جن ڪورنيلوف کي شڪست ڏني، صلاح ڏني آهي ته اتحادين سان آزاداڻي نموني، ڏار ناهه ڪري، ان تي صحيحون ڪيون وڃن.

اها روس سان غداري آهي.!

تيريشنڪو اعلان ڪيو ته عارضي حڪومت ويرخوفسڪي جي رٽ جو جائزو ٻه ورتو آهي.

تيريشنڪو چيو ته "ايئن پيو لڳي ته اسين پاڳل خاني ۾ هجئون." ڪميٽين جا ميمبر جنرل ويرخوفسڪي جي لفظن تي حيران ٿي ويا.

"جنرل اليڪسئيف ته روئي پيو".

"نه اهو پاڳل خانو ڪونهي! اهو ته ان کان ٻه بدتر آهي. اها سنئين سِڌي روس سان غداري آهي!"

ڪيرنسڪي، تيريشنڪو ۽ نيڪراسوف کي ويرخوفسڪي کي هڪدم جواب ڏيڻ گهرجي.

"شهريو اُٿو!

روس کي وڪرو ڪيو پيو وڃي.

کيس بچايو."

دراصل ويزخوفسڪيءَ فقط اهو چيو ته اتحادين سان ناهه جي آڇ ڪرڻ جي لاءِ زور بار وجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته روسي فوجون هاڻ وڙهي نٿيون سگهن.

روس ۾ ٻه ملڪ کان ٻاهر ٻه وڏي سنسني پکڙي ته ويرخوفسڪيءَ کي "صحت جي خرابيءَ سبب اڻ ڄاڻايل عرصي جي لاءِ موڪل" ڏني ويئي آهي ۽ هو حڪومت کان ڏار ٿي ويو آهي. "روشئي ديلا" کي بند ڪيو ويو. چوٽين نومبر (22 آڪٽوبر) آڇر جي ڏينهن پيٽروگراد سوويت جو ڏينهن

ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ سڄي شهر ۾ زبردست جلسن جي رٿا جوڙي ويئي. ساڳئي ڏينهن تي بظاهر ته تنظيم ۽ اخبارن جي لاءِ ٿوڙي گڏ ڪرڻ جي غرض سان، پر اصل ۾ طاقت جو مظاهرو ڪرڻ جي لاءِ اوچتو اهو اعلان ڪيو ويو ته ان ئي ڏينهن ڪزاڪن پاران به هڪ ڪريتسي (صليب جو جلوس) 1812ع جي مذهبي شڪل جي اعزاز ۾ ڪڍيو ويندو، جنهن جي معجزي جي ڪري نيپولين کي ماسڪو مان پڇٽون پيو. ماحول گرم هو هڪ چٽنگ به پيڙ يعني گهرو ويڑهه کي پڙڪائي ٿي سگهي. پيٽروگراد سوويت هڪ منشور جاري ڪيو جنهن جو عنوان هو:

"پائرو ڪزاڪو

اوهان ڪزاڪن کي اسان مزدورن ۽ هارين جي خلاف پڙڪايو پيو وڃي. قابيل جي ان رٽ کي اسانجي گڏيل دشمن، ظالم، مراعات يافته طبقو يعني جنرل، بئنڪ مالڪ، زميندار، اڳوٽا آفيسر، زار جا اڳوٽا نوڪر عملي جامون پهرائي رهيا آهن. سڀئي وياج خور، امير ۽ وڏا ماڻهو جنرل ۽ اوهانجا يعني ڪزاڪ جنرل به اسان کان نفرت ٿا ڪن. هو پيٽروگراد سوويت کي تباهه ڪرڻ ۽ انقلاب کي چٽڻ جي لاءِ هر وقت تيار آهن.

22 آڪٽوبر تي ڪو شخص، هڪ ڪزاڪ مذهبي جلوس منظم پيو ڪري، اهو هر فرد جي آزاد ضمير جو سوال آهي ته هو اُن جلوس ۾ حصو ونڊي ٿو يا نه؟ اسين ان معاملي ۾ نه ڪا مداخلت ڪنداسين ۽ نه ئي وري ڪنهن کي جهلينداسين. پر اسين اوهان ڪزاڪن کي خبردار ٿا ڪريون ته هوشيار رهو ۽ ان ڳالهه جو خيال رکو ته هڪ "ڪرينتنسي" خود بهانو بنائي، اوهانجو ڪاليدن، اوهانکي مزدورن جي خلاف، سپاهين جي خلاف نه پڙڪائي وجهي."

جلوس تڙ تڪڙ ۾ ملتوي ڪيو ويو. بالشويڪ هر هنڌ، پارڪن ۾، شهرن ۾، مزدور طبقي جي پاڙن ۾ پرچار ڪري رهيا هئا ته "سڄو اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ ڏنو وڃي" ۽ ڪارين قوتن جا ڪارندا عوام تي زور پري رهيا هئا ته هو اُتي ڪڙا ٽين ۽ يهودين، دوڪاندارن ۽ سوشلسٽ اڳواڻن کي قتل ڪري ڇڏين.

هڪ پاسي بادشاهت پرست پريس رڙو ڇاڙ تي هُشڪاري رهي هئي ته بي پاسي لينن جو عظيم آواز ٻُرائجي رهيو هو "بغاوت!... اسين هاڻ وڌيڪ انتظار نٿا ڪري سگهون"

بورزوا پريس بي چين هئي، بيرزبويئي ويڊ موسٽي، (تبادلا گزٽ) بالشويڪ پروپيگنڊهه کي سماج جي انتهائي شروعاتي اصولن يعني شخصي سلامتي ۽ نجي جائيداد جي لاءِ احترام تي حملو قرار ڏيئي رهي هئي

پر سيني کان وڌيڪ خراب رويو "اعتدال پسند سوشلسٽ" رسالن جو هو. "ديلا نرود" اعلان ڪيو ته بالشويڪ ئي انقلاب جا سڀ کان وڏا ويري آهن. منشويڪ 'ڊين' ڇيو ته حڪومت کي پنهنجي مداخلت ڪرڻ گهرجي ۽ اسان جي مدافعت ڪرڻ گهرجي. پليخانوف جي اخبار "يدنستوه" (اتحاد) حڪومت جو ڏيان آن حقيقت ڏانهن ڏياريو ته پيٽروگراد جي مزدورن کي هٿيار بند ڪيو ٻيو وڃي ۽ اها گهر ڪئي ته بالشويڪن جي خلاف سخت قدم کنيا وڃن.

حڪومت ڏينهون ڏينهن بي وس ٿيندي ويئي. ميونسپل انتظاميا جو ڪنٽرول به ختم ٿي ويو. اخبارون ڦرن. ڏاڙن ۽ ڏينا داستي ٿيل قتلن جي خبرن سان پريون ٻيو هوندڙون هيون ۽ ڏوهارين تي ڪو به هٿ ڪڍڻ جي لاءِ تيار نه هو. بي پاسي هٿيار بند مزدور رات جو رستن تي گشت ڪندا. چورن ۽ ڦورن سان وڙهندا نظر ايندا هئا ۽ ڪين جتي به هٿيار هٿ چڙهندا هئا اهي ضبط ڪري وٺندا هئا.

پهرين نومبر (19 آڪٽوبر) ڪرنل پلڪو وينڪوف، پيٽروگراد جي فوجي ڪمانڊر هڪ اعلان جاري ڪيو:

"ملڪ جن خراب حالتن مان گذري رهيو آهي انهي جي باوجود هٿيار بند مظاهرن ۽ قتل عام جون غير ذميوارانيون ايپلون اڄ تائين پيٽروگراد ۾ جاري ڪيون ٻيون وڃن. ڦرون ڏاڙا ۽ بدنظمي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. اهڙي صورتحال شهرين جي زندگين کي ڏکيو ۽ گورنمينٽ ڪانسواءِ ميونسپل ادارن جي باقاعده ڪم ۾ پڻ رڪاوٽون وجهي ٿي.

آئون پنهنجي ذميداري ۽ ملڪ جي سامهون پنهنجي فرض جي پوري احساس سان حڪم ٿو ڏيان ته:

• هر فوجي يونٽ خاص هدايتن موجب ۽ پنهنجي گيريزن جي سرزمين اندر ميونسپلٽي ڪميسارن ۽ مليشا کي حڪومتي ادارن جي پهريداري ڪرڻ ۾ هر قسم جي مدد ڪري.

• ضلع ڪمانڊر ۽ شهر مليشيا سان سهڪار ڪري، گشت منظم ڪيا وڃن. ۽ ڏوهارين ۽ فوج مان پاڇوڪڙن جي گرفتاري جي لاءِ قدم کنيا وڃن.

• باريڪن ۾ ايندڙ هٿيار بند بغاوت ۽ قتل عام جي لاءِ هُشڪارينڊڙ سيني ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويجي ۽ کين شهر جي نائب ڪمانڊر جي هيڊ ڪوارٽر ۾ پهچايو وڃي.

• رستن تي مظاهرن، گڏجاڻين ۽ جلوسن جي موڪل نه ڏني وڃي.

• ڪنهن به هٿياربند مظاهري يا فساد جي شروع ٿيندي ئي، پوري سگهه سان هٿيار بند فوج جي مدد سان دٻايو وڃي.

• گهرن ۾ بنا وارنٽ جي جڙتي ۽ بنا وارنٽن جي گرفتارين کي روڪڻ ۾ ڪميسارن جي مدد ڪئي وڃي.

• ضلع ۾ جيڪو ڪجهه به ٿئي، ان جو اطلاع فوري طور تي پيٽروگراڊ فوجي ضلع جي اسٽاف کي ڏنو وڃي.

آئون سيني فوجي ڪميٽين ۽ تنظيمن کي اپيل ٿو ڪريان ته هو ڪمانڊرن کي سندن انهن فرضن جي پورائيءَ ۾ مدد ڪن، جن تي مٿين ذميداري وڌي ويئي آهي. جمهوريه جي ڪائونسل ۾ ڪيرنسڪيءَ اعلان ڪيو ته حڪومت کي بالشويڪن جي تيارين جي سڃي خبر آهي ۽ وٽس ڪنهن به مظاهري کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪافي طاقت آهي. هُن "نووايا روس" ۽ "ربوچي يوت" ۾نهي تي الزام هنيو ته هو ٻئي هڪ ٻئي قسم جو نقصان رسائيندڙ ڪم ڪري رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته، پريس جي مطلق آزاديءَ جي ڪري حڪومت چيپل ڪوڙ جو مقابلو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ڪونهي."[1] اهو اعلان ڪرڻ مهل هڪ ٻئي پروپيگنڊه جا ٻه ٻيلو هئا. جنهن جو مقصد انقلاب دشمني آهي، جنهن جي دشمن قوتن کي وڌي خواهش هئي. هن چيو:

---

[1] اها ڪا صاف گوئي ڪونه هئي. عارضي حڪومت ٻهرين، جولائي ڪان بالشويڪ اخبارن کي بند ڪري چڪي هئي ۽ ٻيهر ايئن ڪرڻ جو منصوبو سٽي رهي هئي.

"منهنجي قسمت جو ته فيصلو ٿي چڪو آهي، مونکي ان جي پرواهه نه آهي ته مونکي ڇا ٿو ٿئي. پر آئون اهو چوڻ جي همت رکان ٿو ته ٻيو چيستاني حصو اهو حد کان وڌيڪ چڙ ڏيارينڊڙ آهي، جيڪو شهر ۾ بالشويڪ پيدا ڪري رهيا آهن".

2 نومبر (20 آڪٽوبر) تي سوويتن جي ڪانگريسي ۾ فقط 15 ڊيلي گيٽ پهتا هئا. ٻي ڏينهن سئو آيا ۽ ٽي ڏينهن 175 آيا. جن ۾ 103 بالشويڪ هئا. ڪورم 400 تي پورو هو ۽ ڪانگريس ۾ فقط ٽي ڏينهن وڃي رهيا هئا.

آئون پنهنجو ڳچ وقت اسمولني ۾ گذاريندو هوس. اتي گهڙڻ هاڻ ڪو سولو نه هو. سنترين جون ٻٽيون قطارون ٻاهرين قاتڪ تائين چوڪي ڏينديون هيون ۽ مکيه دروازي مان اندر گهڙڻ ڪانپوءِ به ماڻهن جي هڪ ڊگهي قطار داخل ٿيڻ جي انتظار ۾ رهندي هئي. هڪ ئي وقت چئن ڇٽن ڪي اندر گهڙڻ جي موڪل ڏني ٽي ويئي ۽ ڪائنٽ سنڊس سيڇاٽپ جي باري ۾ سوال ڪيا ٽي ويا. پاسون جاري ڪيون ٽي ويون ۽ ٿورن ئي ڪلاڪن ڪانپوءِ پاسون بدلجي ٽي ويون، ڇاڪاڻ ته جاسوس پوءِ به اندر گهڙي ٽي ويا.

هڪ ڏينهن آئون ٻاهرين دروازي وٽ پهتس ته پنهنجي اڳيان ٽراٽسڪي ۽ سنڊس زال کي ٻيئل ڏٺم. ڪين سپاهيءَ روڪيو. ٽراٽسڪي پنهنجي ڪيسن ۾ ڪافي ڳولا ڦولا ڪئي، پر ڪيس پاس ملي نه سگهي.

هن آخر ۾ چيو "ڪا ڳالهه ڪونهي تون مونکي سيڇاڻين ٿو. منهن جو نالو ٽراٽسڪي آهي."

سپاهيءَ هٽ ڏرميءَ سان وراڙيو "مونکي نالن سان ڪوبه واسطو ڪونهي، تو وٽ پاس ڪونهي تون اندر نٿو وڃي سگهين."

"پر آئون پيٽروگراڊ سوويت جو صدر آهيان".

سپاهيءَ وراڙيو "نيڪ آهي تون جيڪڏهن ايتري ئي اهم شخصيت آهين ته پوءِ تو وٽ هڪ ننڍو پنو ته هوندو ڪي."

ٽراٽسڪيءَ وڏي صبر کان ڪم ورتو ۽ سپاهيءَ کي چيو "مونکي ڪمانڊانٽ سان ملائي."

سپاهي هيڪيو ۽ بڙبڙائيٽ لڳو ته 'هر ايري غيري جي لاءِ ڪمانڊانٽ کي پريشان ڪرڻ نٿو چاهي.' نيٽ هن پهريدارن جي ڪمانڊر سپاهي کي اشارو ڪيو. ٽراٽسڪيءَ ڪيس سڃي ڳالهه سمجهائي ۽ پوءِ چيو منهنجو نالو

راتسڪي آهي. ٻي سپاهي پنهنجو مٿو ڪنهيو "تراتسڪي اهو نالو مون ڪٽي ڌڏو آهي." نيٺ هن چيو" منهنجي خيال ۾ ٺيڪ آهي. ڪامريڊ تون ڊر وڃي سگهين ٿو."

هڪ ڏينهن وراندي ۾ آئون 'قراخان' سان مليس. هن مونکي ٻڌايو ته ٻئين حڪومت ڪهڙي هوندي

"هڪ هلڪي قلڪي تنظيم جيڪا عوامي مرضيءَ جو لحاظ ڪندي ۽ اُن تي سوويتن جي ذريعي عمل ٿيندو. هن وقت عارضي حڪومت مقامي جمهوري مرضيءَ جي هر قدم کي روڪي ٿي ڇڏي جيئن زار جي حڪومت ڪندي هئي. ٻئين سماج جي اڳيرائي هيٺان کان ٿيندي حڪومتي شڪل روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي جي آئين جي نموني تي تيار ڪئي ويندي. ٻئين "تسي اي ڪا" جيڪا سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس جي اڪثر ٿيندڙ اجلاسن جي سامهون جوابدار هوندي. پارليامينٽ جي حيثيت رکندي مختلف وزارتن جي اڳواڻي وزيرن جي بدران "ڪاليگيا" (ڪميٽيون) ڪنديون. جيڪي سوويتن جي سامهون جوابدار هونديون.

30 (17) آڪٽوبر تي آئون وقت وٽي. اسمولني ۾ ٻه چتيءَ جي هڪ ننڊي ۽ بي آرام ڪمري ۾ تراتسڪيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ويس. ڪمري جي وچ تي. هو هڪ سڌي ميز وٽ هڪ سادي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. مونکي فقط ڪجهه سوال ڪرڻ جي ضرورت پئي. هو تيزي ۽ ڦرتائيءَ سان هڪ ڪلاڪ کان ٻه وڌيڪ وقت ڳالهائيندو رهيو. سندس ڳالهه ٻولهه جو تت. سندس ئي لفظن ۾ ڏيئي رهيو آهيان.

"عارضي حڪومت بلڪل بي وس آهي. بورجوازي جو ڪنٽرول ضرور اٿس. پر اُن ڪنٽرول تي. مدافعت پسند پارٽين سان فرضي اتحاد جو نقاب پاٽل آهي. هاڻ انقلاب جي دوران. هارين جون بغاوتون نظر اچن ٿيون. جيڪي زمين جي حاصلات لاءِ اوسيئڙو ڪري ڪري ٽڪجي پيا آهن. ۽ اها ئي بيزاري سڄي ملڪ جي پورهيتن ۾ پڌري آهي. بورزوازيءَ جو اهو غلبو فقط گهرو لڙائيءَ جي ذريعي ئي ممڪن آهي. ڪورنيلوف جو طريقو ئي اڪيلو طريقو آهي. جنهن جي ذريعي بورزوازي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿي. ۽ بورزواري وٽ طاقت جي گهٽتائي آهي. فوج اسان سان گڏ آهي.

سمجھوتي باز ۽ امن پسند، سوشلسٽ انقلابي پنھنجو اثر وڃائي چڪا آھن. ڇاڪاڻ تہ ھارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ مزدورن ۽ مالڪن جي وچ ۾، سپاھين ۽ آفيسرن جي وچ ۾ جدوجھد اڳ کان بہ وڌيڪ تلخ ۽ ناقابل مصالحت ٿي چڪي آھي. عوام جو اڏول قدم ئي، پرولتاريہ جي ڊڪٽيٽرشپ ئي، انقلاب کي سوپ ۽ عوام کي بچائي سگھي ٿو. سوويتون ئي پنھنجي انقلابي تجربي، خيالن ۽ مقصد جي اعتبار کان عوام جون مڪمل نمائندھ آھن. انھن جو بنياد ڏوسنئون خندقن ۾ موجود فوج، ڪارخانن جي مزدورن ۽ ھنين ۾ ڪم ڪندڙ ھارين تي آھي. ان ڪري ھو انقلاب جي ريڑھ جي ھڏي آھن.

"سوويتن کانسواءِ اقتدار قائم ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي ويئي، ان جي نتيجي ۾ فقط بي اقتداري ئي قائم ٿي. ھاڻ روسي جمھوريہ جي ڪائونسل ورانڊن ۾ ھر قسم جون انقلاب دشمن رڃائون تيار ڪيون پيون وڃن. 'ڪاديت' پارٽي انقلاب دشمن ويڑھاڪن جي نمائندگي ٿي ڪري بي پاسي سوويتون عوام جي مقصد جي نمائندگي ڪن ٿيون. ھنھي ڪئمپن جي وچ ۾ سنجيده اھميت جون ڪي بہ جماعتون ڪونھن. اھا پُڃاڻي آھي. بورزوا انقلاب دشمني پنھنجي سڃي سگھہ کي منظم ڪري ۽ اسان تي حملي ڪرڻ جي وقت جو اوسيئڙو ڪري رھي آھي. اسانجو جواب بہ فيصلي ڪندڙ ھوندو. اسين اُن ڪم کي مڪمل ڪري ڇڏيندا سين، جيڪو ٿورو گھٽو مارچ ۾ شروع ٿيو ھو ۽ ڪورنيلوف واري معاملي جي دوران اڳتي وڌيو ھو".

نئين حڪومت جي پرڏيھي پاليسيءَ جي ياري ۾ ھڏائيندي چيائين:

"اسانجي پھرين وک سيني محاذن تي فوري طور تي عارضي ناھہ ۽ ناھہ جي جمھوري شرطن تي خيالن جي وڏي وٽ جي لاءِ قومن جي ھڪ ڪانفرنس گھرائڻ جي گھر ھوندي. صلح جي نبيري ۾ اسانکي ڪيتري جمھوريت پلئہ پوندي، ان جو سڃو دارومدار اُن ڳالھہ تي ھوندو تہ يورپ ۾ ڪيترو انقلابي جواب ٿو ملي. جيڪڏھن اسين ھت سوويتن جي حڪومت قائم ڪري ٿا ڇڏيون تہ اھو يورپ ۾ فوري امن جي لاءِ ھڪ سگھارو عنصر ھوندو. تنھنڪري اھا حڪومت ڏوسنئون ۽ فوري طور تي سيني قومن سان، انھن جي حڪومتن جي مٿين کان مٿي، مخاطب ھوندي ۽ عارضي

صلح تجويز ڪندي ٿاھ ٿيڻ جي موقعي تي روسي انقلاب جو ڏاڻ ڪو ملڪ گير جنگي چٽيءَ جي وصولي نہ پر قومن جي لاءِ حق خود اختياري ۽ يورپ جي وفاقي جمهوريت ڏانهن هوندو.

"هن جنگ جي پُڄاڻيءَ تي آئون يورپ کي نئين سر اڏجندي ڏسان. سفيرن جي هٿان نہ پر پرولتاريہ جي هٿان. يورپ جي وفاقي جمهوريہ. يورپ جون گڏيل رياستون، اهو جيڪو ٿيڻ گهرجي. هاڻ قومي خود اختياري ڪافي ڪونهي. معاشي ارتقا جي تقاضا اها آهي تہ قومي سرحدن کي ختم ڪيو وڃي جيڪڏهن يورپ کي قومي گروهن ۾ ورهايل رهڻون آهي تہ سامراجيت ٻيهر پنهنجو ڪم شروع ڪندي دنيا کي فقط يورپ جي وفاقي جمهوريت ئي امن ڏيئي سگهي ٿي". اها ئي نرم پر هلڪي طنزيہ مُرڪ "پر يورپي عوام جي وک اڳتي وڌائڻ ڪانسواءِ اهي مقصد حاصل نٿا ڪري سگهجن. ايجا.."

هاڻي هر شخص اهو انتظار ڪيو ڪري تہ هڪ ڏينهن صبح جو اوچتو بالشويڪ رستن تي ظاهر ٿيندا ۽ سفيد ڪالر وارن همراهن کي گوليون هڻڻ شروع ڪندا. ان وقت حقيقي بغاوت قدرتي طور تي اعلانيا شروع ٿي ويئي.

عارضي حڪومت، پيٽروگراڊ گيريزن کي محاذ تي موڪلڻ جي رٿا ناهي هئي. پيٽروگراڊ گيريزن لڳ ڀڳ ست هزار فوجين تي ٻڌل هئي. جن انقلاب ۾ وڏي ڇڙهي حصو ورتو هو. مارچ جي عظيم ڏينهن ۾ هنن وهڪري جو رخ موڙي ڇڏيو هو. سپاهين جي نمائندن سوويتون قائم ڪيون هيون ۽ ڪورنيلوف کي پيٽروگراڊ جي دروازي تان هڪالي ڇڏيو هو. هاڻ انهن جو وڏو حصو بالشويڪ هو. جڏهن عارضي حڪومت شهر کي خالي ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ پيٽروگراڊ گيريزن ئي جواب ڏنو تہ "جيڪڏهن اوهين ناهہ بہ نٿا ڪري سگهو تہ پڇي پاسي ٿيو ۽ هڪ عوامي حڪومت جي لاءِ جاءِ خالي ڪريو جيڪا ٻئي ڪم ڪري سگهي ٿي".

اها ڳالهہ بہ چٽي هئي تہ بغاوت جي ڪنهن بہ ڪوشش جو دارومدار پيٽروگراڊ گيريزن جي رويي تي آهي. حڪومت جي رٿا اها هئي تہ گيريزن ريجمنٽن جي جاءِ تي "اعتبار جوڳي" فوج يعني ڪزاڪ ۽ مُهلڪ بٽالين مقرر ڪيون وڃن. ڪجهہ فوجي ڪميٽيون، اعتدال پسند سوشلسٽ

۾ 'تسي اي ڪا' حڪومت جي تائيد ڪندين هيون. محاذ ۾ پيٽروگراد هڪ وڏي ايجي ٽيشن جي حوالي ٿي ويو جنهن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو هو ته پيٽروگراد گيريزن اڻن مهينن کان گادي جي هنڌ جي بارڪن ۾ مزي جي زندگي پيئي گذاري، جڏهن ته ٽڪل هارايل ساٿي خندقن ۾ بکون ڪاٿي رهيا آهن ۽ مري رهيا آهن.

قدرتي طور تي، ڪنهن حد تائين ان الزام ۾ سچائي به هئي، جو گيريزن جون ريجمنٽون، پنهنجي آرام کي سردين جي ڪنهن فوجي مهم جي تڪليفن ۾ بدلائڻ جي لاءِ راضي نه هيون، پر انهن جي محاذ تي نه وڃڻ ۽ انڪار جا ڪي ٻيا سبب به هئا. پيٽروگراد سوويت کي حڪومتي ارادن کان ڊپ هو ۽ محاذ تان عام سپاهين جا چونڊيل سوين نمائندا اچي رهيا هئا، جن وڏي واڪي اهو ٿي چيو ته، "ساٿيو اهو سچ آهي ته اسانکي ڪمڪ جي ضرورت آهي، پر اُن کان به وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته اسانکي يقين ٽيڻ گهرجي ته پيٽروگراد ۽ انقلاب جي سڀني نموني حفاظت ڪئي پيئي ويجي. ساٿيو! اوهين پويان سنڀاليو ۽ اسين محاذ تي جميل رهنداسين".

25 (12) آڪٽوبر تي بند دروازن جي اندر پيٽروگراد سوويت جي ورڪنگ ڪميٽيءَ سوال جو فيصلو ڪرڻ جي لاءِ هڪ خاص فوجي ڪميٽيءَ جي جوڙجڪ تي بحث ڪيو. ٻي ڏينهن "پيٽروگراد" سوويت جي سپاهين جي شعبي هڪ ڪميٽي چونڊي، جنهن هڪدم بورزوا جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ۽ سوويٽن جي ڪانگريس جي مخالفت ڪرڻ تي "تسي اي ڪا" جي مذمت ڪئي. 29 (16) هين تي پيٽروگراد سوويت جي ڪليل اجلاس ۾ ٽراٽسڪيءَ اها رٽ پيش ڪئي ته سوويت باقاعده طور تي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي منظوري ڏي. هن چيو اسانکي لڙائي ۾ ڪُڏي پوڻ ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي ته مرڻ جي لاءِ پنهنجي خاص تنظيم قائم ڪرڻ گهرجي. اهو فيصلو ڪيو ويو ته به وفد محاذ تي موڪليا وڃن. هڪ سوويت پاران ۽ ٻيو گيريزن پاران. جيڪي سپاهين جي ڪميٽين ۽ جنرل اسٽاف سان ڳالهيون ٻُهاڙيون ڪن.

پسڪوف ۾ اُترينءَ محاذ جي ڪمانڊر جنرل چيريمسوف، سوويت نمائندن سان ان پڌري اعلان سان ملاقات ڪئي ته هن پيٽروگراد گيريزن

کي خندقن ۾ پهچڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ بس گيريزن ڪميٽيءَ کي پيٽروگراڊ کان ٻاهر وڃڻ جي موڪل نه ملي.

پيٽرو گراڊ سوويت جي سپاهين جي هڪ شعبي جي هڪ وفد چيو ته هڪ نمائندي کي پيٽروگراڊ ضلع جي اسٽاف ۾ شامل ڪيو وڃي. پر درخواست رد ڪئي ويئي. پيٽروگراڊ سوويت گهر ڪئي ته سپاهين کي ڪاتي جي منظوريءَ کانسواءِ کو به حڪم جاري نه ڪيو وڃي. پر اها گهر به رد ٿي. نمائندن کي ڪاوڙ ۾ چيو ويو ته "اسين فقط 'تسي اي ڪا' کي مڃيون ٿا. اوهانکي نٿا مڃون. جيڪڏهن اوهان ڪنهن قانون جي خلاف ورزي ڪئي ته اسين اوهانکي گرفتار ڪنداسين."

"30 (17) هين آڪٽوبر[1] تي پيٽروگراڊ جي سيني ريجمنٽن جي نمائندن جي هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ هڪ ٺهراءَ پاس ڪيو ويو "پيٽروگراڊ گيريزن هاڻ عارضي حڪومت کي تسليم نٿي ڪري اسانجي حڪومت پيٽروگراڊ سوويت آهي. اسين رڳو پيٽروگراڊ سوويت جي حڪمن کي مڃينداسين. جيڪي اسانکي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي معرفت ملندا." مقامي فوجي يونٽ کي پيٽروگراڊ سوويت جي سپاهين کي ڪاتي جي هدايت جو انتظار ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو.

ٻي ڏينهن "تسي اي ڪا" خود پنهنجي گڏجاڻي گهرائي، جيڪا گهٽو ڪري وڏن آفيسرن تي مشتمل هئي. هن اسٽاف سان سهڪار ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڪميٽي ناهي ۽ شهر جي سيني پاڻن ۾ ڪميسار مقرر ڪري ڇڏيا.

3 نومبر (21 آڪٽوبر) تي اسمولني ۾ سپاهين هڪ وڏو جلسو ڪيو جنهن ۾ طئي ڪيو ويو ته:

"فوجي انقلابي ڪميٽي جي قيام کي سلام ڪندي پيٽروگراڊ گيريزن، سندس سيني قدمن، فيصلن، انقلاب جي مفادن موجب محاذ ۽ پويان به وڌيڪ متحد ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي مڪمل حمايت جو اعلان ٿي ڪري گيريزن اعلان ٿو ڪري ته اها انقلابي پرولتاريا سان گڏجي پيٽروگراڊ ۾ انقلابي نظم و ضبط برقرار رکڻ جي ضمانت ٿي ڏي ۽ ڪورنيلوفن يا بورزوازين ياران اشتعال انگيزيءَ جي هر ڪوشش جو جواب بي رحماڻي مزاحمت سان ڏنو ويندو".

---

[1] اها گڏجاڻي 31 آڪٽوبر تي ٿي هئي (ايڊيٽر)

فوجي انقلابي ڪميٽيءَ پنهنجي طاقت جو احساس ڪندي پيٽروگراڊ فوجي اسٽاف کي حڪم ڏنو تہ اها سنڊس ڪنٽرول کي قبول ڪري هن سيني پريسن کي حڪم ڏنو تہ ڪميٽيءَ جي اجازت کانسواءِ ڪوبہ اعلان يا اپيل نہ ڇپي ويچي. هٿياربند ڪميسارن 'ڪرونورڪ' جي هٿيارخاني ۾ پهچي هٿيارءِ گولي بارود جي وڏي مقدار کي ضبط ڪري ورتو ءِ ڏهہ هزار سنگينن جي روانگي کي روڪي ڇڏيو جيڪي "ڪالیدن" جي هيڈڪوارٽر "نوواچيرڪاسڪ" موڪليون پي ويون.

خطري جو اوچتو احساس ڪري حڪومت آچ ڪئي تہ جيڪڏهن ڪميٽي پنهنجو پاڻ کي توڙي ڇڏي تہ معافي ڏني ويندي پر وقت گذري چڪو هو. 5 نومبر (23 آڪٽوبر) جي اڌ رات جو ڪيرنسڪيءَ پاڻ ماليوسڪيءَ کي موڪليو تہ هو پيٽروگراڊ سوويت کي اسٽاف ۾ نمائندگي ڏيڻ جي آچ ڪري فوجين انقلابي ڪميٽيءَ جي آچ کي قبولي ورتو. هڪ ڪلاڪ کانپوءِ جنگ جي قائم مقام وزير مانيونسڪي اها آچ رد ڪري ڇڏي.

اڳاري 6 نومبر (24 آڪٽوبر) جي صبح جو شهر ۾ هڪ وڏي اشتهار جي ظاهر ٿيڻ سان پڙڏڪ مچي ويو جنهن تي مزدورن ءِ سپاهين جي نمائندن جي پيٽروگراڊ سوويت سان لاڳاپيل فوجي انقلابي ڪميٽي جي صحيح هئي.

پيٽروگراڊ جي عوام جي نالي:

"شهر واسيو! انقلاب دشمنيءَ پنهنجو مجرماڻون ڪندڙ ڪٻڙ شروع ڪري ڇڏيو آهي. 'ڪورنيلوفي' پنهنجي طاقتن کي گڏ ڪري رهيا آهن. تہ جيئن سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس کي چٽي ڇڏين ءِ آئين ساز اسيمبليءَ کي توڙي ڇڏين ءِ. تي سگهي تو تہ قتل ءِ رتوڇاڻ ڪندڙ پيٽروگراڊ جي ماڻهن کي گڙٻڙ ءِ رتوڇاڻ جي اپيل ڪن. مزدورن ءِ سپاهين جي نمائندن جي پيٽروگراڊ سوويت. شهر ۾ انقلاب دشمني قتل ءِ رتوڇاڻ جي ڪوشش جي خلاف انقلابي نظم ءِ ضبط جي حفاظت جو ذمون کڻي ٿي.

پيٽروگراڊ گيريزن کوبہ تشدد يا بدنظمي هرگز برداشت نہ ڪندي ماڻهن کي اپيل ٿي ڪجي تہ هو فسادين ءِ هُل بکيڙو ڪندڙ هڙتالين کي

جلهي، ڪين ويڄهي بارڪ ۾ سوويت ڪميسارن جي حوالي ڪن. پيٽروگراڊ جي رستن تي هنگامون ڪندڙ ڪاريون قوتون جيئن ئي اهڙي ڪا ڪوشش ڪن، پوءِ پلي اها ڦر هجي يا لڙائي. ڏوهارين کي ماري مُڇ ڪيو ويندو.

"شهر واسيو! اسين اوهانکي مڪمل سڪون ۽ ضبط قائم ڪرڻ جي اپيل ٿا ڪريون. انقلاب جو مقصد سڳهارن هٿن ۾ آهي."

30 نومبر (21 آڪٽوبر) تي بالشويڪ اڳواڻن، بند دروازن جي اندر هڪ ٻي تاريخي گڏجاڻي ڪئي. زالڪند[1] مونکي ٻڌايو هو ۽ آئون ٻاهر وراندي ۾ بيٺو هوس ۽ ولودارسڪيءَ ٻاهر نڪرندي ئي مونکي ٻڌايو ته اندر چا ٿيو وهي واپري.

لينن تقرير ڪئي، "24 آڪٽوبر تي اجائي تڪڙ هوندي، اسان وٽ بغاوت جي لاءِ هڪ ڪُل روس بنياد هئڻ گهرجي ۽ 24 آڪٽوبر تي ڪانگريس جا سڀ نمائندا پهچي نه سگهندا. ٻي طرف 26 آڪٽوبر تي گهٽي دير ٿي ويندي، ان وقت تائين ڪانگريس منظم ٿي چڪي هوندي ۽ ماڻهن جي ڪنهن وڏي منظم جماعت جي لاءِ هڪدم ۽ فيصلو ڪندڙ قدم کڻڻ ڏکيو هوندو آهي. اسانکي 25 آڪٽوبر تي قدم کڻڻ گهرجي، جنهن ڏينهن ڪانگريس شروع ٿئي، ان ئي ڏينهن، جيئن اسين کيس چئي سگهون ته هيءُ آهي اقتدار هاڻ اوهين ان جو چا ڪندا". مٿين ماڙ جي ڪنهن ڪمري ۾ هڪ سنهي مُهانڊي ۽ ڏڪهن وارن وارو همراهه ويٺو هو. جيڪو ڪنهن زماني ۾ زار جي فوج ۾ آفيسر رهي چڪو هو. پوءِ انقلابي ٿيو ۽ جلاوطن ڪيو ويو. اوسيئڪو نالي هڪ شخص، جنهن کي انتونوف چيو ويندو هو، رياضيدان ۽ شطرنج جو راندين هو، هو گادي جي هنڌ جي تسخير جي لاءِ وڏي احتياط سان رٿابندي ڪري رهيو هو. حڪومت پنهنجي طور تي تياري ڪري رهي هئي.

هوريان، مان منيءَ ۾ سيني ان وڏيڪ وفادار ريجمنٽ کي، جيڪي ڏار ڏار ڊويزنن جون هيون، پيٽروگراڊ اچڻ جو حڪم ڏنو ويو. يونڪر توپ خاني کي 'سرمائي محل' جي اندر مقرر ڪيو ويو. ڪزاڪ جولاءِ وارن ڏينهن کانپوءِ

---

[1] زالڪند: پهرين نومبر جي بغاوت جو هڪ سرگرم ڪارڪن ۽ پيٽروگراڊ جي بالشويڪ تنظيم جو ميمبر.

پهريون پيرو رستن تي ظاهر ٿي گشت ڪرڻ لڳا. 'پلڪوونيڪوف' حڪم مٿان حڪم جاري ڪري رهيو هو جنهن ۾ حڪم نہ ميڙ جي صورت ۾ انتهائي سختي سان منهن ڏيڻ جو ڏڙڪو ڏنل هوندو هو. تعليم واري وزير ڪيشڪت کي پيٽروگراد نظم و ضبط قائم ڪرڻ جي لاءِ خصوصي ڪميسار مقرر ڪيو ويو هيءَ اهو وزير هو جنهن کان ڪابينا جي سيني ميمبرن کان وڌيڪ نفرت ڪئي ويندي هئي. هن ہن ماڻهن 'روتن برگ' ۽ 'پال چنسڪي' کي پنهنجو مددگار مقرر ڪيو جيڪي بہ ڪانئس گهٽ بدنام نہ هئا. ہي پاسي پيٽروگراد، ڪران شتات ۽ فن لينڊ جي گهيري ۾ هئڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن تي بورزوا "نوويسي وريميا" (نئون دور) چٽر ڪندي لکيو:

"گهيري جي حالت ڇو؟ گورنمينٽ هاڻ ڪا طاقت ڪانهي. هن جو ڪوبہ اخلاقي اثر ڪونهي. ۽ وٽس طاقت جي استعمال لاءِ ضروري مشينري ڪونهي. اها انتهائي سازگار حالت ۾ فقط انهن ماڻهن سان ڀگالهيون مُهاڙيون ڪري سگهي ٿي، جيڪي اُن لاءِ تيار هجن. جو اختيار ان کان وڌيڪ آهي ئي ڪونہ."

آئون، سومر جي ڏينهن، پنجين نومبر (23 آڪٽوبر) تي صبح جو 'مارنيسڪي محل' ۾ اهو ڏسڻ جي لاءِ ويس تہ اُتي روسي جمهوريہ جي ڪائونسل ۾ چا پيو ٿئي. اُتي تيريشنڪو جي پرڏيهي پاليسيءَ جي معاملي جو پڙاڏو پُڌڻ ۾ آيو. اتلي جي سفير کانسواءِ باقي سڀ سفير موجود هئا، جنهن جي باري ۾ هر شخص چئي رهيو هو تہ 'ڪارسو' جي بربادي کيس نهوڙي ڇڏيو آهي.

آئون جنهن مهل اندر گهڙيس، ان مهل ڪابي ڏر جو سوشلسٽ انقلابي ڪاريلن "لنڊن ٽائمس" جو هڪ اداريو وڏي آواز ۾ پڙهي رهيو هو. جنهن لکيو هو "بالشوزم جو علاج آهي گوليون!"

هن ڪاديتن ڏانهن مڙندي چوي، "چا اوهين بہ اهوئي پيا سوچيو."

ساڃي پاسان آواز آيو "ها ـ ها ـ"

ڪاريلن ڪاوڙ ۾ وراڻيو "هائو مونکي خبر آهي تہ اوهين بہ ائين ئي پيا سوچيو پر اوهان ۾ ائين ڪرڻ جي مڙسي ڪونهي."

ان کانپوءِ اسکوبليف، جيڪو پنهنجي نرم سنهري ڏاڙهي ۽ گهنڊيدار وارن جي ڪري مشهور اداکار پي لڳو معذرت خواهيءَ واري انداز ۾ "سوويت هدايت نامي" جي صفائي پيش ڪئي. پوءِ تيريشنڪو تقرير ڪئي، جنهن تي ڪاپي پاسان "استعفيٰ استعفيٰ" جا هوڪرا ٿيڻ لڳا. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته پئرس ويندڙ حڪومتي ۽ "تسي اي ڪا" جي نمائندن جو هڪ ئي ڳڙيل نقطه نظر هئڻ گهرجي، يعني تيريشنڪو وارو. ڪجهه لفظ فوج ۾ ٻيهر ڊسيپلين قائم ڪرڻ جي باري ۾ فتح حاصل ٿيڻ تائين جنگ جاري رکڻ جي باري ۾ فتح .... بي انتها هُل ۽ هنگامي ۽ ڪاپي ڏر جي سخت مخالفت جي باوجود جمهوريه جي ڪائونسل هڪ سادو ٺهراءَ پاس ڪري ورتو.

بالشويڪ سيٽن جون قطارون پري تائين هليون ويون هيون، جيڪي ان پهرينءَ ئي ڏينهن کان خالي پيون هيون، جڏهن هو ڪائونسل مان هليا ويا هئا ۽ پاڻ سان گڏ زندگي به کڻي هليا ويا. جنهن مهل آئون ڏاکڻين تان هيٺ پي لٿس، ته مونکي ائين پي لڳو ته سخت زور آزمائي جي باوجود به ٻاهرين دنيا جو کوبه حقيقي آواز هن وڏي ۽ ڏڍي هال ۾ گهڙي نٿو سگهي ۽ اهو ته جنگ ۽ امن جي اُٽ، جبل سان ٽڪرائجي، مليوکوف جي وزارت کي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏيو هو عارضي حڪومت ٽٽي چڪي آهي. دربان مونکي منهنجو اوور ڪوٽ پارائيندي بڙبڙايو "خبر ڪونهي ته غريب روس جو ڇا ٿيو ٿئي. هي سڀ منشويڪ، بالشويڪ ۽ ترودويڪ. هي يوڪرين ۽ فن لينڊ ۽ جرمن، سامراجي ۽ انگريز سامراجي..... آئون پنجيتالهن سالن جو اڇي ٿيو آهيان، پر مون سڃي زندگيءَ ۾ هيترا لفظ نه ٻُڌا آهن، جيترا هن هڏ ٻُڌا اٿم".

ورانڊي ۾ منهنجي پروفيسر ساتسڪي سان ملاقات ٿي. هن جي شڪل ۽ شبيهه ڪُئي جهڙي هئي، ڪيس ناهوڪو فراڪ ڪوٽ پاتل هو. اهو کاديت پارٽي جي ڪائونسل ۾ سڀ کان اثر رکندڙ هو. مون کانئس پڇيو ته جنهن بالشويڪ "وستوپلنيسي" جي باري ۾ ٻڌجي پيو ان جي باري ۾ سندس ڪهڙو خيال آهي؟ هن مذاق واري انداز ۾ چٽر ڪندي چيو "هو ته وهٽ آهن. چرندڙ ..... هنن ۾ ايتري همت ئي ڪونهي ۽ جيڪڏهن کڻي ڪندا به ته هار کائي واپس پڇندا. اسانجي نقطه نظر موجب اهو ڪو خراب

نہ ٹيندو. چو تہ ايئن ڪري هو پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندا ۽ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ سندس ڪابہ طاقت نہ رهندي.

"پر سائين، مونکي اها موڪل ڏيو تہ آئون اوهانجي سامهون حڪومت جي هڪ شڪل جي باري ۾ پنهنجي رٽ پيش ڪري سگهان. جيڪا آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پيش ڪئي ويندي. ڀالهہ هيءَ آهي تہ آئون هڪ ڪميشن جو صدر آهيان. جنهن کي اُن اداري ۾ عارضي حڪومت جي سهڪار سان مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن کي. هڪ آئيني پراجيڪٽ تيار ڪرڻون آهي. اسان وٽ هڪ بہ ايوانن تي بدل قانون ساز اسيمبلي هوندي. جهڙي اوهان وٽ آمريڪا ۾ آهي. هيئين ايوان ۾ مختلف علائقن جا نمائندا هوندا ۽ مٿين ايوان (سينيٽ) ۾ لبرل. زيمستوون. سهڪاري سوسائٽين ۽ ٽريڊ يونينن وغيره جا نمائندا هوندا."

ٻاهر اولهہ کان گُهميل تڏي هوا اچي رهي هئي ۽ تڏي گپ منهنجي پيرن ۾ جذب ٿي ڪُڙين کي لڳي رهي هئي. يونڪرن جون بہ ڪمپنيون هٿ چنڊيندیون "مورسکايا" سڙڪَ تان لنگهيون. هو پنهنجي ڊگهن ڪوچن ۾ مارچ ڪري رهيون هيون ۽ پراڻي زماني جو هڪ مشهور گيت ڪورس ۾ ڳائي رهيون هيون. جيئن زار جي زماني ۾ سپاهي ڳائيندا هئا. پهرين چوڪ تي مون شهري مليشا وارا ڏٺا. جن جي جسم تي چمڪندڙ نون هولسٽرن ۾ ريوالور لڳل هئا. ماٺهن جي هڪ ننڍي ٽولي خاموشيءَ سان بيٺي کين تڪي رهي هئي. نيوسڪي پراسپيڪٽ جي موڙ ٽان مون لينن جو پمفليٽ "ڇا بالشويڪ اقتدار ۾ رهي سگهندا"؟، ٽپال ڪاتي جي هڪ ٽڪلي ڏيئي خريد ڪيو جيڪا ننڍي ريزگاريءَ جي جاءِ تي ڪم اچي ويئي. ٽرامون معمول موجب سُرندیون ايندیون ۽ ويندیون رهيون ۽ انهن تي شهري ۽سپاهي ٻاهر ايئن لڙڪي رهيا هئا. جو جيڪڏهن ٽيودور پي شونتس[1] ڏسي ها تہ اهو بہ رشڪ ڪري ها. فوٽ پاٽ تي فوج مان ڳچل سپاهي سگريٽ ۽ سورج مکيءَ جا ٻج وڪڻي رهيا هئا.

نيوسڪي تي ۽ اڳيان بہ ماٺهو تيز ڏنڊلڪي ۾ تازي اخبار خريدڻ جي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا ۽ ماٺهن جون ڇُلنگيون انهن اڻ ڳڻين اپيلن ۽ اعلانن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. جيڪي هر هنڌ

---

[1] ٽيودور پي شونتس: اُن زماني جو مشهور روسي مداري

چنبڑيل هئا. اهي اعلان 'تسي اي ڪا'، هارين جي سوويتن، اعتدال پسند سوشلسٽ پارٽين ۽ فوجي ڪميٽين پاران ڪيا ويا هئا. جن ۾ مزدورن ۽ سپاهين کي ڏڑڪا ڏنا ويا هئا، مٿن لعنتون موڪليون ويون هيون. کين منٽ ميڙ ڪئي ويئي هئي ته هو گهرن ۾ ويهن، حڪومت جي حمايت ڪن. هڪ بکتربند گاڏي هوريان هوريان چڪر هڻي رهي هئي، جنهن جو سائرن لڳاتار رنيون ڪري رهيو هو. هر موڙ تي هڪ ڪليل هنڌ تي بي شمار ٽوليون بينيون هيون. سپاهي ۽ شاگرد بحث مباحثو ڪري رهيا هئا. جلد ئي رات ٿي ويئي ۽پري پري تائين بتيون ٻرڻ لڳيون. ماٺهن جي سيلاب جا ريلا ايندا رهيا. پيٽروگراد ۾ گڙٻڙ کان اڳ سدائين ائين ئي ٿيندو آهي.

شهر اعصابي دٻاءَ جي حالت ۾ هو ۽ هر تيز آواز تي چرڪي ٿي پيو. پر ايا تائين بالشويڪن پاران ڪا بہ خبرچار نہ پي ملي. سپاهي بارڪن ۾ رهيا ۽ مزدور ڪارخانن ۾. اسين ڪازران ڪيڊٻرل وٽ هڪ سئنيما ۾ فلم ڏسڻ جي لاءِ وياسين. جيڪا جذبن ۽ سازشن تي ٻڌل اطالوي فلم هئي. اڳين صفن ۾ ڪجهہ سپاهي ۽ جهازي وينا هئا، جيڪي هارن جيان حيرانيءَ مان اسڪرين ڪي ڏسي رهيا هئا. کين اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پي آئي ته هيڏي پُرجوش ڇڄ ڏُڪَ ۽ هيتري خونريزيءَ جي پلا ڪهڙي گهرج آهي.

آئون اُتان کان جلدي جلدي 'اسمولني' ويس. سڀ کان مٿين ماڙِي جي ڏهين نمبر ڪمري ۾ فوجي انقلابي ڪميٽي جو لڳاتار اجلاس ٿي رهيو هو. جنهن جي صدارت لازيمير نالي هڪ ارڙهن سالن جو مُنجهيل وارن وارو نوجوان ڪري رهيو هو. هن شرميلي انداز ۾ هٿ ملائڻ جي لاءِ اڳيان وڌندي، تقرير ڪرڻ بند ڪئي.

هن خوشيءَ مان مُرڪندي چيو ته، "ايا اجهو هينئر 'پيٽروپالَ گڙٻي' بہ اسان سان اچي گڏي آهي. ايا هڪ منٽ اڳ اسانکي هڪ رجمنٽ جو نيابو مليو آهي، جنهن کي حڪومت پيٽروگراد اچڻ جو حڪم ڏنو هو. سپاهين کي شڪ هو تنهنڪري هنن گاڏيءَ کي "گاتچينا" ۾ روڪي ورتو ۽ اسان وٽ هڪ وفد موڪليو. هنن پڇيو ته" ڪهڙو معاملو آهي؟ اوهين چا ٿا چئو." اسان ايا هينئر ئي هڪ ٺهراءَ پاس ڪيو آهي ته سڄو اقتدار سوويتن جي حوالي ڪريو. فوجي انقلابي ڪميٽي جواب موڪليو "پائرو! اسين انقلاب جي نالي تي اوهانکي سلام ٿا ڪريون اوهين جتي بہ

آهيو اتي ترسيا پيا هجو جيستائين اوهانکي وڌيڪ هدايتون نہ موڪليون وڃن".

هن ٻڌايو تہ سڀ ٽيلي فون ڪاٽيا ويا آهن. پر فوجي ٽيلي فونو گراف جي ذريعي ڪارخانن ۾ بارڪن سان رابطو قائم رکيو ويو آهي.

خبرون آڻيندڙن ۾ ڪميسارن جي آوت ۾ جاوت جو سلسلو جاري هو. دروازي جي ٻاهران اهڙا هڪ ڏزن رضاڪار منتظر هئا، جيڪي شهر جي ڏورانهن پاڙن ۾ پيغام پهچائي ٿي سگهيا. انهن مان هڪ جپسي جهڙي شڪل واري همراهہ. جنهن کي ليفٽيننٽ جي وردي پاتل هئي، فرانسيسيءَ ۾ چيو "هر شئي بلڪل ايئن تيار آهي، جو بٽڻ دٻائڻ سان ئي سڀ ڪجهہ شروع ٿي ويندو".

پرسان ئي پودووئسڪي لنگهيو سنهڙو سيپڪڙو ڏاڙهي رکيل هڪ غير فوجي شخص، جنهن جي دماغ بغاوت جي حڪمت عملي جو تصور ڪيو هو. انتونوف، جنهن جي ڏاڙهي وڌيل هئي، ڪالر ميرو ۾ لڳاتار جاڳڻ جي ڪري اکيون خماريل هيس. ڪريلينڪو، قد جو بندرو ۾ ڪتابي چهري وارو سپاهي، جيڪو سدائين مُرڪندو رهڻ سان گڏ زور زور سان ڳالهيون ڪندو ۾ زور زور سان هٿ هلائيندو رهندو هو ۾ وينڪو وڪريل ڏاڙهيءَ وارو جهازي، جنهن جو چهرو ڏاڍو پُرسڪون هو. اهي ان گهڙيءَ ۾ ايندڙ ٻين گهڙين جا ماڻهو هئا. هيٺ فئڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين جي آفيس ۾ سيراتوف وينو حڪومتي هٿيار خاني کي موڪلجندڙ حڪمن تي صحيحون ڪري رهيو هو تہ هر فئڪٽري کي 150 رائفلون ڏنيون وڃن. ٻيلي گيٽن جي قطار گڏيل هئي، چاليهہ ٻيلي گيٽ.

هال ۾ منهنجي ملاقات ڪجهہ ننڍن بالشويڪ اڳواڻن سان ٿي. انهن مان هڪ مونکي ريوالور ڏيکارينديو چيو "راند شروع ٿي ويئي آهي". هن جو منهن پيلو پئجي ويو "اسين ڪا چال هلون يا نہ پر هي ڈر کي خبر آهي تہ ڪيس يا تہ اسانکي ختم ڪرڻون آهي يا پاڻ ختم ٿي وڃڻو اٿن."

پيٽروگراڈ سوويت جا اجلاس رات ڏينهن هلي رهيا هئا. آئون جڏهن سڀ کان وڏي هال ۾ پهتس تہ ٽراٽسڪي پنهنجي تقرير ختم ڪري رهيو هو هو چئي رهيو هو.

"اسان کان پڇيو ويو وڃي ته ڇا اسين "وستو پليسي" ڪرڻ جو ارادو رکئون ٿا، آئون اُن سوال جو صاف جواب ڏيئي سگهان ٿو ته پيٽروگراڊ سوويت سمجهي ٿي ته نيٽ اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ اچڻ گهرجي، حڪومت جي منتقليءَ جو ڪم ڪُل روس ڪانگريس پورو ڪندي، ڪنهن هٿياربند مظاهري جي گهرج پوندي يا نہ. انهيءَ جو سڄو دارومدار انهن ماڻهن تي آهي، جيڪي ڪُل روس ڪانگريس ۾ مداخلت ڪرڻ چاهين ٿا.

"اسين سمجهون ٿا ته اسانجي حڪومت، جيڪا عارضي ڪابينا جي اراڪين جي حوالي ڪئي ويئي آهي، هڪ رحم جوگي ۽ بي وس حڪومت آهي، جيڪا فقط تاريخ جي ٻُهاري ڦيرڻ جي منتظر آهي ۽ اها واقعي عوامي حڪومت جي لاءِ جاءِ خالي ڪري ڇڏيندي. پر اسين اڄ به ٽڪراءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسين اُميد ٿا ڪريون ته ڪُل روس ڪانگريس، اُن اقتدار ۽ اختيار کي پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي ونڊي، جيڪا عوام جي منظم آزادي تي قائم آهي. پر حڪومت ان ٿوري مدت کي، جنهن ۾ ڪيس جيئري رهڻ جي اميد آهي، 24، 48 يا 72 ڪلاڪ، اسان تي حملو ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿي، ته اسين جوابي حملي سان جواب ڏينداسين. جنگ جي جواب ۾ جنگ، لوهه جي جواب ۾ فولاد!"

تاڙين جي گونج ۾ هن اعلان ڪيو ته ڪابي ڊر جا سوشلسٽ انقلابي فوجي ڪميٽيءَ ۾ پنهنجا نمائندا موڪلڻ جي لاءِ راضي ٿي ويا آهن.

آئون، صبح جو جنهن مهل اسمولني مان روانو ٿيس ته مون ڏٺو ته دروازي جي ٻنهي طرفن تيزيءَ سان هلندڙ به توپون لڳايون ويون آهن. ۽ سپاهين جا مضبوط جٿا ڦاٽڪ ۽ آسپاس جي موڙن تي چوڪي ڏيئي رهيا هئا. اوچتو ڏاڪڻيون ٽپندي بل شاتوف اچي سهڙيو. جنهن رڙ ڪري چيو "بس هاڻ اسان به هلئون ٿا. ڪيرنسڪي اسانجي اخبارن 'سلدات' ۽ 'ربوچي پوت' کي بند ڪرڻ جي لاءِ يونڪرن کي موڪليو. پر اسانجون فوجون ويون ۽ هنن حڪومتي مُهرن کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ اسين بورزوا اخبارن جي آفيس تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ دستا موڪلي رهيا آهيون". هن خوشيءَ مان منهنجي ڪلهي تي هٿ هنيو ۽ جهڙپ ڏيئي اندر گهڙي ويو.

6 نومبر (24 آڪٽوبر) تي مونکي 'سنسر' سان ڪم هو جنهن جي آفيس پرڏيهي ڪاتي ۾ هئي. هر هنڌ، سيني پٽين تي، ماڻهن کي "پرسڪون" رهڻ جون اپيلون لڳل هيون پلڪوويڪوف هڪبئي جي پوڻان حڪم جاري ڪري رهيو هو:

"آئون سيني فوجي يونٽن ۽ دستن کي فوجي سطح جي اسٽاف پاران وڌيڪ حڪم ملڻ تائين، پنهنجن باريڪن ۾ رهڻ جو حڪم ٿو ڏيان.

- جيڪي آفيسر پنهنجي عملدارن جي حڪمن کانسواءِ عمل ڪندا، تن کي غداريءَ جي الزام ۾ ڪورٽ مارشل ڪيو ويندو.

- "آئون سپاهين کي ٻين تنظيمن جي هدايتن تي عمل ڪرڻ کان سختيءَ سان روڪيان ٿو". صبح جو اخبارن اعلان ڪيو ته حڪومت 'نووايا روس'، 'زويو بي سلوهه'، 'ربوچي پوت' ۽ 'سلدات' کي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ پيٽروگراڊ سوويت جي اڳواڻن ۽ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي گرفتاريءَ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي.

جنهن مهل آئون محل جو چوڪ اُڪري رهيو هوس ته يونڪرن جا ڪيترائي جٿا گهوڙا ڊوڙائيندا، محل جي سامهون صفون ٻڌي اچي ٻيٺا. جنرل اسٽاف جي عظيم ڳاڙهي عمارت ۾ غير معمولي اڇ وڇ هئي. ڪيترين ئي بکتربند گاڏين دروازي جي سامهون ٻيٺيون هيون ۽ آفيسرن سان پريل موٽرون اچي وڃي رهيون هيون. 'سنسر' ڏاڍو پرجوش هو جيئن سرڪس ۾ ڪو ننڍو چوڪرو ٽيندو آهي. هن چيو ته اجهو اجهو ڪيرنسڪي جمهوريه جي ڪائونسل ۾ استعفيٰ ڏيڻ جي لاءِ ويو آهي. اهو ٻُڌي آئون تيزيءَ سان مارينسڪي محل طرف وڌيس ۽ ڪيرنسڪيءَ جي ان جذباتي ۽ تقريبن سمجهه ۾ نه ايندڙ تقرير جي آخري حصي تي پهتس. جيڪا پنهنجو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ ۽ پنهنجن دشمنن جي تلخ ۽ اعلانيا مذمت سان پريل هئي.

"هتي آئون انهن مضمونن جي هڪ سڃي سلسلي مان بي حد مثالي ٽڪرو پيش ڪندس. جيڪي 'ربوچي پوت' ۾ اوليانوف لينن چيپيا آهن، جيڪو هڪ ياڇوڪڙ رياستي ڏوهاري آهي ۽ جنهن کي اسين جهلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ان رياستي ڏوهاريءَ پرولتاريه ۽ پيٽروگراڊ گيريزن کي مدعو ڪيو آهي ته اهي 3 جولاءِ کان 5 جولاءِ تائين جي تجربي

کي ٻيهر ورجائين ٿا هن فوري طور تي هڪ هٿيار بند بغاوت جي ضرورت تي زور ڀريو آهي. ٻين بالشويڪ اڳواڻن ٻ گڏجاڻين جي هڪ سلسلي ۾ جيڪي تقريرون ڪيون آهن. تن ۾ هٿياربند بغاوت جي اپيل ٻ آهي. پيٽروگراڊ سوويت جي هاڻوڪي صدر ٽراٽسڪيءَ جي سرگرمين تي ٿ خاص نظر رکڻ گهرجي.

"مون کي اوهانکي اهو ٻڌائڻون آهي ٿ 'ربوچي پوت' ٿا 'سلدات' ۾ چپيل مضمونن جو سڄو سلسلو 'نووايا روس' جي مضمونن سان هڪجهڙائپ رکي ٿو. اسانکي ڪنهن ٻ سياسي پارٽيءَ جي ڪنهن ٻ حرڪت سان ايترو واسطو ڪونهي. جيترو آبادي جي هڪ حصي جي سياسي ناداني ٿا ڏوهاري جبلت جي پرماريت سان آهي. اسان جو واسطو هڪ اهڙي قسم جي تنظيم سان آهي. جنهن جو مقصد روس ۾ تباهي ٿا رتوڇاڻ جي هڪ تحريڪ هلائڻ آهي. پوءِ پلي ان جي ڪيتري ٻ قيمت ادا ڪرڻي پوي.

"اڄ عوام جي جيڪا ذهني حالت آهي. ان ۾ پيٽروگراڊ ۾ ڪنهن ٻ هلچل جي نتيجي ۾. جيڪو انتهائي پيماڪ قتل عام ٿيندو اهو آزاد روس جي نالي تي سدائين جي لاءِ داغ بنجي ويندو.

"خود اوليانوف لينن مجيو آهي ٿ روس ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪس جي انتهائي ڪاهي ڏر جي حالت ڏاڍي سازگار آهي."

ان هنڌ تي ڪيرنسڪيءَ. لينن جي مضمون جو هيٺيون ٽڪرو پڙهيو:

"ٽورو سوچيو ٿ سهي! جرمن ڪامريڊن وٽ رڳو ليڪتخت آهي (جيڪو ٻ سخت پورهئي سان ٽيپ ڪاٽي رهيو آهي) اخبارون ٻ ڪونهن. جلسن جلوسن جي موڪل ٻ ڪونهي ٿا هڪ سوويت ڪانسواءِ..... سماج جا سڀ پرت. پوري سگهه سان چتا ٿي دشمنيءَ جي حد تائين انهن جي مخالفت ڪن ٿا. پوءِ ٻ جرمن عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن ٿ اسين. جن وٽ ڪيتريون ئي اخبارون آهن. جلسن ٿا جلوسن جي آزادي آهي. سوويتن جي اڪثريت آهي. جيڪا سڄي دنيا ۾ سيني کان وڌيڪ موقعا رکندڙ پرولتاري بين الاقواميت پسند آهي. ڇا اسين جرمن انقلابين ٿا باغي تنظيمن جي حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهون ٿا؟"

ڪيرنسڪيءَ وري چوڻ شروع ڪيو:

"بغاوت جا منتظمين پنهنجي پَر ۾ اها ڳالهه مڃين ٿا تہ هن وقت ڪنهن بہ سياسي پارٽي جي لاءِ آزاد قدم کڻڻ جي لاءِ روس ۾ بهترين حالتون موجود آهن. جنهن جو انتظام هڪ عارضي حڪومت هلائي رهي آهي. جنهن جو سربراهہ بالشويڪ پارٽيءَ جي نظر ۾ هڪ غاصب ۽ هڪ اهڙو شخص آهي جنهن پاڻ کي بورزوازيءَ جي هٿن ۾ وڪڻي ڇڏيو آهي. يعني ڪيرنسڪي.

".....بغاوت جا منتظيمن جرمن پَرولتاريہ جي نہ پر جرمن حڪمران طبقن جي مدد ڪري رهيا آهن ۽ هو روسي محاذ کي 'ويلهلم' ۽ سندس دوستن جي فولادي مُڪن جي لاءِ کولي رهيا آهن. عارضي حڪومت جي لاءِ انهن ماڻهن جي مقصد جي ڪابہ اهميت ڪونهي، ان ڳالهہ جي بہ اهميت ڪونهي تہ اهي ماڻهو شعوري عمل ڪن ٿا، يا لاشعوري طور تي، پر بهرحال آئون هن ڏائس تان پنهنجي ذميداري ۽ مڪمل احساس سان هڪ روسي سياسي پارٽيءَ جي اُن قسم جي قدمن کي روس سان غداري جو قدم ٿو قرار ڏيان. آئون پاڻ کي قانون جي نقطہ نظر تي رکان ٿو ۽ رٽ ٿو پيش ڪريان تہ هڪدم جانچ شروع ڪئي وڃي ۽ ضروري گرفتاريون ڪيون وڃن." (ڪابي پاسي کان گوڙ) هن وڌي آواز ۾ چيو "منهنجي ڳالهہ ٻُڌو! اهڙي وقت جڏهن رياست خطري ۾ هجي، شعوري يا لاشعوري غداري جي ڪري، عارضي حڪومت جي نظر ۾ ۽ بين سان گڏ منهنجي نظر ۾ بہ، روس جي زندگي، عزت ۽ آزاديءَ سان غداري ڪرڻ جي پيٽ ۾ مري وڃڻ کي ترجيح ڏيڻ ڪپي."

ان موقعي تي ڪيرنسڪيءَ کي هڪ ڪاغذ ڏنو ويو.

"اجهو هينئر مونکي اهو اعلان مليو آهي، جيڪو اهي همراهہ ريجنمنٽ ۾ ورهائي رهيا آهن. ان ۾ لکيل آهي. هو اعلان پڙهي ٿو:

"مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي پيٽروگراڊ سويت خطري ۾ آهي. اسين ريجمينٽ کي حڪم ٿا ڏيون تہ هو هڪدم جنگي حالت ۾ گڏ ٿي وڃن ۽ نوَن حڪمن جو انتظار ڪن. ان سلسلي ۾ ٿوري دير يا حڪم کي نہ مڃڻ انقلاب سان غداري جو قدم سمجهيو ويندو. پودو وئسڪي، صدر ۽ سيڪريٽري انتوخوف ـ فوجي انقلاب ڪميٽي.

"ڏنو وڃي تہ اها عام ماڻهن کي موجود نظام جي خلاف بغاوت تي اُپارڻ، آئين ساز اسيمبلي کي ٽوڙڻ ۽ لوهي مُڪ واري 'ويلهلم' جي ريجنمنٽ جي لاءِ محاذ کولڻ جي هڪ کوشش آهي.

"مون "عام ماڻهو" جاڻي ٻُجهي چيو آهي، ڇاڪاڻ تہ باشعور جمهوريت ۽ ان جي 'تسي اي کا'، سيئي فوجي تنظيمون ۽ اهي سڀ شيون، جن سان آزاد روس جو شان وڌيل آهي، عظيم روسي جمهوريت جي ڏاهپ، عزت ۽ انهن جو ضمير انهن جي خلاف احتجاج ٿو ڪري"

"هتي آئون کا درخواست ڪٽي نہ پر پنهنجي ان پختي يقين جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ آيو آهيان تہ عارضي حڪومت، جيڪا هن وقت اسان جي نئين آزاديءَ جي حفاظت پئي ڪري، نئين روسي رياست کي، جنهن جو روشن مستقبل يقيني آهي، گڏيل حمايت حاصل هوندي. سواءِ انهن ماڻهن جي حمايت جي، جن سچائيءَ کي منهن ڏيڻ جي ڪڏهن بہ همت نہ ڪئي.

"عارضي حڪومت، پنهنجا سيئي سياسي حق استعمال ڪرڻ جي لاءِ رياست جي سيني شهرين جي آزاديءَ سان ڪڏهن بہ هٿ چراند نہ ڪئي. پر هاڻي عارضي حڪومت اعلان ٿي ڪري تہ انهن جماعتن ۽ پارٽين کي، جن روسي عوام جي آزاد مرضيءَ جي ابتڙ، پنهنجا هٿ کٽڻ جي همت ڪئي ۽ گڏ گڏ جرمنيءَ جي لاءِ محاذ کولڻ جو خطرو پيدا ڪيو. هڪ فيصلو ڪري، تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏڻ گهرجي.!

"پيٽروگراڊ جا رهاڪو اها ڳالهہ سمجهي ونڻ تہ سندن مقابلو هڪ مضبوط طاقت سان ٿيندو ۽ آخري گهڙيءَ ۾ انهن ماڻهن جي عقل، ضمير ۽ عزت جي جيت ٿيندي، جن وٽ اڃا بہ دل آهي."

ان سڃي تقرير دوران هال ۾ زوردار هنگامون جاري رهيو. جڏهن وزيراعظم تقرير ڪري هيٺ لٿو تہ پگهر ۾ شرم ۽ پنهنجن آفيسرن جي ميڙ سان گڏ ٻاهر هليو ويو. هن جي ويندي ئي ڪاپي پاسي ۽ وچ وارن مقررن ساڃي پاسي وارن تي زوردار حملو ڪيو. سڀ مقرر سخت ڪاوڙيل ۽ بي قابو هئا. ويندي سوشلسٽ انقلابي پڙ، جن 'گوتس' جي زباني چيو: "بالشويڪن جي پاليسي وڏ واتي ۽ مجرماڻي آهي. ڇاڪاڻ تہ هو عوامي بي اطمينانيءَ مان فائدو ٿا ونڻ. پر بي شمار عوامي خواهشون آهن، جن جي اڃا سوڏي تشفي نہ ڪئي ويئي آهي. ناهہ. زمين ۽ فوج جي

جمهوريت بندي جي سوالن کي ان طريقي سان بيان ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن به سپاهي، هاري ۽ مزدور کي ٿورو به شڪ نه هجي ته اسان جي حڪومت انهن کي نبيرڻ جي قطعي ۽ يقيني ڪوشش ڪري رهي آهي.

"اسين ۽ منشويڪ ڪو وزارتي گهوٽالو پيدا ڪرڻ نٿا چاهيون ۽ اسين سڄي سگهه سان رت جي آخري ڦڙي تائين به حڪومت جو بچاءَ ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون. پر شرط اهو آهي ته عارضي حڪومت انهن سڀني اهم ۽ فوري سوالن تي چٽن ۽ قطعي لفظن ۾ ڳالهائي، جن جو عوام بي صبريءَ سان انتظار پيو ڪري".

پوءِ مارتوف سخت ڪاوڙ ۾ چيو:

وزير اعظم "عام ماڻهو" چوڻ مناسب سمجهيو جڏهن ته اهو سوال پرولتاريه جي اهم حاصلات ۽ فوج جي حرڪت جو آهي. جيتوڻيڪ ان جو مقصد غلط آهي. وزيراعظم جا لفظ گهرو جنگ لاءِ چڙ ڏيارڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهن." (ڪاپي پاسي کان زوردار تاڙيون)

ڪاپي ڏر جيڪو ٺهراءَ پيش ڪيو اهو منظور ٿي ويو. عملي طور تي اهو بي اعتماديءَ جي ووٽ جيان هو.

- جنهن هٿياربند مظاهري جي تياري گذريل ڪجهه ڏينهن کان ڪئي پئي وڃي، ان جو مقصد حڪومت تي زوري قبضو ڪرڻ آهي. ان سان گهرو ويڙهه پڙڪڻ جو ڊپ آهي. ان سان قتل عام ۽ انقلاب دشمن قوتن کي گڏ ٿيڻ جي لاءِ سازگار حالتون پيدا ٿي ملنديون، جيڪي لازمي طور تي آئين ساز اسيمبليءَ جي گڏ ٿيڻ کي ناممڪن بنائي ڇڏينديون. اهي انقلاب جي خاتمي جو سبب بنجنديون. ملڪ جي معاشي حالت کي مفلوج ڪري، روس کي تباهه ڪري ڇڏينديون.
- انهيءَ ايجي ٽيشن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري طور تي قدم نه کڻڻ ۽ اُن ۾ دير ڪرڻ، جنگ ۽ عام بدنظميءَ سبب پيدا ٿيل معروضي حالتن جو نتيجو آهي. هر فيصلي کان اڳ ضروري آهي ته هڪ فرمان جاري ڪيو وڃي، جيڪو زمين، هارين جي ڪميٽين کي منتقل ڪري ۽ اتحادين کي اها رٽ ڏي ته هو پنهنجن ٻاهه جي شرطن جو

اعلان ڪن ۽ ناهه لاءِ ڳالهين جي شروعات ڪن. پرڏيهه ۾ به مناسب قدمن کڻڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو.

• نراجي مظاهرن ۽ قتل عام جي تحريڪن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ، انهن تحريڪن کي چٽڻ جي لاءِ بنا دير جي قدم کنيا ويڻ ۽ ان مقصد جي لاءِ پيٽروگراد ۾ هڪ ڪميٽي قائم ڪرڻ بي حد ضروري آهي. جيڪا ميونسپلٽي ۽ انقلابي جمهوريت جي ادارن جي نمائندن تي ٻڌل هجي ۽ عارضي حڪومت سان رابطا رکندي ڪم ڪري.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين به ان قرارداد جي حمايت ڪئي. پر جڏهن ڪيرنسڪيءَ اها ڏٺي ته هن اوڪسنٽئيف کي وضاحت جي لاءِ 'سرما محل' ۾ گهرايو ته جيڪڏهن ان جو مطلب عارضي حڪومت تي عدم اعتماد هو ته هن اوڪسنٽئيف کي درخواست ڪئي ته هو هڪ نئين ڪابينا جوڙي. دان، گوتس ۽ اوڪسنٽئيف يعني سمجهوتي بازن جي اڳواڻن پنهنجو آخري سمجهوتو ڪيو. هنن ڪيرنسڪيءَ کي سمجهايو ته ان ٺهراءَ جو مطلب حڪومت تي تنقيد ڪونهي.

سپاهين جا دستا مورسڪايا ۽ نيوسڪي جي موڙن تي سنگينون چاڙهيو سپني نجي گاڏين کي روڪي رهيا هئا ۽ انهن ۾ سفر ڪندڙن کي لاهي "سرما محل" طرف وڃڻ جو حڪم ڏيئي رهيا هئا. ڪين ڏسڻ جي لاءِ وڏو ميڙ ڪٺو ٿي ويو. ڪنهن کي به خبر نه هئي ته اهي سپاهي حڪومت جا هئا، يا فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جا. اڳيان، کازان ڪيٿيڊرل جي سامهون به اهو ئي ڪجهه ٿي رهيو هو. موٽرن کي واپس نيوسڪيءَ موڪليو پيو ويو. پنج ڇهه جهازي رائفلون کڻي ڪلندا جوش ۾ اتي پهتا ۽ ٻين سپاهين سان ڳالهيون ٻُهاڙيون ڪرڻ لڳا. جهازين جي ٽوپين تي "اوروارا" ۽ "زريا سوابودي" يعني بالٽڪ ٻيڙي جي ٻن مشهوري بالشويڪ جهازن جا نالا لکيل هئا. انهن مان هڪ چيو "ڪرانشات" اچي رهيو آهي. "اهو ايئن هو جيئن 1792ع ۾ ڪنهن پئرس جي رستن تي چيو هوندو. ماسائي وارا اچي رهيا آهن!"

ڪرانشات ۾ 25 جهازي هئا. جيڪي پڪا بالشويڪ ۽ جان جي پرواهه نه ڪندڙ هئا.

"ربو چي اي سلدات" ايا هاڻ پڌرو ٿيو هو ۽ ان جي سڃي صفحي تي هڪ وڏو اعلان ڇپيل هو.

"سپاهيو، مزدورو! شهر واسيو!

ڪالهه رات عوام دشمنن حملي جي شروعات ڪري ڏني آهي. استاف جا ڪورنيلوفي، آسپاس کان يونڪر ۽ رضاڪار جتا ۽ بٽالينون گهرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اورانئين باؤم جي يونڪرن ۽ زار سڪويي سيلو جي رضاڪارن اڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. پيٽروگراڊ سوويت جي خلاف سخت غداري جو وار ڪرڻ جو سوچيو پيو وڃي. انقلاب دشمنن جي مهم جو رخ سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس جي خلاف آهي، جنهن جو اجلاس شروع ٿيڻ وارو آهي. اها مهم آئين ساز اسيمبلي ۽ عوام جي خلاف آهي. پيٽروگراڊ سوويت انقلاب جي سنيال ڪري رهي آهي. فوجي انقلابي ڪميٽي سازشين جي حملي کي پنڌتي ڏکڻ جي لاءِ هدايتون جاري ڪري رهي آهي. پيٽروگراڊ جو سڄو گيريزن ۽ پرولتاري عوام جي دشمنن تي زبردست وار ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي.

فوجي انقلابي ڪميٽي حڪم ٿي ڏي ٿه:

1. سيئي ريجمنٽي، ڊويزني ۽ جنگي جهازي ڪميٽيون، سوويت ڪميسارن سان ۽ سيني، انقلابي تنظيمن سان گڏجي هر وقت اجلاس ۾ موجود رهندیون ۽ سازشين جي رٿن جي باري ۾ وڌ ۾ وڌ اطلاع گڏ ڪندیون.

2. ڪميٽيءَ جي موڪل ڪانسواءِ ڪو هڪ سپاهي به پنهنجي ڊويزن مان ٻاهر نه ويندو.

3. هر فوجي يونٽ مان ٻه ۽ هر پاڙي جي سوويت مان پنج ڊيلي گيٽ هڪدم اسمولني موڪليا وڃن.

4. سازشين جي سيني ڪاروائين جي باري ۾ اطلاع بنا ديرجي اسمولني پهچايا وڃن.

5. پيٽروگراڊ سوويت جي سيني ميمبرن ۽ سوويتن جي ڪل روس ڪانگريس جي سيني نمائندن کي هڪ غير معمولي گڏجاڻي جي لاءِ اسمولني مدعو ڪيو ٿو وڃي.

انقلاب دشمنيءَ پنهنجو ڏوهاري ڪنڌ مٿي ڪنيو آهي.

سپاهين، مزدورن ۽ هارين جي سيني حاصل ڪيل سوين ۽ اميدن جي لاءِ زبردست خطرو پيدا ٿي ويو آهي. پر انقلاب جون قوتون، ان جي دشمنن جي طاقت کان وڌيڪ آهن. عوام جو مقصد سگهارن هٿن ۾ آهي، سازشين کي بنا شڪ ۽ دير جي چٽيو ويندو. مضبوطي، ثابت قدمي، عزم ۽ ڊسپلين! انقلاب انقلاب زنده باد.

(فوجي انقلابي ڪميٽي)

پيٽروگراڊ سوويت، اسمولني ۾ لڳاتار اجلاس جاري رکيو پي آئي، اهو طوفان جو گهر / مرڪز هو. نمائندا فرشن تي ئي سمهي رهندا هئا ۽ جاڳندا هئا ته وري بحث ۾ شروع ٿي ويندا هئا. ٽراتسڪي، ڪامينف، ولو دارسڪي روزانو ڇهه، اٺ ۽ هارنهن ڪلاڪن تائين تقريرون ڪندا هئا.

آئون پهرين‌ءَ ماڙ تي، ارڙهين نمبر ڪمري ۾ ويس، جتي بالشويڪ نمائندا پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪرڻ جي لاءِ گڏجاڻي ڪري رهيا هئا. هڪ ڪرخت آواز لڳاتار ٻُرائجي رهيو هو. پر مقرر کي ماڻهن جي رش لڪائي رکيو هو "سمجهوتي باز چون ٿا ته اسين سيني کان ڪٽجي ويا آهيون، انهن ڏانهن ڪير به ڌيان نه ڏري، هڪ پيرو شروع ٿي وڃي ته، پوءِ يا هو اسان ڏانهن چڪجي ايندا يا وري سندن پوئلڳ کين چڏي ويندا."

هاڻ هن پنهنجي هٿ ۾ هڪ پنو کنيو "اسين کين پاڻ ڏانهن چڪي رهيا آهيون، منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين وٽان اڃهو هينئر هڪ نياپو پهتو آهي. هو چون ٿا ته، اهو اسانجي قدمن جي مذمت ٿا ڪن، پر جيڪڏهن حڪومت اسان تي حملو ڪندي ته هو پرولتاريه جي مخالفت نه ڪندا." خوشيءَ مان هوڪريا پئجي ويا.

جڏهن رات پئي ته وڏو هال سپاهين ۽ مزدورن سان پرجي ويو. پراٽي "تسي اي ڪا" نيٺ اُن ڪانگريس جي نمائندن جي آجيان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو جيڪي سندس خاتمو ۽ شايد ان انقلابي نظام جو ئي خاتمون ڪرڻ وارا هئا. جيڪو هنن تعمير ڪيو هو. پر ان گڏجاڻي ۾ فقط 'تسي اي ڪا' جا ميمبر ووٽ ڏيئي سگهيا ٿي.

رات لڙهي چڪي هئي. جڏهن گوتس صدارت جي ڪرسي سنڀالي ۽ هڪ ڏهاءَ واري مانار ۾ جيڪا مونکي خطرناڪ پي لڳي، 'ڏان' تقرير جي لاءِ اُٺيو.

هن چيو "اسين جن گهڙين ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون، اهي انتهائي المناڪ رنگن ۾ نظر اچن ٿيون. دشمن پيٽروگراڊ جي دروازي تي پهچي چڪو آهي. جمهوريت جون قوتون دشمن جي مزاحمت ڪرڻ جي لاءِ منظم ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. پر پوءِ به اسين گادي جي هنڌ جي رستن تي رتو چاڙ جا منتظر آهيون ۽ ڏڪار اسانجي حڪومت کي ئي نه خود انقلاب کي تباهه ڪرڻ جي ڏمڪي ڏيئي رهيو آهي.

عوام بيزار ۽ ٽڪجي پيو آهي. کين انقلاب سان ڪاب دلچسپي ڪونهي. جيڪڏهن بالشويڪن ڪجهه ڪيو ته انقلاب جي پُڄاڻي ٿي ويندي (زوردار آواز "اهو ڪوڙ آهي") انقلاب دشمن ته فساد ۽ قتل عام شروع ڪرڻ جي لاءِ بالشويڪن جي قدمن جو اوسيئڙو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو 'وستو پلينسي' ٿيندو ته پوءِ آئين ساز اسيمبلي نه رهندي (وڏي واڪي آواز اڇڙ لڳا. هَلا ٽئي ڪوڙا. ڪجهه ته شرم ڪر ڙي).

"ان ڳالهه جي موڪل ڏيئي نٽي سگهجي ته فوجي ڪاروائي جي سلسلي ۾ پيٽروگراڊ گيريزن استاف جي حڪم کي ميڙ ڪان انڪار ڪري. انهن کي استاف ۽ "تسي اي ڪا" جي حڪمن کي ميڙ گهرجي. جيڪا اوهانجي ئي چونڊيل آهي. سڄو اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ ڏيو. ان جو مطلب آهي موت! ڦورو ۽ چور ڦرلٽ ۽ ماراماريءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن. جڏهن اوهان جي سامهون هن قسم جا نعرا هنيا وڃن ته "گهرن ۾ گهڙي وڃو"، بورزوازي کان بوٽ ۽ ڪپڙا کسي وٺو! (گوڙ وڏي سڏ "اهڙو ڪوبه نعرو ڪونهي، ڪوڙو آهين ڪوڙا"!) خير ٽي سگهي ٿو ته شروعات ڪنهن ٻي طريقي سان ٿئي. پر ختم اُن تي ٿيندي! "تسي اي ڪا"، کي به قدم کڻي سگهي ٿي. وٽس مڪمل اقتدار آهي ۽ ان جي اطاعت ڪرڻ گهرجي. اسين سنگينن کان نٽا ڏجون. 'تسي اي ڪا' انقلاب جو بچاءُ پنهنجي جسم سان ڪندي (واڪا. هوليرا. اهو جسم ته ڪڏهوکو مري چڪو آهي.)

لڳاتار هُل بکيڙو جنهن ۾ 'دان' جو آواز رڙيون ڪندو ٻُڌڻ ۾ آيو ۽ هو ميز تي مُڪون هٽي رهيو هو" جيڪي ماڻهو انهن کي هُشي ڏيئي رهيا آهن، اهي ڏوهه پيا ڪن".

آواز: اوهان گهٽو اڳ ڏوهه ڪيو هو جڏهن اوهان اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ اهو بورزوازين جي حوالي ڪيو.

گوتس. صدارتي گهنٽي وڄائي چيو "چپ ٿيو.. نه ته اوهانکي ٻاهر ڪڍرائي ڇڏيندس."

آواز: ڪڍائي ته ڏس "(تاڙيون، هوڪا، سيٽيون)"

دان تقرير جو سلسلو جاري رکندي چيو.

"هاڻ ناهه جي سلسلي ۾ اسانجي پاليسي بابت".

(ٺهڪ..) "بد قسمتيءَ سان روس جنگ کي جاري رکڻ جي ڪفالت نٿو ڪري سگهي. ناهه ٿي ويندو. پر اهو مستقل نه هوندو. جمهوري ناهه نه هوندو. اڄ جمهوريه جي ڪائونسل ۾، رتو ڇاڻ کان بچڻ لاءِ اسان هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو آهي، جنهن ۾ گهر ڪئي ويئي آهي ته زمين بنا دير جي "ايراضي ڪميٽين" جي حوالي ڪئي وڃي ۽ هڪدم ناهه جي لاءِ ڳالهيون شروع ڪيون وڃن (ٺهڪ ۽ واڪا گهٽي دير ڪري ڇڏيو اٿو)." ان مهل، بالشويڪن پاران ٽراتسڪي ڀائس تي آيو. ان سان گڏ زوردار تاڙيون شروع ٿي ويون. سڄو اجلاس اُٿي بيهي رهيو ۽ سڄو هال زوردار تاڙين سان ٻُرائجي رهيو هو. هن جي سنهي منهن تي عجيب چٽر هئي ۽ منهن مهانڊي مان بلڪل 'ميفستوفيلز' جهڙو لڳي رهيو هو.

"دان جي طريقي مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته عوام بي وقوف، گهٽ سمجهه رکندڙ عوام ـ مڪمل طور تي هنن سان گڏ آهي."

(زبردست ٺهڪ) هو ڊرامائي انداز ۾ صدر ڏانهن مُڙيو ۽ چيو "جڏهن اسان زمين هارين کي ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي ته اوهين ان جي خلاف هئا. اسان هارين کي چيو ته جيڪڏهن، هيءَ اوهانکي زمين نٿا ڏين ته اوهين ڪانئن کسي ونڻو ۽ هارين اسانجي صلاح تي عمل ڪيو ۽ هاڻ اوهين ان شئي جي وڪالت پيا ڪريو جيڪا اسان ڇهه مهينا اڳ چٽي هئي.

"آئون نٿو سمجهان ته فوج ۾ موت جي سزا کي مهمل ڪرڻ جي باري ۾ ڪيرنسڪي جو حڪم، سندس آدرشن جو نتيجو هو منهنجي خيال ۾

ڪيرنسڪيءَ کي پيٽروگراڊ گيريزن ان ڳالهه تي قائل ڪيو جنهن سندس حڪم مڃڻ کان نابري واري ڇڏي هئي.

"اڄ 'دان' تي الزام هنيو ويو ڇو نه هن جمهوريه جي ڪائونسل ۾ هڪ تقرير ڪئي هئي، جيڪا ڪيس هڪ ڳجهو بالشويڪ ثابت ٿي ڪري اهو وقت به اچي سگهي ٿو جڏهن 'دان' چوندو ته 'انقلاب جي بهترين نمائندن' 3 کان 5 جولاءِ واري بغاوت ۾ حصو ورتو هو. اڄ 'دان' جمهوريه جي ڪائونسل ۾ جيڪا قرارداد پيش ڪئي هئي. ان ۾ ڪٿي به فوج ۾ نظم و ضبط قائم ڪرڻ جو ذڪر نه هو. جيتوڻيڪ سندس پارٽيءَ جي پروپيگنڊه ۾ اُن تي زور ڏنو ويو ٿو.

"نه، گذريل ستن مهينن جي تاريخ ٻُڌائي ٿي ته عوام منشويڪن کي چڏي چڪو آهي. منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين، ڪاديٽن تي فتح حاصل ڪئي هئي، پر جڏهن اقتدار تي قبضو ڪيائون ته اهو ڪاديٽن جي حوالي ڪري ڇڏيائون.

"دان اوهانکي چوي ٿو ته اوهانکي بغاوت جو حق ڪونهي، بغاوت ته سڀني انقلابين جو حق آهي. جڏهن پيٽرهيل عوام بغاوت ڪري ٿو ته اهو سندن حق آهي".

ان ڪانپوءِ ڊگهي منهن وارو تلخ همراهه "گوليبر" آيو جنهن جي آجيان آهن ۽ ٿهڪن سان ڪئي ويئي.

"اينگلس ۽ مارڪس چيو هو ته پرولتاريه کي ان وقت تائين اقتدار پنهنجي هٿن ۾ کڻڻ جو حق ڪونهي، جيستائين هو ان لاءِ تيار نه هجن. ان قسم جي بورزوا انقلاب ۾ اقتدارتي عوام جي قبضي جو مطلب اهو هوندو آهي ته انقلاب جي ڏکدائڪ پڄاڻي. هڪ سوشل ڊيموڪريٽڪ نظريي دان جي حيثيت سان ٽراٽسڪي پاڻ به ان شئي جي خلاف آهي، جنهن جو هو پرچار پيو ڪري (هو ڪا هوليرا "بس گهٽو ٽيو هاڻ چپ ڪر!")

مارتوف ڳالهايو ڪيس به بار بار روڪيو پي ويو "بين الاقواميت پسند ان جي خلاف ڪونهن ته اقتدار جمهوريت کي منتقل ڪيو وڃي. پر هو بالشويڪن جي طريقي جي خلاف آهن. هي وقت اقتدار تي قبضي ڪرڻ جو ڪونهي."

'دان' ٻيهر تقرير ڪرڻ جي لاءِ اُٿيو ۽ هن فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي قدمن جي خلاف سخت احتجاج ڪيو جنهن "ازوستيا" جي آفيس تي قبضي ڪرڻ ۽ اخبار کي سنسر ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڪميسار موڪليو آهي. وڏو گوڙ ٿيو. مارتوف ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهه به ٻُڌڻ ۾ نه آيو. فوج ۽ بالٽڪ ٻيڙي جا سپاهي نمائندا هال ۾ اُٿي بيهي رهيا ۽ چوڻ لڳا ته 'سوويت' ئي سندن حڪومت آهي."

سخت هُل ۽ هنگامي ۽ ريرلخ[1] هڪ نهراءَ پيش ڪيو جنهن ۾ مزدورن ۽ سپاهين کي پرسڪون رهڻ، مظاهرو ڪرڻ ۽ اشتعال انگيزين کان متاثر نه ٿيڻ جي اپيل ڪئي ويئي هئي ۽ هڪ "بچاءُ ڪميٽي" ٺاهڻ تي زور پريو ويو هو ۽ عارضي حڪومت کان گهر ڪئي ويئي هئي ته اها زمين هارين کي ڏيڻ ۽ ناهه بابت ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ جي لاءِ هڪدم فرمان جاري ڪري.

اُن تي ولودارسڪي، ٽُپ ڏيئي اُٿي بيٺو ۽ سخت لهجي ۾ چوڻ لڳو ته ڪانگريس کان اڳ 'تسي اي ڪا' کي ڪانگريس جون زميداريون ادا ڪرڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. هن چيو ته عملي طور تي "تسي اي ڪا" ختم ٿي چڪي آهي ۽ اها قرارداد سندس ختم ٿيل طاقت کي وڌائڻ جي هڪ اٽڪل آهي. جيستائين اسان بالشويڪن جو تعلق آهي ته اسين ان قراردار تي ووٽ نه ڪنداسين! ان تي سڀ بالشويڪ هال مان ٻاهر هليا ويا ۽ قرارداد منظور ٿي ويئي.

صبح جو چئين بجي ڏاري ٻاهرينءَ هال ۾ منهنجي ملاقات زورين سان ٿي، سندس ڪلهي تي رائفل لڙڪي رهي هئي.

هن سڪون ۽ اطمينان سان چيو "اسان ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. انصاف واري نائب وزير ۽ مذهبي معاملن واري وزير کي گرفتار ڪري ورتو اٿئون. هاڻ هو هيٺ تهه خاني ۾ آهن. هڪ ريجمنٽ ٽيلي فون ايڪسچينج تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ، بي ٽيلي گراف ايجنسي تي، تي اسٽيٽ بئنڪ تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ روانيون ٿي چڪيون آهن. سرخ گارد ٻاهر نڪري چڪا آهن."

---

[1] ايرلخ: هڪ منشويڪ اڳواڻ.

اسان پهريون پيرو اسمولني جي ڏاڪڻين تي هلڪي اونڌاهيءَ ۾ سرخ گاردن کي ڏٺو. مزدورن جا ڪپڙا پهريل چوڪرن جي هڪ ٽولي سنگينون چڙهيل بندوقن سان ٽورو گهبرايل بيٽي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهي هئي.

اولهائين پاسان، خاموش چتين جي مٿان ڪنهن ڪنهن مهل رائفل جي گولي ڇُٽڻ جو آواز ٻُڌڻ ۾ ٿي آيو. جتي 'يونڪر' 'نيواجي پلين' کي کولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ جيئن 'ريبورگ پاڙي' جا مزدور ۽ سپاهي، شهر جي وچ ۾ سوويت قوتن سان گڏجي نہ سگهن ۽ ڪرانشتات جا جهازي انهن کي ٻيهر بند ڪري رهيا هئا.

اسانجي پويان عظيم اسمولني، روشنين سان جڳ مڳائيندو، ماکيءَ جي هڪ وڏي ماناري جيان 'يون يون' ڪري رهيو هو.

*

عارضي حڪومت جي پُڃاڻي

اڳاري جي ڏينهن، ستين نومبر (25 آڪٽوبر) تي آئون ڪافي دير سان اُٺيس. جنهن مهل آئون نيوسڪي وڃي رهيو هوس تہ 'پيٽرو پال ڳڙهي' مان منجهند ڏاري توپ ڇُٽي. ان ڏينهن سخت ڪوهيڙو ۽ ڏڏ هئي. استيٽ بئنڪ جي سامهون سنگينون چاڙهيل ڪجهہ سپاهي، بند دروازن تي بيٺا هئا. مون ڪانئن پڇيو "اوهين ڪنهن جي پاسي آهيو..... حڪومت جي؟"

"هاڻ حڪومت نہ رهي آهي." هڪ ڇٽي ڪِلي وراڻيو "سلا وايو گوا" (الحمدالله) آئون ان کان وڌيڪ ڪانئس ڪجهہ چورائي نہ سگهيس.

نيوسڪي تي ٽرامون هلي رهيون هيون ۽ انهن جي ٻاهر نڪتل حصي تي مرد، عورتون ۽ ٻارڙا لڙڪي رهيا هئا. دڪان کليل هئا ۽ رستن تي ماڻهن جي رش ۾، ٻي چيني ٿي ڏينهن اڳ کان گهٽ پي لڳي. بغاوت جي خلاف نين اپيلن جو هڪ سجو فصل پتين تي رات وچ ۾ جهومي رهيو هو. هارين جي نالي، محاذ تي سپاهين جي نالي، پيٽروگراڊ جي مزدورن جي نالي. هڪ اپيل ۾ لکيل هو.

پيٽروگراڊ ميونسپل دوما پاران:

"ميونسپل دوما شهرين کي سُڌ ٿي ڏي تہ 24 آڪٽوبر جي غير معمولي گڏجاڻيءَ ۾ دوما هڪ "بچاءَ ڪميٽي" جوڙي آهي، جيڪا مرڪزي ۽ پاڙن جي دومائن جي ميمبرن ۽ هينين انقلابي جمهوري تنظيمن جي نمائندن تي ٻڌل آهي، 'تسي اي ڪا' هاري نمائندن جي ڪُل روس مرڪزي ڪميٽي، فوجي تنظيمن، تسترووفلوت، مزدورن ۽ هارين جي پيٽروگراڊ سوويت ٽريڊ يونين جي ڪائونسل وغيرهہ.

"بچاءُ ڪميٽيءَ جا ميمبر ميونسپل دوما جي عمارت ۾ ڊيوٽي تي رهندا ۽ ٽيلي فون نمبر آهن. 10_77,40_229 ۽ 195_36."

مونکي ان وقت ان ڳالهه جو احساس نه هو، پر اهو دوما جو بالشويڪن جي خلاف جنگ جو اعلان هو.

مون "ربوچي پوت" جي هڪ ڪاپي خريد ڪئي. لڳو ائين پي ته رڳو اها ئي هڪ اخبار وڪرو ٿي رهي هئي. ڪجهه دير ڪانپوءِ هڪ سپاهي کان "دين" اخبار جي پڙهيل ڪاپي پنجن ڪوپڪن ۾ خريد ڪيم. اها بالشويڪ اخبار "روسڪايا وولیا" جي ڇاپي خاني جي فتح ڪيل آفيس مان وڏي سائيز ۾ ڇاپي ويئي هئي، اُن جي وڏي سرخي هئي، "سمورو اقتدار مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي سوويتن جي هٿن ۾! صلح، مانيءَ زمين." اخبار جي پيشاني واري مضمون تي زينووئيف جو نالو لکيل هو جيڪو روپوشيءَ ۾ لينن سان گڏ هو. مضمون جي شروعات هيئن ٿي هئي.

"هر سپاهي، هر مزدور، هر حقيقي سوشلسٽ، هر ديانتدار جمهوريت پسند سمجهي ٿو ته هاڻوڪي صورتحال جا فقط ٻه بدل ٿي سگهن ٿا. هڪ يا ته اقتدار بورزوار زميندارن جي عملي جي هٿن ۾ رهندو، جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته ڪُل روس رتو ڇاڻ واري تعزيراتي مهم، جنهن جي ڪري سڄو ملڪ مزدورن، هارين ۽ سپاهين جي رت ۾ وهنجي ويندو. ان جو مطلب هڪ پوائتي جنگ جاري رهڻ هوندي، تنهن سان گڏ ان بک ۽ موت يا وري اقتدار انقلابي مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي هٿن ۾ منتقل ٿي وڃي، ۽ ان صورت ۾ زميندارن ظلم جو مڪمل خاتمون، سرمائيداريءَ جي ڇڇيڙ ۾ نوڙ هڪ منصفائي ناهه جي فوري رت، هارين جي لاءِ زمينن جي ضمانت، صنعتن تي مزدورن جي ڪنٽرول جي ضمانت، ٻڪين جي لاءِ مانيءَ جي ضمانت ۽ تڏهن ئي هڪ اجتمائي جنگ جي پُڄاڻي ٿيندي."

"دين" ۾، راتوڪيون هنگامي خيز اڏو گابريون خبرون هيون. ٽيلي فون ايڪسچينج، بالٽڪ استيشن، ٽيلي گراف ايجنسيءَ تي بالشويڪن جو قبضو هو. پيٽرهوف جا يونڪر "پيٽروگراد" پهچي نه سگهيا. ڪزاڪ ڪجهه به فيصلو ڪري نه سگهيا آهن. ڪجهه وزيرن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. شهر جي ملیشا جي چيف ميئر تي گولي هلائي ويئي. گرفتاريون ۽

جوابي گرفتاريون. سپاهين، يونڪرن ۽ سرخ گارڊن جي گشتي ٽولين جي وچ ۾ جھڙپون.

'مورسڪايا' موڙ وٽ منھنجو مڪاميلو منشويڪ جي 'ابارونتس' ۽ سندس پارٽيءَ جي فوجي ڪاتي جي سيڪريٽري 'ڪيپٽن گومبرگ' سان ٽيو. جڏھن مون ڪائنس پڇيو تہ ڇا واقعي بہ بغاوت ٿي وئي آھي تہ ھنن ٽڪل انداز ۾ ڪلھا لوڏيا ۽ ورايو "چورت زنائت! (شيطان ٿو ڇاڻي) خير. بالشويڪ اقتدار تي قبضو تہ ڪري سگھن ٿا، پر ٽن ڏينھن کان وڌيڪ پنھنجي ھٿ ۾ رکي نہ سگھندا. وٽن حڪومت ھلائڻ جي لاءِ ماڻھو ڪٿان ايندا. ڇگھائي ان ۾ آھي تہ کين ڪوشش ڪرڻ ڏني وڃي. اھا ئي کين ختم بہ ڪري ڇڏيندي"

'سينٽ اسحاق' چوڪ جي ڪنڊ وٽ فوجي ھوٽل ھئي، جنھن تي ھٿياربند جھازي چوڪي ڏيئي رھيا ھئا. لابيءَ ۾ ڪيترائي نوجوان خوش پوشاڪ آفيسر ھيڏانھن ووڙندا ۽ پاڻ ۾ ڳالھيون ٻُھاڙيون ڪري رھيا ھئا. جھازين کين ٻاھر وڃڻ نہ ڏنو.

اوچتو ٻاھران رائفل چٽڻ جو سخت آواز آيو ۽ ان کانپوءِ ھوريان ھوريان گولين جي ھلڻ جا آواز اڇڻ لڳا. آئون ڊوڙندو ٻاھر آيس. مارينسڪي محل جي پرپاسي ڪا غير معمولي شئي ٿي رھي ھئي. ان محل ۾ روسي جمھوريہ جي ڪائونسل جا اجلاس ٿيندا ھئا. وشال چوڪ جي آر پار سپاھين جي ھڪ قطار بيٺي ھئي، جيڪي رائفلون تاٽيو ڇت کي تڪي رھيا ھئا.

ھڪ ڇٽي رڙ ڪري چيو "اسان تي گولي ھلائي ويئي آھي" ۽ ٻيو دروازي ڏانھن ڀڳو.

محل جي اولھائين ڪُنڊ تي ھڪ بکتربند گاڏي بيٺي ھئي، جنھن تي ڳاڙھو جھنڊو ڦڙڪي رھيو ھو ۽ گاڏيءَ تي ڳاڙھي رنگ سان تازن اکرن ۾ لکيل ھو، "ايس.ايس.ڊي (سوويت ربوچخ سلداسڪينج ديوتاف) يعني: "مزدورن ۽ سپاھين جي نمائندن جي سوويت." سڀ توپون سينٽ اسحاق جي ديول ڏانھن نشانو ڇڪيو بيٺيون ھيون. نووايا سڙڪ جي شروع ۾ ڪوڪا، وڏا ڊرم، ھڪ پراٽي بلڊنگ جا اسپرنگ ۽ ھڪ گاڏي ڍڳ ڪري مورچابندي ڪئي ويئي ھئي. ڪاٺ جو ھڪ وڏو ٻُنڊ موئڪا گوديءَ جي

مُهڙ کي بند ڪري رکيو هو. ويجهو ئي هڪ ڏڪَ مان ڪاٽ جون ننڍيون ننڍيون چاڙون، پشتو ٽاهڻ جي لاءِ عمارت جي سامهون گڏ ڪيون پي ويون.

"چا لڙائي ٽيڙ واري آهي"؟ مون پڇيو.

"جاڙ شروع ٿي!" هڪ سپاهيءَ گهبراهٽ ۾ وراڻيو "ڪامريڊ اوهان هتان هليا وڃو نه ته زخمي ٿي پوندا. هو هن پاسي ئي ايندا." هن ايڊمرالٿي ڏانهن اشارو ڪيو.

"ڪير ايندا هن پاسي؟"

"ادا اهو ته آئون اوهانکي ٻڌائي نٿو سگهان." هن جواب ڏنو ۽ پوءِ ٽُڪ اڇلي.

محل جي دروازي جي سامهون سپاهين ۽ جهازين جو هڪ ميڙ ڪنو ٽيل هو. هڪ جهازي روسي ڪائونسل جي خاتمي جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هو. هن چيو 'اسين اُتي وياسين ۽ اسان سڀ دروازا ساڻين سان پري ڇڏيا. آئون ان انقلاب دشمن ڪورنيلوفي وٽ ويس. جيڪو صدارتي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. مون چيس، هاڻ گهٽي ئي ڪائونسل هلي، اُٺ ڀڄ هتان سڏو گهر وڃ.'

ان تي ٿهڪڙو مچي ويو.

آئون هٿ ۾ ڪيترائي ڪاغذ کڻي ۽ انهن کي لوڏيندو جيئن تيئن ڪري پريس گئلري تائين پهچي ويس، اتي هڪ سگهاري مرڪندڙ جهازيءَ مونکي روڪيو. جڏهن مون کيس پاس ڏيکاري ته هن چيو "ڪامريڊ! جيڪڏهن تون سينٽ مائيڪل ۾ هجين ها ته به هتان نه لنگهي سگهين ها." مون دروازي جي شيشي مان هڪ فرانسيسي خاطوءَ جو اڏ گابرو منهن ۽ زور سان لڏندڙ هٿ ڏنو. هو اندر بند هو. پرسان ئي هڪ ننڍي قد ۽ اُپريل مُڇين وارو ماڻهو جنرل جي وردي پهريو بيٺو هو ۽ هن جي چوڌاري سپاهي گڏ ٽيل هئا. هن جو منهن ڳاڙهو ٿي رهيو هو.

هن رڙ ڪري چيو "آئون جنرل اليڪسئيف آهيان تنهنجو اعليٰ آفيسر ۽ جمهوريه ڪائونسل جي ميمبرُ جي حيثيت سان گهر ٿو ڪريان ته مونکي اندر وڃڻ ڏنو وڃي."

پهريدار پنهنجو مٿو ڪنهيو ۽ مونجهاري مان آڏي اک سان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. هن پاڻ ڏانهن ايندڙ هڪ آفيسر کي اشارو ڪيو ته 'اڇي ڏس

تہ 'هيءَ جڙي پوتي ڪير آهي؟' هو ڏسي سخت بوکلائجي ويو ۽ سلوٽ ڪيائين. ان کان اڳ جو ڪيس احساس ٿئي تہ هو چا ڪري رهيو آهي. هن هيڪي هيڪي حڪمرانيءَ جي پراڻن طور طريقن موجب چيو "واشي وسو ڪاپريو سخود تيلستوهہ (مانوارا ۽ محترم سائين) هن محل ۾ اندر گهڙڻ تي پابندي وڌي ويئي آهي ۽ مونکي ڪو بہ حق ڪونهي تہ ڪنهن کي اندر ڇڏيان."

هڪ موٽر گاڏي آئي ۽ مون ڏٺو تہ ان ۾ گوتس وينو هو جيڪو مزي سان ڪِلي رهيو هو. ڪجهہ منٽن کانپوءِ هڪ ٻي گاڏي آئي، جنهن جي اڳين سيٽ تي هٿياربند سپاهي ويٺا هئا. ان ۾ عارضي حڪومت جا گرفتار ٿيل ميمبر هئا. ان مهل فوجي انقلابي ڪميٽي جو لاتويائي ميمبر پيٽرس تيزي سان چوڪ پار ڪندو اينڊو نظر آيو.

مون انهن ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو "آئون سمجهان ٿو تہ اوهان انهن سيني کي رات ئي ڪٽي ورتو هوندو".

هن ڪنهن نااميد اسڪولي ڇوڪري واري انداز ۾ چيو "اڙي! چريا اسانجي فيصلي ڪرڻ کان اڳ ئي انهن مان گهڻن کي ڇڏي ڏنو هو".

وزيتسکي پراسپيڪٽ تي جهازين جو هڪ وڏو تعداد صف بندي ڪريو بينو هو ۽ انهن جي پويان جيستائين نظر ٿي ويئي، مارچ ڪندڙ سپاهي هلندا پي آيا.

اسين اوميرا التيسکي پراسپيڪٽ وٽان ٽيندا، سرما محل طرف وڌياسين. محل جي چوڪ طرف ويندڙ سيني رستن کي سنترين بند ڪري رکيو هو ۽ اولهندي سري تي فوجي سپاهين جو هڪ گهيرو بيٺل هو جنهن جي چوڌاري بي چين شهرين جو ميڙ گڏ ٿيل هو. هر ڏسا مانار هئي، ڪجهہ سپاهي محل جي اڳڙ مان کائيون ڪٽي اچي مکيہ دروازي وٽ گڏ ڪري رهيا هئا. اسين اهو ڏسي نہ سگهياسين تہ سنتري حڪومت جا طرفدار هئا يا سوويت جا حامي. پر اسان جي اسمولني جي ڪاغذن جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو تنهنڪري اسين قطار جي ٻي پاسي وڌي شان سان پهتاسين ۽ پنهنجو آمريڪي پاسپورٽ ڏيکاري "ضروري ۽ اهم ڪم" چئي، ڪلها لوڏي نڪري وياسين. محل جي دروازي تي انهن ئي پراڻن دربانن، جن کي پتل جي بٽڻ واريون نيريون وردين پاتل هيون، جن جا ڪالر ڳاڙها ۽ سونهري هئا،

ادب سان اسانجا ڪوٽ ۾ ٽوپلا هٿن ۾ ورتن ۾ اسين مٽي هليا وياسين، جتي اونداهي ۾ اُداس وراندي ۾ پراٺا خادم وڙڪي رهيا هئا. اسان کانئن پڇيو ته "چا اسين وزيراعظم سان ملي سگهون ٿا." تنهن زور سان ڪڙيون ملايون پوءِ هن فرانسيسي ۾ وراڻيو "نه مونکي افسوس آهي اليڪساندرفيو دوروچ اڄا گهٽو مصروف آهي." پوءِ هن اسان ڏانهن گهڙي ڪن جي لاءِ تکي ڏني ۾ چيو "اصل ۾ هو هتي موجود ڪونهي."

"پوءِ ڪٿي آهي؟"

"هو محاذ تي ويو آهي، ۾ اوهانکي ڪا خبر آهي ته سندس ڪار جي لاءِ پيٽرول جو هڪ ڦڙو به نه هو. اسانکي اُڏارو پيٽرول ونڻ جي لاءِ ڪنهن کي انگلس اسپتال موڪلڻون پيو."

"وزير هتي آهن؟"

"مونکي خبر ڪونهي ته ڪٿي آهن، شايد ڪنهن ڪمري ۾ سندن اجلاس هلي رهيو هجي."

"چا بالشويڪ پيا اچن؟"

"ظاهر آهي..... هو پڪ سان اچي رهيا آهن. مونکي ته ڪنهن به مهل فون اچڻ جي اميد آهي ته هو اچي رهيا آهن. پر اسين به تيار آهيون اسان وٽ محل جي سامهون واري حصي ۾ يونڪر آهن. هُن دروازي کان هن پاسي."

"چا اسين اوڏانهن وڃي سگهون ٿا؟"

"نه، بلڪل نه.. اوڏانهن وڃڻ جي موڪل ڪونهي." اوچتو هن سيني سان هٿ ملايو ۾ هليو ويو. اسين منع ڪيل دروازي ڏانهن مڙياسين، جيڪو هڪ عارضي پردي ۾ لڪل هو جنهن سان هال جا ٻه حصا ڪيا ويا هئا. دروازي جي ٻاهران تالو لڳل هو. ٻي پاسان آواز اچي رهيا هئا، ڪو ڪلي رهيو هو. تنهن کانسواءِ پراٽي محل جي وڏي هال ۾ قبر جهڙي مانار چانيل هئي. هڪ پوڙهو دربان پڇندو آيو ۾ چيائين، "نه سائين! اوهان اندر نٿا وڃي سگهو."

"دروازي تي تالو ڇو لڳو پيو آهي؟"

"سپاهين کي اندر رکڻ جي لاءِ" هن وراڻيو. ڪجھ گھڙين کانپوءِ هن چانھ جو ھڪ ڪُوپ پيئڻ جي باري ۾ ڪجھ چيو ۽ واپس هال جي ٻي پاسي هليو ويو. اسان دروازي جو تالو ٽوڙي ڇڏيو.

اندر سامهون ئي اهي سپاهي پهري تي بيٺا هئا، پر هنن ڪجھ ٻہ نہ ڪيو. راهداري جي سري تي هڪ وڏو آرائشي ڪمرو هو جنهن جو ڪارنس ملمع دارهو ۽ وڏا وڏا بلوري فانوس لڳل هئا. ان جي اڳيان ڪيترائي ننڍا ننڍا ڪمرا هئا، جن جي پٽين تي گھري رنگ جي ڪاٺ جي چٽسالي ٽيل هئي. ڪاٺ جي فرش جي ٻنهي سرن تي گندن وهاٽن ۽ ڪمبلن جا ڍڳ لڳا پيا هئا، جن تي ايڪڙ ٻيڪڙ سپاهي ليٽيل هئا. هر هنڌ سگريٽن جي ٽوٽن سان پريل ايش ٽري پيا هئا. مانيءَ جا پورَ ڪپڙا ۽ خالي بوتلون، جن تي فرانسيسي ليبل لڳل هئا. ڪلهن تي يونڪر اسڪولن جون پٽيون لڳل سپاهين جو وڏندڙ تعداد، تماڪ جي دُنھ ۽ ماٺھن جي جسم جي پگھر جي ڏپ ۾ وڙڪي رهيا هئا. هڪ وٽ سفيد برگنڈي جي هڪ بوتل هئي، جيڪا ظاهر آهي تہ محل جي تھ خانن مان اُڏائي ويئي هوندي. جڏهن اسين پر مان لنگهياسين تہ هنن اسانکي هر ڪمري ۾ تعجب سان ڏٺو نيٺ اسين وڏين وڏين شاهي سيلونن جي قطار ۾ اچي پهتاسين، جن جون وڏيون ۽ ڪنيون دريون چوڪ ۾ ٿي ڪُليون. پٽين تي وڏن وڏن فريمن ۾ وڏيون وڏيون تصويرون لڳل هيون.

"12 آڪٽوبر 1812ع" ۽ "6 نومبر 1812ع" ۽ "16 کان 28 آگسٽ 1813ع". هڪ تصوير جي متين ساڃي ڪُنڊ ٽوري ڦاٽل هئي.

سڃي جاءِ هڪ وڏي باريڪ هئي. فرش ۽ پٽين کي ڏسي ايئن پي لڳو اها رش ڪيترن ئي هفتن کان هئي. درين تي مشين گنون ڪُتل هيون ۽ وهاٽن جي وچ ۾ رائفلن جا ڍڳ پيا هئا.

اسين تصويرن کي ڏسي رهيا هئاسين تہ مونکي پنهنجي ڪاپي ڪن جي ويجهو شراب ۾ ٻُڏل ساهن جو احساس ٿيو ۽ ڳري پر روان فرانسيسي زبان ۾ هڪ آواز ٻُڏڻ ۾ آيو "اوهين جنهن طريقي سان تصويرن کي داد پيا ڏيو. ان مان ايئن پيو لڳي تہ اوهين غير ملڪي آهيو." اهو هڪ بندري قد وارو سُڃيل همراهہ هو ۽ جڏهن هن ٽوپي لاٿي تہ اسان ڏٺو تہ هو گنجو هو.

"آمريڪي؟ ڏاڍي خوشي ٿي. آئون اشناپس ڪيپٽن ولاديميئر ارتسيبا شيف آهيان. اوهانجي خدمت جي لاءِ هر وقت حاضر." ڪيس اهو به خيال نه ٿيو ته هڪ اهڙي فوج جي بچاءَ گهر ۾ جيڪا حملي جو اوسيئڙو ڪري رهي آهي. چئن اوبرن همراهن جو جن ۾ هڪ عورت به شامل آهي، ايئن هلڻ ڦرڻ کا غير معمولي ڳالهه ضرور آهي. هن روس جي حالتن جي باري ۾ شڪايتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون.

هن چيو "رڳو اهي بالشويڪ ئي نه، پر روسي فوج جون بهترين روايتون به ختم ٿيندیون پيون وڃن. پنهنجي چوڌاري ڏسو هي هڙئي آفيسرن جي سکيا واري اسڪول جا شاگرد آهن. چا هي جينٽلمين آهن؟ ڪيرنسڪي ته آفيسرن جي اسڪولن جا دروازا سيني سپاهين جي لاءِ هر ان سپاهي جي لاءِ کولي ڇڏيا، جيڪو امتحان پاس ڪري قدرتي ڳالهه آهي ته انهن مان هاڻ ڪيترائي اهڙا آهن، جن کي انقلاب جي بيماري لڳي چڪي آهي."

ڳالهين جو ڪو تسلسل رکڻ کانسواءِ ئي هن موضوع بدلائي ڇڏيو. "آئون روس مان نڪري وڃڻ جي فڪر ۾ آهيان. مون طئي ڪري ورتو آهي ته آئون آمريڪي فوج ۾ پرتي ٿيندس. چا اوهين مون تي اها مهرباني ڪندا ته پنهنجي قونصل وٽ وڃي، منهنجي لاءِ اهڙو ڪو بندوبست ڪري سگهو؟. آئون اوهانکي پنهنجو اتو پتو ڏيئي ٿو ڇڏيان." ۽ اسانجي منع ڪرڻ جي باوجود به هن هڪ ڪاغذ تي پتو لِکي اسانجي حوالي ڪيو ۽ ايئن لڳو ته ڪيس اطمينان ٿي ويو. اهو پتو اڄ به مون وٽ آهي. 'اورانئين باؤ مسڪايا شڪولا، پراپور شيچڪوف ٻيو. استاري پينرهوف.'

ه ۽ سانکي مختلف ڪمرا ڏيکاريندي ۽ سپ ڪجهه سمجهائيندي چوڻ شروع ڪيو "اڄ صبح جو سوير اسان جائزو ورتو عورتن جي بٽالين حڪومت جو وفادار رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

"چا سپاهي عورتون محل ۾ آهن؟"

"هائو! هو پوين ڪمرن ۾ آهن. جيڪڏهن ڪا مصيبت آئي ته به کين ڪو نقصان نه رسندو." هن ٽڏو ساهه پري چيو "اها وڏي ڳري ذميداري آهي."

ٿوري دير اسين دريءَ وٽ بيٺا. هيٺ محل جي سامهون چوڪ کي ڏسندا رهياسين. جتي ڏگها ڪوٽ پاتل يونڪرن جون ٽي ڪمپنيون هٿيار سنياڻي قطار ڪري بيٺيون هيون. ۽ ڪين هڪ ڏگهو ۽ بظاهر ڏڙتيلو آفيسر کي ليڪچر ڏيئي رهيو هو. جنهن کي مون عارضي حڪومت جي خاص ڪميسار استانڪيوچ جي حيثيت سان سڃاتو. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻه ڪمپنيون ڪڙڪڙاهٽ سان هٿيار کڻي، ٽي چار پيرا رڙ ڪري ڪجهه چئي، هٽ هلائيندي چوڪ پار ڪرڻ لڳيون ۽ سرخ محراب[1] جي هيٺان لنگهي خاموش شهر ۾ گم ٿي ويون.

ڪنهن چيو "ٽيلي فون ايڪسچينج تي قبضي ڪرڻ جي لاءِ ويجي رهيا آهن". اسان وٽ ٽي يونڪر بيٺا هئا ۽ اسان سان ڳالهائڻ لڳا. هنن ٻڌايو ته هو عام سپاهين مان اسڪول ۾ پرتي ٿيا هئا. هنن پنهنجا نالا ٻڌايا ۽ اهو به چيو ته هو هاڻ آفيسر بنجڻ نٿا چاهين. چاکاڻ ته آفيسر گهٽو غير مقبول آهن. بظاهر ته سندن سمجهه ۾ ڪجهه به نه پي آيو ته هو چا ڪن. پر اها ڳالهه پڌري هئي ته هو خوش نه هئا.

پر جلد ئي هنن ٻناکون هڻڻ شروع ڪري ڏنيون. 'جي بالشويڪ آيا ته اسين ڪين ڏيکاريندا سين ته ڪيئن وڙهڻ گهرجي. هو ته صفا پاڙيا آهن. منجهن وڙهڻ جي همت ئي ڪونهي'.

بلڪل انهيءَ مهل ڪٽان رائفلون ڇُٽڻ لڳيون. ٻاهر چوڪ ۾ ماڻهون ٻچڻ لڳا ۽ ڪي وري زمين تي منهن ڀري ليٽي پيا. ڪنڌن ۽ پاسن ۾ بيلٽ بگهين وارن پنهنجون بگهيون هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائڻ شروع ڪيون. هنن جهڙپ ڏيئي بندوقون ۽ ڪارتوسن جون پٽيون ڪنيون ۽ "اچي ويا.. اچي ويا" جون رڙيون ڪرڻ لڳا. پر ڪجهه ئي گهڙين ۾ وري مانڌار چانئجي ويئي. بگهين وارا واپس موٽي آيا. پٽ تي ليٽيل اُتي ڪڙا ٿيا. ڳاڙهي محراب ۾ يونڪر ظاهر ٿيا. جيڪي ٿورو بيقاعدگيءَ سان مارچ ڪري رهيا هئا ۽ انهن مان هڪ ڪي سندس ساٿين سنياڻي رکيو هو.

اسين جڏهن محل مان نڪتاسين ته رات پِڇي چڪي هئي. چوڪ مان سنتري گم ٿي چڪا هئا.

---

[1] جنرل اسٽاف جي عمارت جو محراب.

حڪومتي عمارتن جي نيم گولائي صفا اُجاڙ لڳي رهي هئي. اسين ماني کائڻ جي لاءِ هوٽل فرانس وياسين ۽ ايڪا اسان سوپ پيئڻ مس شروع ڪيو ته بيري، جنهن جو منهن صفا پيلو پئجي رهيو هو اسان تي زور پريو ته اسين عمارت جي پوئين حصي ۾ وڏي ڊائننگ هال ۾ هليا وڃون. چو ته ڪيفي ۾ بتيون بند ڪرڻ وارا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته "ڏاڍيون گوليون هليون آهن".

جڏهن اسين ٻيهر 'مور سڪايا' تي آياسين ته رستي تي هڪ هلڪي ٻرندڙ روشنيءَ ڪانسواءِ، جيڪا 'نيوسڪي' جي موڙ وٽ ٻري رهي هئي، باقي اوندهه انڌوڪار لڳي پيئي هئي. ان بتيءَ جي هيٺان هڪ وڏي بڪتربند گاڏي بيٺي هئي، جنهن جي انجڻ چالو هئي ۽ ان جي سائلنسر مان پيٽرول جي بوءِ وارو دونهون نڪري رهيو هو هڪ ننڍو چوڪرو هن جي پاسي مان مٿس چڙهي ويو ۽ مشين گن جي ناليءَ ۾ ڏسي رهيو هو. سپاهي ۽ جهازي ان جي چئني طرفن بينا بظاهر ڪنهن شئي جو انتظار ڪري رهيا هئا. اسين ڳاڙهي محل، تائين پنڌ واپس آياسين، جتي سپاهين جي هڪ ٽولي بيٺي هئي ۽ هو زور زور سان ڳالهيون ڪندا، روشنين سان ٽٻتار 'سرما محل' کي تڪي رهيا هئا.

هڪ چئي رهيو هو "نه، ڪامريڊ' اسين انهن تي گولي ڪيئن ٿا هلائي سگهون.. اُتي عورتن جي ٻالين آهي..... ماٺهو چا چوندا ته اسان روسي عورتن تي گوليون هلايون آهن".

اسين جڏهن 'نيوسڪي' پهتاسين ته هڪ ٻي بڪتربند گاڏي موڙ تان مُڙي آئي ۽ هڪ همراهه اُن جي ڇت واري سوراخ مان ڪنڌ ٻاهر ڪڍيو.

هن رڙ ڪري چيو "هلو اڳتي ٿا وڌون ۽ حملو ٿا ڪريون".

ٻي گاڏيءَ جو ڊرائيور آيو ۽ هن چالو انجڻ جي شور ۾ پنهنجو آواز ٻُڌائڻ جي لاءِ رڙ ڪري چيو "ڪميٽيءَ انتظار ڪرڻ جي لاءِ چيو آهي. اتي ڪاڪ جي ڊڳ جي پويان وٽن توپخانو ٻه آهي."

اُتي ٽرامون بند ٿي چڪيون هيون ۽ ماٺهن جي اڇ وڇ جاري هئي. روشني بلڪل نه هئي، پر ڪجهه ئي بلاڪ اڳيان اسين ٽرامن کي هلندي ڏسي پي سگهياسين. اُتي ماٺهن جي رش هئي. دڪانن جون دريون روشن هيون ۽ سئنيما جون برقي روشنيون ٻري رهيون هُيون. زندگي معمول موجب

جاري هئي. اسان وٽ 'مارينسڪي ٿيٽر' جي "بيلي" جون ٽڪيٽون هيون. سڀ ٿيٽر ڪليل هئا. پر ٻاهر وڏيڪ تماشو متل هو.

اونداهيءَ ۾ اسين ڪاڪ جي ان ڏڳ سان ٽڪرائجي وياسين، جن سان پوليس پُل تي مورچي بندي ڪئي هئي. اسان 'اوسترو گانوف محل' جي سامهون ڪجهه سپاهين کي هڪ ٽن انجن واري فيلڊ گن ڏکيندي مورچا بندي ڪندي ڏٺو. پانت پانت جون وردیون پاتل ماڻهن جي بي مقصد اڇ وڇ جاري هئي ۽ هو وڏي سڏ ڳالهائي رهيا هئا.

نيوسڪي تي اڳيان هلي ايئن ٿي لڳو ته جڙ سجو شهر گهمڻ ڦرڻ جي لاءِ ٻاهر نڪري آيو آهي. هر موڙ تي گرماگرم بحث جي چوڌاري ماڻهن جو ڍنبلو گڏ ٿيل هو. چونڪن تي سنگينون چڙهايل ڍزن ڪن سپاهي وڙڪي رهيا هئا. ڳاڙهن مهاندن وارا ڪراڙا قيمتي فرڪوٽ پايو مٿن مُڪون اُلاري رهيا هئا ۽ خوش پوشاڪ مايون رڙيون ڪري مٿن لعنتون وجهي رهيون هيون. سپاهي بوکلاهت مان کلندي ماڻهن سان هروپرو بحث ڪري رهيا هئا. انهن رستن تي بڪتربند گاڏين جي اڇ وڇ جاري هئي، جن تي شروعاتي زارن الیگ، ريورڪ، سويا تو سلاف جا نالا رکيل هئا. بڪتربند گاڏين تي وڏن وڏن ڳاڙهن اکرن ۾ لکيل هو 'ايرايس.دي.ايرپي (رسي ايسڪايا سوتسيال ديموڪراتچسڪايار ربوچايا پارتيا) [1] ميخائيلوفسڪي پراسپيڪٽ تي هڪ همراهه ظاهر ٿيو. جنهن جي ٻنهي هٿن ۾ اخبارن جو ڍڳ هو.

جنوني ماڻهن جڙ مٿس حملو ڪري ڏنو ۽ اخبارون ونڊڻ لاءِ ڪيس هڪ روبل پنجن ۽ ڏهن روبلن جي آڇ ڪرڻ لڳا ۽ هڪٻئي کي جانورن جيان پٽڻ لڳا. اها اخبار 'ربوچي اي سلدات' هئي، جنهن ۾ پرولتاري انقلاب جي سوءَ ۽ قيدي بالشويڪن جي چوٽڪاري جو اعلان هو فوجي محاذ پاران حمايت جي لاءِ اپيل هئي. اها اخبار ننڍن ننڍن ڇڻ صفحن تي مشتمل هئي، منجهس وڏين وڏين سُرخين سان، ٽلهن اکرن ۾ خبرون ڇپيل هيون.

'سدووايا' جي موڙ تي ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ شهري گڏ ٿي ويا هئا. جيڪي هڪ اوچي عمارت کي تڪي رهيا هئا، جتي هڪ ننڍڙي ڳاڙهي چٽنگ وسامي رهي هئي. هڪ ڊگهي قد واري هاريءَ ان ڏانهن اشارو ڪندي

---

[1] روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي.

چيو "ڏسو! هيءَ ڪير چڙ پيو ڏياري؟ اجهو ماڻهن تي گوليون هلائڻ شروع ڪندو." پر ڪنهن کي به اهو خيال ڪونہ ٿيو تہ اُتي وڃي جانچ ڪري.

اسان جي گاڏي اسمولني پهتي تہ ان جو سامهون وارو حصو روشنين سان جڳ مڳائي رهيو هو ۽ هر رستي ۽ طرف کان ماڻهن جا پاڇولا تيزيءَ سان اُن ڏانهن وڌي رهيا هئا. جيڪي اونداهيءَ ۾ وڌيڪ ڏنڏلا نظر اچي رهيا هئا. هڪ تمام وڏي هاٿي جي رنگ جهڙي بڪتربند موٽر گاڏي چت جي روشندان تي به ڪاڙها جهنڊا جهولائيندي. زور زور سان سائرن وڄائيندي باهر نڪتي. سردي هڏ سبب، باهرين ڦاٽڪ وٽ ڪاڙهن محافظن باهہ جو مچ ٻاري رکيو هو. دروازي جي اندر به باهہ ٻري رهي هئي، جنهن جي روشنيءَ ۾ سنترين اسانجي پاسن کي جانچي جُونچي پڙهيو ۽ اسان کي ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏٺو. دروازي جي ٻنهي پاسن تيزيءَ سان فائر ڪندڙ چار چار توپون ڪُتل هيون، جن تان ڪرمچ جا غلاف لاٿا وبا هئا ۽ گولين جون پٽيون نانگن جيان انهن جي ڪلهن تي لڙڪي رهيون هيون. بڪتربند گاڏين جو هڪ قافلو وٽن جي هيٺان اڳڻ ۾ بيٺو هو ۽ اُنهن جون انجڻيون چالو هيون. ڌڳهن ٻي آرائش ۽ هلڪين روشنين وارن هالن ۾ پيرن جي آوازن ۽ سڏ واکي جي گونج هئي. هڪ لاپرواهہ فضا هئي. ڏاکڻين تان هڪ ميڙ تيزيءَ سان هيٺ لٿو اهي ڪارا ڪرتا ۽گول ٽوپيون پاتل مزدور جن ۾ ڪيترن جي ڪلهن سان بندوقون لڙڪي رهيون هيون. وچ ۾ هڪ به اڳواڻ به هئا. لوناچارسڪي ۽ ڪامينيئف جيڪي ڪنهن ميڙ جي وچ ۾ تيز تيز وڃي رهيا هئا ۽ ٻئي هڪ ئي وقت زور زور سان ڳالهائي رهيا هئا. اڳواڻن جا چهرا پريشان ۽ تشويشناڪ هئا ۽ هنن جي ڳچن ۾ ٽلهو فائيل ڏيبل هو. پيٽروگراڊ سوويت جو غير معمولي اجلاس ختم ٿي چڪو هو. مون ڪامينيئف کي روڪيو، جيڪو تيز هلندڙ بندري قد وارو همراهہ هو ۽ جنهن جي ڪلهي تي گويا، ڪنڊ ڪانسواءِ هڪ ڪتابي، جيالو چهرو رکيل هو. هن بنا ڪنهن تمهيد جي ان قرارداد جو فرانسيسي ترجمو پڙهي ڏيو جيڪا ٿوري دير اڳ منظور ڪئي وئي هئي.

"مزدورن ۽ هارين جي نمائندن جي پيٽروگراڊ سوويت، پيٽروگراڊ پرولتاريہ ۽ گيريزن سوپاري انقلاب کي سلام ٿي ڪري ۽ ان اتحاد، تنظيم، ضابطي ۽ مڪمل سهڪار تي خاص زور ڀري ٿي، جنهن جو ثبوت عوام هن

بغاوت جي دوران ڏنو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ تمام گهڻ رت وهيو ۽ شايد ئي ڪٿي ڪا بغاوت اهڙي خوبيءَ سان ڪامياب ٿي هجي.

"سوويت پنهنجي اُن پڪي ارادي جو اظهار ٿي ڪري ته مزدورن ۽ هارين جي حڪومت، جنهن جي انقلابي تخليق، سوويت جي حڪومت جي حيثيت سان ٿي آهي ۽ جيڪا صنعتي پرولتاريه جي لاءِ، غريب هارين جي مڪمل سهڪار سان اڳتي وڌندي ۽ مضبوطيءَ سان سوشلزم ڏانهن وڌندي جيڪو ئي اڪيلو ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي ملڪ کي جنگ جي تباهه ڪارين ۽ اڻ ٽر هولناڪين کان چوٽڪارو ڏياري سگهجي ٿو.

"مزدورن ۽ هارين جي نئين حڪومت جنگ ۾ شامل سيني ملڪن کي فوري طور تي هڪ منصفاڻي ۽ جمهوريه صلح جي آڇ ٿي ڪري، اها، وڏين زميندارين ۽ جاگيردارين کي هڪدم ختم ڪري زمين هارين ۾ ورهائيندي، اها پيداوار ۽ مصنوعات جي ورهاست تي مزدورن جو ڪنٽرول قائم ڪندي ۽ بئنڪن جن کي اها فوري طور تي رياستي ڪنٽرول ۾ ونڊندي.

"مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي پيٽروگراڊ سوويت روس جي سيني مزدورن ۽ هارين کي اپيل ٿي ڪري ته هو پنهنجي سڃي سگهه ۽ لڳن سان پرولتاري انقلاب جي حمايت ڪن. سوويت پنهنجي ان يقين جو اظهار ٿي ڪري ته غريب هارين جا اتحادي شهري مزدور مڪمل انقلابي نظم و ضبط کي يقيني بنائيندا، جيڪو سوشلزم جي سوپ لاءِ اڻ تر آهي.

"سوويت کي ان ڳالهه جو يقين آهي ته اولهندن يورپي ملڪن جي پرولتاريه اسانجي سوشلزم جي مقصد کي هڪ حقيقي ۽ لازوال سوپ تائين وٺي وڃڻ ۾ مدد ڏيندي."

"ته ڇا اوهين سمجهو ٿا ته ان جي فتح ٿي آهي؟"

هُن ڪلها لوڏيندي چيو "ايڏا گهٽو ڪجهه ڪرڻون آهي. تمام گهٽو ايڏا ته رڳو شروعات ٿي آهي".

ڏاڪڻين جي وچ تي، ويڪري جاءِ وٽ منهنجي ريازانوف سان ملاقات ٿي، جيڪو ٽريڊ يونين جو نائب صدر هو. هو ڪارو ڏُنهه ٿي چڪو هو ۽ پنهنجي چڀڙي ڏاڙهيءَ جي وارن کي وات ۾ وجهندي رڙ ڪري چيائين، "اها بي وقوفي آهي، صفا بي وقوفي، يورپي پرولتاريه نه اُٿندو. سڃو روس... هن پنهنجو ڪاپو هٿ بوڪلا هٿ ۾ لوڏيو ۽ ڏوڙندو هليو ويو.

ريازانوف ۽ ڪامينيئف، پنهي بغاوت جي مخالفت ڪئي هئي ۽ لينن جي غضبناڪ زبان جا نشتر سَنا هئا.

اهو هڪ تاريخ ساز اجلاس هو. فوجي ڪميٽي پاران ٽراٽسڪيءَ اعلان ڪيو هو تہ هاڻ عارضي حڪومت جو ڪو بہ وجود ڪونهي. هن چيو "بورزوا حڪومتن جي خصوصيت آهي عوام کي دوکو ڏيڻ، اسانکي مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويت کي، تاريخ ۾ هڪ بي مثال تجربو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اسان هڪ اهڙي اقتدار جو بنياد رکي رهيا آهيون، جنهن جو مقصد سواءِ اُن جي ٻيو ڪو بہ نہ هوندو تہ سپاهين، مزدورن ۽ هارين جي ضرورتن جو پورائو ڪيو وڃي."

لينن آيو تہ هن جو زوردار تاڙين سان آڏرياءُ ڪيو ويو ۽ هن هڪ عالمگير سماجي انقلاب جي اڳ ڪٿي ڪئي ۽ زينووئيف وڏي سڏ ڇيو. "اڄوڪي ڏينهن اسان بين الاقوامي پرولتاريہ کي پنهنجو قرض ادا ڪري ڇڏيو آهي ۽ جنگ تي، سڀني سامراجي قوتن کي سَندائتو ڏڪ هنيو آٿئون ۽ خاص طور تي جلاد 'ويلهلم' تي هڪ زبردست جسماني وار....."

ان ڪانپوءِ ٽراٽسڪيءَ ڇيو تہ "محاذ تي تارون موڪلي سوياري بغاوت جو اعلان ڪيو ويو آهي. پر ايڏا سوڏي ڪو جواب نہ مليو آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ فوجون پيٽروگراد ڏانهن وڌي رهيون آهن، انهن کي سچائي کان واقف ڪرڻ جي لاءِ هڪ وفد موڪلڻ گهرجي."

رڙيون: "تون سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس جي مرضي کان اڳ ۾ ئي سڀ ڪجهہ طئي ڪري رهيون آهن".

ٽراٽسڪيءَ سرد مهريءَ مان وراڻيو "سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس جي مرضي پيٽروگراد جي مزدورن ۽ سپاهين جي بغاوت طئي ڪري ڇڏي آهي."

اسين دروازي تي گڏ ٿيل وڏي ميڙ مان ڏڪا ڪائيندا وڏي ميٽنگ هال ۾ اچي ويا سين. سيٽن جي قطارن ۾ سفيد فانوسن جي هيٺان، سيٽن جي وچ واري وٿيءَ تي، ۽ هال جي ڪنڊن، درين ۽ ڀائسن جي پر ۾ سوڙها سنگهڙا بيٺل، سڄي روس جي مزدورن ۽ سپاهين جا نمائندا، تشويشناڪ خاموشيءَ سان، وڏي جوش ۾، صدر جي گهنٽي وڄڻ جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا. هال ۾ اڻ وهنتل انسانن جي، ساهہ گهٽيندڙ گرميءَ کانسواءِ، گرمائش جو ٻيو ڪو

بہ بندوبست نہ ھو. ميڙ مان، سگريٽن جو گندو نيرو دونھو اُٿي رھيو ھو ۽ ٽڪل عوام وکري رھيو ھو. ڪنھن ڪنھن مھل ڪنھن ڏميدار همراھ ڀائس تي اچي ڪامريڊن کي سگريٽ نہ پيئڻ جي درخواست ٿي ڪئي ۽ انھيءَ مھل سگريٽ پيئندڙن ۽ نہ پيئندڙن رڙ ڪري ٿي چيو "ساٿيو! سگريٽ نہ پيو!" ۽ پر سگريٽ پيئندا ٿي رھيا. وونوموف فيڪٽري جي نراجيت پسند نمائندي پترونسڪيءَ، گسڪي منھنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪئي. ھن نہ ڏاڙھي ڪوڙھي ھئي ۽ نہ وري منھن ڏوتو ھو. فوجي انقلابي ڪميٽيءَ ۾ لڳاتار ٿي ڏينھن ۽ راتيون ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ھاڻ ھن کان وڌيڪ ويٺو بہ نہ پي ٿيو.

اسٽيج تي پراڻي "تسي اي ڪا" جا اڳواڻ وينا، آخري پيري طوفاني سوويتن تي چانيل ھئا، جن تي ھنن پھرين ئي ڏينھن کان حڪومت ڪئي ھئي ۽ جيڪي ھاڻ انھن جي خلاف اُٿي ڪڙيون ٿيون ھيون. اھو روسي انقلاب جي پھرين دور جو خاتمو ھو. جنھن کي انھن همراھن محتاط رستي تي ونڊي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي. پر ھنن جا سڀ کان ٿي وڌا اُٿي نہ ھئا. ڪيرنسڪي ننڍن شھرن مان ٽيندو جيڪي سڀ شڪي انداز ۾ چرپر ڪري رھيا ھئا، محاذ ڏانھن ڀڄي رھيو ھو. پوڙھو عقاب "چيدزي" وڏي حقارت مان پنھنجن جارجيائي پھاڙن ۾ گوشا نشين ٿي ويو ھو جتي ھو ٿي بي ۾ مبتلا ٿيڻ وارو ھو ۽ تسيريتيلي بہ ھڪ خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ھو. پر پوءِ واپس ورڻ ۽ حاصل نہ ٿيندڙ مقصد جي لاءِ پنھنجي مفادن جا واھڙ واھڙ وارو ھو. گوتس اتي ويٺو ھو. دان، ليبر، گدانوف، بروئيد، فليپو فسڪي سخت ڪاوڙ ۽ چڙ ۾ مبتلا ھئا، سندن واتن مان ڪڦ، وھي رھي ھئي. انھن جي ھيٺان سوويتن جي بي ڪُل روس ڪانگريس پنھنجو ڪم ڪري رھي ھئي ۽ انھن جي اڳيان فوجي انقلابي ڪميٽي تيزيءَ سان ڪم ڪري رھي ھئي، ھن پنھنجي ھٿن ۾ بغاوت جي واڳ سنياليو ورتي ھئي ۽ زوردار نموني سان ڏڪ ھڻي رھي ھئي. رات جا ڏھ لڳي 40 منٽ ٿيا ھئا.

ھڪ نيڪ صورت گنجي شخص، جنھن کي فوجي سرجن جي ويڪري وردي پاتل ھئي، جنھن جو نالو 'دان' ھو گھنٽي وڄائڻ شروع ڪئي. ھڪدم ماڻار چائنجي ويئي، جنھن ۾ وڏي بي قراري ھئي، جنھن ۾ دروازي وٽ بينل ماڻھن جي جھيڙي ۾ بحث رخنو ٿي وڌو. "اقتدار اسانجي ھٿن ۾ آھي." ھن رنجيده انداز ۾ چوڻ شروع ڪيو پوءِ ھڪ گھڙي جي لاءِ

ترسيو ۽ آهستي چوڻ شروع ڪيو "ساٿيو! سوويتن جو هي ميڙ ههڙين غيرمعمولي حالتن ۾ هڪ اهڙي غيرمعمولي گهڙيءَ ۾ ٿي رهيو آهي، جو اوهين سمجهي ويندا ته "تسي اي ڪا" جو اوهانجي اڳيان هڪ سياسي تقرير وارو خطاب ڪرڻ غيرمعمولي ٿي سمجهي. اها ڳالهه اوهانجي لاءِ اجا به چٽي ٿي بيهندي ۽ جيڪڏهن اوهان کي ياد هوندو ته آئون به "تسي اي ڪا" جو ميمبر آهيان ۽ هن وقت اسان جي پارٽي جا ساٿي "سرما محل" ۾ آهن، جن تي گولي باري ڪئي پئي وڃي ۽ هو ان فرض کي پورو ڪري رهيا آهن، جيڪو مٿن "تسي اي ڪا" عائد ڪيو آهي." (گومگو وارو گوڙ)

"آئون مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ۽ ڪانگريس جي پهرين اجلاس جي شروع ٿيڻ جو اعلان ٿو ڪريان!"

وٽ ڀڪڙ ۽ ماٺهن جي هيڏانهن هوڏانهن اڇ وڇ جي وچ ۾ 'صدارتي پريزيديم' جي چونڊ ٿي. ايوانيوف اعلان ڪيو ته بالشويڪن، ڪابي ڊر جي سوشلسٽ انقلابين ۽ منشويڪ بين الاقواميت پسندن جي وچ ۾ ٿيل ناهه جي آڌار تي اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته صدارتي پريزيديم جو بنياد شرڪت ڪندڙن جي تناسب جي حساب سان ڪيو ويندو. ڪيترائي منشويڪ احتجاج ڪرڻ جي لاءِ اُٿي بيٺا، ته ڏاڙهيءَ واري هڪ سپاهيءَ رڙ ڪري چيو "ازي ياد اٿم ته اوهان اسان بالشويڪن سان چا چا نه ڪيو هو جڏهن اسين اقليت ۾ هئاسين." نتيجو: 14 بالشويڪ، 7 سوشلسٽ انقلابي، 3 منشويڪ ۽ هڪ بين الاقواميت پسند (گوركي جي پارٽي). ساڃي ڊر ۽ وڃين واٽ رکندڙ سوشلسٽ انقلابين پاران 'هندلمان' چيو ته هو صدارتي پريزيڊنٽ ۾ شرڪت کان انڪار ٿا ڪن. منشوڪن پاران جنچوڪ ۽ منشويڪ بين الاقواميت پسندن پاران به اعلان ڪيو ويو ته جيستائين ڪن حالتن جي تصديق نٿي ڪئي وڃي. تيستائين هو صدار تي ست ۾ شامل نه ٿيندا هئا. هِتان هُتان تاڙيون ۽ جملا۔ هڪ جملو "دوڪي بازو! اوهين پنهنجو پاڻ کي سوشلسٽ ٿا سڏيو." يوڪريني ڊيلي گيتن جي هڪ نمائندي گهر ڪئي ۽ ڪين سيٽ ملي ويئي. اوڏي مهل پراٽي "تسي اي ڪا" استيج تان هيٺ لهي آئي ۽ انهن جي جاءِ تي ٽراٽسڪي، ڪامينيئف، لوناچارنيڪي، مادام ڪولونتائي ۽ لوگن اچي والاري. سڄو هالا اٿي بيٺو ۽ زوردار تاريون وڄڻ لڳيون. ڪيترا مٿي وڃي بيٺا. اجا چار مهينا اڳ، اهي

بالشويڪ هڪ اهڙو گروهہ هئا، جن کان نفرت ۽ حقارت ڪئي ويندي هئي ۽ اڄ هو ان اعليٰ مقام تي پهچي ويا هئا، جيڪو انقلاب جي سڄي ڪاروهنوار ۾ عظيم روس جي ٻيڙي آهي.!"

ڪامينئف اعلان ڪيو تہ: ايجنڈا اها آهي تہ سڀ کان پهرين اقتدار جي تنظيم، ٻيو جنگ، صلح ۽ ٽيون آئين ساز اسيمبلي جي جوڙجڪ. لوزوفسڪي اڳي اعلان ڪيو تہ سڀني جٿن جي بيورو جي ناهہ موجب، اهو تجويز ڪيو وڃي ٿو تہ پيٽروگراڊ سوويت جي رپورٽ ٻُڌي ۽ ان تي بحث ڪيو وڃي. پوءِ 'تسي اي ڪا' ۽ مختلف پارٽين جي ميمبرن کي تقرير جو موقعو ڏنو وڃي ۽ آخر ۾ ايجنڈا منظور ڪئي وڃي.

پر اوچتو هڪ نئون آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪو ميڙ جي هنگامي کان وڌيڪ گهرو نقصانڪار ۽ تشويشناڪ هو. اهو آواز پري کان ايندڙ توپن جا ڌماڪا هو. ماڻهن تشويش سان گڏ ڏنڏلائجي ويل درين ڏانهن ڏنو ۽ مٿن هڪ ٻُخار جهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويئي. مارتوف تقرير ڪرڻ جي موڪل گهري ۽ ڏڪندڙ آواز ۾ رڙ ڪندي چيو "ساٿيو! گهرو لڙائي شروع ٿي چڪي آهي. پهريون سوال اُهو هئڻ گهرجي تہ ان سوال جو پُرامن نيبرو. اصولي طور تي ۽ هڪ سياسي نقطہ نظر سان، اسانکي گهرو جنگ کي تارڻ جي ڪنهن فوري وسيلي تي بحث ڪرڻ گهرجي. اسانجي پائرن کي رستن تي گولين جو نشانو بنايو پيو وڃي. هن وقت جڏهن ڪانگريس جي شروع ٿيڻ کان اڳ، اقتدار جي سوال کي هڪ انقلابي پارٽي جي منظم ڪيل فوجي سازش جي ذريعي طئي ڪيو پيو وڃي." ٿوري دير سنڊس آواز گوڙ ۾ ٻُڏل رهيو "سڀني انقلابي پارٽين کي ان حقيقت تي بحث ڪرڻ کپي. ڪانگريس جي سامهون پهريون سوال اقتدار جو سوال آهي ۽ اهو سوال رستن تي هٿيارن جي زور تي اڳ ۾ ئي حل ڪيو پيو وڃي! اسانکي هڪ اهڙي اقتدار جي تخليق ڪرڻ گهرجي، جنهن کي سڄي جمهوريت تسليم ڪري. جيڪڏهن ڪانگريس انقلابي جمهوريت جو آواز بنجڻ چاهي ٿي تہ ڪيس وڌندڙ گهرو جنگ جي معاملي ۾ هٿ تي هٿ ڏيئي نہ ويهڻ گهرجي، جنهن جو نتيجو انقلاب دشمنيءَ جو هڪ خطرناڪ ڌماڪو ٿي سگهي ٿو. پُرامن نتيجي جو امڪان هڪ جمهوري اقتدار جي جوڙجڪ ۾ ئي آهي،

اسانکي ٻين سوشلسٽ پارٽين ۽ تنظيمن سان گڏجي ڳالهيون ٻُهاڙيون ڪري هڪ وفد جي چونڊ ڪرڻ گهرجي."

ان دوران درين مان باقاعدگيءَ سان توپن جي ڏماڪن ۽ هڪ ٻئي تي اُلرون ڪندڙ نمائندن جو آواز ايندو رهيو. ايئن توپخاني جي گوڙ سان گڏ، اونداهيءَ ۾ نفرت، ڊپ ۽ بي باکيءَ واري جرئت سان هڪ نئون روس جنم وٺي رهيو هو. ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين ۽ متحده ڊيموڪريٽس، مارٽوف جي رٽ جي حمايت ڪئي. رٽ منظور ٿي ويئي. هڪ سپاهيءَ اعلان ڪيو ته هارين جي 'ڪُل روس سوويت' ڪانگريس ۾ نمائندا موڪلڻ کان انڪار ڪيو آهي. هن رٽ ڏني ته هڪ ڪميٽي باقاعده دعوت سان گڏ موڪلي وڃي. هن چيو "ڪجهه نمائندا موجود آهن." رٽ منظور ڪئي ويئي.

خاراش، جنهن جي ڪلهي تي ڪيپٽن جون پٽيون لڳل هيون، گُهر ڪئي ته ڪيس تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي. هن رڙ ڪري چيو "جيڪي مڪار سياسي ماڻهو هن ڪانگريس کي ڪنٽرول ڪري رهيا آهن، انهن اسانکي ٻڌايو ته اسانکي پهرين اقتدار جو سوال طئي ڪرڻ گهرجي. پر هو اسان جي پويان ڪانگريس جي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي اهو طئي ڪري رهيا آهن! 'سرما محل' تي وار ڪيا پيا وڃن ۽ ان قسم جي حملن سان ان سياسي پارٽيءَ جي تابوت ۾ ڪوڪا ٺوڪجي رهيا آهن، جنهن اهڙي خطرناڪ مهم جو خطرو سر تي کنيو آهي. (گوڙ) ان ڪانپوءِ گارڙا چيو "اسين ته هتي ناهه جي رٽن تي بحث ڪري رهيا آهيون ۽ رستن تي هڪ لڙائي چالو آهي. جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان ۾ سوشلسٽ انقلابي ۽ منشويڪ حصو ونڊ ڪان انڪار ٿا ڪن ۽ سيني عوامي قوتن کي اپيل ٿا ڪن ته هو اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي ان ڪوشش جي مزاحمت ڪن. ڪوچن، ٻارهين فوج جو نمائندو ۽ ترودويڪو جو نمائندو مونکي هتي اطلاع ڏيڻ جي لاءِ موڪليو ويو هو ۽ آڻون واپس محاذ تي وڃي رهيو آهيان، جتي سيئي فوجي ڪميٽيون سمجهن ٿيون ته آئين ساز اسيمبلي کان فقط ٿي هفتا اڳ سوويتن جو اقتدار تي قبضو ڪرڻ فوج جي پُٺيءَ ۾ ڇرو هڻڻ جي برابر ۽ عوام جي خلاف هڪ ڏوهه آهي."

"ڪوڙو ڪوڙو! تون ڪوڙ پيو ڳالهائين." جون رڙيون. جڏهن هن جو آواز ٻيهر ٻڌڻ ۾ آيو تہ هو چئي رهيو هو "آئون سيني نمائندن کي اپيل ٿو ڪريان تہ هو ملڪ ۾ انقلاب کي بچائڻ جي لاءِ هن هال مان ٻاهر نڪري اچن." جڏهن هو اهو چئي ٻاهر نڪرڻ لڳو تہ کي ڪامريڊ گوڙ ۾ مٽس اُلرون ڪرڻ ۾ ڪيس ٺمڪائڻ لڳا. ان ڪانپوءِ خنچوڪ، جيڪو ڊگهي وري ڏاڙهي وارو آفيسر هو تنهن شائستگيءَ سان سمجهائڻ جي انداز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو "آئون محاذ جي نمائندن ياران پيو ڳالهايان، هن ڪانگريس ۾ فوج جي گهٽي نمائندگي ڪونهي، وڌيڪ اهو تہ فوج سوويتن جي ڪانگريس کي ان وقت ضروري نٿي سمجهي، جڏهن آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس شروع ٿيڻ ۾ فقط ٿي هفتا وڃي بچيا آهن." رڙيون ۾ پٽ تي پيرن سان دڙها هڻڻ جا آواز تيز ٿي وڃن ٿا. "فوج اهو نٿي سمجهي تہ سوويتن جي ڪانگريس وٽ ضروري اختيار آهن." اهو ٻڌي سپاهي سڄي هال ۾ اُٿي بينا ۾ هنن زور زور سان چوڻ شروع ڪيو "تون ڪنهن جي ياران پيو ڳالهائين ۾ تون ڪنهن جي نمائندگي پيو ڪرين؟"

"پنجين فوج جي سوويت جي مرڪزي ورڪنگ ڪميٽي، پي ايف ريجمنٽ پهرين ايف ريجمنٽ، ٽين ايسي رائفل..."

"توکي ڪڏهن چونڊيو ويو آهي؟ تون سپاهين جي ياران نہ پر آفيسرن جي نمائندگي پيو ڪرين. تون اهو ٻڌاءِ تہ ان جي باري ۾ سپاهي ڇا ٿا چون."

چٽرون ۾ جملا.

"اسين محاذ جي جماعت، جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو ۾ ٿيو آهي، ان جي هر ذميداريءَ کان انڪار ٿا ڪيون ۾ ضروري سمجهون ٿا تہ انقلاب جي چوٽڪاري جي لاءِ سيني باشعور انقلابي قوتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو وڃي. محاذ جي جماعت ڪانگريس کان ڌار ٿي وڃي. وڙهڻ جي جاءِ ٻاهر رستن تي آهي."

زبردست گوڙ جو آواز "تون استاف ياران پيو ڳالهائين، فوج ياران نہ!"

مٽس. "ڪورنيلوفي! انقلاب دشمن! چڙ ڏيارينڙ" جهڙن خطابن جي برسات وسائي وئي.

ان کانپوءِ منشويڪن پاران خنچوڪ اعلان ڪيو تہ پُرامن حل جو واحد امڪان اهو آهي تہ هڪ اهڙي نئين ڪابينا جوڙڻ جي لاءِ عارضي حڪومت سان ڳالهايو وڃي، جنهن کي آبادي جي سڀني طبقن جي حمايت حاصل هجي. ڪيس ڪيترن ئي منٽن تائين وڌيڪ ڪجهہ بہ چوڻ نہ ڏنو ويو. هن رڙيون ڪندي منشويڪ اعلان نامو پڙهيو.

"جيئن تہ بالشويڪن، بين پارٽين ۽ گروهن سان صلاح مصلحت ڪرڻ ڪانسواءِ، پيٽروگراد سوويت گروهن ۽ پارٽين سان مشورو ڪرڻ ڪانسواءِ، پيٽروگراد سوويت جي مدد سان، هڪ فوجي سازش ڪئي وئي آهي، تنهنڪري، اسانجو ڪانگريس ۾ رهڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. تنهنڪري اسين ڪانگريس تان دستبردار ٿيون ٿا ۽ بين پارٽين کي اپيل ٿا ڪريون تہ هو بہ اسان سان گڏ اچي گڏجي صورتحال تي ويچار ڪن".

"ياڃوڪڙ!"

وقفي وقفي سان تقريبًا لڳاتار گڙٻڙ ۾ سوشلسٽ انقلابين پاران 'هندلمان' جو آواز اُپريو. سرما محل تي گولي باريءَ جي خلاف احتجاج ڪندي ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو "اسين ان قسم جي مزاج جي خلاف آهيون".

ايڏا هو هيڻ مس لڏو تہ هڪ سنهي مهانڊي وارو نوجوان سپاهي، جنهن جي اکين ۾ وڏي ڏيا هئي، ٽپ ڏيئي اچي ڊائس تي ٻيٺو ۽ ڊرامائي انداز سان پنهنجو هٿ مٿي ڪنيائين، "ساٿيو!" هن رڙ ڪري چيو ۽ مانڌار ڇانڻجي وئي. "منهنجو خانداني نالو پيٽرسن آهي، آئون 'دوري لاتويائي' رائفل پاران ڳالهائي رهيو آهيان. اوهان فوجي ڪميٽين جي ٻنهي نمائندن جا ٻيان ٻڌا. انهن بيانن جي ان وقت ڪا حيثيت ضرور هجي ها، جڏهن اهي پيش ڪرڻ وارا فوج جا نمائندا هجن ها (تاڙيون) پر هو سپاهين جي نمائندگي نٿا ڪن." هن پنهنجي مُڪ کي هوا ۾ اُلاريندي هن چيو "ڀارهين فوج وڏي سوويت ۽ فوجي ڪميٽين جي نين چونڊن جي لاءِ گهٽن ڏينهن کان زور پري رهي هئي، پر اوهانجي 'تسي اي ڪا' جيان، اسانجي ڪميٽيءَ بہ سيپٽمبر جي آخر تائين عام ماڻهن جي گڏجاڻي گهرائڻ کان انڪار ڪندي رهي. تہ جيئن هو هن ڪانگريس جي لاءِ پنهنجا رجعت پسند نمائندا چونڊي سگهن. هاڻ آئون اوهانکي ٻڌايان ٿو تہ لاتويائي سپاهين بار بار اهو چيو آهي تہ "هاڻ قرادادون نہ ڪپن!" ڳالهيون گهڻيون ئي ٿيون. هاڻ ڪم ڪپي.

اقتدار اسانجي هٿن ۾ هئڻ گهرجي! هنن کوڙن نمائندن کي ڪانگريس مان وڃڻ ڏيو. فوج انهن سان گڏ ڪونهي."

تاڙين جي گونج ۾ هال جون پٽيون ڏڪڻ لڳيون. اجلاس جي شروعاتي گهڙين ۾ واقعن جي تيزي سان ششدر ٿي، توپن جي آوازن تي چرڪي، نمائندا هيڪي رهيا هئا. هڪ ڪلاڪ تائين ان استيج تان هڪ ٻي جي پويان هٿوڙن جهڙي مار پوندي رهي، جيڪا هنن کي ته متحد ڪندي رهي، پر اُنهن کي پنڌتي ڏکيندي رهي، ڇا هو اڪيلا آهن؟ ڇا روس هنن جي خلاف اُٽي ڪڙو ٿيو آهي؟ ڇا اهو سچ آهي ته فوج پيٽروگراد ڏانهن وڏندي پيئي اچي. اُن مهل اُن صاف گو نوجوان سپاهيءَ جي تقرير مان کين خبر پئجي ويئي ته سچ ڇا آهي. اهو سپاهين جو آواز آهي. لکين چرپر ڪندڙ وردي پوش مزدور ۽ هاري به انهن جهڙا انسان آهن ۽ انهن جا خيال ۽ جذبا هڪجهڙا آهن.

ٻين سپاهين به تقريرون ڪيون. گزيلشاڪ جي محاذ جي نمائندن اعلان ڪيو ته هنن معمولي اڪثريت سان ڪانگريس مان نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ بالشويڪ ميمبرن ووٽنگ ۾ حصو ئي نه ورتو. چاڪاڻ ته هو گروهن نه پر سياسي پارٽين موجب ورهاست جي حق ۾ هئا. هنن چيو "محاذ تان سوين نمائندا سپاهين جي شرڪت ڪانسواءِ چونڊيا پيا وڃن. چاڪاڻ ته فوجي ڪميٽيون هاڻ عام سپاهين جون نمائنده نه رهيون آهن." لوڪيانوف رڙ ڪري چيو "خاراش ۽ خنچوڪ جهڙا آفيسر هن ڪانگريس ۾ فوج جا نه پر فقط هاءِ ڪمانڊ جي ئي نمائندگي ڪري سگهن ٿا. خندقن ۾ وينل سپاهي دل جي گهراين سان اهو چاهين ٿا ته اقتدار سوويتن جي هٿن ۾ ڏنو وڃي ۽ هنن جون سوويتن سان وڏيون اميدون وابسته آهن."

وهڪري جو زور بدلجي ويو.

ان ڪانپوءِ 'بندر' پارنا ويراموووچ آيو. جيڪو يهودي سوشل ڊيموڪريٽن جو ترجمان هو. عينڪ جي ٽلهن شيشن پويان هن جون اکيون چمڪي رهيون هيون. هو صفا ڏکي رهيو هو.

"هن وقت پيٽروگراد ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. اهو هڪ وحشياڻو عمل آهي . 'بندر' جماعت سوشلسٽ ۽ منشويڪ انقلابين جي

اعلان جي حمايت ڪندي هن ڪانگريس کان ڊار ٿي ويندي " هن پنهنجو آواز وڌو ڪيو ۽ چيو "روسي پرولتاريه جي سامهون، اسانجا جيڪي فرض آهن، اهي اسانکي هتي ترسڻ ۽ انهن ڏوهن ۾ پاڳي پائيوار ٽيڙ کان روڪين ٿا. جيئن ته 'سرما محل' تي گولي باري لڳاتار جاري آهي، تنهنڪري 'ميونسپل دوما' منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين ۽ هاري سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ سان گڏجي اهو فيصلو ڪيو آهي ته هو به عارضي حڪومت سان گڏ فنا ٿي ويندا ۽ اسين انهن سان گڏ ويون پيا. اسين اڪيلا ئي دهشت پسندن جي مشين گنن جي سامهون پنهنجا سينا کولي ڇڏينداسين. اسين ڪانگريس جي سڀني نمائندن کي دعوت ٿا ڏيون..." تقرير جو باقي حصو جملن، دڙڪن ۽ لعنتن جي طوفان ۾ گم ٿي ويو. جيڪو پنجاهه نمائندن جي اُٽڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪرڻ سان قيامت جهڙو ٿي ويو هو. ڪامينيئف گهٽتي وڃائي ۽ چيو "پنهنجي جاءِ تي وينا رهو ۽ پنهنجو ڪم جاري رکو" ۽ ٽراتسڪيءَ زوردار بي رحم چهري سان بيهي، غير جذباتي پر شديد حقارت مان چيو "هيءَ سڀ نالي ماتر سوشلسٽ، سمجهوتي باز ڊنل منشويڪ، سوشلسٽ 'انقلابي بندر' انهن سڀني کي ويڑ ڏيو هي سڀ گند ڪچرو آهن. جن کي تاريخ جي اروڙين تي اُڇليو ويندو." بالشويڪن پاران ريازانوف چيو ته ميونسپل دوما جي درخواست تي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ هڪ وفد ڳالهين ٻولهين جي لاءِ "سرما محل" موڪليو آهي، ايئن اسان رتو ڇاڻ کان بچڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي."

اسين تيزيءَ سان اُن هنڌ تان نڪتاسين، هڪ گهڙيءَ جي لاءِ ان ڪمري ۾ بيٺاسين، جتي فوجي انقلابي ڪميٽي غضبناڪ رفتار سان ڪم ڪري رهي هئي. ٽيلي فون گرافن جي گهنٽين جي گوڙ ۾ خبرون موڪلي ۽ وصول ڪري رهي هئي ۽ ڪميسارن کي زندگي ۽ موت جي هٿيارن سان هٿياربند ڪري، شهر جي هر ڪُنڊ ۾ موڪلي رهي هئي. دروازو ڪليو ته پاروٿي هوا ۽ سگريٽن جي دُونهن جو هڪ جهونڪو ٻاهر آيو ۽ اسان هڪ شيد واري برقي روشنيءَ جي هيٺان هڪ نقشي تي جهڪيل وارن ۽ ڪپڙن جي ترتيب کان بي نياز ماڻهن کي ڏٺو. هلڪن پيلن وارن واري هڪ نوجوان ڪامريڊ يوزيفون دوخوفسڪي اسانجي لاءِ "پاسون" ناهيون.

اسين جنهن سرد رات ۾ باهر نڪتاسين تہ اسمولني جو سامهون وارو سڄو حصو ايندڙ ويندڙ گاڏين جي لاءِ هڪ وڏو پارڪ بنيل هو جن جي گوڙ جي باوجود بہ پري کان ايندڙ توپن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. اتي هڪ وڏي موٽر ٽرڪ بيٺي هئي، جنهن جي انجڻ چالو هئي، ماڻهون ان ۾ بندل اُڇلي رهيا هئا ۽ ٻيا ماڻهو ڪلهن تي بندوقون لڙڪايو انهن بندلن کي کولي رهيا هئا.

"اوهين ڪيڏانهن پيا وڃو؟" مون رڙ ڪري پڇيو.

"شهر جي وچ ۾ هر هنڌ!" هڪ بندري قد جي مزدور وڏي خوشيءَ مان هٿ لوڏيندي ڪلندي وراڻيو.

اسان پنهنجون پاسون ڏيکاريون، "هلو". هنن اسانکي چيو "پر متان ڪنهن هنڌ گولين جي ڏي وٺ ٿئي." اسين ٽرڪ تي چڙهي ويٺاسين، گاڏي هلڻ لاءِ چُري تہ اسين سڀ پويان لڙڪي انهن همراهن تي اچي ڪرياسين، جيڪي چڙهي رهيا هئا. اسانجي ٽرڪ ڦاٽڪ جي پرسان ۽ پوءِ باهرين ڦاٽڪ وٽ باهہ جي هرندڙ وڻن وچان گذري، جن جي چوڌاري رائفلن سان هٿياربند ويٺل همراهن جا چهرا چمڪي رهيا هئا. اسانجي ٽرڪ پوري رفتار سان جهنڪا کائيندي 'سوورووسڪي' پار ڪيو هڪ همراهہ بندل ۾ ويڙهيل ڪاغذ رهڙ ڏيئي ڦاڙيو ۽ مُنيون پري پرچا هوا ۾ اُڇلڻ لڳو. اسان بہ ايئن ڪرڻ شروع ڪيو. اسين اونداهي رستي تي اڳيان وڌندا وياسين. واٽهڙو انهن کي ڪٽڻ جي لاءِ جهڪيا تي ۽ موڙن تي باهہ جي مچن جي چوڌاري ويٺل سپاهي اهي ڪٽڻ جي لاءِ ڊوڙيا تي. ڪنهن ڪنهن مهل هٿياربند همراهہ سامهون تي آيا ۽ رڙ ڪري تي چيائون، "استوئي" (بيهي رهو!) ۽ اسان تي بندوقون تاڻي تي ورتائون. پر اسانجي ڊرائيور رڙ ڪري ڪجهہ چيو تي ۽ اسين اڳيان وڌي تي وياسين.

انهن پرچن مان هڪ مون ڪنيو ۽ گذرندڙ رستي جي سهائيءَ ۾ پڙهڻ لڳس:

روس جي شهرين جي نالي!

"عارضي حڪومت کي معزول ڪيو ويو آهي. اقتدار جون واڳون مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ترجمان يعني فوجي

انقلابي ڪميٽيءَ جي هٿن ۾ آهن. جيڪا پيٽروگراد جي پرولتاريه ۽ گيريزن جي اڳواڻ آهي.

عوام جنهن مقصد جي لاءِ وڙهي رهيو هو يعني هڪ جمهوري ناهه جي فوري رت، زميندارن جي جائيدادن جي حقن جو خاتمو. پيداوار تي مزدورن جو ڪنٽرول. هڪ سوويت حڪومت جو قيام اهو مقصد حاصل ٿي چڪو آهي.

مزدورن، سپاهين ۽ هارين جو انقلاب زنده باد.

مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي پيٽروگراد سوويت جي ماتحت فوجي انقلابي ڪميٽي.

منهنجي پاسي ۾ هڪ وڏين اکين ۽ منگوليائي چهري وارو همراهه ٻڪري جي ڪل مان ٺهيل قفقازي ٽوپي پايو وينو هو. هن مونکي ٽونٽ هٽندي چيو "خبردار رهج هتي شرپسند سدائين درين مان گوليون هلائيندا آهن." اسين زنامنسڪي چوڪ ڏانهن مُڙي وياسين. جيڪو بلڪل اونداهو ۽ سنسان هو. پوءِ اسين تروبتسڪوئي (روسي زار اليگزينڊر ٽي جو مجسمو) جي ٺهيل بيڄڙي مجسمي جو چڪر ڪاٽي هڪدم هڪ ويڪري چوڪ تي اچي وياسين، جت ٽرڪ ۾ ٽي همراهه رائفلون تاڻيو درين تي نظرون کپايو بيٺا هئا. اسانجي پويان پڄندڙ ۽ جهڪندڙ ماڻهن جي قطار هئي. هاڻ اسانکي توپن جي ڇُٽڻ جا آواز ٻُڌڻ ۾ نه پي آيا ۽ اسين جيترو به 'سرما محل' جي ويجهو ٿي ٽياسين، اوترو ئي رستو وڌيڪ خاموش ۽ سنسان ٿي لڳو. ميونسپل دوما ۾ روشني هئي، ان جي ٻرپاسي اسانکي ماڻهن جو هڪ ميڙ ۽ جهازين جي هڪ قطار نظر آئي. جيڪي ڪاوڙ ۾ اسانکي ٻيهڻ لاءِ رڙيون ڪري چئي رهيا هئا. ٽرڪ رفتار ڍري ڪري ڇڏي ۽اسين ٽپ ڏيئي هيٺ لهي پياسين.

اهو هڪ حيرت ۾ وجهندڙ منظر هو. 'ايڪا ترينا' نهر جي هڪ موڙ وٽ هڪ 'آرڪ لائٽ' جي هيٺان، چوڪ جي سڄي ويڪر تي هٿيار بند جهازين جي هڪ قطار بيٺي هئي، جيڪا چئن چئن جي ٽولين ۾ بينل ماڻهن جي هڪ ميڙ کي روڪيو بيٺي هئي. لڳ ڀڳ ٽي چار سئو ماڻهون هئا، جن ۾ فراڪ ڪوٽ پاتل مرد، سٽا ڪپڙا پاتل عورتون، آفيسر ۽ هر قسم جا ماڻهو هئا. انهن ۾ اسان ڪانگريس جي ڪيترن ئي نمائندن، منشويڪن ۽

سوشلسٽ انقلابين کي سڃاتو. جن ۾ هارين جي سوويت جو چڊي ڏاڙهي وارو سنهڙو سيڪرٽري صدر اڪسنتيئف، ڪيرنسڪيءَ جو ترجمان سروڪن خنچوڪ، ابراموويچ ۽ سيني کان اڳيان پيٽروگراد جو اڇي ڏاڙهيءَ وارو ميئر شرائدر ۽ عارضي حڪومت ۾ رسد وارو وزير ڪوپووچ هئا. جن کي اڄ ئي صبح جو گرفتار ڪيو ويو هو ۽ پوءِ کين ڇڏي ڏنو ويو هو. اتي مونکي "رشين ڊيلي نيوز" جو نمائندو 'مالڪين' به نظر آيو. جنهن وڏي خوشيءَ مان چيو "سرما محل ۾ مرڻ پيا وڃن!" جلوس خاموش بينو هو. پر ان جي اڳينءَ حصي مان زوردار بحث جو آواز اچي رهيو هو. شرائدر ۽ ڪوپووچ، ٽلهي متاري جهازيءَ تي ڏاڪا ٻڏي چڙهي رهيا هئا. جيڪو ڪمانڊر پي لڳو.

هنن رڙ ڪري چيو. "اسين گهر ٽا ڪريون ته اسانکي وڃڻ ڏنو وڃي. ڏسين نٿو ته هيءَ ڪامريڊ ڪانگريس مان پيا اچن. انهن جا ڪارڊ ڏسي وٺ. اسين 'سرما محل' پيا وڃون".

هاڻ ظاهر هو ته جهازي حيران هو. هن پنهنجي وڏي هٿ سان مٿو ڪنيو ۽ نرڙ ٽاڙيو "مونکي ڪميٽيءَ پاران حڪم آهي ته ڪنهن کي به 'سرما محل' جي اندر گهڙڻ جي موڪل نه ڏيان!" هو بڙبڙائڻ لڳو "پر آئون هڪ ڪامريڊ کي اسمولني فون ڪرڻ جي لاءِ موڪليان ٿو".

"اسانکي ضرور اندر وڃڻون آهي. اسين بي هٿيار آهيون! اسين ته اندر ويندا سين. پوءِ تون موڪل ڏين يا نه!" شرائدر وڏي جوش مان چيو.

"مونکي حڪم آهي." جهازيءَ وات ڦاڙي چيو.

چئني پاسن کان آواز اچڻ لڳا. "تون پلي اسان تي گولي هلائي. پر اسين ضرور اندر ويندا سين. اڳتي وڌو! جيڪڏهن اوهين روسين ۽ ساڻين تي گوليون چوڙي سگهو ٿا ته اسين مرڻ جي لاءِ تيار آهيون! اسين اوهانجي بندوقن جي اڳيان پنهنجو سينو کولي ٿا ڇڏيون".

پر جهازي به پنهنجي ارادي جو پڪو ٿي نظر آيو هن چيو "نه! اسين اوهانکي اندر وڃڻ جي موڪل نه ڏينداسين".

"جيڪڏهن اسين اڳتي وڌياسين ته تون ڇا ڪندين! گولي هلائيندين؟"

"نه. اسين بي هٿيار ماڻهن تي گوليون نه هلائيندا آهيون. اسين هٿين خالي روسين تي ڪيئن ٿا گوليون هلائي سگهون".

"ته پوءِ اسين اڳيان وڌون ٿا، تون ڇا ڪندين؟"

"ڪجھ ته ڪنداسين؟" جھازيءَ ڇيو پر لڳو ايئن ٿي ته سندس سمجھ ۾ ڪجھ به نه پيو آيو "اسين اوھانکي اندر گھڙڻ جي موڪل نٿا ڏيئي سگھون... اسين ڪجھ ته ضرور ڪنداسين".

"ڇا ڪندين؟ تون ڇا ڪندين؟"

ھڪ جھازي اڳيان وڌيو ھن سخت چڑ مان چيو "اسين اوھانکي ناھوڪا پادر ٽوڪيندا سين!" پوءِ ھن زور سان چيو "جيڪڏھن ضرورت پئي ته گولي به ھلائيندا سين، ھاڻ اوھين، گھر وڃو ۽ اسانکي به سُک جو ساھ کڻڻ ڏيو. ٽرو ھتان پڇوا!"

ان تي ڪاوڙ ۽ نفرت مان سخت گوڙ ٿيو 'پروڪوچ' ھڪ ڪوکي تي چڑھي ويو ۽ پنھنجي چَٽي لوڏيندي تقرير ڪيائين:

"ساٿيو ۽ شھر واسيو! ڏسو پيا، اسانجي خلاف طاقت استعمال ڪئي پيئي وڃي. اسين ھنن جڻن کي پنھنجو رت وھائڻ نه ڏيندا سين، اھو اسانجي شان جي خلاف آھي ته اسين رستن تي سوئچ مين گولين جو نشانو بنجون. (آئون اھو سمجھي نه سگھيس ته "سوئچ مين" مان سندس ڪھڑو مطلب ھو) ھلو واپس دوما ھلون ۽ ملڪ ۾ انقلاب کي بچائڻ جي بھترين طريقن تي غور ڪريون".

اُن تي جلوس شانائتي خاموشيءَ سان مُڙيو ۽ نيوسکي واپس روانو ٿيو. ساڳئي نموني ڇٽن ڇٽن جي ٽوليءَ ۾ ۽ پھريدارن جو ڏيان انھن ڏانھن ھئڻ سبب اسين گُھت ھٽي اندر ھليا وياسين ۽ 'سرما محل' ڏانھن روانا ٿي وياسين. جتي صفا اوندھ انڌوڪار لڳي پيئي ھئي، ڪنھن به شئي جي چرپر نه ھئي، پر سپاھي، ۽ ڳاڙھي گارڊ جا جوان سنجيدگي ۽ اتل ارادن سان پھرو ڏيئي رھيا ھئا. ھڪ ٽن انجڻ واري فيلڊ گن، ڪازان ڪيٿيڊرل جي سامھون، وچ رستي تي پيئي ھئي ۽ چتين تي پنھنجن گذريل نشانن ڪانپوءِ ڪسکي ھڪ پاسي لڙکي پئي ھئي. سپاھي ھر دوروازي تي ٻيا، ڊيل آواز ۾ ڳالھيون ڪري رھيا ھئا ۽ اڪ ٽيٽ سان پوليس وارن ڏانھن ڏسي رھيا ھئا. مون ھڪ آواز ٻڌو 'تي سگھي ٿو ته اسين غلطيءَ تي ھجون.' موڙن تي پھريدار ھر واٽھڙوءَ کي روڪي رھيا ھئا. پھريدارن جي جوڙ جڪ، عجيب

هئي، چاڪاڻ تہ باقاعدہ فوجين جو ڪمانڊر سڊائين سرخ گارڊ جو هڪ جوان هوندو هو. گولين هلڻ بند ٿي ويون هيون.

اسين جڏهن 'مور سڪايا' تي پهتاسين تہ ڪو چئي رهيو هو "يونڪرن چورائي موڪليو آهي تہ اسين هلي ڪين اُتان ڪيڊي اچئون". آواز ڪمانڊ ڏيڻ شروع ڪئي ۽ اوندهہ اندوڪار ۾ اسانکي محسوس ٿيو تہ هڪ ڪارو ميڙ اڳتي وڌي رهيو آهي، اتي سواءِ پيرن جي ڪُڙڪي ۽ هٿيارن جي ڪڙڪڙاهٽ جي، ٻيو ڪوبہ آواز نہ هو. اسين بہ پهرين قطار ۾ شامل ٿي ويا سين.

هڪ ڪاري وهندڙ درياهہ جيان، سڄي رستي ڪي پري، گيتن ۽ تاڙين کان سواءِ اسين سرخ محراب مان باهر نڪتاسين، جتي منهنجي اڳيان هلندڙ شخص آهستي چيو "ساٿيو! خبردار رهجو مٿن پروسو نہ ڪجو. اهي ضرور گوليون هلائيندا." ڪليل جاءِ تي پهچي، اسان جهڪندي ۽ هڪ ميڙ ڪري ڊوڙڻ شروع ڪيو. پوءِ اسان اوچتو اليڪساندرجي چبوتري جي آڏ ۾ ٿي بيناسين.

مون پڇيو "هنن اوهان مان گهٽا ماريا؟"

"خبر ڪونهي، شايد ڏهہ ڇٽا".

ڪجهہ منٽن تائين اُتي بيهڻ ڪانپوءِ، جڏهن ايئن محسوس ٿيو فوج کي پروسو ٿي ويو آهي تہ هنن بنا حڪم جي وري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. هاڻ اسين 'سرما محل' جي سيني درين مان نڪرندڙ روشنين ۾ ڏسي ٿي سگهياسين. انهن ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ئي سپاهي هو باقي بہ ٿي سئو "سرخ گارڊ" هئا. اسين مورچي بندي تي چڙهي ٻي پاسي ٿياسين تہ سيني فتح جو زوردار نعرو هنيو. چاڪاڻ اتي رائفلن جو ڊِڳ پيو هو. جيڪي اُتي يونڪر ڇڏي ڀڳا هئا. مکيہ دروازي جا ٻئي دروازا کُليا پيا هئا، روشني باهر اڇي رهي هئي، پر اندران عمارت مان ڪو ڀڃاڙ بہ ٻڌڻ ۾ نٿي آيو.

اسين بہ ماڻهن جي ميڙ ۾ ڪاهي پاسي وارو دروازو اُڪري اندر گهڙياسين. اهو اُپرندي پاسي وارو تهہ خانو هو جتان ڪيترن ئي طرفن ڏانهن رستا ۽ ڏاڪڻين جا ور وڪڙ هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا. اتي ڪيترين ئي پيتيون پيون هيون، جن تي سرخ گارڊ ماڪڙ جيان ڪاهي پيا ۽ انهن ڪي پنهنجي رائفلن جي ڪنداڪن سان ٽوڙي انهن ۾ بند غاليچا، پردا، چادرون،

چينيءَ جون پليتون، شيشي جا گلدان چڪي ٻاهر ڪيڙ لڳا. هڪ همراهه جست جي وڏي گھڑي پنهنجي ڪلهي ڪٽيو هيڏانهن هوڏانهن وڙڪي رهيو هو. ٻي ڪي اُٽ پڪيءَ جي پرن مان ٺهيل مفلر ملي ويو جيڪو هن پنهنجي هٿ جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيو. ڦرلٽ شروع ٿيندي ئي ڪنهن وڏي آواز ۾ چيو "ساٿيو! ڪنهن به شئي کي هٿ نه لڳايو ڪاب شئي نه ڪٽو هيءَ عوام جي ملڪيت آهي!" هڪدم ڪيترائي آواز اچڻ لڳا. "بيهي رهو! سڀ شيون واپس رکو! ڪنهن شئي کي هٿ نه لڳايو... عوام جي ملڪيت!" ڪيترن ئي هٿن ڦريندڙن کي پويان ڇڪيو. جن ماڻهن جي هٿن ۾ ڊمسڪ ۽ ٽپسٽري هئي، انهن کان واپس ورتي ويئي، ٻن ماڻهن کان جست جي وڏي گھڑي واپس ورتي. سيئي شيون تڙ تڪڙ ۾ ٻي ترتيبيءَ سان کوکن ۾ وڌيون ويون ۽ ڪجهه همراهه پاڻ ئي چوڪيدار بنجي انهن جي مٿان چوڪي ڏيڻ لڳا. اهو سڀ پاڻ مرادو ٿيو. ڊاڪٽين ۽ ورانڊن مان آواز اچڻ لڳا. "انقلابي ڊسپلين! عوام جي ملڪيت".

اسين واپس وري، اولهندي پاسي ڊانهن ويندڙ دروازي وٽ اچي پهتاسين. اُتي به نظم و ضبط قائم ڪيو پي ويو. سرخ گارڊ جي هڪ جوان اندرين دروازي مان ڪنڌ ٻاهر ڪيي رڙ ڪئي، "ساٿيو! سڀ محل مان ٻاهر وڃو. اسانکي اهو ڊيڪارٽون آهي ته اسين چور يا ڦورو نه آهيون، ڪميسارن کانسواءِ سڀ مهل مان نڪري وڃن. جيستائين اسين سنتري نه مقرر ڪريون".

به سرخ گارڊ، هڪ سپاهي ۽ هڪ آفيسر پنهنجن هٿن ۾ ريوالور ڪٽيو بيٺا هئا. اُنهن جي پويان هڪ ٻيو سپاهي ميز تي وينو هو. اندران ۽ آسپاس ۽ پري کان آواز اچي رهيا هئا. "ٻاهر! سڀ ماڻهون ٻاهر نڪرن". دروازي مان فوج ڏکا ڏيندي، هڪ ٻئي کي سمجهائيندي ۽ بحث ڪندي ٻاهر نڪرڻ شروع ٿي. ۽ جيڪو به ماڻهون ٻاهر ٿي نڪتو، تنهن کي پاڻمرادو ڪميٽي جهلي، سندس ڪيسن جي جهڙتي ٿي ورتي ۽ ڪوٽ جي هيٺان ٿي ڏٺائين ۽ هر اها شئي جيڪا سندس نه هوندي هئي، ڪاڍيس واپس ورتي ٿي ويئي. ميز تي ويٺل شخص اهي شيون ڪاغذ تي نوٽ ڪندو ۽ اهي هڪ ننڍي ڪمري ۾ رکندو پي ويو. عجيب و غريب شيون ضبط ڪيون ويون، جن ۾ مورتيون، پلنگ پوش جن تي شهنشاهي نشان ٽانڪيل هو، مس ڪُپڙيون، هڪ ننڍي روغني تصوير، ميز تي رکجندڙ پيپرويٽ، سنهري مُنڊي واريون

تلوارون، صابڙ دانيون، قسمين قسمين ڪپڙا، ڪمبل وغيره شامل هئا. هڪ سرخ گارڊ ٽي رائفلون ڪٽيو ٻيئو هو جن مان ٻہ هن يونڪرن کان ڦريون هيون، پي وڻ دستاويزن سان پريل چار پورٽ فوليو هئا. مجرم يا ته بددلي سان شيون حوالي ڪرڻ ٽي لڳا يا وري منٽ ميڙ ڪرڻ کانپوءِ ڪميٽيءَ جي سينې ماڻهن هڪ ئي وقت کين سمجهائڻ ٽي شروع ڪيو ته عوام جي علمبردارن کي اها ڳالهه نٽي سونهين ته هو چوري ڪن. اڪثر هيئن ٽي ٽيو ته جيڪي جهلجي ٽي پيا، تن وري ٻين ساڻين جي جڙتي وڻڻ ۾ مدد ٽي ڪرڻ شروع ڪئي.

يونڪر ٽن ٽن چئن چئن ٽولين جي صورت ۾ ٻاهر نڪرڻ لڳا. ڪميٽيءَ کين وڏي جوش مان جهلي سندن جڙتي ٽي ورتي ۽ گڏو گڏ کين، "اڇا! حرامي، ڪورنيلوفي انقلاب ۽ عوام جا دشمن!" چوڻ ٽي شروع ڪيو. پر کين ڪو ڏڪ چنبو نہ ٽي هنيو جيتوڻيڪ يونڪر صفا هَڇيل هئا. هنن جا ڪيسا ٻہ لُٽ جي مال سان پريل هئا. لکندڙ انهن شين کي ڏاڍي احتياط سان ٽي لکيو ۽ ننڍي ڪمري ۾ انهن جو ڍڳ ڪندو ويو يونڪرن کان هٿيار کسيا ويا ۽ پرجوش آوازن ڪائنڪ پُڇڙ ٽي شروع ڪيو "اڙي! هاڻ ٻيهر عوام جي خلاف هٿيار کڻندؤ!"

يونڪرن هڪ هڪ ڪري وراڻيو "نہ"! جنهن تي کين ڇڏيو ويو.

اسان پڇيو ته، 'ڇا اسين اندر وڃي سگهون ٿا؟' ڪميٽي شڪ ۾ مبتلا هئي، پر هڪ ٽلهي متاري سرخ گارڊ وراڻيو "نہ! اندر وڃڻ جي منع آهي." پوءِ وري پڇيائين "پر اوهين آهيو ڪير؟ مونکي ڪهڙي خبر ته اوهين سچ ڪيرنسڪي هجو؟" (اسين ڪل پنج ڇٽا هئاسين، جن ۾ ٻہ مايون ٻہ هيون)

"ساڻيو! هٽو. پاسي ٽيو رستو ڏيو" دروازي مان هڪ سپاهي ۽ هڪ سرخ گارڊ ٻاهر نڪتا. جيڪي ميڙ کي هيڏانهن هوڏانهن هٽائڻ لڳا پوءِ ٻيا پهريدار آيا، جن وٽ سنگينون هيون، انهن جي پويان اڌ ڊزن ڪن همراهه غير فوجي لباس ۾ نڪتا، اهي سڀ عارضي حڪومت جا وزير هئا، سيني کان پهرين ڪيشڪت آيو هُن جو منهن لٽل ۽ پيلو پئجي ويو هو ۽ نظرون بي دليءَ مان هيٺ جهڪيل هيس. پوءِ تيريشنڪو نڪتو جيڪو تکين نظرن سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هو هن اسانکي سرد مهريءَ سان گهوريو.

اهي سڀ ماڻ مڙيءَ ۾ گذري ويا. سوپارا باغي کين ڏسڻ جي لاءِ ميڙ جي صورت ۾ گڏ ٿي ويا ته انهن مان هڪ ٻن بڙبڙايو. اها ته اسانکي پوءِ خبر پيئي ته ماڻهن رستي ۾ کين ڪُٽڪو ڏيڻ ٿي چاهيو. ۽ گولين بہ هليون. پر جهازين کين حفاظت سان "پيٽروپال ڳڙهي" پهچائي ڇڏيو.

ان دوران اسين ڪنهن جي روڪ ٽوڪ کانسواءِ محل ۾ گهڙي وياسين. ماڻهن جي ايڏا تائين اڇ وڇ لڳي پئي هئي. هونون هٿ آيل ڪمرن جي جڙتي وڻي رهيا هئا ۽ يونڪرن جي لڪل دستن جي ڳولا ۾ هئا. جن جو هاڻ اُتي ڪوبہ وجود نہ هو. اسين مٿي چڙهي وياسين ۽ سيني ڪمرن ۾ ڦرندا وتياسين. محل جي ان حصي ۾ 'نيوادرياءَ' وٽان ٻيا دستا بہ گهڙي آيا هئا. وڏن رياستي ڪمرن جي تصويرن. مورتين. ٽپسٽرين ۽ غاليچن کي ڪو نقصان نہ پهتو هو. پر آفيس ۾ هر ميز ۽ الماري لُٽي ويئي هئي. ڪاغذ فرش تي تڙيا پکڙيا پيا هئا ۽ رهائشي ڪمرن مان پلنگن تان چادرون چڪيون ويون هيون ۽ ڪپڙن جي المارين جا تالا ٽوڙي انهن کي کوليو ويو هو. لٽ جي مال ۾ سيني کان وڌو قدر ڪپڙن جو هو جن جي پورهيت عوام کي گهٽي گهُرج هئي. هڪ ڪمري ۾ فرنيچر پريو پيو هو. اتي اسان ٻن سپاهين کي ڏٺو جيڪي ڪرسين تي لڳل اسپيني چمڙو پٽي رهيا هئا. هنن ٻڌايو ته ان مان اسين جوتا ٺاهيندا سين.

محل جا پراٽا خدمتگار پنهنجي نيريون. سرخ ۽ سونهري وردين پايو حيران بينا هئا ۽ عادت کان مجبور ٿي چئي رهيا هئا. "سائين! اوهان هن پاسي وڃي نٿا سگهو. هيڏانهن وڃڻ جي منع آهي." نيٺ اسين ان ديوان ۾ وڃي پهتاسين. جنهن جي پٽين تي قرمزي زربفت لڳل هو. ۽ جتي سڄو ڏينهن ۽ رات وزيرن جو اجلاس ٿيندو رهيو هو ۽ جتي "دربانن" کين سرخ گاردن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. سائي چادر سان ڍڪيل ميز بلڪل ايئن ئي پيئي هئي. جيئن انهن گرفتاريءَ جي مهل ڇڏي هئي. هر خالي ڪرسي جي سامهون مس. قلم ۽ پنا رکيا هئا. ڪاغذن تي عمل جي رٽن جي شروعات. اعلانن ۽ منشورن جا سرسري مسودا لکيل هئا. انهن مان گهڻن کي ڪٽيو ويو هو ۽ انهن جو بيڪار هئڻ ثابت ٿي چڪو هو ۽ ڪاغذ جي باقي بچيل حصي تي بي خياليءَ ۾ ناهيل آڏا اُبتا ليکا هئا. جيڪي لکندڙ ان وقت ناهيا هئا. جڏهن هو بددلي ۽ مايوسي مان ٻُڏي رهيو هو ۽ هڪٻئي جي

پويان ٻيو وزير گهڙي گهڙي بدلجندڙ رڻون پيش ڪري رهيو هو. مون هڪ پنو اڻلايو جيڪو 'ڪونووالوف' جي هٿ اکرن ۾ هو ۽ جنهن تي لکيل هو "عارضي حڪومت سڀني طبقن کي اپيل ٿي ڪري ته هو عارضي حڪومت جي حمايت ڪن."

اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته ان سڄي عرصي ۾ جيتوڻيڪ "سرما محل" گهيري ۾ هو ۽ حڪومت محاذ ۽ صوبائي روس سان برابر پيغام رسانيءَ جو سلسلو قائم رکيو ويني هئي. هيڏانهن بالشويڪن ته صبح جو سوير ئي وزارت جنگ تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ ڪين فوجي تار جي آفيس جي خبر نه هئي، جيڪو "به چتي" ۾ قائم هو ۽ نه ئي وري کين ان ڳجهي ٽيلي فون لائن جي خبر هئي، جيڪا وزارت جنگ کي "سرما محل" سان ڳنڍيو ويني هئي، ان "به چتيءَ" ۾ هڪ نوجوان آفيسر سڄو ڏينهن وينو سڄي ملڪ ۾ اپيلن ۽ اعلانن جا ريلا موڪليندو رهيو ۽ جڏهن ڪيس خبر پئي محل تي قبضو ٿي ويو آهي، هن پنهنجي ٽوپي پاتي ۽ وڏي سڪون سان عمارت مان ٻاهر نڪري ويو.

اسانکي پنهنجي آسپاس جي شين سان ايتري ته دلچسپي هئي جو اسين ڪجھ دير تائين پنهنجي چوڌاري بيٺل سپاهين ۽ سرخ گارڊن جي روپي ۾ پيدا ٿيل تبديلي به ڏسي نه سگهياسين. جڏهن اسين هڪ ڪمري مان ٻي ڪمري ۾ وڃڻ لڳا رهيا هئاسين ته هڪ ننڍي ٽولي اسان سان گڏ هئي. ايستائين جو اسين وڏي نگار خاني ۾ پهتاسين، جتي اسان ٽپهري يونڪرن سان گڏ گذاري هئي ته اسان ڏانهن هڪ سئو جي لڳ همراهه ڊوڙندا آيا ۽ هڪ سگهاري همراهه اسانجو رستو روڪيو ۽ هن جو ڇهرو ڪاوڙ ۾ اُڀامي رهيو هو.

هن رڙ ڪري پڇيو "ڪير آهيو ڙي، ۽ هت ڇا پيا ڪريو؟" ٻين ماڻهن اسانکي هوريان هوريان گهيرڻ شروع ڪيو ۽ اسانکي گهوري بڙبڙائڻ لڳا. مون ڪنهن کي چوندو ٻڌو "چور آهن!" مون اها پاس ڏيکاري، جيڪا اسانکي فوجي ڪميٽيءَ کان ملي هئي. سپاهيءَ اها ٻي رخي مان ورتي ۽ اُٽلائي پٽلائي ۽ ڪجھ سمجھڻ کانسواءِ اها ڏسندو رهيو جنهن مان صاف ظاهر هو هو اها پڙهي نٿي سگهيو. پوءِ هن اها واپس ڪندي پٽ تي ٺُڪيو ۽ حقارت مان چيو "ڪاغذ". ميڙ اسانجي چوڌاري گهيرو تنگ ڪرڻ شروع

ڪيو جيئن وهڻن جي رکوالي ڪندڙ ڪاوڙيل وهڻن کي گهيرو ڪندا آهن. مون هنن جي مٿان هڪ آفيسر کي ڏٺو جيڪو بي وس لڳي رهيو هو. مون کيس سڏيو هو ميڙ کي چيريندو اسان ڏانهن وڌيو. هن مون کان پڇيو "آئون ڪميسار آهيان. تون ڪير آهين. هيءَ ڇا آهي؟" ٻيا همراهہ بہ ٻيهي رهيا. مون ڪاغذ ڪڍيا. هن تيزيءَ سان فرانسيسي ۾ پڇيو "اوهين غير ملڪي آهيو اها ڏاڍي خطرناڪ حرڪت آهي." پوءِ هو اسان جا ڪاغذ ڪٽي ميڙ ڏانهن منهن ڪيائين ۽ وڏي سڏ ڇيائين "ساٿيو! هي همراهہ غير ملڪي ڪامريڊ آهن. آمريڪا مان آيا آهن. جيئن هو هتي سڀ ڪجهہ ڏسن ۽ پنهنجي عوام کي پرولتاري فوج جي انقلابي ڊسيپلين ۽ بهادري جي باري ۾ ٻڌائي سگهن."

وڏي سپاهيءَ وراڻيو "توکي ڪيئن خبر پئي؟ آئون توکي ٻڌايان تہ هي جاسوس آهن. چون تہ اهو ٿا تہ هو هتي پرولتاري فوج جو انقلابي نظم و ضبط ڏسڻ جي لاءِ آيا آهن. پر سڄي محل ۾ ڇيڪ ڪرندا ٻيا وتن ۽ اسانکي ڪهڙي خبر تہ هنن جي.ڪيسن ۾ بہ لٽ جو مال نہ لڪيل هجي؟"

"صحيح ٿو چوين"! ٻي چيو ۽ اڳتي وڌڻ لڳو.

"ساٿيو ساٿيو!" آفيسر اپيل ڪئي. هن جي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. "آئون فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جو ڪميسار آهيان اوهان کي مون تي پروسو آهي يا نہ؟ تہ ٻڌو! آئون ٿو اوهانکي ٻڌايان تہ هنن جي پاسن تي بہ اها ئي صحيح وڏل آهي. جيڪا منهنجي پاس تي آهي".

هو اسانکي پاڻ سان وٺي محل مان لنگهي هڪ دروازي مان ٻاهر آيو. جيڪو 'نيوا' جي گودي‌ءَ واري پاسي تي ڪُليو. ان دروازي جي سامهون بہ معمول موجب هڪ ڪميٽي بيٺي ڪيسن جي جڙتي وٺي رهي هئي. هن پنهنجي منهن تان پگهر اُگهيو ۽ بڙبڙائيندي چيو. "اوهين واهہ جو بچيا آهيو؟"

"عورتن جي بٽالين جو چا ٿيو؟" اسان پڇيس.

"اڙي عورتون!" هن ڪلندي وراڻيو. "هو سڀ هڪ ڪمري ۾ گڏ ٿي ويون هيون. اسانجي لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو تہ انهن جو چا ڪريون. ڪيترين تي تہ جڙ دورو پيو هو.. .. آخرڪار اسان ڪين فن لينڊ

اسٽيشن تائين مارچ ڪرايو ۽ 'ليوشيو' ويندڙ گاڏي ۾ سوار ڪري چڏيو جتي سندن هڪ چانوٽي آهي".

اسين سرد رات جو دٻاءَ واري ڪيفيت ۾ اڻ ڄاتل فوجن جي چرپر، ڪندڙ گشتي ٽولين جي وچ ۾ باهر نڪري آياسين. درياهه جي ٻي ڪنڊيءَ تان 'پيٽرو پال' ڳڙهي' جو ڪارو ڊڳ هلڪو هلڪو نظر اچي رهيو هو. هڪ زوردار رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. پيرن وٽ ٽٽل پلاسٽر جو ڍڳ اچي ڪريو. جيڪو محل جي ڪارسن مان ڪريو هو. جنهن کي جنگي جهاز 'اور ورا' تان هلايل ٻه گولا اچي لڳا هئا. گولي باري جي ڪري بس ايترو ئي نقصان ٿيو هو.

صبح جا ٽي ٽي ڇڪا هئا. 'نيوسڪي' تي رستي جون سيئي روشنيون ٻيهر ٻرڻ لڳيون هيون. توپ وڄي چڪي هئي ۽ جنگ جي واحد علامت اها هئي ته سرخ گارڊ جا جوان ۽ فوجي باهه جا مچ ٻاريوان جي چوڌاري وينا هٿ سيڪي رهيا هئا. شهر خاموش هو. اهو شايد پنهنجي تاريخ ۾ ايترو ڪڏهن به خاموش نه رهيو هجي. ان رات رستو روڪي ڦر ڪرڻ يا ڏاڙي جو هڪ به واقعو نه ٿيو.

پر 'ميونسپل دوما' جي عمارت روشن هئي. اسين گيلرين واري اليڪساندر هال ۾ پهتاسين، جتي سونهري فريمن ۾ ڳاڙهن ڪپڙن ۾ شهنشاهن جون تصويرون لڳل هيون. پليٽ فارم جي آسپاس هڪ سئو جي لڳ ڀڳ ماڻهو گڏ ٿيل هئا ۽ 'اسڪوبلين' تقرير ڪري رهيو هو. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته "دفاع ڪميٽي" ۾ واڌارو ڪيو وڃي ته جيئن سڀ بالشويڪ مخالف عنصر هڪ وڏي تنظيم ۾ متحد ٿي وڃن ۽ ان کي ملڪ جي انقلاب ۽ چوٽڪاري جي ڪميٽي سڏيو وڃي ۽ اسانجي ڏسندي ئي "چوٽڪاري جي ڪميٽي" جڙي ويئي. اها ئي ڪميٽي ايندڙ هفتي وڏي بالشويڪن جي سڀني کان وڏي سگهاري دشمن بنجڻ واري هئي. جيڪا ڪنهن مهل ته پنهنجي جانبداراڻي نالي سان ظاهر ٿيندي هئي ته ڪنهن مهل "عام تحفظ جي ڪميٽي جي غيرجانبدارانه" حيثيت سان ظاهر ٿيڻ واري هئي".

اتي دان، گوتس ۽ اوڪستئيف به موجود هئا، ته ڪجهه باغي سوويت نمائندا به. هارين جي سوويتن جي مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر، پوڙهو پراڪوپوچ ۽ جمهوريه جي ڪائونسل جا ميمبر به هئا، جن ۾ وينا ويرا ۽ ٻيا ڪاديت به هئا. ليبير رڙ ڪري چيو. "سوويتن جي ڪانگريس جو ڪوناٽ

غير قانوني هو پراڻي "تسي اي کا" پنهنجي عهدي تي برقرار آهي." ملڪ جي نالي هڪ اپيل تيار ڪئي ويئي.

اسان هڪ گاڏيءَ کي روڪيو. "ڪيڏانهن وڃڻون اٿوَ؟" هن پڇيو. پر جڏهن اسان وراڻيو" "اسمولني" تہ ڪوچوان انڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو. هن چيو "نہ، اُتي شيطان آهن!" اسين هلندي هلندي ٿڪجي پياسين. تڏهن مس مس وڃي هڪ ڪوچوان مليو جيڪو اسانکي اوڏانهن ڪٽي هلڻ تي راضي ٿيو. پر ان جا بہ هن ٽيهہ روبل ورتا ۽ اسانکي اسمولني کان ٻہ بلاڪ اڳيان لاهي ڇڏيائين.

اسمولنيءَ جي درين مان روشني اچي رهي هئي. موٽرن جي اڇ وڇ ڪاري هئي. باهہ جي هرندڙ مڇن جي چوڌاري سنتري سيٽيا وينا هئا ۽ هر ايندڙ کان وڌي شوق مان تازين خبرن بابت پڇا ڪري رهيا هئا. ورانڊا جلدي جلدي ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهن سان ڀريا پيا هئا. جن جون اکيون ڏرا ڏنل ۽ خود ميرا سيرا هئا. ڪميٽين جي ڪن ڪمرن ۾ ماڻهو فرش تي سُتا پيا هئا. انهن جون بندوقون سندن پر ۾ رکيل هيون. الڳ ٽيندڙ ڊيلي گيٽن جي باوجود بہ هال ماڻهن ڀريو پيو هو ۽ جيڪي سمنڊ جيان گوڙ ڪري رهيا هئا. اسين جنهن مهل اندر گهڙياسين تہ ڪامنيئف گرفتار ٿيل وزيرن جي فهرست پڙهي رهيو هو. تيريشنڪو جي نالي تي زوردار تاڙيون وڄيون. ماڻهن رڙيون ڪري ۽ هڪ ٻئي ڏيئي اطمينان جو اظهار ڪيو. روتن برگ جي نالي تي ايترو گوڙ نہ ٿيو پر جڏهن بالچنسکي جو نالو ورتو ويو تہ جملي بازين، ڪاوڙ مان پريل رڙين ۽ تاڙين جي گوڙ هال کي ٻُرائي ڇڏيو. اعلان ڪيو ويو تہ چودنوفسکيءَ کي "سرما محل" جو ڪميسار مقرر ڪيو ويو آهي.

هاڻ هڪ ڊرامائي مداخلت ٿي. هڪ ٿلهو متارو هاري اسٽيج تي چڙهي آيو. هن جو ڏاڙهيءَ سان پريل چهرو ڪاوڙ سبب ڳاڙهو ٿيل هو. هن صدارتي پريزيديم جي ميز تي پنهنجي مُک سان زوردار ڏڪ هڻندي چيو.

"اسين سوشلسٽ انقلابي ان ڳالهہ تي زور ٿا ڀريون تہ "سرما محل" مان گرفتار ڪيل سوشلسٽ وزيرن کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي. ساٿيو! ڇا اوهانکي خبر آهي تہ چئن ساٿين کي، جن زار جي ظلم خلاف وڙهڻ ۾ پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي آزادي کي خطري ۾ وڌو هو. تن کي بہ

اڄ "پيٽروپال ڳڙي" ۾ واڙيو ويو آهي، جيڪو آزادي جو تاريخي مقبرو آهي؟" هُل ۽ هنگامي ۾ هو ميز تي مُڪون هٽندو ۽ رڙيون ڪندو رهيو. هڪ ٻيو ڊيلي گيٽ ٻ مٿي چڙهي آيو ۽ هن جي پرسان ٻيهي صدارتي مجلس ڏانهن اشارو ڪندي چيائين. "ڇا انقلابي عوام جا نمائندا هتي سُک سان وينا رهندا ۽ بالشويڪن جا پهريدار اُتي انهن اڳواڻن تي ظلم ۽ زيادتي ڪندا رهندا؟"

ٽراٽسڪي خاموش رهڻ جو اشارو ڪري رهيو هو "انهن ساڻين، مهم جوئن کي ڪيرنسڪيءَ سان گڏ سوويتن کي ڪچلڻ جي سازش ڪندي جهليو ويو آهي. ڇا کو سبب آهي جو ساڻن نرمي ڪئي ويجي؟ 3 ۽ 4 جولاءِ کان پوءِ هو اسان سان ڪيئن پيش آيا هئا، ڪنهن کان ڳجهو آهي ڇا؟" هن پنهنجي آواز ۾ هڪ سوپاري گونج جو واڌارو ڪندي چيو "هاڻ انقلاب جي بچاءَ جو سڄو ڪم اسانجي ڪلهن تي اچي پيو آهي. هاڻ ڪم ڪرڻ تمام ضروري آهي... ڪم ڪرا! اسان فيصلو ڪيو آهي ته اسين مرڻ مري ويندا سين پر هلرنہ مجيندا سين".

ان ڪانپوءِ 'زار سرڪوبي سيلو' جي هڪ ڪميسار تقرير ڪئي، جيڪو ايترو پري کان گهوڙو ڊوڙائي اچڻ سبب نہ رڳو سهڪي رهيو هو. پر سڄو گپ جي چنڊن سان پريو پيو هو "زارسڪوبي سيلو جو گيريزن، پيٽروگراڊ جي دروازي تي پهرو ڏيو ٿو سوويتن جي ۽ فوجي انقلابي ڪميٽي مدافعت ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي!" زوردار تاڙيون . "محاذ تان جيڪو سائيڪل سوار دستو موڪليو ويو هو اهو زار سڪوبي پهچي چڪو آهي ۽ فوجي هاڻ اسان سان گڏ آهن. هو سوويتن کي اقتدار هارين کي هڪدم زمين ڏيڻ ۽ مزدورن کي صنعتي ڪنٽرول ڏيڻ جي ضرورت کي تسليم ڪن ٿا. سائيڪل سوارن جي پنجين بٽالين جيڪا زار سڪوبي ۾ موجود آهي. اسانجي آهي".

پوءِ ٽين سائيڪل سوار بٽالين جو نمائندو آيو هن وڏي جوش مان اهو ٻڌايو ته ڪيئن سائيڪل سوار دستن کي ٽي ڏينهن اڳ ڏکڻ اولهه محاذ تان "پيٽروگراڊ جي بچاءَ" جي لاءِ پهچڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. پر هنن کي اڳ ۾ ئي شڪ هو ته ان حڪم جو مطلب ڪو ٻيو آهي ۽ 'پيريدولسڪ اسٽيشن' تي کين "زارسڪوبي" مان ايندڙ پنجين بٽالين جا نمائندا مليا.

جن سان هڪ گڏيل گڏجاڻي ٿي ۽ پتو پيو تہ "سائيڪل سوارن مان هڪ جڻو بہ پنهنجي پائرن جو رت وهائڻ يا بورزوازي ۽ زميندارن جي حڪومت جي حمايت ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪونهي".

ڪاپليسنڪيءَ، بين الاقواميت پسند منشويڪن پاران اها رٽ پيش ڪئي ويئي تہ گهرو جنگ جو پُرامن نبيرو ڳولهڻ جي لاءِ هڪ خاص ڪميٽي ٺاهي وڃي. ميڙ مان ڪنهن رڙ ڪري چيو "ڪوبہ پُرامن نبيرو ڪونهي، نبيرو فقط فتح آهي". وڏي اڪثريت رٽ جي خلاف ووٽ ڏنو ۽ بين الاقواميت پسند منشويڪ ٽوڪن، چٽرن ۽ گارين جي ٽوڙين ۾ ڪانگريس مان نڪري ويا. هاڻ گهبراهٽ وارو ڪوبہ ڊپ نہ هو. اسٽيج تان ڪامنيئف رڙ ڪري ماٺهن کي ٻڌايو "بين الاقواميت پسند منشويڪن جي دعويٰ هئي تہ پُرامن حل جي سوال جي لاءِ" هنگامي حالتون آهن، پر هنن سدائين نهرائن، انهن جٽن جي اعلانن جي حق ۾ ملتوي ڪرڻ جي لاءِ ووٽ ڏنو جن ڪانگريس کي ڇڏڻ ٿي چاهيو."

ڪامنيئف چيو "اها ڳالهہ پڌري پٽ آهي تہ انهن سڀني دغابازن پاران ڪانگريس کان ڌار ٿيڻ جو فيصلو اڳ ۾ئي ڪيو ويو هو."

ميڙ، ڪانگريس مان نڪري ويندڙن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ سڄي روس جي مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نالي اپيل جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نالي:

"مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي ٻي ڪُل روس ڪانگريس شروع ٿي چڪي آهي، جيڪا سوويتن جي زبردست گهٽائي جي نمائندگي ٿي ڪري، ڪيترا هاري نمائندا بہ هِت آهن. مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي زبردست گهٽائي جي مرضي جي بنياد تي پيٽروگراد جي پورهيتن ۽ سپاهين جي سوياري بغاوت جي بنياد تي اقتدار ڪانگريس پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي رهي آهي.

"عارضي حڪومت کي هٽايو ويو آهي ۽ عارضي حڪومت جا گهڻا ڀٽا ميمبر گرفتار ٿي چڪا آهن.

"سوويت اقتدار سڀني قومن جي لاءِ هڪ فوري جمهوري امن ۽ سڀني محاذن تي هڪدم جنگ بنديءَ جي رٽ ڏيندي، اها، ان ڳالهہ کي يقيني

بنائيندي تہ هارين جي ايراضي ڪميٽين کي، شاهي ۽ خانقاهن جي زمين مفت ۾ الاٽ ڪئي ويندي. اها فوج مڪمل جمهوريت بندي ڪري سپاهين جي حقن جي حفاظت ڪندي. صنعتي پيداوار تي مزدورن جو ڪنٽرول قائم ڪندي. مناسب وقت تي آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺائڻ کي يقيني بنائيندي. شهرين کي ماني ۽ ڳوٺن کي بنيادي ضرورت جون سيئي شيون فراهم ڪرڻ جي لاءِ قدم کڻندي ۽ روس ۾ رهندڙ سيني قوميتن کي حق خود ارادیت جو حقيقي حق عطا ڪندي.

"ڪانگريس طئي ٿي ڪري تہ سڄو مقامي اقتدار مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي سوويتن کي منتقل ڪيو ويندو. جن کي انقلابي نظم و ضبط لاڳو ڪرڻ گهرجي.

"جيڪي سپاهي خندقن ۾ آهن، تن کي ڪانگريس اپيل ٿي ڪري تہ هو خبردار ۽ قوّت رهن. سوويتن جي ڪانگريس کي پڳ آهي تہ انقلابي فوج کي خبر آهي تہ ان وقت تائين سامراجين جي سيني حملن جي خلاف انقلاب جو بچاءَ ڪيئن ڪجي. جيستائين نئين حڪومت جمهوري ناهه ڪري. جنهن جي رٽ اها سيني قومن جي سامهون پيش ڪندي. نئين حڪومت اوڳاڙين ۽ امير طبقن تي ڏل / ٽئڪس لڳائي. انقلابي فوج جي ضرورت کي پورو ڪرڻ ۽ سپاهين جي گهراڻن جي حالت سڌارڻ جي لاءِ مناسب قدم کڻندي.

"ڪورنيلوف جا حمايتي يعني ڪيرنسڪي، ڪاليدن ۽ بيا ماڻهو پيٽروگراڊ تي فوجن جي ذريعي حملا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڪيرنسڪيءَ جي فريب ۾ مبتلا ڪيترين ئي ريجمنٽون باغي عوام سان ملي چڪيون آهن.

"سپاهيو! ڪورنيلوف جي حمايتي ڪيرنسڪيءَ جي سخت مزاحمت ڪريو. خبردار رهو.

"ريلوي جا ڪارڪنو! پيٽروگراڊ تي حملي جي لاءِ ڪيرنسڪي جي موڪليل سيني فوجي گاڏين کي روڪي ڇڏيو.

"سپاهيو! مزدور، دفتري ملازمو! انقلاب ۽ جمهوري امن جو پاڻ اوهانجي هٿن ۾ آهي."

"انقلاب زنده باد."

مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس هارين جي سوويتن جا نمائندا.[1]

صبح جو ٽيڪ پنج لڳي 17 منٽ ٿيا هئا. جڏهن ڪريلينڪو تڪ کان چور ٿي ٽڙندو هٽ ۾ هڪ تار ڪٽي اسٽيج تي چڙهيو.

"ساٿيو! اترينءَ محاذ تان ٻارهين فوج سوويتن جي ڪانگريس کي سلام موڪليا آهن ۽ هڪ فوجي انقلابي ڪميٽي جوڙڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن اُترينءَ محاذ جي واڳ سنڀالي ورتي آهي." اهو ٻڌي ماڻهن ۾ هلچل مچي ويئي. ڪن جي تہ اکين ۾ لڙڪ تري آيا ۽ هو هڪٻئي سان گلي ملڻ لڳا.

"جنرل چير يميسوف ڪميٽيءَ کي تسليم ڪري ورتو آهي. عارضي حڪومت جي ڪميسار روئنسڪي استعفيٰ ڏيئي ڇڏي آهي!".

تہ لينن ۽ پيٽروگراد جي مزدورن بغاوت جو فيصلو ڪيو. پيٽروگراد سوويت عارضي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري سوويتن جي ڪانگريس جي سامهون حڪومت تي زوري قبضو ڪري ورتو. هاڻ سڄي عظيم روس کي جيتڻون هو ۽ پوءِ دنيا کي! ڇا باقي روس ۾ ايئن ئي ڪندو ۽ بغاوت ڪندو؟ ۽ دنيا اُن جو ڇا ٿيندو؟ ڇا عوام سڌ ۾ سڌ ڏيندو ۽ بغاوت ڪندو؟ هڪ ڳاڙهي عالمگير لُهر ايرندي؟

صبح جا ڇهہ ٿي چڪا هئا. پوءِ ۾ اڃا گهري اوندهہ ۽ سيءَ هو. بس هڪ ڏنڊلي هڏڙاڻ خاموش رستن تي هوريان هوريان پکڙجي رهي هئي ۽ چوڪيدارن جي باهہ جي مَڇن کي هلڪو ڪري رهي هئي. اهو روس جي مٿان پکڙجندڙ سُرمئي پيانڪ سحر جو پاڇو هو.

---

[1] صحيح ۾ "هارين جي سوويتن جا نمائندا" جو اُن وقت واڌارو ڪيو ويو. جڏهن هارين جي هڪ نمائندي ان ڳالهہ جو اعلان ڪيو.

شروعات ٿي چڪي

خميس جي رات، 8 نومبر (26 آڪٽوبر)، هڪ اهڙي شهر ۾ اُپريو جيڪو بي پناهه جوش ۽ وٽ پکڙ ۾ هو. ۽ هڪ سڄي قوم ڏگهي ڦوڪار جي اُپار سان ساهه کڻي رهي هئي ۽ سڀ کجهه سکون ۾ هو. رات جي پوئين، پهر ۾ لکين ماڻهو ٿوري دير جي لاءِ پنهنجن بسترن تي ليٽيا ۽ پوءِ جلدي اُٿي ڪم تي روانا ٿي ويا. پيٽروگراڊ ۾ ٽرامون هلي رهيون هيون. هوٽلون ۽ دوڪان کليل هئا. ٿيٽرن جا شو ٿي رهيا هئا. تصويرن جي هڪ نمائش جا اشتهارلڳل هئا. زندگي معمول موجب جاري هئي، اهو معمول جنگ جي دوران به بدستور جاري ۽ سدائين جيان هلي رهيو هو. سڄي نظام جي سڳهه کان وڌيڪ ڪابه شئي حيرت ۾ وجهندڙ نه هوندي آهي. اها ڪيئن ٿي برقرار رهي، پاڻ کي ڪيئن ٿي غذا پهچائي ۽ بدترين تڪليف جي باوجود پنهنجي تفريح جو سامان پيدا ڪري ٿي ونڊي.

ڪيرنسڪي جي باري ۾ ڪيترائي افواهه هئا. چيو پي ويو ته هو محاذ کي برغلائي هڪ وڏي فوج پاڻ سان گڏ ونڊي گادي جي هنڌ ڏانهن وڌي رهيو آهي. "وولياندودا" سنڊس هڪ حڪم نامون جاري ڪيو جيڪو هن "پسڪوف" ۾ جاري ڪيو هو.

بالشويڪن جون جنوني ڪوششون جن بدنظمين جو سبب بنيون آهن، تن ملڪ کي هڪ غار ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي ۽ ملڪ جنهن ڏکئي دور مان پيو گذري، اُن ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ اهو اسان کان پنهنجن پختن ارادن کان ڪم ونڊ، اسانجي بهادري ۽ اسان مان هر ڪنهن جي لگن جي تقاضا ٿو ڪري.

"جيستائين نئين حڪومت جي نهڙ جو اعلان نه ٿئي، تيستائين هر شخص کي پنهنجي جاءِ تي رهڻ کپي ۽ زخمي روس جي لاءِ پنهنجو فرض

پورو ڪرڻ گهرجي. اهو به ياد رکڻ گهرجي ته موجود فوجي تنظيمن سان ٿوري مداخلت به دشمن جي لاءِ محاذ کولي نئين مصيبت آڻي سگهي ٿي. تنهنڪري مڪمل نظم و ضبط کي يقيني بنائي ۽ فوج کي نون حملن کان محفوظ رکڻ، آفيسرن ۽ سندن ماتحتن جي وچ ۾ پورو پروسو برقرار رکڻ، هر حال ۾ فوج جو حوصلو برقرار رکڻ ضروري آهي. آئون ملڪ جي حفاظت جي نالي تي سيني اڳواڻن ۽ ڪميسارن کي حڪم ٿو ڏيان ته هو پنهنجن عهدن تي برقرار رهن. جيئن آئون سپهه سالار جي عهدي تي برقرار آهيان، جيستائين جمهوريه جي عارضي حڪومت پنهنجي مرضي جو اعلان نه ڪري".

ان جي جواب ۾ سيني پتين تي هي پوسٽر هنيو ويو:

سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس پاران:

اڳوڻن وزيرن ڪونووالوف، ڪيشن ڪن، تيريشنڪو مليانتوچ، نڪتين وغيره کي، فوجي انقلابي ڪميٽيءَ گرفتار ڪري ورتو آهي، ڪيرنسڪي پڄي ويو آهي. سيني فوجي تنظيمن کي حڪم ٿو ڏنو وڃي ته هو بنا دير جي ڪيرنسڪيءَ کي گرفتار ڪري ڪيس پيٽروگراد پهچائين. ڪيرنسڪيءَ کي جيڪا به مدد يا سهڪار ڏنو ويندو اهو رياست جي خلاف سخت ڏوهه سمجهي، سزا لائق سمجهيو ويندو." رکاوٽ هٽائي ويئي فوجي انقلابي ڪميٽي واچوڙي جيان هلڻ لڳي ۽ حڪم، اپيلون ۽ فرمان چوڌاري پنيٽ بڪجي پڙڪڻ لڳا. ڪورنيلوف کي پيٽروگراد آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو. زمينن جي هاري ڪميٽيءَ جي ميمبرن کي آزاد ڪيو ويو. جن کي عارضي حڪومت قيد ڪري ڇڏيو هو. فوج مان موت جي سزا ختم ڪئي ويئي. سرڪاري ملازمن کي ڪم جاري رکڻ جو حڪم ڏنو ويو. انڪار جي صورت ۾ سخت سزا جو ڊڙڪو ڏنو ويو. ڦرلٽ، بدنظمي ۽ منافع خوريءَ جي منع ڪئي ويئي. انهن جي لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي ويئي. مختلف وزارتن ۾ عارضي ڪميسار مقرر ڪيا ويا. جيڪي هن ريت هئا. پرڏيهي معاملا اورتيسڪي ۽ ٽراتسڪي. داخلا، عدل ۽ انصاف ريگون. محنت، شليا پنگوف. مالیات منزونسڪي، سماجي پلائي ڪولو نتائي. واپار، خدمتون ۽ آمدرفت ريازانوف. 'بحريه' جهازي ڪوربئر ٽپال ۽ ٽيلي گراف

اسپيسرو ٿيٽر، موراويوف، رياستي چاپي خانو ويربيئيف شهر جا معاملا ليفٽننٽ نيستروف اتريون محاذ پوزيرن.

فوج کي، فوجي انقلابي ڪميٽيون قائم ڪرڻ، ريلوي ڪارڪنن کي نظم و ضبط برقرار رکڻ، خاص طور تي شهرن جي لاءِ ۽ محاذ جي لاءِ غذا جي ٽرانسپورٽ ۾ دير نہ ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويئي هئي. سندن ان خدمت جي عيوض کين آمدرفت جي وزارت ۾ نمائندگي ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو. هڪ اعلان ۾ چيو ويو.

"ڪزاڪ پائرو! اوهانکي پيٽروگراڊ تي حملو ڪرڻ جي لاءِ آندو پيو وڃي. اهي ماڻهو اوهانکي گادي جي هنڌ جي انقلابي مزدورن ۽ سپاهين جي خلاف وڙهڻ تي مجبور ڪرڻ ٿا چاهين. اسانجا گڏيل دشمن زميندار ۽ سرمائيدار جيڪي ڪجهہ چون ٿا، تنهن تي صفا يقين نہ ڪجو.

"اسان جي ڪانگريس ۾ روس جي مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي سيني باشعور تنظيمن جي نمائندگي آهي. ڪانگريس پنهنجي وچ ۾ ڪزاڪ مزدورن جي بہ آجيان ڪرڻ تي چاهي. جنرل، زميندار ۽ نڪولائي ظالم جا چاڙتا، اسانجا دشمن آهن. هو اوهانکي چون ٿا سوويتيون ڪزاڪن جون زمينون ضبط ڪرڻ ٿيون چاهين، پر اهو ڪوڙ آهي. انقلاب فقط وڏن زميندارن جون زمينون ضبط ڪري عوام کي ڏيڻ لاءِ آهي.

"ڪزاڪ نمائندن جون سوويتون منظم ڪريون! مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن سان اچي گڏجو.

پاڇوڪڙن کي ڏيکاريو تہ اوهين عوام جا غدار نہ آهيو ۽ اهو تہ اوهين اهو نٿا چاهيو تہ سڄو انقلابي روس اوهان تي لعنت وجهي!

"ڪزاڪ پائرو! عوام جي ويرين جي حڪمن کي نہ مڃو. پنهنجن نمائندن کي اسان سان ڳالهين مُهاڙين جي لاءِ موڪليو.

---

[1] هت جنهن نموني عارضي ڪميسارن جي مقرري بيان ڪئي وئي آهي، اها صحيح ڪونهي، پرڏيهي وزارت ۾ فقط اوريتسڪي جي مقرري ٿي هئي. وزارت بحريہ. بحري فوجي انقلابي ڪميٽي جي حوالي ڪئي ويئي هئي، جنهن جي چونڊ ڪُل روس ڪانگريس ۾ سيني ٻيڙن جي نمائندن ڪئي هئي. (ايڊيٽر)

پيٽروگراڊ گيريزن جي ڪزاڪن پنهنجي عزت جو خيال ڪندي عوام جي ويرين جي اميدن کي پورو ٿيڻ نہ ڏنو. ڪزاڪ پائروا سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس اوهان ڏانهن پائيپي جو هٿ ٿي وڌائي.

سڄي روس جي سپاهين، مزدورن ۽ هارين سان ڪزاڪن جي پائيپي زنده باد.[1] هي پاسي اعلانن جو هڪڙو طوفان متل هو. چوڌاري اشتهار پکڙيا پيا هئا. اخبارن جي وٺ وٺان هئي. لعنتن جو وسڪارو هو ۽ بدي جي اڳڪٿي ڪري رهيون هيون. هاڻ چاپي خانن جي ويڙهہ شروع ٿي چڪي هئي. باقي سمورا هٿيار تہ سوويتن جي هٿ ۾ هئا.

سيني کان پهرين "ملڪ ۽ انقلاب جي چوٽڪاري جي ڪميٽيءَ" جي اپيل سڄي روس ۽ يورپ ۾ پکيڙي ويئي.

روسي جمهوريہ جي شهرين جي نالي

انقلابي عوام جي مرضي جي ابتڙ 25 آڪٽوبر تي پيٽروگراڊ جي بالشويڪن عارضي حڪومت جي هڪ حصي کي مجرماڻي نموني گرفتار ڪري جمهوريہ جي عارضي ڪائونسل کي توڙي، هڪ غير قانوني اقتدار جو اعلان ڪيو آهي. هن وقت جڏهن انقلابي روس کي سڀ کان وڏو ٻاهريون خطرو لاڳو آهي، تڏهن اُن جي حڪومت جي خلاف اهڙو تشدد، وطن جي خلاف هڪ ناقابل معافي ڏوهہ آهي.

بالشويڪن جي بغاوت قومي بچاءَ جي مقصدن تي هڪ خطرناڪ وار آهي ۽ امن جي ان گهڙيءَ کي پري ٿي ڪري ڇڏي، جنهن جي سيني جي وڏي خواهش آهي.

گهرو ويڙهہ جيڪا بالشويڪن شروع ڪئي آهي، تنهن ان ڳالهہ جو خطرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي تہ ملڪ خطرناڪ تباهيءَ ڏانهن گهلجي نہ وڃي ۽ آئين ساز اسيمبلي جي ناڪامي جو سبب نہ بنجي وڃي، جنهن کي جمهوريائي حڪمرانيءَ جي توثيق ڪرڻ گهرجي ۽ عوام کي سڀني جي لاءِ سنڊن زمينن جو حق منتقل ڪرڻ کپي.

واحد قانوني حڪومتي اقتدار جي تسلسل کي برقرار رکندي، "ملڪ ۽ انقلاب جي چوٽڪاري جي ڪُل روس ڪميٽي" هڪ نئين عارضي

---

[1] ان اپيل تي مزدورن ۽ سپاهين جي ڪُل روس ڪانگريس جون صحيحون هيون. (ايڊيٽر)

حڪومت جوڙڻ ۾ اڳيرائي ٿي ڪري. اها حڪومت جمهوريت جي قوتن جي بنياد تي ملڪ کي آئين ساز اسيمبليءَ تائين وٺي ويندي ۽ ان کي نراج ۽ انقلاب دشمنيءَ کان بچائيندي. "چوٽڪاري واري ڪميٽي" اوهان شهرين کان گهر ٿي ڪري ته اوهان تشدد ۽ اقتدار کي مجڙ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهن جي حڪمن کي نه مڃو."

"ملڪ ۽ انقلاب جي بچاءُ لاءِ اُٿي ڪڙا ٿيو."

"چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ جي حمايت ڪريو."

صحيحون: روسي جمهوريه جي عارضي ڪائونسل. پيٽروگراڊ جي ميونسپل دوما. تسي اي ڪا (پهرين ڪانگريس) هارين جي سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽي ۽ خود ڪانگريس ۾ محاذ جو گروهه. سوشلسٽ انقلابين. منشويڪن. عوام درست سوشلسٽ. متحده سوشل ڊيموڪريٽن ۽ 'يدنتسوه' جا جٽا."

پوءِ سوشلسٽ انقلابي پارٽي. منشويڪ "اباروئنستي". هارين جي سوويتن. فوجي ڪميٽين. تستر و فلوٽ پاران چنبڙايل پوسٽر.

هنن گوڙ مچايو ته "ڏڪار پيٽروگراڊ کي کائي ويندو. جرمن فوجون اسان جي آزاديءَ کي ختم ڪري ڇڏينديون. سياهه پوشن جو قتل عام سڄي روس ۾ پکڙجي ويندو. باشعور مزدور سپاهي ۽ شهري. اسين سڀ متحد نه ٿياسين ته اسان جو حشر خراب ٿيندو.

"بالشويڪن جي وعدن تي اعتبار نه ڪجو. فوري امن جو وعدو ڪوڙو آهي. مانيءَ جو وعدو دوکو آهي. زمين جو وعدو فرضي قصو آهي."

سيني پوسٽرن جو اهو ئي انداز هو.

"ساٿيو! اوهان سان گهٽيا ۽ بي رحميءَ واري طريقي سان دوکو ڪيو ويو آهي! اقتدار تي فقط بالشويڪن قبضو ڪيو آهي. هنن پنهنجي سازشن کي سوويتون جوڙيندڙ بين سوشلسٽ پارٽين کان ڳجهو رکيو.

"اوهان سان زمين ۽ آزادي جو وعدو ڪيو ويو آهي. پر بالشويڪن جيڪو انتشار پيدا ڪيو آهي. ان سان انقلاب دشمنيءَ کي فائدو رسندو ۽ اوهين زمين ۽ آزاديءَ کان محروم ڪيا ويندا."

اخبارون به ايتريون ئي مچريل هيون.

"اسان جو فرض آهي تہ (ديلانرودا لکيو) مزدور طبقي جي انهن غدارن کي بي نقاب ڪيو وڃي. اسان جو فرض آهي تہ سڀني قوتن کي گڏ ڪجي ۽ انقلاب جي مقصدن جي بچاءَ جو بندوبست ڪجي!"

"ازوسيتا"، پراڻي 'تسي اي کا' جي آخري پيرو ترجماني ڪندي، خطرناڪ سزا جو ڏڙڪو ڏنو.

"جيتريقدر سوويتن جي ڪانگريس جو واسطو آهي تہ اسين توثيق ٿا ڪريون تہ سوويتن جي ڪابہ ڪانگريس نہ ٿي آهي. اسين توثيق ٿا ڪريون تہ بالشويڪ گروهہ جي رڳو هڪ نجي ڪانفرنس ٿي هئي، ۽ ان صورت ۾ ڪين 'تسي اي کا' جي اختيار کي رد ڪرڻ جو ڪوبہ حق نٿو ٿئي."

"نووايازيزن" هڪ نئين حڪومت جي وکالت ڪئي، جيڪا سڀني سوشلسٽ پارٽين کي گڏي، پر ان سان گڏ هن ڪانگريس مان نڪري اچڻ تي سوشلسٽ انقلابين ۽ منشويڪن تي سخت تنقيد ڪئي ۽ ٻڌايو تہ بالشويڪ بغاوت هڪ لحاظ کان چٽي آهي. بورزوازين سان گڏجي هلڻ جي باري ۾ هاڻ سڀئي خوش فهميون بيڪار ثابت ٿيون آهن.

"ربوچي پوت" هاڻ ٻيهر "پراوادا" جي حيثيت سان ميدان تي اچي ويئي، جيڪا لينن جي اخبار هئي، جنهن کي جولاءِ ۾ بند ڪيو ويو هو. ان لکيو "مزدورو ۽ سپاهيو! فيبروري ۾ اوهان امير جو ڇٽ ڇڪيءَ مان لاهي ڦٽو ڪيو هو. ڪالهہ اوهان بورزوا ٽولي جي ظلم جي ڪوٽ کي ڪيرائي پٽ ڪري وڌو.

"هاڻ اسان جو پهريون فرض اهو آهي تہ پيٽروگراد ڏانهن ايندڙ سڀني رستن جي حفاظت ڪريون. ٻيو فرض اهو آهي تہ پيٽروگراد جي انقلاب دشمن عنصرن کي بلڪل اڪيلو ڪري ڇڏيون. ٽيون فرض اهو اٽئون تہ اقتدار کي قطعي طور تي منظم ڪري، عوامي پروگرام کي مڪمل ڪرڻ کي يقيني بنايون."

ڪاديتن جون بہ ڪجهہ ترجمان اخبارون ڇپجنديون هيون. هنن عام طور تي بورزوازين جي ٻين پارٽين سان سڀني معاملن جي باري ۾ هڪ لاتعلقي، چٽر ۽ حقارت تہ "اسان تہ اڳ ۾ ئي چيو هو". وارو روبو اختيار ڪيو. با اثر ڪاديت، ميونسپل دوما جي آسپاس ۽ چوٽڪاري واري ڪميٽي جي حاشئي تي ڦيرا پائيندي نظر ٿي آيا. هنن ڪانسواءِ باقي ٻي

سڃي بورزوا خاموش ۽ پنهنجي وقت جو انتظار ڪري رهي هئي هنن جي نظر ۾ اهو ڪو ايترو گهٽو پري ب نه هو. لينن، ٽراٽسڪي، پيٽروگراڊ جي مزدورن ۽ سادن سودن سپاهين کانسواءِ باقي سيني جو اهو ئي اندازو هو ته بالشويڪ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ اقتدار ۾ رهي ب نه سگهندا. ان ٽهريءَ جو مون اوچي ڇت واري "ايمفي ٿيٽر" جهڙي نڪو لائي هال ۾ دوما جو "مستقل" طوفاني اجلاس ڏٺو جنهن پنهنجي چوڌاري سيني بالشويڪ دشمن مخالف ڏر جي گروهن کي گڏ ڪري ورتو هو. پوڙهي ميئر شرائدر جيڪو پنهنجي اڇي ڏاڙهي ۽ وارن جي ڪري باوقار لڳي رهيو هو سڀ کان پهرين، رات جو ميونسپل گورنمنٽ پاران احتجاج ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي اسمولني وڃڻ جو حال بيان ڪيو. هن ٽراٽسڪيءَ کي چيو هو ته "دوما شهر ۾ واحد موجود قانوني حڪومت آهي، جيڪا برابري ۽ سڌوسنئون ڳجهي ووٽنگ جي ذريعي چونڊي ويئي آهي، اها نئين اقتدار کي نٿي مڃي". ۽ ٽراٽسڪي جواب ڏنو هئس، "ان جو هڪ آئيني علاج آهي. دوما کي ٽوڙي ٻيهر چونڊي سگهجي ٿو." ان رپورٽ تي وڏو هُل ٿيو.

پوڙهي، دوما کي خطاب ڪندي چيو، "جيڪڏهن ڪير هٿيارن جي دابي تي حڪومت تسليم ڪري ٿو ته اسان وٽ اهڙي ئي حڪومت آهي، پر آئون فقط اُن حڪومت کي قانوني ٿو سمجهان، جنهن کي عوام تسليم ڪندو هجي، گهٽائي مڃيندي هجي ۽ ان حڪومت کي نه جيڪا ٽورائي وارن جي غاصباني قبضي سان قائم ٿي هجي". بالشويڪن جي بڻنچن کانسواءِ باقي سيئي بڻنچن تان زوردار تاڙيون وڄيون. نئين هنگامي ۾ ميئر اعلان ڪيو ته بالشويڪن ڪيترن ئي ڪاتن ۾ ڪميسارن جي مقرري ڪري ميونسپل جي اختيارن جي خلاف ورزي شروع ڪري ڏني آهي.

بالشويڪ مقرر پنهنجو آواز ٻڌائڻ جي ڪوشش ۾ جڙ ڪاڪڙو ڪاڙيندي چيو "سوويتن جي ڪانگريس جي فيصلي جو مطلب اهو آهي ته سڄو روس بالشويڪن جي قدمن جي تائيد ٿو ڪري" هن وري رڙ ڪري چيو "تون پيٽروگراڊ جي عوام جي حقيقي نمائندو ڪونه آهين". جنهن تي رڙيون بلند ٿي ويون. پوڙهي ميئر وڏي شان سان ڪيس ياد ڏياريو ته دوما جي چونڊ آزاد عوامي ووٽنگ جي ذريعي ٿي آهي. بالشويڪ مقرر جواب ڏنو. "هائو پر ان ڳالهه کي گهٽو وقت ٿي چڪو آهي جيئن 'تسي اي کا' کي

يا فوجي ڪميٽين کي." ان تي سيني وڏي سڏ چوڻ شروع ڪيو"سوويتين جي ڪاميابي ڪانگريس نه ٿي هئي."

"هاڻ بالشويڪ انقلاب دشمني جي هڪ آکيري ۾ رهڻ کان انڪار ٿا ڪن." (گوڙ) "۽ اسين ٻيهر چونڊن جي گهر ٿا ڪريون." ائين چئي بالشويڪ ايوان مان ٻاهر هليا ويا. هنن جي پويان،"جرمن چاڙتا! غدارن کي ختم ڪريو". جا نعرا لڳڻ لڳا.

ڪاديت 'شنگاريف' گهر ڪئي ته جيترن به ميونسپل عهديدارن، فوجي انقلابي ڪميٽي جو ڪميسار ٿيڻ قبوليو آهي، تن سيني کي پنهنجن عهدن تان هٽايو وڃي ۽ متن ڪيس هلايو وڃي. شرائدر اُتي ٻيٺو ۽ هن هڪ رٽ پيش ڪئي ته "دوما کيس بالشويڪن پاران ٽوڙڻ جي ڏمڪيءَ تي احتجاج ٿي ڪري ۽ عوام جي قانوني نمائندي جي حيثيت سان هو پنهنجو عهدو ڇڏڻ کان انڪار ٿو ڪري."

ٻاهر، اليڪسانڊر هال ۾ "چوڪاري واري ڪميٽي" جي گڏجاڻي جي رش هئي ۽ اسڪوبليف ٻيهر تقرير ڪري رهيو هو. هن چيو "انقلاب جو مقدر اڳ ۾ ڪڏهن به ايترو خطري ۾ نه هو روسي رياست جي وجود جي سوال تي اڳ ۾ ايتري ڪڏهن به تشويش نه هئي، تاريخ اڳ ۾ ڪڏهن به ايتري سختيءَ سان اهو سوال نه ڪيو هو ته روس جو وجود رهي يا نه! انقلاب جي چوڪاري جي عظيم گهڙي اچي پهتي آهي ۽ ان جو شعور رکندي اسين انقلابي جمهوريت جي زندهه قوتن جي وبجهي اتحاد جي پابندي ڪريون ٿا، جنهن جي منظم مرضيءَ سان ملڪ ۽ قوم جي چوڪاري جي لاءِ هڪ مرڪز قائم ٿي چڪو آهي". ۽ هن وڌيڪ چيو "اسين پنهنجي مورچي کي حوالي ڪرڻ کان اڳ جان ڏيئي ڇڏينداسين." ۽ پوءِ زوردار تاڙين جي گونج ۾ اهو اعلان ڪيو ويو ته "ريلوي ڪارڪنن جي يونين" چوڪاري واري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿي ويئي آهي. ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ ٽيال ۽ ٽيلي گراف ڪاتي جا ملازم به شامل ٿي ويا. پوءِ ڪجهه منشويڪ بين الاقواميت پسند هال ۾ داخل ٿيا ۽ تاڙيون وڄيون. ريلوي ڪارڪنن چيو ته هو بالشويڪن کي تسليم نٿا ڪن ۽ هنن ريلوي جي سڄي مشنري پنهنجي ڪنٽرول ۾ ونڊي لاتي آهي. ۽ هواڻا ڪنهن به اقتدار تي غاضبانه قبضو ڪندڙ جي حوالي نٿا ڪري سگهن. ٽيلي گراف جي

نمائندي اعلان ڪيو تہ آپريٽرن تيستائين ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، جيستائين بالشويڪ ڪميسار آفيس ۾ رهندو ٽپالي نہ اسمولنيءَ ۾ ٽپال پهچائيندا ۽ نہ وري وصول ڪندا. اسمولني جي سيني ٽيلي فونن جون تارون ڪپيون ويون آهن، اتي وڏي خوشي سان اهو اعلان ڪيو ويو تہ سيئي حڪومتي ملازم ڪم بند ڪري رهيا آهن.

اها جنگ هئي، جنهن جنگ جي رٿا ڄاڻي واڻي روسي انداز ۾ ٺاهي ويئي هئي. هڙتالن ۽ ٽوڙ ڦوڙ جي ذريعي جنگ. اسين اتي وينا هئاسين جو صدارت ڪندڙ نالن جي فهرست ۽ انهن جا فرض پڙهيا. فلاڻي کي وزارتن جو دورو ڪرڻون هو فلاڻون شخص ٻئنڪن ۾ ويندو. ڏهن يا يارهن ڄڻن کي بارڪن ۾ ڪم ڪرڻون هو ۽ سپاهين کي سمجهائڻون هو تہ هو اڻ ڏريا رهن. "روسي سپاهيو! پنهنجن پائرن جو رت نہ وهايو". هڪ ڪميٽي کي وڃي ڪيرنسڪيءَ سان صلاح مصلحت ڪرڻي هئي. ٻين ماڻهن کي 'چوٽڪاري واري ڪميٽي' جون شاخون قائم ڪرڻ ۽ بالشويڪ دشمن عنصرن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي لاءِ صوبائي شهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو.

ميڙ جا حوصلا بلند هئا. "اهي بالشويڪ، دانشورن تي حڪم هلائڻ جي ڪوشش ڪندا. اسين ڪين ڏسي ونڊنداسين."

هن ميڙ ۾ سوويتن جي ڪانگريس جي وچ ۾ جيڪو فرق هو ان کان وڌيڪ پڌري ڪا شئي ٿي نہ پي سگهي. اتي ڪانگريس ۾ خراب حالت ۾ سپاهين، ٻيڙهيل مزدورن ۽ هارين جا وڏا ميڙ هئا، جيڪي پنهنجي حق جي ويڙهہ ۾ غدار قرار ڏنا ويا. هتي منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي اڳواڻ اوڪنتئيف، دان، ليبير جهڙا همراهہ، اڳوڻا سوشلسٽ وزير، اسڪوبليف ۽ چيرنوف جهڙا ماڻهو منهن ۽ شائستگي نموني سان وينا ور جهڙا ڪاديٽ، جيڪي صحافين، شاگردن ۽ لڳ ڀڳ هر ڪئمپ جي دانشورن سان گڏجي رهيا هئا. دوما جو اهو ميڙ مڇي مانيءَ وارن ۽ خوش پوش سُڪين گهراڻن جي ماڻهن جو هو. انهن سيني ۾ مونکي ٽن کان وڌيڪ پرولتاري نظر نہ آيا.

خبر آئي تہ ڪورنيلوف جي وفادار "تيڪتستي"، بي ڊپائيءَ ۾ سندس چوڪيدارن کي قتل ڪري ڇڏيو. پر پاڻ بچي ويو. ڪاليدن، اتر طرف وڃي رهيو آهي. ماسڪو جي سوويت هڪ فوجي انقلابي ڪميٽي قائم ڪئي

آهي جيڪا 'هٿيارن جي ڊپو' تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ شهر جي ڪمانڊنٽ سان ڳالهائي رهي آهي ته جيئن مزدورن کي هٿياربند ڪري سگهجي.

انهن حقيقتن سان گڏ افواهن، ٻُڌل سئل ڳالهين ۽ هِتان هُتان جي ڪوڙين سچين خبرن جو سلسلو جاري هو. جهڙوڪ هڪ ڏينهن نوجوان ڪاديت، جيڪو پهرين ملبوڪوف ۽ پوءِ تيريشنڪو جو ذاتي سيڪريٽري رهي چڪو هو، اسانکي هڪ طرف وٺي ويو ۽ اسانکي "سرما محل" تي قبضي جو ٻڌايو. سندن دعويٰ سان چوڻ هو ته، "بالشويڪن جي اڳواڻي جرمن ۽ آسٽريائي آفيسر ڪري رهيا هئا."

اسان پڇيس. "واقعي! پر توکي ڪيئن خبر پيئي"؟

"اُتي منهنجو هڪ دوست هو اُن ڏٺو هو".

"پر ڪيس ڪيئن خبر پئي ته اهي جرمن آفيسر هئا؟ "

"اڙي! چاڪاڻ ته ڪين جرمن وردين پاتل هيون"

ايئن سوين چوتيائپ جهڙيون ڪهاڻيون هُيون، ۽ انهن ڪهاڻين کي نه رڳو بالشويڪ دشمن اخبارون وڏي پروسي سان ڇپي رهيون هيون، پر اهڙا ماڻهون به هئا، جن کي انهن ڪهاڻين تي مڪمل يقين هو.

جهڙوڪ: سوشلسٽ انقلابي ۽ منشويڪ جيڪي حقيقتن سان سنجيدهه لڳاءُ جي ڪري سڀائين ممتاز رهندا هئا.

پر، بالشويڪ تشدد ۽ دهشت پسند ڪهاڻين جو معاملو ٿورو وڌيڪ سنگين هو. جهڙوڪ اهو چيو ۽ ڇپيو ويو ته 'سرخ گارڊس' نه رڳو 'سرما محل' کي ڇڪي طرح لُٽيو پر هنن يونڪرن کان هٿيار کسڻ کانپوءِ کين قتل ڪري ڇڏيو. ڪن وزيرن کي وڏي اطمينان سان قتل ڪيو ويو ۽ جيتريقدر عورت سپاهين جو سوال آهي ته انهن مان گهڻين جي عصمت دري ڪئي ويئي ۽ ڪيترين ئي انهن ظلمن جي ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي. دوما جي ميڙ انهن سيني ڪهاڻين تي مڪمل طور تي يقين ڪري ورتو ۽ وڌيڪ خراب ڳالهه اها ٿي ته يونڪرن ۽ عورتن جي والدين جڏهن اهي رپورٽون پڙهيون، جن ۾ اڪثر نالن جي فهرست به هوندي هئي ته شام جو دوما جي آسپاس پريشان شهرين جو ميڙ ڪنو ٿيڻ لڳو.

ان قسم جو مثالي واقعو شهزادي تومانوف جو آهي، جنهن جي باري ۾ ڪيترن ئي اخبارن اهو اعلان ڪيو ته سندس لاش "موئيڪا نهر" ۾ ترندي

ڏنو ويو. ڪجھ ڪلاڪن کانپوءِ شھزادي جي گھراٽي ان جي تردید ڪئي ۽ چيو تہ شھزادو قيد ۾ آھي. جنھن تي اخبارن اھو لاش جنرل دينيسوف جو ٻڌايو. جڏھن جنرل جي جيئري ھئڻ جي خبر پئي ۽ اسان جانچ ڪئي تہ پتو پيو تہ اھڙو ڪوبہ لاش ھو ئي ڪونہ. جنھن مھل اسين دوما مان ٻاھر نڪتاسين تہ ٻہ بواءِ اسڪائوٽ ماٿھن جي ان ميڙ ۾ پمفليٽ ورھائي رھيا ھئا. جيڪو دروازي جي سامھون نيوسڪي وٽ گڏ ٿيل ھو. اھو ميڙ واپارين، دڪاندارن، سرڪاري آفيسرن ۽ ڪلارڪن تي مشتمل ھو. پمفليٽ جي لکت ھن ريت ھئي:

ميونسپل دوما جي طرفان:

ميونسپل دوما، پنھنجي 26 آڪٽوبر جي گڏجاٽيءَ واري ڏينھن جي واقعن کي نظر ۾ رکندي اھو فرمان جاري ٿي ڪري تہ نجي رھائشي گھرن جي احترام جو اعلان ڪيو وڃي. ھائوس ڪميٽين جي ذريعي پيٽروگراڊ شھر جي آبادیءَ کي اپيل ڪئي ٿي وڃي تہ ھو نجي گھرن ۾ زوري گھڙڻ جي سيني ڪوششن جي سخت مزاحمت ڪن ۽ شھرين جي مفادن جي حفاظت لاءِ ھٿيارن جي استعمال کان ٻہ نہ لنوائين."

اڳيان "ليتي ئني" موڙ تي سرخ گارڊ ۽ ٻہ جھازي ھڪ اخبار وڪٽندڙ کي گھيرو ڪري بيٺا ھئا ۽ کيس چئي رھيا ھئا تہ ھو منشويڪ اخبار "ربوچايا گزيتا" (مزدورن جي اخبار) جون سڀ ڪاپيون سندن حوالي ڪري ھڪ جھازيءَ ست ڏيئي ان دوڪان تان اھي اخبارون ڪٽي ورتيون تہ اخبار فروش ڪاوڙ مان مُٺن مڪون اُلارڻ لڳو ۽ ماٿھو گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا. ھڪ نندي قد جو مزدور تيزيءَ سان ماٿھن ۽ اخبار فروش کي سمجھائي رھيو ھو تہ، "ھن اخبار ۾ ڪيرنسڪي جو اعلان آھي. جنھن ۾ چيو ويو آھي تہ اسان روسي عوام کي قتل ڪيو آھي ان سان رتو چاڻ ٿيندي".

اسمولني ۾ ھميشہ کان وڌيڪ چڪتاڻ ھئي. جيتوڻيڪ چڪتاڻ ۾ زيادتي شايد ممڪن نہ ھئي، اونداھن ورانڊن ۾ ماٿھن جي ساڳئي نموني ڊوڙ ڊوڙان پي پيئي. رائفلون لڙڪايل مزدورن جا دستا، ٽلھا فائيل ڪنيو ھلندڙ اڳواڻ، جيڪي دوستن ۽ مددگارن ۾ گھيريل ھئا، تيز ھلندا، بحث ڪندا پي ويا. وضاحتون ڪندا ۽ حڪم ڏيئي رھيا ھئا. سچ پچ تہ اھي ماٿھون پنھنجو مثال پاڻ ھئا، جيڪي ميرن ڪپڙن ۾ ڏاڙھي ٽاھڻ ڪانسواءِ ننڊ ۽

آرام نہ ڪرڻ سبب، انهن جون اکيون پَجري رهيون هيون. پر هو پوري حوصلي سان، انجڻين تي پوري رفتار سان، پنهنجي منزل طرف وڌي رهيا هئا. کين تمام گهڻو ڪجهہ ڪرڻون هو. حڪومت کي پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ، شهر کي منظم ڪرڻ، گيريزن کي وفادار رکڻ، دوما ۽ چونڪاري واري ڪميٽيءَ سان وڙهڻ، جرمنن کي مٿن ڏيڻ، ڪيرنسڪيءَ سان ويڙهہ جي تياري ڪرڻ، صوبن کي اطلاع ڏيڻ تہ ڇا ٿيو آهي، ارخانگ لسڪ کان ونڊي ولادي وستوڪ تائين پروپيگنڊهہ ڪرڻ. سرڪاري ۽ ميونسپل ملازم ـ پنهنجن ڪميسارن جو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪري رهيا هئا. ٽپال ۽ تار وارا کين موڪلڻ ۽ وصول جي سهولت نہ ڏيئي رهيا هئا. ريلوي وارا گاڏين جي لاءِ هنن جي اپيلن کي هٽ ڏرميءَ سان نظرانداز ڪري رهيا هئا. ڪيرنسڪي اچي رهيو هو. گيريزن تي بلڪل پروسو ڪرڻ ممڪن نہ هو. ڪزاڪ ميدان ۾ اچڻ جي لاءِ تيار هئا. هنن جي خلاف نہ رڳو منظم بورزواري هئا، پر ڪابہ ڏر جي سوشلست انقلابين، ڪجهہ منشويڪن بين الاقواميت پسندن ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ بين الاقواميت پسندن جي، باقي سڀ سوشلسٽ پارٽيون اهڙ طئي نہ پي ڪري سگهيون تہ هنن سان رهن يا نہ رهن. سچ اهو آهي تہ بالشويڪن سان گڏ مزدور ۽ عام سپاهي هئا، هارين جي تہ ڪابہ خبر نہ هئي. پر بهرحال بالشويڪ اهڙو سياسي گروهہ هو جنهن ۾ سڪيا ورتل ۽ تعليم يافتہ ماڻهن جي گهٽائي نہ هئي. ريازانوف سامهون ڏاڪڻين چڙهندو پي آيو ۽ هڪ مزاحيہ بوکلاهٽ سان وضاحت ڪري رهيو هو تہ "آئون واپار وارو ڪميسار آهيان، پر ڪاروبار جي سلسلي ۾ ڪا بہ خبر نہ اٿم."

مٿي ڪيفيءَ ۾ هڪ ماڻهو ڪنڌ ۾ اڪيلو ويٺو هو. جنهن کي ٻڪري جي ڪل جي پاپاخ ٽوپي ۽ اهڙا ئي ڪپڙا پاتل هئا. جيڪي پائي، "آئون ستو هئس." چئي رهيو هو پر ظاهر آهي تہ هو سُتو نہ هو. هن جي چهري تي تن ڏينهن جي وڌيل ڏاڙهي هئي. هو تشويش سان هڪ ڪني لفافي تي ڪجهہ لکي رهيو هو ۽ وچ وچ ۾ پينسل بہ چٻائڻ ٿي لڳو. اهو مالڪيات وارو ڪميسار منسزينسڪي هو. جنهن جو علم ۽ تجربو اهو هو تہ هو هڪ فرانسيسي بئنڪ ۾ ڪلارڪ هو. ۽ هي جيڪي چار فوجي انقلابي ڪميٽي جي آفيس مان نڪري هال ۾ ڊوڙندا پي ويا ۽ گڏو گڏ ڪاغذ جي

ٽڪرن تي ڪجھ لکندا ۽ پي ويا. اِهي اُهي ڪميسار آهن، جن کي روس جي چئني ڪنڊن ڏانھن موڪليو پي ويو تہ خبرون پھچاتين، بحث مباحثو ڪن ۽ جيڪو بہ دليل ۽ ھٿيار ھٿ چڙھين اُن سان وڙھن.

ڪانگريس جو اجلاس ھڪ ڀجي شروع ٿيڻ وارو ھو ۽ ھال گھٽو اڳ پرجي چڪو ھو. پر ستين ڀجي تائين صدارتي پريڊيم جو ڪوبہ اتو پتو نہ ھو. بالشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي پنھنجن پنھنجن ڪمرن ۾ اجلاس ڪري رھيا ھئا. ھو سڀ سڄي ٽپھري، لينن ۽ ٽراٽسڪي، سمجھوتي بازيءَ جي خلاف وڙھيا ھئا. بالشويڪن جو وڏو حصو ان حد تائين پنڌتي ھٽڻ جي لاءِ تيار ھو تہ ھڪ ڪڏيل ڪُل سوشلسٽ حڪومت ٻنجي وڃي. ھنن چوڻ شروع ٿي ڪيو "ڪيترين ئي شيون اسانجي خلاف آھن. اسين ڄمي نٿا سگھون، اسان وٽ ماڻھون ڪونھن. اسين اڪيلا ٿي پوندا سين. سڄي ڪئي ڪمائي ڇٽ ٿي ويندي" اھو ڪامينئيف، ريازانوف ۽ ٻيا چئي رھيا ھئا، پر لينن ۽ ساٿس ڪڏ ٽراٽسڪي ۽ ان ڪالھ تي اٽل رھيا تہ، سمجھوتو ڪندڙ اسانجي پروگرام کي جي مڃين تہ ھو اسان سان ڪڏجي سگھن ٿا. اسين ھڪ ٻاڙي ۽ پنڌتي ڪين ھٽنداسين. جيڪڏھن ھتي ڪي اھڙا ساٿي آھن، جن ۾ اسان وانگي ھمت کان ڪم وٺڻ جو حوصلو ڪونھي تہ ھو باقي ٻين بزدلن ۽ مصلحت پسندن سان وڃي سگھن ٿا. اسين مزدورن ۽ سپاھين جي حمايت سان اڳتي وڌنداسين".

ست لڳي پنڄن منٽن تي ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين چورائي موڪليو تہ "ھو فوجي انقلابي ڪميٽي" ۾ رھندا.

لينن چيو "ڏٺوَ-! ھو اسانجي پويان ھلڻ لاءِ تيار آھن".

ٿوري دير ڪانپوءِ اسين جڏھن ھال ۾ پريس وارن جي ميز وٽ وڃي ويناسين تہ ھڪ نراجيت پسند، جيڪو بورزوا اخبارن جي لاءِ لکندو ھو مونکي چيو "اُٽ تہ ھلي ڏسون تہ صدارتي مجلس جو ڇا ٿيو؟"

"تسي اِي ڪا"جي آفيس ۾ ڪير بہ نہ ھو ۽ نہ ئي ڪو پيٽروگراڊ سويت جي بيورو ۾. اسين سڄي وشال اسمولنيءَ ۾ ھڪ ڪمري کان ٻي ڪمري تائين ڦرندا رھياسين. ظاھري طرح ڪنھن کي اھو اندازو نہ ھو تہ ڪانگريس جي حڪمران پارٽي ڪٽي ملندي. اِن دوران منھنجي ھمراھيءَ پنھنجي پراٽي انقلابي سرگرمين ۽ فرانس ۾ پنھنجي ڏگھي ۽ خوشگوار

جلاوطنيءَ جو حال بيان ڪيو. هن مونکي رازداراڻي انداز ۾ چيو تہ 'هيءَ جيڪي بالشويڪ اٽئي سي صفا جُدا ۽ معمولي قسم جا ماڻهون آهن، جن ۾ تر جيتري بہ جمالياتي حس ڪونهي، نہ ئي وري ڪو هو روسي دانشورن جو حقيقي نمونو آهن.' نيٺ هو سترهين نمبر ڪمري تائين اڇي پهتو. جيڪو فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جو دفتر هو جتي هو سخت اڇ وڇ جي وچ ۾ بيهي رهيو. ٿوري ديرڪانپوءِ هڪ بُٽ ۾ پريل ننڍي قد وارو همراهہ ٻاهر نڪتو جنهن کي وردي تہ پاتل هئي، پر اُن تي ڪو بہ ميڊل لڳل نہ هو. ايئن پي لڳو تہ هو مُرڪي رهيو هجي، پر پوءِ خبر پيئي تہ اها اصل ۾ بي حد ٽڪاوٽ جي مستقل مُرڪ هئي. اهو ڪريلينڪو هو.

منهنجو همراهي جيڪو هڪ خوش پوش ۽ مهذب چهري وارو نوجوان هو ڪيس ڏسي هڪ رڙ ڪئي ۽ اڳيان وڌيو. هن هٿ وڌائيندي چيو "نڪولائي واسلي وچ! ڪامريڊ ڪامريڊ اوهان مونکي وساري ڇڏيو اسين جيل ۾ گڏ هئاسين".

ڪريلينڪو ڪوشش ڪئي ۽ ذهن ۾ اڪين تي ڪيس سجاڻڻ لاءِ زور ڏنو پوءِ نيٺ ڪيس دوستاڻي انداز ۾ پيرن ڪان وٺي چهري تائين ڏسندي چيو "اڙي هائو تون 'س' آهين. ڪيئن آهين؟ هُنن هڪيئي ڪي منيون ڏنيون. ڪريلينڪو هٿ سان چئني ڏسائن اشارو ڪندي چيو "تون هنن سيني ۾ ڇا پيو ڪرين؟"

"آئون بس ڏسان پيو. اوهين تہ وڏا ڪامياب پيا لڳو."

"هائو!" ڪريلينڪو هڪ قسم جي هٿ ڏرمي سان وراڙيو "پرولتاري انقلاب هڪ عظيم ڪاميابي آهي." هو ڪليو. "شايد، پر شايد اسين ٻيهر جيل ۾ ئي ملون!"

جڏهن اسين وراندي ۾ پهتاسين تہ منهنجي دوست پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ شروع ڪئي. "ڏس! آئون ڪروپاتڪن جو پوئلڳ آهيان. اسانجي لاءِ هيءَ انقلاب هڪ زبردست ناڪامي آهي. ان عوام ۾ وطن دوستي کي سجاڳ نہ ڪيو آهي. ان مان اهو ئي ثابت ٿو ٿئي تہ عوام انقلاب جي لاءِ تيار ڪونهي."

نيڪ اٽ لڳي چاليهن منٽن تي تاڙين جي گونج ۾ صدارتي ست جي اڇڻ جو اعلان ڪيو ويو. جن ۾ لينن..... عظيم لينن بہ هو ننڍو قد، پريل

بت. ڪلهن تي وڏو گنجو ۽ چٽي پيشاني وارو مٿو. ننڍيون اکيون. ٿورو نڪ منو. ايڏا ڏاڙهي ۽ مڇون صاف هيس. پر سندس ماضي ۽ مستقبل جي مشهور ڏاڙهيءَ جا وار نظر اچڻ لڳا هئا. ڪيس عام قسم جا ڪپڙا پاتل هئا. جيڪا پتلون پاتل هيس. اها به وڏيڪ ڊگهي هئي. هو اهڙو متاثر ڪندڙ نه هو جنهن جي پرستش ڪجي. پر ساڻس اهڙي محبت ۽ سندس اهڙي ته عزت ڪئي ويندي هئي. جيتري تاريخ ۾ تمام گهٽ ماڻهن کي حاصل ٿي هئي. هو عجيب قسم جو عوامي اڳواڻ هو. فقط دانشوريءَ جي آڏار تي. بي رنگ. بي ڪيف. غير مصلحت پسند ۽ بيحد لڳاءَ. جن ۾ ڪي به عجيب ۽ غريب ادائون نه هيون. پر ڪيس ڏکين خيالن کي سادن سوڌن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي. هڪ نوس صورتحال جو تجزيو ڪرڻ تي ملڪو حاصل هو. هن ۾ تيزي سان پرکڻ جي گُڻ سان گڏوگڏ. عظيم ترين ذهني مڙسي به هئي.

ڪامينٽرن فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي قدمن جي رپورٽ پڙهي رهيو هو. فوج ۾ موت جي سزا جو خاتمو. پروپگنڈه جي آزاد حق جي بحالي. انهن آفيسرن ۽ سپاهين جي آزادي. جيڪي سياسي ڏوهن جي پاداش ۾ گرفتار ڪيا ويا هئا. ڪيرنسڪيءَ کي گرفتار ڪرڻ ۽ نجي گودامن ۾ ذخيرو ڪيل غذائي شين جي ضبطي جا حڪم. زوردار تاڙيون.

"بند" جو نمائندو ٻيهر اُٿي بيٺو ۽ چيو "بالشويڪن جي بي لڇڪ رويي جو مطلب اهو ٿيندو ته انقلاب کي چٽي چڏڻ. تنهنڪري "بند" جي نمائندن جي لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي ته هو ڪانگريس ۾ ويهڻ کان انڪار ڪن." ان تي حاضرين ۾ گوڙ مچي ويو "اسان سمجهيو ٿي ته اوهين ڪلهه رات نڪري ويا هئا. نيٺ به ته اوهين ڪيترا پيرا واڪ آئوٽ ڪنداٿ"

پوءِ منشويڪ بين الاقوامیت پسندن جو نمائندو اُٺيو ڪين ڏسي ميڙ ۾ گوڙ ٿي ويو "ازي! اوهين ايڏا ويڻا آهيو چا؟" مقرر وضاحت ڪئي ته منشويڪ بين الاقوامیت پسندن جو فقط هڪ حصو ڪانگريس مان هليو ويو هو. باقي ٻيا ڪانگريس ۾ ويهندا.

"اسين اُن کي انقلاب جي لاءِ خطرناڪ ۽ شايد وڏيڪ مهلڪ ٿا سمجهون ته اقتدار سوويت کي منتقل ڪيو وڃي." (گوڙ) "پر اسين

ڪانگريس ۾ رهڻ ۽ هتي اقتدار جي منتقليءَ جي خلاف ووٽ ڏيڻ پنهنجو فرض ٿا سمجهون".

ان ڪانپوءِ بظاهر ڪنهن ترتيب ڪانسواءِ ٻيا ڳالهائيندڙ آيا. دون بيسن جي ڪوئلي جي ڪاڻين جي هڪ نمائندي ڪانگريس کي اپيل ڪئي ته 'ڪاليدن' جي خلاف جوڳا قدم کنيا وڃن. جيڪو گادي جي هنڌ کي ملندڙ غذا ۽ ڪوئلي جي رسد کي ڪٽي سگهي ٿو. ان ڪانپوءِ ڪيترن ئي سپاهين، جيڪي ايڏا ٿورو اڳ محاذ تان آيا هئا، پنهنجي پنهنجي ريجمنٽن ۾ ياران نيڪ بختيءَ ۽ مبارڪن جا پرجوش پيغام پهچايا.

هاڻ لينن اُتي ٻيٺو ۽ پنهنجي ننڍڙين ۽ هر هر چنيچندڙ اکين سان ميڙ جو جائزو وٺي رهيو هو. هو انتظار ۾ هو. بظاهر ته گهڻي دير تائين وڃندڙ زوردار تاڙين کان بي پرواهه هو. جڏهن تاڙيون وڃڻ بند ٿيون ته هن فقط ايترو چيو "هاڻ اسين سوشلسٽ نظام جي اڏاوت شروع ڪنداسين".

پوءِ اهي ئي ساڳيون تاڙيون ۽ گوڙ.

"پهرين شئي آهي امن حاصل ڪرڻ جي لاءِ عملي قدمن کڻڻ جي منظوري. اسين جنگ ۾ شامل سيني ملڪن جي قدمن کي سوويت شرطن جي بنياد تي امن جي آڇ ڪنداسين. نه ڪو قبضو. نه ڪو جنگ جي ڇٽي. بس رڳو قومن جي حق خود ارادیت کي ميڙ. گڏوگڏ پنهنجي واعدي موجب سيني ڳجهن ناهن کي شايع ڪري ڇڏينداسين ۽ انهن کي رد ڪري ڇڏينداسين. جنگ ۽ امن جو سوال ايترو ته صاف آهي، جو آئون پانيان ٿو ته آئون بنا ڪنهن تمهيد جي جنگ ۾ شامل سيني ملڪن جي قومن جي نالي اعلان جو مسودو پڙهي سگهان ٿو".

جنهن مهل هو تقرير ڪري رهيو هو ته هن جو وڏو وات جيڪو مُرڪندڙ ٿي لڳو وڏيڪ ڪُلي ويو. هن جو آواز قائل هو. اڻ وٽندڙ طور نه. پر ايئن ٿي لڳو ته سالن تائين تقرير ڪرڻ جي ڪري اهو ايئن ئي پڪو ٿي ويو هو ۽ يڪسانيت سان جاري رهيو. جنهن جو اثر ايئن پي لڳو ته سدائين جاري رهڻ جي لائق آهي. ڳالهه تي زور ڏيڻ جي لاءِ هو ٿورو اڳيان جهڪيو هُنن کا بہ حرڪت نه ڪئي ۽ هن جي سامهون موجود سادا سودا چهرا وڏي اُکير مان مٽس نظرون کپايہ وينا هئا.

جنگ ۾ شامل سيني قومن جي عوام ۽ حڪومتن جي نالي اعلان:

مزدورن ۽ هارين جي حڪومت، جيڪا 24 ۽ 25 آڪٽوبر جي انقلاب قائم ڪئي آهي ۽ جنهن جو بنياد مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن تي ٻڌل آهي، جنگ ۾ شامل سيني قومن ۽ انهن جي حڪومتن کي هڪ منصفاڻي ۽ جمهوري امن جي لاءِ فوري طور تي ڳالهيون مهاڙيون شروع ڪرڻ جي رٽ پيش ٿي ڪري.

حڪومت جو مطلب هڪ منصفاڻي ۽ جمهوري امن سان آهي. جنهن جي مزدورن ۽ پورهيت طبقن جي وڏي خواهش آهي، جيڪي جنگ سبب ٽڪي ۽ ڪمزور ٿي چڪا آهن. ان جو مطلب اهو امن آهي جنهن جي گهر روسي مزدورن ۽ هارين، زار شاهي جي بادشاهت جي خاتمي کانپوءِ لڳاتار پي ڪئي آهي. اسين ملڪ گيري (يعني باهرين زمين تي قبضي) کانسواءِ ٻين قومن کي زوري محڪوم بنائڻ ۽ جنگ جي ڇڏيءَ کانسواءِ ڪيون ٿا.

روس جي حڪومت، جنگ ۾ شامل سيني قومن جي اڳيان رٽ پيش ٿي ڪري ٿ- اچو ٿ- فوري طور تي امن قائم ڪريون، بنا ڪنهن دير جي، فيصلو ڪندڙ قدم کڻڻ جي لاءِ پنهنجي رضامندي ظاهر ڪري. سيني ملڪن ۽ قومن جي عوام جي با اختيار اسيمبلين ياران ان قسم جي امن جي سيني شرطن جي توثيق ڪريون.

ملڪ گيري ۽ باهرين زمينن تي قبضي مان حڪومت جو مطلب، عام طور تي جمهوري حقن ۽ خاص طور تي مزدور طبقي جي حقن جي تصور موجب هڪ وڏي ۽ سگهاري رياست سان گڏ ننڍين ۽ ڪمزور قومن جي هر قسم جي پرماريت، پنهنجي رضامندي ۽ خواهش جي رضاڪاراڻي، چٽي ۽ واضع اظهار کانسواءِ، پوءِ پلي اهو ڪنهن ب- وقت ان قسم جي جبري ملڪ گيري ڪئي ويئي هجي. پوءِ پلي اها جبري ملڪ گيري ڪيل رياست جي سرحدن جي اندر محڪوم ڪري رکيل تهذيب جو درجو ڪجهه ب- هجي، پوءِ پلي اها قوم يورپ ۾ هجي يا سمنڊ پار ڏورانهن ڏيهن ۾.

"جيڪڏهن ڪنهن قوم کي پي رياست جي حدن اندر زوري رکيو وڃي ۽ ان جي ظاهر ڪيل خواهش جي باوجود (ان ڳالهه سان ڪوب- فرق نٿو پوي ت- اها خواهش اخبارن جي ذريعي ظاهر ڪئي ويئي هجي يا عوامي

جلسن جي ذريعي سياسي پارٽين جي فيصلن جي ذريعي يا قومي جبر ۽ ڏاڍ جي خلاف بدنظمي ۽ فسادن جي ذريعي) ان قوم کي آزاداڻي ووٽ جي ذريعي پنهنجي قومي ۽ سياسي تنظيم جي صورت جو فيصلو ڪرڻ جو حق نٿو ڏنو وڃي. ٿوري بہ رڪاوٽ ڪانسواءِ، جنهن قوم ان تي ملڪ گيري ڪئي آهي يا ڪرڻ چاهي ٿي يا عام طور تي اُن کان سگهاري آهي. ان جي هٿياربند فوج جي نڪري وڃڻ کانپوءِ، تہ ان قسم جي پرماري قبضا ڪرڻ وانگر آهي. يعني قبضو ۽ تشدد جو قدم کڻڻ جي برابر.

اسين هن جنگ کي جاري رکڻ کي تہ جيئن سگهاريون ۽ مالدار قومون، ڪمزور ۽ محڪوم قومن کي پاڻ ۾ حصو پتي ڪري کڻن. انسانيت جي خلاف سڀ کان وڏو ڏوهہ ٿا سمجهون ۽ حڪومت، امن جي کنهن بہ اهڙي ناهہ تي صحيحون نہ ڪرڻ جي پنهنجي فيصلي جو با ضابطا اعلان ٿي ڪري، جيڪو هيئين شرطن موجب بنا کنهن فرق جي سڀني قومن جي لاءِ هڪجهڙو انصاف وارو هجي ۽ هن جنگ کي ختم ڪري.

حڪومت ڪجهي سفارتڪاريءَ کي ختم ٿي ڪري سڄي صورتحال عوام جي سامهون رکڻ جي لاءِ پنهنجي پختي ارادي جو اعلان ڪري ملڪ جي سامهون ٿي ڪري ۽ هڪدم انهن سڀني ڪجهن عهدنامن کي مڪمل طور تي شايع ڪندي، جيڪي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي حڪومت پاران فيبروري کان 25 آڪٽوبر تائين طئي ڪيا ويا آهن. حڪومت هڪدم ۽ کنهن بحث مباحثي کانسواءِ ئي انهن ڪجهن ناهن جي سڀني فقرن کي رد ٿي ڪري، جن جي ذريعي، جيئن اکثر ٿيندو پيو آيو آهي تہ انهن فقرن جي ذريعي روسي سرمائيدارن فائدا ۽ رعايتون حاصل ڪيون، روسي سامراجين جي ملڪ گيريءَ کي برقرار رکيو يا اُن ۾ واڌارو ڪيو.

حڪومت امن جي لاءِ عوامي ڪالهہ هولهہ شروع ڪرڻ جي رٽ سڀني حڪومتن ۽ سڀني قومن کي آڇيندي، اها ڪالهہ تار جي ذريعي، ٽيال جي ذريعي يا انهن نمائندن جي هڪ ڪانفرنس ۾ ڪرڻ تي پنهنجي رضامندي جو اعلان ٿي ڪري. شروعاتي ڪالهين هولهين ۾ سهوليت پيدا ڪرڻ جي لاءِ حڪومت اڑ ڏرين ملڪن ۾ پنهنجا با اختيار نمائندا مقرر ٿي ڪري.

حڪومت جنگ ۾ شامل سڀني ملڪن جي حڪومتن ۽ قومن کي هڪ فوري هنگامي صلح ڪرڻ جي رٽ پيش ٿي ڪري.

گڏوگڏ اها به رٽ ٿي ڏي ته اهو ناهه ٽن مهينن تائين هلي، چاڪاڻ ته ان عرصي ۾ جنگ ۾ شامل ٽيندڙ يا ان ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ مجبور ڪيل سيني قومن ۽ قوميتن جي نمائندن جي وچ ۾ نه رڳو ضروري ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، پر ناهه جي شرطن کي قطعي طور تي قبولڻ جي مقصد جي لاءِ سيني ملڪن جي عوام جي يا اختيار اسيمبليون ڪوٺائڻ به بلڪل ممڪن آهي.

جنگ ۾ شامل حڪومتن ۽ قومن جي حڪومتن کي امن جي ان آڇ جي سلسلي ۾ مخاطب ٽيندي، روس جي عارضي مزدورن ۽ هارين جي حڪومت برابري جي بنياد تي ۽ خاص طور تي انسانيت جي سيني کان وڌيڪ وفادار ٽن قومن ۽ هاٽوڪي جنگ ۾ حصو ونندڙ قومن مان ٽن اهم ترين قومن يعني انگلينڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ جي باشعور مزدورن کي به مخاطب آهي. انهن ملڪن جي مزدورن ترقي ۽ سوشلزم جي مقصد لاءِ تمام وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. انگلينڊ ۾ چارٽسٽ تحريڪ جو شاندار مثال، فرانسيسي پرولتاريه جي آندل انقلابن جو سلسلو جيڪو عالمگير تحريڪ جو حامل هو ۽ پوءِ جرمني ۾ هنگامي قانونن جي خلاف تاريخي جدوجهد، سڄي دنيا جي مزدورن جي لاءِ ڏڳا ۽ مڙسي وارا مثال آهن. ۽ جرمن پرولتاريه جون زبردست تنظيمون، پرولتاري دليريءَ جا اهي سڀ نمونا، تاريخ جا اهي يادگار، اسانجي لاءِ ان ڳالهه جي يقيني ضمانت آهن ته انهن ملڪن جا مزدور، ان فرض کي سمجهندا، جيڪو مٿن جنگ جي تباهه ڪارين ۽ نتيجن سبب انسانيت کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ عائد ٿيو آهي ۽ اهو ته اهي مزدور فيصلو ڪندڙ سَگهه ۽ لڳاتار قدمن کڻڻ سان، امن جي مقصد کي ۽ گڏوگڏ پرماريت جو شڪار پورهيت عوام کي سڄي غلامي ۽ سڄي پرماريت کان آجو ڪرائڻ جي مقصد کي ڪامياب انجام تائين پهچائڻ ۾ اسان جي مدد ڪندا."

جڏهن تاڙين جي گونج ٿمي ته لينن ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"اسين ڪانگريس جي اڳيان اها رٽ ٿا رکون ته اُها ان اعلان جي توثيق ڪري، اسين حڪومتن کي به مخاطب آهيون ته قومن کي به، تنهنڪري اهڙو اعلان، جنهن جو مخاطب جنگ ۾ شامل ملڪن جو عوام هجي، امن حاصل ڪرڻ ۾ دير جو سبب بنجي سگهي ٿو. هنگامي صلح جي دوران امن جي لاءِ جيڪي شرط طئي ڪيا ويڻ، انهن جي توثيق آئين ساز

اسيمبلي ڪندي هنگامي صلح جو ٽي مهينا مدو مقرر ڪري، اسين قومن کي انهيءَ وڏي رتو چاڙ کانپوءِ جيترو بہ آرام ممڪن ٿي سگهي، اهو ڏيئي، کين پنهنجا نمائندا چونڊڻ جي لاءِ وقت ڏيڻ ٿا چاهيون. ڪن سامراجي حڪومتن پاران امن جي اُن رٽ جي مخالفت بہ ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ اسين پنهنجو پاڻ کي وندرائڻ نٿا چاهيون. اسين اميد ٿا ڪريون تہ جنگ ۾ شامل سيني ملڪن ۾ جلد ئي انقلاب اچي ويندو. تنهنڪري اسين خاص طور تي فرانس، انگلينڊ ۽ جرمنيءَ جي مزدورن سان مخاطب آهيون."

پچاڙيءَ ۾ هن چيو "24 ۽ 25 آڪٽومبر جي انقلاب، سماجي انقلاب جي دور جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. مزدور تحريڪ، امن، سوشلزم جي نالي تي سوپاري ٽيندي ۽ پنهنجي ڇيڙي نبيري پنهنجي ئي هٿ ۾ رکندي"

انهن سيني ۾ ڪا شئي اهڙي بہ هئي، جيڪا بي حد سڪهاري ۽ پُرسڪون هئي. جنهن ماڻهن جي روحن ۾ هلچل مچائي ڇڏي. هاڻي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ جڏهن لينن تقرير ڪندو هو تہ ماڻهو چو يقين ڪندا هئا.

عام ووٽ جي ذريعي هڪدم اهو فيصلو ڪيو ويو تہ رٽ تي رهڳو گروهن جي نمائندن کي ڳالهائڻ جي موڪل هئڻ گهرجي ۽ مقررين کي پندرهن منٽن جو وقت ڏنو وڃي.

سيني کان پهرين ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين پاران ڪاريلن ڳالهايو. "اسانجي گروهہ کي اعلان جي متن ۾ ترميمون تجويز ڪرڻ جو موقعو نہ مليو آهي، اهو بالشويڪن جو نجي دستاويز آهي، پر اسين انهيءَ جي حق ۾ ووٽ ڏيندسين، ڇاڪاڻ تہ اسين انهيءَ جذبي سان سهمت آهيون".

سوشلسٽ ڊيموڪريٽ بين الاقوامي پسندن پاران ماروف ڳالهايو. هن چيو "فقط اها ئي حڪومت ان قسم جو قدم کڻڻ جو اختيار رکي ٿي جيڪا سيني سوشلسٽ پارٽين تي ٻڌل هجي. جيڪڏهن سيني سوشلسٽ گروپن جي ڪا گڏيل حڪومت جوڙي وڃي تہ سندن گروهہ سڄي پروگرام جي حمايت ڪندو. جيڪڏهن نہ تہ فقط جزوي طور تي. جيتري قدر اعلان جو تعلق آهي تہ بين الاقواميت پسند اُن جي سيني نقطن سان متفق آهيون".

پوءِ هڪئي جي پويان وڏندڙ جوش ۽ جذبي جي وچ ۾ يوڪريني سوشلسٽ ڊيموڪريٽ: حمايت. ليٽوانيائي سوشل ڊيموڪريٽ: حمايت.

عوامي سوشلسٽ: حمايت، پولش سوشلسٽ: حمايت (پر سوشلسٽ اتحاد تي ترجيح ڏيندا سين) لاتويائي سوشلسٽ ڊيموڪريٽڪ: حمايت، انهن جي اندر ۾ جڙ ڪا روشني پيدا ٿي ويئي. هڪ "ايندڙ عالمگير انقلاب بابت ڳالهايو. جنهن جو اسين مهڙيون دستو آهيون." ٻي جڳهه "پائيپي جي نئين دور جي ڳالهه ڪئي. جڏهن هڙئي قومون هڪ عظيم گهراٽي جي شڪل اختيار ڪري ويندي ون." هڪ انفرادي ميمبر تقرير ڪرڻ جي موڪل گهري هن چيو "هتي هڪ تضاد آهي. پهرين ته اوهين ملڪ گيري ۾ چئي / تاوان ڪانسواءِ امن جي آڇ ٿا ڪريو ۽ پوءِ وري چئو ٿا ته اوهين امن جي سيني آڇن تي ويچاريندا. ويچارڻ جي معنيٰ قبول ڪرڻ هوندي آهي."

لينن اُٺي بينو ۽ چيائين، "اسين هڪ منصفاٽون امن ٿا چاهيون، پر اسين انقلابي جنگ کان ڏنل به نه آهيون. ٽي سگهي ٿو ته سامراجي حڪومتون اسانجي اپيلن جي ڪا ورندي نه ڏين. پر اسين کو التيميٽم جاري نه ڪنداسين، جنهن جي جواب ۾ "نه" چوڻ سولو هوندو. جيڪڏهن جرمن پرولتاريه اهو سمجهي ٿو ته اها شايد آخري بوند هوندي، جنهن سان پيالو چلڪي پوندو. جرمنيءَ ۾ انقلاب اچي ويندو.

"اسين امن جي سيني شرطن جو جائزو وٺڻ تي راضي آهيون، پر انهيءَ جو اهو مطلب به ڪونهي ته ڪو اسين اهي قبول ڪري ونڊنداسين اسان پنهنجن ڪجهه شرطن لاءِ توڙ تائين وڙهنداسين. پر شايد بين کي اسانجي واسطي جنگ کي جاري رکڻ نا ممڪن هوندو. سيني کان وڌيڪ اهو ته اسين جنگ کي ختم ڪرڻ ٿا چاهيون."

ٽيڪ ڏهه لڳي پنجٽيهه منٽ ٽيا هئا، جو ڪامنيئف چيو ته جيترا به ماڻهو اعلان جي حق ۾ آهن، اهي پنهنجا ڪارڊ مٿي کڻن. هڪ نمائندي مخالفت ۾ هٿ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اوچتو ايترو ته زبردست گوڙ ٿيو جو هن هڪدم هٿ هيٺ ڪري ڇڏيو. اتفاق راءِ سان منظوري ڏني ويئي.

اوچتو سيپ ڪنهن گڏيل جذبي ۽ اُتساهه مان اُٺي بيٺا ۽ "انٽرنيشنل" جي ڳائجندڙ گيت ۾ پنهنجو آواز ملائڻ لڳا. ڪنڊريل وارن وارو هڪ پوڙهو سپاهي ڪنهن هار جيان سڏڪا پرڻ لڳو.

اليڪساندارا ڪولونتائيءَ جلدي جلدي اکيون چنيي پنهنجا لڙڪ پي ويئي. زبردست اُتساهه پريو آواز هال ۾ پُرائجي اُٿيو ۽ درن ۽ درين مان

نکري خاموش آسمان ۾ گم ٿي ويو. منهنجي پرسان ٻيئل هڪ نوجوان مزدور چيو "جنگ ختم ٿي ويئي! جنگ ختم ٿي ويئي". هن جو چهرو چمڪڻ لڳو. جڏهن 'انٽرنيشنل' ختم ٿي ته سڀ جيئن جو تيئن ماڻ ڪيو ٻيٺا هئا. جڙ هنن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هاڻ ڇا ڪجي؟ اوڏي مهل ڪنهن پويان رڙ ڪري چيو "ساٿيو! اسانکي انهن ماڻهن کي به ياد ڪرڻ گهرجي، جن آزاديءَ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن." ان تي اسان سڀني "موڪلاڻي" ڳائڻ شروع ڪيو. اهو هلڪو ڏکارو پوءِ به سوياروگيت، جيڪو صفا روسي ۽ گهڻو اثر چڏيندڙ آهي، انٽرنيشنل بهرحال هڪ پر ڏيهي گيت آهي. "موڪلاڻي" ان اونداهيءَ ۾ گم عوام جو اصل روح ٿي لڳو. جنهن جا نمائندا هن هال ۾ گڏ ٿيل هئا ۽ پنهنجي ڏاهپ سان هڪ نئين روس جي ۽ شايد ان کان به وڌيڪ جي اڏاوت ڪري رهيا هئا.

اوهين هڪ موتمار جنگ ۾ ماريا ويا.
ماڻهن جي آزادي ۽ ماڻهن جي عزت جي خاطر
اوهان پنهنجي جانين جي قرباني ڏني ۽ سڀ ڪجهه
قربان ڪيو: پيار به- ۽ پوائتو قيد ڪاٽيو.
۽ اوهانکي زنجيرن ۾ جڪڑي ملڪ کان ٻاهر موڪليو ويو.
ڇاڪاڻ ته اوهين پنهنجون اکيون پوري نٿي سگهيا.
پنهنجي دوستن جا ڏک سهي نٿي سگهيا
ڇاڪاڻ ته اوهان اهو ڄاتو ٿي ته
اتفاق جي سگهه تلوارن کان وڌيڪ آهي
اهو وقت ضرور ايندو
جڏهن اوهان جيڪا زندگي وڃائي آهي،
اها ڳٽي ويندي
اهو وقت پري ڪونهي،
جڏهن ظلم فنا ٿي ويندو ۽ ماڻهون اُٿي ڪڙا ٽيندا.
آزادي ۽ عظمت!
موڪلاڻي. اي پائرو! اوهانجي راهه روشن آهي.
انهيءَ ئي چڏيل راهه تي
جانبازن جون فوجون اڳيان وڌنديون.

موڪلاڻي. اي پائرو! اوهان جي راهہ روشن آهي.
اسانجو اوهان سان اهو وچن آهي تہ
اسين وڙهنداسين. آخر تائين وڙهنداسين.
آزادي ۽ خوشحالي جي خاطر...

هو ان ڪري دفن ٿيا هئا. مارچ جا شهيد ڪين "مريخ جي ميدان" ۾ اجتمائي قبر جي اندر دفنايو ويو هو. ان جي لاءِ ئي هزارين ماڻهن قيد ۽ بند جون تڪليفون سٿيون. جلاوطن ٿيا. سائيبيريا جي ڪاڻين ۾ پنهنجون جانيون وڃايائون. سڀ ڪجهہ ايئن نہ ٿيو هو جيئن ڪين اندازو هو.

نہ ئي وري ايئن ٿيو جيئن دانشورن جي خواهش هئي. لينن زمين جي ملڪيت جي باري ۾ فرمان پڙهي رهيو هو.

- زمين جي نجي ملڪيت هڪدم بنا ڪنهن دير جي ختم ڪئي وڃي ٿي.
- زمينداربن، سيني جاگيردارن ۽ زار سميت خانقاهن ۽ ڪليسائن جون زمينون ۽ انهن جا ڏور ڏيڪا، ۽ فهرست ۾ موجود سموري ملڪيت، عمارتون، ۽ انهن سان گڏ ٻيون شيون، ڪوٺن جي زمينن جي ڪميٽين ۽ هارين جي نمائندن جي ضلع سوويتن جي ڪنٽرول ۾ ايستائين ڏجن ٿيون، جيستائين آئين ساز اسيمبلي جو اجلاس نہ ٿئي.
- ضبط ڪيل سموري ملڪيت هينئر کان ئي عوام جي ملڪيت آهي ۽ انهن کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان رسائڻ سخت ڏوهہ سمجهيو ويندو جنهن جي پاداش ۾ انقلابي عدالتون سزا ڏيئي سگهن ٿيون. هارين جي نمائندن جون ضلع سوويتون، زميندارن جي زمين تي قبضي جي دوران سخت ضابطو رکن، انهن جي ماپ ڪرڻ ۽ ان ڀالهہ جو اطمينان ڪرڻ تہ انهن مان ڪهڙي ضبطيءَ هيٺ اچي ٿي. سموري ضبط ڪيل ملڪيتن جي فهرست تيار ڪرڻ جي لاءِ عوام جي هٿن ۾ ايندڙ زمين تي پوکي راهي جي سمورن اوزارن، عمارتن، غدا جي رسد وغيرهہ جي سخت انقلابي حفاظت جي لاءِ سيئي ضروري قدم کڻندیون.
- جيستائين آئين ساز اسيمبلي انهن بابت کو آخري فيصلو ڪري تيستائين زمين جي عظيم سڌارن تي عمل ڪرڻ جي

دوران، رهنمائيءَ جو ڪم هارين جو هيئيون هدايت نامون ڏيندو ۽ جيڪو هارين جي 242 مقامي هدايت نامن جي بنياد تي "هارين جي نمائندن جي ڪُل روس سوويت" جي ازويستا جي 88 هين شماري (پيٽروگراد،شمارو 88 هون، 19 آگسٽ 1917) ۾ ڇپيو آهي.

لينن وضاحت ڪئي ته "اهو اڳوڻي وزير چيرنوف جو پروجيڪٽ ڪونهي، جيڪو هڪ ڏانچو ڪڙو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ سڏارن تي مٽان کان عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. زمين جي ورهاست جي سوالن جو فيصلو هينان کان ۽ موقعي تي ئي ڪيو ويندو. هر هاريءَ کي ملندڙ زمين جو مقدار ڦوٽ موجب هوندو.

عارضي حڪومت تحت تعلقي دارن، ايراضي ڪميٽي کي بحث ۽ انهن جي حڪمن تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. جنهن جي رٿا لووف ناهي هئي، جنهن کي شنگاريف وجود ۾ آندو هو ۽ جنهن جو انتظام ڪيرنسڪي جي هٿن ۾ هو".

بحث مباحثو شروع ٿيڻ کان اڳ هڪ شخص لنگهه مان ميڙ کي چيريندو اڳيان وڌيو ۽ اسٽيج تي چڙهي آيو. اهو هارين جي سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر پيانخ هو ۽ جڙ چريو ٿي رهيو هو.

هن وڏي ڪاوڙ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو "هارين جي نمائندن جي ڪُل روس سوويت جي ورڪنگ ڪميٽي اسانجي ساٿي وزيرن سالا زڪن ۽ ماسلوف کي گرفتار ڪرڻ تي سخت احتجاج ٿي ڪري ۽ اسين انهن جي بنا دير جي آزاديءَ جي گهر ٿا ڪريون. هن مهل هو 'پيٽراورپال ڳڙهي' ۾ آهن. اسانکي هڪدم قدم کڻڻ گهرجي. وچائڙ لاءِ پارٽي وٽ هڪ گهڙي به ڪونهي.

ان ڪانپوءِ هڪ سپاهي آيو جنهن جي ڏاڙهي ڪنڊريل ۽ اکيون ٻري رهيون هُيون، "اوهين هتي وينا هارين کي زمينون ڏيڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو ۽ هارين جي چوندبيل نمائندن جي خلاف ظالمن ۽ غاصبن وارا قدم پيا کڻو". هن پنهنجي مُڪ اُلارندي چيو "جيڪڏهن هنن جو وار به ونگو ٽيو ته اوهان کي بغاوت کي منهن ڏيڻو پوندو." ميڙ ۾ بوکلاهٽ واري هلچل مچي ويئي.

ان مهل ٽراٽسڪي اُٿي بيٺو. هن جو چهرو پر سُڪون، پر زهريلو ۽ اقتدار جي احساس سان ٽمٽار هو. هن جي زوردار تاڙين سان آجيان ڪئي ويئي. "ڪل فوجي انقلابي ڪميٽيءَ اصولي طور تي سوشلسٽ انقلابي ۽ منشويڪ وزيرن ماسلوف سالازڪن، گووزيف ۽ مالياشوچ کي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. هن وقت هو پيٽراورپال ڪڙهيءَ ۾ آهن. اسانکي بس ايترو ڪجهه ڪرڻو آهي ته کين تيستائين سنڊن گهرن ۾ نظربند رکيو ويندو جيستائين اسين ڪائنٽ ڪورنيلوف واري معاملي جي دوران ڪيرنسڪيءَ جي غداري وارن قدمن ۾ سنڊن سازباز جي پڇا ڳاڇا نٽا ڪري ونون".

پيانخ رڙ ڪري چيو "ڪنهن به انقلاب ۾ اهڙي ڪابه شئي نه ڏٺي ويئي آهي جهڙي هت پئي ٿئي."

ٽراٽسڪيءَ وراڻيس، "اوهين غلط پيا چئو. ان قسم جون شيون هن انقلاب ۾ به ڏٺيون ويون آهن. جولاءِ ۾ اسانجي سوين ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو هو. جڏهن ڪامريڊ ڪولونتائي کي ڊاڪٽر جي حڪم تي آزاد ڪيو ويو ته اوڪستنئيف سنڊس گهر جي دروازي تي زار جي ڳجهي پوليس جا ٻه اڳوڻا ايجنٽ مقرر ڪري ڇڏيا." هاري برٻڙائيندا واپس هليا ويا ۽ سنڊن پيڇو ٽوڪرن، چٽرن ۽ طنزيه جملن سان ڪيو ويو.

ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي نمائندي، زمين جي فرمان تي تقرير ڪندي اصولي طور تي اُن سان اتفاق ڪيو. پر گڏوگڏ اهو پڻ چيو ته سنڊن گروهه تيستائين ان سوال تي ووٽ نه ڪندو جيستائين ان تي بحث ختم نٿو ٿئي. ان سان گڏ هارين جي سوويتن سان صلاح مشورو ڪرڻ گهرجي، منشويڪ بين الاقوامیت پسندن ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي اهم اڳواڻن جي گڏجاڻي ڪرڻ تي زور پريو.

پوءِ ميڪسملسٽن يعني هارين جي نراجيت پسندن اڳواڻ چيو "اسانکي هڪ اهڙي پارٽيءَ جو اعزاز حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪا پهرينءَ ئي ڏينهن ان بابت بحث مباحثن کانسواءِ ئي ايڪٽ منظور ڪري ٿي".

هڪ مثالي هاري استيج تي چڙهي آيو. ڏڳها وار ۽ پوستين جو ڪوٽ پاتل هئس. هن هال جي سيني ڪنڊن ڏانهن جهڪي جهڪي

تعظيم ڪئي ۽ چيو "ساٿيو ۽ شهر واسيو! باهر ڪجهه ڪاديت وڙهي رهيا آهن. اوهان اسانجن هارين کي گرفتار ڪري ورتو آهي، پر انهن کي گرفتار ڇونٿا ڪريو".

اهو پُرجوش همراهه هارين جي وچ ۾ بحث جو سنگل بنجي ويو. اهو بحث به ڪلهه رات واري مزدورن جي بحث وانگر هو. اهي هٿا زمين جا اصل پرولتاري!

"اسانجي ورڪنگ ڪميٽي جا اهي ميمبر اوڪستنئيف ۽ باقي ٻيا، جن کي اسين هارين جو محافظ ٿا سمجهون اهي به ڪاديت آهن.

گرفتار ڪريو!.. انهن کي، گرفتار ڪريو!

ٻي چيو "هي پيانخ ۽ اوڪستنئيف جهڙا ماڻهو ڪير ٿيندا آهن؟ اهي هاري ڪونهن اهي ته فقط پنهنجا پُڇ ٿا لوڏين".

ڪاپي ڏر جي سوشلست انقلابين اڌ ڪلاڪ جي وٿي تجويز ڪئي. نمائندا نڪري ٻاهر ويڙ لڳا ته لينن پنهنجي جاءِ تي ٻُڌي ٻيٺو "ساٿيو! اسانکي وقت نه وڃائڻ گهرجي! اهي خبرون جيڪي روس جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهم آهن. سي سياڻي صبح جو اخبارن ۾ ضرور هٿڻ گهرجن. ٿوري به دير نه ٿئي ته سٺو!"

انهيءَ بحث مباحثي ۽ اڇ وچ ۾ فوجي انقلابي ڪميٽي جي هڪ پيغام آڻيندڙ جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. جيڪو چئي رهيو هو "سترهين نمبر ڪمري ۾ محاذ تي وڃڻ جي لاءِ پندرهن پرچارڪن جي ضرورت آهي".

لڳ ڀڳ ادائي ڪلاڪن ڪانپوءِ نمائندا ڪنهن نه ڪنهن نموني واپس پهتا ۽ صدارتي مجلس استيج تي ويٺي ۽ اجلاس شروع ٿيو. سيني کان پهرين هڪٻئي جي پويان مختلف ريجمنٽن جون تارون پڙهيون ويون، جن ۾ هنن فوجي انقلابي ڪميٽي سان هٿڻ جو اعلان ڪيو هو.

هوريان هوريان گڏجاڻي زور وٺندي ويئي. مقدونيائي محاذ جي روسي فوجن جي نمائندي اُتي جي صورتحال جو تلخي سان ذڪر ڪيو هن چيو. "اُتي اسانکي دشمنن کان وڏيڪ پنهنجن، اتحادين جي دوستي جي ڪري تڪليفون رسيون آهن." ڏهين ۽ يارهين فوج جا نمائندا اڄا هاڻ اتي پهتا هئا. هنن به اطلاع ڏنو ته اسين پنهنجي پوري سگهه سان اوهانجي حمايت ٿا ڪريون. هڪ هاري سپاهيءَ "غدار سوشلسٽن ماسلوف ۽

سالازکن" جي آزاديءَ تي احتجاج ڪيو ۽ چيو تہ جيتريقدر هارين جي سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو لاڳاپو آهي تہ اها سڄي جي سڄي گرفتار ڪري وڻڻ گهرجي".

اها حقيقي انقلابي ڳالهہ هئي. فارس ۾ مقرر فوج جي هڪ نمائندي اعلان ڪيو تہ ڪيس هدايت ڪئي ويئي آهي تہ هو سمورو اقتدار سوويتن کي ڏيڻ جي گهر ڪري. هڪ يوڪريني آفيسر پنهنجي مادري زبان ۾ چيو "هن بحران ۾ ڪابہ قومپرستي ڪونهي! سڀني ملڪن جي پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ زنده باد".

ڪامنيئف "تہ بالشويڪ دشمن قوتون هر هنڌ بدنظمي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن." ۽ پوءِ هن سڀني سوويتن جي نالي ڪانگريس جي هڪ اپيل پڙهي.

"مزدورن ۽ سپاهين جي سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس، جنهن ۾ ڪجهہ هارين جا نمائندا بہ شامل آهن، مقامي سوويتن کي اپيل ٿي ڪري تہ هو سڀني انقلاب دشمن ڪاروائين، يهودي مخالف ۽ هر قسم جي قتل عام جي مخالفت ڪن، پوءِ پلي اهي ڪجهہ بہ نہ هجن ۽ انهن جي لاءِ قدم کڻن. مزدورن، هارين ۽ سپاهين جي انقلاب جي عزت جي هاڻي تقاضا آهي تہ ڪنهن بہ قسم جي قتل عام کي نہ سَنو ويجي.

"پيٽروگراڊ جي سرخ گارڊ، انقلابي گيريزن ۽ جهازين گادي واري شهر ۾ مڪمل نظم و ضبط رکيو آهي.

"مزدورو، سپاهيو ۽ هاريو! اوهانکي هر هنڌ پيٽروگراڊ جي مزدورن ۽ جهازين جي مثال جي پيروي ڪرڻ گهرجي. ڪامريڊ سپاهيو ۽ ڪزاڪو اوهان تي حقيقي انقلابي نظم و ضبط کي يقيني بنائڻ جو فرض لاڳو ٿو ٿئي. سڄي انقلابي روس ۽ سڄي دنيا جون نظرون اوهان تي ڪُتل آهن." صبح جو ٻين بجي 'زمين جي فرمان' تي ووٽنگ ڪرائي ويئي فقط هڪ ووٽ مخالف ۾ پيو ۽ هاري نمائندا خوشيءَ ۾ اچي نچڻ لڳا.

ايئن نيٺ بالشويڪن شروعات ڪري ڇڏي انهن جي ڪير بہ مزاحمت ڪري نٿي سگهيو. هر هڪ ۽ مخالفت کي پار ڪندي، روس ۾ بس رڳو- اهي ئي ماڻهون هئا، جن وٽ ڪو چٽو پروگرام هو. جڏهن تہ ٻيا سڀ گذريل اڻن مهينن کان فقط ڳالهيون ڪندا پيا آيا.

ايتري ۾ هڪ سپاهي اُٿي بيٺو هن هدايت نامي جي ان فقري تي احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن موجب فوج مان پڇندڙن کي ڳوٺن ۾ زمين جي الاٽمينٽ کان محروم ڪرڻون هو. شروع ۾ ته ماڻهن مٽس ٿوڪرون ۽ چٽرون ڪيون، پر سندس پُراثر تقرير سبب نيٺ خاموشي ڇانئجي ويئي. هن وڏي آواز ۾ چيو "هو پنهنجي مرضي جي خلاف خندقن ۾ قتل ۽ غارت ۾ اڇلائي ڇڏيو ويو آهي، جنهن کي اوهان خود "امن جي فرمان" ۾ بي معنيٰ ڪيو آهي ۽ پيانڪ ٻ. ان امن ۽ آزاديءَ جي اميد ۾ انقلاب جي آڇيان ڪئي. امن؟ ڪيرنسڪي جي حڪومت کين مجبور ڪيو ته هو گاليشيا وڃي مارين ۽ مرن. هنن امن جي گهر ڪئي ته تيريشنڪو مٿن سرعام ڪليو. آزادي؟ هنن ڏٺو ته ڪيرنسڪي تحت سندن ڪميٽين کي ڪچليو ويو آهي.

سندن اخبارون بند ڪيون ويون، سندن پارٽي جي مقررن کي باندي بنايو ويو. گهر ۾، سندن ڳوٺ ۾، زميندار سندن، زمين ڪميٽي جي حڪمن کي ڏڏي رهيا هئا ۽ سندن ساٿين کي جيلن ۾ واڙي رهيا هئا.

پيٽروگراڊ ۾ بورزوازي جنرلن سان گڏجي فوج جي لاءِ غذا ۽ هٿيارن جي رسد کي نقصان پي پهچايو. وٽن نه ڪپڙا هئا ۽ نه ئي جوتا. کين فوج مان ڪنهن پڇڙ تي مجبور ڪيو. ڪيرنسڪيءَ جي حڪومت، جنهن جو اوهان تختو اونڌو ڪيو آهي! "آخر ۾ تاڙيون وڄيون.

هڪ بي سپاهيءَ ان جي زوردار مخالفت ڪندي چيو "ڪيرنسڪي جي حڪومت تي الزام مڙهڻ ۾ صحيح ڪونهي ۽ ان تي الزام هٽي فوج مان پڇندڙن جي ڪِني ڪمي ڪري نه ٿو لڪائي سگهجي. فوج مان ياڇوڪڙ لوفر آهن، جيڪي پنهنجي ساٿين کي پويان خندقن ۾ مرڻ جي لاءِ ڇڏي پاڻ گهرن ڏانهن پڇي تا وڃن. فوج مان ياڇوڪڙ هر شخص غدار آهي ۽ کيس سزا ملڻ گهرجي... "ان تي گوڙ ٿي ويو ۽ آواز اڇڻ لڳا. " بس گهٽو ٿيو! خاموش رهو". ڪامنئيف جلدي اُٿيو ۽ هن رٽ پيش ڪئي ته "معاملي جو فيصلو حڪومت تي ڇڏيو وڃي."

اڌائي بجي ڌاري خاموشي ڇانئجي ويئي. ڪامنئيف اقتدار جي جوڙجڪ جو فرمان پڙهڻ شروع ڪيو.

"آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس ٽيڻ تائين مزدورن ۽ هارين جي هڪ عارضي حڪومت جي جوڙجڪ ڪئي ٿي ويجي." جنهن جو نالو "عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل" هوندو.

رياستي سرگرمين جي مختلف شاخن جو انتظام ڪميشنن جي حوالي ڪيو ويندو. جن جي جوڙجڪ ان ڳالهه کي يقيني بنائيندي ته پورهيت مردن، پورهيت عورتن، جهازين، سپاهين، هارين ۽ دفتري ملازمن جي عوامي تنظيمن سان قريبي اتحاد ڪري ڪانگريس جي پروگرام کي مڪمل ڪندين. حڪومتي اقتدار هڪ 'ڪاليجيم' يعني عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي حوالي ڪيو ٿو وڃي، جيڪو انهن ڪميشنن جي صدرن تي مشتمل هوندو.

"عوامي ڪميسارن جي سرگرمين تي ڪنٽرول ۽ انهن کي بدلائڻ جو حق مزدورن، هارين ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس ۽ ان جي مرڪزي ورڪنگ ڪميٽي کي هوندو."

بدستور خاموشي ڇانيل رهي. پوءِ جڏهن هن ڪميسارن جي فهرست پڙهڻ شروع ڪئي ته هر نالي تي، ۽ خاص ڪري لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي نالن تي سڄو هال تاڙين سان پرجي اُٿيو.

ڪائونسل جو صدر، ولاديمير اوليانوف (لينن)

داخلا: ريڪوف

زراعت: ملیوتين

محنت: شلياپنڪوف

فوجي ۽ بحري معاملا: هڪ ڪميٽي جي حوالي هوندا، جيڪا اوسئيڪو (انتونوف) ڪيريلينڪو ۽ دينبيڪو تي ٻڌل هوندي.

صنعت ۽ واپار: نوگن

عوامي تعليم: لوناچارسڪي

ماليات: اسڪور تسوف (استيپانوف)

پرڏيهي معاملا: برونشتائن (ٽراٽسڪي)

انصاف: اوبوڪوف (الوموف)

رسد: تيودرووچ

تند ۽ تار: آويلوف (گلبوف)

قوميتن جي لاءِ صدر: جوگا شويلي (استالن)
ريلوائي، اُن تي بعد ۾ مقرر ڪئي وبندي.

هال جي سيني ڪنارن تي سنگينون هيون. نمائندن جي وچ وچ ۾ سنگينون نظر اچي رهيون هيون. فوجي انقلابي ڪميٽيءَ هر شخص کي هٿياربند ڪري رهي هئي. ڪيرنسڪيءَ سان ويڙهه جي لاءِ بالشوزم هٿيار بند ٿي رهيو هو. ڏکڻ اولهه جي هوا سان گڏ ڪيرنسڪي جي وڃندڙ نغارن جا آواز به اچڻ شروع ٿي ويا هئا. ان سڄي عرصي ۾ ڪير به گهر نه ويو هو. ان جي ابتڙ سوين نوان ماڻهو اندر اچي ويا هئا ۽ وڏو هال تيز ڳالهائيندڙ سپاهين ۽ مزدورن سان مڪمل پرجي ويو هو. جيڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اٽڪل عزم ۽ اتل ارادن سان بيئل رهيا هئا، سگريٽ جي دُنهه ۽ انساني ساهن، ٽلهن ڪپڙن ۽ پگهر جي بوءِ سبب ڳري ٿي رهي هئي.

"نووايا ويزن" جي عملي جو آويلوف، سوشل ڊيموڪريٽ بين الاقواميت پسندن، منشويڪ بين الاقواميت پسندن پاران ڳالهائڻ جي لاءِ اُٿيو. آويلوف جيڪو نوجوان ۽ ذهين منهن مهاندي سان هو ۽ ڪيس خوش وضع فراڪ ڪوٽ پاتل هو. سندس هٿي موجودگي بي مهل پي لڳي.

"اسانکي پنهنجو پاڻ ڪان پڇڙ گهرجي ته اسين ڪيڏانهن پيا وڃون.

جنهن سولائي سان اتحادي حڪومت کي ٽوڙيو ويو آهي، ان جي وضاحت جمهوريت جي ڪاهي ڏر جي سگهه سان نه پر فقط ان ڳالهه سان ڪري ٿي سگهجي ته حڪومت عوام کي امن ۽ ماني ڏيڻ جي اهليت نه ٿي رکي. ۽ ڪاهي ڏر جيڪڏهن انهن سوالن کي حل نٿي ڪري سگهي ته هو به پنهنجو پاڻ کي برسر اقتدار رکي نٿي سگهي.

"ڇا اوهين عوام کي ماني ڏيئي سگهو ٿا؟ اناج جي اڳ ۾ ئي ڪوٽ آهي. هارين جي گهٽائي اوهان سان گڏ نه هوندي. ڇو ته اوهان کين سندن گهربل مشنري ڏيئي نٿا سگهون. ہارڻ ۽ ہين شروعاتي ضرورتن جو حاصل ڪرڻ لڳ پڳ نا ممڪن آهي.

"جيتري قدر امن جو لاڳاپو آهي ته اُهو به ڏکيو ٿيندو. اتحادين سڪوبليف سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هو اوهان پاران هڪ ڪانفرنس جي رٿ ڪڍهن به نه قبوليندا.

"اوهان کي نہ لنڊن، نہ پئرس ۾ ۽ نہ ئي وري برلن ۾ تسليم ڪيو ويندو. اوهين اتحادي ملڪن جي پرولتاري جي اثرائتي امداد تي ٻہ پروسو نہ ٿا ڪري سگھون. چاڪاڻ تہ گھٽن ملڪن ۾ هو انقلابي جدوجهد کان ڪوهين ڏور آهن. ياد رکو تہ اتحادي جمهوريت تہ 'اسٽاڪ هوم' ڪانفرنس ٻہ ڪوڙائي نہ سگھي هئي. مون جرمن سوشل ڊيموڪريٽن جي باري ۾ اجهو ڪامريڊ گولڊ نرگ سان ڳالهايو آهي. جيڪو اسٽاڪ هوم ۾ اسانجو هڪ نمائندو هو. ڪيس انتهائي ڪاهي ڏرجي نمائندن ٻڌايو تہ جنگ جي دوران جرمنيءَ ۾ انقلاب جو اچڻ نا ممڪن آهي." هتي بار بار مداخلت ٿيڻ لڳي، پر آويلوف پنهنجي تقرير جاري رکي.

"يلي جرمنن جي هٿان روسي فوج کي شڪست اچي ۽ آسٽريائي جرمن اتحاد ۽ فرانسيسي برطانوي اتحاد جي وچ ۾ روس کي نقصان رسائي، ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ناهہ ٿي وڃي، يلي جرمني سان ڏار ناهہ ڪرڻو پوي، پر انهن سيني جو هڪ ئي نتيجو نڪرندو يعني روس جي مڪمل علحدگي.

"مونکي اجهو پتو پيو آهي تہ اتحادي سفير هتان وڃڻ جي تياري ڪري رهيا آهن ۽ روس جي هر شهر ۾ "ملڪ ۽ انقلاب جي چوڪاري واري ڪميٽي" جي جوڙجڪ ٿي رهي آهي.

"ڪابہ هڪ پارٽي انهن ڏکيائين تي سوپ نٿي پائي سگھي. فقط عوام جي گھٽائي، جيڪا هڪ سوشلسٽ اتحاد جي حڪومت جي حمايت ڪندي هجي. انقلاب کي مڪمل ڪري سگھي ٿي."

ان ڪانپوءِ هن ٻنهي گروهن جي قرارداد پڙهي.

"ان ڳالهہ کي تسليم ڪندي تہ انقلاب جي سوين جي چوڪاري لاءِ هڪ اهڙي حڪومت جي جوڙجڪ ڪرڻ لازمي آهي، جنهن جو بنياد مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن ۾ منظم انقلابي جمهوريت تي هجي. ان ڳالهہ کي ٻہ تسليم ڪندي تہ اُن حڪومت جو اهو فرض آهي تہ جلد کان جلد امن جو معاملو زرعي ڪميٽين جي هٿن ۾ زمين جي منتقلي، صنعتي پيداوارن تي ڪنٽرول جي تنظيم ٽئي ٽيل تاريخ تي آئين ساز اسيمبلي جي اجلاس کي گھرائڻ، ڪانگريس جي هڪ ورڪنگ ڪميٽي ٿي ڪري، جو اها ڪانگريس ۾ حصو وٺندڙ

انقلابي جمهوريت جي گروهن جي وچ ۾ اتفاق ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ حڪومت جي جوڙجڪ ڪندي"

سوياري ميڙ جي جوش جي باوجود به آويلوف جي پُرسڪون ۽ روادارانه استدلال ماڻهن کي لوڏي ڇڏيو.

آخر ۾ ڇُڙ پُڙ ۽ سيٽيون ختم ٿي ويون ۽ جڏهن هن تقرير ختم ڪئي ته ڪجهه تاڙيون به وڳيون.

ان ڪانپوءِ ڪاريلن تقرير ڪئي، اهو نوجوان ۽ بي باڪ هو ۽ سندس خلوص تي ڪنهن کي به ڪو شڪ نه هو. هن ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين "ماريا اسپريدونوا" جي پارٽيءَ جي پاران تقرير ڪئي، جيڪا اڪيلي پارٽي هئي، جنهن بالشويڪن جي پيروي ڪئي ۽ جنهن انقلابي هارين جي نمائندگي ڪئي ٿي.

"اسانجي پارٽي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته اسان سڀائين جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي انقلابي فوج جي ان حصي کان ڌار ڪرڻ نٿا چاهيون، جيڪو ڪانگريس کان پاسيرو ٿي ويو آهي. ان قسم جي علحدگي بالشويڪن ۽ بين تنظيمن جي وچ ۾ ٽياڪري وارو ڪم اسانجي لاءِ ناممڪن بنائي ڇڏيندي ۽ هن وقت اهو اسانجو سياسي فرض آهي ته اسين سوشلسٽ اتحاد جي حڪومت کانسواءِ ڪنهن ٻي حڪومت جي حمايت ڪري نٿا سگهون".

"اسين بالشويڪن جي ظالمانه طور طريقن جي خلاف احتجاج ٿا ڪريون، اسانجي ڪميسارن کي سندن عهدن تان هٽايو ويو آهي. اسانجي واحد ترجمان "زنامياترودا" کي ڪالهه چيڪ ڪان روڪيو ويو.

"ميونسپل دوما اوهان سان وڙهڻ جي لاءِ سگهاري ملڪ ۽ انقلاب جي بچاءَ واري ڪميٽي جي جوڙجڪ ڪري رهي آهي. اوهانکي سيني کان الڳ ٿلڳ ڪيو ويو آهي، اوهانجي حڪومت کي ڪنهن به ٻي جمهوري پارٽي جي حمايت حاصل ڪونهي."

هاڻ مٿي اسٽيج تي ٽراٽسڪي ٻيٺو هو. پراعتماد ۽ باوقار نموني هن جي چهري تي اهو ئي چٽر وارو انداز هو جيڪو ٻين تي مسخري ڪندي ٿي نظر آيو. هن ٻُرائيندڙ آواز ۾ تقرير ڪئي ۽ سڄو هال هن جو هم خيال ٿي ويو.

"اسان جي پارٽي جي الڳ ٽلڳ رهڻ جي خطرن جي باري ۾ اها ڪا نئين ڳالهه ڪونهي. بغاوت کان اڳ به اسان جي پوائنٽي شڪست جي اڳ ڪٿي ويئي هئي. هر شخص اسان جي خلاف هو فقط ڪاهي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جو حصو اسان سان فوجي انقلابي ڪميٽيءَ ۾ شامل هو. ته پوءِ اهو ڪيئن ٿيو جو اسين تقريباً رتوچاڙ ڪانسواءِ ئي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي لائق ٿياسين! اها حقيقت ان ڳالهه جو ڇٽو ثبوت آهي ته اسين الڳ ٽلڳ ٿي نه رهجي ويا آهيون. درحقيقت عارضي حڪومت ئي الڳ ٽلڳ ٿي رهجي ويئي هئي. اهي جمهوري پارٽيون جيڪي الڳ ٽلڳ رهجي ويون هيون ۽ ڏار آهن ۽ اسان جي خلاف آهن. اهي هاڻ سڀائين جي لاءِ پرولتاريا کان ڪٽجي ويون آهن.

"ماڻهو اتحاد جي گهرجن بابت ڳالهائين ٿا. فقط هڪئي اتحاد ممڪن آهي مزدورن، سپاهين، غريب هارين جو اتحاد. ۽ اسان جي پارٽي کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هنن اهو اتحاد قائم ڪري ورتو آهي. آويلوف جو مطلب ڪهڙي قسم جي اتحاد سان آهي؟ انهن ماڻهن سان اتحاد، جن عوام سان غداريءَ جي حڪومت جي حمايت ڪئي. اتحاد سان سڀائين سگهه ۾ واڌارو نه ٿيندو آهي. مثال طور اسانجي صفن ۾ دان ۽ اوڪسنتيئف هجن ها ته چا اسين بغاوت منظم ڪري سگهون ها."

ٿهڪن جا ٽاڙيا:

"اوڪسنتيئف گهٽ ماني ڏني. چا مدافعت پسندن سان اتحاد سان اها وڌيڪ ملڻ لڳندي؟ اوڪسنتيئف "زميني ڪميٽين" کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هارين ۽ اوڪسنتيئف جي وچ ۾، اسين هارين جي چونڊ ٿا ڪريون. اسان جو انقلاب تاريخ جو ڪلاسيڪي انقلاب رهندو.

"هو اسان تي ٻين جمهوري پارٽين سان ناهن کي رد ڪرڻ جا الزام ٿا هڻن. پر چا ڏوهه اسان جو آهي؟ يا اسان کي جيئن ڪاريلن چيو آهي. ان جو الزام هڪ غلط فهميءَ تي ڏيڻ گهرجي. نه ساٿيو جڏهن هڪ پارٽي مڪمل جوش ۾، بارود جي ڌُنهه ۾ ويڙ هجي اسان کي اچي چوي ته، "هيءُ اٿو اقتدار ونو" ۽ جن ماڻهن کي اها آڇ ڪئي ويجي. پر هو دشمن سان ويجي گڏجن ته

اها غلط فهمي ڪونهي. اهو بي رحميءَ واري جنگ جو اعلان آهي ۽ اهو جنگ جو اعلان اسان نہ ڪيو آهي.

آويلوف اسان کي، اسان جي امن جي ڪوششن جي ناڪام هئڻ جو ڏپ ٿو ڏي، جيڪڏهن ڏار رهياسين. آئون چوان ٿو تہ منهنجي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ اسڪوبلف يا ايتريقدر جو تيريشنڪو سان اسان جو اتحاد بہ اسان کي اهو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگھي ٿو. آويلوف اسان کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش پيو ڪري تہ اسانکي نقصان رسائي امن حاصل ڪرڻ جو ڏپ آهي. ۽ آئون جواب ٿو ڏيان تہ جيڪڏهن يورپ تي سامراجي بورجوا جي حڪمراني قائم رهي، انقلابي روس بهرحال اڻ ڄاڻ طور تي هٽن مان ويندو هليو.

تنهنڪري فقط بہ ئي صورتون آهن: يا تہ "روسي انقلاب يورپ ۾ هڪ انقلابي هلچل پيدا ڪندو يا وري يورپي طاقتون روسي انقلاب کي برباد ڪري ڇڏيندينون."

ماٺهن زوردار تاڙيون وڄائي سندس تائيد ڪئي. ان همت بني نوع انسان جي سرواٽي ڪرڻ جي خيال، ميڙ کي روشن ۽ پنيٽ بنائي ڇڏيو ۽ ان وقت کان وٺي باغي عوام ۾ سندس سمورن قدمن ۾ ڪا شئي باشعور ۽ فيصلو ڪندڙ هئي، جيڪا سدائين منجهن موجود رهي.

پر هي پاسي بہ لڙائي ڪا شڪل اختيار ڪري رهي هئي. ڪامينٽف ريلوي ڪارڪنن جي يونين جي نمائندي کي سڃاتو ۽ ڪيس تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو. ان پريل ٻُڌ واري همراهہ، جنهن جو رويو پڪي دشمنيءَ وارو لڳي رهيو هو، وڏو ڏماکو ڪري ڇڏيو.

"روس جي سڀ کان سگهاري تنظيم ياران ڳالهائڻ جي حق جي گهر ٿو ڪريان ۽ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ ويڪزيل[1] منهنجي ذمي اهو ڪم ڪيو آهي تہ آئون اوهان کي اقتدار جي جوڙجڪ جي باري ۾ يونين جي فيصلي کان واقف ڪريان، جيڪڏهن بالشويڪن پنهنجو پاڻ کي روس جي سڀني جمهوريت پسند قوتن کان ڌار رکڻ تي ضد ٻڌيو بيٺا رهندا تہ مرڪزي ڪميٽي ان جي حمايت ڪرڻ کان بلڪل انڪار ٿي ڪري".

هال ۾ زبردست گوڙ مچي ويو.

---

[1] ويڪزيل: ريلوي ڪارڪنن ۽ ملازمن جي ڪُل روس ورڪنگ ڪميٽي.

"1905ع ۾ ڪورنيلوف جي ڏينهن ۾ ريلوي مزدور انقلاب جو بهترين بچاءُ ڪندڙ هئا. پر اوهان اسان کي پنهنجي ڪانگريس ۾ نه گهرايو." گوڙ "اوهان کي پراڻي تسي اي کا مدعو نه ڪيو هو." جواب مليو پر مقرر کوبه ڏيان نه ڏنو. "اسين هن ڪانگريس جي قانوني هئڻ کي نٿا مڃون. منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين جي هليو وڃڻ کانپوءِ قانوني ڪورم پورو نه آهي. يونين پراڻي "تسي اي کا" جي حمايت ٿي ڪري ۽ اعلان ٿي ڪري ته ڪانگريس هڪ نئين ڪميٽي کي چونڊڻ جو کوبه حق ڪونهي..."

اقتدار کي هڪ سوشلسٽ ۽ انقلابي اقتدار پوري انقلابي جمهوريت جي بااختيار ادارن جي سامهون جوابدار هئڻ گهرجي.. جيستائين ان قسم جي اقتدار جي جوڙجڪ نٽي ٽٽي، تيستائين ريلوي ڪارڪنن جي يونين، انقلاب دشمن فوجن کي پيٽروگراد پهچائڻ کان انڪار ٿي ڪري ۽ گڏوگڏ 'ويڪزيل' جي منظوري کانسواءِ ڪنهن به حڪم کي مڃڻ کان انڪار ٿي ڪري. ويڪزيل روس ۾ ريلوي جو سڄو انتظام به پنهنجي هٿن ۾ ٿي ڪٽي.

ان تي مٽس گارين جو ايڈو ته زوردار ڏوڙيو وسڻ لڳو جو هن جو آواز ان ۾ دٻجي ويو. پر ڏڪ ڪاپاري هو. جنهن جو اثر صدارتي مجلس جي چهرن تي نظر به نظر اچڻ لڳو هو. بهرحال 'ڪامنيئف' فقط ايترو وراڻيو ته "ڪانگريس جي قانوني هئڻ تي شڪ نٽو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته پراڻي 'تسي اي کا' جي مقرر ڪيل ڪورم منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين جي ڌار ٿي وڃڻ کانپوءِ به وڏيڪ شرڪت ڪندڙ موجود آهن."

پوءِ اقتدار جي جوڙجڪ تي ووٽنگ ٿي، جنهن 'عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل' کي وڏي اڪثريت سان سندن عهدن تي مقرريءَ جي منظوري ڏيئي ڇڏي.

نئين 'تسي اي کا' جمهوريه جي نئين پارليامينٽ جي چونڊ ۾ فقط پندرهن منٽ لڳا. ٽراٽسڪي ان جي جوڙ جڪ جو اعلان ڪيو. سئو ميمبرن مان ستر بالشويڪ ۽ باقي ٽيهه سيٽون هارين ۽ ڪانگريس مان ڌار ٿيندڙ گروهن جي لاءِ محفوظ رهنديون. آخر ۾ ٽراٽسڪيءَ چيو "اسين حڪومت ۾ انهن سڀني پارٽين ۽ گروهن جي آڇيان ڪنداسين، جن کي اسانجو پروگرام منظور هوندو".

ان اعلان کانپوءِ 'سوويتن جي ٻي ڪُل روس ڪانگريس' جي پُڄاڻيءَ جو اعلان ڪيو ويو ته جيئن ميمبر روس جي چئني ڪنڊن ۾ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن جلدي روانا ٿي سگهن ۽ عظيم واقعن جون خبرون پهچائي سگهن.

اسان جڏهن ٽرامن جي سُتل ڪنڊيڪٽرن ۽ ڊرائيورن کي جاڳايو ته صبح جا ست وڳا هئا. ٽرام يونين جي ڪارڪنن اهي ٽرامون اسمولني وٽ بيهاري ڇڏيون هيون. ته جيئن سوويت ڊيلي گيٽن کي سندن گهرن تائين پهچائي سگهن. مونکي لڳو ته پريل ٽرام ۾ ڪلهه جي پيٽ ۾ اڄ خوش دلي گهٽ پي نظر آئي. شايد هو پنهنجو پاڻ کي چئي رهيا هئا ته. "هاڻ ته اسين پاڻ ڏٺي آهيون ۽ هاڻ اسان اهو سڀ ڪجهه جيڪو چاهيو ٿي، سو پاڻ ڪيئن ڪنداسين؟"

اسان کي پنهنجي فليٽ جي عمارت ۾ شهرين جي هڪ هٿياربند ٽولي گشت ڪندي اونداهي ۾ روڪيو ۽ چڱي طرح جانچ پڙتال ڪئي. دوما جو اعلان پنهنجو ڪم ڪري رهيو هو.

گهر ڏاڪڻيءَ اسانکي اندر ايندي ٻُڌو ۽ هوءَ ريشمي گلابي ڊريسنگ گاؤن پائي ٻاهر نڪري آئي. هن چيو. "هائوس ڪميٽيءَ ٻيهر چيو آهي ته ٻين ماڻهن سان گڏ اوهين به پنهنجي واري تي چوڪي ڏيو."

"چوڪي ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"گهر جي ٻارن ۽ عورتن جي حفاظت جي لاءِ".

"پر ڪنهن کان؟"

"ڦورن ۽ قاتلن کان."

"پر فرض ڪريو ته جيڪڏهن فوجي انقلابي ڪميٽيءَ وٽان ڪو ڪميسار جڙتي ونڊ جي لاءِ اچي وڃي ته پوءِ!؟"

"ازي اهو ئي ته چوندا ته هو اهي آهن. ۽ پوءِ ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟" مون ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ڪيس پڪ ڏياري ته قونصل سيني آمريڪي شهرين کي هٿيار کڻي هلڻ کان منع ڪئي آهي. خاص ڪري روسي دانشورن جي پاڻ ۾.

*

چوٽڪاري واري ڪميٽي

جمعو 9 نومبر (27 آڪٽوبر)

"نووا چير ڪاسڪ ـ 8 نومبر (26 آڪٽوبر)

"بالشويڪن پاران بغاوت ۾ عارضي حڪومت کي معزول ڪري، پيٽروگراڊ ۾ اقتدار تي سندن قبضي ڪرڻ جي ڪوشش کي نظر ۾ رکندي، ڪزاڪ حڪومت اعلان ٿي ڪري تراڻا انهن قدمن کي مجرماڻون ۽ قطعي طور تي اڻ وٽندڙ ٿي سمجهي. تنهنڪري ڪزاڪ حڪومت، عارضي حڪومت جي مڪمل حمايت جو اعلان ٿي ڪري، جيڪا ئي اصل اتحاد جي حڪومت آهي. انهن حالتن سبب ۽ عارضي حڪومت جي ٻيهر اقتدار سنڀالڻ تائين ۽ روس ۾ نظم و ضبط بحال ٿيڻ تائين، ڪزاڪ فوجن جي حڪومت، 25 آڪٽوبر کان 'دون' جي علائقي سان لاڳاپيل سڄو اقتدار پنهنجي هٿ ۾ کڻي ٿي".

صحيح: "نتا ما کاليدن ڪزاڪ فوجن جي حڪومت جو صدر وزير اعظم ڪيرنسڪي جو حڪم. مورخ : هِنڈ گاتچينا".

"آئون عارضي حڪومت جو وزيراعظم ۽ روسي جمهوريه جي هٿياربند فوجن جو اعليٰ ڪمانڊر اعلان ٿو ڪريان ته آئون محاذ تان موٽندڙ انهن سڀني ريجمنٽن جو حاڪم اعليٰ آهيان، جيڪي وطن جون وفادار رهيون آهن".

آئون پيٽروگراڊ جي فوجي ضلع جي سڀني فوجن کي، جن غلطي يا بي وقوفيءَ مان ملڪ ۽ انقلاب جي غدارن جي سڏ ۾ سڏ ڏنو آهي، حڪم ٿو ڏيان ته هو بنا دير جي پنهنجي ڊيوٽي تي موٽي اچن.

"هي حڪم سڀني ريجمنٽن، بٽالينن ۽ اسڪوادرنن ۾ پڙهي ٻڌايو وڃي.

صحيح عارضي حڪومت جي وزيراعظم ۽ سپريم ڪمانڊر: ا. ف. ڪيرنسڪي."

اُترين۽ محاذ جي ڪمانڊر جنرل جي نالي ڪيرنسڪي جي تار: "گاتچينا شهر تي وفادار ريجمنٽن بنا ڪنهن رتوڇاڻ جي قبضو ڪري ورتو آهي. ڪرانشتات جي جهاز جي ٽولين ۽ سيميونوفسڪي واسمائيلوفسڪي ريجمنٽن ڪنهن مزاحمت کانسواءِ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن ۽ حڪومتي فوج ۾ شامل ٿي ويا آهن".

آئون سيني طئي ٽيل دستن کي جيترو بہ ٿي سگهي. تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ جو حڪم ٿو ڏيان. فوجي انقلابي ڪميٽي پنهنجي فوج کي پٺتي هٽڻ جو حڪم ڏنو آهي.

لڳ ڀڳ ٽيهارو ڪلوميٽر ڏکڻ اوپر ۾ گاتچينا تي رات جو قبضو ٿي ويو هو. مٿي ذڪر ڪيل ٻن ريجمنٽن کي، پر انهن ۾ جهازي شامل نہ هئا. ۽ جيڪي ويجهو ئي ڪپتان کانسواءِ پٺڪي رهيون هيون، ڪزاڪن پنهنجي گهيري ۾ ونڊي لاٿو هو ۽ هنن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا. پر اهو صحيح نہ هو تہ ڪو اهي حڪومتي فوجن ۾ شامل ٿي ويون هيون. هو ڦڪا ڦڪا ٽيندا اسمولني پهتا ۽ وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڪين اهو خيال نہ هو تہ اُتي ويجهو ئي ڪزاڪ موجود هوندا. هنن ڪزاڪن سان بحث ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

غالباً انقلابي محاذ تي سيني کان وڌيڪ گڙبڙ هئي. ڏکڻ وارن سيني ننڍين شهرن ۾ گيريزن ۾ وڏي ڦوٽ پئجي ويئي هئي. هو ٻن، بلڪ ٽن گروهن ۾ ورهائجي ويون هيون. اعليٰ آفيسر ڪيرنسڪيءَ جي پاسي هئا، ڇاڪاڻ تہ ان کان سگهاري ٻي ڪا شئي نہ هئي، عام سپاهين جي گهڻائي سوويتن سان هئي. ۽ باقي فڪرمند ۽ بڏتر جو شڪار هئا.

فوجي انقلابي ڪميٽيءَ، پيٽروگراڊ جي ڪمان لاءِ باقاعده هڪ مضبوط ڪپتان موراويوف. کي مقرر ڪري ڇڏيو هو. هي اهو ئي موراويوف هو جنهن گرمين جي منڊ ۾ مهلڪ بٽاليون منظم ڪيون هيون ۽ هن هڪ پيرو حڪومت کي صلاح ڏني هئي تہ، "حڪومت بالشويڪن سان وڏي نرميءَ سان ٿي پيش اچي. ڪين تہ ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي....." هو فوجي ذهنيت جو ماڻهو هو جيڪو طاقت ۽ همت جو خلوص سان قدر ڪندو هو.

صبح جو جڏهن آئون هيٺ لٿس تہ منهنجي دروازي جي پرسان فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جا ٻہ حڪم ڇهٽيا پيا هئا. جن ۾ سڀني دوڪانن ۽ اسٽورن کي هدايت ڪئي ويئي هئي تہ هو معمول موجب کُلن ۽ جيڪي ڪمرا ۽ فليٽ خالي آهن، اهي فوجي ڪميٽيءَ جي حوالي ڪيا وڃن.

36 ڪلاڪ ٿي چڪا هئا. پر بالشويڪ صوبائي روس ۽ ٻاهرين دنيا کان ڪٽيا پيا هئا. ريلوي وارن ۽ تار گهرن سندن تارون موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ ٽپال وارا سندن خطن کي هٽ لاهڻ جي لاءِ ٻہ تيار نہ هئا. رڳو 'زار سڪويي سيلي' ۾ حڪومتي ريڊيو هر اڌ ڪلاڪ کانپوءِ آسمان جي چئني ڏسائن، خبرون ۽ منشور نشر ڪري رهيو هو. تيز رفتار ريل گاڏين تي شهر جي دوما جي ڪميسارن جي پويان، اسمولني جا ڪميسار روءِ زمين جي اڌ کي ماپي رهيا هئا ۽ پروپيگنڊہ سان لَڏيل ٻہ هوائي جهاز محاذ طرف اُڏامندا پي ويا.

پر انقلاب جون لهرون، روس ۾ ڪنهن ٻہ انساني عملي کان وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان پکڙجنديون پي ويون. هيلسنگفورس سوويت حمايت جون قراردادون پاس ڪيون. ڪيئف جي بالشويڪن هٿيار خانن ۽ تار گهرن تي قبضا ڪري ورتا. پر اُتي ڪزاڪن جي ڪانگريس ٿي رهي هئي، جنهن جي نمائندن کين ڏڪي ٻاهر ڪڍيو. ڪازان ۾ هڪ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ مقامي گيريزن جي آفيسرن ۽ ڪميسارن کي گرفتار ڪري ورتو.

سائبيريا ۾ 'ڪزاسنويارسڪ' جهڙن ڏورانهن هنڌن تان خبرون آيون تہ ميونسپل جي ادارن تي سوويتن جو قبضو آهي. ماسڪو ۾، جتي هڪ پاسي چمڙي جي ڪارڪنن جي هڙتال ۽ پي پاسي عام تالا بنديءَ جي ڏڙڪي صورتحال کي خراب ڪري ڇڏيو هو. سوويتن جي اڪثريت پنهنجي ووٽ ذريعي پيٽروگراد جي بالشويڪن جي قدمن جي حمايت ڪرڻ جي لاءِ چيو هو. هڪ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو.

هر هنڌ هڪ ئي شئي ٿي رهي هئي، عام سپاهي ۽ صنعتي مزدور وڏي اڪثريت سان سوويتن جي حمايت ڪري رهيا هئا. جڏهن تہ آفيسر، يونڪر ۽ وچيون طبقو عام طور تي عارضي حڪومت سان گڏ هئا. انهن ۾ بورزوا، ڪاديت ۽ اعتدال پسند سوشلسٽ پارٽيون ٻہ شامل هيون. انهن

سيني شهرن ۾ ملڪ ۾انقلاب جي چوٽڪاري واري ڪميٽي ۽ وجود ۾ اچي چڪي هئي ۽ پاڻ کي گهرو لڙائي لاءِ هٿيار بند ڪرڻ لڳي هئي.

وشال روس محلول جي حالت ۾ هو. اهو عمل 1905ع ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو. مارچ جي انقلاب اُن کي ٿورو ايڏو ۽ تيز ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ قسم جي اڳ ڪٿي کي جنم ڏيئي پراٽي حڪمراني جي ڪوکلي ڏانچي کي برقرار رکي ختم ٿي ويو هو. پر هاڻ بالشويڪن هڪ ئي رات ۾ ان کي ٽوڪ ڏيئي هوا ۾ اُڏائي ڇڏيو هو. پراٽو روس ختم ٿي چڪو هو. انساني سماج پنهنجي شروعاتي گرميءَ سان لاوي جيان هري رهيو هو ۽ اُلائن جي موجن جيان سمنڊ مان بي رحم طبقاتي جدوجهد اُپري رهي هئي. ۽ نون سيارن جو نازڪ ۽ هوريان هوريان ٽڏو ٽيندڙ مٽاهون غلاف وجود ۾ اچي رهيو هو.

پيٽروگراڊ ۾ سورهن وزارتن ۾ هڙتال هئي، جن ۾ محنت واري وزارت ۽ وزارت رسد ۽ شامل هيون. آگسٽ[1] واري ڪُل سوشلسٽ حڪومت بس اهي ئي ۽ وزارتون قائم ڪيون هيون.

ماٺهو جيڪڏهن، ڪڏهن بي يارو مددگار ٿيا آهن تہ ان سُرمئي سرد صبح جو "مُٺ جيترا بالشويڪ" بي يارو مددگار هئا ۽ مٿن هر قسم جا طوفان چانيل هئا. پٽ کي پنهنجي پويان ڪري فوجي انقلابي ڪميٽيءَ وار ڪيو. پنهنجي جيايي جي خاطر، "همت ڪريو مڙسي ڪريو. سدائين همت کان ڪم وٺو." صبح جو پنجين بجي سرخ گارڊ شهري حڪومت جي چاپي خاني ۾ گهڙي ويا ۽ هنن دوما جي اپيل ۽ احتجاج جي لاءِ ڏنل سڏ جون چپيل هزارين ڪاپيون ضبط ڪري ورتيون ۽ سرڪاري ميونسپل جي ترجمان "ميونسپل بليٽن" کي بند ڪري ڇڏيو. سيني بورزوا اخبارن کي پريسن تان ئي چڪي لاٿو ويو. ايتريقدر جو پراٽي "تسي اي کا" جي رسالي "گولس سلداتا" (سپاهيءَ جو سڏ) کي بہ چڪي رکيو. پر اهو "سلدا رسڪي گولس" (سپاهاٽون آواز) جي نالي سان هڪ لک ڪاپين جي صورت ۾ چپيو. سو بہ سخت ڪاوڙ ۾ نانگ وانگر ٽوڪون ڏيندو. "جن ماٺهن رات جي وڳڙي ۾ پنهنجي غداريءَ جو وار ڪيو آهي، جن اخبارن کي بند ڪيو آهي، اهي ملڪ کي گهٽي دير اڳ جاڳائيءَ جي حالت ۾ رکي نہ

---

[1] اها حڪومت منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين تي ٻڌل هئي.

سگھندا. ملڪ کي سچائيءَ جي خبر پئجي ويندي بالشويڪو..... هو اوهانجي اصليت کي سمجهي وٺندا. اسين ڏسنداسين".

اسين منجهند کان ٿورو پوءِ 'نيوسڪي' تي هلندا اڳيان وڌياسين تہ دوما جي عمارت جي سامهون واري سڙڪ ماٿهن سان ڀري پيئي هئي. اتي سرخ گارڊ جا سپاهي ۽ جهازي رائفلن تي سنگينون چاڙهي بيٺا هئا. هر ڪنهن کي لڳ ڀڳ هڪ سئو مرد، عورتون، ڪلارڪ، شاگرد، دڪاندار ۽ آفيسر گهيريو بيٺا هئا ۽ مٿن مُڪون تاٽي گار جي ناڙي لايو بيٺا هئا ۽ ڌمڪيون ڏيئي رهيا هئا. ڊاڪٽين تي بواءِ اسڪائوٽ ۽ آفيسر "سلداتسڪي گولس" جون ڪاپيون ورهائي رهيا هئا. هڪ مزدور پنهنجي ٻانهن تي ٻڌل پٽي ٻڌي، هٿ ۾ ريوالور جهلي ڊاڪٽ وٽ ئي ڪاوڙيل ماٿهن جي وچ ۾ بيٺو ڪاوڙ ۾ بوکلاهٽ سبب ڏڪي رهيو هو ۽ مطالبو ڪري رهيو هو تہ اخبارون سندس حوالي ڪيون وڃن. منهنجي خيال ۾ تہ تاريخ ۾ ان قسم جي شئي ڪڏهن بہ نہ ٿي هئي. هڪ طرف مُٺ جيترا مزدور ۽ عام سپاهي هٿن ۾ هٿيار رکيو هڪ سوياري بغاوت جي نمائندگي ڪندي، ۽ بلڪل هَڇيل حالت ۾ هئا ۽ ٻي پاسي هڪ جنوني ميڙ هو جنهن ۾ ان قسم جا ماٿهون هئا، جيڪي ٻنهپرن جو 'ففٿ ايوينيو' جي فوٽ پاٿن تي گاريون ڏيندا، مذاق اُڏائيندا، غدار ۽ چڙ ڏيارينڊ نعرا هٽندي نظر ايندا هئا.

دروازن تي شاگردن ۽ آفيسرن جو پهرو هو جن جي ٻانهن تي اڇيون پٽيون ٻڌل هيون، جن تي ڳاڙهن اکرن ۾ "تحفظ عامہ ڪميٽي جي مليشيا" لکيل هو. ۽ اڌ درجن بواءِ اسڪائوٽ اچي ۽ وڃي رهيا هئا. مٿي وڏو هُل متل هو. ڪپتان "گوميرگ" ڊاڪٽين تان هيٺ لهي رهيو هو. هن چيو "دوما کي ٽوڙڻ جي لاءِ پيا وڃن. هن مهل بالشويڪ ڪميسار ميئر وٽ آهن." اسين جڏهن مٿي پهتاسين تہ ريازانوف تيزيءَ سان ٻاهر نڪتو هو اها گهر ڪرڻ آيو هو تہ دوما، عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل کي تسليم ڪري، پر ميئر صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو.

آفيسن ۾ زور زور سان ڳالهيون ڪندڙن جو ميڙو متو پيو هو ۽ جيڪي تيزيءَ سان اڇ وچ ڪندي، زور زور سان ڳالهائيندي، هٿن سان اشارا ڪري رهيا هئا. سرڪاري آفيسر، دانشور، اخبار نويس، پرڏيهي خاطي فرانسيسي ۽ برطانوي آفيسرن، شهر جي انجنيئرن سوياري انداز ۾ انهن ڏانهن اشارو

کيو ۽ وضاحت ڪئي تہ "سفارت خانا ايڏا بہ دوما کي واحد اقتداري ڌر تسليم ڪن ٿا، انهن بالشويڪ ڦورن ۽ قاتلن جي لاءِ اهو فقط ڪجهہ ڪلاڪن جو سوال آهي. سڄو روس اسان سان گڏجي رهيو آهي."

اليڪساندر هال ۾ "چوٽڪاري واري ڪميٽي" جي هڪ وڏي گڏجاڻي ٿي رهي هئي، جنهن جي صدارت فليپونسڪي ڪري رهيو هو ۽ اسڪوبليف ڊائس تي بيٺو زوردار تاڙين جي گونج ۾ ڪميٽيءَ سان نون الحاقن جون رپورٽون ڏيئي رهيو هو. هارين جي سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽي، پراڻي 'تسي اي ڪا'، مرڪزي فوجي ڪميٽي، تسنتروفلوت، سوويتن جي ڪانگريس مان منشويڪ، سوشلسٽ انقلابي محاذ جي جماعتن جي نمائندن، منشويڪ، سوشلسٽ انقلابي، عوام دوست سوشلسٽ پارٽين جون مرڪزي ڪميٽيون، يدنستوهہ جماعت، هارين جي يونين، ڪوآپريٽو زيمستوهہ، ميونسپاليٽيون، ٽپال ۽ ٽيلي گراف جي يونين، ويڪزيل، روسي جمهوريہ جي ڪائونسل، يونينن جي يونين، سوداگرن ۽ صنعت ڪارن جي انجمن.

"سوويتن جو اقتدار ڪو جمهوري اقتدار ڪونهي، پر اها هڪ ڊڪٽيٽرشپ آهي ۽ اها پرولتاريہ جي ڊڪٽيٽرشپ نہ پر پرولتاريہ جي خلاف آهي. انهن سيني ماڻهن کي،جن کي انقلابي جوش جو احساس آهي، هاڻ انقلاب جي بچاءَ لاءِ گڏجي ويڙهہ گهرجي.

"اڄ جو مسئلو رڳو اهو ڪونهي تہ لفاظي ڪندڙن کي بي ضرر بنايو وڃي، پر انقلاب دشمنيءَ جي خلاف بہ وڙهڻو آهي. جيڪڏهن اهي افواهہ درست آهن تہ صوبن ۾ ڪي جنرل واقعن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن تہ جيئن پين ارادن سان پيٽروگراڊ تي چڙهائي ڪري سگهن، تہ اِهو اُن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ جمهوري حڪومت جي لاءِ هڪ نوس بنياد قائم ڪرڻ گهرجي، نہ تہ ڪاپي ڌر پاران تڪليف ڪانپوءِ، ساڄي ڌر پاران ڏکيائين کي منهن ڏيڻون پوندو.

"جڏهن "گولس سلداتا" "خريد ڪندڙ شهرين ۽ "ربوچايا گزيتا" وڪرو ڪندڙ ڇوڪرن کي رستن تان گرفتار ڪيو وڃي ٿو تہ پيٽروگراڊ جي گيريزن لا تعلق رهي نٿي سگهي. هاڻ نهرائن جو وقت گذري چڪو آهي. جن ماڻهن کي انقلاب تي پروسو ڪونهي، تن کي برطرف ٿي وڃڻ گهرجي.

هڪ گڏيل اقتدار قائم ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته اسين انقلاب جي وقار کي ٻيهر بحال ڪريون..... اچو ته عهد ڪريون ته يا ته انقلاب کي بچائيندا سين يا وري اسين مَڃجي ويندا سين."

سڄو هال اُٿي بيٺو ۽ زور زور سان تاڙيون وڄائڻ لڳو. پر انهن ۾ ڪو هڪ به پرولتاري نظر نٿي آيو.

پوءِ وائنشتائن تقرير ڪئي.

"اسانکي پُرسڪون رهڻ گهرجي ۽ ان مهل تائين ڪوبه قدم نه کڻڻ گهرجي. جيستائين عام راءِ "چوٽڪاري واري ڪميٽي" جي حمايت ۾ محڪم طريقي سان گڏ ٿي نٿي وڃي. تڏهن ئي اسين دفاعي حالت مان قدم کڻي سگهون ٿا".

ويڪزيل جي نمائندي اعلان ڪيو ته سندس تنظيم هڪ نئين حڪومت جي جوڙجڪ ۾ اڳيرائي ڪري رهي آهي ۽ ان سلسلي ۾ سندن نمائندا 'اسمولني' سان ڳالهيون ٻُهاڙيون ڪري رهيا آهن. جنهن تي گرما گرم بحث شروع ٿي ويو ته نئين حڪومت ۾ بالشويڪن کي شامل ڪيو وڃي يا نه؟ مارتوف کين شامل ڪرڻ جي وڪالت ڪئي. هن چيو "ڇا به هجي، پر هو هڪ اهم سياسي پارٽي جي نمائندگي ڪن ٿا."

جنهن تي مختلف رايا ڏنا ويا. ڪاپي ڏر جا منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي، عوام دوست سوشلسٽ، ڪو آپريٽو ۽ بورزوا عنصر انهن جي سخت خلاف هئا.

هڪ مقرر چيو "انهن روس سان دوکو ڪيو آهي. هنن گهرو ويڙهه شروع ڪئي آهي ۽ جرمنن جي لاءِ محاذ کوليو آهي. بالشويڪن کي بي رحمي سان چٽي ڇڏڻ گهرجي."

اسڪوبليف ان ڳالهه جي حق ۾ هو ته "بالشويڪن ۽ ڪاديٽن، بنهي کي ڏار رکيو وڃي."

اسين هڪ نوجوان سوشلسٽ انقلابيءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين، جيڪو اُن رات بالشويڪن سان گڏ ان جمهوري ڪائونسل مان واڪ آئوٽ ڪري ويو هو جڏهن "تسيري تيلي" ۽ بين سمجهوتي بازن روس جي جمهوريت تي زبردستي اتحاد مڙهي ڇڏيو هو.

مون کانئس پڇيو "تون هتي؟"

هن جي اکين مان اُلا نکرڻ لڳا ۽ رڙ ڪري چيائين. "آئون اڳاري واري رات پارٽيءَ سان گڏ ڪانگريس مان نڪري آيو هوس. مون ويهه سال، بلڪ ان کان به وڌيڪ وقت تائين ان ڪري پنهنجي زندگي خطري ۾ نه وڌي هئي ته هاڻ بي ايمان ماڻهن جي ظلمن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيان. هنن جا طريقا سهپ جوڳا نه آهن. هنن هارين کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن هارين ڪجهه ڪرڻ شروع ڪيو ته هنن جي ختم ٿيڻ ۾ ڪي گهڙيون ئي مس لڳنديون...."

"پر هاري... ڇا هو ڪجهه ڪندا؟ ڇا زمين جي فرمان هارين جي مسئلي کي نبيري نه ڇڏيو آهي؟ کين پلا ٻيو ڇا گهرجي؟"

هن ڪاوڙ مان چيو "اڙي! زمين جي فرمان ۾ ڇا آهي؟ هاڻو توکي خبر آهي ته زمين جو اهو فرمان ڇا آهي؟ اهو اسانجو فرمان آهي. اهو سڄي جو سڄو سوشلسٽ انقلابي پروگرام آهي. منهنجي پارٽيءَ هارين جي خواهش کي سامهون رکندي نهايت احتياط سان اها پاليسي مرتب ڪئي هئي. وڏي شرم جي ڳالهه چئبي."

"پر جيڪڏهن اها اوهانجي ئي پاليسي آهي ته پوءِ تون اعتراض ڇو ٿو وارين؟ جيڪڏهن اهي هارين جون خواهشون آهن ته پوءِ هو انهن جي مخالفت ڇو ڪندا؟"

"تون نٿو سمجهين، توکي ڪهڙي خبر ته هارين کي جلد ئي ان ڳالهه جو احساس ٿي ويندو ته اهو سڀ ڪجهه وڏي ڪيڏ آهي. ته هنن غاصبن سوشلسٽ انقلابي پروگرام چوري ڪري ورتو آهي؟"

مون پڇيو "ڇا اهو سچ آهي ته ڪالهه اُتر طرف مارچ ٻيو ڪري؟"

هُن ڪنڌ ڏو٪ي هائو ڪار ڪئي ۽ هڪ قسم جي تلخ اطمينان سان پنهنجا هٿ مهٽڻ لڳو "هائو ڏس ته سهي. انهن بالشويڪن ڇا ڪري ڇڏيو آهي؟ هنن اسانجي خلاف انقلاب دشمنيءَ کي پڙڪايو آهي. انقلاب ختم ٿي ويو. انقلاب ختم ٿي ويو."

"پر ڇا تون انقلاب جو بچاءُ نه ڪندين؟"

"پڪ سان ڪنداسين.... اسين پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين انقلاب جو بچاءُ ڪنداسين. پر بالشويڪن سان ڪنهن به قسم جو سهڪار نه ڪنداسين...."

"پر جيڪڏهن ڪاليدن پيٽروگراڊ اچي ٿو وڃي ۽ بالشويڪ ان شهر جو بچاءُ ڪن ٿا ته ڇا تون انهن سان گڏ نه ٿيندين؟"

"نه بلڪل نه! اسين شهر جو بچاءُ ڪنداسين، پر اسين بالشويڪن جي حمايت نه ڪنداسين. ڪاليدن انقلاب جو دشمن آهي ته بالشويڪ به انقلاب جا سڄڻ ڪونهن".

"تون ڪنهن کي ترجيح ڏيندين ڪاليدن کي يا بالشويڪن کي؟"

هو بي صبريءَ مان چوڻ لڳو "اهو بحث ڪرڻ جو سوال ڪونهي. آئون توکي چوان پيو ته انقلاب ختم ٿي چڪو آهي ۽ ان ۾ سڄو ڏوهه بالشويڪن جو آهي. پر ٻڌ! اسين ان قسم جي شين تي ڇو ڳالهايون؟ ڪيرنسڪي اچي پيو. پرهينءَ اسين اڳيان وڌي حملو ڪنداسين. هن مهل به اسمولني نمائندا موڪليا آهن، ۽ اسانکي هڪ نئين حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏني آهي. پر هاڻ اسين سندن جار ۾ نه ڦاسنداسين. هو بلڪل بي وس آهن. اسين ساٿن سهڪار نه ڪنداسين".

ٻاهر گولي ڇٽڻ جي آواز تي اسين ڊوڙي درين وٽ پهتاسين. سرخ گارڊس جي هڪ جوان نيٽ ميڙ جي طعنن کان تنگ ٿي گولي هلائي ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري جي ٻانهن زخمجي پيئي. اسان ڏٺو ته ڪيس گاڏيءَ ۾ وڌو ويو. آسپاس هڪ پرجوش ميڙ هو جنهن جي هُل جو آواز اسانجي ڪنن سان ٽڪرائجي رهيو هو. ايتري ۾ اسان ڏٺو ته اوچتو 'ميخائلوفسڪي پراسپيڪٽ' جي موڙ وٽ هڪ بڪتربند گاڏي ڪٽان اچي نڪتي. جنهن تي ڪُتل توپون هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيون هيون. ميڙ ۾ هڪدم ڀاڄ پئجي ويئي، جيئن پيٽروگراڊ ۾ ماڻهن ۾ ڀاڄ پوندي آهي. هڪبئي جي مٿان ڪرندا، ٽاپڙجندا، رستي تي بي حس و حرڪت ليٽيل، نالين ۾ هڪبئي جي مٿان ستڻا ويا. ٽيلي فون جي ٽنبن جي اوٽ ۾ بينل موٽر گاڏي دوما جي ڏاڪڻين تائين آئي ۽ ان جي دريءَ مان هڪ همراهه ڪنڌ ٻاهر ڪڍي چيو ته "سلداتسڪي گولس" سندس حوالي ڪئي وڃي. بواءِ اسڪائوٽ سندس مذاق اُڏائيندا، ڊوڙندا عمارت ۾ گهڙي ويا. ٿوري دير ڪانپوءِ موٽر گاڏي بي دليءَ سان مُڙي ۽ نيوسڪي ڏانهن هلي ويئي. پوءِ سوين مردن پنهنجو پاڻ کي اُتاريو ۽ پنهنجا ڪپڙا چنڊڻ لڳا.

اندر همراهه "سلداتسڪي گولس" جا بنڊل ڪنيو بوڪلاهٽ ۾ انهن ڪي ڏڪائڻ جي لاءِ ڇڏندا وتيا.

هڪ اخبار نويس اخبار لهرائيندو ڊوڙندو ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ رڙ ڪري چيائين. "هيءَ ڪراسنوف جو هڪ اعلان آهي" سپ ماٺهو هن جي چوڌاري مڙي آيا. "هن کي ڇپرايو. جلدي ڇپرايو ۽ هڪدم بارڪن ۾ پهچايو!"

"اعليٰ ڪمانڊر جي حڪم سان مونکي پيٽروگراڊ ۾ گڏ ٽيل فوج جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو آهي. "

"شهريو سپاهيو دون جا، ڪوبان جا، ماورا ۽ بيڪال جا، آمور جا ۽ يني سيئي جا جانباز ڪزاڪو! اوهين سپ جيڪي پنهنجي حلف تي قائم آهيو تن سيني کي منهنجي اپيل آهي ته اوهان پنهنجي ڪزاڪ وطن جي لڄ رکڻ جو قسم کنيو آهي. تن سيني کي آئون پيٽروگراڊ کي انتشار ڏڪار ظلم کان بچائڻ ۽ روس کي ان شرم کان بچائڻ جي اپيل ٿو ڪريان، جيڪي ڪجهه مُٺ جيترا اڻ ڄاڻ ماٺهو اسان تي ٽاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جن کي 'ويلهلم' جي سون جي عيوض خريد ڪيو ويو آهي.

"جنهن عارضي حڪومت سان اوهان وفادار رهڻ جو مارچ جي عظيم ڏينهن ۾ قسم کنيو هو بر طرف نه ٿي آهي، پر ان کي زوري تشدد جي ذريعي اُن عمارت مان ڪڍيو ويو آهي، جتي اها پنهنجون گڏجاڻيون ڪندي هئي. پر هاڻ حڪومت، محاذ جي انهن فوجين طرف اچي رهي آهي، جيڪي پنهنجي فرض سان وفادار آهن".

"ڪزاڪن جي ڪائونسل، سيني ڪزاڪن کي پنهنجي ڪمان هيٺ متحد ڪري ورتو آهي ۽ هنن پنهنجي صفن جي بلند حوصلن جي سگهه سان ۽ روسي عوام جي مرضيءَ موجب عمل ڪندي ملڪ جي ساڻئي نموني خدمت ڪرڻ جو حلف کنيو آهي. جيئن سندن وڏڙن 1612ع جي ڏکين ڏينهن ۾ خدمت سرانجام ڏني هئي. جڏهن دون جي ڪزاڪن ماسڪو کي آزاد ڪرايو هو. جنهن لاءِ سويڊن، پولينڊ ۽ لٿوانيا وارن خطرو پيدا ڪري ڇڏيو هو. اوهانجي حڪومت ايا ۾ موجود آهي.

"باقاعده فوج انهن ڏوهارين کي ڪراهت ۽ حقارت سان ٿي ڏسي. انهن جي ڦر لٽ ۽ رتو ڇاڻ جي قدمن. انهن جي ڏوهن. مفتوح ڪيل پر

ڪڏهن بہ نہ جھڪندڙ ماڻهن سان انهن جي زيادتين، ڪين سڃي روس ۾ ڏڻو ڪري ڇڏيو آهي.

"شهريو سپاهيو پيٽروگراد جي گيريزن جا جانباز ڪزاڪو! مون وٽ پنهنجا نمائندا موڪليو تہ جيئن اوهين جاڻي سگهو تہ پنهنجي ملڪ جا غدار ڪير آهن ۽ ڪير ڪونهن. تہ جيئن بي ڏوهي ماڻهن کي رتو چاڙ ڪان بچائي سگهجي."

بلڪل ان ئي گهڙيءَ هڪ گروهہ کان ٻي گروهہ تائين اها خبر پهچڻ لڳي تہ عمارت کي ريڊگارڊن گهيري ۾ ونيو لاتو آهي. ان مهل هڪ آفيسر اندر گهڙيو. جنهن جي ٻانهن تي ڳاڙهي پٽي ٻڌل هئي ۽ هن ميئر سان ملڻ تي زور پريو. ڪجهہ گهڙين کانپوءِ هو موٽي ويو تہ پوڙهو شرائدر ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٽيندو پنهنجي آفيس مان ٻاهر نڪتو ۽ زور سان چوڻ لڳو "دوما جي خاص گڏجاڻي هڪدم!"

وڏي هال ۾ ڪاروائي روڪي ويئي. "دوما جا سيئي ميمبر هڪ اهم گڏجاڻي جي سلسلي ۾ گڏ ٿين".

"ڇا ڳالهہ آهي؟"

بوکلاهٽ ۾ تبصرا ٻڌڻ ۾ آيا تہ. "مونکي خبر ڪونهي.. اسان کي گرفتار ڪرڻ پيا وڃن. دوما کي ٽوڙڻ پيا وڃن. ميمبرن کي دروازي تي ئي گرفتار پيا ڪن."

نڪو لائي هال ۾ ٻيهڻ لاءِ جڳهہ جي هڪ ٻاڙي بہ نہ هئي. ميئر اعلان ڪيو تہ سيني دروازن تي فوجون بيٺيون آهن. ڪنهن جي اندر گهڙڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ جي منع آهي. هڪ ڪميسار گرفتاري ۽ دوما کي ٽوڙڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. ميمبرن پاران جذباتي تقريرن جي ٻوڏ اچي ويئي ۽ گئلرين بہ انهن جي آوازن سان پنهنجو آواز گڏيو. تہ آزاداڻي نموني چونڊيل شهري حڪومت کي ڪابہ طاقت ٽوڙي نٿي سگهي. ميئر جي ۽ سيني ميمبرن جي ذات احترام جوڳي آهي. ظالمن، انتشار پکيڙيندڙن ۽ جرمن چاڙتن کي ڪڏهن بہ تسليم نہ ڪرڻ گهرجي. باقي رهي ڳالهہ ٽوڙڻ جي تہ پلي ڪوشش ڪري ڏسن. هوءَ اسان جي لاشن کي ئي هن ايوان مان گرفتار ڪري سگهندا. جتي اسين قديم رومن سينيٽرن جيان وقار سان گوٽن جي اچڻ جو اوسيڙو ڪري رهيا آهيون.

ٿهراءُ منظور ڪيو ويو ته روس جي سينيي دومائن ۾ زيمستوٽن ڪي تار جي ذريعي اطلاع ڏنو وڃي. اهو به ٿهراءُ منظور ڪيو ويو ته ميئر يا دوما جي صدر جي لاءِ اهو ناممڪن آهي ته هو فوجي انقلابي ڪميٽي يا هٿ ٿوڪي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي نمائندن سان ڪنهن به قسم جو لڳ لاڳاپو قائم ڪري. اهو ٿهراءُ به پاس ڪيو ويو ته پيٽروگراد جي آبادي جي نالي هڪ ٻي اپيل جاري ڪئي وڃي، جنهن ۾ ڪين چيو وڃي ته هو پنهنجي شهر جي چونڊيل حڪومت جي بچاءُ لاءِ اُٿي ڪڙا ٽين. اهو به طئي ٿيو ته اجلاس مستقل طور تي جاري رهندو.

ان وچ ۾ هڪ ميمبر اهو اطلاع ڪڍي آيو ته هن اسمولني ٽيلي فون ڪئي هئي ۽ اهو به ٻڌايو ته فوجي انقلابي ڪميٽيءَ چيو آهي ته هن دوما جي گهيري کي جو ڪوبه حڪم نه ڏنو آهي. ۽ اهو به ته فوجون هٽايون ويندیون.

اسين جيئن ئي هيٺ لٿاسين ته مکيه دروازي مان ريازانوف ڊوڙندو آيو هو ڏاڍو گهبرايل هو. مون پڇيس ته "ڇا اوهين دوما کي ٽوڙي پيا وڃو؟"

هن وراڻيو "نه هرگز نه. اهو سڀ غلطيءَ وچان ٿيو آهي. مون اڄ ئي صبح جو ميئر کي چيو هو ته دوما کي سندس حال تي ڇڏيو ويندو."

ٻاهر نيوسڪي ۾ گهري ڏنڊلکي ۾ سائيڪل سوارن جي ڊگهي قطار اچي پهتي. انهن جي ڪلهن ۾ بندوقون لڙڪي رهيون هيون. هو بينا ته ماٿهن جو ميڙ سري انهن جو ويجهو ٿيو ۽ مٿن سوالن پويان سوال ڪرڻ لڳو.

"اوهين ڪير آهيو ۽ ڪٿان پيا اچو؟" هڪ پوڙهي ٽلهي شخص پُڇيو. جنهن جي وات ۾ سگار ڏبيل هو.

"ٻارهين فوج، محاذ تان. اسين يعني بورزوازين جي خلاف سوويتن جي مدد ڪرڻ آيا آهيون."

ڪاوڙيل آواز اُپريو "اڇا! بالشويڪ فوجي بالشويڪ ڪزاڪ!"

چمڙي جو ڪوٽ پاتل هڪ ننڍي قد جو آفيسر ڏاڪڻين تان ڊوڙندو لٿو. هن منهنجي ڪُن ۾ ٽپڪات ڪيو. "گيريزن پنهنجو رخ بدلائي رهي آهي. هاڻ بالشويڪن جو ڇاڻ خاتمو ٿيو. ڏسڻ چاهين ٿو ته اڇا" هو ٽپا ڏيندو ميخائيلو فسڪي ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ اسين به سندس پويان وڃڻ لڳاسين.

"هيءَ ڪهڙي ريجمينٽ آهي؟"

"برونيويڪي... هتي واقعي بہ سخت گڙبڙ هئي. برونيويڪي يعني بکتربند موٽر گاڏين جي فوج صورتحال جي چاپي هئي. جنهن جي پاسي "برونيويڪي" هجي، شهر ان جي قابو ۾ هوندو. "چوٽڪاري واري ڪميٽي" ۽ دوما جا ڪميسار اُنهن سان ڳالهائي رهيا هئا. فيصلو ڪرڻ جي لاءِ هڪ گڏجاڻي ٿي رهي هئي."

"ڪهڙو فيصلو ڪرڻ جي لاءِ تہ هو ڪنهن جي حمايت ڪندا؟"

"اڙي نا! ان طريقي سان نہ ڪيو ويندو آهي. هو ڪڏهن بہ بالشويڪن جي خلاف نہ وڙهندا. هو اڳ ڏريو رهڻ جي لاءِ ووٽ ڪندا، ۽ پوءِ يونڪر ڪزاڪ..."

ميخائيلو فسڪي اسڪول جي ڇاڪ جا ٻيئي طاق کليا پيا هئا. ٻن سنترين اسانکي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسين سندن سوالن جو ابن کي ٻڌو اڳ ٻڌو ڪري تيزيءَ سان اندر گهڙي وياسين. اندر هڪ هلڪي هلڪي آرڪ لائٽ ٻري رهي هئي. بي انتها وڏي هال جي ڇت وٽ، ايترو مٿي جو هال جا ديواري ٽنيا ۽ درين جون قطارون اوندهہ ۾ گم ٿي ويون هيون. ڇتي ڏسائن بکتربند موٽر گاڏين جون راکاس جهڙيون شڪليون ٻيٺيون هيون. انهن مان هڪ روشنيءَ جي هينان اکيلي ٻيٺي آهي ۽ ان جي چوڌاري ٻہ هزار کن ميرا ۽ ٻيوت ٽيل سپاهي گڏ ٽيل هئا. جيڪي ان وڏي عمارت جي وقار ۾ ڪوئجي ويا هئا. هڪ ڏزن جي لڳ ڀڳ ماڻهو آفيسر، سپاهين جي ڪميٽين جا صدر ۽ مقرر گاڏي جي ڇت تي گڏ ٽيل هئا ۽ مرڪزي جاءِ تي هڪ فوجي تقرير ڪري رهيو هو. اهو خانزونوف هو جيڪو گذريل گرمين ۾ "برونيويڪي" جي ڪُل روس ڪانگريس جو صدر هو. ڪيس چمڙي جو ڪوٽ پاتل ۽ ڪلهن تي ليفٽيننٽ جو پٽيون لڳل هيون. هو پنهنجي موڪري ڇاتي ۽ سهڻي قد سان وڏي وضاحت سان اڳ ڏريو رهڻ جي وڪالت ڪري رهيو هو. هن چيو "روسين جي لاءِ اها ڏاڍي خراب ڳالهہ آهي تہ هو پنهنجي روسي ڀائرن کي قتل ڪن. سپاهين جي وچ ۾ گهرو لڙائي نہ ٽيڻ گهرجي. جيڪي زار جي مقابلي ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ٻيٺا آهن ۽ ٻاهرين دشمنن تي اهڙين لڙاين ۾ سوپارا ٿي چڪا آهن، جيڪي تاريخ ۾ سدائين يادگار رهنديون. اسان سپاهين کي سياسي پارٽين جي انهن جهيڙن سان ڪهڙو واسطو آئون اوهانکي اهو تہ نہ چوندس تہ

عارضي حڪومت هڪ جمهوري حڪومت هئي، پر اسين بوروازين سان ڪوبہ اتحاد نٿا چاهيون. بلڪل نہ. پر پاڻ وٽ گڏيل جمهوريت جي حڪومت هئڻ گهرجي، نہ تہ روس ختم ٿي ويندو. ان قسم جي حڪومت هوندي تہ ان ڀالهہ جي ڪابہ گهرج نہ پوندي تہ گهرو ويڙهہ ٿئي ۽ هڪ پاءُ ٻي پاءُ کي قتل ڪري"

ڀالهہ تہ مناسب پي لڳي. تاڻين ۽ هوڪرن جي هُل سبب هال ٻُرائجي اُٿيو. هڪ سپاهي مٿي چڙهي آيو. هن جو منهن اڇو ۽ سخت هو. هن رڙ ڪري چيو "ساٿيو! آئون رومانيائي محاذ تان موٽيو آهيان تہ جيئن اوهان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان. امن ٽيڙ ضروري آهي. هڪدم امن! اسانکي جيڪو بہ امن ڏيندو پوءِ پلي اهو بالشويڪ هجي يا اها نئين حڪومت، اسين ان سان گڏ هونداسين. امن! هاڻ اسين گهٽي دير وڙهي نٿا سگهون. اسين نہ جرمنن سان وڙهي سگهون ٿا ۽ نہ روسين سان...." اهو چئي هو هيٺ لهي آيو. ۽ ان ميڙ ۾ هڪ قسم جو پريشان ڪندڙ ۽ درد پريل آواز اُپريو جيڪو جيئن ئي ٻي مقرر هڪ منشويڪ "ابارونتس" اهو چوڻ جي ڪوشش ڪئي تہ 'جنگ ان وقت تائين جاري رهڻ گهرجي جيستائين اتحادي سوياراً نٿا ٿين'، ڇڙ ڪا ڪاوڙ مان پريل شئي ڦاٽي پئي.

هڪ ڪرخت آواز رڙ ڪري چيو "تون تہ ڪيرنسڪيءَ جهڙيون ڀالهيون پيو ڪرينءَ." دوما جي هڪ نمائندي "اڻ ڏريو" رهڻ جي اپيل ڪئي. ماٺهن هن جي ڀالهہ تہ ٻُڌي، پر بي چينيءَ مان پُڙ پُڙ ڪندي اهو محسوس ڪرڻ لڳا تہ هو منجهائن ڪونهي. مون ماٺهن کي سمجهڻ ۽ فيصلو ڪرڻ جي ايتري سخت ڪوشش اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪندي نہ ڏٺو هو. هو پنهنجي جاءِ تان تر جيترو بہ نٽي 'چريا ۽ هر ڀالهائيندڙ مقرر کي هڪ پيانڪ قوت ارادي‌ءَ سان تڪيندا ٿي رهيا. فڪرمنديءَ سبب، هنن جا پيرون تاٽيل هئا ۽ هنن جي نرڙن تي پگهر جا ڦڙا هئا. راڪاس جهڙن قدن ٻُتن وارا ماٺهون، جن جون اکيون ٻارن جيان صاف ۽ معصوم مهانڊا، زمين جي سورهيہ سپاهين جهڙا هئا.

هاڻ هڪ بالشويڪ تقرير ڪري رهيو هو هُنن جو پنهنجو ماٺهون. پرجوش ۽ نفرت سان پريل. ڪيس، هُنن ٻين کان وڌيڪ پسند نہ ڪيو ان وقت هو اهڙي مزاجي ڪيفيت ۾ نہ هئا. ان مهل هو عام فڪر جي ڪنل پينل

انداز کان مٿانهان ٿي چڪا هئا، ۽ روس جي پئماني ٿي، سوشلزم ۽ دنيا جي پئماني تي سوچي رهيا هئا. جڏ انهن سيني جو دارومدار اُن تي هجي ته انقلاب کي جيئرو رهڻون آهي يا مرڻون آهي.

هڪڙئي جي پويان مقرر ايندا ويا. سخت ڏهاءُ واري مائار ۾ مباحثو ڪندا رهيا. ڪنهن مهل تائيد جو هُل ٿي ٿيو ته ڪنهن مهل ڪاوڙ جو. اسانکي نڪرڻ گهرجي يا نه؟ خانزوف ٻيهر سمجهائڻ ۽ همدرديءَ واري انداز ۾ تقرير ڪئي. پر هو پلي ڪيترو به امن جي ڳالهه ڪري، پر ڇا هو هڪ "ابارورنتس" آفيسر نه هو؟ پوءِ 'واسيلي اوستروف' جو هڪ مزدور آيو. هن جو آڌرياءُ اُن سوال سان ڪيو ويو ته "مزدور ياءُ! ڇا تون اسان کي امن ڏيڻ وارو آهين؟" اسان سان گڏ بيئل ڪجهه همراهن، جن ۾ ڪيترائي آفيسر هئا، غير جانبداريءَ جي تلقين ڪندڙن جي لاءِ تاڙيون وڄائڻ واسطي هڪ ٽولي ڪٽي ٺاهي هئي. هو هوڪرا ڪندا رهيا، "خانزوف! خانزوف!" ۽ جنهن مهل بالشويڪ تقرير ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته انهن چٽرون ڪندي، سيٽيون وڄائڻ ٿي شروع ڪيون.

اوچتو گاڏيءَ جي چت تي ڪميٽيءَ وارن ۽ آفيسرن جي وچ ۾ گرماگرمي ۽ هٽن کي اُڇلائي اُڇلائي ڪنهن شئي تي بحث شروع ٿي ويو. ميڙ رڙبون ڪري پُڇڙ لڳو ته ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ۽ سجي ميڙ ۾ هلچل مچي ويئي. هڪ سپاهيءَ کي هڪ آفيسر جهلي رکيو هو. هن جهٽڪو ڏيئي پاڻ کي ڇڏايو ۽ پنهنجو هٿ مٿي ڪٽي زور زور سان چوڻ شروع ڪيو. "ساٿيو! ڪامريڊ ڪريلنيڪو هتي آيو آهي ۽ هو اسان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي...." زوردار تاڙيون وڄڻ لڳيون. سيٽيون ۽ واڪا "پروسمر! پروسمر! "دولوئي". (اسين ڪيس درخواست ٿا ڪريون..! ڪيس پڄايو هِتان!) ان گوڙ جي وچ ۾ فوجي معاملن جو عوامي ڪميسار اڳيان ۽ پويان ڏنل هٽن جي سهاري موٽر گاڏيءَ تي چڙهيو. هينان کان ڪيس ايڏا ۾ مٽي ڪنيو ويو ۽ مٽين ڪيس ڇڪي مٽي ڪيو. مٽي اڇي هو گهڙي پل جي لاءِ بيٺو رهيو. پوءِ وڏي ريڊي ايٽر تي اڇي بيٺو. هن پنهنجي هٽن کي چيلهه تي رکيو ۽ مُرڪي چٽني پاسن ڏنائين، ننڍي قد ۽ ننڍين ٽنگن وارو همراهه اڳهاڙي مٽي سان، جنهن جي وردي تي ڪوبه نشان نه هو.

منهنجي پرسان بيئل ٽوليءَ جو هُل جاري هو. "خانزووف! اسين خانزووف کي ٻڌڻ ٿا چاهيون...! هن کي پڄايو هتان! چپ ڪريو. غدارن کي برباد ڪريو." سڄي ميڙ ۾ هُل ۽ هلچل متل هئي. پوءِ ميڙ ۾ چرپر ٿي ۽ برف جي چپ جيان اسان ڏانهن ترڪڻ لڳو. ڪارن پرن ۽ سگهاري قدبُت وارا همراهه ميڙ کي چيريندا اڳتي وڌيا. ۽ هنن رڙ ڪري چيو "ڪير آهي ڙي جيڪو گڏجاڻي ۾ ڳڙ ٻڙ پيو ڪري. سيٽيون پيو وڄائي." ٽولي تيزيءَ سان وکري ويئي. ماٺهون هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي ويا ۽ وري گڏ نه ٿيا.

"ساٿي سپاهيو!" ڪيريلنيڪو ٽڪاوٽ سبب ڦاٽل آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "آئون اوهانجي سامهون ڪا سُٺي تقرير ڪري نٿو سگهان. ان ڪري آئون معافي ٿو گهران. جو آئون گذريل چئن راتين کان سمهي نه سگهيو آهيان. مونکي اوهان جي سامهون اهو چوڻ جي ضرورت ڪونهي ته آئون سپاهي آهيان. مونکي اوهانکي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ڪونهي ته آئون امن ٽو گهران. آئون اهو چوڻ ضروري ٽو سمجهان ته بالشويڪ پارٽي اوهان ۽ انهن سڀني بهادر ساٿين جي مدد سان، جنهن سپاهين ۽ مزدورن جي انقلاب ۾ ڪامياب ٿي آهي، تنهن رت پياڪ بورزواري جي اقتدار کي سدائين جي لاءِ ڏوڙ ڪري ڇڏيو آهي. هن سڀني قومن کي امن جي آڇ ڪرڻ جو جيڪو وعدو ڪيو هو. اڄ هن اهو وعدو پورو ڪري سڀني قومن کي امن جي آڇ ڪري ڇڏي آهي." زوردار تاڙيون.

"اوهان کي چيو پيو وڃي ته اڻ ڏريا رهو..... اڻ ڏريا رهو جڏهن ته يونڪر ۽ مهلڪ بٽالينون ڪڏهن به اڻ ڏريو نٿيون رهن. هو اسانکي رستن تي گولين جو نشانو بنائي رهيون آهن. ۽ ڪيرنسڪي يا شايد ان ئي ٽولي جي ڪنهن همراهه کي واپس پيٽروگراڊ آڻي رهيون آهن. ڪالیدن، دون مان مارچ پيو ڪري. ڪيرنسڪي محاذ تان پيو اچي. ڪورنيلوف، تيڪ نتسيءَ کي ٻيهر آگسٽ جهڙي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ پڙڪائي رهيو آهي. هي سڀ منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي، جيڪي هاڻ اوهانکي اهو پيا چون ته گهرو ويڙهه جو تدارڪ ڪريو. هنن سواءِ گهرو ويڙهه جي، ٻيو ڪهڙي طريقي سان اقتدار کي پنهنجن هٿن ۾ رکيو آهي، ان گهرو ويڙهه جي ذريعي جيڪا گذريل جولاءِ کان هلي رهي آهي ۽ جنهن ۾ اهي همراهه برابر بورزوازي سان گڏ رهيا آهن، جيئن هينئر آهن.

"جيڪڏهن اوهان طئي ڪري ورتو آهي ته پوءِ آئون اوهان کي ڪيئن ٿو سمجهائي سگهان؟ پر سوال ڏاڍو سادو آهي، هڪ پاسي ڪيرنسڪي، ڪاليدن، ڪورنيلوف، منشويڪ، سوشلسٽ انقلابي، ڪاديٽ، دومانوف ۽ آفيسر وغيرهه آهن. جيڪي اوهانکي اهو ئي چون ٿا ته سندن مقصد سڀ آهن. ٻي پاسي مزدور سپاهي، جهازي ۽ صفا غريب هاري آهن. حڪومت اوهان جي هٿن ۾ آهي، اوهين مالڪ آهيو. عظيم روس اوهان جو آهي، چا اوهين اهو ٻيهر هُنن جي حوالي ڪري ڇڏيندا؟"

جنهن مهل ڪريلنيڪو تقرير ڪري رهيو هو ته هو قوت ارادي سان پاڻ کي سنياليو ٻينو هو ۽ هو جيئن جيئن ڳالهائيندو ويو تيئن تيئن سندس لفظن جي پويان جيڪو گهري خلوص جو احساس هو اهو ٽڪل آواز تي حاوي ٿيندو ويو. پڇاڙيءَ ۾ هو لڙکڙايو ۽ جهڙوڪر ڪري ئي پيو. ڪيس سنياليو هيٺ لاهڻ جي لاءِ سوين هٿ اُپا ٽيا ۽ هال ۾ تاڙين جي اها ٻُرائجندڙ گونج اُٿي، جيڪا هن جي لاءِ ئي بچي هئي.

خانزونوف ٻيهر ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر "ووٽ ونو! ووٽ ونو! ووٽ ونو!" جو گوڙ بلند ٿيو. نيٺ هن هارائجي قرارداد پڙهي ته. "برونيويڪي فوجي ڪميٽيءَ کان پنهنجا نمائندا واپس ٿي گهرائي ۽ هاڻوڪي گهرو ويڙهه ۾ پنهنجي غير جابنداريءَ جو اعلان ٿي ڪري"

جيڪي ماڻهو اُن جي حق ۾ هجن اهي کاهي پاسي هليا ويجن ۽ جيڪي خلاف هجن، اهي ساڄي پاسي هليا ويجن. ڪي گهڙيون پڌتر ۾ گذريو. جو ميڙ ۾ تيزي سان هلچل مچي ويئي. سوين هڏڪاٺ ۾ سگهارا سپاهي، هلڪي روشنيءَ ۾، ڪچي فرش تي ميڙ جي صورت ۾ اُڪري ساڄي پاسي هليا ويا. اسانجي پرسان لڳ ڀڳ پنجاهه ڇڻا مس وڃي بچيا. جيڪي هٿ ڏرميءَ سان ان قرارداد جي حق ۾ هئا ۽ سوپارين رڙين ۽ هُل جي ڏماڪن ۾ مٿاهين ڇت اڃا تائين لُڏي رهي هئي، جو هو مُڙيا ۽ تيزيءَ سان عمارت مان ٻاهر نڪري ويا ۽ انهن مان ڪجهه ته انقلاب کان به ٻاهر نڪري ويا.

اوهين ٽوروُشهر، ضلع، سڄي محاذ ۽ سڄي روس جي هر پارڪ ۾، ان جدوجهد جي ورجائجڻ جو تصور ته ڪريو. راتين جي جاڳيل ڪريلينڪو جو تصور ته ڪريو جيڪي ريجمنٽن تي اک رکيو وينا هئا ۽ هڪ هنڌ کان

ٻي هنڌ پڇندا، بحث ڪندا، ڏيڇارينداً، پرچائيندا ٿي وتيا. ۽ پوءِ مزدورن جي هر يونين جي مقامي شاخ ۾، ڪارخانن ۾، ڳوٺن ۾، پري پري تائين پکڙيل روسي ٻيڙي جي جنگي جهازن تي ٻه ان منظر جو تصور ڪريو. انهن لکين روسي انسانن جو تصور ڪريو جيڪي سڄي وشال ملڪ ۾ مقررن کي تڪي رهيا هئا ۽ انهن مزدورن، هارين، سپاهين، جهازين، جو تصور ڪريو جيڪي ڏاڍي شدت سان غور ويچار ڪندي، سمجهڻ ۽ چونڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نيٺ ڪنهن گڏيل فيصلي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. اهڙو هو روسي انقلاب.

هوڏانهن اسمولينيءَ ۾ عوامي ڪميسارن جي نئين ڪائونسل ٻه بيڪار نه ويٺي هئي. پهريون فرمان چپچڻ شروع ٿي چڪو هو ته جيئن ان ئي رات هزارن جي ڳاٽيتي ۾، شهر جي رستن تي ورهائي سگهجي. ۽ ڏکڻ ۽ اوپر ڏانهن ويندڙ هر ريل گاڏيءَ ۾ ان جا بنڊل روانا ڪري سگهجن. روسي جمهوريه جي حڪومت پاران، جنهن کي مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي شرڪت وسيلي چونڊيو ويو آهي. عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل فرمان جاري ڪري ٿي ته: 1. آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون طئي ٿيل تاريخ يعني 12 نومبر تي ٿيندیون.

2. سيني چونڊ ڪميشنن، مقامي سيلف گورنمنٽ جي ادارن، مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي جماعتن جون سوويتون ۽ محاذ تي سپاهين جي تنظيمن کي طئي ٿيل تاريخ تي آزاداڻي ۽ باقاعده چونڊن کي يقيني بنائڻ جي لاءِ پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي - ميونسپل عمارت ۾ دوما زورن تي هئي. اسين جڏهن اندر گهڙياسين ته جمهوريه جي ڪائونسل جو ميمبر ڳالهائي رهيو هو. هن چيو ته ڪائونسل اهو هرگز نٿي سمجهي ته ڪو ڪيس ٽوڙيو ويو آهي. ڳالهه رڳو اها آهي ته جيستائين اها گڏجاڻي جي لاءِ ڪا نئين جاءِ حاصل نٿي ڪري ويٺي، تيستائين هو پنهنجا فرض ادا ڪرڻ جي لائق ڪونهي. ان دوران "بزرگن جي ڪميٽيءَ" هڪ جماعت جي حيثيت سان "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هتي اهو ٻه ڄڻيان ته اهو آخري پيرو هو جڏهن تاريخ روسي جمهوريت جي ڪائونسل جو ذڪر ڪري رهي هئي. ان ڪانپوءِ دستور موجب وزارتن، ويڪزيل، ٽپال ۽ ٽيليگراف جي يونين جا نمائندن ڳالهايو ۽ سيني

بالشويڪ غاصبن جي لاءِ ڪم نہ ڪرڻ جي عزم کي سوين پيرا ورجايو. هڪ يونڪر. جيڪو 'سرما محل' ۾ هو پنهنجي ئي پنهنجي ساٿين جي بهادريءَ سرخ گارڊن جي شرمناڪ سلوڪ جو قصو مرچ مسالا وجهي وڌي رنگ آميزيءَ سان بيان ڪيو جنهن تي سيني يقين ڪري ورتو. ڪنهن سوشلسٽ اخبار "مزرو" (عوام) مان هڪ خبر پڙهي ٻڌائي. جنهن ۾ چيو ويو هو تہ 'سرما محل' ۾ پنجاهہ ڪروڙ روبلن جي مالیت جو نقصان ٿيو ئي قرلت ئي پيچ ڏاهہ کي وڌي تفصيل سان بيان ڪيو ويو هو.

وقت بوقت ٽيلي فون وٽ ويٺل خابرو خبر ڪڍي ٿي آيا. چئن سوشلسٽ وزيرن کي قيد مان آزاد ڪيو ويو آهي. ڪيريلينڪو ايڊمرل ويردريفسڪي وٽ اهو چوڻ لاءِ "پيٽرور پال ڪڙهي" ويو هو تہ سيني بحري وزارت کي. چڏي ڏنو آهي ئي هن سندس خوشامند ڪندي چيو تہ هو روس جي خاطر عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي هٿ هيٺ سنيالي ئي پوڙهو جهازي راضي ٿي ويو آهي. ڪيرنسڪي گاتچينا جي اُتر طرف وڌي رهيو آهي. سندس مقابلي ۾ آيل بالشويڪ گيريزن پٺتي هٽي رهي آهي. اسمولينسي هڪ ٻيو فرمان جاري ڪيو آهي. جنهن موجب شهري دومائن جا اختيار وڌايا ويا آهن تہ جيئن هو ڪاڌ خوراڪ جي رسد سنيالي سگهن.

ان آخري گستاخيءَ تي ڪاوڙ جو طوفان ڪڙو ٿي ويو. اهو لينن. غاصب. ظالم. جنهن جي ڪميسارن "ميونسپل گاراج" تي قبضو ڪري ورتو آهي. ميونسپل گودامن ۾ گهڙي ويا آهن. رسد جي ڪميٽين ئي غذا جي ورهاست ۾ مداخلت ڪري رهيا آهن. هو اهو ٻڌائي سگهندو تہ آزاد. خود مختيار. پاڻ انتظام سنيالينڊڙ شهري حڪومت جي اقتدار جي حد کهڙي آهي.! هڪ ميمبر پنهنجي مُڪ اُلارينڊي اها رٽ پيش ڪئي تہ جيڪڏهن بالشويڪ رسد جي ڪميٽين ۾ مداخلت ڪرڻ جي همت ڪن تہ شهر جي غذا جي رسد بند ڪئي ويجي. هڪ ٻي همراهہ. جيڪو رسد جي خاص ڪميٽيءَ جو نمائندو هو تنهن سُڌ ڏني تہ غذا جي صورتحال ڏاڍي نازڪ آهي ئي چيو تہ ڪاڌ خوراڪ جي سامان جي ريل گاڏين کي جلدي روانو ڪرائڻ جي لاءِ پيغام ڏيندڙ جلدي موڪليا ويجن.

ديدوننڪوهہ ٻرا مائي انداز ۾ اعلان ڪيو تہ گيريزن ٻُڌتر ۾ مبتلا آهي. سيميو نوفسڪي ريجمنٽ سوشلسٽ انقلابي پارٽيءَ جا حڪم مڃڻ

جو فيصلو ڪيو آهي. "نيوا درياءَ" تي تباهه ڪندڙ جهازن جو عملو ٻڌائتر جو شڪار ٿي چڪو آهي. پروپيگنڊه جاري رکڻ جي لاءِ هڪدم ستن ميمبرن کي مقرر ڪيو ويو.

پوءِ پوڙهو ميئر تقرير ڪرڻ جي لاءِ اُٿيو. "ساٿيو ۽ شهريو! مونکي اجهو هينئر خبر پيئي آهي ته "پيٽرور پال ڳڙهي" ۾ قيدي خطري ۾ آهن. پاولو فسڪي اسڪول جي ڇوڪرن يونڪرن کي بالشويڪ پهريدارن اگهاڙو ڪري ايذاءَ رسايا آهن. انهن مان هڪ چريو ٿي پيو آهي. اهي وزيرن کي ڪوڙا هٽڻ جون ڏمڪيون ڏيئي رهيا آهن." نفرت ۽ ڏپ جو هڪ واچوڙو ڪٽو ٿيو جيڪو اُن وقت اڃان بہ زور وٺي ٿي ويو. جڏهن هڪ پريل ٻُٽ واري بندري قد جي، سُرمئي ڪپڙا پاتل عورت اُٿي ۽ تقرير ڪرڻ جي موڪل گهرياٿين ۽ پنهنجو سخت ۽ ڪرڪيدار آواز بُلند ڪيائين. اها پراڻي انقلابڻ ۽ دوما جي بالشويڪ ميمبر 'ويراسلو تسڪايا' هئي. هن گارين جي گوڙ جي سيلاب جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ چيو "اهو ڪوڙ ۽ چڙ ڏيارينڙ آهي. مزدرون ۽ هارين جي حڪومت، جنهن موت جي سزا کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، ان قسم جي حرڪتن جي موڪل ڏيئي نٿي سگهي. اسين گهر تا ڪريون ته بنا دير جي ان ڪهاڻيءَ جي جانچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ان ۾ ٽوري بہ سچائي آهي ته حڪومت هڪدم زوردار قدم کڻندي"

ان ئي مهل سينپي پارٽين تي ہڏل هڪ ڪميشن جوڙي ويئي ۽ جانچ جي لاءِ ميئر سان گڏ "پيٽرور پال ڳڙهي" رواني ٿي. جنهن مهل اسين ڪميشن جي ميمبرن سان گڏ ٻاهر نڪري رهيا هئاسين ته دوما ڪيرنسڪي سان ملڻ جي لاءِ ٻي ڪميشن مقرر ڪري رهي هئي، ته جيئن هو جڏهن گاڏي جي هنڌ ۾ گهڙي ته ڪوشش اها ڪئي وڃي ته رتوچاڻ ٿيڻ نہ ڏجي.

اسين جڏهن ڳڙهي جي ڦاٽڪ جي پهريدارن کان گهُت هٽي لنگهياسين ته ان مهل اڌ رات ٿي چڪي هئي. اسين بجليءَ جي ايڪڙ ٻيڪڙ بلبن جي ڏنڊلي روشنيءَ ۾ ان ديول جي پاسي مان لنگهياسين، جنهن ۾ زارن جا مقبرا آهن. انهيءَ سنهڙي مينار ۽ گهڙيال جي هيٺان لنگهياسين، جيڪو مهينن تائين روزانو ٻنپهرن جو "خدايا بادشاهه کي سلامت رکج". جي ڏن وڄائيندو رهيو هو. اتي سنسانيت جو عالم هو. گهٽين درين ۾ ته

روشني ۾ نہ هئي ۽ ڪنهن ڪنهن مهل اسين ڪنهن همراهہ سان منهن پئجي ٽي ويا سين. جيڪو اوندهہ ۾ پٽڪندو نظر ٽي آيو ۽ هر سوال جو هڪڙو ئي جواب ٽي ڏنائين. "مونکي خبر ڪونهي."

ڪاپي پاسي "تروتبسڪوئي برج" جي ويڙل مينار جو ڪارو خاڪو نظر اچي رهيو هو. اهو مينار اها جيئري قبر هئي. جنهن ۾ زار جي زماني ۾ آزاديءَ جي نالي تي بي شمار ماڻهن پنهنجين جانين يا پنهنجي حواسن جي قرباني ڏني هئي. پوءِ اُتي عارضي حڪومت، زار جي وزيرن کي قيد ڪيو هو ۽ هاڻ بالشويڪن، عارضي حڪومت جي وزيرن کي بند ڪري ڇڏيو هو.

هڪ ملنسار جهازي اسانکي ڪمانڊنٽ جي آفيس ۾ وٺي ويو. جيڪا ٽڪسال جي پرسان هڪ ننڍي عمارت ۾ هئي. اهو هڪ ڏُونهہ سان پريل گرم ڪمرو هو. جتي هڪ سماوار خوشگواريءَ سان ٻاڦ ڏيئي رهيو هو. اتي اڏ ڏزن ڪن سرخ گارڊ، جهازي ۽ سپاهي وينا هئا. جن گرمجوشيءَ سان اسانجو آڏرياءُ ڪيو ۽ چانهہ پيش ڪئي ويئي. ڪمانڊنٽ آفيس ۾ نہ هو. هو شهري دوما وٽان ايندڙ "سبوتازنيڪي" (ٽوڙ ڦوڙ ڪندڙ) جي هڪ ڪميشن کي وٺي ويو هو جيڪي طوطي وانگر اها ڳالهہ ورجائي رهيا هئا تہ سينيي يونڪرن کي قتل ڪيو پيو وڃي. انهن ماڻهن کي اها ڳالهہ ڏاڍي مزيدار لڳي رهي هئي. ڪمري ۾ هڪ طرف هڪ گنجو همراهہ فراڪ ڪوٽ ۽ ملهائتي سمور جو اوور ڪوٽ پايو ويٺو هو. جيڪو پنهنجي شڪل ۽ شبيهہ مان عياش پيو لڳو. هو پنهنجي مُڇين کي چٻاڙي رهيو هو. ڪيس اڇهو ٿوري دير اڳ گرفتار ڪيو ويو هو. مٽس ڪنهن لاپرواهيءَ مان نظر وجهندي چيو "هو ڪو وزير آهي يا ڪجهہ ٻيو..." پر اُن بندري قد واري همراهہ شايد نہ ٻڌو. بظاهر تہ هو گهٽو مُنجهيل نظر پيو آيو. جيتوڻيڪ ڪمري ۾ موجود ماڻهن جي رويي مان ڪنهن بہ قسم جي ڪا دشمني ظاهر نہ پئي ٿي.

مون هن جي پرسان وڃي ساٽس فرانسيسي ۾ ڳالهايو. هُن ڪنڌ جهڪائي وراٽيو "ڪائونٽ تالستائي..... منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مونکي ڇو گرفتار ڪيو اٿن. آئون تہ تروتئسڪي پُل پار ڪري پنهنجي گهر پيو ويس تہ هنن مان، ٻن ڇٽن ڪٽي مونکي جلهيو... آئون جنرل اسٽاف سان لاڳاپيل عارضي حڪومت جو ڪميسار هئس، پر مونکي ڪنهن بہ لحاظ کان حڪومت جو رُڪن تہ چئي نٿو سگهي."

هڪ جهازيءَ چيو "هن کي وڃڻ ڏيو... هيءَ بي ضرور آهي."

"نا!" ان سپاهيءَ چيو جيڪو قيدي کي وٺي آيو هو "ڪمانڊنٽ کان پُڇي وٺڻ گهرجي."

جهازي مذاق اڏائيندي چيو "هونهہ ڪمانڊنٽ! انقلاب ڪنهن جي لاءِ چا آهي؟ آفيسرن جي تابعداري ڪندو رهڻ جي لاءِ؟"

پاولوفسڪي ريجمنٽ جو هڪ وارنٽ آفيسر اسان کي ٻڌائي رهيو هو ته بغاوت ڪيئن شروع ٿي. "6 نومبر (24 آڪٽوبر) جي رات جنرل اسٽاف ۾ ريجمنٽ جي ڊيوٽي هئي. آئون ۽ منهنجا ڪجهہ ساٿي پهرو ڏيئي رهيا هئاسين. ايوان پاولووچ ۽ هڪ ٻيو همراهہ جنهن جو هينئر مونکي نالو ياد ڪونهي... ته اهي ٻيئي ان ڪمري ۾ درين جي پردي جي پويان لڪي ويا، جتي اسٽاف جي گڏجاڻي ٿي رهي هئي ۽ هنن گهٽو ڪجهہ ٻڌو. جهڙوڪ: هنن گاتچينا جي يونڪرن کي رات وچ ۾ پيٽروگراد آڻڻ جو حڪم ٻڌو ۽ ڪزاڪن جي لاءِ حڪم ٻڌو ته هو صبح جو مارچ ڪرڻ جي لاءِ تيار رهن. شهر جي خاص خاص هنڌن تي الل وهاڻيءَ جو قبضو ڪري ونڊو هو. پوءِ پليس کي ڪولڊ جو معاملو هو. پر جڏهن هنن اسمولينسي کي گهيرو ڪرڻ جي ڳالهہ شروع ڪئي ته پوءِ ان ايوان پاولووچ کان برداشت ٿي نہ سگهيو. ان مهل ڪافي ماڻهن جي اڇ وچ لڳي پيئي هئي، تنهنڪري هو به کسڪي پهريدارن جي ڪمري ۾ آيو. هن پنهنجي ٻي ساٿيءَ کي اُتي ئي چڏيو. جيئن هو اتي جيڪو وهي واپري سو ٻُڌي سگهي.

"مونکي اڳ ۾ ئي شڪ هو ته ڪا ڪچڙي پچي رهي آهي. آفيسرن سان پريل موٽرگاڏين جي اڇ وچ جاري هئي ۽ سڀ وزير اُتي گڏ ٿيل هئا. ايوان پاولووچ جيڪو ڪجهہ ٻڌو اُهو مون کي اچي ٻڌايو. صبح جا ايڌائي ٽيا هئا. اتي ريجمنٽ ڪميٽي جو سيڪريٽري موجود هو جنهن کي اسان سڀ ڪجهہ ٻڌايو ۽ پُڇيو ته هاڻ چا ڪجي؟ هن چيو "هر ايندڙ ويندڙ کي گرفتار ڪري ونو." ته اسان گرفتاربون شروع ڪري چڏيو. ڪلاڪ کن ۾ ئي اسان ڪجهہ آفيسرن ۽ بن وزيرن کي جلهي، کين سڌو اسمولينسي روانو ڪيو. پر فوجي انقلابي ڪميٽي تيار نہ هئي، کين خبر نہ هئي ته چا ڪرڻ گهرجي ۽ هڪدم اهو حڪم اچي ويو ته هاڻ ڪنهن کي بہ گرفتار نہ ڪيو وڃي ۽ سيني کي وڃڻ ڏنو وڃي. ته اسين پڇندا سڌو اسمولني پهتاسين ۽

منهنجي خيال ۾ اسان ڪلاڪ ڪن ڳالهايو تڏهن نيٺ هنن مڃيو ته اها جنگ آهي. اسين جڏهن واپس استاف پهتاسين ته به ٽي چڪا هئا ۽ ان مهل گهٽا ٽٽا ته وڃي چڪا هئا. پر اسان ڪِن کي جلهي ورتو ۽ سڄو گيريزن مارچ جي لاءِ تيار ٽي ويو."

هن ڪلندي ٻڌايو ته، "اُتي اسان وٽ مشين گنون نه هيون ۽ اسان کي اسمولينيءَ مان به نه ملي سگهيون. 'ڪامريڊ الڪندوارڊ' دوما جي مرڪزي بيورو جو ميمبر هو. ڪيس اوچتو ياد اچي ويو ته مرڪزي بيورو جي گڏجاڻي واري ڪمري ۾ هڪ مشين گن پيئي آهي. جيڪا جرمنن کان کسي ويئي هئي. هو آئون ۽ هڪ ٻيو ساٿي هڪدم اوڏانهن ٻڪاسين. ان مهل اُتي منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين جي هڪ گڏجاڻي ٽي رهي هئي. اسين دروازو کولي سڌو انهن ڏانهن وڌياسين. ميئر جي چوڌاري پندرهن کن همراهه وينا هئا ۽ اسين ٽي هئاسين. اسان کي ڏسندي ئي انهن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ اسان کي تڪڻ لڳا. اسين ڪمري جي ٻي سري تي وياسين. مشين گن کي کولي ان جو هڪ حصو 'ڪامريڊ الڪند' کنيو ۽ ٻيو مون پنهنجي کلهي تي ۽ ٻاهر نڪري آياسين ۽ ڪنهن هڪ ڄڻي، کو هڪ لفظ به نه ڪُڇيو."

هڪ ٽي ڄڻي، جيڪو جهازي هو تنهن پڇيو " ۽ خبر اٿئي سرما محل تي ڪيئن قبضو ٿيو؟ يارهين بجي ڏاري اسانکي خبر پيئي ته نيوا واري پاسي هاڻ يونڪر ڪونهن. ته اسين دروازا ٽوڙي هڪ هڪ ٽي يا ٽولين ۾ مختلف ڏاڪڻين تان اندر گهڙي وياسين. جڏهن اسين ڏاڪڻين جي مٿي پهتاسين ته يونڪرن اسان کي روڪيو ۽ اسان کان بندوقون وٺون لاٿيون. پوءِ به اسان جا همراهه ٿورا ٿورا ٿيندا هِتي ايندا رهيا. جڏهن اسانجي گهٽائي ٽي ته اسين مُڙياسين ۽ اسان يونڪرن کان بندوقون رکرائي ڇڏيون."

ٽيڪ ان گهڙيءَ ڪمانڊنٽ داخل ٿيو. هو هڪ خوش مزاج ۽ نان ڪميشنڊ نوجوان آفيسر هو. جنهن جو هڪ هٿ گل پٽيءَ ۾ هو ۽ هن جي اکين جي چوڌاري بي خوابيءَ سبب گهرا دائرا هئا. هن جي پهرين نظر قيديءَ تي پيئي ته هُن هڪدم وضاحت شروع ڪري ڇڏي. ڪمانڊنٽ کيس روڪيندي چيو "هائو هائو. تون ان ڪميٽيءَ ۾ هئين. جنهن اڳاري جي ڏينهن منجهند جو عملو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پر اسان کي

تنهنجي ڳولا ڪونهي. معاف ڪجو." اهو چئي ڪمانڊنٽ دروازو کوليو ۽ ڪائونٽ ٽالسٽائيءَ کي وڃڻ جو اشارو ڪيو. ڪيترن ئي ماڻهن خاص ڪري سرخ گارڊن ڏهيل زبان ۾ احتجاج ڪيو ۽ جهازيءَ فاتحاڻي انداز ۾ چيو "ڏٺئي! مون ته اڳ ۾ ئي چيو هو".

هاڻ ٻن سپاهين ڪمانڊنٽ کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ڳڙهي جي گيريزن جي هڪ ڪميٽيءَ کين چونڊي احتجاج ڪرڻ جي لاءِ موڪليو هو. هنن چيو "قيدين کي به اهو ئي کاڌو ٿو ملي، جيڪو پهريدارن کي جڏهن ته کاڌو ايترو به نٿو هجي، جو پيٽ پري کائي سگهجي. انقلاب دشمنن سان ايترو سنو سلوڪ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

ڪمانڊنٽ وراڻيو "ساٿيو! اسين انقلابي آهيون، نه ڪي ڦورو." پوءِ هن اسان ڏانهن ڏٺو. اسان وضاحت ڪئي ته "افواهه پکڙجي رهيو آهي ته يونڪرن تي تشدد ڪيو پيو وڃي ۽ وزيرن جون زندگيون خطري ۾ آهن. ڇا اسين قيدين سان ملي سگهون ٿا، جيئن دنيا کي ٻڌائي سگهون؟"

نوجوان سپاهيءَ چڙي پيو "نه، هاڻ آئون ٻيهر قيدين کي پريشان نه ڪندس، مون کين ايڏا ٿورو اڳ جاڳڻ تي مجبور ڪيو آهي. کين پڪ هئي ته اسين کين قتل لاءِ ونڊي پيا وڃون.... ۽ گهٽن يونڪرن کي ته آزاد ڪيو ويو آهي ۽ ٻيا سياڻي ٿي ويندا..."

اوچتو هو ٻي پاسي مُڙي ويو.

"ته ڇا اسين دوما جي ڪميشن سان ڳالهائي سگهون ٿا_؟"

ڪمانڊنٽ پنهنجي لاءِ ڇانهه اوتي رهيو هو. هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو ۽ لاپرواهيءَ مان چيو "هو اجهو هال مان ٻاهر ويا آهن".

واقعي ڪميشن جا ميمبر دروازي جي ٻاهران، گاسليٽ واري هڪ ليمپ جي روشنيءَ ۾ ميئر کي گهيرو ڪريو بيٺا هئا ۽ جوش مان ڳالهائي رهيا هئا.

مون چيو "مسٽر ميئر_ اسين آمريڪي اخباري خاطو آهيون. ڇا اوهين اسانکي سرڪاري طور تي ان جانچ جو نتيجو ٻڌائي سگهو ٿا.؟"

هُنَ پنهنجو احترام جوڳو ۽ پُروقار چهرو اسان ڏانهن موڙيو ۽ وراڻيو "اطلاعن ۾ ڪابه سچائي ڪونهي." هن هوريان هوريان چيو "سواءِ انهن واقعن جي، جيڪي اُن وقت پيش آيا هئا. جڏهن وزيرن کي هت آندو

پي ويو. هنن جو سڀي نموني لحاظ رکيو ويو آهي.. جيستائين يونڪرن جو سوال آهي تہ انهن مان ڪنهن هڪ کي ڪا نندي رهڙ بہ نہ آئي آهي."

نيوسڪي پراسپڪٽ تي، اڌ رات کانپو واري سنسان اُداسيءَ ۾ سپاهين جي هڪ ڏگهي قطار خاموشيءَ سان لنگهي رهي هئي. موٽر گاڏيون ڪيرنسڪيءَ سان وڙهڻ جي لاءِ، اونداهن رستن تي بتيون ٻارڻ کانسواءِ ئي اچي وڃي رهيون هيون ۽ هارين جي سوويت جي مرڪزي آفيس 6 فونتڪانيا ۾ نيوسڪي تي، هڪ وڏي عمارت جي هڪ خاص فليٽ ۾ ۽ انجنيئرز جي اسڪول ۾ هنگامي سرگرمي هئي. دوما ۾ روشني ٿي رهي هئي. 'اسمولينسي انسٽيٽيوٽ' ۾ فوجي انقلابي ڪميٽي سرگرم عمل هئي، جنهن مان چٽنگون اُڏي چڪيون ڏسائن پکڙجي رهيون هيون.

انقلابي محاذ

چنچر: 10 نومبر (28 آڪٽوبر)

"شهريو!

فوجي انقلابي ڪميٽي اعلان ٿي ڪري ٿو ته اها انقلابي نظم و ضبط جي ڪابه پيڪڙي برداشت نه ڪندي. چوري، ڦرلٽ، حملو ۽ قتل جي ڪوشش تي سخت سزا ڏني ويندي. پيرس ڪميون جي مثال تي عمل ڪندي، ڪميٽي ڪنهن به ڦوروڻ يا بدنظميءَ تي هُشڪارڻ واري تي ڪنهن به قسم جو رحم نه ڪندي"

شهر چُپ هو. نه ڪا ڏاڙي جي واردات، نه ڦر جي شڪايت، ايستائين جو شراب جي نشي ۾ ڊُٽ ٿي جهيڙي جهٽي جي به ڪا خبر نه آئي. رات جو هٿياربند سپاهي خاموش رستن تي گشت ڪندا هئا ۽ چُوڪن ۽ موڙن تي سپاهي ۽ سرخ گارڊ باهه جا هلڪا مچ ٻاريو وينا کل پوڳ ڪندا ۽ گيت ڳائيندا هئا. ڏينهن جو فوٽ پاٽن تي ماڻهن جا ڏنبلا ڪنا ٿي ويندا هئا ۽ ماڻهون، شاگردن ۽ سپاهين جي وچ ۾. واپارين ۽ مزدورن جي وچ ۾ ٽيندڙ گرماگرم بحث ٻڌندا هئا.

شهري رستن تي هڪبئي کي روکي پڇندا هئا، "چا ڪڙاڪ اچن پيا؟"

"نه."

"تازي خبر ڪهڙي آهي؟"

"مونکي خبر ڪونهي... ڪير نسڪي ڪٽي آهي".

"ماڻهون چون ٿا ته هو پيٽروگراڊ کان رڳو اٽن ميلن جي فاصلي تي آهي. چا اهو سچ آهي ته بالشويڪ پڄي جنگي جهاز "اوروا" تي هليا ويا آهن."

"ٻڌو ته اٽئون...!"

فقط پتيون هيون جيڪي اپيلن، فرمانن، لعنتن ۽ ملامتن سان ڳالهائي رهيون هيون.

"... هو (بالشويڪ) اهو چوڻ جي همت ڪيئن ٿا ڪن ته ڪين هارين جي نمائندن جي سوويتن جي حمايت حاصل آهي ۽ اهو ته هو هارين جي نمائندن جي سوويتن پاران ڳالهائي رهيا آهن. سڄي پورهيت روس کي اهو ڄاڻي ونڊ گهرجي ته اهو ڪوڙ آهي ۽ سڀني پورهيت هارين جي اڪيلي نمائندي طور هارين جي نمائندن جي ڪُل روس سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽي، مزدور طبقي جي ان مجرماڻي خلاف ورزي ۾ منظم هاري طبقي جي هر قسم جي شرڪت جي سخت نفرت ۽ ڪاوڙمان تردید ٿي ڪري.."

سوشلسٽ انقلابي پارٽيءَ جي سپاهين جي شعبي پاران:

"...بالشويڪن جي پاڳل پڻي جي ڪوشش ناڪام ٿيڻ واري آهي. گيريزن ۾ قوت پئجي چڪي آهي. وزارتون هڙتالون ڪري رهيون آهن ۽ ماني ڏينهون ڏينهن مشڪل ٿيندي پيئي وڃي. ڪجهه ميڪسملسٽن ڪانسواءِ سڀ گروهه ڪانگريس کي ڇڏي چڪا آهن ـ بالشويڪ اڪيلا آهن.

"اسين مڙني باشعور طبقن کي اپيل ٿا ڪريون ته هو "ملڪ ۽ انقلاب جي چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" جي پليٽ فارم تي گڏ ٿي سنجيدگيءَ سان تياري ڪن ته جيئن مرڪزي ڪميٽيءَ جي پهرينءَ سڏ ۾ سڏ ڏيئي سگهجي."

هڪ هٿوهٽ ورهايل اشتهار ۾ "جمهوريه جي ڪائونسل" پنهنجو شڪايتون ڳڻايون هيون.

"سنگينن جي طاقت ڪان هارائي جمهوريه جي عارضي ڪائونسل 25 آڪٽوبر تي ڏار ٿيڻ ۽ وقتي طور تي پنهنجو اجلاس ملتوي ڪرڻ تي مجبور ٿي پيئي آهي. غاصبن 'آزادي ۽ سوشلزم' جي نعرن کي ورجائيندي، تشدد جي ذريعي حڪمراني قائم ڪري ورتي آهي. هنن عارضي حڪومت جي ميمبرن کي، جن ۾ وزير به شامل آهن، گرفتار ڪري ورتو آهي. اخبارون بند ڪري، ڇاپي خانن تي قبضو ڪري ورتو آهي.

"اُن اقتدار کي عوام ۽ انقلاب جو دشمن سمجهڻ گهرجي. ان سان وڙهڻ ۽ ان کي ڌاهي ڇڏڻ گهرجي.

"جمهوريہ جي عارضي ڪائونسل، جيستائين پنهنجن فرضن کي ٻيهر نئي سنيالي، تيستائين روسي جمهوريہ جي شهرين کي دعوت ٿي ڏي ٿہ اهي "ملڪ ۾ انقلاب جي ڇوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" جي مقامي شاخن سان گڏجي وڃن، جيڪي بالشويڪن جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ هڪ اهڙي حڪومت قائم ڪرڻ جي لاءِ منظم ٿي رهيون آهن، جيڪا آئين ساز اسيمبليءَ پاران ملڪ جي رهنمائي ڪري سگهي."

"ديلا نرودا" لکيو:

"انقلاب سڄي عوام جي بغاوت جو نالو آهي. پر هت اسين اهو پيا ڏسون ٿہ ائين ڪونهي. ڪجهہ مُٺ جيترن بيوقوف قسم جي ماڻهن، جن کي لينن ۾ ٽراٽسڪيءَ ورغلايو آهي. هنن جا جاري ڪيل فرمان ۾ اپيلون جلدئي تاريخي عجائبات جي عجائب گهر ۾ واڌارو ڪندیون...."

عوام دوست سوشلسٽ اخبار "نرود نويسي سلوو" (عوام جا خيال) لکيو:

"مزدورن ۾ هارين جي حڪومت؟ اهو فقط خواب آهي. هن حڪومت کي نہ اسان جي ملڪ ۾ ڪير تسليم ڪندو ۾ نہ ئي وري اتحادي ملڪن مان ڪو تسليم ڪندو."

بورزوا پريس وقتي طور تي منظر تان گم ٿي ويئي هئي.

"پراودا" ۾ نئين "تسي اي ڪا" جي پهرين گڏجاڻي جي رپورٽ ڇپي هئي. جيڪا هاڻ روسي جمهوريہ جي پارليامينٽ هئي. زراعت جي ڪميسار "مريوتين" چيو ٿہ هارين جي ورڪنگ ڪميٽيءَ 30 نومبر تي هڪ ڪُل روس هاري ڪانگريس گهرائي آهي. هن چيو "پر اسين انتظار ڪري نٿا سگهون. اسان کي هارين جي هر حالت ۾ حمايت حاصل هئڻ گهرجي. آئون رٽ ٿو ڏيان ٿہ اسين هارين جي ڪانگريس گهرايون ۾ هڪدم گهرايون..." ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين اتفاق ڪيو ٿہ جلدي جلدي روس جي هارين جي نالي هڪ اپيل جو مسودو تيار ڪيو ويو ۾ اُن پروجيڪٽ تي عمل ڪرڻ جي لاءِ پنجن ڇڻن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي چونڊي ويئي.

زمين ورهائڻ جي تفصيلي رٽن جي سوال ۾ صنعتن تي مزدورن جي ڪنٽرول جا سوال تيستائين جاري ڪيا ويا، جيستائين انهن رٽن تي ڪم ڪندڙ ماهر پنهنجون رپورٽون نٿا پيش ڪن.

ٿي فرمان پڙهيا ۽ منظور ڪيا ويا. پهريون فرمان لينن جو "پريس جي لاءِ قاعدا ۽ ضابطا هو". جنهن جي ذريعي انهن سڀني اخبارن کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو جيڪي نئين حڪومت جي خلاف مزاحمت ڪرڻ، انهن جي حڪمن جي نافرماني ڪرڻ، ڏوهاري قدم کڻڻ ۽ ڄاڻي ٻُجهي خبرن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪن ٿيون. ٻيو فرمان گهرن جي مسواڻن جي باري ۾ ۽ ٽيو فرمان هڪ مزدور مليشيا قائم ڪرڻ جي باري ۾ هو. تنهن ڪانسواءِ جيڪي حڪم جاري ڪيا ويا، انهن مان پهريون ميونسپل دوما کي خالي فليٽن ۽ گهرن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ جي اختيار جي باري ۾ هو. ٻيو ريلوي اسٽيشنن تان مال گاڏين جي ڏهن مان سامان لاهڻ ۽ ضرورت جي ورهاست ۾ جلدي ڪرڻ ۽ بي حد ضروري ويگنن ۽ انجڻين کي خالي ڪرڻ جي لاءِ هدايتون ڏيڻ جي باري ۾ هو.

هن ڪلاڪن ڪانپوءِ هارين جي سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽي، هيڏين تار روس جي ڪنڊ ڪڙ ۾ موڪلي رهي هئي.

"بالشويڪن جي من ماني تنظيم، جنهن کي "هارين جي قومي ڪانگريس منظم ڪرڻ جي تنظيم جو بيورو" چيو وڃي ٿو. هارين جي سڀني سوويتن کي پيٽروگراڊ ۾ ڪانگريس جي لاءِ نمائندا موڪلڻ جي دعوت ڏيئي رهي آهي. هارين جي سوويتن جي نمائندن جي ورڪنگ ڪميٽي، اعلان ٿي ڪري ته اها اڳ جيان هينئر به اهو ئي سمجهي ٿي ته هن وقت صوبن مان انهن قوتن کي هٽائڻ خطرناڪ ٿيندو جن جي آئين ساز اسيمبلي جي چونڊن جي تياريءَ ڪرڻ لاءِ اُتي موجودگي ضروري آهي. جڏهن ته آئين ساز اسيمبلي ئي مزدور طبقي جي لاءِ ۽ ملڪ جي لاءِ اڪيلو چوٽڪارو آهي. اسين هارين جي ڪانگريس جي تاريخ 30 نومبر جي توثيق ٿا ڪريون."

دوما ۾ وڏي هلچل متل هئي. آفيسرن جي اڇ وڇ جاري هئي. ميئر "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" جي اڳواڻن سان ڳالهين ٻولهين ۾ رڌل هو هڪ ڪائونسلر ڪيرنسڪيءَ جي اعلان جي هڪ ڪاپي ڪڍيو ڊوڙندو آيو جيڪو هوائي جهاز نيوسڪي جي مٿان بلڪل هيٺاهين اُڏام ڪندي سون جي تعداد ۾ اڇلايو هو. اعلان ۾ انهن ماڻهن کان سخت بدلي وٺڻ جي

ڏمڪي ڏنل هئي، جيڪي اطاعت نہ ڪندا. ۽ سپاهين کي حڪم ڏنو ويو هو تہ هو هڪدم "ميدان مريخ" ۾ گڏ ٿي وڃن.

اسانکي ٻڌايو ويو تہ ڪيرنسڪيءَ "زار سڪويي سيلو" تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ پيٽروگراد ڇانوٽي ميدان ۾ پهچي چڪو آهي، جيڪا فقط پنج ميل پرتي آهي. سپاٽي يعني ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ هو شهر ۾ داخل ٿي ويندو. چيو پي ويو تہ جن ڪزاڪن جو سوويت فوجن سان رابطو ٿيو هو اهي هاڻ عارضي حڪومت سان سلهاڙيا پيا وڃن. چيرنوف پاسيرو هو ۽ "غير جانبدار" فوجن کي هڪ اهڙي سگهہ ۾ منظم ڪري رهيو هو جيڪا گهرو ويڑهہ کي روڪي سگهي. ماٺهو چئي رهيا هئا تہ شهر ۾ گيريزن جو ريجمنٽون بالشويڪن جو ساٿ ڇڏي رهيون آهن ۽ اسمولني کي خالي ڪيو ويو آهي. سڄي حڪومتي مشنريءَ ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. استيٽ بئنڪ جي ملازمن، اسمولينيي مان موڪليل ڪميسارن جي هٿ هيٺ ڪم ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي آهي ۽ کين پئسو ڏوڪڙ ڏيڻ کان ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سيبيئي نجي بئنڪون بند هُيون. وزارتون هڙتال تي هيون. ان وقت بہ دوما جي موڪليل هڪ ڪميٽي وڏن واپارين سان ملي رهي هئي ۽ هڙتالين کي پگهارون ڏيڻ جي لاءِ فند گڏ ڪري رهي هئي.

ٽرانسڪي پرڏيهي وزارت ۾ ويو هو ۽ هن ڪلارڪن کي حڪم ڏنو تہ هو 'امن جي فرمان' جو پرڏيهي زبانن ۾ ترجمون ڪن. جواب ۾ ڇهہ سئو ڪارڪنن پنهنجون استعيفائون هن جي منهن تي هنيون. محنت واري ڪميسار 'شليا پنيڪوف' پنهنجي وزارت جي سيني ملازمن کي حڪم ڏنو هو تہ هو چوويهن ڪلاڪن جي اندر ئي واپس پنهنجي جاين تي موٽي اچن، نہ تہ ٻيءَ حالت ۾ کين سندن نوڪرين ۽ پينشن جي حقن کان محروم ڪيو ويندو. اُن حڪم جي جواب ۾ رڳو پٽيوالا ئي واپس آيا. خصوصي غدائي رسد ڪميٽي جي ڪجهہ شاخن، بالشويڪن جي اطاعت ڪرڻ جي پيٽ ۾ ڪم بند ڪرڻ کي ترجيح ڏني. وڏيڪ اجوري ۽ بهتر حالتن جي وڏن وڏن وعدن جي باوجود ٽيلي فون ايڪسچينج جي آپريٽرن سوويت هيڊ ڪوارٽر جون تارون ۽ لائينون نہ ڇڪيون آهن.

سوشلسٽ انقلابي پارٽيءَ انهن سيني ميمبرن کي ڪيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪي سوويت ڪانگريس ۾ رهجي ويا هئا ۽ انهن سيني کي بہ. جيڪي بغاوت ۾ حصو وٺي رهيا آهن.

صوبن مان ايندڙ خبرون:

موگيليف بالشويڪن جي خلاف هٿ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڪيئف ۾ ڪزاڪن سوويتن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ سيني باغي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. لوگا جي سوويت ۽ گيريزن، جيڪا 30 هزار فوجين تي ٻڌل آهي، ان پنهنجي عارضي حڪومت سان وفاداري جي توثيق ڪئي آهي، ۽ سڄي روس مان ان جي چوڌاري گڏ ٿيڻ جي اپيل ڪئي آهي. ڪالیدن، دون بيسن ۾ سيني سوويتن ۽ يونينن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ ان جون فوجون اُتر طرف وڌي رهيون آهن.

ريلوي ڪارڪنن جي هڪ نمائندي چيو "ڪالهه اسان سڄي روس ۾ هڪ تار موڪلي آهي، جنهن ۾ گهر ڪئي اٽڪون تہ سياسي پارٽين جي وچ ۾ ويڙهه هڪدم بند ڪئي وڃي. ۽ اُن ڪالهه تي زور پريو ويو آهي تہ هڪ گڏيل سوشلسٽ حڪومت قائم ڪئي وڃي، نہ تہ اسين سيڙٽي رات جو هڙتال جو اعلان ڪنداسين. صبح جو ان سوال تي ويچارڻ جي لاءِ سيني جٿن جي گڏجاڻي ٿيندي. بالشويڪ تہ ناهہ ڪرڻ جي لاءِ منٿون ڪندا نظر اچن ٿا...."

"ان وقت تائين هو رهيا تہ..!" شهر جي انجنيئر ڪلندي چيو. هو ٿلهو متارو ۽ سگهارو شخص هو.

جڏهن اسين اسمولينسي، آياسين جيڪا خالي نہ ڪئي ويئي هئي ۽ جتي اڳ جيان اڃ وڃ جاري هئي. مزدورن ۽ سپاهين جا هڪڙا جٿا آيا پي ۽ ٻيا ويا پي ۽ هر هنڌ ٻيڙ تي چوڪيدار مقرر ٿيل هئا، تہ اسانجي ملاقات بورزوا ۽ اعتدال پسند سوشلسٽ اخبارن جي نمائندن سان ٿي. انهن مان هڪ جيڪو "وولیا نرودا" جو خاطو هو تنهن رڙ ڪري چيو "هنن اسانکي ڪيڏي ڇڏيو. بونچ پرويئوچ پريس بيورو ۾ آيو ۽ هن اسان کي باهر نڪري وڃڻ جي لاءِ چيو. ۽ چيائين تہ اسين جاسوس آهيون." انهن سيني هڪئي آواز ٿي چيو "بي عزتي- بي حيائي... بي شرمي... پريس جي آزادي "

لابيءَ ۾ وڏيون وڏيون ميزون پيون هيون، جن تي اپيلن، اعلانن ۽ فوجن انقلابي ڪميٽيءَ جي احڪامن جا انبار لڳل هئا. مزدور ۽ سپاهي انهن کي انتظار ۾ بيٺل موٽر گاڏين ۾ وجهي کٽي وڃي رهيا هئا. انهن مان هڪ ۾ لکيل هو.

عام تذليل جي لاءِ!

هن المناڪ گهڙيءَ ۾، جنهن مان روسي عوام گذري رهيو آهي، منشويڪ ۽ سندس پوئلڳن، ۽ ڪابي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين مزدور طبقي سان دغا ڪئي آهي. هو ڪورنيلوف، ڪيرنسڪي ۽ سادينڪوف جي صفن ۾ پرتي ٽپي ويا آهن. هو غدار ڪيرنسڪيءَ جي حڪمن کي ڇاپي رهيا آهن ۽ ان غدار جي هٿ نوڪين فتوائن جي باري ۾ ڪل جوڳا افواهه پکيڙي شهر ۾ ڊپ پيدا ڪري رهيا آهن.

شهر واسيو! انهن ڪوڙن افواهن تي يقين نه ڪريو. ڪابه طاقت عوام جي انقلاب کي هارائي نٿي سگهي. وزيراعظم ڪيرنسڪي ۽ سندس پوئلڳن جي لاءِ فوري حق بجانب سزا يقيني آهي. اسان کين عام تذليل جي شڪنجي ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. اسان کين انهن سيني مزدورن، سپاهين، جهازين ۽ هارين جي دشمنيءَ جي حوالي ڪري رهيا آهيون، جن تي هو پراڻين زنجيرن کي ٻيهر نفرت ۽ حقارت جي داغ کي ڪڍهن به ڏوئي نه سگهندا.

"عوام سان غداري ڪندڙن تي لعنت ۽ نفرت".

فوجي انقلابي ڪميٽي وڏي آفيس ۾ هلي ويئي هئي ۽ هاڻ اها سيني کان مٿينءَ ماڙ تي ڪمري نمبر سترهين ۾ هئي. ان جي دروازي تي سرخ گارڊ پهرو ڏيئي رهيا هئا. اندر ريلنگ جي سامهون سوڙهي جاءِ ۾ خوش پوش ماڻهن جو ميڙو متل هو جيڪي ٻاهرينءَ ٻني ته وڏي احترام جو مظاهرو ڪري رهيا هئا، پر سندن اندر ۾ صفا ڦريون هيون. اهي بورزوازي هئا، جن کي موٽر گاڏين جي لاءِ پرمٽ يا شهر کان ٻاهر وڃڻ جي لاءِ پاسپورٽ گهربل هئا. انهن ۾ ڪيترا ته پرڏيهي به هئا. بل شاتوف ۽ پيٽرس ڏيوٽي تي هئا. هنن سڀ ڪم روڪي اسانکي تازن حالن احوالن کان واقف ڪيو.

19 هين ريجمنٽ اتفاق راءِ سان حمايت ڪئي هئي. يوتيلوف گودين جا پنج هزار حمالي مزدور نئين حڪومت جي آڇيان ڪن ٿا. ٽريڊ يونين جي مرڪزي ڪميٽيءَ پاران پُرجوش حمايت جو اعلان، ريويل جي گيريزن ۾ اسڪوادرن سهڪار ڪرڻ ۽ فوجون موڪلڻ جي لاءِ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي چونڊ ڪئي آهي. پسڪوف ۾ منسڪ ۾ فوجي انقلابي ڪميٽين ڪنٽرول سنيالي ورتو آهي. زاريتسن، روستوف برڪنا رودن، پياتي گورسڪ، سيوا ستوپول جي سوويتن پاران خير سگاليءَ جا نياپا موڪليا ويا آهن. فن لينڊ ڊويزن، ڏهين ۽ 12 هين فوجن جون نيون ڪميٽيون وفاداري پيش ڪن ٿيون.

ماسڪو مان ايندڙ خبرون غير يقيني آهن. فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جون فوجون شهر جي اهم هنڌن تي قابض آهن. ريملن ۾ جيڪي به ڪمپنيون مقرر هيون، اهي سوويتن سان ملي ويون آهن پر هٿيار خانو ڪرنل ريابتسيف ۽ سندس يونڪرن جي هٿن ۾ آهي. فوجي انقلابي ڪميٽيءَ مزدورن جي لاءِ هٿيارن جي گهر ڪئي آهي ۽ ڪرنل ريابتسيف اڄ صبح جو انهن سان ڳالهايو آهي، پر پوءِ ڪميٽيءَ اوچتو التيميٽم ڏنو جنهن ۾ سوويت فوجن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ ڪميٽيءَ کي ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ويڙهه شروع ٿي چڪي آهي.

پر ان سڄي سطحي پڪ پڪاٽيءَ جي هيٺان فضا ۾ دل کي وسائيندڙ پيش خبري هئي. بي چينيءَ جو هڪ احساس هو. ڪيرنسڪي جا ڪاڪ تيزيءَ سان اڇي رهيا هئا، وٽن توپخانو به هو. فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين جي سيڪريٽري اسڪرينپڪ، جنهن جو منهن لٽل ۽ هئڊو هو مونکي يقين ڏياريو ته سندن هڪ سڄي فوجي ڪور آهي. پر هن ڪاوڙ ۾ چيو "پر هو اسانکي جيئرو گرفتار نه ڪري سگهندا!" پٽروفسڪي ٽڪل انداز ۾ ڪليو "سيائي شام جو شايد اسين سُمهي سگهون ڏکهي ننڊ.." سنهڙي ڳاڙهي ڏاڙهيءَ واري نوروسڪي چيو "اسان جي لاءِ ڪهڙي اميد ٿي سگهي ٿي. بلڪل اڪيلا سڪيا ورتل سپاهين جي مقابلي ۾ هڪ ميڙ ئي ته آهيون."

ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه ۾ سوويتون، ڪيرنسڪيءَ جي مقابلي ۾ پنتي هٿي ويون هيون ۽ گاتچينا، پاولوفسڪ، زارسڪويي سيلو جون گيريزنون ورهائجي ويون هيون. اڏ غير جانبدار رهڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ باقي بيا

آفيسرن کانسواءِ، بدترين بدنظميءَ سان گاڏي جي هنڊ ڏانهن وڌي رهيا هئا. هالن ۾ خبرنامہ ڇهڻايا پي ويا.

"ازڪراسنويي سيلو 25 آڪٽوبر، صبح جو ڇهين وڳي.

"هن اعلان جي ذريعي اعليٰ ڪمانڊر انچيف جي اسٽاف جي سربراهہ کي، اُترينءَ محاذ جي ڪمانڊر انچيف کي، اُترينءَ محاذ جي جنگي چرپر جي سربراهہ کي. هر هنڊ سيني کي اطلاع ٿو ڏجي تہ: اڳوٽي وزيراعظم ڪيرنسڪيءَ جاڻي واڻي، هر هنڊ، هر شخص کي هڪ ڪوڙي تار موڪلي آهي تہ انقلابي پيٽروگراڊ جي فوج رضاڪارانہ طور تي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. ۽ اها اڳوٽي غدار حڪومت جي فوجن ۾ شامل ٿي ويئي آهي ۽ اهو تہ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ سپاهين کي پٽيان هٽي وڃڻ جو حڪم ڏنو آهي. آزاد عوام جون فوجون نہ ڪڏهن پٺتي هٽنديون آهن ۽ نہ ئي وري هٿيار ڦٽا ڪنديون آهن. اسان جي فوجن، پنهنجي ۽ پنهنجي پٽڪيل ڪزاڪ پائرن جي وچ ۾ رتوچاڙ کان بچڻ جي لاءِ هڪ ٻيو ۽ مناسب مورچو قائم ڪرڻ جي لاءِ گاتچينا ڇڏيو آهي. اهو مورچو ايترو تہ مضبوط آهي، جو جڪڏهن ڪيرنسڪي ۽ سندس سنگتي پنهنجي قوت کي ڏهہ ڀيرا وڌائين، تڏهن بہ ڳٽتيءَ جي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي. اسان جي فوج جو حوصلو بُلند آهي ۽ پيٽروگراڊ ۾ امن ۽ امان آهي.

پيٽروگراڊ ۽ پيٽروگراڊ ضلع جي بچاءُ وارو چيف ڪرنل مورايوف ۽ اسين جنهن مهل فوجي انقلابي ڪميٽي مان نڪري رهيا هئاسين تہ انتونيو هت ۾ هڪ ڪاغذ ڪٽي اندر گهڙيو. هو جڙ مئل نظر اچي رهيو هو.

هن چيو "ڪيس موڪليو."

مزدورن جي نمائندن جي سيني ضلع سوويتن ۽ فيڪٽري ورڪشاپن جي نالي حڪم:

"ڪيرنسڪي جا ڪورنيلوفي دستا، گاڏيءَ جي هنڊ پهچڻ جي رستن لاءِ خطرا پيدا ڪري رهيا آهن. عوام ۽ انهن جي سوين جي خلاف سيني انقلابي دشمن ڪوششن کي بي رحميءَ سان چٽڻ جي لاءِ ضروري حڪم ڏنا ويا آهن.

انقلاب کي فوج ۽ سرخ گارڊن کي مزدورن جي فوري حمايت جي ضرورت آهي. اسين محلد سوويتن ۽ فيڪٽرين ورڪشاپ ڪميٽين کي حڪم ٿا ڏيون ته:

- کاهيون کوٽڻ، مورچي بندي ڪرڻ ۽ تار جي جارين کي مضبوط بنائڻ جي لاءِ وڌ ۾ وڌ مزدورن جي تعداد کي ٻاهر آندو ويڃي.
- ان مقصد جي لاءِ جتي به ڪارخانا بند ڪرڻ جي ضرورت هجي ته هڪدم ائين ڪيو ويڃي.
- جيتري به ۽ جهڙي به لوهي ڳنڍائتي تار ملي سگهي، اها ۽ خندقون کوٽڻ ۽ مورچي بندي ڪرڻ جي مڙني اوزارن کي گڏ ڪرڻ گهرجي.
- سڀ موجود هٿيار واپس ورتا وڃن.
- سخت نظم ۽ ضبط لاڳو ڪيو وڃي ۽ انقلاب جي فوج جي حمايت واسطي هر ممڪن طريقي سان، هر شخص تيار رهي.

مزدورن ۽ سپاهين جي پيٽروگراڊ سوويت جو صدر، عوامي ڪميسار ليون ٽراٽسڪي، فوجي انقلابي ڪميٽي جو صدر ڪمانڊر ان چيف پروسڪي.

اسين جڏهن اونداهي ۽ اُداس ڏينهن ۾ ٻاهر آياسين ته سُرمئي اُفق تي چئني ڏسائن ڪارخانن جون سيٽيون قاتل ۽ بوکلايل آواز ۾ رڙيون ڪري رهيون هُيون، جيڪي ڪنهن مصيبت جي اڳ کڻي پي لڳيون. سون هزارن جي تعداد ۾ پورهيت عوام، مرد ۽ عورتون ايندا پي ويا. ۽ سوين هزارين جُڳهين ۽ جهوپڙين ميري ۽ هپاڙيل لشکر کي جڙ پاڻ مان ڏکي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. سرخ پيٽروگراڊ خطري ۾! ڪزاڪ، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوير کان ايندڙ سيني لنگهن ۽ رستن تان لنگهندي مايا ڪوفسڪي دروازي ڏانهن وڌڻ لڳا. عورتون، مرد، ٻارڙا، رائفلون، ڪهاڙيون، بيلچا، تارن جا بنڊل، پنهنجي مزدوريءَ جي ڪپڙن تي ڪارتوسن جون پيٽيون ٻڌل، ائين زبردست طريقي سان، هڪ سڄي شهر جو ائين بي ساخته نڪري پوڻ، اڳ ۾ ڪڏهن ٻه نه ڏٺو ويو هو. هو ٻُوڏ جيان وڌندا پي آيا. انهن سان گڏ، سپاهين جون ڪمپنيون هيون. توپن، موٽرن، ٽرڪن، گاڏين، انقلابي پرولتاري مزدورن ۽ هارين جون چتيون، جمهوريه جي بچاءَ ۾ تاٽيل هيون.

اسمولينسي جي دروازي جي سامهون هڪ موٽر گاڏي بيٺي هئي، هڪ سنهڙو سيپيڪڙو همراهه، جنهن جي اکين تي چڙهيل ٽلها شيشا هن جي

اکين جي ڳاڙهاڻ کي ايڏا ۾ چٽو ڪري رهيا هئا. هو ڏاڍي ڏکيائي سان ڳالهائي رهيو هو. هڪ ڇٽو بدرنگ ريگلان جي ڪيسن ۾ هٿ وجهيو مدگار ساڻ گڏ ٻيٺو هو. هڪ ٻيو ٽلهو متارو ڏاڙهيءَ وارو جهازي نوجوانن جهڙين شفاف اکين وارو بي چينيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڇ وڇ ڪري رهيو هو ۽ بي خياليءَ ۾ هڪ وڏي نيري فولادي ريوالور سان کيڏي رهيو هو. جيڪو ان مهل سندس هٿ ۾ هو. اهي ٻيئي انتونوف ۽ ديبينڪو هئا. هڪ سپاهي موٽر گاڏين جي پائيدانن سان ٻه فوجي سائيڪلون ٻڌڻ ٿي چاهيون. ڊرائيورن سخت احتجاج ڪيو ته پالش تي رهندون ٻئجي ويندیون. اهو سچ آهي ته اهي بالشويڪ آهن ۽ اها موٽر گاڏي بورزوا جي ضبط ڪئي ويئي هئي. اهو سچ آهي ته اهي سائيڪلون اردلين جي استعمال لاءِ آهن. پر ڊرائيورن جو پيشي وراڻو شان اُن ڳالهه کي برداشت ڪري نٿي سگهيو ته ڪو سندن گاڏين تي رهندون پون. تنهنڪري سائيڪلن کي ڇڏيو ويو.

جنگ ۽ بحريه جا عوامي ڪميسار انقلابي محاذ جي معائني ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. هو جتي به وڃي رهيا هئا، ڇا اسين انهن سان وڃي سگهياسين ٿي! بلڪل نه. ڇو ته موٽر گاڏيءَ ۾ رڳو پنج ڇڻا اچي ٿي سگهيا. به ڪميسار به اردلي ۽ هڪ ڊرائيور پر منهنجو هڪ روسي ملاقاتي، جنهن کي آئون تروشڪا سڏيندس، وڏي اطمينان سان گهڙي ويهي رهيو ۽ پوءِ منهنجو ڪوبه دليل ڪيس پنهنجي جاءِ تان گسڪائي نه سگهيو.

مون وٽ اُن سفر جي باري ۾ تروشڪا جي بيان تي ڪوبه شڪ ڪونهي. اهي جڏهن سوورويوسڪي پروسپڪٽ وڃي رهيا هئا ته ڪنهن کاڏي پيتي جي شين جو ذڪر ڪيو ته ٿي سگهي ٿو هو ٿي چار ڏينهن ٻاهر هڪ اهڙي علائقي ۾ رهن، جتي رسد جو ڪو سٿو بندوبست نه هو. انهن گاڏي روڪي ورتي. پئسا؟ جنگ واري ڪميسار پنهنجا ڪيسا ڦلهوريا، پر وٽس ته ٽڪو به نه هو. بحريه وارو ڪميسار به ڦڪڙ لڳو پيو هو. ۽ اهو حال ڊرائيور جو به هو. نيٺ کاڏي پيتي چون شيون تروشنڪايا خريد ڪيون.

هو مڙي جيئن ٿي نيوسڪي تي آيا ته گاڏي جو ٽائر برسٽ ٿي ويو.

انتونيو پڇيو "هاڻ چا ڪجي؟"

ڊينڪو پنهنجو روالور لوڏيندي صلاح ڏني، "هي موٽر ضبط ڪري وڃو". انتونيوف وچ رستي تي ويهي رهيو ۽ هڪ لنگهندڙ گاڏيءَ کي هٿ ڏنائين، جيڪا هڪ سپاهي هلائي رهيو هو.

انتونيوف چيس، "مونکي هيءَ گاڏي کپي".

"چو تون ڪير آهين؟" سپاهيءَ وراڻيس.

"توکي خبر ڪونهي تہ آئون ڪير آهيان." انتونوف پنهنجي ڪيسي مان ڪاغذ ڪڍي ڪيس ڏيکاريندي چيو جنهن ۾ لکيل هو تہ ڪيس روسي جمهوريہ جي سڄي فوج جو ڪمانڊر انچيف مقرر ڪجي ٿو ۽ هر شخص کي بنا هيڪ جي سندس حڪم مڃڻ گهرجي.

سپاهيءَ تکو ٽينڊي چيو "تون جيڪڏهن خود شيطان بہ هجين ها تہ بہ مونکي اُن جي پرواهہ ڪونهي. هيءَ موٽر پهرين مشين گن ريجمنٽ جي آهي ۽ اسين اُن کي گولا ڪٽي پيا وڃون."

بهرحال اها ڏکيائي ائين حل ٿي تہ هڪ پراڻي ٽئڪسي آئي، جنهن تي اطالوي جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو (هنگامن وارن ڏينهن ۾ نجي گاڏين کي باهرين قونصل خانن جي نالي تي رجسٽر ڪرايو ويو هو تہ جيئن ضبطيءَ کان محفوظ رهن). ان مان هڪ ٿلهي شهريءَ کي لاٿو ويو. جنهن کي قيمتي سمور جو ڪوٽ پاتل هو.

ڏهن ميلن کانپوءِ نارفسڪاياز استاوا پهچي، ڪرانتونوف، سرخ گارڊن جي ڪمانڊنٽ کي گهرايو ڪيس شهر جي سري تي نيو ويو جتي ڪجهہ سئو مزدور خندقون کوٽي رهيا هئا ۽ ڪزاڪن جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا.

"ڪامريڊ! هتي سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي؟" انتونوف پڇيو.

"هائو..." ڪمانڊنٽ وراڻيو "سڀ ٺيڪ آهي فوج جا حوصلا بلند آهن. بس هڪ شئي جي ڪوٽ آهي.... اسان وٽ گوليون بوليون ڪونهن."

انتونوف چيس، "اسمولينسي ۾ 2 ارب گوليون موجود آهن. آئون توکي هڪ حڪم لکي ٿو ڏيان" هن پنهنجن کيسن کي ٽٽوريو "ڪنهن وٽ ڪاغذ آهي."

پر ڪاغذ ڪنهن وٽ بہ نہ هو نہ اردلين وٽ ۽ نہ ئي وري ڊيبنڪو وٽ هو. تروشڪا پنهنجو نوٽ بوڪ پيش ڪيو. انتونوف رڙ ڪري چيو "حد

ٿي ويئي. مون وٽ ته پينسل به ڪونهي. ڪنهن وٽ پينسل آهي؟" اهو ٻڌائڻ ضروري ڪونهي ته سڄي ميڙ ۾ رڳو تروسشڪا وٽ ئي پينسل هئي.

اسين جيڪي پنڌتي رهجي ويا هئاسين، راز سڪويي ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڌياسين. جنهن مهل اسين وڃي رهيا هئاسين ته نيوسڪي تي سرخ گارڊ جا جوان مارچ ڪري رهيا هئا. سڀ هٿيار بند هئا. ڪن وٽ رائفلن تي سنگينون به لڳل هيون ته ڪي بنا سنگينن جي به هيون. سياري جي اونداهي ٿي رهي هئي، جيڪا جلدئي چانئجي ويندي هئي. هو چئن چئن جي بي قاعده صف ۾ بنا موسيقيءَ نغاري جي، ڳاٽ اوچو ڪريو. ٽڏي گپ ۾ مارچ ڪري رهيا هئا. انهن جي مٿان هڪ ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو. جنهن تي خراب سنهري اکرن ۾ لکيل هو "امن! زمين". اهي سڀ جا سڀ بلڪل نوجوان هئا. انهن جي چهرن تي اهي آثار هئا، جيڪي انهن ماڻهن جي چهرن تي هوندا آهن، جن کي خبر هوندي آهي ته هو مرڻ جي لاءِ پيا وڃن. اڏو گابري ڊپ، نفرت سان، فوٽ پاٽ تي بيٺل ماڻهن جو ميڙ نفرت پري خاموشيءَ سان کين لنگهندي ڏسي رهيو هو.

ريلوي اسٽيشن تي ڪنهن کي به اها خبر نه هئي ته ڪيرنسڪي ڪٿي آهي، يا محاذ ڪٿي آهي. پر ريل گاڏيون "راز سڪويي" کان اڳتي نه پي ويون. اسان جي بوگيءَ ۾ ڪم جي لاءِ روزانو شهر ايندڙ ۽ ويندڙ ۽ ڳوٺن جا ماڻهو هئا، جيڪي بندل ۽ اخبارون چاڙهي رهيا هئا. اتي فقط بالشويڪ بغاوت جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون. پر انهن مان ڪنهن کي اهو گمان به نه هو ته اها گهرو ويڙهه زبردست روس جا ٻه ٽڪرا ڪري رهي هئي ۽ اهو ته اها ريل گاڏي جنگ جي مرڪز ڏانهن وڃي رهي هئي. دري جي ٻاهران تيزيءَ سان وڌندڙ اونداهيءَ ۾ اسين اهو ڏسي پي سگهياسين ته سپاهين جو ڏنبلو گپ سان پريل رستي تي شهر طرف وڃي رهيو هو ۽ بحث ڪندي پنهنجون ٻانهون اُڇلي رهيو هو. ڪناري جي هڪ پٽڙيءَ تي هڪ مال گاڏي بيٺي هئي، جنهن ۾ پڻ فوج پريل هئي ۽ ان جي پاسي ۾ وڏا وڏا مڇ پري رهيا هئا. بس رڳو سنئين اُفق تي ۽ اڳيان شهر جون روشنيون ڏندلائجي رات جي وڪڙي ۾ گم ٿي ويون هيون. ڪٿي پري هڪ ٽرام ڪنهن ڏورانهين وسندي سان لڳو لڳ سُري رهي هئي.

'زار سکوپي سيلو' استيشن تي مانار چانيل هئي، پر سپاهين جون تولين هِتي هُتي بينيون ڏيل زبان ۾ ڳالهائي رهيون هيون. ۽ گاتچينا ڏانهن ويندڙ خالي پٽڑيءَ کي بي چينيءَ سان ڏسي رهيا هئا. انهن مان مون هڪ جٽي کان پُڇيو "اوهين کهڙي پاسي آهيو؟" اُن وراڻيو "هاڻ اسين معاملي جي سڃائي کي ته صحيح نموني سمجهي ويا آهيون. ان ۾ کو بہ شڪ کونهي ته ڪيرنسڪي کو سنو ماڙهو کونهي، پر اسين اهو صحيح نڻا سمجهون ته هڪڙا روسي ٻين روسين تي گولي هلائين".

استيشن ڪمانڊنٽ جي آفيس ۾ هڪ سگهاري هڏڪاڻ وارو کل مک معمولي سپاهي موجود هو. جنهن جي ٻانهن تي هڪ ريجمنٽ ڪميٽيءَ جي ڳاڙهي پٽي ٻڌل هئي. اسان وٽ جيڪي اسمولينسي جا ڪاغذ هئا، تن جي آڏار تي هن اسان سان هڪدم احترام وارو سلوڪ ڪيو. جيتوڻيڪ هو ٽورو گهبرايل هو پر مڪمل طور تي سوويتن جو طرفدار هو.

"پہ ڪلاڪ اڳ هتي سرخ گارڊ آيا هئا، پر هو موٽي ويا. اڄ صبح جو هڪ ڪميسار آيو هو پر جڏهن ڪڙاڪ پهتا ته هو واپس پيٽروگراڊ هليو ويو."

"ته ڪڙاڪ هتي آيا هئا."

هن اُداسيءَ مان ڪنڌ ڏوڻي هائوڪار ڪئي. "لڙائي ٿي هئي، ڪڙاڪ صبح جو سوير هتي پهتا. هنن اسان جن ۾ ٽن سئو ماڻهن کي گرفتار ڪيو ۽ پنجويهن جڻن کي ماري ڇڏيو."

"ڪڙاڪ هينئر ڪٿي آهن؟"

" خير، هينئر هو ته هتان کان ڪافي پري آهن. مونکي صحيح خبر کونهي ته هو هينئر ڪهڙي هنڌ آهن. شايد هيڏانهن..." هن غير يقيني انداز ۾ هٿ اولهه ڏانهن ڪنيو.

اسان استيشن جي ريسٽوران ۾ ماني کاڌي. اها ماني بلڪل اهڙي هئي، جهڙي پيٽروگراڊ ۾ ملندي هئي، سستي ۽ سُڻي. پرسان ئي هڪ فرانسيسي آفيسر ويٺو هو جيڪو ٽوري ديرِ اڳ گاتچينا مان پنڌ آيو هو. هن ٻڌايو ته اُتي امن امان هو. شهر تي ڪيرنسڪيءَ جو قبضو هو. "اُف! هي روسي!" هن چيو "اهي بہ عجيب ۽ نرالا آهن..... اڇا ته هيءَ گهرو ويڑهہ آهي. لڙائيءَ کانسواءِ باقي ٻيو سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿيو."

اسين شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ نڪتاسين. اسٽيشن جي دروازي جي بلڪل سامهون ۽ سپاهي رائفلن تي سنگينون چاڙهي بيٺا هئا. ڪين ۽ن سون جي لڳ پڳ واپاري، سرڪاري عهديدار ۽ شاگرد گهيرو ڪريو بيٺا هئا، جيڪي مٿن پُرجوش دليلن ۽ جملن سان وار ڪري رهيا هئا. سپاهي چڙ محسوس ڪري رهيا هئا ۽ ائين ناراض ناراض پي لڳا، جڙ پارٽن کي هروپرو ڏڙڪا ڏنا ويا هجن.

ان حملي جي سرواٽي هڪ ڏگهو نوجوان ڪري رهيو هو. جنهن جي منهن مان نفرت پي ٻڪي، ڪيس شاگردن وارو يونيفارم پاتل هو. هن گستاخيءَ واري لهجي ۾ چيو "منهنجي خيال ۾ اوهين اهو ٿ سمجهندا هوندا ٿ اوهين پنهنجن پائرن جي خلاف هٿيار کڻي، پنهنجو پاڻ کي قاتلن ۽ غدارن جو هٿيار پيا بنايو."

سپاهيءَ ڏاڍي سنجيدگيءَ سان وراڻيس، "منهنجا ياءُ! تون نٿو سمجهين... چا توکي خبر ڪونهي ته هتي ۽ طبقا آهن. پرولتاري ۽ بورزوا... اسين..."

"هائو هائو مونکي انهن سيني بيوقوفيءَ وارين ڳالهين جي خبر آهي." شاگرد ڏاڍي بدتميزيءَ مان هُن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو "تو جهڙا ڇٽَ مُٽ جيترا هاري، جيڪي ۽ چار لفظ ڪتاب پڙي ٿا وٺن. بس اهي ورجائيندا رهن ٿا." ميڙ مان ٿهڪ اُبريا. "آئون مارڪسي شاگرد آهيان ۽ توکي ٻڌايان ٿو ٿ اهو سوشلزم ڪونهي، جنهن لاءِ تون وڙهين پيو هي ٿ بلڪل سڌو ساڌو جرمن نواز راج آهي".

"هائو. آئون ڄاڻان ٿو." سپاهيءَ وراڻيس. هن جي پيشاني تي پگهر جا ڦڙا ظاهر هئا. "ڏسڻ ۾ ٿ ائين ٿو اچي ٿ تون پڙهيل لکيل آهين ۽ آئون وري ٽيس، ڇٽ، جاهل ۽ سادو. پر لڳي ٿ ائين ٿو ٿ..."

"منهنجو خيال آهي ٿ..." شاگرد نفرت مان وراڻيو "ٿ تون لينن کي پرولتاريه جو حقيقي سڃڻ ٿو سمجهين"؟

"هائو! آئون ٿ سمجهان ٿو." سپاهيءَ ضبط ڪندي وراڻيو.

"ٿ منهنجا دوست، چا توکي خبر آهي ٿ لينن کي جرمنيءَ مان هٿ هڪ بند گاڏيءَ ۾ موڪليو ويو آهي. چا توکي خبر آهي ٿ لينن، جرمنن کان ڏوکڙ ورتا آهن."

"خير! مون کي ان ڳالهه جي ٿ خبر ڪونهي." سپاهي پنهنجي ڳالهه تي اڏول رهندي چيو " پر مونکي ائين ٿو لڳي ٿ هو جيڪو چون ٿا اِهو اُهو

ئي آهي، جيڪي آئون ۾ مون جهڙا سادا سوڌا ماڻهو ٻڌڻ چاهين ٿا. سو اهو ته هينئر ۾ طبقا آهن. بوروازي ۽ پرولتاريه."

"تون ته وڏو ڪو چوتيو آهين ڙي منهنجا دوست. آئون انقلابي سرگرمي جي ڏوهه ۾ شليسبلرگ ۾ ۾ سال قيد ڪاٽي چڪو آهيان. جڏهن تون انقلابين تي گوليون هلائي رهيو هئين ۽ ڀائيندو هئين، پالٿهار زار کي سدا سلامت رکج! منهنجو نالو واسيلي گريگو ريئيوچ پانين آهي. تو ڪڏهن منهنجو نالو ٻڌو آهي؟"

سپاهيءَ انڪساريءَ مان وراڻيو "نه. مونکي افسوس آهي ته مون نه ٻڌو آهي.... پر آئون پڙهيل لکيل ناهيان. شايد اوهين کا نالي واري هستي آهيو."

شاگرد يقين سان چيو "آئون بالشويڪن جي خلاف آهيان. جيڪي روس کي، اسانجي آزاد انقلاب کي تباهه ڪري رهيا آهن. هاڻ تون ان جي باري ۾ ڇا چوندين؟"

سپاهيءَ پنهنجو مٿو کنهيو ۽ ڏهن تي زور ڏيڻ وانگر ڇهرو ٻگاڙيندي چيو "ان بابت ته آئون ڪجهه به نه چوندس. اها بلڪل سادي سوڌي ڳالهه ٿي لڳي، پر جيئن ته آئون کو پڙهيل لکيل شخص ناهيان، تنهنڪري مونکي ته بس ائين ٿو لڳي ته بس ۽ ئي طبقا آهن. پرولتاري ۽ بورزوازي."

شاگرد ڀڙڪندي چيو "تون وري شروع ٿي وين پنهنجي احمقاڻي فارمولا تي". "فقط ۽ طبقا.." سپاهي پنهنجي ڳالهه تي جميو رهيو "۽ جيڪي هڪٻئي سان گڏ نه آهن. هو هڪٻئي جا..."

اسين وڙڪندا رستي تي اڇيان وڌي وياسين، جتي ايڪڙ ٻيڪڙ هنڌن تي روشني هئي ۽ ماڻهن جي ٻه گهٽ اڇ وچ هئي. هڪ هنڌ ڏاڍي پوائتي مانار چانيل هئي، جڙ جنت ۽ جهنم جو ميدان هجي. اهڙي زمين جنهن جو ڪوبه ڏڻي سائين نه هجي. فقط حجامن جا دوڪان روشن هئا ۽ انهن تي ميڙومتو پيو هو ۽ حجام جي دروازي تي ماڻهن جي قطار لڳي پيئي هئي. اها چنڊچر جي رات هئي، جڏهن سڄو روس وهنجندو ۽ خوشبو هٽندو آهي، مونکي انهيءَ ۾ ذرو ٻه شڪ ڪونهي ته انهن هنڌن تي، جتي اهو جشن ٿيندو آهي، سوويت فوجون ۽ ڪزاڪ گڏجي ويندا آهن.

اسين جيئن جيئن شهنشاهي پارڪ جي ويجهو ٿيندا وياسين، تيئن رستا وڌيڪ سنسان ٿيندا ويا. هڪ هَجيل پادريءَ سوويت هيڊ ڪوارٽر ڏانهن

اشارو ڪيو ۽ تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌي ويو. اها آفيس 'گرانڊ ڊيوڪ' پاڙي جي هڪ طرف هئي ۽ اُن جي سامهون ئي پارڪ هو. دريون اونداهيون هيون ۽ دروازا بند هئا. هڪ سپاهي پنهنجي پتلون جي ڪيسن ۾ هٿ وجهيو وڙڪي رهيو هو. هن اسانکي اُداس ۽ شڪي نظرن سان ننهن کان وڏي چوٽيءَ تائين ڏٺو. هن ٻڌايو ته "هتان سوويت فوجون روانيون ٿي ويون آهن."

"ڪيڏانهن؟" هن ڪلها لوڏي وراڻيو "خبر ڪونهي."

ٽورو اڳتي هڪ وڏي عمارت هئي، جيڪا سڄي سُهائي لڳي پيئي هئي. اندران هٿوڙي هلڻ جو آواز اچي رهيو هو. اسين هڪي رهيا هئاسين ته هڪ سپاهي ۽ هڪ جهازي هٿ هٿ ۾ ڏيو رستي تي آيا. اسان ڪيس اسمولينسي واري پاس ڏيکاري مون پڇيو مان، "اوهين سوويتن سان گڏ آهيو؟"

هنن ڪابه ورندي نه ڏني ۽ هڪٻئي کي هَڇيل نظرن سان ڏٺو.

"هتي چا پيو ٿئي؟" جهازيءَ عمارت ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

"خبر ڪونهي."

سپاهيءَ ڏڇندي ڏڇندي پنهنجو هٿ اڳيان وڌايو ۽ دروازي کي ٽورو کوليو. اندر هڪ وڏو هال هو. جنهن ۾ رنگين ڪاغذ جون جهنڊيون ۽ سدابهار وڻن جون ٽاريون سجايون ويون هيون. ڪرسين جون قطارون لڳيل هيون ۽ هڪ اسٽيج ٺاهيو پي ويو. هڪ ٽلهي متاري مائي هٿ ۾ هڪ هٿوڙي ڪٽي، چپن ۾ ڪليون دٻائي ٻاهر نڪتي ۽ پڇياٽين، "چا ڪپئي!"

جهازيءَ گهبرايل انداز ۾ چيو "چا اڄ رات ڪو شو ٿيندو-؟"

هن سخت لهجي ۾ وراڻيو. "آڇر جي رات جو ٿيٽر جا نج ڪيل تماشا ٿيندا. هَل رمندو ٿي هتان."

اسان جهازيءَ ۽ سپاهيءَ سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ايترا ته هڇيل ۽ ڏڪارا هئا، جو اسان کان ڌار ٿي اونداهيءَ ۾ هليا ويا.

اسين شهنشاهي محلات طرف روانا ٿياسين، جيڪو وشال اونداهن باغن جي مهڙ وٽ آهي، جن جا حيرت ۾ وجهندڙ پويلين ۽ آرائشي پل رات جو بي يقينيءَ جي حالت ۾ ڏنڊلا ڏنڊلا نظر اچي رهيا هئا ۽ ڦوهارن مان پاڻي هلڪو هلڪو اڇلجي رهيو هو. هڪ هنڌ تي هڪ ڪل جوڳو لوهي هنج پکي هڪ هٿرادي جوڙيل غار مان پاڻي ٻاهر ڪڍي رهيو هو. اوچتو اسان کي اهو احساس ٿيو ته اسان کي ڪو ڏسي پيو ۽ جڏهن اسان ڪنڌ مٿي

کٹي ڏنو تہ اسان جي سامهون سگهاري قدبت وارا اڏ ڊزن هٿيار بند سپاهي اسان کي شڪي نظرن سان. هڪ ساوڪ سان ٽهٽار لان ۾ فڪرمند انداز ۾ گهوري رهيا هئا. آئون انهن ڏانهن وڌي ويس ۽ انهن کان پڇيم. "اوهين ڪير آهيو؟"

"اسين چوڪيدار آهيون." هڪ ڇٽي وراٽيو. هو سڀ وساٽل وساٽل نظر پي آيا.

"اوهين ڪنهن سان آهيو ڪيرنسڪيءَ سان يا سوويت فوجن سان.؟"

هڪ گهڙي تائين خاموشي رهي ۽ هو هڪٻئي کي ڏسڻ لڳا. پوءِ هن وراٽيو "اسين اڙ ڏريا آهيون."

اسين وڏي 'يڪا تريٽا محل' جي محراب مان ٽيندا. هيڊ ڪوارٽر جي باري ۾ پُڇندا محل جي احاطي ۾ گهڙياسين. محل جي هڪ خمدار ٻانهن وٽ بيٺل هڪ سنتريءَ اسان کي ٻڌايو تہ ڪمانڊانٽ اندر آهي.

جارج جي دور جي وضع جي هڪ شانائتي ڪمري ۾ جنهن کي هڪ ٻہ رخي آتشدان جي ٻن اڙ برابر حصن ۾ ورهايو ويو هو. آفيسرن جي هڪ ٽولي اُتي بيني تشويش مان ڳالهائي رهي هئي. هو سڀ هئڻا ۽ ڪويل ڪويل هئا ۽ صاف پڌرو هو تہ هو سُتا نہ آهن. اسان هڪ پوڙهي همراهہ کي پنهنجا بالشويڪ ڪاغذ ڏيکاريا. جنهن جي ڏاڙهي اڇي هئي ۽ ان جي وردیءَ تي فوجي اعزاز ٽنگيل هئا. جنهن جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو ويو هو تہ اهو ڪرنل هو.

ڪيس ڏاڍي حيرت تي ۽ ڏاڍي اخلاق مان پڇيائين. "اوهين هتي جيئرا ڪيئن پهتا.؟ هينئر رستن تي تہ سخت خطرو آهي. 'زار سڪويي سيلو' ۾ سياسي جذبا پڙڪيل آهن. اڄ صبح جو هڪ لڙائي ٽي چڪي آهي ۽ سياٽي هڪ ٻي ٽيندي انين بجي ڪيرنسڪيءَ کي شهر ۾ گهڙڻون آهي."

"ڪزاڪ ڪٿي آهن؟"

"هيڏانهن ميل ڪن پريان." هُن هٿ جو اشارو ڪندي چيو.

"۽ اوهين انهن جي خلاف شهر جو بچاءُ ڪندا.؟"

"اڙي نہ يار." هو مرڪيو "اسين تہ شهر تي ڪيرنسڪيءَ پاران قبضو ڪريو وينا آهيون." اهو ٻڌي اسان جون دليون ويهي رهيون. ڇو تہ اسان جي پاسن تي لڪيل هو تہ اسين مڪمل انقلابي آهيون. ڪرنل پنهنجو گلو صاف ڪيو ۽ چوڻ لڳو "۽ اوهان وٽ هيءَ جيڪي پاسون آهن. انهن سان

جيڪڏهن جلهجي پيا تہ اوهان جي زندگين کي خطرو آهي. تنهنڪري اوهين جيڪڏهن لڙائي ڏسڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ آئون اوهان کي هڪ حڪم لکي ٿو ڏيان تہ اوهان کيْ آفيسرن جي هوٽل ۾ ڪمرا ڏنا وڃن ۽ اوهين ستين بجي صبح جو وري ايندا تہ آئون اوهان کي نيون پاسون بہ ڏيندس."

اسان پڇيس. "تہ اوهين ڪيرنسڪيءَ جو طرفدار آهيو؟"

ڪرنل هيڪندي چيو. "نہ، بلڪل بہ نہ، ڪيرنسڪي جا طرفدار تہ ڪونہ آهيون.... ڏسو ڳالهہ هيءَ آهي تہ گيريزن ۾ گهٽائي بالشويڪ سپاهين جي آهي ۽ اڄ لڙائي کانپوءِ هو پيٽروگراد هليا ويا آهن ۽ پاڻ سان توب خانو بہ کڻي ويا آهن. اوهين اهو چئي سگهو ٿا تہ سپاهين مان تہ ڪوبہ ڪيرنسڪيءَ جو طرفدار ڪونهي. البت انهن مان ڪجهہ وڙهڻ نٿا چاهين. آفيسرن لڳ پڳ سيئي ڪيرنسڪيءَ جي فوج سان گڏجي ويا آهن يا هليا ويا آهن. ۽ اسين.... اونهہ... جيئن اوهين ڏسو پيا، ڏاڍي مشڪل ۾ آهيون."

اسان کي پڪ نہ ٿي تہ ڪو لڙائي ٿيندي. ڪرنل وڏي اخلاق سان پنهنجو اردلي اسان سان گڏي چڏيو. جيئن هو اسان کي استيشن تائين پهچائي اچي. هو ڏکڻ جو رهاڪو هو ۽ 'بيسار ابيسا' ۾ فرانسيسي پناهگيرن وٽ پيدا ٿيو هو ۽ هرهر اهو چئي رهيو هو تہ "اڙي مون کي ڪنهن بہ خطري يا تڪليف جي پرواهہ ڪونهي. پر هيترن ڏينهن لڳ پڳ ٽن سالن تائين مونکي پنهنجي ماءُ کان دور رهڻو پيو آهي."

سرد اونداهيءَ ۾ پيٽروگراد ڏانهن وڌندي ۽ ٽرين جي دريءَ مان ٻاهر ڏسندي. مونکي اتي باهہ جي ٻاريل مڇن جي روشنيءَ ۾ هٿ کڻي ڳالهائيندڙ سپاهين جون ٽوليون ۽ بکتربند گاڏين جا قافلا نظر آيا. جيڪي ريلوي ڪراسنگ تي بيٺيون هيون ۽ انهن جا ڊرائيور ڪنڌ متي ڪڍيو هڪٻئي تي رڙيون ڪري گارين جا ڏس لايو بيٺا هئا.

اها سڄي پريشان رات، سنسان ميدانن ۾ سپاهين ۽ سرخ گارڊن جا بيشمار جٿا وڙهندا ۽ هڪٻئي سان اٽڪندا گهمندا رهيا ۽ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جا ڪميسار هڪ گروهہ کان ٻي گروهہ طرف ڇڪندا ۽ بچاءُ کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا....

شهر واپس پهتاسين تہ اسان ڏٺو تہ ماڻهن جا پُرجوش ميڙ، چڑهندڙ ويرن جيان 'نيوسڪي' ڏانهن ايندا پئي ويا. ڪجهہ ٽيڙ وارو هو وارسا ريلوي

اسٽيشن کان ٻہ پريان ايندڙ گولي باريءَ جا آواز ٻڌڻ ۾ پي آيا. يونڪرن جي اسڪولن ۾ وڏي اڇ وچ لڳي پيئي هئي. دوما جا ميمبر هڪ پارڪ کان ٻي پارڪ طرف اڇ وچ ڪري رهيا هئا. بحث ڪندا ۽ منٽون ڪري رهيا هئا. ۽ بالشويڪن جي تشدد جون پوائتيون ڪهاڻيون ٻڌائي رهيا هئا. سرما محل ۾ يونڪرن جو قتل عام، سپاهي عورتن جي عزت لٽڻ، دوما جي سامهون چوڪريءَ کي گولي جو نشانو بنائڻ جو واقعو. شهزادي تومانوف جو قتل... دوما جي عمارت جي اليڪسانڊر هال ۾ "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" جو خاص اجلاس ٿي رهيو هو. ڪميسارن جي اڇ وچ جاري هئي ۽ هو ڪيس سمجهائيندا ۽ قائل ڪندا رهيا. اسمولينسي مان جيترن ٻہ اخبار نويسن کي ڪڍيو ويو هو. اهي سڀ اتي خوش ۽ خرم موجود هئا. هنن 'زار سکويي سيلو' جي حالتن جي باري ۾ اسان جي خبرن چارن تي صفا يقين نہ پي ڪيو. "ازي اهو تہ هر شخص جاڻي ٿو تہ زار سکويي هينئر ڪيرنسڪي جي قبضي ۾ آهي ۽ ڪزاڪ هينئر 'پلڪووه' تائين پهچي چڪا آهن. صبح جو ريلوي اسٽيشن تي ڪيرنسڪي جي آجيان ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي پيئي وڃي."

هڪ صحافيءَ نهايت رازداريءَ ۾ مونکي ٻڌايو تہ اڌ رات ڌاري جوابي انقلاب جي شروعات ٿيندي. هن مونکي ٻہ اعلان ڏيکاريا. جن مان هڪ تي گوتس ۽ پلڪوونڪوف جون صحيحون هيون. جن ۾ يونڪرن جي اسڪولن، اسپتالن ۾ علاج هيٺ سپاهين ۽ سينٽ جارج جي نائٽن کي جنگي حالتن طور گڏ ٿيڻ ۽ "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" جي حڪمن جو اوسيئڙو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ٻيو اعلان خود "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" پاران هو. جنهن جي لکت هن ريت هئي.

پيٽروگراڊ جي شهرين جي نالي:

ساٿيو مزدورو ۽ انقلابي پيٽروگراڊ جا سپاهيو!

بالشويڪ محاذ تي امن جي اپيل ڪن ٿا، پر پويان گهرو ويڑهہ کي پڙڪائي رهيا آهن. انهن جي چڙ ڏيارينڊڙا پيلن تي ڏيان نہ ڏريو.

خندقون نہ ڪوٽيو.

غداريءَ وارن مورچن کي ختم ڪريو.

پنهنجا هٿيار رکي ڇڏيو.

سپاهيو! واپس پنهنجن بارڪن ۾ وڃو.

پيٽروگراد ۾ شروع ٿيندڙ ويڙهه انقلاب جو موت آهي، اوهين آزادي، امن ۽ زمين جي نالي تي "ملڪ ۽ انقلاب جي ڇوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي وڃو.

اسين جڏهن دوما مان ٻاهر نڪتاسين تہ سرخ گارڊن جي هڪ ڪمپني اونداهي ۽ ويران رستي تي هڪ ڏزن قيدين سان گڏ مارچ ڪندي نظر آئي. اهي قيدي ڪزاڪن جي مقامي شاخ جا ميمبر هئا، جن کي سندن هيڊ ڪوارٽر ۾ انقلاب دشمنيءَ جي سازش ڪندي سڄ سوڌو جلهيو ويو هو.

هڪ سپاهي، جنهن سان گڏ هڪ ننڍو ڇوڪرو لئيءَ جي ديڳڙي کڻيو پيو هليو. هو وڏا وڏا ۽ نمايان نوٽس ڇهڪائي رهيو هو. "هاٿوڪين حالتن جي ڪري پيٽروگراد شهر ۽ ان جي آسپاس جي گهيري ۾ حالت ۾ هيٺ جو اعلان ڪيو ٿو وڃي. رستن، ڪليل جاين تي، سيني ميڙن ۽ گڏجاڻين تي ٻي حڪم تحت تائين پابندي وڌي وڃي ٿي.

ن- پودو وئيسڪي

ـ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جو صدر

جنهن مهل اسين گهر پي وياسين، ان مهل هوا گڏ وڇڙ آواز سان پريل هئي. موٽر گاڏين جي هارنن، رڙين، پري پري تائين هلندڙ گولين جي گوڙ ۾ شهر تشويشناڪ حالت ۾ پاسا ورائي جاڳي رهيو هو.

صبح جي تڙڪي ۾، ٽيلي فون ايڪسچينج تي پهرو بدلجڻ واري وقت کان ٿورو اڳ يونڪرن جي هڪ ڪميٽي ظاهر ٿي، جيڪا 'سيميو نوفسڪي' ريجمنٽ جي سپاهين جي ويس ۾ هئي. کين بالشويڪن جي "شناختي ڪوڊ" جي خبر هئي ۽ هنن چارج ونڊي لاٿي ۽ ڪنهن کي، ٿورو به شڪ نہ ٿيو. ٿوري دير ڪانپوءِ معائني جي لاءِ انتونوف آيو تہ هنن کيس گرفتار ڪري هڪ ننڍي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو. پهرو بدلائڻ جي لاءِ جڏهن اصل جٿو پهتو تہ هنن جو رائفل جي گولين جي بوچاڙ سان آڏرياءَ ڪيو ويو. ڪيترائي جڏا مري وبا. انقلاب دشمني شروع ٿي چڪي هئي.

❊

انقلاب دشمني

ٻي ڏينهن صبح جو آچر جي ڏينهن، يارهين نومبر (29 آڪتوبر) تي ڪزاڪ زار سڪويي ۾ داخل ٿي ويا. ڪيرنسڪي پاڻ هڪ اڇي گهوڙي تي سوار هو ۽ سيني ديولن جون گهنٽيون وڄايون ٻي ويون. وسنديءَ جي ٻاهر هڪ ننڍي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي، سونهري مينار ۽ رنگ برنگي گنبذ نظر پيو آيا. بي ڪيف ميدان تي گاڏي جي هنڌ جي سُرمئي عظمت پکڙيل هئي ۽ ان جي پويان وري نيري فن لينڊ جي نار هئي.

ڪابہ ويڙهہ نہ وڙهي ويئي. پر ڪيرنسڪيءَ هڪ سنگين غلطي ڪئي. صبح جو ستين بجي ڏاري هن "زار سڪويي سيلو" جي ٻي رائفل رجمنٽ کي نياپو موڪليو تہ اها هٿيار ڦٽا ڪري سپاهين وراڻيس تہ هو اڳ ڏريا رهندا، پر هٿيار نہ ڇڏيندا. ڪيرنسڪيءَ کين حڪم مڃڻ جي لاءِ ڏهن منٽن جي مهلت ڏني. جنهن تي سپاهين کي سخت ڪاوڙ لڳي. اڻن مهينن کان هو پنهنجي مٿان حڪمراني ڪري رهيا هئا ۽ ان نئين حڪم سان پراڻي حڪومت جي بوءِ اچي رهي هئي. ڪجهہ منٽن کان پوءِ ڪزاڪ توپخاني بارڪن تي گولي باري شروع ڪري ڏني، جنهن ۾ اٺ ماڻهو مارجي ويا. ان کانپوءِ "زار سڪويي سيلو" ۾ ڪوبہ سپاهي اڳ ڏريو نہ رهيو.

پيٽروگراڊ ۾ جڏهن صبح ٽيو تہ هِتان هُتان رائفل جي گولين جي ڇُٽڻ جا آواز اچڻ لڳا ۽ مارچ ڪندڙ ماڻهن جي ٻُرائيندڙ چاپ گونجي رهي هئي. هن ڪڪرن جي اونداهي آسمان جي هيٺان ٽڏي هوا ۾ تازي برف جي سڱڻڊ هئي. صبح جو سوير يونڪرن جي وڏن وڏن جٿن فوجي هوٽل ۽ ٽيلي گراف ايجنسيءَ تي قبضو ڪري ورتو ۽ انهن تي ٻيهر قبضي جي لاءِ زبردست جنگ ٿي هئي. ٽيلي فون ايڪسچينج کي جهازين گهيري رکيو هو. جيڪي مورسڪايا ۾ وڏن ڊرمن، باڪسن ۽ ٽين جي چادرين جي

مورچي بندي جي اوٽ ۾ وينا هئا يا وري 'گروخو وايا سڙڪ' ۽ 'سينٽ اسحاق' چوڪ جي موڙ وٽ پنهنجو پاڻ کي لڪايو وينا هئا ۽ هر چرپر ڪندڙ شئي تي گوليون هلائي رهيا هئا. البت ڪنهن ڪنهن مهل کا ريڊ ڪراس جو جهنڊو لڳل گاڏي آئي ٿي، ته جهازين ان کي لنگهي وڃڻ ٿي ڏنو.

البرٽ ريس وليمسس[1] ٽيلي فون ۾ هو. هو ريڊ ڪراس جي موٽر گاڏيءَ سان گڏ باهر ويو. جيڪا بظاهر ته زخمين سان پريل هئي. شهر ۾ چڪر هڻڻ کانپوءِ موٽر گاڏيءَ ۾ رستن تان ڦرندي ميخائلو فسڪي يونڪر اسڪول پهتي، جيڪو انقلاب دشمنيءَ جو ڳڙهه هو. اڳڻ ۾ موجود هڪ فرانسيسي آفيسر، جيڪو ڪمانڊر پي لڳو ان جي ذريعي گولا بارود ۽ ٻيو سامان ٽيلي فون ايڪسچينج پهچايو پي ويو. ان قسم جون ڪيتريون ئي نقلي ايمبولنسون يونڪرن جي لاءِ جاسوسي ۽ جنگي سامان پهچائڻ جو ڪم ڪري رهيون هُيون.

هنن جي قبضي ۾ پنج يا ڇهه بکتر بند گاڏيون هيون، جيڪي ٽوڙيل برطانوي بکتربند ڊويزن جون هُيون. لوئيز برائنٽ جڏهن سينٽ اسحاق چوڪ وڃي رهي هئي ته انهن مان هڪ ايڊ مرلٽي طرف آئي ۽ ٽيلي فون ايڪسچينج ڏانهن رواني ٿي ويئي. گوگل رستي جي موڙ وٽ، لوئيز جي اکين جي سامهون اُن جي انجڻ بند ٿي ويئي. ڪاٺ جي ڍڳ جي پويان جهازي لڪا وينا هئا. هنن گوليون هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون. ۽ ان بکتر بند گاڏيءَ جي مٿان لڳل مشين گن گهمي ۽ ڪنهن فرق کانسواءِ ڪاٺ جي ڍڳ ۽ ماڻهن جي ميڙ تي گوليون هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون. جنهن محراب ۾ برائنٽ بيٺي هئي، ان ۾ ست ماڻهو مارجي ويا، جن ۾ به ننڍڙا ٻارڙا به هئا. اوچتو هڪ رڙ سان جهازي ٽپ ڏيئي اُتيا ۽ ڪاوڙيل ڪليل فضا ۾ اڇي ويا ۽ ان راڪاس کي گهيري ۾ وٺي ان جي سوراخن ۾ بار بار سگنينون ٽنبيون. ڊرائيور ايئن محسوس ڪرايو جڻ هو زخمي ٿي پيو هو. جهازين کيس چڏي ڏنو ته جيئن دوما وڃي بالشويڪ ظلمن جي داستانن ۾ هڪ وڌيڪ جو واڌارو ڪري. مرندڙن ۾ هڪ برطانوي آفيسر به هو. پوءِ اخبارن ۾ هڪ

---

[1] البرٽ ريس وليمس، جان ريڊ جو دوست ۽ آمريڪي ترقي پسند شخصيت ۽ صحافي. هن سوويت يونين ۾ سوشلزم جي لاءِ جدوجهد جي باري ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا.

[2] لوئيز برائنٽ (1890ع- 1936ع) آمريڪي ليکڪا، جان ريڊ جي زال ۽ ساٿڻ.

فرانسيسي آفيسر جو ذڪر ٻ آيو جيڪو يونڪرن جي هڪ بڪتر بند گاڏيءَ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. ڪيس 'پيٽرور پال ڪڙهي' ڏانهن روانو ڪيو ويو. فرانسيسي سفارتخاني ان ڳالهه کان هڪدم نابري واري، پر شهر جي هڪ ڪائونسلر مونکي ٻڌايو ته هن پاڻ مذڪوره آفيسر کي قيد مان آزادي ڏياري آهي. اتحادي سفارت خانن جو سرڪاري رويو پلي ڪٽي ڪهڙو ٻ رهيو هجي، پر فرانسيسي ۽ برطانوي آفيسر انهن ڏينهن ڪافي سرگرم هئا. نه رڳو اهي، پر هو چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ جي ڪارواري اجلاسن ۾ صلاحون پڻ ڏيندا هئا.

سڄو ڏينهن شهر جي مختلف حصن ۾ يونڪرن ۽ سرخ گاردن جي وچ ۾ جهڙپون ۽ بڪتر بند گاڏين جي وچ ۾ لڙائي ٿيندي رهي. ويجهڙائيءَ ۾ پري کان گولين جي ڇُٽڻ ۽ مشين گنن جي هلڻ جا آواز ايندا رهيا. دوڪانن جا لوهي شيشا ڪيرايا ويا هئا، پر ڪاروبار هلي رهيو هو. سئنيما گهرن جي ٻاهران سيئي بتيون گُل ٿيل هيون، پر اندر هائوس فل شو هلي رهيا هئا. ٽرامون هلي رهيون هيون. ٽيلي فونون ڪم ڪري رهيون هُيون ۽ اوهين جيڪڏهن سينٽرل جو نمبر گهرندا ته فون تي گولين جا آواز ٻ ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. اسمولينيءَ جون ٽيلي فونون ڪٽجي ويون هيون، پر دوما ۽ 'چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ' جو يونڪرن جي سپني اسڪولن ۽ 'زار سڪويي سيلو' ۾ ڪيرنسڪيءَ سان رابطو قائم هو.

صبح جو ستين بجي سپاهين، جهازين ۽ سرخ گارڊ جو هڪ گشتي دستو 'ولاديميرسڪي يونڪر اسڪول' پهتو ۽ هن يونڪرن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي لاءِ ويهن منٽن جي مهلت ڏني. الٽي ميٽم رد ڪيو ويو. هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ يونڪر مارچ ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيا، پر گريبتسڪايا ۽ بلشوئي پراسپيڪٽ جي موڙ تي هڪ زوردار حملي کين پٺتي ڌڪي ڇڏيو. سوويت فوجن عمارت کي گهيري ۾ وٺي لاٿو ۽ گولي باري شروع ڪري ڏني. ٻ بڪتر بند گاڏيون اڳتي وڌي وري پٺتي ٽي هٽيون. مشين گنون کين لوڏي رهيون هُيون. يونڪرن مدد جي لاءِ ٽيلي فون ڪئي، پر ڪزاڪن جواب ڏنو ته هو اچڻ جي همت ڪري نٿا سگهن، جو سندن بارڪن تي جهازين جو هڪ وڏو تعداد ٻن توين سان موجود آهن. باولو فسڪي گهيري ۾ هو. ميخائلو فسڪي اسڪول جا گهٽا ٽٽا يونڪر رستن تي وڙهي رهيا هئا.

ساڍي يارهين بجي ٽي تويون ٻيون ٻہ اچي ويون. هٿيار اڇلائڻ جي هڪ ٻي گُهر جي جواب ۾ يونڪرن سوويت نمائندن کي اچي جهنڊي جي هيٺان ئي گولين سان اڏائي ڇڏيو. هاڻ حقيقي بمباري شروع ٿي. اسڪول جي ڀتين ۾ وڏا وڏا ڏرڙ پئجي ويا. يونڪرن ٻہ زبردست بچاءَ ڪيو. رڙيون ڪري حملو ڪندڙ سرخ گارڊن جون لهرون سخت ڏماڪن جي اڳيان ڍهي پونديون هيون. ڪيرنسڪيءَ، زار سڪوبي سيلومان ٽيلي فون ڪئي ته 'فوجي انقلابي ڪميٽيءَ' سان هر قسم جي ڳالهه ٻولهه کان انڪار ڪيو وڃي.

شڪست ۽ پنهنجن ساٿين جي لاشن جي ڍڳ کي ڏسي سوويت فوجين تي جنون طاري ٿي ويو ۽ هنن گولن سان ڏرٽيون ٽيل عمارت تي فولادي باهه جو طوفان جاري ڪري ڇڏيو. هنن جا پنهنجا آفيسر ڪين ان بمباريءَ کان روڪي نه سگهيا. اسمولينسي جي هڪ ڪميسار ڪيريلوف کين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته هنن ڪيس ڪُٽڪو ڏيڻ جو ڏڙڪو ڏنو. سرخ گارڊن جو رت تپي ويو هو.

ادائي بجي ڏاري يونڪرن اڇو جهنڊو اُپو ڪيو ته سندن حفاظت جي ضمانت ڏني وڃي ته هو هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن. ساڻن ان ڳالهه جو وعدو ڪيو ويو. هڪ وڏي رومڙ ۽ رڙ سان هزارين سپاهي ۽ سرخ گارڊ درين، دروازن ۽ ڀتين ۾ پيدا ٿيندڙ سوراخن مان اندر ڪاهي پيا. جيستائين کين روڪيو ويو تيستائين هنن پنجن يونڪرن کي سنگينون هڻي ماري ڇڏيو. باقي ڪن ٻن سئو يونڪرن کي حفاظتي رستي سان نظر نه اچڻ جي خيال کان ننڍين ننڍين ٽولين ۾ 'پيٽرور پال ڳڙهي' پهچايو ويو. رستي ۾ هڪ ٽولي تي ماٺهن جو وڏو ڏنبلو ڪاهي آيو ۽ اٽ ٻيا يونڪر ٻہ مارجي ويا. ان ويڑهه ۾ هڪ سئو کان ٻہ وڌيڪ سرخ گارڊ ۽ سپاهي مارجي ويا هئا.

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ دوما کي ٽيلي فون جي ذريعي خبر ملي ته فاتح هاڻ "انجنيئرن جي اسڪول" طرف وڌي رهيا آهن. هڪ ڏزن همراهه هڪدم اوڏانهن روانا ٿي ويا. جيئن 'منجهن' چونڪاري واري ڪميٽيءَ جي تازي اعلان جا پرچا ورهائي سگهن. پر انهن مان ڪيترائي واپس نه وريا. ٻين سيني اسڪولن وڙهڻ کانسواءِ ئي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. ۽ يونڪرن کي بنا کنهن رهنڌ اچڻ جي "پيٽراور پال ڳڙهي" پهچايو ويو.

ٽيلي فون ايڪسچينج تي ٽپهريءَ تائين قبضو نه ٿي سگهيو ان وقت هڪ بالشويڪ بڪتر بند گاڏي آئي ۽ جهازين ايڪسچينج تي حملو ڪري ڏنو. ٽيلي فون واريون چوڪريون رڙيون ڪنديون، ڀڄ ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُتي پڳيون. يونڪرن پنهنجي وردين تان سيئي امتيازي نشان پٽي اڇلائي ڇڏيا ۽ هڪ ڇٽي ته وليمس کي سندس اوور ڪوٽ جي بدلي ۾ ڪجهه ٻڌڻ جي آڇ ڪئي. هو ويس بدلائڻ جي لاءِ اوور ڪوٽ گهري رهيو هو. هو سڀ جا سڀ رڙيون ڪري رهيا هئا، "هو اسان کي ماري ڇڏيندا. هو اسان کي ماري ڇڏيندا." ڇاڪاڻ ته انهن مان ڪيترن ئي 'سرما محل' ۾ اهو وچن ڪيو هو ته عوام جي خلاف هٿيار نه کڻندا. وليمس ان شرط سان ٽياڪڙيءَ جي آڇ ڪئي، ته انتونوف کي آزاد ڪيو ويجي. هنن هڪدم انتونوف کي آزاد ڪري ڇڏيو. انتونوف ۽ وليمس فاتح جهازين جي سامهون تقريرون ڪيون، جيڪي پنهنجن ساٿين جي مارجي ويڃڻ تي صفا چتا لڳا پيا هئا. ۽ هڪ پيرو ٻيهر يونڪر بچي نڪتا. البت، جن گهبراهٽ ۾ چتين تي چڙهي ڇڃڻ يا دوچتيءَ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪئي، تن کي جلهي اُتان ئي هيٺ رستي تي اڇلايو ويو.

رت ۾ ٻڏل ۽ ٽڪل فتح مند جهازي ۽ مزدور سوئچ بورڊ واري ڪمري ۾ ڪاهي پيا ۽ اتي هيترين سارين سهٽين چوڪرين کي ڏسي چرڪي پيا ۽ پنهنجي جاءِ تي ٻيڻا ٻي چين ٽيڻ لڳا. هڪ چوڪري ٻه زخمي نه ٿي، نه ئي وري ڪنهن سان ڪا چيڑ ڇاڙ ڪئي ويئي. جڏهن هنن ڏنو ته هو محفوظ آهن ته هنن پنهنجن دل جي باهه ڪيڻ شروع ڪئي. "هونهه! ڪِنا ڇٽ ماڻهو ٻي عقل." جهازين ۽ سرخ گارڊن جي سمجهه ۾ نه پي آيو ته هو ڇا ڪن. چوريون رڙيون ڪري رهيون هُيون، "جنگهلي، سوئر." ۽ نفرت مان پنهنجا ڪوٽ ۽ ٽوپيون پائي رهيون. پنهنجن سَڄيلن نوجوان يونڪرن کي، جن مان گهڻن ٽٽن جو واسطو روسي امير گهراڻن سان هو ڪارتوس ڏيڻ ۽ انهن جي زخمن جي ملهم پٽي ڪرڻ جو سندن تجربو روحاني هو. اهي، پنهنجي محبوب زار کي بحال ڪرڻ جي لاءِ وڙهي رهيا هئا، هي ته بس عام مزدور هاري، نيچ ماڻهون هئا.

فوجي انقلابي ڪميٽي جي ڪميسار وشنياڪ چوڪرين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو نه وڃن. هو گهڻو اخلاق سان ڳالهائي

رهيا هئا. هن چين، "اوهان سان سنو سلوڪ ڪيو ويندو هو. اوهان کي ماهوار سٺ روپل ڏنا ويندا هئا ۽ روزانو ڏهن ڪلاڪن کان بہ وڌيڪ اوهان کي ڪم ڪرڻو پوندو آهي. هاڻ اهو سڀ ڪجهہ بدلايو ويندو. حڪومت ٽيلي فون جي نظام کي تار ۽ ٽپال جي وزارت جي ڪنٽرول ۾ ڏيڻ ٿي چاهي. اوهان جون پگهارون وڌائي ماهوار ڏيڍ سئو روپل ڪئي ويندي ۽ ڪم ڪرڻ جا ڪلاڪ بہ گهٽايا ويندا. اوهان کي تہ مزدور طبقي جا ماڻهو هئڻ جي حيثيت سان تہ پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي."

"مزدور طبقي جا ماڻهو! چو نہ! ڇا تون اهو ٿو چوڻ چاهين تہ انهن، انهن جانورن ۾ ۽ اسان ۾ ڪا هڪجهڙائي آهي؟. نہ ويجو! جيڪڏهن اوهين هزار روپل ڏيو تڏهن بہ اسين نہ ترسون." ائين چئي حقارت ۽ ڪيني سان پريل اهي چوريون اُتان هليون ويون.

عمارت جا ملازم لائين مين ۽ مزدور اُتي ترسي پيا. پر سوئچ بورڊ تہ هلڻ گهرجي. ٽيلي فون بي حد ضروري آهي. فقط اڏ ڏزن ڪن سڪيا ورتل چوڪريون اُتي رهيون. رضاڪارن جي لاءِ اپيل ڪئي ويئي. هڪ سئو جي لڳ ڀڳ ماڻهو اڳيان آيا. جهازي، مزدور ۽ ڇهہ چوڪريون هيڏانهن هوڏانهن ڀڄ ڊُڪ ڪري رهيون هيون. انهن اڻ ڄاڻ همراهن هوريان هوريان ڪُرڪندي تارن کي جنجهنائڻ شروع ڪيو. پهرين شئي اها هئي تہ اسموليني جو بارڪن ۽ ڪارخانن سان رابطو قائم ڪرڻو هو. ٻيو ڪم هو دوما ۽ يونڪرن جي اسڪولن جي وچ ۾ رابطن کي ڪٽڻ. شام ڏاري اها خبر سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي تہ هزارين بورزوا ٽيلي فونن تي رڙيون ڪرڻ لڳا. "بيوقوفو! شيطانو! اوهين ڇا تا سمجهيو تہ گهڻي دير ٽڪندا. ترسو ڪجاڪ اچن تہ اوهان جي ناهي ترائي ٿا ونون."

اونداهي ٽيڻ شروع ٿي ويئي هئي. تقريباً سنسان نيوسڪي تي جِتي تيز هوا جا جهونڪا هلي رهيا هئا، ڪازان جي ڪليسا جي سامهون هڪ وڏو ميڙ ڪٺو ٿي ويو هو ۽ پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪري رهيا هئا. انهن ۾ ڪجهہ مزدور ۽ سپاهي پڻ هئا، باقي دوڪاندار ڪلارڪ ۽ ان قسم جا ٻيا ماڻهو هئا.

انهن مان هڪ رڙ ڪري چيو "پر جرمني لينن جي ڳالهہ ڪٿي مڃيندو تہ ناهہ ڪري" هڪ ڪاوڙيل نوجوان سپاهيءَ وراڻيو "ڏوهہ ڪنهن

جو آهي. تنهنجي لعنتي ڪيرنسڪيءَ جو ڪنو بورزوا! ڏوڙ پايو ڪيرنسڪيءَ تي هو اسان کي اصل نہ ڪپي.! اسان کي لينن ڪپي لينن".

دوما جي ٻاهران. ٻانهن تي اڇي پٽي ٻڌي هڪ آفيسر پٽ تان هڪ پوسٽر ڦاڙي رهيو هو ۽ زور زور سان گاريون ٻہ ڏيئي رهيو هو. هڪ پوسٽر جي لکت هن ريت هئي.

پيٽروگراد جي شهرين جي نالي:

هن خطرناڪ گهڙيءَ ۾ جڏهن ميونسپل دوما کي ڪپي تہ اها آبادي جي سُک ۽ اطمينان جي لاءِ هر ممڪن ذريعا استعمال ڪري ۽ ماڻهن جي لاءِ ماني ۽ ٻين بنيادي گهرجن جي فراهميءَ کي يقيني بنائي. پر ڪابي ڏ رجي سوشلسٽ انقلابين ۽ ڪاديتن. پنهنجو فرض وساري. دوما کي هڪ انقلاب دشمن گڏجاڻيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ آبادي جي هڪ حصي کي ٻين جي خلاف پڙڪائڻ جي ڪوشش پيئي ڪري تہ جيئن ڪورنيلوف ۽ ڪيرنسڪيءَ جي فتح کي آسان بنائي سگهجي. پنهنجو فرض نباهڻ جي بدران ڪابي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين ۽ ڪاديتن. دوما کي مزدورن. سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن. امن. آزادي ۽ ماني تي حملن جو آڪاڙو بنائي ڇڏيو آهي.

"پيٽروگراد جا شهريو! اسين اوهان جا چونڊيل بالشويڪ ڪائونسلر اوهان کي اهو ٻڌائڻ ٿا گهرون تہ ڪابي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي ۽ ڪاديت انقلاب دشمنيءَ جا قدم کڻي رهيا آهن ۽ هو پنهنجو فرض وساري. آبادي کي ڏکار ۽ گهرو ويڙهہ طرف ونڊي وڃي رهيا آهن. اسين هڪ لک 83 هزار ووٽن جا چونڊيل ڪائونسلر پنهنجن ووٽرن کي اهو ٻڌائڻ پنهنجو فرض ٿا سمجهون تہ دوما ۾ ڇا ٿيو ٿئي ۽ اسين اعلان ٿا ڪريون تہ ان سان جيڪي خطرناڪ نتيجا نڪرندا. اسين انهن جا ذميدار نہ آهيون."

ڪنهن ڪنهن مهل پري کان گولين ڇٽڻ جا آواز اچي رهيا هئا. پر شهر خاموش هو. ٽڏوڇڙ تشنج سبب ٽڪجي چور ٿي پيو هجي ۽ ان کيس بي حال ڪري ڇڏيو هجي.

نڪو لائي هال ۾ دوما جو اجلاس ختم ٿي رهيو هو. هاڻ ائين ٿي لڳو تہ طوفاني دوما ٻہ ڪجهہ سَڪتي ۾ اچي ويئي هجي. ڪميسار هڪٻئي جي

پويان خبرون آڻي رهيا هئا. ٽيلي فون ايڪسچينج تي قبضو رستن تي ويڙهه، ولاديمير اسڪول تي قبضو. تروپ چيو "من ماني تشدد جي خلاف جدوجهد ۾ دوما جمهوريت سان گڏ آهي. پر ڪٽي ڪٽي ڪير به، دوما سدائين مارڪٽ ۾ تشدد جي خلاف رهندي."

گونوفسڪي، ڪاديت، ڏکهي قد ۾ بي رحم چهري وارو پوڙهي چيو "جڏهن قانوني حڪومت جون فوجون پيٽروگراڊ پهچنديون ته هو انهن باغين کي گولين سان اُڏائي ڇڏيندي ۾ ڪابه مارڪٽ نه ٽيندي." سندس ان ڳالهه تي سڄي هال ۾ خود سندس گروپ پاران به احتجاج ڪيو ويو.

هتي شڪ ۾ شبها ۾ مايوسي هئي. انقلاب دشمنيءَ کي ختم ڪيو پي ويو. سوشلسٽ انقلابي پارٽيءَ، پنهنجي عهديدارن جي خلاف بي اعتماديءَ جو ووٽ پاس ڪري ڇڏيو هو. ڪابي ڈر جو ڪنٽرول ٽي ويو هو. اوڪسنتيئف استعفيٰ ڏيئي ڇڏي هئي. هڪ خابرو اها خبر ڪٽي آيو هو ته ڪيرنسڪي سان گڏجڻ جي لاءِ جيڪا آجياٽي ڪميٽي موڪلي ويئي هئي، تنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. رستن تي ڪٽي پري ڏکڻ ۾ ڏکڻ اولهه ۾ گولي باريءَ جا هلڪا آواز ٻڌڻ ۾ پي آيا، پوءِ به ڪيرنسڪي نه آيو.

فقط ٽي اخبارون ڇپجي سگهيون. 'پراودا'، 'ديدا نرودا'، ۾ 'نو وايا زيزن'. انهن سپني نئين حڪومت کي ڪافي جاءِ ڏني هئي. سوشلسٽ انقلابي اخبار هڪ اهڙي ڪابينا جي گهر ڪئي هئي. جنهن ۾ نه ڪاديت هجن ۾ نه ئي وري بالشويڪ. گورڪي پُر اميد هو ۾ چاڪاڻ ته اسمولينسي رعايتون ڏنيون هيون. هڪ نج سوشلسٽ حڪومت جي شڪل جُڙي رهي هئي، جنهن ۾ بورزوازين کانسواءِ باقي هڙئي عنصر شامل هئا. جيستائين 'پراودا' جو تعلق هو ته ان مذاق اُڏايو هو.

"اسين سياسي پارٽين سان گڏ انهن اتحادين کي ڪل جوڳو ٿا سمجهون، جن جا نالیوارا ميمبر شڪي شهرت رکندڙ ٽٽ ٻتاکي اخبار نويس آهن. اسان جو 'اتحاد' پرولتاري ۾ انقلابي فوج جو غريب هارين سان اتحاد آهي."

پتين تي 'ويڪزيل' جو هڪ وڏي طمطراق وارو اعلان لڳل هو جنهن ۾ اهو ڏڙڪو ڏنل هو ته جيڪڏهن بنهي ڏرين ناهه نه ڪيو ته هڙتال ڪئي ويندي.

"انهن فسادن جا فاتح، اسان جي ملڪ جي ڏٽڙپٽي جا چوٽڪارو ڏيارينڏڙ نہ تہ بالشويڪ هوندا ۽ نہ ئي وري چوٽڪاري واري ڪميٽي، ۽ نہ ئي وري ڪيرنسڪيءَ جون فوجون. پر اسان ريلوي ڪارڪنن جي يونين هوندي.

"سرخ گارڊ وارا ريلوي جهڙي مُنجهيل معاملي کي سنيالڻ جي اهليت نٿا رکن ۽ جيتريقدر عارضي حڪومت جو لاڳاپو آهي تہ اها خود اقتدار کي پنهنجن هٿن ۾ رکڻ جي سلسلي ۾ نااهل ثابت ٿي چڪي آهي. اسين ڪنهن بہ اهڙي پارٽيءَ جي لاءِ پنهنجون خدمتون فراهم ڪرڻ کان انڪار ٿا ڪريون، جيڪا هڪ اهڙي حڪومت جو اختيار رکندي بہ عمل نہ ڪري، جنهن جو بنياد سڄي جمهوريت جي پروسي تي هجي."

اسمولنيءَ ڏاڍي سرگرم، اٽاهہ انسانيت جي بي پناهہ سگهہ سان جوش ۽ چرپر ۾ هئي.

ٽريد يونينن جي مرڪزي آفيس ۽ لوزو فسڪي مونکي نڪو لائي لائن جي ريلوي ڪارڪنن جي هڪ وفد سان ملهايو. هن ٻڌايو تہ ماٺهو وڏا وڏا عام جلسا ڪري پنهنجن اڳواڻن جي عمل جي مذمت ڪري رهيا آهن. هن ميز تي مُڪ هڻندي چيو "سڄو اقتدار سوويتن جي هٿن ۾! مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ 'ابارونتسي' (مدافعت پرست) ڪورنيلوف جي ڪيڏ ڪيڏي رهيا آهن. هنن هڪ مشين جنرل اسٽاف موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسان انهن کي منسڪ ۾ ئي گرفتار ڪري ورتو. اسان جي شاخ هڪ ڳُل روس ڪنوينشن جي گهر ڪئي آهي، پر هو اهو گهرائڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن."

اهڙي ئي صورتحال، جهڙي سوويتن ۽ فوجي ڪميٽين ۾ هئي، سڄي روس ۾ مختلف جمهوري تنظيمن ۾ هئي، انهن ۾ هڪجهئي جي پويان قوت پڄجي رهي هئي ۽ هو بدلجي رهيون هيون. اندرين جڳهڙن، 'ڪو آپريٽو انجمنن' جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا هئا. هارين جي سوويتن جي 'ڪاروباري ڪميٽين' جون گڏجاڻيون طوفاني جڳهڙن ۾ ختم ٿي ويندیون هيون. ايتريقدر جو ڪزاڪن ۾ بہ گڙٻڙ هئي.

سيني کان مٿينءَ ماڙ تي فوجي انقلابي ڪميٽي زورن تي هئي. وار ڪري رهي هئي ۽ ٽوري بہ ڏر نہ پي ڏنائين. ماٺهو تازا ۽ توانا اندر وڃي رهيا هئا. هو ڏينهن رات ان پيانڪ مشين ۾ پنهنجو پاڻ کي اڇلي رهيا هئا ۽ جڏهن ٻاهر تي نڪتا تہ هيٺا هيٺا، ٽڪ کان چور آواز وينل ۽ ڪنا، فرش

تي ڏهي سمهي ٿي پيا. 'چونڪاري واري ڪميٽيءَ' کي غير قانوني قرار ڏنو ويو هو. فرش تي نون نون اعلانن جا وڏا ڍڳ لڳا پيا هئا.

".....سازشين کي گيريزن ۾ يا مزدور طبقي ۾ ڪابه حمايت حاصل نه هئي ۽ هو سڀ کان وڌيڪ پنهنجي اوچتي حملي کي انڪار ڪري رهيا هئا. انهن جي رٽ، هڪ سرخ سپاهيءَ جي ڏڙتيءَ سبب، جنهن جي نالي جو اعلان ڪيو ويندو سب ليفٽيننٽ بلاگونرا ووف کي معلوم ٿي ويئي. سازش جي مرڪز ۾ "چونڪاري واري ڪميٽي" هئي. ان جي فوجين جي ڪمان ڪرنل پلڪو وينڪوف جي هٿن ۾ هئي ۽ احڪامن تي عارضي حڪومت جي اڳوڻي ميمبر گوتس جي صحيح هئي. جيڪو ان وعدي تي آزاد ڪيو ويو هو ته هو انقلاب دشمني نه ڪندو.....

"فوجي انقلابي ڪميٽي، پيٽروگراڊ جي آباديءَ جو ڏيان ان پاسي ڏيارينديِ، انهن سڀني ماڻهن جي گرفتاريءَ جو حڪم ٿي ڏي، جن جو ان سازش سان واسطو هو. انهن ماڻهن تي انقلابي ٽربيونل ۾ ڪيس هلايو ويندو."

❋

ماسڪو مان خبر آئي ته يونڪرن ۽ ڪزاڪن ڪريملن کي گهيري ۾ ونيِ لاٿو آهي. ۽ سوويت فوج کي حڪم ڏنو آهي ته هٿيار ڦٽا ڪن. سوويت فوج اُن حڪم جي تعميل ڪئي، پر جڏهن هو ڪريملن مان هٿين خالي نڪري رهيا هئا ته گهيرو ڪندڙ مٿن ڪاهي آيا ۽ کين گولين سان پَرڻ ڪري ڇڏيائون. بالشويڪن جي ننڍين ننڍين ٽولين کي ٽيلي فون ۽ تار گهرن مان ڪڍيو ويو آهي. هاڻ شهر جي مرڪز تي يونڪرن جو قبضو آهي. پر انهن جي چٽني پاسن سوويت فوجون گڏ ٿي رهيون آهن. رستن تي هوريان هوريان ويڙهه وڌندي پيئي وڃي. ٻاهه جو سيئي ڪوششون ناڪام ٿي چڪيون آهن. سوويتن پاران گيريزن جا ڏهه هزار سپاهي ۽ ڪجهه سرخ گارڊ، حڪومت پاران ڇهه هزار يونڪر، ايائي هزار ڪزاڪ ۽ به هزار سفيد گارڊ موجود آهن.

پيٽروگراڊ سوويت جو اجلاس ٿي رهيو هو ۽ پر واري ڪمري ۾ نئين "تسي اي ڪا" انهن فرمانن ۽ اعلانن تي عمل ڪري رهي هئي، جيڪي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل مان ڪنهن وهڪري وانگر اچي رهيا هئا. جنهن جو اجلاس مٿي ٿي رهيو هو. ترتيب بابت، جنهن موجب

قانونن جي توثيق ۽ اشاعت ٽيڻ گهرجي. مزدورن جي لاءِ روزانو اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ بابت، ۽ لونا چارسڪي جي "عوامي تعليم جي نظام جي بنيادي اصولن" بابت انهيءَ اجلاس ۾ رڳو ڪجهه سئو ماڻهو ئي موجود هئا. انهن ۾ گهڻا ٿڌا هٿيار بند هئا. اسمولينيي ۾ پهريدار ڪانسواءِ جيڪي هال جي درين ۽ عمارت جي پاسن کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ مشين گنون کوڙي رهيا هئا. ٻيو ڪير به نه هو.

"تسي اي ڪا" ۾ "ويڪزيل" جو هڪ نمائندو تقرير ڪري رهيو هو:

"اسين ڪنهن به ڏر جي فوجين کي آڻڻ ۽ نيڻ کان انڪار ٿا ڪريون. اسان هڪ وفد ڪيرنسڪيءَ وٽ اهو چوڻ جي لاءِ موڪليو آهي ته جيڪڏهن هن پيٽروگراڊ ڏانهن وڌڻ جاري رکيو ته اسين ٽُنهنجي اڇ وچ جي لائين ڪاٽي ڇڏينداسين."

هن به اها ئي عام اپيل ڪئي ته هڪ نئين حڪومت جوڙڻ جي لاءِ سڀني سوشلسٽ پارٽين جي هڪ ڪانفرنس گهرائي وڃي.

ڪامينيئف وڏي تحمل سان جواب ڏنو ته بالشويڪ وڏي خوشيءَ سان اهڙي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندا، پر اصل فائدو اهڙي حڪومت جي جوڙڻ ۾ ڪونهي، پر ان ڳالهه ۾ آهي ته سوويتن جي ڪانگريس جي پروگرام کي قبوليو وڃي... 'تسي اي ڪا' ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين ۽ سوشل ڊيموڪريٽ بين الاقوامين پسندن جي اعلانن تي غور ڪيو آهي ۽ ڪانفرنس ۾ تناسبي نمائندگيءَ جي رٽ کي فوجي ڪميٽين ۽ هارين جي سوويتن جي نمائندن کي شامل ڪري، مجي ورتو آهي.

وڏي هال ۾ ٽراٽسڪيءَ ڏينهن جا واقعا بيان ڪيا. هن ٻڌايو ته، "اسان ولاد يميرسڪي اسڪول جي يونڪرن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو هڪ موقعو ڏنو. اسان معاملن کي رتوڇاڻ ڪانسواءِ نبيرڻ ٿي چاهيو. پر هاڻ جڏهن رتوڇاڻ شروع ٿي چڪي آهي ته فقط هڪئي رستو باقي وڃي بچيو آهي ته بنا ڪنهن رعايت جي جدوجهد ڪئي وڃي. اهو سوچڻ ۽ ڀاراٽي ڳالهه ٿيندي ته اسين ڪنهن ٻي طريقي سان به جيتي سگهئون ٿا. هر شخص کي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ سان سهڪار ڪرڻ گهرجي. جتي به خاردار تارن، وٽن، پيٽرول ۽ بندوقن جا ذخيرا هجن، ان جو اطلاع ڏيڻ گهرجي. اسان اقتدار جيتيو آهي، هاڻ اهو اسانکي پنهنجن هٿن ۾ رکڻون آهي".

منشويڪ يوفي پنهنجي پارٽيءَ جو اعلان پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ٽراٽسڪيءَ "اصول جي باري ۾ ڪنهن بحث" جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن رڙ ڪري چيو "اسان جو بحث مباحثو هاڻ رستن تي ٿي رهيو آهي. فيصلو ڪندڙ قدم کڄي چڪو آهي. اسين سڀ ۾ خاص طور تي آئون، جيڪو ڪجهه ٿئي پيو ان جي ذميداري کڻان ٿو..."

گاتچينا جي محاذ تان ايندڙ سپاهين پُنهنجي حالتن جي باري ۾ ٻڌايو. 481 هين توپ خاني جي مهلڪ بٽالين جي سپاهيءَ چيو "جڏهن خندقن تائين اها خبر پهچندي ته هيءَ اسان جي حڪومت آهي ته هو خوشيءَ سبب چيخي اُٿندا." بيترهوف جي هڪ يونڪر چيو. هن ۾ ٻن ٻين سوويتن جي خلاف مارچ ڪرڻ کان نابري واري ۾ جنهن سندس ساٿي'سرما محل' جي بچاءَ کان واپس آيا ته هنن کيس پنهنجو ڪميسار مقرر ڪيو ته جيئن هو اسمولينيي وڃي ۾ حقيقي انقلاب کي پنهنجون خڌمتون پيش ڪري سگهي.

ان کانپوءِ ٽراٽسڪيءَ انهن سوالن جا جواب ڏيندي چيو "پيٽي بورزوا ته مزدور سپاهين ۾ هارين کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ شيطان سان ڳٺ جوڙ ڪندي به نه ڪَرَندا." گذريل ٻن ڏينهن ۾ شراب جي نشي ۾ ٻُڏل هئڻ جي ڪيترن ئي واقعن جي سُڌ ملي هئي. "ساٿيو! شراب نوشي بلڪل نه! شام جو ائين بجي ڪانپوءِ رستن تي باقاعده چوڪيدارن ڪانسواءِ ٻيو ڪير به نظر نه اچي. جن هنڌن تي شراب جي موجودگيءَ جو شڪ هجي ۾ انهن سيني هنڌن جي جڙتي ونڊ گهرجي ۾ شراب کي ڏيان ڪري ڇڏڻ گهرجي. شراب وڪڻندڙن تي ٿورو به رحم نه ڪيو وڃي..."

فوجي انقلابي ڪميٽي 'ويبورگ سيڪشن' مان ايندڙ وفد کي گهرايو پوءِ يوتيلوف ڪارخاني مان ايندڙ ميمبرن کي. هو هڪدم گڏ ٿي ويا.

ٽراٽسڪيءَ چيو "اسين هر انقلابيءَ جي قتل جي جواب ۾ پنجن انقلاب دشمنن کي قتل ڪنداسين."

پوءِ شهر جي وچ ۾ دوما جي عمارت ۾ جتي تمام گهڻيون روشنيون هيون ۾ تمام گهڻا ماڻهو اندر گهڙي رهيا هئا. هيٺين هال ۾ روئڙ ۾ رڙين جي ايندڙ آوازن جي وچ ۾ ماڻهن جو ڌنبلو هڪ وهڪري جيان اڳتي پوئتي ٿي هڪ بليٽن بورڊ تائين پهچي رهيو هو جتي انهن يونڪرن جي فهرست

چنبڑيل هئي، جيڪي ڏينهن جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويا هئا، يا اهو فرض ڪيو ويو هو تہ ماريا ويا آهن. انهن مان گهٽا ٽٽا پوءِ صحيح ۽ سلامت اچي ويا هئا. مٿين "اليڪساندر هال" ۾ "چوٽڪاري واري ڪميٽي" ويٺي هئي. آفيسرن جي ڪلهن تي لڳل سنهري ۽ ڳاڙها پٽا نمايان هئا. منشويڪ ۽ سوشلسٽ دانشورن جا جاتل سڃاتل مُهاندا، بينڪارن ۽ سفارتي نمائندن جون ڳاڙهيون ٽيل اکيون، ۽ شان ۽ شوڪت واري ڊيل ڊول وارا پراٽي حڪومت جا عهديدار ۽ خوش پوشاڪ عورتون موجود هيون.

ٽيليفون واريون چوڪريون شاهدي ڏيئي رهيون هيون، هڪٻئي جي پويان سپ چوريون ٽربيون ۾ آيون، ضرورت کان وڌيڪ شوخ ڪپڙن ۾، فيشن جو نقل ڪندڙ معمولي چوريون، جن جا ڳل ڳاڙها ۽ جتيون نوڪدار هيون. هڪ هڪ چوڪري خوشيءَ مان ٽڙي رهي هئي تہ پيٽروگراڊ جا "سنا" ماڻهو آفيسر، وڏ گهراٽا مالدار ماڻهو سياست جا وڏا نالا تاڙيون وڄائي رهيا هئا. هڪ هڪ چوڪريءَ اچي پرولتارين جي هتان پاڻ مٿان ٽيل ظلمن جا داستان ٻڌايا ۽ ڪميٽيءَ سان پنهنجي وفاداريءَ جو اعلان ڪيو.

نڪولائي هال ۾ دوما جو ٻيهر اجلاس شروع ٿي ويو هو. ميئر پُر اميد انداز ۾ چيو تہ پيٽروگراڊ جي ريجمنٽن کي پنهنجي حرڪتن تي شرمندگي آهي، پروبيگنڈهہ ڪامياب ٿي رهي آهي. خابرو اچي رهيا آهن ۽ بالشويڪن جي خوفناڪ حرڪتن جون خبرون ٻڌائي رهيا آهن. يونڪرن کي بچائڻ جون درخواستون ڪري رهيا آهن، وڏي تيزيءَ سان جانچ ڪري رهيا آهن. تروپ چيو "بالشويڪن کي سنگينن سان نہ پر اخلاقي قوت سان سوپ حاصل ٿيندي..."

ان دوران انقلابي محاذ تي سپ ڪجهہ ٺيڪ ٺاڪ نہ هو. دشمن بڪتر بند ريل گاڏيون آندیون هيون، جن تي توپون ڪُتل هيون. سوويت فوجون گهٽيون ٽٽيون اڻ تجربيڪار سرخ گارڊ، بنا آفيسرن ۽ ڪنهن رٽا ڪانسواءِ هئا. هنن سان گڏ فقط پنج هزار باقاعده سپاهي آيا هئا. باقي گيريزن يا تہ يونڪرن جي بغاوت کي چٽڻ ۽ شهر جي چوڪيداري ڪرڻ ۾ رُڌل هيون يا اهو فيصلو نہ پي ڪري سگهيون تہ هو چا ڪن. شام جو ڏهين بجي لينن شهر جي ريجمنٽن جي نمائندن سان هڪ گڏجاڻي کي خطاب ڪيو جنهن ۾ وڏي اڪثريت وڙهڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. جنرل اسٽاف جي حيثيت

سان ڪر ڪرڻ جي لاءِ پنجن سپاهين تي ٻڌل هڪ ڪميٽي چونڊي ويئي ۽ پوئينءَ پهر ريجمنٽون مڪمل جنگي تياريءَ سان پنهنجن بارڪن ڏانهن روانيون ٿيون. جنهن مهل آئون گهر وڃي رهيو هوس تہ مون کين باقاعده آزمودگار سپاهين جيان سنگينن جي سڏائيءَ ۾ فتح ڪيل شهر جي ويران رستن تان لنگهندي ڏٺو.

ان وقت سدوواڻيا تي "ويڪزيل" جي مرڪزي آفيس ۾ سيني سوشلسٽ پارٽين جي هڪ ڪانفرنس، هڪ نئين حڪومت جوڙڻ جي لاءِ هلي رهي هئي. ڪانفرنس هلندي وڇڙي سوچ رکندڙ منشويڪن پاران "ڊبرا موويچ" چيو تہ "نہ فاتح هئڻ گهرجي، نہ مفتوح، گذريل ڳالهين کي وساري ڇڏڻ گهرجي." ان ڳالهہ تي سيئي ساڃي ڏر جون پارٽيون سهمت هُيون. 'دان' ڪاپي ڏر جي منشويڪن پاران تقرير ڪندي بالشويڪن جي سامهون عارضي صلح جي لاءِ هيٺيان شرط رکيا: سرخ گارڊن کي بي هٿيار ڪيو وڃي ۽ پيٽروگراڊ گيريزن کي دوما جي حڪمن جي تابع ڪيو وڃي. ڪيرنسڪي جون نوجون نہ ڪا گولي هلائيندين ۽ نہ ڪنهن شخص کي گرفتار ڪندين. بالشويڪن ڪانسواءِ باقي سيني سوشلسٽ پارٽين تي ٻڌل هڪ وزارت قائم ڪئي وڃي. اسمولينيي پاران ريازانوف ۽ ڪامينيف اعلان ڪيو تہ سيني سوشلسٽ پارٽين تي ٻڌل حڪومت تہ قابل قبول آهي، پر 'دان' جي ٻين رٽن تي هن احتجاج ڪيو. سوشلسٽ انقلابين ۾ قوت هئي، پر هارين جي سوويتن جي ڪارواري ڪميٽيءَ ۽ عوام دوست سوشلسٽن، بالشويڪن کي شريڪ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سخت جڪوڙن ڪانپوءِ هڪ عمل جوڳي رٽا تيار ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي ويئي.

اها سڃي رات ۽ ورندي ٻيو ڏينهن ۽ وري ٻي رات ڪميٽي سرڪپائيندي رهي. هڪ پيرو اڳ بہ 9 نومبر (27) آڪٽومبر تي ناهہ جي لاءِ ان قسم جي هڪ ڪوشش ڪئي ويئي هئي، جنهن جا اڳواڻ مارتوف ۽ گورڪي هئا. پر ڪيرنسڪي جي ويجهو اچڻ ۽ چوٽڪاري واري ڪميٽي جي سرگرمين جي ڪري منشويڪن جو ڪاپو حصو سوشلسٽ انقلابي ۽ عوام دوست اوچتو پاسيرا ٿي ويا هئا. هاڻ هو يونڪرن جي بغاوت جي چٽجڻ ڪانپوءِ ٻيهر مرعوب ٿي ويا هئا.

سومر، 12 هين نومبر (30 هين آڪٽومبر) جو ڏينهن اميد ۽ آشا جو ڏينهن هو سڄي روس جون اکيون پيٽروگراڊ جي دروازن جي ٻاهرين سُرمئي ميدان تي کتل هيون، جتي پراٽي نظام جي سپني دستياب طاقتن جو مقابلو نئين ۽ اڻڄاڻ جي غير منظم طاقت سان هو. ماسڪو ۾ عارضي صلح جو اعلان ڪيو ويو هو. ٻيئي ڏريون ڳالهيون ٻولهيون ڪري رهيون هيون ۽ گاڏيءَ واري هنڌ جي نتيجي جو اوسيڙو هو. هاڻ سوويتن جي ڪانگريس ۾ شرڪت ڪندڙ نمائندا تيز رفتار ريل گاڏين ۾ ايشيا جي سڀ کان ڏورانهن حصن طرف وڌي رهيا هئا. باهه جون صليبون ڪٽيو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. وڏي کان وڏي حلقي ۾ پکڙجندڙ لهرن جيان معجزي جي خبر، سڄي ملڪ ۾ پکڙجي رهي هئي ۽ ان سان گڏوگڏ ڳوٺ، شهر ۽ ڏورانهان هنڌ، ڇرڪي جاڳي پيا. زيمستوئن ۽ حڪومتي ڪميسارن جي خلاف سوويتون ۽ فوجي انقلابي ڪميٽيون.... سفيد گارڊن جي خلاف سرخ گارڊ، رستن تي لڙايون ۽ پرجوش تقريرون.... نتيجي جو سڄو دارومدار پيٽروگراڊ مان ايندڙ خبر تي هو.

اسمولينسي لڳ ڀڳ خالي هئي، پر دوما ۾ ميڙو متل هو ۽ وڏو گوڙ ۽ هُل هو. پوڙهو ميئر پنهنجي شانائتي انداز ۾ بالشويڪ ڪائونسلرن جي اپيل جي خلاف احتجاج ڪري رهيو هو. هن وڏي جوش مان چيو "دوما، انقلاب دشمنيءَ جو مرڪز ڪونهي. دوما ۾ هن پارٽين جي وچ ۾ هاڻوڪي جدوجهد ۾ ڪنهن جي به طرفداري نٿي ڪري. پر هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن ملڪ ۾ ڪو قانوني اقتدار ڪونهي، ميونسپل خود مختيار گورنمنٽ ئي نظم و ضبط جو واحد مرڪز آهي. پُرامن آبادي ان حقيقت کي سمجهي ٿي، پرڏيهي سفارت خانا فقط انهن دستاويزن کي مڃين ٿا، جن تي شهر جي ميئر جي صحيح هوندي آهي. هڪ يورپين جو دماغ ڪنهن ٻي صورتحال جو تصور ئي نٿو ڪري. تنهنڪري ميونسپل خود مختيار گورنمنٽ ئي اهو واحد ادارو آهي، جيڪو شهرين جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ جي اهليت رکي ٿو. شهر تي انهن سپني تنظيمن جي ميزباني، جيڪي ان قسم جي ميزبانيءَ جي خواهش ڪنديون ۽ ان لاءِ دوما عمارت جي اندر ڪنهن به قسم جي اخبارن جي ورهاست کي روڪي نٿي سگهي. اسان جي ڪم جو دائرو وڏي رهيو

آهي ۽ اسان کي عمل جي مڪمل آزادي ڏيڻ کپي ۽ ٻنهي ڏرين کي اسان جي حقن جو احترام ڪرڻ گهرجي.

"اسين اڃ ڏُريا آهيون. جڏهن يونڪرن ٽيلي فون ايڪسچينج تي قبضو ڪيو تہ ڪرنل پلڪو وينڪوف حڪم ڏنو تہ اسمولني جا ٽيلي فون ڪاٽيا وڃن. پر مون احتجاج ڪيو ۽ ٽيلي فون چالو رهي."

ان تي بالشويڪ ٻئنچن وٽان طنزيہ ٿهڪ بلند ٽيا ۽ ڪاپي پاسان لعنت ملامت. شرائدر پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. "پوءِ بہ هو اسان کي انقلاب دشمن سمجهن ٿا ۽ ماٹهن ۾ اسان جون گلائون ڪن ٿا. هي اسان جو موٹر ڪارون ضبط ڪري اسان کي چرپر جي ذريعن کان بہ محروم ڪن ٿا. جيڪڏهن شهر ۾ ڏڪار پئجي وڃي تہ اسان جو ڪوبہ ڏوهہ نہ هوندو. احتجاجن مان ڪوبہ فائدو ڪونهي".....

ٽائون بورڊ جي بالشويڪ ميمبر ڪوبوزيف کي ان ڳالهہ تي شڪ هو تہ ڪو فوجي انقلابي ڪميٽيءَ ميونسپل جون گاڏيون ضبط ڪيون آهن. جيڪڏهن ائين ڪٹي ٽيو بہ آهي. تہ شايد اهو ڪنهن غيرمستند شخص هنگامي حالتن ۾ ڪيو آهي. هن چيو "ميئر اسان کي چئي ٿو تہ اسان کي دوما کي سياسي گڏجاڻين ۾ تبديل نہ ڪرڻ گهرجي. پر هر منشويڪ ۽ سوشلسٹ انقلابي هتي سواءِ پارٹي پروپيگنڈهہ جي. ٻي ڪابہ ڳالهہ نٿو ڪري ۽ دروازي تي هو پنهنجي غيرقانوني اخبار "اسڪرا" (چٹنگ). "سلدسڪي گولس" ۽ "ربوچا يا گزيتا" ورهائين ٿا. جيڪي بغاوت تي اُپارين ٿا. اسين بالشويڪ بہ جيڪڏهن پنهنجي اخبار ورهائڻ شروع ڪريون تہ چا ٿي پوندو؟ پرائين نہ ٽيندو چاڪاڻ تہ اسين دوما جو احترام ٿا ڪريون. اسان ميونسپل خود مختيار گورنمنٹ تي حملو نہ ڪيو آهي ۽ اسين ائين نہ ڪنداسين. پر اوهان ماٹهن جي نالي هڪ اپيل جاري ڪئي آهي ۽ اسان کي بہ ائين ڪرڻ جو حق آهي..."

ان کانپوءِ ڪاديٹ. شيگاريف تقرير ڪئي. جنهن چيو تہ اهڙن ماٹهن سان ڪا هڪ زبان ڳالهائي نٿي سگهجي. جيڪي سزا جي لاءِ اتارني جنرل جي سامهون سزا جي لاءِ آڻڻ کپن ۽ جن تي غداريءَ جي الزام ۾ ڪيس هلائڻ گهرجي. هن وري بہ رٹ ڏني تہ سيني بالشويڪ ميمبرن کي دوما مان ڪيڊي چڏڻ گهرجي. پر اها رٹ دفتر داخل ڪئي ويئي. چاڪاڻ تہ

بالشويڪ ميمبرن جي خلاف ڪو شخصي الزام نہ هو ۽ ميونسپل جي انتظام ۾ هو سرگرمي سان حصو ونڊندا هئا.

پوءِ ٻن منشويڪ بين الاقوامين پسندن تقريرون ڪيون ۽ اعلان ڪيو تہ بالشويڪ ڪائونسلرن جي اپيل قتل عام جي لاءِ سڏو سنئون هُشي ڏيڻ جي برابر آهي. پنڪيوچ چيو "جيڪڏهن هر شئي جيڪا بالشويڪن جي خلاف آهي، اها انقلاب دشمن آهي تہ پوءِ مونکي خبر ڪونهي تہ انقلاب ۽ نراج ۾ ڪهڙو فرق آهي. بالشويڪ عوام جي بي لغام جذبن تي مدار رکن ٿا پر اسان وٽ اخلاقي قوت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ب ڪونهي. اسين ٻنهي ڌرين ياران ٽيندڙ قتل عام ۽ تشدد جي خلاف احتجاج ڪنداسين. چاڪاڻ تہ اهو اسان جي فرضن ۾ شامل آهي تہ اسين هڪ پُر امن نبيرو ڳولهيون."

نزاريئف چيو "عام تذليل جي لاءِ" جي سُرخيءَ سان جيڪو نوٽس پتين تي هنيو ويو آهي، جنهن ۾ عوام کي سڏ ڏنو ويو آهي تہ هو منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين کي تباهہ ڪري ڇڏين، هڪ اهڙو ڏوهہ آهي، جيڪو بالشويڪ ڪڏهن ب ڏوئي نہ سگهندا. ڪالهوڪيون هولناڪيون تہ ان شئي جو هڪ ٽريلر آهي، جنهن جي تياري اوهين ان قسم جي اعلان سان ڪري رهيا آهيو..... مون سڀائين اها ڪوشش ڪئي تہ ٻين پارٽين سان اوهان جو ناهہ ڪرايان، پر هاڻ منهنجي دل ۾ اوهان جي لاءِ نفرت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ب ڪونهي..!"

بالشويڪ ڪائونسلر اُٿي بيهي رهيا ۽ ڪاوڙ ۾ ڏڙڪ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا. ۽ جواب ۾ قاتل قاتل ۽ نفرت انگيز آوازن ۽ هٽن جي اُڇلون ڏيندڙ ٻانهن سندس مخالفت ڪئي.

منهنجي هال جي ٻاهران هڪ منشويڪ انجنيئر يومبرگ ۽ ٽن چئن اخباري خابرو‌ئن سان ملاقات ٿي، هو سڀ ڏاڍا خوش هئا. هن چيو "ڏٺئي! بزدل اسان کان ڊجن ٿا. دوما کي گرفتار ڪرڻ جي همت نٿا ڪري سگهن. انهن جي موجب انقلابي ڪميٽي هن عمارت ۾ ڪوب ڪميسار موڪلڻ جي باري ۾ سوچي ب نٿي سگهي. اڙي اڄ ئي مون سدوورايا جي موڙ تي سرخ گارڊ جي هڪ همراهہ کي ڏٺو جيڪو هڪ چوڪري کي "سلدا تسڪي گولس" وڪرو ڪرڻ کان روڪي رهيو هو. چوڪرو متس ڪلي رهيو هو ۽ ماٺهن جي هڪ ميڙ اُن ڏاڙيل کي ڪُٽڪو ڏيڻ ٿي چاهيو. هاڻ بس ڪجهہ

ڪلاڪن جي ڳالهه آهي. جيڪڏهن ڪيرنسڪي نه به آيو ته به وٽن حڪومت هلائڻ جي لاءِ ماڻهو ئي ڪونهن... چوتيا! مون ته اهو به ٻڌو آهي ته اسمولينيءَ پر هو پاڻ پر ئي وڙهي رهيا آهن."

منهنجو هڪ سوشلسٽ انقلابي دوست مونکي هڪ پاسي وٺي ويو ۽ چيائين، "مونکي خبر آهي ته چوڪاري واري ڪميٽي ڪٽي لڪل آهي، چا تون اُتي هلڻ ۽ ساڻن ملڻ ۽ ڳالهائڻ چاهينءَ ٿو؟"

ڏنڊلکو ٽي چڪو هو. شهر ٻيهر پنهنجي معمولي تي اچي ويو هو. دوڪانن جا شٽر ڪنيا ويا هئا. بتيون جڳ مڳ ڪري رهيون هيون ۽ رستن تي ماڻهن جي اڇ وڇ شروع ٿي چڪي هئي ۽ هو پاڻ پر بحث ڪري رهيا هئا.

نيوسڪيءَ تي عمارت نمبر 86 هين مان لنگهي، اسين هڪ اڳڻ پر گهڙياسين، جنهن جي چئني پاسن فليٽن واريون اوچيون عمارتون هيون. منهنجي دوست فليٽ 229 جي دروازي کي هڪ خاص طريقي سان کڙڪايو. جواب پر ڪجهه هلڻ ڦرڻ جا آواز آيا، اندران ڪو دروازو ڏڙام سان بند ٿيو. پوءِ مکيه دروازو ٿورڙو کليو ۽ هڪ عورت جو چهرو ظاهر ٿيو. هڪ منٽ تائين ڏسڻ کانپوءِ هن اسان کي اندر اچڻ ڏنو. اڌڙوٽ عمر جي پُرسڪون خاتون، رڙ ڪري چيو "ڪيريل سپ ٽيڪ آهي." مانيءَ واري ڪمري پر ميز تي رکيل سماوار مان ٻاڦ نڪري رهي هئي ۽ اتي مانيءَ هيرنگ مڇيءَ سان پريل ڪيترين ئي پليٽن رکيل هيون. دري جي پردن جي اڏ مان هڪ همراهه نڪتو جنهن کي وردي پاتل هئي ۽ ٻيو ڪپڙن جي ڪٻٽ مان نڪتو جنهن کي مزدورن جهڙا ڪپڙا پاتل هئا. ڪين هڪ آمريڪي رپورٽر سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. هنن ٻنهي ٿورو فخر سان ٻڌايو ته جيڪڏهن بالشويڪ ٻنهي کي جلهي وڃن ته گولين سان اُڏائڻ پر دير ئي نه ڪندا. هنن مون کي پنهنجا نالا نه ٻڌايا، پر ٻيئي سوشلسٽ انقلابي هئا.

مون پڇيو "اوهين پنهنجي اخبارن پر اهڙا ڪوڙ چو چيندا آهيو؟"

آفيسر ڪنهن به ناراضگي کانسواءِ جواب ڏنو "هائو مونکي خبر آهي، پر اسين ڪريون ته ٻيو چا ڪريون؟" هن ڪلها لوڏيا. "اهو ته اوهان کي به مڇڻو پوندو ته عوام پر هڪ خاص ذهني حالت پيدا ڪرڻ اسان جي لاءِ ضروري آهي."

پي همراهه وچ ۾ ڳالهائيندي چيو "اها ته فقط بالشويڪن جي مهم جوئي آهي. وٽن دانشور آهن ئي ڪونه. وزارتون ڪم نه ڪنديون. روس هڪ شهر نه پر سڄو ملڪ آهي. اسان اهو محسوس ڪري ته هو رڳو ڪجهه ڏينهن ئي هلي سگهن ٿا. اسان سندن مخالفت ڪندڙ سڀ کان سگهاري قوت يعني ڪيرنسڪيءَ جي مدد ڪرڻ ۽ نظم و ضبط بحال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي."

مون چيس، "ٺيڪ آهي، پر اوهين ڪاديتن جو ساٿ ڇو ٿا ڏيو؟"

مزدور نما شخص وڏي صاف دليءَ سان وراڻيو "سڄي ڳالهه اها آهي ته هينئر عوام بالشويڪن جي پويان آهي، ۽ اسان جو ڪير به ساٿ نه پيو ڏي هاڻ ته اسين مُٺ جيترا سپاهي به گڏ ڪري نٿا سگهون. هٿيار ته بلڪل ڪونهن... بالشويڪ هڪ حد تائين صحيح ٿا چون ته روس ۾ هينئر فقط به پارٽيون آهن: بالشويڪ ۽ رجعت پسند ۽ جيڪي سڀ ڪاديتن جي ڪوٽن جي چانوَ ۾ لڪا پيا آهن. ڪاديت وري اهو سمجهن ٿا ته اهو اسان کي استعمال ڪري رهيا آهن. جڏهن اسين بالشويڪن کي ماري ڇڏائيندا سين ته پوءِ ڪاديتن جي به خبر وٺنداسين."

"ڇا بالشويڪن کي نئين حڪومت ۾ شامل ڪيو ويندو؟"

هن پنهنجو مٿو ڪنهيو "اهو هڪ مسئلو آهي." هن مڃيو "ظاهر آهي ته جيڪڏهن ڪين شامل نٿو ڪجي ته هو اهو سڀ ڪجهه ٻيهر شروع ڪري ڏيندا ۽ بهرحال ڪين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ طاقت جو توازن برقرار رکڻ جو موقعو ملندو. منهنجو مطلب آهي ته جيڪڏهن ڪا آئين ساز اسيمبلي ٿي ته..."

"۽ پوءِ..." آفيسر چيو "ان نئين حڪومت ۾ ڪاديتن کي شامل ڪرڻ جو به سوال پيدا ٿئي ٿو. انهن ئي سببن جي آڏارتي.... اوهان کي خبر آهي ته ڪاديت دراصل آئين ساز اسيمبلي نٿا چاهين.... پر شرط اهو آهي ته بالشويڪن کي هينئر ختم ڪري سگهجي." هن ڪنڌ ڏوڙيو "اها سياست اسان روسين جي لاءِ سولي ڪونهي. اوهين آمريڪي ته پيدائشي سياستدان هوندا آهيو اوهان ته سڄي زندگي سياست ڏٺي آهي. پر اسان جي لاءِ فقط هڪ سال ٿيو آهي... اوهان کي ته خبر آهي!"

مون پڇيس، "ڪيرنسڪي جي باري ۾ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي."

پي همراهه وراٽيو "اڙي ڪيرنسڪي! عارضي حڪومت جي سيني گناهن جو ذميدار هو ئي ٿو آهي. ڪيرنسڪيءَ ٿو خود ئي اسان کي بورزوازي سان اتحاد منظور ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن جيئن ڏمڪي ڏني هئي. استعفيٰ ڏيئي ڇڏي ها ٿو ان جو مطلب اهو ٿئي ها ٿو آئين ساز اسيمبليءَ کان رڳو 16 هفتا اڳ هڪ نئون وزارتي گهوٽالو پيدا ٿئي ها ۽ اسان ان کان بچڻ ٿي چاهيو."

"پر نيٺ ٿيو ٿو اهو ئي؟"

"هائو! پر اسين ڪيئن ٿي ڇاڻي سگهياسين؟ انهن ماڻهن ڪيرنسڪين ۽ اوکسنٽئفن. اسان سان چال هلي. گوتس ٿورو ريڊيڪل آهي. اڙي، آئون چيرنوف سان گڏ آهيان. جيڪو حقيقي انقلاب پسند آهي. اڙي اڄ ئي ٿو لينن چورائي موڪليو آهي ٿو چيرنوف جي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي هو کوبه اعتراض نه ڪندو."

"ڪيرنسڪي جي حڪومت مان ٿو اسان به جند ڇڏائڻ ٿي چاهي. پر اسان آئين ساز اسيمبليءَ جو انتظار ڪرڻ بهتر سمجهيو. ان معاملي جي شروعات ۾ آئون بالشويڪن سان گڏ هئس. پر منهنجي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ ان جي خلاف ووٽ ڪيو ٿو آئون ڇا ٿي ڪري سگهيس.؟ اهو پارٽي ضابطن جو معاملو هو."

"هڪ هفتي جي اندر ئي بالشويڪ حڪومت ڀهي اچي پٽ پوندي. جيڪڏهن سوشلسٽ انقلابي هڪ پاسي ٿي انتظار ڪري سگهن ٿا حڪومت پاڻ مرادو سندن هٿن ۾ اچي ويندي. پر اسان هڪ هفتو انتظار ڪيو ٿا بدنظمي ايتري ٿي وڌي ويندي. جو جرمن سامراڄ ٿي ويندا. تنهن ڪري جڏهن رڳو سپاهين جي ۾ ريجمنٽن اسان جي حمايت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ٿا اسان بغاوت ڪري ڇڏي. پر هو اسان جي خلاف ٿي بيهي رهيا. ان کانپوءِ فقط يونڪرن وڃي بچيا...."

"۽ ڪزاڪن جو ڇا ٿيو؟"

آفيسر ٽڏو ساهه کنيو "هو پنهنجي جاءِ کان هڪ انچ به نه ڇُريا... پهرين ٿا هنن اهو چيو ٿا هو ان مهل نڪرندا. جڏهن کين پيادل فوج جو سهارو حاصل ٿي ويندو. هنن اهو به چيو ٿا سندن ماڻهو ڪيرنسڪي سان گڏ آهن ۽ هو پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. ٻيو اهو ٿا ڪزاڪن تي

سدائين جمهوريت جو ازلي ويري هئڻ جو الزام هنيو ويڃي ٿو. ۽ سڀ کان آخر ۾ اهو ته بالشويڪ اهو وعدو ڪري رهيا آهن ته هو اسان جي زمينن کي هٿ ۾ نه لڳائيندا. اسان کي ڪوبہ ڊپ ڪونهي. اسين اڙ ڏريا آهيون..."

انهن ڳالهين جي دوران ماڻهو برابر اچي ۽ ويڃي رهيا هئا. انهن ۾ گهٽا ٽٽا آفيسر هئا، جن پنهنجن ڪلهن تان هلا لاهي ڦٽا ڪيا هئا. اسين ڪين هال ۾ ڏسي ٿي سگهياسين ۽ انهن جا هلڪا، پر سختيءَ سان ٻرپور آواز ٻڌي ٿي سگهياسين. ڪنهن ڪنهن مهل اڌ ڪليل پردي مان، اسان کي هڪ دروازي جي جهلڪ نظر ٿي آئي، جيڪو هڪ ٻاڻ روم ۾ ٿي ڪليو. جتي هڪ ٽلهو متارو آفيسر ڪرنل جي وردي۽ ۾ پنهنجي گوڏن تي هڪ پيڊ رکيو اُن تي ڪجهہ لکي رهيو هو. مون ڪرنل پلڪو وينڪوف کي سڃاڻي ورتو. جيڪو پيٽروگراڊ جو اڳوڻو ڪمانڊانٽ هو ۽ جنهن جي گرفتاريءَ جي بدلي ۾ فوجي انقلابي ڪميٽي سڄو خزانو ڏيئي ٿي سگهي.

آفيسر چيو "اسان جو پروگرام هيءُ آهي زمين ته ايراضي ڪميٽين جي حوالي ڪئي وڃي. مزدورن کي صنعتن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل نمائندگي ملي. امن جو هڪ سگهارو پروگرام، پر دنيا کي الٽي ميٽم نہ جهڙو بالشويڪن جاري ڪيو آهي. بالشويڪن عوام سان جيڪي وعدا ڪيا آهن، اهي ملڪ جي اندر بہ پورو نڀا ڪري سگهن. اسين ڪين ڪرڻ ئي نہ ڏينداسين. هنن زمين جي باري ۾ اسان جو پروگرام چورائي ورتو آهي ته جيئن هارين جي حمايت حاصل ڪري سگهن، اها بي ايماني آهي، جيڪڏهن هنن آئين ساز اسيمبلي جي ويهڻ جو اوسيئڙو ڪيو هجي ها...!"

بي ڇٽي چيو "آئين ساز اسيمبلي جي ته ڪا ڳالهہ ئي ڪونهي! بالشويڪ هتي جيڪڏهن هڪ سوشلسٽ رياست قائم ڪرڻ چاهين ٿا ته اسين ڪنهن بہ حالت ۾ ساٺن ڏڇي ڪم نڀا ڪري سگهون. ڪيرنسڪي اها زبردست غلطي ڪري چڪو آهي. هن جمهوريہ جي ڪائونسل ۾ اهو اعلان ڪري ڪين پنهنجي ارادن کان واقف ڪري ڇڏيو ته هو بالشويڪن کي گرفتار ڪري رهيو آهي."

مون چيس، "پر هاڻ اوهين چا ٿا ڪرڻ چاهيو؟"

بنهي هڪٻئي ڏانهن ڏٺو "اهو اوهين ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ڏسي ونندا. جيڪڏهن محاذ تان ڳچ جيتري فوج اسان سان ملي ويئي ته اسين

بالشويڪن سان ناهه نه ڪنداسين، پر جي ائين نه ٿيو ته اسين شايد مجبور هوندا سين ته..."

*

نيوسڪي تي اچي اسين جهڙپ ڏيئي هڪ ٽرام جي ڏاڪڻ تي چڙهي بيناسين، جيڪا اڳ ۾ ئي ماڻهن سان سٿي پيئي هئي. هن جا پليٽفارم وزن سبب جهڪيا پيا هئا. ٽرام اسمولني تائين ڏڪهو رستو تڪليف ڏيندڙ جونءَ جي رفتار سان طئي ڪيو.

هڪ قد جو بندرو همراهه، جنهن جو نالو مشڪو فسڪي هو هال مان اسان ڏانهن اچڻ لڳو سندس چهري مان پريشاني پي معلوم ٿي. هن اسان کي ٻڌايو ته وزارتن ۾ هڙتالن جو اثر معلوم ٿيڻ لڳو آهي. جهڙوڪ: ڪميسارن جي ڪائونسل ڪجهن عهدنامن کي شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو پر نيراتوف، جيڪو ان معاملي جو انچارج هو گم ٿي ويو آهي، ۽ پاڻ سان گڏ دستاويز به کڻي ويو آهي. شايد اهي دستاويز برطانوي سفارتخاني ۾ لڪايا ويا آهن.

پر سيني کان خراب شئي ته بئنڪن جي هڙتال هئي. منزيسڪي چيو ته، "پئسي ڏوکڙ کان سواءِ ته اسين صفا بي وس آهيون ريلوي ڪارڪنن، ٽپال ۽ تار جي ملازمن کي ڇڏهارون ڏيڻيون هيون. پر بئنڪون بند آهن ۽ صورتحال جي ڪُنجي يعني استيٽ بئنڪ بند آهي. روس جي سيني بئنڪن جي ڪلارڪن کي رشوتون ڏنيون ويون آهن ته هو ڪم بند ڪري ڇڏين" پر لينن هڪ حڪم جاري ڪيو آهي ته استيٽ بئنڪن جي تهه خانن کي سرنگون لڳائي ٽوڙيو وڃي ۽ ايا هينئر هڪ ٻيو فرمان ڇپيو آهي ته سياڻي نجي بئنڪون کوليون وڃن نه ته هو پاڻ اچي انهن کي کولينداِ."

پيٽروگراڊ سوويت زور شور سان ڪم ڪري رهي هئي. هٿياربند ماڻهن جو ميڙ هو ۽ ٽراتسڪي رپورٽ ڏيئي رهيو هو.

"ڪزاڪن، ڪراسنويي سيلو کان پنتي هٽڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي." (زوردار خوشيءَ پريون تاڙيون) پر لڙائي اڃا هاڻ شروع ٿي آهي. پلڪو وه ۾ زبردست ويڙهه جاري آهي. جيتري به فوج موجود هجي، اها سڀ اوڏانهن موڪلي وڃي.

"ماسڪو مان ايندڙ خبرون ٻڌيون ڪونهن. ڪريملن يونڪرن جي قبضي ۾ آهي ۽ مزدورن وٽ صفا ٿورا هٿيار آهن. نتيجي جو سڄو دارومدار پيٽروگراد تي آهي.

"محاذ تي امن ۽ زمين جي فرمانن سان وڏو جوش پيدا ٿي رهيو آهي. ڪيرنسڪي خندقن ۾ قصا ڪهاڙيون پکيڙي رهيو آهي ته پيٽروگراد ٻري رهيو آهي ۽ وڏي رتوڇاڻ ٿي آهي ۽ بالشويڪ ته عورتن ۽ ٻارن کي به قتل ڪري رهيا آهن. پر سندس ڳالهه تي ڪير به يقين نٿو ڪري. جنگي جهاز "الیگ"، "اوروزا" ۽ "تيسپوليڪا" نيواءِ درياهه تي لنگر انداز آهن. انهن جي توپن شهر ڏانهن ايندڙ رستن کي پنهنجي نشاني تي رکيو آهي.

هڪ ڪرخت آواز رڙ ڪري سوال ڪيو "تون اُتي سرخ گارڊن سان گڏ ڇو ڪونه آهين؟"

"آئون هاڻ وڃان پيو." ٽراتسڪيءَ جواب ڏنو ۽ ڀائر تان لهي ويو. هن جو منهن معمول کان وڌيڪ هڏبو هو. هو ڪمري جي هڪ طرف ٻڌڻ جو شڪار دوستن جي حلقي مان لنگهي، تکو تکو هلندو موٽر گاڏي جي طرف وڌيو جيڪا ٻاهر انتظار ڪري رهي هئي.

هاڻ ڪامينئف تقرير ڪئي ۽ "ٻاهه لاءِ ٽيندڙ ڪانفرنس" جو احوال بيان ڪيو. هن چيو ته منشويڪن ٻاهه لاءِ جيڪي شرط پيش ڪيا هئا، اهي حقارت سان رد ڪيا ويا آهن. ريلوي ڪارڪنن جي يونين جي ڪجهه شاخن به ان قسم جي رٽ جي خلاف ووٽ ڏنو آهي. هن اعلان ڪيو ته. "هاڻ جڏهن اسان اقتدار ڪٽي ورتو آهي ۽ سڄي روس تي ڇانئجي رهيا آهيون ته هو اسان کي ٽي ننڍيون ننڍيون شيون ڪرڻ جي لاءِ چون ٿا: (1) اسين اقتدار هنن جي حوالي ڪري ڇڏيون (2) سپاهين کي چئون ته هو جنگ جاري رکن. (3) هارين کي چئون ته هو زمين جي باري ۾ وساري ڇڏين".

لينن ٿوري دير جي لاءِ سوشلسٽ انقلابين جي الزامن جو جواب ڏيڻ جي لاءِ آيو. "هو اهو الزام ٿا هڻن ته اسان زمين بابت هنن جي پروگرامن کي چورائي ورتو آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اسين هنن جي تعظيم ۾ ڪنڌ جهڪايون ٿا. اهو پروگرام اسان جي لاءِ ڏاڍو سٺو آهي."

ائين گڏجاڻي هلندي رهي. هڪ ڪانپوءِ ٻيو اڳواڻ وضاحت ڪندو تاڪيد ڪندو بحث ڪندو رهيو. ائين هڪ هڪ سپاهي ۽ مزدور اُٺي

بيهي پنهنجي دل جي ڳالهه ٿي چئي. ڪنهن ڪنهن مهل ماڻهو اندر ٿي آيا، محاذ تي هلڻ جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن دستي جي سپاهين کي سڏ ٿي ڪيائون. يا وري اهي هئا، جيڪي ڀيوٽي تان موڪل ملڻ کانپوءِ، زخمي يا هٿيارن ۽ سازن سامان جي حصول لاءِ اسمولينسڪ جي اندر ٿي آيا.

صبح جو ٽين ڀڄي ڏاري جڏهن اسين هال مان ٻاهر نڪري رهيا هئاسين ته فوجي انقلابي ڪميٽي جو "هولٽزمين" هال ۾ ڊوڙندو اسان ڏانهن آيو. هن جي منهن جو رنگ ئي ٻيو هو. هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جلهي رڙ ڪندي چيو "سپ ٺيڪ آهي! محاذ تان تار آئي آهي. ڪيرنسڪيءَ کي شڪست ڏني ويئي آهي.... هي ڏس!"

هن هڪ ڪاغذ مون ڏانهن وڌايو. جنهن تي تڙتڪڙ ۾ پينسل سان لکيو ويو هو ۽ پوءِ اهو ڏسي ته اسين پڙهي نٿا سگهون. هن وڏي سڏ پڙهي ٻڌايو:

"پلڪو وه ـ اسٽاف، صبح جا ٻه لڳي 10 منٽ.

"30 ۽ 31 آڪٽوبر جي وچ واري رات تاريخ ۾ يادگار رهندي. ڪيرنسڪي جي ان ڪوشش کي مڪمل طور تي ناڪام بنايو ويو آهي ته اهو انقلاب دشمن فوجين کي گاڏي جي هنڌ طرف وڌائي. ڪيرنسڪي پڄي رهيو آهي ۽ اسين اڳتي وڌي رهيا آهيون. پيٽروگراڊ جي سپاهين، مزدورن ۽ جهازين اهو ڏيکاري ڇڏيو آهي ته هو هٿن ۾ هٿيار کڻي جمهوريت جي مرضي ۽ مجاز کي لاڳو ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا. بورزوازين، انقلابي فوج کي بي يارو مددگار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيرنسڪي اها ڪڙاڪن جي مدد سان ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ٻنهي جون رٿون ڊوڙ ۾ ملي ويون.

مزدورن ۽ هارين جي جمهوريت جي غلبي جي شاندار خيال فوج جي حقن کي مستحڪم ۽ سندن ارادن کي اٽل بنايو. اڄ ڪانپوءِ سڄي ملڪ کي اهو يقين ٿي ويندو ته سوويتن جو اقتدار ڪا هوائي شئي ڪونهي. پر اهو ناقابل فتح حقيقت آهي. ڪيرنسڪي جي پاڄ عام طور تي زمينداربورزوازين ۽ ڪورنيلوفن جي پاڄ آهي. ڪيرنسڪي جي پاڄ پرامن زندگي، زمين، ماني ۽ اقتدار جي لاءِ عوام جي حق جي توثيق آهي. پلڪو وه دستي پنهنجي سورهيائيءَ وارو وار ڪري مزدورن ۽ هارين جي انقلاب جي مقصد کي سگهارو بنائي ڇڏيو آهي. هاڻ ماضيءَ ڏانهن موٽي نٿو سگهجي. اسان

جي سامهون جدوجهد، رکاوٽون ۽ قربانيون آهن. پر رستو صاف ۽ سوڀ يقيني آهي.

انقلابي روس ۾ سوويت اقتدار کي پنهنجن پکووه دستي تي جيکو ڪرنل والڊن جي ڪمان ۾ عمل ڪري رهيو آهي، سدائين ناز رهندو. جيڪي ماڻهو لڙائي ۾ مئا آهن، انهن جو نالو سدائين ياد رهندو. انقلاب جي سپاهين، عوام سان وفادار رهندڙ سپاهين ۽ آفيسرن جو نالو سدائين ياد ۽ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو. انقلابي، عوامي، سوشلسٽ روس زنده باد.

ڪائونسل پاران:
ايل ترانسڪي
(عوامي ڪميسار)

زنامينسڪي چوڪ پار ڪندي، گهر ويندي نڪولائي ريلوي اسٽيشن تي اسان جهازين جو هڪ وڏو ميڙ ڏٺو. جيڪو رائفلن جي جهنڪارن سان پريل هو. ڏاڪڻين تي بينل "ويڪزيل" جو هڪ ميمبر انهن کي سمجهائي رهيو هو:

"ساٿيو! اسين اوهان کي ماسڪو نٿا وڃي هلي سگهون. اسين غير جانبدار آهيون. اسين ڪنهن به ڌر جي فوجن کي نٿا وڃي سگهون. اسين اوهان کي ماسڪو وڃي نٿا هلي سگهون، جتي پيانڪ گهرو ويڙهه هلي رهي آهي."

چوڪ تي بينل ماڻهن جا هشام هن جي ڳالهه تي رڙيون ڪرڻ لڳا. جهازين اڳيان وڌڻ شروع ڪيو. اوچتو هڪ ٻيو دروازو زور سان ڪُليو. دروازي مان ٽي بريڪ مين ۽ هڪ فائر مين ٻاهر نڪتا.

انهن مان هڪ رڙ ڪري چيو "ساٿيو! هيڏانهن اچو! اسين ٿا اوهان کي ماسڪو وڃي هلون يا ولادي دوستوڪ ـ جيڏانهن چئو. انقلاب زنده باد."

*

سوپَ

حڪم نمبر ـ 1:

پلڪو وهـ دستي جو فوجين جي نالي.

31 آڪٽوبر 1917 ـ صبح جو

سخت لڙائي ڪانپوءِ پلڪووهـ دستي انقلاب دشمن فوجن کي شڪست ڏيئي چڏي آهي ۽ هو نهايت افراتفريءَ جي حالت ۾ پنهنجا مورچا چڏي زار سڪويي سيلو جي اڏ ونڊي پاولو فسڪويي نمبر 2 ۽ گاتچينا طرف هليون ويون آهن.

اسان، جن اڳيان وڏندڙ دستن 'زار سڪويي سيلو' جي اُترين اوپرندي سري ۽ اسٽيشن اليڪساندرو فسڪايا تي قبضو ڪري ورتو. ڪولپينو دستو اسان جي ڪاپي پاسي ۽ ڪرانسويي دستو ڪاپي پاسي هو.

مون پلڪو وهـ جي فوجن کي زارسڪويي سيلو تي قبضي ڪرڻ ۽ ان جي رستي تي، خاص طور تي گاتچينا طرف ايندڙ رستن تي مضبوط مورچا قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهو بـ تـ اڳتي وڌي پاولو فسڪويي تي قبضو ڪري ونڻ، ان جي ڏکڻ ۾ مضبوط مورچا قائم ڪن ۽ 'دنو' اسٽيشن تائين ريلوي لائن تي قبضو ڪري ونڻ. فوجن جن مورچن تي قبضو ڪيو آهي، اهي خندقون کوٽي ۽ ٻيون دفاعي اڏاوتون ڪري وڌ ۾ وڌ مضبوط ڪرڻ گهرجن ۽ کين ڪولپينو ۽ ڪراسنويي سيلو جي دستن سان گڏ، پيٽروگراد جي دفاع جي ڪمانڊر انچيف جي اسٽاف سان ويجها رابطا قائم ڪرڻ گهرجن.

صحيح

ڪيرنسڪي جي انقلاب دشمن فوج جي خلاف

ڪارروائي ڪندڙ سيني فوجن جو ڪمانڊر انچيف

ليفٽيننٽ ڪرنل مورا ويوف.

اڳاري جي ڏينهن صبح جو- پر اهو سڀ کجهه کيئن ٿيو؟ ايڏا تہ ٻہ ڏينهن اڳ پيٽروگراڊ جي "مهم" بي سردار ٿولن سان پري پئي هئي، جيڪي بي مقصد هيڏانهن هوڏانهن هلي ڦري رهيا هئا. وٽن نہ کاڌ خوراڪ هئي ۽ نہ ئي وري توپ خانو ۽ نہ ئي وري کو منصوبو هو. ڊسيپلين کانسواءِ سرخ گارڊن جي ان غير منظم ميڙ کي ۽ بنا آفيسرن جي سپاهين کي کهڙي شئي هڪ اهڙي منظم فوج جي شڪل ۾ منظم ڪري ڇڏيو هو جيڪا پنهنجي ئي چونڊيل اعليٰ ڪمان جي فرمانبردار هئي ۽ ايتري فولادي ٿي ويئي هئي، جو توين ۽ ڪزاڪ سوار دستي جي حملي جو مقابلو ڪرڻ ۽ ان کي ناڪام بنائڻ جي لاءِ تيار هئي.

بغاوت ۾ رڌل عوام فوجي نماءَ جي خلاف ورزي ڪرڻ جو هڪ انداز رکيو ٿي. فرانسيسي انقلاب جي خراب حالت وارين فوجن. والمي ۽ وائزمبورگ[1] جي صفن جي ياد ايڏا تازي هئي. سوويت فوج جي مقابلي ۾ يونڪر، ڪزاڪ، زميندار رئيس ۽ سياهه سيڪڙا مد مقابل هئا. زار جي واپسي، ''روخرانڪا' ۽ سائيبريائي ٻيڙين ۽ جرمنن جو زبردست خطرو ڪارلائل جي لفظن ۾ فتح جي معنيٰ هئي "دائمي چونڪارو ۽ ابدي خوشي."

آڇر جي رات فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جا ڪميسار ٽڪا ٽٽا موتيا. پيٽروگراڊ جي گيريزن پنهنجي پنجن جي ڪميٽي چونڊي ورتي هئي. اها ٽن سپاهين ۽ ٻن آفيسرن تي ٻڌل سندن جنگي اسٽاف هو. انهن سڀني جي باري ۾ اهو طئي هو تہ اهي انقلاب دشمنيءَ جي داغ کان بلڪل پاڪ هئا. انهن ۾ ڪرنل موراويوف اڳوڻن وطن پرستن جو سالار ڪم وارو ماڻهو هو پر مٿس سخت نظر رکڻ جي گهرج هئي. ڪولپينو روبوخوف، ملڪو وهه ۽ ڪرانسوبي سيلو ۾ عارضي دستا ٺاهيا ويا، جيڪي آسپاس جي علائقن مان ٻڌڻ ۾ ايندڙ سپاهين جي ڪري وڌڻ لڳا.

ڏينهن ٿيو ۽ ڪيرنسڪي جا ڪزاڪن "طلايہ" سان منهن پڄجي ويا. هِتان هُتان رئفلون هليون ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي گهر ٿي. سنسان ميدان ۾

---

[1] 20 سيپٽمبر 1792ع تي والمي جي تاريخي جنگ ۾ فرانسيسي انقلابي فوج جي رضاڪار دستن پئرس تي چڙهائي ڪندڙ پروشيائي فوج کي شڪست ڏني ۽ کين پنڌي هٽڻ تي مجبور ڪيو. 1794ع ۾ وائز مبورگ جي جنگ ۾ فرانسيسي انقلابي فوج، جنهن جو سالار دراصل سين زوست هو آسٽريائي فوج کي شڪست ڏني ۽ انهن کي فرانس جي سرحد کان پنڌي ڏڪي ڇڏيو. (ايڊيٽر)

ٽڏي پُرسڪون هوا ۾ لڙائيءَ جو آواز پکڙيو ۽ انهن رولاڪ ٽولين جي ڪنن تي پيو جيڪي باهه جي مچن جي چوڌاري ميڙو ڪري ويٺل هيون. هو به اوڏانهن روانيون ٿي ويون. جتي لڙائي ٿي رهي هئي ۽ مزدورن جو اهو لشڪر جيڪو رستن تي سڏو هلندو پيو آيو انهن پنهنجن قدمن ۾ تيزي آڻي ڇڏي ائين انهن سيني هنڌن تي، جتي حملو ٿي سگهيو ٿي، غضب ناڪ انساني دليون پاڻمرادو گڏ ٿي ويون. ڪميسارن سندن آڏرياءُ ڪيو. ڪين مورچن تي مقرر ڪيو ويو ۽ ڪين ٻڌايو ويو ته هنن کي ڇا ڪرڻون آهي. اها لڙائي هنن جي پنهنجي دنيا جي لاءِ هئي. ڪمانڊرن جي چوندي، هنن پاڻ ڪئي، هنن کي پنهنجي جنگ پاڻ وڙهڻي هئي.

جن ماڻهن لڙائيءَ ۾ حصو ورتو تن مون کي ٻڌايو ته جهازي ان وقت تائين ڪيئن وڙهيا، جيستائين وٽن ڪارتوس هٿ. پوءِ هنن ڪيئن نه هلان ڪري ڏني، ڪيئن نه غيرتمند مزدور ڪزاڪن تي ڪاهي پيا ۽ ڪين سندن گهوڙن تان گهيلي ڪٽي دسيائون. ڪيئن ماڻهن جو گمنام لشڪر، لڙائي جي چوڌاري اوندهه ۾ گڏ ٿيو ۽ پوءِ هو ماڪڙ جيان دشمن تي ڪڙڪي پيا. سومر جي اڌ رات کان اڳ ئي ڪزاڪن همت هاري ڇڏي ۽ وٽي پڳا. پويان هو پنهنجو توپ خانو ڇڏي ويا، ۽ پرولتاري فوج هڪ ڏگهي غير هموار محاذ تي اڳيان وڌي ۽ زار سڪويي ۾ دشمن کي زبردست سرڪاري وائرليس اسٽيشن تباهه ڪرڻ جي موقعي ڏيڻ کان اڳ ئي داخل ٿي ويئي. هاڻ اُتان اسمولينسڪ جا ڪميسار دنيا کي فتح جا قصا ٻڌائي رهيا هئا.

مزدورن ۽ سپاهين جي سيني سوويتن جي نالي:

30 ـ آڪٽوبر تي 'زار سڪويي سيلو' وٽ هڪ زبردست ويڙهه ڪانپوءِ ڪيرنسڪي ۽ ڪورنيلوف جي انقلاب دشمن فوج کي شڪست ڏيئي ڏوڙائي ڇڏيو. آئون انقلابي حڪومت پاران سيني ريجمنٽن کي حڪم ٿو ڏيان ته هو اڳتي وڌي انقلابي جمهوريت جي دشمنن تي حملو ڪن. ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري ڪيرنسڪيءَ کي گرفتار ڪن ۽ هر ان مهم بازيءَ جي مخالفت ڪن، جيڪا انقلاب جي سوبيٰ ۽ پرولتاريه جي مان کي مٽائهون ڪرڻ جي لاءِ خطرو بنجي. انقلابي فوج زنده باد.

ـ مورايوف

سيواستوپول ۾ مقامي سوويت اقتدار سنيالي ورتو آهي. بندرگاهه ۾ جيڪي جنگي جهاز بيٺل هئا، تن جي جهازين هڪ گڏجاڻي ڪري پنهنجي آفيسرن کي نئين حڪومت سان وفاداريءَ جو حلف کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. "فيزني نوگورد" ۾ سوويت جو ڪنٽرول هو. ڪازان جي سڙڪن تان لڙائي ٽيڻ جا اطلاع ملي رهيا هئا. بالشويڪ گيريزن جي خلاف يونڪر ۽ توپخاني جو هڪ بريگيڊ وڙهي رهيو هو.

ماسڪو ۾ وري زبردست لڙائي شروع ٿي ويئي. يونڪر سفيد گارڊس ڪريملن ۽ شهر جي وچ تي قابض هئا. ۽ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جون فوجون هر طرف کان متن حملو ڪري رهيون هيون. سوويت توپخانو "اسڪوبليف" چوڪ ۾ ڇميل هو ۽ ميونسپل دوما، شهر جي حاڪم جي آفيس ۽ "ميٽروپول" هوٽل تي بمباري ڪري رهي هئي. توبرسڪايا ۽ نڪيتسڪايا رستن جا پٿر ڪيڏي خندقون ۽ مورچا ٺاهيا ويا هئا. مشين گنن جي گولين جي بوڇاڙ وڏين بئنڪن ۽ واپاري ادارن جي عمارتن ۾ ڏرٽيون ڪيڏي رهيون هيون. نه بجلي هئي ۽ نه ئي وري ٽيلي فون. بورزوا آبادي تهه خانن ۾ رهڻ لڳي هئي. آخري خبرن ۾ ٻڌايو ويو هو ته فوجي انقلابي ڪميٽيءَ "عام تحفظ واري ڪميٽي"[2] کي الٽي ميٽم ڏنو هو ۽ جنهن ۾ گهر ڪئي ويئي هئي ته ڪريملن هڪدم هنن جي حوالي ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ گولاباري جاري رهندي.

عام شهرين چوڻ شروع ڪيو "ڪريملن تي گولاباري!... ڪين همت ئي نه ٿيندي!". وولگدا کان ڏورانهين هنڌ چيتا تائين، پستڪوف کان بحيرهه اسود جي ڪناري سيواستول تائين، وڏن وڏن شهرن ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ گهرو لڙائي جا شعلا پڙڪي اُٿيا هئا. هزارين ڪارخانن، هارين جي ڪميونن، ريجمنٽن ۽ فوجن کان ڪُليل سمنڊن ۾ هلندڙ جهازن مان عوام جي حڪومت جي نالي مبارڪن جا پيغام پيٽروگراد پهچي رهيا هئا.

نووا چيرڪاسڪ جي ڪزاڪ حڪومت ڪيرنسڪيءَ کي تار موڪلي ته "ڪزاڪ فوجن جي عارضي حڪومت ۽ جمهوريه جي ڪائونسل کي دعوت ٿي ڏي ته جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته هو نووا

آڪٽوبر 1917ع ۾ ماسڪو ۾ انقلاب دشمنيءَ جو اهم مرڪز.

چيرڪاسڪ هلي اچي. جتي اسين گڏيل طور تي بالشويڪن جي خلاف جدوجهد منظم ڪري سگهون ٿا....“

فن لينڊ ۾ به وٽ پڪڙ متل هئي. هيلسنگ فورس جي سوويت ۽ ”تنسترويالت“ (بالٽڪ ٻيڙي جي مرڪزي ڪميٽيءَ) گڏيل طور تي گهيري واري حالت جو اعلان ڪيو ۽ اهو اعلان ڪيو ته بالشويڪ فوجين ۾ مداخلت ڪرڻ جي مڙني ڪوششن ۽ ان جي حڪمن جي سيني هٿياربند مزاحمتن کي سختيءَ سان چٽيو ويندو. ان سان گڏ ئي فنلنڊس ريلوي يونين، جون 1917ع جي منظور ٿيل قانونن کي لاڳو ڪرائڻ جي لاءِ هڪ ملڪ گير عام هڙتال ڪرائي چڏي. جيڪي ڪيرنسڪي ختم ڪري چڏيا هئا.

❊

آئون صبح جو سوير ”اسمولني“ ويس. ٻاهرينءَ دروازي کان ڏگهي فوٽ پاٽ تي هلندي مون سرمئي، پرسڪون آسمان تان ڪهه جي پوٽين جهڙا هلڪا هلڪا ڳڙا ڪرندي ڏٺا. دروازي تي بيٺل سپاهيءَ خوشيءَ مان مُرڪندي چيو ”برف! صحت جي لاءِ سٺي هوندي آهي!.“ اندر ڏگهو اُداس هال ۾ سنسان ڪمرا بلڪل خالي لڳي رهيا هئا. ان سڃي ويران عمارت ۾ ڪابه ڇُرپر نظر نه پي آئي. منهنجي ڪنن تائين هڪ گهرو پر ٿورو گهبرايل آواز پيو. مون مُڙي ڏٺو ته هر هنڌ فرش تي، پتين جي پاسن ۾ ماڻهو سمهيا پيا هئا. ڪنا ۾ گدلا ماڻهو مزدور ۽ سپاهي، جن جا جسم متيءَ ۾ ڀيوت ٿيل هئا. ۽ گپ سندن ٽنگن تي جمي پئي هئي. هو اهڙي ته لاپرواهيءَ مان ٻُتا پيا هئا، جو جڙ ته منجهن ساهه ئي ڪونهي. ڪن کي ته ابتيون سبتيون پٽيون به ٻڌل هيون، جن تي رت جا نشان هئا. هنن جون بندوقون ۽ ڪارتوسن جون پٽيون هِتي هُتي پيون هيون. اها هئي سواري پرولتاري فوج!

متي ڪينٽين ۾ ايترا ته ماڻهو هئا، جو وک کڻڻ ناممڪن هئي. هوا هلڪي هئي ۽ ڏنڏلائجي ويل درين مان زرد روشني اندر اچي رهي هئي. ڪائونٽر تي هڪ ٽڏو ٽي ويل پراٽو سماوار رکيو هو ۽ ڪيترائي ڪنا گلاس پيا هئا. انهن جي پاسي ۾ ئي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جو تازو خبرنامون اُبتو رکيو هو. جنهن جي لکت مان هرڪو سمجهي ٿي سگهيو ته اهو ڪنهن معمولي پڙهيل لکيل همراهه وڏي ڪوشش ڪري لکيو هو. اهو ڪنهن معمولي سپاهيءَ پنهنجن انهن ساڻين جي ياد ۾ لکيو هو جيڪي

ڪيرنسڪيءَ جي خلاف وڙهندي ماريا ويا هئا ۽ ائين پي لڳو تہ هو اهو ڏاڍي ڏکيائيءَ سان ڪائونٽر تي رکي فرش تي ڌهي سمهي پيو هو. لکت کي هنڌ هنڌ تي شايد جيڪي لڙڪ ئي هئا، ڏنڌلائي ڇڏيو هو.

ـ اليڪسئي ونوگرادوف

د: مسڪوين

س: استولبڪوف

ا: وسڪرينسڪي

د: ليونسڪي

د: پريا برازينسڪي

و: لائدانسڪي

هـ: برچيڪوف

انهن کي 15 نومبر 1916ع تي فوج ۾ پرتي ڪيو ويو هو. انهن مان فقط ٽي جيئرا بچيا آهن. يعني:

ـ ميخائل برچيڪوف

ـ اليڪسئي وسڪرينسڪي

ـ ليونسڪي

هاڻ سُمهي پئو سُک سان، اي جنگ وڙهندڙ عقابو
اوهين انهيءَ جا حقدار آهيو منهنجي جگر جا ٽڪڑا
اوهان کي دائمي خوشي ۽ امن حاصل هجي.
قبر جي پيٽ ۾ اوهين قطار ۾ ٻيڻا آهيو
سمهي رهو شهريو هاڻ، اوهين ان جا حقدار آهيو.

*

هاڻ فقط فوجي انقلابي ڪميٽي ئي رات ڏينهن ڪم ڪري رهي هئي. اسڪريپنڪ اندرينءَ ڪمريءَ مان ٻاهر نڪرندي ڇيو گوتس کي گرفتار ڪيو ويو آهي، پر هن "چوٽڪاري واري ڪميٽي" جي اعلان تي صحيح ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي آهي. ۽ اوڪسنتيئف به انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ۽ خود "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" به گيريزن جي نالي اپيل کي رد ڪري ڇڏيو آهي اسڪريپنڪ اطلاع ڏنو تہ شهر جي ريجمنٽن ۾ ايجا به بد

دلي آهي. ولينسڪي ريجمنٽ ڪيرنسڪي جي خلاف وڙهڻ کان انڪار ڪري چڏيو آهي.

غير جانبدار فوج جا ڪيترائي دستا چيرنوف جي سرواٽيءَ ۾ گاتچينا ۾ آهن ۽ ڪيرنسڪيءَ کي ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته هو پيٽروگراد تي پنهنجو حملو روڪي.

اسڪريپنڪ ڪليو. هن وراٽيو "هاڻ اڻ ڏريا ٿي نڪا سگهن. اسين ڪٽي چڪا آهيون." هن جو ڏاڙهي وارو منهن هڪ مذهبي خوشي سان نوراني هو "محاذ تان سڀ کان به وڌيڪ نمائندا پهچي چڪا آهن ۽ هنن سيني فوجن پاران حمايت جي پڪ ڏياري آهي، سواءِ انهن فوجن جي، جيڪي رومانيائي محاذ تي آهن، جن وٽان کا به خبر نه آئي آهي. فوجي ڪميٽين پيٽروگراد جي سيني خبرن کي دٻائي چڏيو آهي. پر هاڻ اسان وٽ خابروٽن جو باقاعده نظام آهي."

هيٺ سامهون واري هال ۾ ڪامينٽف داخل ٿي رهيو هو. نئين حڪومت جو جوڙجڪ جي سلسلي ۾ ٽيل ڪانفرنس جي اجلاس ۾ سڄي رات موجود هئڻ سبب ٽڪي چور ٿي چڪو هو. هن مونکي ٻڌايو "هاڻ ته سوشلسٽ، به اسان کي نئين حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن. ڪاپي ڏر جا گروهه انقلابي عدالتن کان ڊنل آهن، هو هڪ قسم جي گهبراهٽ مان اها گهر ٿا ڪن ته اسين اڳتي وڌڻ کان اڳ انهن عدالتن کي توڙي چڏيون. اسان هڪ ڪُل سوشلسٽ وزارت ناهڻ جي باري ۾ "ويڪزيل" جي رٽ قبولي ورتي آهي ۽ هاڻ هو ان تي ڪم ڪري رهيا آهن. ڏسو اهو سڀ اسان جي سوچ جو نتيجو آهي، جيستائين اسان جي حالت خراب هئي، تيستائين هو اسان کي ڪنهن به قيمت تي کڻڻ جي لاءِ تيار نه هئا، هاڻ ته سڀ سوويتن سان ڪنهن ناهه تي عمل ڪرڻ جي حق ۾ آهن. اسان کي جنهن شئي جي گهرج آهي، اها هڪ فيصلو ڪندڙ فتح جي آهي. ڪيرنسڪي عارضي صلح چاهي ٿو پر ڪيس هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا."

اها هئي بالشويڪ اڳواڻن جي ذهني حالت. هڪ ٻاهرين اخباري خاطوءَ ٽراٽسڪيءَ کان سوال پڇيو ته، "دنيا جي لاءِ هو ڪهڙو بيان ڏيڻ چاهي ٿو." ته ٽراٽسڪيءَ هڪدم وراٽيو "هينئر فقط اهو ئي بيان ڏيڻ ممڪن آهي، جيڪو اسين توپن هلائڻ سان پيا ڏيون."

پر فتح جي ان زبردست لهر ۾ هڪ حقيقي تشويش جي لهر به هئي. يعني مالیات جو سوال. بئنڪ ملازمت جي يونين فوجي انقلابي ڪميٽي جي حڪم موجب بئنڪون کولڻ جي بدران باقاعده گڏجاڻي ڪري هڙتال جو اعلان ڪري چڏيو هو. اسمولني، اسٽيٽ بئنڪ کان ٽي ڪروڙ پنجاهه لک روبلن جي گهر ڪئي هئي. ۽ ڪيشرن تهه خانن جا تالا بند ڪري چڏيا هئا. هو رڳو عارضي حڪومت جي نمائندن کي پئسا ڏيئي رهيا هئا. انقلاب دشمنن پاران اسٽيٽ بئنڪ کي هڪ سياسي هٿيار طور استعمال ڪيو پي ويو. جهڙوڪ جڏهن "ويکزيل" حڪومتي ريلوي جي ملازمن کي پگهارون ڏيڻ جي گهر ڪئي تہ ان کي چيو ويو تہ "اسمولنيءَ" کان گهرو.

آئون نئين ڪميسار سان ملڻ جي لاءِ اسٽيٽ بئنڪ ويس، اهو 'پتروچ' نالي هڪ ڳاڙهن وارن وارو يونڪريني بالشويڪ هو. هو اُن افراتفريءَ جي حالت ۾ جنهن ۾ هڙتالي ڪارڪنن معاملن کي چڏيو هو نظم و ضبط پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان وڏي عمارت جي سيني آفيسن ۾ رضاڪار مزدور سپاهي ۽ جهازي ان ڪوشش ۾ پنهنجون زبانون ڏندن هيٺان دٻائي گهپرايل، وڏن وڏن ڪاتن سان متو ماري ڪري رهيا هئا.

دوما جي عمارت ۾ ميڙو متل هو. نئين حڪومت جي نافرماني جا ايڪڙ ٻيڪڙ واقعا اڃا به ٿي رهيا هئا. پر هاڻ گهٽجي ويا هئا. مرڪزي اراضي ڪميٽيءَ هارين کي اپيل ڪئي هئي تہ هو سوويتن جي ڪانگريس جي منظور ڪيل زمين جي فرمان کي نہ مڃين. ڇاڪاڻ تہ ان سان گڙٻڙ ۽ گهر ويڙهه ٿيندي. 'ميئر شرائدر' اعلان ڪيو تہ بالشويڪ بغاوت جي ڪري آئين ساز اسيمبليءَ جي چونڊن کي اڃ ڄاتل مدي تائين ملتوي ڪرڻون پوندو.

گهرو لڙائي جي ڀيانڪ ماحول ۾ سيني ذهنن ۾ فقط ٻہ سوال سيني کان متي هئا. هڪ رتوچاڻ بند ڪرڻ جو سوال ۽ ٻيو هڪ نئين حڪومت جو قيام. هاڻ "بالشويڪن کي ختم ڪري چڏڻ" جون ڳالهيون تہ نہ پي ٿيون. ۽ کين حڪومت کان الڳ رکڻ جون ڳالهيون گهٽ ٿي رهيون هُيون. بس هاڻ اهڙيون ڳالهيون فقط عوام دوست سوشلسٽ ۽ هارين جون سوويتون ڪري رهيون هُيون. جنرل اسٽاف جي مرڪزي ڪميٽيءَ پاران جيڪا

اسمولني جي سخت دشمن هئي. موگيليف فون ڪيو. "جيڪڏهن نئين وزارت جوڙڻ جي لاءِ بالشويڪن سان ناهه ڪرڻ ضروري آهي ته اسين ڪين ڪابينا ۾ اقليت ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ راضي آهيون."

"پراودا" چٽرڪندي ڪيرنسڪي جي 'انسان دوست جذبن' ڏانهن ڏيان ڇڪرائيندي 'چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ' جي نالي سندس خط ڇاپيو:

"چوٽڪاري واري ڪميٽي ۽ ان جي چوڏاري گڏ ٿيل سيئي جمهوري تنظيمن سان اتفاق ڪندي مون باغين جي خلاف سيئي فوجي قدم روڪي ڇڏيا آهن. ڪميٽي جي هڪ نمائندي استادنڪيوچ کي ڳالهين مُهاڙين جي لاءِ موڪليو ويو آهي. بيڪار رتوڇاڻ روڪڻ جي لاءِ سيئي قدم کٽو..."

ويڪزيل سڄي روس ۾ هڪ تار رواني ڪئي:

"ريلوي ڪارڪنن جي يونين ۽ جنگ ڪندڙ ٻنهي ڌرين جي اهڙن نمائندن جي ڪانفرنس جيڪا هڪ ناهه جي ضرورت کي ميڃي ٿي، گهرو ويڙهه ۾ سياسي دهشت پسنديءَ جي استعمال جي خلاف سخت احتجاج ٿي ڪري. خاص طور تي جڏهن اها انقلابي جمهوريت جي مختلف جٿن جي وچ ۾ ڪئي وڃي ۽ اعلان ڪري ٿي ته ڪنهن به ڌر پاران سياسي دهشت پسندي، پوءِ پلي اها ڪهڙي به صورت ۾ هجي، هڪ نئين حڪومت جي لاءِ ڳالهين جي خيالن جو بلڪل ضد آهي..."

ڪانفرنس[1] پاران گاتچنيا جي محاذ تي وفد موڪليو ويو. خود ڪانفرنس ۾ اهو پي اهو محسوس ٿيو ته ڇاڻ سيڃ ڪجهه طئي ٿيڻ وارو آهي. اهو فيصلو به ڪيو ويو ته هڪ عارضي عوامي ڪائونسل جي چونڊ ڪئي ويندي. جيڪا چئن سئو ميمبرن تي ٻڌل هوندي. ان ۾ 75 نمائندا اسمولني جا، 75 پراٽي "تسي اي ڪا" جا ۽ باقي سيٺون ميونسپل دومائن، ٽريڊ يونين، ايراضي ڪميٽين ۽ سياسي پارٽين ۾ ورهايون وڃن. نئين وزيراعظم جي حيثيت سان چيرنوف جو ذڪر ڪيو پي ويو ۽ اهو به افواهه هو ته اُن ۾ لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ کي شامل نه ڪيو ويندو.

❋

[1] اهو ذڪر "مصالحتي ڪانفرنس" جو آهي، جيڪا هڪ نئين حڪومت جي جوڙجڪ لاءِ ڪئي ويئي هئي.

ٻنيهرن ڏاري آئون ٻيهر اسمولني جي سامهون هئس ۽ هڪ ايمبولينس ڊرائيور سان ڳالهائي رهيو هوس. جيڪو انقلابي محاذ تي وڃڻ وارو هو. "ڇا آئون توسان گڏ هلي سگهان ٿو؟" مون کانئس پڇيو. "بلڪل!" هو رضاڪار ۽ هڪ يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو. اسين جڏهن رستي تي وڃي رهيا هئاسين تہ هن پويان مڙي ڏاڍي خراب جرمن ۾ چيو "آلسو گوت. ويرناخ ڊي ڪازيرنن زو ايسن گيئت"[3] مون فقط ايترو سمجهيو تہ ڪنهن پارڪ ۾ لنچ ڪبي.

ڪيرو چنايا ۾ اسين هڪ وڏي احاطي ۾ گهڙياسين، جنهن جي چئني پاسن فوجي عمارتون هيون. ڏاڪڻيون چڙهي اسين هڪ هيناهين ڇت واري ڪمري ۾ پهتاسين، جنهن ۾ سهائيءَ لاءِ رڳو هڪ دري هئي. ڪاٺ جي هڪ ڊگهي ميز جي چوڌاري ويهارو ڪن سپاهي ويٺل هئا ۽ هڪ وڏي ديگڙيءَ مان ڪاٺ جي چمچن سان "شي" ڪائڻ سان گڏ ڪلندا زور سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

منهنجي دوست چيو "انجنيئرن جي ڇهين محفوظ بٽالين جي بٽالين. ڪميٽيءَ ۾ پليڪار" ۽ هن منهنجو تعارف اهو چئي ڪرايو تہ هيءَ هڪ آمريڪي سوشلسٽ آهي. جنهن تي سيني اُٽي بيهي مون سان هٿ ملايو ۽ هڪ ڪراڙي سپاهيءَ مونکي گلي سان لڳائي زور سان چمي ڏني. ڪاٺ جو هڪ چمچو آندو ويو ۽ آئون ۽ ميز تي ساڻن گڏ ويهي رهيس. هڪ ٻي ديگڙي جيڪا ڏاري سان مُنهان مُنهن هئي ۽ هڪ وڏي ڪاري مانيءَ ظاهر آهي تہ اڻ ٽر چانهہ داني ۽ آندي ويئي. سيني همراهن هڪدم مون کان آمريڪا جي باري ۾ سوال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا: ڇا اهو سچ آهي تہ هڪ آزاد ملڪ ۾ ماڻهون پئسن خاطر پنهنجو ووٽ وڪڻندا آهن؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ هو جيڪو چاهيندا آهن، اهو ڪيئن ڪرائيندا آهن؟ ۽ اهو ۽ تہ اٽيمني[4] جو قصو ڇا آهي؟ ڇا اهو سچ آهي تہ هڪ آزاد ملڪ ۾ ماڻهن جو هڪ ننڍو گروهہ سڄي شهر کي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي ذاتي فائدي جي لاءِ انهن جو استعمال ڪندا آهن؟ ماڻهو انهن کي چو ٿا

---

[3] "نيڪ آهي اسين هلئون ٿا تہ پارڪن ۾ ماني کائيندا سين."

[4] نيويارڪ ۾ آمريڪي ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو هيڊ ڪوارٽر "انٽيمني هال" ان زماني جي شرمناڪ انڪشافن ڪانپوءِ بدعنواني ۽ ڏوهن جي مترادف ٿي ويو هو.

برداشت ڪن.؟ روس ۾ ته زار جي موجودگيءَ ۾ به اهڙيون شيون نه پي ٿي سگهيون. اهو صحيح آهي ته هت رشوت عام هئي. پر هڪ پريل ٽُريل شهر کي وڪڙڻ ۽ خريدڻ! اهو به هڪ آزاد ملڪ ۾. ڇا ماڻهن ۾ انقلابي جذبا بلڪل ڪونهي؟ مون کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته منهنجي ملڪ ۾ ماڻهو اهڙين شين کي قانون جي ذريعي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. "بيشڪ" هڪ نوجوان سارجنٽ چيو جنهن جو نالو بڪلانوف هو ۽ جيڪو فرانسيسي به ڳالهائيندو هو "پر اوهان وٽ ته وڌو ترقي يافته سرمائيدار طبقو آهي؟ ته سرمائيدار طبقو قانون ساز ادارن ۽ عدالتن کي به ڪنٽرول ڪندو هوندو. ته پوءِ ماڻهو شين کي ڪيئن ٿا بدلائي سگهن.؟ آئون پنهنجيءَ راءِ بدلائي سگهان ٿو ڇاڪاڻ ته مونکي اوهان جي ملڪ جي باري ۾ ڪا گهٽي معلومات ڪونهي. پر آئون اهو يقين نٿو ڪري سگهان ته..."

مون چيو "آئون زار سڪويي وڃي رهيو آهيان." اهو ٻُڌي بڪلانوف به اوچتو چيو "آئون به..... ۽ آئون به....." ۽ ڪمري ۾ ويٺل سيني ماڻهن اُتي ئي فصلو ڪري ورتو ته سڀ جا سڀ 'زار سڪويي سيلو' ويندا.

ٽيڪ ان مهل دروازو کڙڪيو. دروازو کليو ته هڪ ڪرنل جو جسم نظر آيو. ڪوبه اُٿي نه بيٺو پر سيني رڙ ڪري "سلام" چيو. ڪرنل پڇيو "آئون اندر اچي سگهان ٿو؟" سيني خوشيءَ سان وراڻيو "ڇو نه... اچو اچو." هو مُرڪندو اندر گهڙيو ۽ چيائين. "ساٿيو! مون ٻُڌو آهي ته اوهين سڀ 'زار سڪويي سيلو' پيا وڃو. ڇا آئون به اوهان سان گڏ هلي سگهان ٿو؟"

بڪلانوف سوچڻ لڳو پوءِ جواب ڏنائين "منهنجي خيال ۾ هت تنهنجي ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ته آهي به ڪونه. هائو ڪامريڊ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي جو تون به اسان سان هلندين." ڪرنل هن جي مهرباني مڃي ۽ چانهه جو هڪ ڪوپ پيري ويهي رهيو.

بڪلانوف. ان ڊپ کان ته متان ڪرنل جي وقار کي ڏک نه لڳي. سُر ۾ سُر ڪندي مون کي چيو "ڏسو! آئون ته ڪميٽيءَ جو صدر آهيان. اسين بٽالين کي مڪمل طور تي ڪنٽرول ٿا ڪريون. سواءِ ان مهل جڏهن لڙائي ٿيندي آهي. لڙائي مهل اسين ڪمان ڪرنل جي حوالي ڪري ڇڏيندا

آهيون. لڙائي ۾ اُن جي حڪمن جي تعميل لازمي آهي، پر هو هر وقت اسان جي سامهون جوابدار آهي. بارڪن ۾ ڪو بہ قدم کڻڻ کان اڳ ڪيس اسان کان موڪل وٺڻ گهرجي. اوهين ڪيس اسان جو عامل آفيسر چئي سگهو ٿا."

اسان کي ريوالور ۽ رائفلون ڏنيون ويون. "تي سگهي ٿو تہ اسان جي ڪزاڪن سان ڪا جهڙپ ٿي پوي" اسين سپ ايمبولينس ۾ ڦُسجي ويناسين. ان ۾ محاذ جي لاءِ اخبارن جا بنڊل بہ رکيا ويا. ان لڙڪڙائيندڙ گاڏيءَ ۾ اسين جهولندا پهرين "ليتي ئي" ۽ پوءِ "زاگروني پراسپيڪٽ" هليا وياسين. منهنجي پرسان هڪ نوجوان وينو هو جنهن جي ڪلهن تي ليفٽيننٽ جون پٽيون لڳل هيون ۽ ائين پي لڳو تہ هو سڄي يورپ جون زبانون رواني سان ڳالهائي سگهي ٿو. هو بٽالين ڪميٽيءَ جو ميمبر هو.

هن مون کي يقين ڏيارينديِ چيو تہ "آئون بالشويڪ نہ آهيان. منهنجو گهراٽو تمام پراٽون ۽ اميرن منجهان آهي. آئون پاڻ ۽ اوهين چئي سگهو ٿا تہ آئون ڪاديت آهيان."

منهنجي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو ۽ مون پڇڻ چاهيو. "پر.. پوءِ....؟"

"جي هائو. آئون ڪميٽيءَ جو ميمبر آهيان ۽ پنهنجي سياسي راءِ کي لڪائيندو نہ آهيان. پر پيا ماڻهو ان جي پرواهہ نہ ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪين خبر آهي تہ آئون اڪثريت جي مرضيءَ جي مخالفت ڪرڻ ٺيڪ نہ سمجهندو آهيان. البت مون هاڻوڪي گهرو ويڙهہ ۾ حصو وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. چو تہ آئون پنهنجي روسي پائرن جي خلاف هٿيار کڻڻ کي صحيح نٿو سمجهان."

پي خوشدلي سان رڙ ڪندي چيو "شرارتي... ڪرنيلوفي." ۽ هن جي ڪلهي تي هٿ هنيو.

ماسڪوفسڪي دروازي جي سُرمئي پٽر جي وڏي محراب جي هيٺان، جنهن ۾ سنهري تصويري اکر، فڪرمند شهنشاهي عقاب ۽ زارن جا نالا لکيل هئا. اسين ان دروازي مان نڪري هڪ ويڪري شاهراهہ تي آياسين، جيڪا پهرين هلڪي برف باريءَ سبب سُرمئي لڳي رهي هئي. ان تي سرخ گاردن جا جٽا نظر اچي رهيا هئا، جيڪي نعرا هڻندا، هوڪريا ڪندا، انقلابي گيت ڳائيندا، پنڌ ئي پنڌ انقلابي محاذ ڏانهن وڌندا پي ويا. ۽ هيون ٽوليون ٽڪل ٽٽل، فڪرمند ۽ گپ ۾ لٽيل واپس اچي رهيون هيون، انهن ۾

گھٹا ٽٽا چوڪرات هئا، عورتون هيون، جن جي هٿن ۾ بيلچا هئا، ڪن جي هٿن ۾ رئفلون ۽ ڪارتوسن جو پٽيون هُيون. ڪن جي ٻانهن تي ريڊ ڪراس جون پٽيون لڳل هيون. جُڳهين جهوپڙين جي محنت ۽ جانفشاني جون ماريل مايون ۽ سپاهين جا دستا هئا، جيڪي وڪ سان وڪ ملائڻ ڪانسواءِ مارچ ڪرڻ سان گڏ سرخ گارڊن سان پنهجائپ مان مذاق ٻ ڪري رهيون هيون. پنهنجي شڪل ۽ صورت ۾ ڪنيپير ۽ فڪرمند جهازي هئا. ٻارڙا هئا، جيڪي پنهنجي ماءُ پيءُ جي لاءِ مانيءَ جون ننڍڙيون ڳنڍيون ڪٽي پي هليا. اهي سڀ ايندڙ ۽ ويندڙ برف سبب اڇي ٿي ويل گپ ۾ هلي رهيا هئا. جنهن جي ڪيترا ئي انچ تهه رستي جي پٽرن تي جميل هئي. اسين توپن وٽان لنگهياسين، جيڪي پنهنجن پنهنجن گولن جي بندوقن سان ڏکڻ طرف وڌي رهيون هيون. هٿياربندن سان پريل ٽرڪون ٻنهي طرفن اڇي ۽ ويڇي رهيون هيون. زخمين سان پريل ايمبولينس گاڏيون جنگ واري طرف کان اڇي رهيون هيون ۽ اسان کي فقط هڪ هاريءَ جي گاڏي ملي، جيڪا هوريان هوريان چيڪاٽ ڪندي هلندي پي ويئي، جنهن ۾ هڪ چوڪرو ويٺو هو، جنهن جو چهرو سفيد ٿي رهيو هو ۽ پنهنجي زخمي پيٽ جي سور سبب ٻيٽون ٿي لڳاتار رڙيون ڪندو پيو ويو. رستي جي ٻنهي پاسن عورتون ۽ پوڙها ڪاهيون کوٽي رهيا هئا ۽ ڪنڊيدار تارون لڳائي رهيا هئا.

هيٺ اُتر واري پاسي ڪڪر ڏاڍي ڊرامائي انداز ۾ وکري ويا هئا ۽ نيرو سج نظر اچڻ لڳو هو. سڌي ڏهٽي ميدان جي هن پار پيٽروگراڊ جڳمگائي رهيو هو. اسان جي ٻنهي پاسن ديول ۽ خانقاهون هيون. ڪنهن ڪنهن مهل ڪو راهب ٻ نظر اچي ٿي ويو. جيڪو رستي تي ڏڪندڙ پرولتاري فوج جي نبض کي خاموشيءَ سان ڏسندو ٿي رهيو.

پلڪو وه تي هڪ وڏو موڙ آيو ۽ اسين هڪ وڏي ميڙ جي وچ ۾ بيهي رهياسين، جتي ٽن طرفن کان انساني وهڪرو اڇي رهيو هو. دوست هڪٻئي سان گڏجي خوشيءَ مان هڪ ٻي کي پاکرين پئجي ٿي ويا، جوش ۽ خوشيءَ ۾ هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيئي رهيا هئا ۽ لڙائي جو حال احوال ڏيئي ۽ وٺي رهيا هئا. موڙ جي رخ وٽ گهرن جي هڪ قطار هئي، جن تي گولين جا نشان هئا ۽ چوڌاري اڌ اڌ ميل تائين ماڻهن جي لتاڙجڻ سان زمين گپ ٻنجي ويئي هئي. هتي ڏاڍي پوائنٽي جنگ ٿي هئي. ٻ ٻنا سوارن جي

ڪزاڪ گھوڙا ٻڪيا وڙڪي رهيا هئا. هنن جي لاءِ ميدانن جو گاھ ڪافي اڳ مري چڪو هو. اسان جي سامهون سرخ گارڊ جو هڪ بيوقوف جوان گھوڙي تي چڙھڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ هر هر ڪري ٽي پيو ۽ لڳ ڀڳ هڪ هزار ماڻھو سندس اُن حرڪت تي اڌنگي نموني ٻارن جيان ڪلي خوش ٿي رهيا هئا.

ڪاهي پاسي وارو رستو جنهن تان باقي بچيل ڪزاڪ پڳا هئا، هڪ ننڍي ٽڪريءَ ڪان ٿي هڪ ڳوٺ ڏانهن ٿي ويئي، جتان ڪان ان زبردست ميدان جو شاندار منظر نظر ٿي آيو جيڪو خاموش سمنڊ جيان سُرمئي هو. مٿي ٽڪڙا ڪڪر هئا ۽ هيٺ شهنشاهي شهر هو جيڪو پنهنجن هزارن رهاڪن کي هزارن جي تعداد ۾ سيني رستن تي ٻاهر ڪڍي آيو هو. ساڄي پاسي پرپرو "ڪراسنوبي سيلو" جي ننڍي ٽڪري، شهنشاهي گارڊن جي گرمين جي پڙاءَ جو پريڊ گرائونڊ ۽ شهنشاهي واڙو هو. وچ ۾ ڪجھ پٽين وارين خانقاهن ۽ راهبائن جي مدرسن ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو ۽ جيڪو ان سڌي يڪسانيت ۾ خلل وجهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪارخانا بہ هئا ۽ ڪيترين ئي وڏين عمارتون بہ هيون، جن جي چوڌاري اُجاڙ احاطا هئا، اهي پاڻ خانا ۽ يتيم خانا هئا.

اسين جڏهن هڪ ويران ٽڪريءَ تي پهتاسين تہ ڊرائيور چيو "هن هنڌ تي 'ويراملو تسڪايا' مارجي ويئي هئي. هائو هوءَ دوما جي بالشويڪ ميمبر هئي. اڄ صبح جو سوير جي ڳالھ آهي. هوءَ هڪ موٽرگاڏيءَ ۾ هئي. زالڪندھ ۽ هڪ ٻيو شخص بہ ساٿس گڏ هو. عارضي صلح تي چڪي هئي ۽ هوءَ بلڪل اڪيان خندقن طرف وڃي رهيا هئا: سڀ ڪلي ڳالھائي رهيا هئا، جو هن ٻڪتر بند ريل گاڏيءَ مان، جنهن ۾ خود ڪيرنسڪي سوار هو، ڪنهن موٽرگاڏيءَ کي ڏٺو ۽ توپ جو گولو ڇوڙيو. گولو اڇي ويراملو تسڪايا تي ڪريو ۽ هوءَ مري ويئي...."

۽ ائين اسين زارسڪو يي ۾ داخل ٿيا هئاسين، جيڪو پرولتاري لشڪر جي اعتماد جوگن سورمن سان ڀريو پيو هو. جنهن ۾ سوويت جا اجلاس ٿيندا هئا، اتي هاڻ وڏي اڇ وچ لڳي پئي هئي. اڳڻ ۾ سرخ گارڊ ۽ جهازي ديرو ڇمايو ويٺا هئا، دروازن تي سنتري بيٺا هئا ۽ خابروئن ۽ ڪميسارن جو ميڙو متو پيو هو. سوويت واري ڪمري ۾ هڪ سماوار رکيو

ويو هو ۽ پنجاهه يا ان کان ٻه وڌيڪ جهازي سپاهي مزدور ۽ آفيسر آسپاس بيٺا هئا. هو چانهه پيئڻ سان گڏ وڏي سڏ گالهائي ٻه رهيا هئا. هڪ ڪنڊ ۾ ٻه اڍ جاڻ مزدور هڪ سائيڪلو استائيل مشين کي هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. وچينءَ ميز تي دينبڪو هڪ نقشي تي جهڪيو ڳاڙهي ۽ نيري پينسلن سان فوجين جي لاءِ مورچن جي نشاندهي ڪري رهيو هو. هن جي ٻي هٿ ۾ هميشه جيان هڪ وڏو ريوالور هو. اوچتو هو هڪ ٽائپ رائٽر جي اڳيان ويهي رهيو ۽ هڪ آڱر سان ٽائپ ڪرڻ لڳو. ٿوري ٿوري دير کانپوءِ هو ٻيهي ٽي رهيو ۽ پنهنجو ريوالور کٽي وڏي پيار مان ان جو چيمبر گهمائڻ ٽي لڳو.

پٽ سان لڳل هڪ صوفو رکيل هو ۽ ان تي هڪ نوجوان مزدور پيو هو. سرخ گارڊ جا جوان مٽس جهڪيا پيا هئا. پر باقي ماڻهو هن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏيئي رهيا هئا. هن جي سيني ۾ هڪ زخم هو هن جي ڪپڙن مان ئي دل جي هر ڌڙڪن سان گڏ تازو رت وهي رهيو هو ۽ ان نوجوان جو ڏاڙهي وارو چهرو سفيد ٽي رهيو هو. هو صفا آهستي آهستي ساهه کٽي رهيو هو ۽ هر ساهه سان گڏ آهون ٽي پريائين، "امن ٽيندو.... امن ٽيندو."

اسين جڏهن اندر گهڙياسين تہ دينبڪو ڪنڊ مٽي کٽي ڏنو ۽ هن بڪلانوف کي چيو "هائو ڪامريڊ، تون ڪمانڊانٽ جي هيڊ ڪوارٽر وچ ۽ چارج وٺ. ترس... آئون توکي سَنَڊ لکي ٿو ڏيان." هو ٽائپ رائٽر وٽ ويو ۽ هوريان هوريان ٽائپ ڪرڻ لڳو.

زارسڪويي سيلو جو نئون ڪمانڊانٽ بڪلانوف ۽ آئون يڪاترينا محل ڏانهن وياسين. بڪلانوف وڏي جوش ۾ هو ۽ ڪيس پنهنجي اهميت جو احساس ٽي رهيو هو. ان ئي سهٽي نقشي نگار واري ڪمري ۾ جت آئون اڳ ۾ ٻه آيو هوس، سرخ گارڊ جا ڪجهه جوان تجسس مان هيڏانهن هوڏانهن وڙڪي رهيا هئا ۽ منهنجو پراڻو دوست ڪرنل ٻه دريءَ وٽ ٻيٺو پنهنجون مُڇون وات ۾ وجهي چٻاڙي رهيو هو. هن مونکي ائين سلام ڪيو جڙ سالن کان وچڙيل ياءُ ڪيس ملي ويو هجي. دروازي وٽ هڪ ميز تي فرانسيسي 'بيسارا بيائي' ويٺو هو. بڪلانوف ڪيس اُتي ئي رهڻ ۽ پنهنجو ڪم جاري رکڻ جو حڪم ڏنو هو.

هو بڙبڙايو "آئون چا ٿي ڪري سگھيس؟ مون جھڙا ماڻھو ھن قسم جي ويڑھ ۾ ڪنھن جي پاران بہ وڙھي نٿا سگھن. پوءِ پلي جبلي طور اسين آمريت کي ڪيترو بہ ناپسند ڪندا ھجون. مونکي تہ رڳو اھو افسوس آھي تہ منھنجي امڙ "بيسا رابيا" ۾ آھي ۽ آئون ڪائنس ڪيترو نہ پري آھيان."

بڪلانوف، ڪمانڊانٽ جي آفيس مان باقاعدہ چارج وٺي رھيو ھو. ڪرنل گھبرايل انداز ۾ چيو "ھي ميز جون چاھيون آھن."

سرخ گارڊ جي ھڪ نوجوان وچ ۾ ٻڪالھايو. ھن سختيءَ سان پڇيو "پئسا ڪٿي آھن؟" ائين لڳو جڙ ڪرنل کي وڏي حيرت ٿي. "پئسا... پئسا... تنھنجو مطلب آھي صندوق۔ ھوءَ پيئي آھي." ڪرنل چيو "بلڪل ان ئي حالت ۾ آھي، جھڙي ان مھل ھئي، جڏھن مون ٿي ڏينھن اڳ قبضو ڪيو ھو" "ڪنجيون" ڪرنل پنھنجا ڪلھا لوڏيا. "مون وٽ تہ ڪنجيون ڪونھن."

سرخ گارڊ جي نوجوان ائين جملو ھنيو جڙ ھو سڀ ڪجھ سمجھندو ھجي. "پنھنجي جند ڇڏائڙ جو سنو طريقو آھي."

بڪلانوف چيو "اسين صندوق کي کولي ٿا ڏسئون. ڪھاڙي ڪٽي اڇو. ھي آمريڪي ڪامريڊ آھي. صندوق کي ھي ٽوڙيندو. ۽ ان مان جيڪو ڪجھ ملندو ان جي فھرست ٺاھيندا اسين."

مون ڪھاڙي ھٽي صندوق کولي. ڪاٺ جي صندوق بلڪل خالي ھئي. سرخ گارڊ رڙ ڪري چيو "ھن کي گرفتار ڪري وٺو. ھي ڪيرنسڪي جو ماڻھو آھي. ھن پئسا چورائي ڪيرنسڪي کي ڏنا آھن."

بڪلانوف کيس گرفتار ڪرڻ نٿي چاھيو. ھن چيو "اڙي نہ! ھن کان اڳ ڪورنيلوفين ڪڍيا ھوندا. ھن جو ڪوبہ ڏوھہ ڪونھي."

"ھن جو ڏوھہ ڪيئن ڪونھي" سرخ گارڊ واري چيو "آئون اوھانکي چوان ٿو تہ ھي ڪيرنسڪي جو ماڻھو آھي. جيڪڏھن اوھين کيس گرفتار نہ ڪندا تہ اسين ڪنداسين. ۽ کيس پيٽروگراڊ وٺي وڃي "پيٽرور پال ڳڙھي" ۾ بند ڪري ڇڏينداسين. جتي ھن کي ھٹڻ گھرجي." تنھن تي سرخ گارڊ ھن کي پاڻ سان وٺي ويا. اُن مھل ھن اسان ڏانھن رحم طلب نظرن سان ڏٺو.

سوويت محل جي سامھون ھيٺ ھڪ موٽر ٽرڪ محاذ ڏانھن پي ويئي. اڌ ڏزن ڪن سرخ گارڊ جا سپاھي، ڪجھ جھازي، ھڪ بہ سپاھي، ھڪ ٽلھي متاري مزدور جي ڪمان ۾ ان جي اندر گھڙي آيا ۽ ھنن مون کي رڙ

ڪري چيو "آئون بہ ساڻن گڏ هلان." هيڊ ڪوارٽر مان سرخ گارڊ جا سپاهي نڪتا. هر ڪنهن وٽ هڪ وزنائتو ٽيلهو هو جن ۾ "گرويٽ" پريل هو. جنهن بابت ماڻهن جو چوڻ هو تہ ڊائنامائيٽ کان بہ ڏاهہ پيرا وڌيڪ مضبوط ۽ پنج پيرا وڌيڪ حساس آهي. انهن کي ماڻهن ٽرڪ ۾ وڌو ۽ هڪ ٽي انچي ٿوب پري ويئي ۽ پوءِ اها رسي ۽ تار جي ٽڪرن سان ٽرڪ جي پويان ٻڌي ويئي.

اسين هڪ للڪار سان روانا ٿياسين. ظاهر آهي تہ پوري رفتار سان. ڳري ٽرڪ هيڏانهن هوڏانهن جُهومي رهي هئي. ٿوب هڪ ڀيٽي کان ٻي ڀيٽي تي اڇل کائي رهي هئي ۽ "گرويٽ" جا بہ اسان جي پيرن جي اڳيان لڙڪندا. ٽرڪ جي پٽين سان ٽڪرائجي رهيا هئا.

سرخ گارڊ جي هڪ سگهاري جوان. جنهن جو نالو ولا ديميرنڪو لائيوچ هو. اهو مون کان آمريڪا جي باري ۾ سوال مٿان سوال ڪندو پيو ويو. "آمريڪا جنگ ۾ ڇو شامل ٿيو آهي؟ ڇا آمريڪي مزدور سرمائيدارن جو تختو اونڌو ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن؟ هاڻ موني[1] واري ڪيس جي ڇا صورتحال آهي؟ ڇا هو برڪمان[2] کي حراست ۾ سان فرانسسڪو پهچائيندا. ۽ ان قسم جا ٻيا سوال. جن جا جواب ڏيڻ منهنجي لاءِ ڏاڍا ڏکيا هئا. ۽ اهي سڀ سوال ٽرڪ جي ڪڙ ڪڙاهٽ ۾ زور زور سان رڙيون ڪري ڪيا پيو ويا. جڏهن تہ اسين هڪ ٻئي کي سهارو ڏيئي. لڙڪندڙ بمن جي وچ ۾ نچي رهيا هئاسين.

ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن گشتي ٽولي۽ اسان کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ سپاهي رستي تي اسان جي سامهون ٿي اچي ويا ۽ هنن رڙ ڪري "بيهي رهو" ٿي چيو ۽ اسان بندوقون تاڻي ٿي ورتيون ۽ اسان مٿن ڪوبہ ڏيان نٿي ڏريو. سرخ گارڊ جي سپاهين رڙ ڪري ٿي چيو "وڃي ڪڏ ۾ پئو... اسين سرخ گارڊ ڪنهن جي لاءِ بہ نہ بيهندا آهيون." ۽ اسين پوءِ شاهاڻي ٽڪ سان گجگوڙ ڪندا اڳيان وڌندا رهياسين ۽ ولاديميرنڪو

---

[1] ٽام موني. آمريڪا ۾ مزدور تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ونڊندو هو. هو فولاد ساز هو. ڪيس موت جي سزا ڏني ويئي. عوام جي ڪاوڙ ۽ نفرت سبب مجبور ٿي نيٽ صدر ولسن کي مداخلت ڪرڻي پيئي ۽ موت جي سزا کي عمرقيد ۾ بدلايو ويو. جيتوڻيڪ ٽام جو پوءِ بي ڏوهي هئڻ ثابت ٿي ويو. پر پوءِ بہ ڪيس 20 سال قيد ڪاٽڻو پيو ۽ روز ويلٽ جي صدارت دوران ڪيس آزاد ڪيو ويو.

[2] برڪمان تي بہ ٽام موني سان گڏ ٿي ڪيس هلايو ويو هو.

لائيوچ رڙيون ڪري مون سان 'پانامہ نهر' کي بين الاقوامي ملڪيت بنائڻ ۽ اهڙن ئي بين معاملن جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو رهيو.

پنج ميل ڪن اڳيان وڌڻ کانپوءِ اسان جهازين جي هڪئي جٿي کي واپس ايندي ڏٺو ۽ پنهنجي رفتار ڊوري ڪئي.

"پائلوا محاذ ڪٿي آهي؟"

سيني کان اڳيان بينل جهازيءَ ٻيهي پنهنجو مٿو ڪنهندي چيو. "اڄ صبح جو ته هن ئي رستي تي اڏڪلو ميٽر اڳيان هو. پر هاڻ ته هو نيا ڳا ڪٿي به نظر نٿا اچن. اسين به هلندا وياسين... هلندا وياسين... پر ڪٿي به نه مليو."

هو به ڏرڪ تي چڙهي آيا ۽ اسين اڳتي وڌياسين. ميل ڪن اڳيان وڌڻ کانپوءِ هڪلائيوچ رڙ ڪري ڊرائيور کي ٻيهڙ جي لاءِ چيو. هن چيو "گولي جو آواز ٻڌي رهيو آهين؟" هڪ گهڙيءَ تائين صفا ماڻار رهي ۽ پوءِ ٿورو اڳيان ۽ کاپي طرف هڪ ٻئي جي پويان ٽي گولين هليون. ان ئي هنڌ تي رستي جي ڪناري گهاٽو جهنگ هو. اسين وڏي وٽ پڪڙ ۾ هوريان هوريان سرهاڻن ۾ ڳالهيون ڪندي سُرندا اڳيان وڌياسين. ايستائين جو ڏرڪ ان هنڌ جي سامهون اچي ويئي، جتان گولين جو آواز پي آيو. اسين ڏرڪ مان لهي وکري وياسين ۽ هر شخص پنهنجي رائفل سنيالي ڏهيل پيرن سان ٻيلي ۾ لٿو. ان دوران ٻن ڪامريڊن ٽوب کي ڏرڪ کان جدا ڪيو ۽ ائين گهمايو جو اُن جو نشانو ٺيڪ اسان جي پٺيءَ ڏانهن ٿيو.

ٻيلي ۾ ماڻار هئي. پن ڇڻ جي مند سبب، وٽن جي ٽڻن تي سرءُ جي لهندڙ ٻيمار سج جي اُس ۾ هئڊاڻ اچي ويئي هئي. ڪنهن به شئي حرڪت پئي ڪئي، سواءِ ننڍين ننڍين برف جي ڏڳن جي، جيڪي اسان جي پيرن هيٺان اچي چر چراهي رهيا هئا. چا ڪٿي ڪو لڪل هو؟

اسين بنا ڪنهن خاص واردات جي اڳيان وڌندا وياسين. جڏهن وڻ ڇڊا ٿيڻ لڳا ته اسين بيهي رهياسين. اڳيان هڪ زمين جي هڪ ننڍي حصي تي ٿوري ٻاهه باري تي سپاهي هر شئي کان بي نياز وينا هئا. ولا ديمير نڪو لائيوچ اڳيان وڌي سلام ڪيو. "زد راستو ويئتي ساٿيو!" جڏهن ته انهن جي پويان هڪ ٽوب، ويهه رائفلون ۽ "گروبيت" سان پريل سڄي ڏرڪ اسان جي هڪ ئي اشاري سان ڇُٽڻ جي لاءِ تيار هيون. سپاهي ٽڙ تڪڙ ۾ اُٽي بينا "هتي گوليون ڇو پي هليون؟"

هڪ سپاهيءَ، جنهن جي منهن تان لڳي رهيو هو تہ هن جي پيٽ ۾ ساهہ پيو هو، جواب ڏنو "ارڙي ساڻي! اسان تہ بس هڪ بہ سها ماري رهيا هئاسين."

ترڪ وري بہ ڪڙ ڪڙائيندي رومانوف ڏانهن رواني ٿيا. ڏينهن روشن ۽ سنسان هو. پهرينءَ چونڪ تي بہ سپاهي پنهنجون رائفلون لوڏيندا ڊوڙندا اسان جي سامهون آيا. اسان رفتار ڊيري ڪئي ۽ بيهي رهياسين.

"پنهنجون پنهنجون پاسون ڏيکاريو ساڻيو!"

سرخ گارڊن وڏو هُل مچايو "اسين سرخ گارڊ آهيون. اسان کي پاسن جي ڪابہ ضرورت ڪونهي... هلو... اڳتي وڌو... هنن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪجوءِ"

پر هڪ جهازيءَ اعتراض ڪيو "ساڻيو! اها غلط ڳالهہ آهي. اسان کي انقلابي ڊسيپلين قائم رکڻ گهرجي. فرض ڪريو: جيڪڏهن انقلاب دشمن هڪ ٽرڪ ۾ اچن ۽ چون تہ اسان کي پاس جي ڪابہ ضرورت ڪونهي؟ هي ساڻي تہ اوهان کي سجاڻن ئي نڏا."

ان تي ٿورو بحث ٿيو ۽ پوءِ نيٺ هڪ ٿيندا سڀ جهازي پهرينءَ جا هم خيال ٿيندا ويا. نيٺ بڙ بڙائيندي سرخ گارڊ جي هر سپاهي پنهنجي ميري ۽ ويڙهيل سيڙهيل پاس ڏيکاري. مون کانسواءِ باقي هنن سڀني جون پاسون هڪجهڙيون هيون. مون وٽ جيڪا پاس هئي اها اسمولني جي انقلابي اسٽاف جاري ڪئي هئي. سنترين اعلان ڪيو تہ مون کي ساڻن گڏ هلڻون پوندو. سرخ گارڊن اعتراض واريو پر جنهن جهازيءَ سيني کان پهرين ڳالهايو هو اُن وري بہ زور ڀريندي چيو "اسان کي خبر آهي تہ هي سچو ڪامريڊ آهي، پر ڪميٽيءَ جا حڪم آهن. ۽ انهن حڪمن جي تعميل ٿيڻ گهرجي. اهو انقلابي ڊسيپلين آهي."

گوڙ ڪان بچڻ جي لاءِ آڻون ٽرڪ مان لهي پيس ۽ مون ڏٺو تہ هو رستي تي هلندڙ نظرن کان پري ٿي ويا. سيئي همراهہ هٿ هلائي موڪلائي ويا. سپاهين هڪ گهڙي جي لاءِ سرهاڻن ۾ مشورو ڪيو ۽ مونکي هڪ پٽ ڏانهن وڌي ويا. ۽ ان جي سامهون بيهارين. اوچتو مونکي احساس ٿيو تہ هي تہ مونکي گولي هڻڻ پيا وڃن.

آسپاس نہ ڪو ماڻهو هو نہ ماڻهوءَ جي ذات. زندگيءَ جي اڪيلي نشاني اها هئي تہ هڪ بنگلي جي چمنيءَ مان دُنهن نڪري رهيو هو. اهو

بغلي رستي جي ڪناري، فرلانگ سوا اڳيان ڪاٽ جو هڪ وڏو گهر هو. ٻيئي رستي تي اڳيان وڌندا پي ويا. آئون ۽ هنن جي پويان ڊوڙيس.

"پر ساٿيو! ڏسو ته سهي! هيءَ انقلابي فوجي ڪميٽيءَ جي مهر آهي.!"

هنن واڙن جيان منهنجي پاس کي ۽ پوءِ هڪٻئي کي ڏنو. پوءِ ۽ بيزاريءَ مان چيو "هيءَ ٻين کان مختلف آهي ۽ اسان پڙهي ته نٿا سگهون."

مون سندس ٻانهن جلهي ۽ چيو "هلو! هُن گهر ۾ ٿا هلئون. اتي ضرور ڪو نه ڪو پڙهيل هوندو." هو هڪيو ۽ چيائين، "نا" ٻي مونکي پيرن کان وٺي متي تائين ڏٺو ۽ بڙبڙايو"، چونا ڪنهن ٻي ڏوهيءَ کي مارڻ ۽ هڪ وڏو ڏوهه آهي".

اسين گهر جي مکيه گيٽ تائين وياسين. اسان دروازو کڙڪايو. هوريان هوريان ڏيل قدمن سان هڪ عورت دروازو کوليو. گهبرائيندي، بڙ بڙائيندي پويان هٽي "مونکي انهن ماڻهن جي باري ۾ ڪابه خبر ڪونهي. مونکي انهن ماڻهن جي باري ۾ ڪابه خبر ڪونهي."

منهنجي هڪ پهريدار ڏانهنس پاس وڌائيندي چيو "ساٿي! رڳو هيءَ پڙهي ڏيو." هن هڪندي ڪاغذ هٿ ۾ ورتو ۽ جلدي وڏي ست پڙهيو.

هيءَ پاس رکندڙ جان ريڊ آمريڪي سوشل ڊيمو ڪريسي جو هڪ نمائندو هڪ بين الاقوامیت پسند.

رستي کي واپس اچي ٻنهي سپاهين وري پاڻ ۾ صلاح ڪئي. هنن چيو "اسين توکي ريجمينٽ ڪميٽيءَ جي سامهون پيش ڪنداسين." تيزيءَ سان وڌندڙ اونداهيءَ ۾ اسين گپ سان پريل رستي تي هلڻ لڳاسين. ڪنهن ڪنهن مهل سپاهين جون ٽوليون ۽ اسان کي گڏيون ٿي. جيڪي رستي تي بيهي مونکي ڪائي ويندڙ نظرن سان ڏسندي، منهنجي پاس هڪٻئي کي ڏيکاريندي ۽ زور سان اهو بحث ڪندي ته مونکي ماري ڇڏڻ گهرجي يا نه... اڳتي وڌندا ويا.

اسين جڏهن ٻي زار سڪوپي سيلو رائفلس جي بارڪن ۾ پهتاسين ته اونداهي ٿي چڪي هئي. اهي بئرڪون رستي جي ڪناري تي ٽهيل وڏيون عمارتون هيون. دروازي تي ليٽيل ڪيترن ئي سپاهين تجسس مان سوال ڪيا. جاسوس آهي؟ انقلاب دشمن آهي؟ اسين چڪردار ڏاڪڻين تان چڙهي هڪ وڏي خالي ڪمري ۾ پهتاسين، جنهن جي وچ ۾ هڪ وڏي بني هئي ۽ فرش تي ڪٽن جون قطارون لڳيل هيون. لڳ ڀڳ هڪ هزار سپاهي

پٽن راند کيڏي رهيا هئا، ڳائي رهيا هئا ۽ سمهيا پيا هئا. چت ۾ هڪ ڏرڙ هو جيڪو ڪيرنسڪي جي ٽوب جي گولي لڳڻ سبب ٽيو هو.

آئون دروازي تي بيٺو هوس. ٽولين ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. سڀ مڙي مونکي ڏسڻ لڳا. اوچتو هنن ۾ چرپر پيدا ٿي. پهرين آهستي ۽ پوءِ تيزي سان رڙيون ڪرڻ لڳا. هنن جي چهرن تي نفرت جون ريکائون اُپري آيون. منهنجي هڪ پهريدار رڙ ڪري چيو "ساٿيو! ساٿيو! ڪميٽي ڪميٽي!" ميڙ ٻيهي رهيو. سيئي مونکي گهيري ۾ ونڊي بڙبڙائڻ لڳا. هڪ سنهڙو نوجوان ميڙ کي چيريندو اڳتي وڌيو. هن جي هانهن تي ڳاڙهي پٽي ٻڌل هئي. هن سختيءَ سان پڇيو "هي ڪير آهي؟" پهريدارن ٻڌايس. "ڪاغذ مونکي ڏيا!" هن ڏيان سان پڙهيو ۽ پوءِ اُن کان ٻه وڌيڪ ڏيان سان مونکي ڏسڻ لڳو. پوءِ هو مُرڪيو ۽ پاس مونکي موٽائيندي چيائين. "ساٿيو! هي هڪ آمريڪي ڪامريڊ آهي. آئون ڪميٽي جو صدر آهيان ۽ توکي ريجمنٽ ۾ پليڪار ٿو چوان." اوچتو اها جڙ پُٽ. پليڪار جي آوازن ۾ بدلجي ويئي ۽ سڀ اڳيان وڌي مون سان هٿ ملائڻ لڳا.

"تو ماني نه کاڌي آهي؟ هتي ته اسين سڀ کائي چڪا آهيون. تون آفيسرن جي ڪلب ۾ هَل... جتي ڪجهه همراهه تنهنجي ٻولي سمجهن ٿا..."

هو مونکي اڳڻ جي ٻي پاسي واري عمارت جي دروازي تي ونڊي ويو. ان محل ڪلهن تي ليفٽيننٽ جون پٽيون لڳل هڪ نوجوان اندر گهڙي رهيو هو جيڪو شڪل ۽ صورت ۾ اميرن جي طبقي مان ٿي لڳو. ڪميٽي جي صدر هن سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ هٿ ملائي واپس هليو ويو.

"منهنجو نالو استيپان گيورگيوچ موروفسڪي آهي. آئون تنهنجي کڻڻي خدمت ڪري سگهان ٿو." ليفٽيننٽ سليس فرانسيسيءَ ۾ چيو.

سهڻن گلن چٽن واري وراندي مان هڪ آرائشي ڏاڪڻ مٿي ٿي هئي، جنهن تي جَڳمڳائيندڙ فانوس روشن هئا. ٻي ماڙ تي بليرڊ جا ڪمرا هئا، پٽي راند کيڏڻ جا ڪمرا هئا ۽ هڪ لئبرري هئي. اسين ماني کائڻ واري ڪمري ۾ گهڙياسين. جنهن جي وچ تي هڪ ڊگهي ميز جي چوڌاري ويهارو ڪن آفيسر ويٺا هئا. هنن کي مڪمل وردي پاتل هئي. کين سُنهري ۽ مضبوط دستن واريون تلوارون، شهنشاهي اعزازن جا ڦيٽا ۽ ڪراس لڳل هئا. جڏهن آئون اندر گهڙيس ته سڀ اخلاقي طور تي اُٿي بيٺا ۽ ڪرنل جي پرسان

منهنجي ويهڑ لاءِ جاءِ پيدا ڪيائون. جيڪو هڪ گنجهيل ڏاڙهيءَ وارو سگهارو ۽ رعبدار همراهه هو. ڪيترائي اردلي قڙتائيءَ سان ماني کڻي پي آيا. ماحول بلڪل اهڙو ئي هو جهڙو يورپ جي آفيسرن جي ڪنهن به ميس ۾ ٿي سگهيو ٿي. ته ان ۾ انقلاب کهڙو هو؟

مون موروفسڪيءَ کان پڇيو "اوهين بالشويڪ نه آهيو؟"

ميز جي چوڏاري ويٺل همراهه مرڪيا،پر مون ڏٺو ته هڪ ٻن چرڪي اردلين ڏانهن ڏٺو. منهنجي دوست وراٽيو "نه، هن ريجمنٽ ۾ رڳو هڪ ئي بالشويڪ آفيسر آهي. اهو به اڄ پيٽروگراد ويل آهي. ڪرنل منشويڪ آهي، هو ڪپتان خيرلوف، ڪاديت آهي. آئون پاڻ ڪاپي ڏر جو سوشلسٽ انقلابي آهيان... ائين سمجهو ته فوج جا گهڻا ٽڻا آفيسر بالشويڪ ڪونهن... پر مون وانگر هو به جمهوريت تي يقين رکن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته ڪين عام سپاهين سان گڏ رهڻ گهرجي."

ماني ختم ٿي ته نقشا آندا ويا ۽ ڪرنل اهي ميز تي پکيڙيندو باقي ٻيا به چئني پاسن گڏ ٿي ڏسڻ لڳا. ڪرنل پينسل جا نشان ڏيکاريندي چيو "اڄ صبح جو اسان جا مورچا هت هئا. ولا ديميرڪير ليووچ تنهنجي ڪمپني ڪٿي آهي؟" ڪپتان خيرلوف وراٽيو "حڪمن موجب اسان هن رستي جي ڪناري تي مورچا ٺاهيا آهن. ڪرساوين پنڇين بجي ڊيوٽي سنيالي ورتي آهي ۽ مونکي مهلت ڏني." ٺيڪ ان مهل ڪمري جو دروازو کليو ۽ ريجمنٽ ڪميٽيءَ جو صدر ۽ هڪ ٻيو سپاهي اندر گهڙيا ۽ ڪرنل جي پويان جيڪو ميڙ هو ان ۾ شامل ٿي نقشي کي ڏسڻ لڳا.

"ٺيڪ!" ڪرنل چيو "هاڻ ڪزاڪ اسان جي سيڪٽر ۾ ڏهه ڪلو ميٽر پويان هٽي ويا آهن. منهنجي خيال ۾ اڳيان وڌي مورچا ونڊڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي. اوهين اڄ رات موجوده لائن تي مورچا بند رهو ۽ انهن کي مضبوط بنائڻ جي لاءِ...."

ريجمنٽ ڪميٽي جي صدر وچ ۾ ڳالهائيندي چيو "جيڪڏهن دل ۾ نه ڪريو ته حڪمَ اهي آهن ته اسين پوري رفتار سان اڳتي وڌون ۽ صبح جو گاتچينا جي اُتر ۾ ڪزاڪن کي وڙهڻ تي مجبور ڪريون. کين منهن ٽوڙ شڪست ڏيڻ ضروري آهي. مهرباني ڪري مناسب بندوبست ڪريو..."

ٿوري دير ماڻ رهي. ڪرنل ٻيهر نقشي کي ڏنو ۽ بلڪل ئي مختلف آواز ۾ چيو "نيڪ آهي استيپان گيورگيوچ، اوهين مهرباني ڪري..." هن هڪ نيري پينسل سان تيزي سان ليڪ ڪيندي حڪم ڏنو. جيڪي هڪ سارجنٽ شارٽ هئڊ ۾ لکندو ويو. پوءِ سارجنٽ هليو ويو ۽ ڏهن منٽن کانپوءِ حڪم تائپ ڪري هڪ ڪاربان نقل سميت کٽي آيو. ڪميٽيءَ جي صدر حڪمن جي هڪ ڪاپي سامهون رکي نقشي جو مطالعو ڪيو. پوءِ هن اُٽندي چيو "نيڪ آهي." ڪاربان ڪاپي هن پنهنجي ڪيسي ۾ رکي، ٻي ڪاغذ تي صحيح وڌي ۽ پنهنجي ڪيسي مان هڪ گول مهر ڪڍي ان تي هنئي ۽ اهو ڪرنل جي حوالي ڪيو.

تہ اُن ۾ اهو هو انقلاب!

*

آئون ريجمنٽ جي اسٽاف موٽرگاڏيءَ ۾ واپس سوويت محل آيس. ايڏا تائين مزدورن، سپاهين ۽ جهازين جا ڏنبلا اچي وڃي رهيا هئا. ايڏا تائين دروازي جي سامهون ٽرڪن، بکٽر بند گاڏين ۽ ٽوبن جا ميڙا متا پيا هئا ۽ غير متوقع سوپ جون رڙيون ۽ ٽهڪ هئا. سرخ گارڊ جا اڌ ڊزن جوان ميڙ کي چيريو هڪ پادريءَ کي گهيري ۾ ونڊي اندر آيا. هنن چيو تہ هي پادري ايوان آهي، جنهن جڏهن ڪزاڪ شهر ۾ داخل ٿيا هئا تہ کين "برڪت" جي دعا ڏني هئي. پوءِ مون کي خبر پئي تہ ان کي گوليءَ سان اُڏايو ويو.

ان مهل وينڪو ساڃي، ڪاپي هر ڪنهن کي حڪم ڏيندو ٻاهر نڪتو. هن جي هٿ ۾ هڪ وڏو ريوالور هو. موڙ وٽ هڪ وڏي موٽر گاڏي بيٺي هئي، جنهن جي انجڻ چالو هئي. هو اڪيلو پوئينءَ سيٽ تي وينو ۽ گاتچينا طرف ڪيرنسڪيءَ کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ روانو ٿي ويو.

جڏهن هو شهر جي آسپاس پهتو تہ رات ٿي چڪي هئي. اتي ئي هو پنڌ ويو. ڪزاڪن کي هن چا چيو اهو تہ ڪير بہ نٿو ڄاڻي، پر اها حقيقت آهي جنرل ڪراشوف، سندس اسٽاف ۽ هزارين ڪزاڪن هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ ڪيرنسڪيءَ کي بہ اهو ئي ڪرڻ جي صلاح ڏنائون.

جيستائين ڪيرنسڪي جو تعلق آهي تہ آئون هت اهو بيان نقل ٿو ڪريان، جيڪو جنرل ڪرانسوف 14 (1) نومبر جي صبح جو ڏنو هو.

"گاتچينا: 1 نومبر 1917ع اڄ اندازاً صبح جو ٽين ٻجي مون کي سپريم ڪمانڊر (ڪيرنسڪي) گهرايو. هو بيحد ڊنل ۽ وحشت ۾ ورتل هو. هن مون کي چيو "جنرل! تو مون سان دوکو ڪيو آهي. تنهنجا ڪزاڪ قطعي طور تي چون ٿا ته هو مون کي گرفتار ڪري ونندا ۽ جهازين جي حوالي ڪري ڇڏيندا..." مون وراڻيس، "هائو ان قسم جون ڳالهيون ٽي رهيون آهن. مون کي خبر آهي ته توسان ڪنهن کي به همدردي ڪونهي."

"پر آفيسر به اهي ڳالهيون ڪن پيا."

"هائو آفيسرن کي ئي ته سيني کان وڌيڪ اوهان پاران جي اطمينان آهي."

"ته آئون ڇا ڪريان...؟ مون کي خودڪشي ڪري ڇڏڻ گهرجي؟"

"اوهين عزت وارا ماڻهو آهيو ته پوءِ هڪدم اڇو جهنڊو ڪٽي، اوهان کي پيٽروگراڊ وڃڻ گهرجي ۽ پاڻ کي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي سامهون پيش ڪرڻ گهرجي. ۽ عارضي حڪومت جي سربراهه جي حيثيت سان ڳالهيون شروع ڪرڻ گهرجن."

"ٺيڪ آهي جنرل! آئون اهو ئي ڪندس..."

"آئون اوهان کي محافظ ڏيندس ۽ اهو به چوندس ته هڪ جهازي اوهان سان وڃي."

"نه نه! جهازي نه. توکي خبر آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪيتري سچائي آهي ته دينبڪو هتي آهي؟"

"مون کي خبر ڪونهي ته دينبڪو ڪير آهي."

"هو منهنجو دشمن آهي"

"ته هاڻ ڇا ٿو ڪري سگهجي. جڏهن ماڻهو گهٽو ڪجهه ڪرڻ جي سَڌَ ۾ جوا کيڏندو آهي ته کيس اهو به ڄاڻڻ گهرجي ته هو راند هارائي به سگهي ٿو."

"هائو آئون اڄ رات ئي هليو ويندس."

"چو؟ اهو ته فرار هوندو. اطمينان سان ۽ اعلانيا وڃو ته جيئن سڀ ماڻهو ڏسي سگهن ته اوهين ڀڄو نه پيا."

"ٺيڪ! خير... تون مونکي اهڙا محافظ ڏي، جن تي آئون پروسو ڪري سگهان."

"سُڻي ڳالهه آهي."

آئون ٻاهر ويس ۾ 'دون' جي ڏهين ريجمنٽ جي ڪزاڪ روساڪوف کي سڏايم ۽ کيس حڪم ڏنم ته هو سپريم ڪمانڊر سان گڏ وڃڻ جي لاءِ ڏهن ڪزاڪ سپاهين جي چونڊ ڪري اڏ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڪزاڪن مون کي اچي ٻڌايو ته ڪيرنسڪي پنهنجي رهائش گاهه ۾ ڪونهي، هو اتان ويڃي ويو.

مون بگل وڄرايو ۽ حڪم ڏنو ته کيس ڳولهيو وڃي، مون اهو سمجهيو ٿي ته هو گاتچينا کان ٻاهر وڃي نڪو سگهي، پر هو نه مليو."

ائين ڪيرنسڪي اڪيلو ئي اڪيلو هڪ جهازيءَ جي وردي پائي، ويس بدلائي ويڃي ويو. ۽ سندس ان حرڪت سبب روسي عوام ۾ سندس جيڪا ٿورا گهڻي مقبوليت هئي، اُها به ختم ٿي ويئي.

❊

آئون هڪ موٽر ٽرڪ جي سامهون واري سيٽ تي ويهي پيٽروگراد واپس آيس. ٽرڪ هڪ مزدور پي هلائي ۽ ان ۾ سرخ گارڊ ويٺل هئا. اسان وٽ ڪيروسن نه هو. تنهنڪري اسان جون بتيون نه پي ٻريون. رستي تان گهر واپس ورندڙ پرولتاري فوج ۽ انهن جي جاءِ ونڊ جي لاءِ ايندڙ نون محفوظ دستن جي رش هئي. اسان جي ٽرڪ جهڙيون وڏيون وڏيون ٽرڪون، توبخاني جون قطارون، ويگنون، رات جو اسان وانگر ئي بنا بتين جي هلنديون پي آيون. اسين تيزيءَ سان ڪڙ ڪڙائيندا وڃي رهيا هئاسين. ٽڪر کان بچڻ لاءِ ڪاهي ساڃي جهٽڪا ڪائيندا ۽ مُڙندا پي وياسين ۽ جواب ۾ پنڌ هلندڙن جي اسان تي گار جي ناڙي پي پئي.

سڃي اُفق تي گاڏي جي هنڌ جون جڳ مڳائيندڙ روشنيون پکڙيل هيون. جيڪي رات جو ڏينهن کان وڌيڪ شاندار لڳي رهيون هيون. جڏ ڪنهن اجاڙ ميدان ۾ هيرن جو ڍڳ ڪيل هجي.

جيڪو پوڙهو مزدور ٽرڪ هلائي رهيو هو ان جو هڪ هٿ اسٽيرنگ ويل تي هو ۽ پي سان هو گاڏي واري هنڌ جي چمڪندڙ روشنين سان فخر سان اشارو ڪري رهيو هو.

"منهنجو" هن رڙ ڪري چيو هن جو منهن ٻهڪي رهيو هو. "هاڻ سڀ منهنجو آهي. منهنجو پيٽروگراد".

❊

ماسڪو

فوجي انقلابي ڪميٽيءَ پنهنجي فتح کانپوءِ ڏاڍي سختيءَ سان قدم کنيا: "14 (1) نومبر"

سيني فوجي ڪورن، ڊويزنن ريجمنٽن جي ڪميٽين ۽ مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن ۽ سيئي ماٺهن جي نالي.

ڪزاڪن، يونڪرن، سپاهين، جهازين ۽ مزدورن جي وچ ۾ هڪ ناهه ٿيو آهي، جنهن موجب اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته اليڪساندر فيودروچ ڪيرنسڪيءَ تي عوام جي هڪ عدالت ۾ ڪيس هلايو ويندو. اسين گهر ٻا ڪريون ته ڪيرنسڪي کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪيس هيٺين تنظيم جي نالي تي حڪم ڏنو وڃي ته هو هڪدم پيٽروگراڊ اچي پاڻ کي ٽربيونل جي سامهون پيش ڪري.

صحيح:

اوسوري سوار دستي جي پهرين ڊويزن جا ڪزاڪ،
چاپا مار پيٽروگراڊ دستي جي يونڪرن جي ڪميٽي،
پنجين فوج جو نمائندو عوامي ڪميسار دينبڪو.

ان اعلان تي چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ، دوما، سوشلسٽ انقلابين جي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ، فخر سان دعويٰ ڪندي ته ڪيرنسڪي هنن جو ميمبر آهي، سيني کان وڌيڪ سخت احتجاج ڪيو ۽ چيو ته هو فقط آئين ساز اسيمبلي جي سامهون ئي جوابدار ٿي سگهي ٿو.

16 (3) نومبر جي شام جو مون سرخ گارڊ جي هڪ لوڏيندي هڪ فوجي بينڊ جي پويان پويان زاگردني پراسپڪٽ تي مارچ ڪندي ويندي ڏٺو. بينڊ "مارسلن" جي ڌن وڄائي رهيو هو. جيڪو "سرخ پيٽروگراڊ" جو بچاءُ ڪندڙ پائرن جي گهر اچڻ تي کين پليڪار چوڻ جي

لاءِ گڏ ٿيندڙ پورهيتن جي ڪارين قطارن جي مٿان لهرائيندڙ رت جهڙن ڳاڙهن جهنڊن جي موجودگيءَ ۾ تمام گهٽو مناسب لڳي رهيو هو. تلخ ڏنڊلڪي ۾ هو سڀ مرد، عورتون پنهنجون بند سنگينون لهرائيندي انهن رستن جي مٿان لنگهي رهيا هئا، جن تي هلڪي هلڪي سهائي هئي ۽ جيڪي گپ ۾ ترڪي رهيا هئا ۽ انهن جي ٻنهي پاسن بورزوا ماڻهن جو خاموش ميڙ هو جيڪي ڏنل هئا، پر انهن جي چهرن تي حقارت هئي.

هنن جي سڀ خلاف هئا. ڪاروباري ماڻهو، وياج خور، سرمائيدار، وڏيرا، فوجي آفيسر، سياستدان، اُستاد، شاگرد، مختلف ڏنڏا ڏاڙي ڪندڙ ماڻهو، دڪاندار، ڪلارڪ ايجنٽ، ٻيون سوشلسٽ پارٽيون، بالشويڪن سان نفرت ڪندڙ هيون ۽ هو انهن ۾ تر جيتري ڪمي ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هيون. هيڏانهن سوويتن سان گڏ عام مزدور، جهازي، اهي سڀ سپاهي، جن همت نه هاري هئي، بي زمين هاري ۽ ڪجهه آڳرين تي ڳڻڻ جيترا دانشور گڏ هئا.

عظيم روس جي ڏورانهن هنڌن تي ڪيرنسڪي جي شڪست جي خبر پهتي هئي، جنهن سان رستن تي بي اميد لڙائي جي ٻوڏ اچي ٿي ويئي ۽ پرولتاري سوڀ جو زبردست پڙاڏو واپس ٿي وريو. ڪازان، ساراتوف، نوگورد، وينتسا، جتي رستن تي رت وهي نڪتو هو. ماسڪو جتي بالشويڪن، بورزوازي جي آخري ڳڙهه يعني ڪريملن کي پنهنجي ٽوبن جو نشانو بنائي چڏيو هو.

"هو ڪريملن تي بمباري ڪري رهيا آهن." اها خبر پيٽروگراڊ جي رستن تي لڳ ڀڳ هر ماڻهوءَ جي واتان دهشت جي احساس سان پکڙجي رهي هئي. "سفيد ۽ چمڪندڙ ماسڪوميا" مان ايندڙ مسافر ڏاڍا ڀيانڪ قصا ٻڌائي رهيا هئا. هزارين ماڻهن جي مارجڻ، تويرسڪايا ۽ ڪزنيتسڪي موست جو باهه ۾ سڙڻ، واسيلي بلازيني جي ديول جي سڙي رکڻ ٿيڻ، اوسپنسڪي جامع ڪليسا جي ڪنڊر بنجڻ، ڪريملن جي اسپاسڪي دروازي جي ٽٽڻ، دوما جي عمارت جي سڙي تباهه ٿيڻ جا قصا.

بالشويڪن هيستائين جيڪو ڪجهه ڪيو هو اهو سڳوري روس جي وچ ۾ ٿيندڙ ان ڀيانڪ بي حرمتيءَ جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه هو مقدس

ڪليسا تي ڦاٽندڙ روسي قوم جي امان جي جاءِ ڪي مٿيءَ جي ڏڪ ۾ تبديل ڪندڙ گولن جا ڏماڪا عقيدت مندن جي ڪنن ۾ ايڏا به گونجي رهيا هئا.

15 (2) نومبر تي تعليم وارو ڪميسار لونا چارسڪي عوامي ڪائونسل جي پريل اجلاس ۾ روئي پيو ۽ اهو چوندي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو ته، "آئون اهو سهي نٿو سگهان. آئون خوبصورتي ۽ روايتن جي وحشيانڻي تباهي گوارا نٿو ڪري سگهان...."

ان ڏينهن ٽپهريءَ جو سندس استعفيٰ وارو خط ڇپيو.

"مونکي ماسڪو مان ايندڙ ماڻهن جي واتان خبر پيئي آهي ته اُتي ڇا ٿيو آهي. واسيلي بلازيني جي وڏي ديول، اوسپنسڪي ديول تي بمباري ڪئي پيئي وڃي. ڪريملن، جتي هينئر پيٽروگراد ۽ ماسڪو جا اهم ترين فني خزانا گڏ ٿيل آهن. ٽوبون گولا وسائي رهيون آهن. هزارين ماڻهو ان جو شڪار ٿي چڪا آهن. ييانڪ جدوجهد، اتي وحشيانڻي غضبناڪي جي حد تائين پهچي چڪي آهي. باقي ڇا بچيو آهي؟ ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟ آئون اها ڳالهه برداشت نٿو ڪري سگهان. منهنجو پيالو ڇلڪي چڪو آهي آئون اهي تباهه ڪاريون برداشت ڪرڻ جي لائق ناهيان. انهن تي سوچي آئون جڙ ڇريو پيو ٿيان. ۽ منهنجي لاءِ ڪم ڪرڻ ممڪن نه رهيو آهي. تنهن ڪري آئون عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل کان ڌار ٿيو ٿيان. مون کي ان فيصلي جي سنجيدگيءَ جو پورو احساس آهي، پر هاڻ اهو سڀ ڪجهه منهنجي سهپ کان ٻاهر آهي."

ان ڏينهن شام جو ڪريملن ۾ رهندڙ سفيد گارڊن ۽ يونڪرن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. کين سلامتيءَ سان ٻاهر نڪري وڃڻ ڏنو ويو. ناهه جو مٽن هينئين ريت آهي:

1. عام تحفظ واري ڪميٽي جو وجود ختم ڪيو ٿيو وڃي.
2. سفيد گارڊ پنهنجا هٿيار حوالي ڪري منتشر ٿين ٿا. آفيسرن وٽ سندن تلوارن ۽ باضابط بغلي هٿيار رهندا. فوجي اسڪولن ۾ فقط اهي هٿيار رهندا، جيڪي سکيا جي لاءِ ضروري آهن. باقي سڀ هٿيار يونڪر واپس ڪن ٿا. فوجي انقلابي ڪميٽي ذاتي آزادي ۽ عزت جي ضمانت ٿي ڏي.

3. هٿيار ڇڏڻ جي سوال کي فقري نمبر2 موجب طئي ڪرڻ جي لاءِ هڪ خاص ڪميٽي مقرر ڪجي ٿي، جيڪا فوجي انقلابي ڪميٽي جي آفيسرن ۽ صلح جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصو ونڊڻ سينگي تنظيمن جي نمائندن تي ٻڌل آهي.

4. هن ناهه تي صحيح ٿيڻ جي وقت کان وٺي ٻيئي ڏريون هڪدم جنگ بنديءَ تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ کي يقيني بنائڻ جا قدم کڻندیون.

5. ناهه تي صحيحون ٿيڻ کان پنهنجي ڏرين جا هڪ ٻئي وٽ جيڪي قيدي آهن، تن کي آزاد ڪيو ويندو.

هاڻ ٻن ڏينهن کان شهر بالشويڪن جي ڪنٽرول ۾ هو. ڏنل شهري مري ويل مٽن ماڻڻن جي ڳولا ۾ پنهنجن پنهنجن تهه خانن مان نڪري آيا هئا. رستن تي ٽهيل مورچا هٽايا پيو ويا. پر ماسڪو جي تباهيءَ جون ڪهاڻيون گهٽجڻ بدران وڌنديون ئي رهيون. ۽ انهن ڏکائيندڙ خبرن کان متاثر ٿي اسان اتي وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

پيٽروگراڊ ٻن صدين کان گاڏي جو هنڌ هئڻ جي باوجود ۾ بهرحال هڪ مصنوعي شهر آهي. ماسڪو حقيقي روس آهي. روس، جهڙو اهو آهي ۽ جهڙو اهو هوندو. ماسڪو ۾ اسان کي انقلاب جي باري ۾ روسي عوام جي اصل احساسن جي خبر پوندي.

گذريل هفتي کان پيٽروگراڊ جي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ، عام ريلوي ڪارڪنن جي مدد سان نڪولائي ريلوي جو ڪنٽرول پنهنجن هٿن ۾ وٺي لاٽو هو ۽ جهازبن ۽ سرخ گارڊن جون گاڏيون پري ڏکڻ ڀولهه طرف موڪلي رهي هئي. اسان کي اسمولني مان پاسون ڏنيون ويون هيون، جن کانسواءِ ڪو ۾ گاڏي واري هنڌ کان ٻاهر وڃي نٿي سگهيو. جڏهن هڪ انجڻ، ريل گاڏي کي ڏکي پليٽ فارم تي آندو ته ميرن سيرن سپاهين جو هڪ وڏو ميڙ، جنهن ۾ هر ڪنهن وٽ کاڏي پيتي جي شين جي هڪ هڪ وڏي هڙ هئي، دورازن تي ڪڙڪي پيا. دريون پيچي ڇڏيائون ۽ سڀ سيني ڪمپارٽمنٽن ۾ پهچي ويا. اڇ وڇ جي لنگهن تي ۽ چتين تي ۾ چڙهي ويهي رهيا. اسين ۾ چڪي تاڻي، پنهنجي ڪمپارٽمنٽ ۾ پهچي وياسين. پر هڪدم ويهارو ڪن سپاهي اندر گهڙي آيا. جڏهن ته جڳهه رڳو چئن ماڻهن جي لاءِ هئي. اسان کين منٽ ميڙ ڪئي، ساڻن بحث ڪيو ۽ ڪنڊيڪٽر اسان جو ساٿ ڏنو پر

سپاهي رڳو ڪلندا رهيا. هو پلا "بورزوا" ماڻهن جو فڪر ڇو ڪن؟ اسان اسمولني جون جاري ڪيل پاسون ڏيڪاريون تہ سپاهين جو رويو هڪدم بدلجي ويو. هڪ ڇٽي رڙ ڪري چيو "ساٿيو! ڏسو"، هي آمريڪي ڪامريڊ آهي؟ ٽيهن هزارن ميلن جو سفر ڪري اسان جو انقلاب ڏسڻ جي لاءِ هت آيو آهي ۽ ظاهر آهي تہ ٽڪل آهي.

سپاهي بااخلاق نموني دوستاڻي معذرت سان اتان وڃڻ لڳا. ٿوري دير ڪانپوءِ اسان ڪين هڪ ٻي ڪمپارٽمنٽ جو دروازو ٽوڙيندي اندر گهڙندي ٻُڌو. جنهن تي ٻن ٽلهن متارن خوش پوش روسين قبضو ڪري ورتو هو. هنن ڪنڊيڪٽر کي رشوت ڏيئي دروازو اندران بند ڪري ڇڏيو هو.

شام جو ستين بجي ڌاري اسان جي ريل گاڏي رواني ٿي. تمام وڏي گاڏي جنهن کي هڪ ڪمزور ننڍي انجڻ ڇڪي رهي هئي، جنهن ۾ ڪائيون هاريون ويندیون هيون. گاڏي هوريان هوريان، هلندي ٻيهندي هلندي رهي. ڇتين تي ويٺل سپاهي پنهنجي هٿ جي ترين سان ڇتين کي سَٽي رهيا هئا ۽ هارين جا ڏک پريا گيت ڳائي رهيا هئا ۽ لنگهه مان، اُتي ايترا تہ ماڻهو ڦسيا پيا هئا جو اتان لنگهڻ ممڪن ئي نہ هو. سڄي رات زوردار سياسي بحث ٿيندو رهيو. ڪٿهن ڪٿهن مهل ڪنڊيڪٽر رڳو عادت پوري ڪرڻ جي لاءِ ٽڪيٽ ڏسڻ جي لاءِ هليا ٿي آيا. ڪيس اسان جي ٽڪيٽن ڪانسواءِ باقي ٿوريون ئي ٽڪيٽون ڏسڻ جي لاءِ مليون ۽ هو اڃ ڪلاڪ تائين بيڪار واجهائيندو بيوسي ۽ نااميدي جي اظهار جي لاءِ هٿ مٿي کڻي واپس هليو ويو. وڏي گُهٽ هئي. فضا ۾ دُنهه ۽ بدبو پريل هئي. جيڪڏهن دريون ٽڻل نہ هجن ها تہ رات جو ئي اسان جو ساهہ گهٽجي وڃي ها.

ڪيترن ئي ڪلاڪن ڪانپوءِ صبح جو اسان هڪ برفپوش دنيا ڏٺي. ڏاڍي سخت سردي هئي. ٻنپهرن ڌاري هڪ هاري عورت سوار ٿي، جنهن وٽ ڏهل روٽين جي ٽوڪري پريل هئي ۽ ڪافيءَ جهڙي ڪنهن نيم گرم شئي جو هڪ ڪولر هو. ان مهل پريل ريل گاڏيءَ ۾ اوندهہ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. ڏکڻ سان هلندي ۽ ٻيهندي ٿي ويئي. ڪنهن ڪنهن مهل استيشن آئي ٿي، جن جي اسٽالن تي ٽورو گهٽو سامان هوندو هو. جهن تي ريل جا مسافر ڪنهن بکايل ۽ ڏکاريل ميڙ جيان ڪاهي ٿي پيا ۽ منٽن ۾ هر شئي چٽ ڪري ٿي ڇڏيائون. اهڙي طرح هڪ استيشن تي منهنجي نوگڊ ۽

ريڪوف سان ملاقات ٿي، اهي همراهه ڪميسارن جي ڪائونسل کان ڌار ٿي ويا هئا ۽ پنهنجون شڪايتون پاڻ ۾ سوويت جي سامهون رکڻ جي لاءِ ماسڪو وڃي رهيا هئا. ٽورو اڳيان بخارن گڏيم. ننڍي قد، ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي وارو انسان، جنهن جون اکيون ڪٽرمذهبي ماڻهن جهڙيون هيون، هن جي باري ۾ چيو ويندو هو ته "هولينن کان به وڌيڪ ڪاهي ڏر جو آهي..."

ٻيهر گهنٽي وڳي ۽ اسين ريل گاڏيءَ ڏانهن ڊوڙياسين. ڪچاڪچ پريل ريل گاڏي ۾ چڙهڻ ۽ پنهنجي لاءِ رستو ناهڻ ڪو سولو ڪم نه هو. ماڻهن جو هڪ ميڙ هو جيڪو ڪلندو ٿهڪ ڏيندو هڪ ٻئي سان مشڪري پوڳ ڪندو. پيٽروگراد جي صورتحال کان وٺي برطانوي ٽريڊ يونين جي نظام تائين، هر شئي جي باري ۾ هڪ اڻ ڪٽ بحث ڪندو موجود هو ۽ گاڏيءَ ۾ جيڪي ڪجهه بورزوا سوار هئا، تن سان صفا اٽڪي ٿي پيا. اسان جي ماسڪو پهچڻ کان اڳ لڳ ڀڳ هر ڪمپارٽمنٽ ماني حاصل ڪرڻ ۽ ورهائڻ جي لاءِ هڪ ڪميٽي منظم ڪري ورتي هئي. ائين ڪميٽيون سياسي جٽن ۾ ورهائجي ويون هيون، جيڪي بنيادي اصولن تي بحث ڪري رهيون هيون.

ماسڪو جي اسٽيشن بلڪل ويران هئي. اسين ڪميسارن جي آفيس ۾ ويا سين ته جيئن پنهنجي واپسيءَ جي ٽڪيٽن جو بندوبست ڪري سگهون. اهو رُکي لهجي وارو نوجوان هو جنهن جي ڪلهن تي ليفٽيننٽ جون پٽيون لڳل هيون. اسان جڏهن ڪيس پنهنجا اسمولني جا ڪاغذ ڏيکاريا ته هو صفا بگڙي پيو ۽ چيائين ته هو بالشويڪ ڪونهي، پر هو "عام بچاءَ" واري ڪميٽيءَ جي نمائندگيءَ تي ڪري. اها مثالي ڳالهه هئي. شهر جي فتح جي نتيجي ۾ جيڪو عام خلفشا رهو. تنهن ۾ فاتحن کي خاص ريلوي اسٽيشن جو خيال ئي نه رهيو.

اتي ڪابه گهوڙي گاڏي به نظر نه پي آئي. پر رستي تي ٽورو پر پيرو هلي اسان هڪ ڪوچوان کي جاڳايو. جيڪو ڪهه مان نهيل هڪ وڏي چادر اوڍيو. پنهنجي ننڍي برف گاڏيءَ جي ڪوچ بڪس تي ويٺي ويٺي، سمهي رهيو هو. "شهر جي مرڪز تائين هلڻ جا ڪهڙا ونندين؟"

هن پنهنجو مٿو ڪنهيو ۽ چيائين، "صاحبو! وڏن ماڻهن کي ڪنهن به هوٽل ۾ ڪمرو نه ملندو." ڪن ترسي چيائين، "پر آئون اوهان کي سئو روبلن

۾ ڪٽي هلندس." انقلاب کان اڳ ته ٻه رويل لڳندا هئا. اسان اعتراض ڪيو پر هو ڪلها لوڏي مان ٽي ويو. پوءِ چيائين، "اڄڪلهه برف گاڏي هلائڻ جي لاءِ وڏي دل ڪپي." اسان ڏاڍو زور پريس، پر هو پنجاهه روبلن کان گهٽ تي راضي نه ٿيو. اسين جڏهن خاموش، برف پوش ڏنڈلي سڙڪن تي وڃي رهيا هئاسين ته هڪ همراهه گذريل ڇهن ڏينهن جي ويڙهه جي دوران پنهنجا احوال بيان ڪيا. هن چيو "جتي ٻه هئاسين... هلندڙ... يا بينل... 'يوف' توب جا گولا هِت هُت ڦاٽي رهيا هئا. شيطان هر هنڌ گوليون هلائي رهيو هو. آئون ٻه هڪ هنڌ بينل هئس. اُتان اُٿي پڳس... هر طرف نش نش... ڊز ڊز لڳي پئي هئي..."

شهر جي مرڪز ۾ برف سان ڇميل رستا ائين خاموش هئا، جيئن بيماريءَ کان پوءِ هٿ پير ساٽا ۾ سُست ٿي پوندا آهن. رڳو ڪجهه آرڪ لائيٽون ٻري رهيون هُيون ۾ ڪجهه ماڻهو تکا تکا فوٽ پاٽن تي اڇي وڃي رهيا هئا. وڏي ميدان مان ٽڏي هوا جا جهونڪا اڇي رهيا هئا ۾ اها ٽڏي هوا جڙ هڏين ۾ گهڙي رهي هئي. پهرين اسين هوٽل جي اهڙي آفيس ۾ گهڙياسين جتي ٻه ميڙ بتيون ٻري رهيون هيون.

"اسان وٽ ڪجهه ڇڳا ڪمرا ضرور آهن، پر گولين جي ڪري انهن جون سڀ دريون ٽٽي پيون آهن. جيڪڏهن سائين جن ٿوري تازي هوا جو خيال نه ڪن ته...."

تويڙ سڪايا تي دوڪانن جون دريون ٽٽيون پيون هيون ۾ رستن تي گولن جي ڪري ٺهيل ڪڏا ۾ اُڪڙيل پٿر پيا هئا. هڪ ڪانپوءِ ٻي هوٽل، سڀ پريون پيون هُيون يا ته وري مالڪ اڃا تائين ڊنل هئا. رڳو ايترو ڄڻي سگهيا ته، "نه نه .. ڪوبه ڪمرو ڪونهي." خاص خاص رستن تي، جتي وڏيون وڏيون بئنڪون ۾ واپاري ادارا هئا، بالشويڪ توبخاني بنا ڪنهن فرق جي پنهنجو ڪم ڪيو هو. هڪ سوويت آفيسر مونڪي ٻڌايو "جڏهن اسان کي اها خبر نه ٿي پيئي ته يونڪر ۾ سفيدگارڊ ڪٿي آهن ته اسان انهن جي ٽيلهين تي گولاباري ڪندا هئاسين."

نيٽ وڏي 'نيشنل' هوٽل اسان کي ترسائڻ منظور ڪيو ڇاڪاڻ ته اسين پرڏيهي هئاسين ۾ فوجي انقلابي ڪميٽيءَ، پرڏيهين جي رهائش جي حفاظت جو وعدو ڪيو هو. سيني کان مٿينءَ منزل تي مئنيجر اسان کي اهو

هنڌ ڏيکاريو جتي بمن جي ڪرچين ڪيترين ۾ دربون ٽوڙي چڏيون هيون. هن پنهنجي تصور ۾ بالشويڪن تي مُڪ تاڻي ۽ چيو "پر ترسو! هنن جو وارو به وڃڻ وارو آهي. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هنن جي حڪومت ختم ٿي ويندي ۽ پوءِ اسين انهن کي مزو چکائينداسين".

اسان هڪ ڏاڍي سٺي هوٽل ۾ ماني کاڌي. جنهن جو نالو به ڏاڍو دل لپائيندڙ هو "آئون ڪنهن کي به نه کائيندو آهيان." اُتي ٽالسٽائي جي هڪ وڏي تصوير نمايان طور تي ڀت ۾ ڪتل هئي. ان کانپوءِ اسين رستن تي رولاکي ڪرڻ نڪتاسين.

ماسڪو سوويت جي آفيس، اڳوڻي گورنر جنرل جي محل ۾ هئي. اها هڪ اڇي رنگ جي عمارت هئي، جنهن جو منهن اسڪوبليف چوڪ واري پاسي هو. دروازي تي سرخ گارڊ پهرو ڏيئي رهيا هئا. وڌين درباري ڏاڪڻين جي ڀتين تي ڪميٽي ڪڍجاڻين جا اعلان ۽ سياسي پارٽين جون اپيلون چهٽيل هيون. انهن جي مٿان اسين مٽاهين چتين وارن ڪيترن ئي ايوانن مان لنگهياسين جن ۾ ڳاڙهن ڪپڙن واريون تصويرون سنهري فريمن ۾ لڳل هيون. پوءِ اسين رياستي سيلون ۾ گهڙياسين، جتي عظيم اسٽاف بلورين فانوس ۽ ململي ڪارنسس هيون. سرهاڻن ۾ ڳالهائيندڙ ۽ اٽڪل ويهارو ڪن سلائي مشينن جي هلڻ جا آواز اچي رهيا هئا. پٽ تي ڳاڙهن ۽ ڪارن ڪپڙن جا ڪيترائي وڏا وڏا تاڪيا ڪولي پکيڙيا ويا هئا. ميزن تي وينل لڳ ڀڳ پنجاهه ڪن عورتون انقلابي جانبازن جي جنازن جي لاءِ جهنڊا ڪٽي ۽ سُبي رهيون هيون. انهن عورتن جي چهرن کي ڏکي زندگيءَ، کهرو ۽ سخت بنائي چڏيو هو. پر هو اڃا به ڦڙتيءَ سان ڪم ڪري رهيون هيون. ۽ انهن مان ڪيترين جون اکيون روئڻ جي ڪري ڳاڙهيون هيون. ڳاڙهي فوج جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا هئا.

هڪ ڪنڊ ۾ ميز وٽ روگوف وينو هو. هو ڏاڍو ذهين هو. ڪيس ڏاڙهي رکيل، عينڪ پاتل ۽ مزدورن جهڙو ڪارو ڪڙتو پاتل هو. هن اسان کي دعوت ڏني ته اسين ٻي ڏينهن صبح جو جنازي جي جلوس ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ سان گڏ مارچ ڪريو.

هن ڇيو "منشويڪن ۽ سوشلسٽ انقلابين کي ڪجھ بہ سيکاري نٿو سگھجي. مَنجھن سمجھوتي بازي جي عادت پئجي ويئي آھي. ٿورو سوچيو! ھنن اھا تجويز ڏني تہ اسين يونڪرن سان گڏجي جلوس ڪڍون!"

ھال اُڪرندي ھڪ شخص آيو. جنھن کي سپاھين وارو قاتل ڪوٽ ۽ ٽوپي پاتل ھئي، جنھن جو چھرو ڇاتل سڃاتل پي لڳو. پوءِ ياد آيو تہ اھو ملنيچانسڪي آھي، جنھن کي آئون 'بي يون' نيو جرسيءَ ۾ "اسٽينبرڊ آئيل" جي ھڙتال جي دوران گھڙي ساز جارج ملچر جي حيثيت سان سُڃاڻندو ھوس. ھن ٻڌايو تہ ھاڻ ھو ماسڪو جي ھڪ يونين جو سيڪريٽري آھي ۽ ويڙھ جي دوران فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جو ھڪ ڪميسار ھو.

ھن پنھنجا خراب ڪپڙا ڏيکاريندي وڌي سڏ چيو "ڳالھ ھيءَ آھي تہ آئون ساڻين سان گڏ ڪريملن ۾ ھئس. جڏھن يونڪر پھريون پيرو آيا. ھنن مونکي ھڪ تھ خاني ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ منھنجو اوور ڪوٽ، پئسو ڏوکڙ، گھڙي، ايتري قدر جو منھنجي منڊي بہ کسي ورتائون. مون وٽ پائڻ جي لاءِ بس ھي ئي وڇي بچيو آھي." مونکي، کانئس انھن ڇھن ڏينھن جي خونريزي جنگ جا ڪيترائي تفصيل مليا، جنھن ماسڪو کي ٻن حصن ۾ ورھائي ڇڏيو ھو. پيٽروگراڊ جي برعڪس، ماسڪو ۾ ميونسپل روما يونڪرن ۽ سفيد گارڊن جي ڪمان سنڀالي ورتي ھئي. ميئر رودنيف ۽ دوما جي صدر مينور "تحفظ عامہ ڪميٽي" ۽ فوج کي سرگرمي جي ھدايت ڪئي. شھر جو ڪمانڊانٽ 'رياستين' جمھوري قسم جو ماڻھو ھو ۽ ھو فوجي انقلابي ڪميٽي جي مخالفت ڪرڻ ۾ ھيڪ محسوس ڪري رھيو ھو. پر دوما کيس مجبور ڪيو. ڪريملن تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ کيس ميئر زور پريو. ھن چيو "ھو اُتي توتي گوليون ھلائڻ جي ھمت ڪري نہ سگھندا."

ھڪ گيريزن ريجمينٽ ڏگھي بي عملي سبب بيزار ٿي چڪي ھئي، ھن ٻنھي ڌرين سان رابطو ڪيو. گيريزن اھو فيصلو ڪرڻ جي لاءِ گڏجاڻي ڪئي تہ ڪھڙو قدم کڻجي. نيٺ اھو طئي ٿيو تہ ريجمنٽ اڻ ڌري رھي، ۽ پنھنجون سرگرميون جاري رکي. جيڪي جوتن جي لاءِ رٻڙ جا تر ۽ مٿين چمڙي ۽ سورج مکيءَ جا بج وڪرو ڪرڻ تي مشتمل ھئي.

ملين چانسڪي ٻڌايو "پر ڏڪي ڳالهه اها هئي ته اسان کي وڙهڻ سان گڏ منظم به ٿيڻو هو پي ڏر کي خبر هئي ته ڪيس چا ڪرڻون آهي. پر هتي سپاهين جي پنهنجي سوويت هئي ۽ مزدورن جي پنهنجي ڪي ريجمنٽون اهو فيصلو ڪرڻ کان اڳ ڪيترائي ڏينهن اهو بحث ڪندیون رهيون ته هو چا ڪن ۽ جڏهن اسان کي اوچتو آفيسر ئي چڏي ويجي وبا ته اسان کي حڪم ڏيڻ جي لاءِ لڙائيءَ جو ڪو استاف هي نه هو."

هنن منهنجي لاءِ ننڊيون. پر چٽيون تصويرون ڇڪي ورتيون. هڪ سرد سُرمئي ڏينهن تي هو نڪتيسڪايا جي موڙ تي بيٺا هئا ۽ رستي تي مشين گن جي گولين جو مينهن وسي رهيو هو. اتي رولو چوڪرن جو هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو هو. اهي رولو چورا، جيڪي اڳ ۾ اخبارون وڪڻندا هئا، رڙيون ۽ ڪل مسخري ڪندا ائين انتظار ڪري رهيا هئا، جڻ ڪا نئين راند هجي. جڏهن گولين ٽوريون گهٽيون ته هنن ڊوڙي رستو پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ڪوشش ۾ انهن مان ڪيترائي مارجي ويا، پر ٻين مان ڪن ڊوڙي رستو ڪراس ڪري ورتو ۽ ڪي واپس وري آيا. ڪُلندي ۽ هڪٻئي کي للڪاريندي.

شام جو دير سان آئون "معززين جي ڪلب" ويس، جتي ماسڪو جي بالشويڪن جي گڏجاڻي ٿيڻ واري هئي ۽ جنهن ۾ نوگن، ريڪوف ۽ ٻين جي رپورٽن تي غور ٿيڻون هو. جيڪي عوام ڪميسارن جي ڪائونسل کان ڏار ٿي ويا هئا. جتي گڏجاڻي ٿي رهي هئي، اهو هڪ ٿيٽر هو جنهن ۾ پراڻي حڪمراني ۾ آفيسرن ۽ جڳ مڳائيندڙ خواتين جي سامهون نون نون فرانسيسي مزاحيه ڊرامن جون غير پيشي وراٽيون آڇون ٿيندیون هيون.

ٿيٽر ۾ سڀ کان پهرين دانشور پهتا، جيڪي شهر جي مرڪزي جصي ۾ رهندا هئا. نوگن تقرير ڪئي ۽ صاف ظاهر هو ته ٻڌندڙن ۾ گهٽا سندس هم خيال هئا. مزدور گهٽي دير سان آيا. ڇاڪاڻ ته هنن جو دستو شهر جي پرپاسي هو ۽ ترامون به نه پي هليون. پر اڌ رات ڌاري مزدورن ڏهن ڏهن ويهن ويهن جي ٽولين ۾ ڏاڪڻيون چڙهڻ شروع ڪيون. ٽلها متارا، سگهارا، هلڪا ڦلڪا ڪپڙا پاتل، جنگ جي پهرين صف مان سڏو هليا آيا هئا، هو هڪ هفتي تائين پوتن جيان وڙهيا هئا ۽ جتي هنن پنهنجي چوڌاري پنهنجي ساٿين کي مرندي ڏٺو هو.

گڏجاڻي باقاعده طور تي شروع ٿيندي ئي نوگن تي طنزيہ جملن ۽ ڪاوڙ ۾ پريل سڏن ۽ واڪن جو طوفان ڦاتي پيو هن بحث ڪرڻ ۽ وضاحت ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي، پر ماٺهن ڪيس نہ ٻڌو. هن عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل کي ڇڏي ڏنو. جنگ جاري هئي ۽ هن پنهنجي چوڪي کي ڇڏي ڏنو. جيستائين بورزوا پريس جو تعلق هو تہ هتي ماسڪو ۾ هاڻ ڪابہ بورزوا پريس نہ آهي. ميونسپل دوما کي بہ ٽوڙيو ويو آهي. بخارن اُتي بيٺو ۽ نهايت جي رحمي ۽ دليلن سان ڳالهائڻ لڳو. ماٺهن کيس ڏيان سان ٻڌو پوءِ عوامي ڪميسارن جي ڪونسل جي حق ۾ وڏي اڪثريت سان قرارداد پاس ٿي. اهو هو ماسڪو جو فيصلو.

رات جو دير سان اسين جڏهن خالي رستن تان لنگهياسين ۽ ايورسڪي دروازي مان باهر نڪري، ڪريملن جي سامهون سرخ چوڪ تي آياسين تہ واسيلي بلازيني جو ديول حيرت انگيز طور سهڻو نظر اچي رهيو هو. ان جي شوخ رنگن، چٽن گلن سان سينگاريل گنبذ اوندهہ ۾ بہ ڏنڏلا ڏنڏلا نظر اچي رهيا هئا. ڪنهن بہ لحاظ کان اها ڳالهہ نہ ٿي لڳي تہ انهن کي ڪو نقصان رسايو ويو آهي. چوڪ جي هڪ پاسي ڪريملن جا ڪارا مينار ۽ پٽيون هيون. وڏين پٽين تي لکل اُلائن جون ڳاڙهيون روشنيون لهرائي رهيون هيون ۽ ڏگهن ميدانن جي هن پار کان آواز اچي رهيا هئا ۽ ڪوڏرون ۽ بيلچا هلي رهيا هئا. اسين ميدان اُڪري اُن پاسي وياسين. پٽين جي پاڻن ۾ متي ۽ پٽرن جو ڏڳ لڳو پيو هو. انهن تي چڙهي اسان ٻن وڏن ڪڏن ڏانهن ڏنو جيڪي ڏهہ پندرهن فوٽ اونها ۽ پنجاهہ ڪن فوٽ ڏگها هئا. جتي سوين سپاهي ۽ مزدور وڏن الائن جي رشنين ۾ ڪوٽائي ڪري رهيا هئا.

هڪ نوجوان شاگرد اسان سان جرمن زبان ۾ ڳالهايو. هن ٻڌايو تہ "هيءَ پائپي واري قبر آهي، سياٽي هتي اسين پنج سئو پرولتارين کي دفنائينداسين، جن انقلاب ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن."

هو اسان کي وٺي ڪڏ ۾ لٿو. ڪوڏرون ۽ بيلچا تيزيءَ سان هلي رهيا هئا. ۽ متيءَ جو هڪ ڏڳ ٺهندو پيو ويو. ڪنهن بہ نہ پي ڳالهايو. مٽان تارن پري رات هئي ۽ قديم شهنشاهي ڪريملن جون پٽيون بي انتها وڏيون معلوم پيو ٿيون.

شاگرد ٻڌايو تہ هُتي هن روس جي سپ کان سگوري هنڌ تي اسين پنهنجن سپ کان وڌيڪ سگورن ماڻهن کي دفنائينداسين. هتي جتي زارن جا مقبرا آهن، اتي هاڻ اسان جا زار يعني عوام ابدي ننڊ سمهندا، هن جي ٻانهن پٽيءَ ۾ لڙڪيل هئي، ڪيس بہ لڙائي ۾ گولي لڳي هئي، هن ان کي حقارت سان ڏٺو "اوهين ٻين ملڪن جا ماڻهو اسان روسين کي سئين نظرن سان نہ ڏسندا هئا، ڇاڪاڻ تہ اسان دور قديم جي بادشاهت کي هيترو عرصو سٺو پر اسان ڏٺو تہ هن دنيا ۾ رڳو زار ئي اڪيلو ظالم ڪونهي... سرمائيداري انهيءَ کان بہ بچڙي شئي آهي ۽ دنيا جي هر ملڪ ۾ سرمائيداريءَ جي ئي شهنشاهي آهي. روسي انقلابي طريقو ئي بهترين آهي."

اسين واپس ورياسين تہ ڪڏي جي کوٽائي ڪنڊڙ سردي جي باوجود بہ پگهر ڳاڙهندا، ٽڪل قدمن سان مٿي اچڻ لڳا. سرخ چوڪ جي هُن پار کان ماڻهن جو هڪ ميڙ ڊوڙندو آيو. هو سپ ڪڏي ۾ لهي ويا. هنن جي هٿن ۾ اوزار هئا ۽ بنا ڪجهہ ڪُچڙ پُچڙ جي کوٽائي ڪرڻ ۾ لڳي ويا. ائين، ان سڄي ڏگهي رات عوام جا رضاڪار هڪٻئي جي جاءِ والارينداً رهيا. هنن تيز رفتاريءَ سان ڪم جاري رکيو ۽ الل وهاڻيءَ جو ان وڏي چوڪ تي، جيڪو برف سان سفيد ٿيو پيو ان پائپي واري قبر جي منهن تان نقاب کڻي چڏيو.

اسين سڄ نڪرڻ کان اڳ ئي اٿياسين ۽ اونداهن رستن تان ٿيندا جلدي جلدي اسڪوبليف چوڪ طرف روانا ٿياسين. سڄي شهر ۾ ڪوبہ ساهوارو نظر نہ ٿي آيو. پر ويجهو ۽ پري کان هلچل جو هڪ هلڪو آواز اچي رهيو هو جڙ تکي هوا جي آمد هجي. سوويت جي مکيہ آفيس جي سامهون زرد ڏنڊلڪي ۾ عورتن ۽ مردن جو هڪ جٿو پهچي ويو هو جنهن جي هٿن ۾ سونهري اکرن وارن ڳاڙهن جهنڊن جو وڏو ڍڳ هو. ماسکو سوويت جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو جهنڊو. سهائي ٽي چڪي هئي. پري کان ايندڙ هلچل جو آواز شهر جاڳي اُٿيو هو. اسين تويرسڪايا ئي هليا وياسين. اسان جي مٿن جي مٿان جهنڊا جهومي رهيا هئا. اسان جي رستي ۾ جيڪي ننڍا ننڍا ديول پي آيا، انهن کي تالا لڳا پيا هئا ۽ اهي اونداها هئا ۽ ايورسڪي ڪنواريءَ جي ديول ۾ بہ. جتي هر ڏڻن زار ڪريملن ۾ تاجپوشي جي لاءِ وڃڻ کان اڳ ويندو هو ۽ جيڪو ڏينهن ۽ رات ڪليل رهندو هو جتي هر وقت ميڙو متل هوندو هو ۽ جيڪو مذهبي شڪلين جي سونن، چاندين ۽

جواهرن کي روشن ڪندڙ عقيد تمندن جي شعلن سان جڳ مڳائيندو رهندو هو. ماٺهو چون ٿا ته جڏهن نيپولين ماسڪو ۾ هو تڏهن کان وٺي اڄ، پهريون پيرو ميڙ بتيون وسامون هيون.

سڳوري اوپرندي ڪليسا پنهنجي نور کي ماسڪو مان هٽائي ورتو هو جيڪو اهڙن ناپاڪن جو شهر هو جن ڪريملن تي گولي باري ڪئي هئي. ديول اونداها، خاموش ۽ سرد هئا. پادري گم ٿي چڪا هئا. سرخ تدفين جي رسمن جي ادائيگيءَ جي لاءِ به ڪو پادري نه هو. مرندڙن جي بخشش جي رسم ادا نه ڪئي وئي ۽ نه ئي وري منڪرن جي قبرن تي ڪنهن قسم جي عبادت ڪئي ويئي. ماسڪو جو ميٽروپوليٽن (وڏو پادري) تيجون جلدئي سوويتن جي خلاف ڪفر جي فتويٰ ڏيڻ وارو هو. دڪان بند هئا ۽ صاحب جائداد طبقو گهرن کان ٻاهر ئي نه نڪتو. پر ان جا سبب ڪي ٻيا هئا. اهو عوام جو ڏينهن هو جنهن جي اڇڻ جو ڪڙڪو ڪافي هرائيندڙ هو. ايورسڪي دروازي تي هڪ انساني سيلاب روان دوان ٿي چڪو هو ۽ وڏي سرخ چڪ ۾ هزارين ماٺهو ٽولين جي صورت ۾ گڏ هئا. مون ميڙ کي ايورسڪي ديول جي سامهون لنگهندي ڏٺو جتي اڳ ۾ واٿڙو سدائين صليب جو نشان ٺاهيندي لنگهندو هو اڄ جڙ اهو ڪنهن ڏٺو ئي ڪونہ.

ڪريملن جي پٽ وٽ ماٺهن جا ميڙ لڳا ٻيا هئا، جن ۾ گهڙي اسين اڳتي آياسين ۽ متيءَ جي هڪ ڍڳ تي بيهي رهياسين. اتي اڳ ۾ ئي ڪيترا ماٺهو موجود هئا. انهن ۾ سپاهي مورانوف به هو جنهن کي ماسڪو جو ڪمانڊنٽ چونڊيو ويو هو. هو قد جو ڍڳهو سادو سوڌو نيڪ چهري ۽ ڏاڙهي وارو شخص هو.

سرخ چوڪ ڏانهن ايندڙ سيني رستن تي ماٺهن جي هڪ ٻوڏ هئي، جيڪا وڌندي پئي آئي. هزارين ماٺهو هئا، سڀ غريب ۽ پورهيت، هڪ فوجي بينڊ مارچ ڪندو "انٽرنيشنل" جي ڌن وڄائيندو آيو ۽ ماٺهن ۾ اهو سمنڊ جي هلڪين لهرن جيان هلڪو ۽ سڳوري انداز ۾ پکڙجي ويو. ڪريملن جي ڀتين جي مٿان تمام وڏا وڏا ڳاڙها جهنڊا لڙڪي زمين تائين پئي آيا. جن تي سونهري ۽ اڇن اکرن ۾ لکيل هو "علمي سماجي انقلاب جي شروعات جا شهيد". ۽ "دنيا جي مزدورن جي برادري زنده باد."

تيز ۽ ٽڏي هوا جو جهونڪو چوڪ تان گذريو ۽ جهنڊن کي لهرائي ويو. هاڻ شهر جي ڏورانهن حصن مان مختلف ڪارخانن جا مزدور پنهنجن جنازن کي کڻي اچي رهيا هئا. جن کي دروازي جي هُن پاران بہ ڏسي ٽي سگهجيو. انهن جي جهنڊن جي شوخي ۽ اهي تابوت جيڪي هو کڻيو پي آيا، تن جي گهري رت جهڙي ڳاڙهاڻ، اهي بنارندي لڳل باڪس هئا، جن کي اڻ پڙهيل اڻ شائسته ماڻهو ڪلهن تي کنيو پي آيا، جن جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. انهن جي پويان عورتون هيون، جيڪي هوريان هوريان سڏڪي رهيون هيون يا ڏکون ڏيئي روئي رهيون هيون. يا وري سفيد بي جان چهرن سميت هلندیون پي آيون. کي تابوت کليل هئا ۽ انهن جا ڏکڻ انهن جي پويان پويان هلي رهيا هئا. ڪن تي پرت پريل ڪپڙو پيو هو يا وري انهن جي مٿان سپاهين واري ٽوپي جُڙيل هئي.

جلوس هوريان هوريان اسان ڏانهن اچڻ لڳو. هاڻ دروازي مان جهنڊن جو هڪ وهڪرو نڪري رهيو هو. هلڪي گهري ڳاڙهي رنگ جا جهنڊا، جن تي سونهري لفظ لکيل هئا. تنهن کانسواءِ ڪجهہ نراجيت پسندن جا ڪارا جهنڊا بہ هئا، جن تي اڇا اکر لکيل هئا. بينڊ انقلابي جنازي جي ڌن وڄائي رهيو هو ۽ اگهاڻن مٽن سان بينڊ ماڻهن جو وڏو ميڙ ڳائيندڙن سان گڏ گڏ، ڦاٽل آواز ۾ ڳائي رهيا هئا. سڏڪا سندن ڳلن ۾ ڦاسي رهيا هئا، ڪارخانن جي مزدرون جي وچ وچ ۾ سپاهين جون ڪمپنيون بہ اچي رهيون هيون. پنهنجن ماڻهن جا تابوت کڻي ٻيا سوار دستا بہ ايندا ويا، جن جا گهوڙا سلاميءَ جي چال هلي رهيا هئا ۽ تويخاني جون بيٽريون هيون، جن جون تويون ڳاڙهن ۽ ڪارن ڪپڙن ۾ ويڙهيل هيون، ائين پي لڳو تہ اهي سدائين جي لاءِ ويڙهيون ويون آهن. انهن جي جهنڊن تي لکيل هو "ٽين انٽرنيشنل زنده باد". يا "اسين ديانتداريءَ واري عام ۽ جمهوري صلح چاهيون ٿا". جلوس پنهنجا تابوت کڻيو هوريان هوريان قبر جي ڪنڊيءَ تائين آيو ٽي ۽ ڪلها ڏيندڙ مٽي جي ڍڳ تي چڙهي ڪڏ ۾ لهي ٽي ويا. انهن ۾ ڪيتريون عورتون بہ هيون. جواڻ جماڻ ۽ غم ۾ ٻڏل عورتون يا ڪراڙيون عورتون، جن جي منهن تي گهنج پيل هئا. ٻنن روئندي رڙندیون. پنهنجن پٽن ۽ مڙسن سان گڏ ئي "پائپي واري قبر" ۾ دفن ٿيڻ تي چاهيو ۽ جڏهن ڪن دردمندن

هنن جا هٿ ٿي جلهيا ته هو ماتم ڪرڻ ٿي لڳيون. غريب هڪڙي سان محبت ڪندا آهن!

سڄو ڏينهن جنازي جو جلوس لنگهندو رهيو ۽ ايورسڪي جي دروازي مان اندر گهڙي 'نڪولسڪايا' جي رستي، سرخ چوڪ مان ٿي نڪتو. ڳاڙهن جهنڊن جو هڪ درياهه هو جن تي اميد، پائيپي ۽ حيرت ۽ وجهندڙ اڳ ڪٿين جا لفظ لکيل هئا. جن جي پسمنظر ۾ پنجاهه هزار ماڻهو هئا. جن تي سڄي دنيا جي مزدورن ۽ انهن جي ايندڙ پيڑهين جون هميشه جي لاءِ نظرون ڪُتل هيون.

هڪ هڪ ڪري پنج سئو تابوتن کي ڪڏ ۾ رکيو ويو. اوندهه ٿي چڪي هئي، پر ايجا تائين جهنڊا اچي رهيا هئا. قبر جي مٿان بنا پتن جي گُلن جون چادرون لڙڪيل هيون. جڏ انهن ۾ عجيب و غريب رنگ برنگي گُل ٽڙي پيا هجن. ٻن سئو ماڻهن بيلچن سان مٽي وجهڻ شروع ڪري ڏني، جيڪا تابوتن تي ڌيمي ڌيمي آوازن سان ڪري رهي هئي ۽ گيتن جي گوڙ جي باوجود به ٻُڌڻ ۾ پي آئي. بتيون هري ويون هيون، آخري جهنڊا گذري ويا ۽ ماتم ڪندڙ عورتون مُڙي مُڙي احترام جي نظرن سان ڏسي رهيون هيون. هوريان هوريان ان چوڪ ۾ پرولتاري نشو چانئجي ويو. اوچتو مونکي احساس ٿيو ته عقيدت مند روسي عوام کي هاڻ پادرين جي گهرج ڪونهي، جيڪي دعائون پڙهي کين جنت ۾ پهچائيندا آهن. هو زمين تي هڪ اهڙي سلطنت جي اڏاوت ڪري رهيا هئا، جيڪا کنهن به جنت جي هر سلطنت کان وڌيڪ سُهائي آهي ۽ جنهن جي لاءِ زندگي قربان ڪرڻ فخر جوڳي ڳالهه آهي.

اقتدار جي جيت

روس جي قومن جي حقن جو اعلان نامو:

"..... هن سال جون ۾ سوويتن جي پهرين ڪانگريس، روس جي قومن جي حق خود ارادیت جو اعلان ڪيو هو.

"گذريل آڪٽوبر ۾ سوويتن جي ٻي ڪانگريس، روس جي قومن جي اُن فطري حق جي توثيق وڌيڪ فيصلي ڪندڙ انداز ۾ ۽ وڌيڪ ڪليل نموني ڪئي.

"انهن ڪانگريسن جي مرضيءَ کي عمل ۾ آڻيندي، عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل قومن جي سوال ۾ پنهنجي سرگرمي جي بنياد جي حيثيت سان هيٺيان اصول قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي:

1. روس جي قومن جي برابري ۽ خود مختياري.
2. روس جي قومن جي خود ارادیت عليحدگي ۽ هڪ آزاد رياست جي وجود تائين حق.
3. ڪنهن به ۽ سيني قومي ۽ قومي مذهبي رعايتن ۽ پابندين جو خاتمو.
4. روس جي سرزمين تي رهندڙ قومي اقليتن ۽ نسلي گروهن جي آزاداٽي ارتقا. قوميتن جي لاءِ هڪ ڪميشن جي جوڙجڪ کانپوءِ لاڳاپيل فرمان تيار ڪيا ويندا.

قومتين جو عوامي ڪميسار

"ايوسف جو گلشويلي استالن"

روسي جمهوريه جي نالي تي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جو صدر.

و۔ اوليانوف (لينن)

ڪيف ۾ هڪدم يوڪرين جي آزاد جمهوريه هئڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ اهو ئي هيسنلگفورس ۾ سينٽ جي ذريعي 'فن لينڊ' جي حڪومت به

ڪيو. سائيبريا ۾ تفڪار ۾ آزاد "حڪومتون" ظاهر ٿيون. پولش.خاص فوجي ڪميٽيءَ تيزيءَ سان انهن پولش دستن کي گڏ ڪيو جيڪي روسي فوج ۾ هئا. انهن جون ڪميٽيون ٺوڙيون ويون ۽ سخت ڊسيپلين قائم ڪيو ويو. انهن سڀني 'حڪومتن' ۽ 'تحريڪن' ۾ به خصوصيتون هڪجهڙيون هيون. انهن تي امير طبقن جو ڪنٽرول هو ۽ هنن کي 'سوشلزم' کان ڊپ هو ۽ ان کان نفرت ٿي ڪيائون. اهڙي صورتحال ۾ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل سوشلسٽ نظام جي پاڙ تيزي سان هٽي رهي هئي. هنن فوري طور تي مزدورن جي ڪنٽرول، سماجي ويمي جي باري ۾ قانون، ولست (تعلقن) ايراضي ڪميٽين جي لاءِ قاعدا ۽ قانون، عهدن ۽ خطابن جو خاتمو، پراڻين عدالتن جو خاتمو ۽ عوامي ٽربيونل جو قيام عمل ۾ آڻي چڪيو.

هوڏانهن هڪئي جي پويان هڪ ريجمنٽ ڪانپوءِ ٻي ريجمينٽ هڪ ٻيڑي ڪانپوءِ ٻي ٻيڑي، پنهنجا نمائندا ۽ وفد موڪلي نئين عوامي حڪومت کي مبارڪباد جا پيغام موڪلي، حمايت جو اعلان ڪيو.

هڪ ڏينهن اسمولني جي سامهون مون هڪ ريجمنٽ کي ڏٺو جيڪا ايا تازو ئي خندقن مان موٽي هئي. وڏي دروازي جي سامهون سپاهين جي قطار هئي، سنها، سيپڪڙا، سُرمئي چهرا، عمارت کي ائين ڏسي رهيا هئا، جڙ اُن ۾ اندر خدا هجي. انهن مان ڪن ڪلندي دروازن تي ٽهيل شهنشاهي عقابن ڏانهن اشارو ڪيو. سرخ گارڊ پهرو بدلائڻ جي لاءِ آيا. سڀ سپاهي مڙي انهن کي ڏسڻ لڳا. جڙ هنن انهن جي باري ۾ ٻڌو ته هو پرڪين ڏٺو ڪڏهن به نه هو. هنن خوش مزاجيءَ سان پنهنجي صفن کان اڳتي وڌي ڪلندي سرخ گارڊن جي ٻني ٽپري ۽ گڏوگڏ ڪجهه مذاق ۽ ڪجهه واکاڻ جي انداز ۾ ڪجهه جملا چيا.

عارضي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي. 15 (2) نومبر تي گاڏي جي هنڌ جي سيني ديولن ۾ پادرين، ان جي لاءِ دعا ڪرڻ بند ڪري چڏي هئي، جيئن لينن "تسي اي ڪا" ۾ چيو هو "اها اقتدار جي تسخير جي رڳو شروعات هئي." هٿيارن کان محروم ڪرڻ جي باوجود به مخالفت ڏر جيڪا ايا تائين ملڪ جي معاشي زندگيءَ کي ڪنٽرول ڪري رهي هئي، هو ايا تائين بدنظمي پيدا ڪرڻ، ڪم ۾ رڪاوٽون وجهڻ ۽ روسي سوويتن کي بدنام ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳا پيا هئا.

سرڪاري ملازمن جي هڙتال ڏاڍي منظم هئي، جنهن جي مالي ڪفالت بئنڪن ۾ واپاري ادارن ڪئي. بالشويڪن پاران حڪومتي مشينري تي قبضي جي هر ڪوشش جي مزاحمت ڪئي ويئي.

ٽراتسڪي پرڏيهي وزارت ۾ ويو ته ڪارڪنن ڪيس سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هنن پنهنجو پاڻ کي ڪمرن جي اندر بند ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن دروازا ٽوڙيا ويا ته هنن سڀني استعفائون ڏيئي ڇڏيون. ٽراتسڪي محافظ خاني جون چابيون گهريون، جيڪي ان وقت تائين نه ڏنيون ويون، جيستائين انهن جا تالا ٽوڙڻ جي لاءِ مزدور نه آندا ويا. تڏهن خبر پيئي ته پرڏيهي وزير جو اڳوڻو اسسٽنٽ نيراتوف ڳجهن عهد نامن سميت گم ٿي ويو هو.

شليا پنيڪوف، محنت واري وزارت تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سخت سردي هئي ۽ باهه بارڻ جي لاءِ ڪير به نه هو سوين ملازمن مان ڪو هڪ به اهو هدائت جي لاءِ تيار نه هو ته وزير جي آفيس کوڙي آهي.

اليڪساندرا ڪولونتائي کي 13 نومبر (31 آڪٽوبر) تي سماجي پلائي جو ڪميسار مقرر ڪيو ويو. جيڪو خيراتي ۽ عوامي ادارن جو ڪاتو هو. سندس آجيان هڪ هڙتال سان ڪئي ويئي، جنهن ۾ وزارت جي فقط چاليهن ڪارڪنن حصو نه ورتو. اُن حالت ۾ وڏن شهرن ۾ رهندڙ غريب ماڻهن ۽ خيراتي ادارن کي سخت تڪليف کي منهن ڏيڻو پيو ۽ بکايلن، نيري ۽ سردي سبب ڳاڙهن ٿي ويل چهرن وارن يتيمن عمارت کي گهيري ۾ وڌي لاتو. ڪولونتائي، پنل نيٽن سان هڙتالين کي گرفتار ڪرائي ورتو ته جيستائين هو آفيسن ۽ ٽجوڙين جون چابيون نه ڏيندا، تيستائين کين نه ڇڏيو ويندو. جڏهن ڪيس چابيون مليون ته پتو پيو ته اڳوڻي وزير ڪائونٽس پانينا سپ ڪجهه پاڻ سان کڻي ويئي آهي ۽ هن چيو ته جيستائين ڪيس آئين ساز اسيمبلي جو حڪم نه ٿيندو، تيستائين هوءَ ڪجهه به نه ڏيندي.

ٻين وزارتن جهڙوڪ: زراعت، رسد ۽ مالڪيات وغيره ۾ به ان قسم جا واقعا ٿيا. ملازمن کي جڏهن گهرايو ويو ته هو واپس نه آيا، پر جڏهن کين اهو چيو ويو ته جيڪڏهن هو نه ايندا ته سندن عهدا ۽ پينشن ختم ڪئي ويندي ته به گهٽا واپس نه آيا، ۽ باقي جيڪي واپس آيا، تن جو به ڪم رڳو اهو وڃي بچيو ته هو پيچ ڏاهه ڪن. لڳ ڀڳ سڄو دانشور طبقو بالشويڪ مخالف هو.

تنهن ڪري سوويت حڪومت جي لاءِ ان ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نہ بچي تہ هوءَ سڄو عملو نئون پر تي ڪري.

نجي بئنڪون هڻ ڏرميءَ سان بند هيون. رڳو منافعي خورن جي لاءِ پويون دروازو کليل هوندو هو. جڏهن بالشويڪ ڪميسار گهڙيا تہ سڀ ڪلارڪ ڪاتا ۽ فنڊ لڪائي ڇڏي ويا. اسٽيٽ بئنڪ جي بہ سيني ملازمن هڙتال ڪري ڇڏي. سواءِ انهن جي جيڪي تهہ خانن جا انچارج هئا ۽ پئسا ناهيندا هئا. ۽ هنن بہ اسمولني مان ايندڙ سيني مطالبن کي رد ڪري ڇڏيو پر "چوٽڪاري واري ڪميٽي" ۽ دوما کي وڏيون وڏيون رقمون ڏيندا رهيا. ۽ پيرا هڪ ڪميسار سرخ گارڊن جي هڪ ڪمپني پاڻ سان وٺي باقاعده طور تي اهو مطالبو ڪرڻ آيو تہ سرڪاري خرچن جي لاءِ وڏيون وڏيون رقمون ڏنيون وڃن. پهريون پيرو "ميونسپل دوما" جا ميمبر. منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي اڳواڻ ڳچ تعداد ۾ موجود هئا. جن نتيجن بابت ايتري تہ سنجيدگيءَ سان ڳالهايو جو ڪميسار ڏڃي ويو. ٻيو پيرو هو هڪ وارنٽ ڪٽي آيو جيڪو هن مناسب طريقي سان پڙهڻ شروع ڪيو پر ڪنهن هن جو ڏيان ان ڳالهہ ڏانهن ڏياريو تہ ان تي نہ تاريخ آهي. نہ ٽپو ۽ دستاويز جي لاءِ روايتي روسي احترام. ڪيس ٻيهر واپس وڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

قرض ڏيندڙ شعبي جي آفيسرن پنهنجا ڪاتا ڏيان ڪري ڇڏيا. جنهن جي ڪري ٻاهرين ملڪن سان روس جي مالي لاڳاپن جو سڄو رڪارڊ ڏيان ٽي ويو.

رسد جون ڪميٽيون. ميونسپل ملڪيت جي سماجي سهوليتن جي انتظاميا يا تہ ڪم ئي نٽي ڪيو يا وري پيڇ ڏاهہ ٽي ڪئي ۽ نيٺ جڏهن بالشويڪن شهر جي آبادي جي شديد ضرورتن سبب مجبور ٽي سماجي خدمت جي مدد ڪرڻ يا ان کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سيني ملازمن هڪدم هڙتال ڪري ڇڏي ۽ دوما سڄي روس تي ٽيلي گرامن جو مينهن وسائي ڇڏيو تہ "ميونسپل خود اختياري جي بي عزتي ڪئي پيئي وڃي."

فوجي هيڊ ڪوارٽر. وزارت جنگ ۽ بحريہ ۾. جتي پراڻا آفيسر ڪم ڪرڻ تي راضي ٽي ويا هئا. فوجي ڪميٽين ۽ هاءِ ڪمان هر ممڪن طريقي سان سوويتن جي ڪم ۾ رندڪون وڏيون. ايتريقدر جو محاذ تي

جيڪي فوجون هيون، ان طرف بہ ڏيان نہ ڏنو 'ويڪزيل' جو رويو معانداڻہ هو. هن سوويت فوج کي ريل گاڏين ۾ ڪٽي وڃڻ کان نابري واري، پيٽروگراڊ مان فوجين جي جيڪا بہ ريل گاڏي ويندي هئي، اها زبردستي نيئي ويندي هئي ۽ هر پيري ريلوي آفيسرن کي گرفتار ڪرڻون پوندو هو. جنهن تي 'ويڪزيل' ڏاڍو ڏينڊي هئي تہ جيڪڏهن انهن کي آزاد نہ ڪيو ويو تہ هڪدم عام هڙتال ڪئي ويندي.

اسمولني مڪمل طور تي بي وس هئي. اخبارون چئي رهيون هيون تہ پيٽروگراڊ جا سيئي ڪارخانا ٽن هفتن جي اندر ئي بند ٿي ويندا، ڇاڪاڻ تہ ٻارڻ نہ هو. 'ويڪزيل' اعلان ڪيو تہ پهرين ڊسمبر تائين ريل گاڏيون هلڻ بند ٿي ويندیون. پيٽروگراڊ ۾ فقط ٽن ڏينهن جي لاءِ غذا هئي ۽ هاڻ وڌيڪ نہ پي آئي ۽ محاذ تي فوج فاقن جو شڪار هئي. 'چوٽڪاري واري ڪميٽي' ۽ مختلف ڪميٽين سڄي ملڪ ۾ پيغام موڪليا، جنهن ۾ ماڻهن کي تاڪيد ڪئي ويئي هئي تہ حڪومت جي احڪامن کي نظرانداز ڪيو وڃي ۽ اتحادي سفارت خانا يا تہ چُپ هڻا يا وري سندن رويو هڪ طرفو هو.

مخالف ڌر جي اخبارن، جن کي هڪ ڏينهن بند ڪيو ويندو هو تہ هو ٻي ڏينهن صبح جو نئين نالي سان ڇپجي ايندیون هيون، نئين حڪومت تي توڪن ۽ چٽرن جو مينهن وسائي ڏنو. 'نووايازيزن' بہ ان کي لفاظي ۽ ناڪارہ جي گڏ قرار ڏنو. هن لکيو "عوامي ڪميسارن جي حڪومت ڏينهون ڏينهن سطحي جلدبازي جي ڌهڙ ۾ قاسندي پيئي وڃي. اقتدار تہ سولائي سان حاصل ڪري ورتن. پر هاڻ بالشويڪ اهو استعمال نٿا ڪري سگهن.

"حڪومت جي هاڻوڪي مشينري کي هدايت ڏيڻ ۾ حڪومت بي وس آهي ۽ گڏوگڏ ڪا اهڙي نئين مشينري تخليق ڪرڻ جي لائق بہ ڪونهي، جيڪا سولائي ۽ آسانيءَ سان سماجي تجربن کندڙن جي نظرين موجب ڪم ڪري سگهي.

"ايجا ڪجهہ ڏينهن اڳ بالشويڪ پارٽي وٽ ايترا ماڻهو بہ نہ هئا، جو اها پنهنجي وڌندڙ پارٽي کي هلائي سگهي. جيڪو سڀ کان وڌيڪ مقررن ۽ لکندڙن جو ڪم آهي، تہ پوءِ کين، حڪومت جي مختلف ۽ ڏکين فرضن کي اُڪلائڻ لاءِ سڪيا ورتل ماڻهو ڪٿان ملندا؟

نئين حڪومت قدم کڻي ٿي ۽ ڏڙڪا بہ ڏي ٿي، اها ملڪ تي فرمانن جو مينهن وسائي رهي آهي ۽ هر فرمان پهرينءَ کان وڏيڪ ريڊيڪل ۽ وڏيڪ سوشلسٽ، پر اُن ڪاغذي سوشلزم جي نمائش ۾ جيڪا ايندڙ پيڙهين کي حيرت ۾ وجهڻ جي لاءِ جوڙي ويئي آهي، اڄ جا فوري مسئلا نبيرڻ جي نہ خواهش ظاهر ٿئي ٿي، نہ ئي وري صلاحيت".

ان دوران هڪ نئين حڪومت جي جوڙجڪ واسطي 'ويڪزيل' جي ڪانفرنس جا رات ۽ ڏينهن اجلاس جاري هئا. ٻئي ڏريون اصولي طور تي حڪومت جي بنياد تي سهمت ٿي ويون هيون. عوامي ڪائونسل جي جوڙجڪ تي بحث جاري هو. عارضي طور تي ڪابينا جي چونڊ ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ چيرنوف وزيراعظم هو ۽ ڪميونسٽن کي ٽورائي ۾ شامل ڪيو ويو هو. پر لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ کي الڳ رکيو ويو هو. منشويڪ ۽ سوشلسٽ انقلابي پارٽين جي مرڪزي ڪميٽين ۽ هارين جي سوويتن جي، مرڪزي ڪميٽين اهو طئي ڪيو هو تہ جيتوڻيڪ هو بالشويڪن جي "ڏوهاري سياست" جا سخت مخالف آهن، پر پوءِ بہ هو ان ڳالهہ کي روڪڻ جي لاءِ تہ ياءِ جو ياءِ رت نہ وهائي، عوامي ڪائونسل ۾ بالشويڪن جي شموليت جي مخالفت نہ ڪندا. پر ڪيرنسڪي جي ياڄ ۽ هر هنڌ سوويتن جي حيرت ۾ وجهندڙ ڪاميابيءَ صورتحال کي بدلائي ڇڏيو. 16 تاريخ تي 'تسي اي ڪا' جي هڪ گڏجاڻي ۾ ڪابي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين زور پريو تہ بالشويڪ، ٻين سوشلسٽ پارٽين سان گڏجي هڪ اتحادي حڪومت جي جوڙجڪ ڪن، نہ تہ 'فوجي انقلابي ڪميٽي' ۽ 'تسي اي ڪا' کان ڌار ٿي ويندیون. مالڪن چيو تہ. "ماسڪو مان ملندڙ خبرن موجب، جتي مورچن جي ٻنهي پاسن اسان جا ساٿي ماريا پيا وڃن، هڪ پيرو ٻيهر اقتدار جي تنظيم جو سوال کڻڻ، نہ رڳو اسان جو حق، پر اسان جو فرض بہ آهي. اسان هت اسمولني انسٽي ٽيوٽ جي ڀتين جي اندر بالشويڪن سان گڏ ويهڻ ۽ هن ٽريبون مان ڳالهائڻ جو حق حاصل ڪيو آهي. جيڪڏهن شديد اندروني پارٽي جدوجهد ڪانپوءِ اوهين ناهہ ڪرڻ ڪان نابري واريو تا تہ اسين اعلانيہ طور تي ٻاهر ويڙهہ وڙهڻ تي مجبور ٿي پونداسين. اسان جي لاءِ ضروري آهي تہ اسين جمهوريت کي هڪ قبوليت جوڳي ناهہ لاءِ شرط پيش ڪريون."

ان ڪري ميٽمر تي ويچارڻ جي لاءِ هڪ وقفو ٿيو جنهن ۾ بالشويڪ هڪ قرارداد ڪٽي واپس وريا، جيڪا ڪامنيئف پڙهي ٻڌائي:

"تسي اي ڪا" ان ڳالهه کي ضروري سمجهي ٿي ته حڪومت ۾ سيٻئي پارٽيون شامل هجن، جيڪي مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي سوويت جي جوڙجڪ کن ٿيون، ۽ 24-25 آڪٽوبر جي انقلاب جي فتحن تي مزدورن جي ڪنٽرول ۽ مزدور طبقي کي هٿيار بند ڪرڻ کي مڃين ٿيون. تنهنڪري 'تسي اي ڪا' رٽ ٿي ڏي ته حڪومت جي جوڙجڪ جي باري ۾ سوويت جي سيني پارٽين سان ڳالهه ٻولهه جاري رهي ۽ بنياد جي حيثيت سان هيٺين شرطن تي زور ڀري ٿي:

حڪومت 'تسي اي ڪا' جي سامهون جوابدار آهي، 'تسي اي ڪا' کي وڌائي. 150 ميمبرن جو ڪيو ويندو. مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي انهن 150 نمائندن مان هارين جي نمائندن کي صوبائي سوويتن جي 75 ڊيلي گيٽن، فوج ۽ بحريه جي تنظيمن جي 80، ٽريڊ يونين جي چاليهن (مختلف ڪُل روس يونينن جي 25، انهن جي اهميت آهر ويڪزيل جا 10 ۽ ٽپال ۽ تار جي ڪارڪنن جا 5) ۽ پيٽروگراڊ ميونسپل دوما ۾ سوشلسٽ گروپن جي 50 نمائندن جو واڌارو ڪيو ويندو. خود حڪومت ۾ گهٽ ۾ گهٽ پورٽ فوليو بالشويڪن جي لاءِ مخصوص رکيا ويندا. محنت واري وزارت، داخلا واري وزارت ۽ پرڏيهي وزارتون، ضرور بالشويڪن کي ڏنيون ويندیون. پيٽروگراڊ ۽ ماسڪو جي گيريزنن جي ڪمان ماسڪو ۽ پيٽروگراڊ سوويتن جي نمائندن جي هٿن ۾ رهندي.

حڪومت سڄي روس جي مزدورن کي باقاعده هٿيار بند ڪرڻ جو ذمون کٽي ٿي. ڪامريڊ لينن ۽ ڪامريڊ ٽراٽسڪي جي نامزدگي تي زور ڀريو وڃي ٿو."

ڪامنيئف وضاحت ڪئي ته: ڪانفرنس، جنهن 'هٽ ٽوڪي' عوامي ڪائونسل جي رٽ ڏني آهي، اها لڳ ڀڳ 420 ميمبرن تي ٻڌل هوندي تنهن ڪانسواءِ پراٽي انقلاب دشمن 'تسي اي ڪا' جا نمائندا، ميونسپل دوما جا چونڊيل 100 ميمبر، جيڪي سڀ ڪورنيلوفي هوندا. 100 نمائندا هارين جي سوويتن جا هوندا، جن جي مقرري اوڪ سنسٽيئف ڪندو ۽ 80 پراٽين فوجي ڪميٽين جا هوندا، جيڪي هاڻ عام سپاهين جي نمائندگي نٿا ڪن.

"اسين پراڻي 'تسي اي ڪا' کي شامل ڪرڻ کان انڪار ٿا ڪريون ۽ ميونسپل دوما جي نمائندن کي ب. هارين جي سوويتن جي نمائندن کي ڪانگريس چونڊيندي، جنهن کي اسان گهرايو آهي ۽ جيڪا ان سان گڏ ئي نئين ڪاروباري ڪميٽي جي چونڊ ب. ڪندي، لينن ۽ ٽراٽسڪي کي ڌار رکڻ جي رٽ، اسان جي پارٽي جي سر ۽ ڏڙ کي ڌار ڪرڻ جي رٽ آهي، جيڪا اسان کي قبول ڪونهي ۽ آخري ڀڳالهه اها ته اسين هڪ 'عوامي ڪائونسل' جي ڪاب ضرورت محسوس نٿا ڪريون، سيني سوشلسٽ پارٽين جي لاءِ سوويتون موجود آهن ۽ عوام ۾ انهن جي حقيقي تناسب سان سندن نمائندگي 'تسي اي ڪا' ڪري ٿي..."

ڪابي ڏر جي سوشلسٽ پارٽين پاران ڪاريلن اعلان ڪيو ته "سندس پارٽي بالشويڪ قرارداد جي حق ۾ ووٽ ڏيندي، پر ڪن تفصيلن ۾ ترميمن جو حق محفوظ رکي ٿي، جيئن هارين جي نمائندگي، ۽ اها گهر ڪندي ته زراعت واري وزارت کي ڪابي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي لاءِ چڏي ويجي."

اها ڀڳالهه مجي ويئي. پوءِ، پيٽروگراڊ سوويت جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ٽراٽسڪيءَ نئين حڪومت جي جوڙجڪ جي باري ۾ هڪ سوال جو جواب ڏيندي چيو:

"مونکي ان جي باري ۾ ڪاب خبر ڪونهي. آئون ڀڳالهين ۾ حصو نه پيو ونان... پر آئون نٿو سمجهان ته ان جي ڪا وڏي اهميت آهي."

ان رات ڪانفرنس ۾ وڏي بي چيني هئي. ميونسپل دوما جا نمائندا واڪ آئوٽ ڪري ويا. پر خود اسمولني ۾ بالشويڪ پارٽي جي صفن ۾ لينن جي پاليسيءَ جي زبردست مخالفت پيدا ٿي رهي هئي. 17 نومبر جي رات وڏو هال 'تسي اي ڪا' جي گڏجاڻي جي لاءِ پريو پيو هو ۽ سوڻ سنو نٿي لڳو.

بالشويڪ لارين اعلان ڪيو ته "آئين ساز اسيمبلي" جي چونڊن جو وقت ويجهو ايندو پيو وڃي ۽ هاڻ" سياسي دهشت پسندي" کي ختم ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي.

"پريس جي آزادي جي خلاف جيڪي قدم کنيا ويا آهن، تن ۾ ترميم ڪرڻ گهرجي. جدوجهد جي دوران ان جو جواز هو. هاڻ ان لاءِ ڪوبه عذر ڪونهي. پريس کي آزاد هئڻ گهرجي، رڳو فساد ۽ بغاوت جي اپيلن جي لاءِ نه."

خود پنهنجي پارٽي جي سيٽين ۾ جملي بازين جي طوفان ۾ لارين هيئين قرارداد پيش ڪئي.

"پريس بابت عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جو فرمان هاڻ رد ڪجي ٿو سياسي سختيءَ جي قدمن جو اطلاق فقط هڪ خاص ٽربيونل جي صورت ۾ ڪري سگهجي ٿو. جن جي چونڊ 'تي اي ڪا' ڪندي ۾ ان ٽربيونل کي سختي جي انهن قدمن تي نئين سر ويچار ڪرڻ جو حق هوندو جيڪي هيستائين ڪيا ويا آهن."

انهن شين جي آجيان نہ رڳو ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين، پر بالشويڪن جي هڪ حصي به تاڙين جي گونج ۾ ڪئي. لينن جي حامين پاران اوانيسوف پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو"هن وقت جنهن انقلاب جي تڪميل ڪئي پيئي وڃي، ان کي نجي جائيداد تي حملو ڪرڻ ۾ ڪابه هڪ ناهي ٿي ۾ اسان کي پريس جي سوال تي نجي جائيداد جي حيثيت سان ويچارڻ گهرجي."

ان ڪانپوءِ هن سرڪاري بالشويڪ قرارداد پڙهي ٻڌائي.

"بورزوا پريس کي بند ڪرڻ، بغاوت جي دوران نہ رڳو نج فوجي گهرجن جي تقاضا ۾ انقلاب دشمن قدمن جي ٽوڙ واسطي ضروري هو پر اهو پريس جي سلسلي ۾ هڪ نئين نظام جي قيام طرف عبوري وک جي حيثيت سان به ضروري آهي، ان نظام تحت ڇاپي خانن ۾ ڪاغذ جا سرمائيدار مالڪ، عام راءِ جا هڪڙا سگهارا ۾ بنا ڪنهن شرڪت جي مالڪ بنجي نٿا سگهن.

"اسان کي نجي ڇاپي خانن ۾ ڪاغذ جي سپلائي جي ضبطي طرف اڃا به وڌيڪ اڳتي وڌڻ گهرجي، جن کي سوويتن جي ملڪيت هڻڻ گهرجي. گاديءَ جي هنڌ ۾ به ۾ صوبن ۾ به. ته جيئن سياسي پارٽيون ۾ گروهه انهن خيالن جي اشاعت لاءِ انهن ڇاپي خانن جو استعمال ڪري سگهن.

"هڻ ٽوڪي پريس جي آزادي" جو نئين سر قيام، ڇاپي خانن ۾ ڪاغذ کي سرمائيدارن يعني عوام کي مُڏو ڪندڙن کي واپس ڪرڻ ته سرمائيدارن جي مرضيءَ جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪرڻ آهي. انقلاب جي اهم ترين سوين مان هڪ ڇڏي ڏيڻ جي برابر هوندو. بين لفظن ۾ اهو ناقابل انڪار طور انقلاب دشمن قدم هوندو.

مٿينءَ ڳالهه جي بنياد تي "تسي اي ڪا" انهن سيني رڻن کي هڪدم رد ٿي ڪري جن جو مقصد پريس جي دنيا ۾ پراڻي نظام کي نئين سر بحال ڪرڻ آهي ۽ ان سوال تي پيٽي بورزوا مفادن جي سراسر تابعداري جي پيدا ڪيل التي ميٽن جي خلاف عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي نقطه نظر جي صاف صاف حمايت ڪري ٿي."

ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي طنزيه رڙين ۽ باغي بالشويڪن پاران نفرت ۽ ڪاوڙ جي گوڙ ۾ اها قرارداد پڙهجڻ ۾ بار بار خلل پوندو رهيو. ڪارين احتجاج ڪندي اُٿي بيٺو "تي هفتا اڳ بالشويڪ ئي پريس جي آزاديءَ جا سڀ کان وڌيڪ پُرجوش بچاءُ ڪندڙن مان هئا. ان قرارداد جا دليل پراڻن "ڪارن سيڪڙن" جي نقطه نظر جي ۽ زار شاهي نظام جي سنسر جي مڪمل ياد تا ڏيارين. ڇاڪاڻ ته اهي به عوام جي ذهن کي مُڏو ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا هئا."

قرارداد جي حق ۾ ٽراتسڪيءَ تفصيلي تقرير ڪئي. هن گهرو ويڑهه جي دوران پريس ۽ فتح ڪانپوءِ پريس جي وچ ۾ فرق ڪيو. " گهرو ويڑهه جي دوران تشدد جو حق فقط مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن کي هجي ٿو....." (رڙيون) ("هاڻ مظلوم ۽ محڪوم ڪير آهن، مرده خور.")

" اسان جي مخالفن کي ايڏا تائين فتح حاصل نه ٿي آهي ۽ اخبارون اُنهن جي هٿن ۾ هٿيار آهن. اهڙين حالتن ۾ اخبارن کي بند ڪرڻ بچاءُ جو هڪ قانوني قدم آهي.... هاڻ فتح ڪانپوءِ پريس جي سوال تي ٿا اچون." ٽراتسڪيءَ چيو:

"پريس جي آزادي جي سوال تي سوشلسٽن جو رويو اهوئي هئڻ گهرجي، جيڪو سندن ڪاروبار جي آزادي جي باري ۾ آهي..... روس ۾ جمهوريت جي جيڪا حڪمراني قائم ڪئي پيئي وڃي، ان جي تقاضا اها آهي ته پريس تي نجي جائداد جي غلبي کي به صنعت تي ذاتي جائيداد جي غلبي جيان ختم ڪيو وڃي..... سوويتن جي اقتدار کي ڪپي ته سيني ڇاپي خانن کي ضبط ڪري..... (رڙيون. "پراودا، جي ڇاپي خاني کي ضبط ڪريو") پريس تي بورزوا اجاري داريءَ کي ختم ڪرڻ تمام ضروري آهي، نه ته اسان جي اقتدار سنيالڻ جي ڪا به معنيٰ نه هوندي! شهرين جي هر گروهه کي ڇاپي خانن ۽ ڪاغذ تائين پهچ هئڻ گهرجي. پريس جي تائپ ۽ ڪاغذ

سپ کان پھرين مزدورن ۽ هارين جي ملکيت آهي ۽ ان کانپوءِ بوزروا پارٽين جي، جيڪي ٽورائيءَ ۾ آهن..... سوويٽن جي هٿن ۾ اقتدار اچڻ سان وجود جي بنيادي حالتن ۾ هڪ بنيادي تبديلي ٿيندي ۽ اها تبديلي لازمي طور تي اخبارن ۾ ظاهر ٿيندي... جيڪڏهن اسين بئنڪن کي قومي ملکيت ۾ ونڊي رهيا آهيون تہ ڇا اسين مالياتي رسالن کي گوارا ڪري سگهنداسين؟ پراڻي حڪومت جي طريقي کي مرڻون پوندو. اها ڳالهہ سڀائين جي لاءِ سمجهي ڇڏڻ گهرجي....." تاڙيون ۽ ڪاوڙيل رڙيون.

ڪاريلن اعلان ڪيو تہ ان اهم سوال تي "تسي اي ڪا" کي فيصلو ڏيڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي ۽ اهو هڪ خاص ڪميٽيءَ تي ڇڏڻ گهرجي. هن جوش پريل لهجي ۾ ٻيهر گهر ڪئي تہ پريس آزاد هجي.

تڏهن لينن آيو. پُرسڪون ۽ غير جذباتي، جنهن مهل هو هوريان هوريان پنهنجن لفظن کي توري تکي ڳالهائي رهيو هو تہ هن جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا، هر جملو مُترڪي جي هڪ ڏڪ سان ٿي ڪريو.

"گهرو ويڑهہ اڃا ختم نہ ٿي آهي، دشمن اڃا تائين موجود آهي، تنهنڪري پريس جي خلاف جبر جي قدمن کي ختم ڪرڻ ممڪن ڪونهي. اسان بالشويڪن سڀائين اهو چيو آهي تہ اسين جڏهن بہ اقتدار ۾ ايندا سين تہ اسين بورزوا اخبارن کي بند ڪري ڇڏيندا سين. بورزوا اخبارن کي گوارا ڪرڻ جي اها معنيٰ ٿيندي تہ اسين سوشلسٽ ناهيون. جڏهن انقلاب آندو وڃي ٿو تہ پوءِ ترسي انتظار نہ ٿو ڪري سگهجي. سڀائين اڳيان وڌندو رهڻ ضروري هوندو آهي يا وري پويان اچڻو پوندو آهي. هن وقت جيڪي بہ پريس جي آزاديءَ جي ڳالهہ پيا ڪن، سي پوئتي وڃي رهيا آهن، ۽ اسان جي سوشلزم ڏانهن وڌندڙ وک ۾ رنڊڪون وجهي رهيا آهن. اسان سرمائيداريءَ جي ڳٽ کي ڳچيءَ مان لاهي ڦٽو ڪيو آهي. جيئن پهرينءَ انقلاب زار شاهيءَ جي ڳٽ کي لاهي اُڇليو هو. جيڪڏهن پهرينءَ انقلاب کي بادشاهت پرست اخبارن کي بند ڪرڻ جو حق هو، تہ پوءِ اسان کي بہ بورزوا اخبارن کي بند ڪرڻ جو حق آهي. پريس جي سوال کي طبقاتي جدوجهد جي ٻين سوالن کان ڌار ڪرڻ ممڪن ڪونهي. اسان انهن اخبارن کي بند ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي ۽ اسين ائين ڪنداسين. عوام جي وڏي اڪثريت اسان سان گڏ آهي!

"هاڻ جڏهن بغاوت ختم ٿي چڪي آهي ته اسين ٻين سوشلسٽ پارٽين جي اخبارن کي بند ڪرڻ جي بلڪل خواهش نٿا رکون. البت اُن صورت ۾ متن قدم کنيو ويندو. جيڪڏهن هو هٿياربند بغاوت يا سوويت حڪومت جي نافرمانيءَ جي اپيل ڪندڙ، ۾ سوشلسٽ پريس جي آزادي جي ڀاني اسين انهن کي بورزوازي جي ڳجهي حمايت سان چاپي خانن. مس ۾ ڪاغذ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين. بنيادي گهرجن جي انهن شين کي سوويت حڪومت جي ملڪيت هڻڻ گهرجي ۾ انهن کي سپ کان پهرين سوشلسٽ پارٽين ۾ ورهائڻ گهرجي. سندن ووٽنگ جي طاقت جي تناسب جي عين موجب....."

پوءِ ووٽنگ ٿي، لارين ۾ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي قرارداد 22 جي مقابلي ۾ 31 ووٽن سان نامنظُور ڪئي ويئي. اقليت ۾ بالشويڪ ريازانوف ۾ لوزوفسڪي به هئا، جن اعلان ڪيو ته پريس جي آزادي تي ڪنهن به پابنديءَ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ هنن جي لاءِ ناممڪن آهي.

اُن تي ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين اعلان ڪيو ته جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، تنهن لاءِ هاڻ هنن کي ذميدار قرار نٿو ڏيئي سگهجي. هو فوجي انقلابي ڪميٽي ۾ ٻين سڀني عهدن تان دستبردار ٿي ويا. پنجن ميمبرن نوگن، ريڪوف، ملیوتين، تيو درووچ ۾ شليا پنيڪوف، عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي ۾ اعلان ڪيو ته :

"اسين هڪ اهڙي سوشلسٽ حڪومت جي حق ۾ آهيون، جيڪا سوويتن ۾ جيڪي به پارٽيون آهن، تن تي مشتمل هجي. اسين سمجهون ٿا ته ان قسم جي حڪومت جي تخليق سان ئي مزدور طبقي ۾ انقلابي فوج جي سورهيائي واري جدوجهد جي نتيجن جي ممڪن حد تائين ضمانت ٿي سگهي ٿي، ان کانسواءِ فقط هڪ ئي رستو وڃي بچي ٿو : سياسي دهشت پسنديءَ جي ذريعي هڪ نج بالشويڪ حڪومت جي جوڙجڪ. هي اهوئي رستو آهي، جيڪو عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل اختيار ڪيو آهي. اسين ان تي هلي نٿا سگهون، نه هلنداسين. اسين ڏسون ٿا ته اهو رستو سڏوسنئون ڪيترين ئي پرولتاري تنظيمن[4] کي سياسي زندگي مان خارج

---

[4] اهو ٽورو غلط آهي. لارين ۾ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي قرارداد 20 جي مقابلي ۾ 25 ووٹن سان نامنظور ڪئي ويئي هئي(ايڈيٽر)

ڪرڻ طرف، هڪ غير ذميداري واري حڪومتي نظام جي قيام ڏانهن ۽ انقلاب ۽ ملڪ جي تباهيءَ واري پاسي وڃي ٿو. اسين ان قسم جي پاليسيءَ جي ذميداري ڪٽي نٿا سگهون ۽ اسين "تسي اي ڪا" جي سامهون، عوامي ڪميسارن جي حيثيت سان پنهنجي ذميدارين کان پاڻ کي آجو قرار ڏيون ٿا."

هين ڪميسارن، ريازانوف، پريس کاتي جي ديريشسيف، گورنمينٽ پريس جي اربوزوف، سرخ گارڊ جي پورينيف، محنت واري ڪميساريت جي فيودروف ۽ فرمانن جي تشريح جي کاتي جي سيڪريٽري لارين به پنهنجن عهدن تان استعيفائون ڏيڻ کانسواءِ ئي اعلان تي صحيحون ڪري ڇڏيون. ان سان گڏ ئي ڪامينئف، ريڪوف، مليوتين، زينووئيف ۽ نوگن به بالشويڪ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ تان استعيفائون ڏيئي ڇڏيون ۽ ان جا سبب ڇپرايا.

"..... ان قسم جي (سوويت جي سيني پارٽين تي ٻڌل) حڪومت جي جوڙجڪ، نئين رتوڇاڻ، ايندڙ ڏڪار ڪاليدن وارن جي هٿان انقلاب جي تباهيءَ کي روڪڻ جي لاءِ مناسب وقت تي آئين ساز اسيمبلي کي ڪوٺائڻ ۽ سوويتن جي پي ڪانگريس جي منظور ڪيل پروگرام تي اثرائتي نموني عمل ڪرائڻ جي لاءِ اٽٽر آهي....."

"اسين مرڪزي ڪميٽي جي تباهه ڪندڙ پاليسيءَ جي لاءِ ذميداري قبول نٿا ڪري سگهون، جنهن کي پرولتاريه ۽ سپاهين جي زبردست گهٽائي جي مرضي جي خلاف هلايو پيو وڃي، جيڪي جمهوريت جي مختلف سياسي ڌرين جي وچ ۾ رتوڇاڻ کي هڪدم ختم ڪرڻ چاهين ٿا..... مرڪزي ڪميٽي جي ميمبرن جي حيثيت سان اسين پنهنجي خطاب کي ڇڏي رهيا آهيون ته جيئن اسين عام مزدورن ۽ سپاهين جي سامهون پنهنجي راءِ جو اعلانيه اظهار ڪري سگهون.

"اسين فتح جي گهڙيءَ ۾ مرڪزي ڪميٽي کي ڇڏي رهيا آهيون، جڏهن مرڪزي ڪميٽي جي اڳواڻن جي پاليسي فتح جي حاصلات جي زيان ٽيڙ ۽ پرولتاريه کي چٽڻ طرف وڌي وڃي رهي هجي ته اسين خاموشيءَ سان ڏسي نٿا سگهون."

عام مزدورن ۾ گيريزن جا سپاهي بي چين هئا ۾ پنهنجا وفد اسمولني ۾ نئين حڪومت جي جوڙجڪ جي ڪانفرنس ۾ موڪلي رهيا هئا. جتي بالشويڪن ۾ ڦوٽ پوڻ سبب وڏي خوشي هئي.

پر لينن جي ساٿين ڏاڍي تيزي ۾ بي رحميءَ سان جواب ڏنو شليا پنيڪوف ۽ تيو درووچ پارٽي ڊسيپلين کي مجيو ۽ پنهنجن پنهنجن عهدن تي واپس اڇي ويا. ڪامنيئف کي "تسي اي ڪا" جي صدر جي حيثيت سان سندس اختيارن کان محروم ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي سويردلوف کي چونڊيو ويو. زينووئيف کي پيٽروگراڊ سوويت جي عهدي تان لاٿو ويو. 20 نومبر جي صبح جو "پراودا" ۾ روس جي عوام جي نالي هڪ غضبناڪ اعلان ڇپيو جيڪو لينن جي لکيل هو جيڪو لکن جي تعداد ۾ ڇپي سڄي روس ۾ هر هنڌ ورهايو ۽ پتين تي چنبڙايو ويو.

"سوويتن جي ۽ ڪُل روس ڪانگريس، بالشويڪ پارٽيءَ کي اڪثريت ڏني، تنهن ڪري رڳو ان پارٽي جي جوڙيل حڪومت ئي سوويت حڪومت ٿي سگهي ٿي ۽ ان ڳالهه جي سيني ماڻهن کي خبر آهي ته بالشويڪ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ، نئين حڪومت جي جوڙجڪ کان ۽ سوويتن جي ۽ ڪُل روس ڪانگريس کي پنهنجي ميمبرن جي فهرست تجويز ڪرڻ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابي گروپ جي ٽن اهم ميمبرن ڪامڪوف، اسپيرو ۽ ڪاريلن کي پنهنجي گڏجاڻيءَ ۾ مدعو ڪيو ۽ کين نئين حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ چيو اسان کي افسوس آهي ته مدعو ڪيل ساٿين انڪار ڪيو اسين ان انڪار کي انقلاب پسندن ۽ مزدور طبقي جي علمبردارن جي لاءِ خراب سلوڪ سمجهون ٿا. اسين ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين کي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار آهيون، پر اسين اعلان ٿا ڪريون ته سوويتن جي ۽ ڪُل روس ڪانگريس جي اڪثريت جي حيثيت سان اسان کي حڪومت ٺاهڻ جو حق آهي.[5]

---

[5] (1) اهو اُن اپيل جو ذڪر آهي، جيڪا لينن 18 ـ 19 (5 ـ 6) نومبر تي لکي هئي ۽ پراودا ۾ 20 (7) نومبر 1917ع تي. : روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي (بالشويڪ) جي مرڪزي ڪميٽي ياران، پارٽي جي سيني ميمبرن ۽ روس جي سيني پورهيت طبقن جي نالي جي عنوان سان ڇپي هئي (ايڊيٽر)

۽ ان جي لاءِ اسين عوام جي سامهون جوابدار آهيون.....

"ساٿيو! اسان جي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽي ۽ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي ڪيترن ئي ميمبرن ڪامينئف، زينووئيف، نوگذاريڪوف، مليوتين ۽ ڪجهه ٻين، ڪالهه چوٽين نومبر تي اسان جي پارٽي ۽ مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسلن مان نڪري ويا..... جن ساٿين اسان کي ڇڏي ڏنو آهي، انهن پاڇوڪڙن جهڙو طريقو اختيار ڪيو آهي، هنن نه رڳو انهن مورچن کي ڇڏي ڏنو جيڪي سندن حوالي ڪيا ويا هئا، پر اسان جي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي سڌين هدايتن جي به نافرماني ڪئي، جيڪي اهي هيون ته هو سبڪدوش ٿيڻ کان اڳ پيٽروگراد ۽ ماسڪو جي پارٽي تنظيمن جي فيصلن جو انتظار ڪن. اسين ان پاڇوڪرائپ جي مذمت ٿا ڪريون. اسان کي پوري پڪ آهي ته سڀئي باشعور مزدور، سپاهي ۽ هاري به، جيڪي اسان جي پارٽي سان واسطو ٿا رکن، يا اسان سان همدردي ٿا رکن، پاڇوڪڙن جي ورتاءَ کي ناپسند ڪندا...

"ساٿيو! اها ڳالهه ياد رکجو ته انهن پاڇوڪڙن مان به يعني ڪامينئف ۽ زينوئيف پيٽروگراد ۾ بغاوت کان پوءِ هڙتال ٽوڙيندڙن جي حيثيت سان سامهون آيا هئا. ان وقت هنن 10 آڪٽوبر 1917ع جي مرڪزي ڪميٽي جي فيصلي ڪندڙ گڏجاڻيءَ ۾ بغاوت جي خلاف ووٽ ڏنو هو ۽ مرڪزي ڪميٽي جي نمراءَ منظور ڪرڻ کانپوءِ به هنن پارٽي ڪارڪنن جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجي مهم جاري رکي هئي.... پر ماسڪو ۾، پيٽروگراد ۾، محاذ ۽ خندقن ۾، ڳوٺن ۾، عام ماڻهن جي وڏي هلچل، هزارين لکين مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي عظيم سورهيائي پاڇوڪڙن کي پنتي ڏکي ڇڏيو.

..... لعنت هجي انهن ماڻهن تي جن ۾ پيروسي جي ڪوٽ آهي، جيڪي هڪدم ٿا، شڪ ڪن ٿا، جيڪي پنهنجو پاڻ کي بورزوازين کان ڌڇڻ ڏين ٿا يا جيڪي سڌي يا اڻ سڌي سنگتن جي رڙين جي سامهون گوڏا ڪوڙي ٿا ڇڏين. پيٽروگراد، ماسڪو ۽ باقي روس ۾ عوام ۾ هڪ جو ڏرو به ڪونهي.

.... اسين دانشورن جي انهن ننڍين ننڍين گروهن جي الٽي ميٿم کي بنهه ڪونه مڃيندا سين، جن جي پويان عوام ڪونهي، جن جي حمايت عملي طور تي رڳو ڪورنيلوفي، ساونيڪوفي، يونڪر وغيره ئي ڪن ٿا...."

ان جو جواب سڄي ملڪ مان گرم طوفان جي تيز جھونڪي وانگر مليو. سرڪشن کي "عام مزدورن ۽ سپاهين جي سامھون کي اعلانيا طور تي پنھنجي راءِ بيان ڪرڻ" جو موقعو ئي نہ مليو. "ياڇوڪڙن" جي غضبناڪ عوامي مذمت جون لھرون "تسي اي ڪا" سان اچي ٽڪريون، ڪيترن ڏينھن تائين اسمولني ۾ محاذ تان، والگا جي علائقي مان، پيٽروگراڊ جي ڪارخانن مان، ايندڙ ڪاوڙيل وفدن ۽ ڪميٽين جو ميلو متو پيو ھو. "انھن ھمراھن کي حڪومت ڇڏڻ جي ھمت ڪيئن ٿي؟ ڇا کين انقلاب کي برباد ڪرڻ جي لاءِ بورزوازين کان پئسا مليا ھئا؟ کين واپس اچي مرڪزي ڪميٽيءَ جي فيصلن کي مڃڻ گھرجي."

فقط پيٽروگراڊ گيريزن ۾ ايڏا تائين بي يقيني ھئي. 24 (11) نومبر تي سپاهين جي ھڪ گڏجاڻي ٿي، جنھن ۾ سڀني سياسي پارٽين جي نمائندن تقريرون ڪيون ۽ وڏي گھڻائيءَ سان لينن جي پاليسيءَ جي حمايت ڪئي ويئي ۽ ساڃي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين کي ڇيو ويو ته ھو" عوامي حڪومت ۾ شامل ٿي وڃن."

منشويڪن ھڪ آخري التيميٽم ڏنو جنھن ۾ اھا گھر ڪئي ويئي ته سڀني وزيرن ۽ يونڪرن کي آزاد ڪيو وڃي، سڀني اخبارن کي مڪمل آزادي ڏني وڃي. سرخ گارڊن کي بي ھٿيار ڪيو وڃي ۽ گيريزن کي دوما جي ڪمان ۾ ڏنو وڃي. انھن مطالبن جو اسمولني اھو جواب ڏنو ته ھڪ اڌ يونڪرن کانسواءِ باقي سڀ سوشلسٽ وزير ۽ يونڪر آزاد ڪيا ويا آھن. بوزروا پريس کانسواءِ باقي سڀ اخبارون آزاد آھن ۽ اھو ته ھٿياربند فوج جي ڪمان "سوويت" پنھنجي ھٿ ۾ رکندي. 19 (16) نومبر تي ھڪ نئين حڪومت جوڙڻ جي لاءِ ٽيندڙ ڪانفرنس ڪٺي ويئي ۽ مخالف ڏر جا سڀ ھمراھ ھڪ ھڪ ڪري موگيليف، جنرل اسٽاف جي ڇانوَ ۾ ھليا ويا، جتي ھو آخر تائين، ھڪ ڪانپوءِ ٻي حڪومت ناھيندا رھيا.

ان سڄي عرصي ۾ بالشويڪ "ويڪزيل" جي سگھ کي ڪمزور ڪندا رھيا. پيٽرو گراڊ سوويت جي ھڪ اپيل ۾ ريلوي جي سڀني ڪارڪنن کي سڏ ڏنو ته ھو "ويڪزيل" کي پنھنجن اختيارن کان دستبردار ٿيڻ تي مجبور ڪن. 15 نومبر تي "تسي اي ڪا"، ھارين جي باري ۾ پنھنجي ڪارروائي جي پيروي ڪندي، پھرين ڊسمبر تي ريلوي ڪارڪنن جي

هڪ "ڪل روس ڪانگريس" طلب ڪئي. ويڪزيل هڪدم ٻن هفتن ڪانپوءِ خود پنهنجي ڪانگريس گهرائي. 16 نومبر تي ويڪزيل جي ميمبرن "تسي اي ڪا" ۾ پنهنجون سيٽون سنپاليون. 2 ڊسمبر جي رات جو ريلوي ڪارڪنن جي ڪُل روسي ڪانگريس جي مهورتي اجلاس ۾ "تسي اي ڪا"، رستن ۾ رسل و رسائل جي ڪميسار جو عهدو باقاعده طور تي "ويڪزيل" کي پيش ڪيو جيڪو قبول ڪيو ويو.

اقتدار جو سوال طئي ڪرڻ ڪانپوءِ بالشويڪن پنهنجو سڄو ڌيان عملي انتظام جي مامرن طرف ڏنو. سيني کان پهرين ته شهر، ملڪ ۾ فوج کي غذا ملڻ گهرجي. جهازين ۾ سرخ گارڊن جي گودامن، ريلوي سائيڊنگ، ندين ۾ ٻيڙين تائين جڙتيون ورتيون ويون ۽ هزارين پود[6] غذا هٿ چڙهي، جيڪا ضبط ڪئي ويئي، جيڪا نجي منافع خورن لڪائي رکي هئي، پيغام ڏيندڙن کي صوبن ۾ موڪليو ويو جتي زميني ڪميٽين جي مدد سان هنن اناج جي وڻن وڻن سوداگرن جي گودامن تي قبضو ڪيو هٿياربند جهازين جون مهمون، پنجن هزارن جي جٿن ۾ ڏکڻ ۾ سائيبريا موڪليون ويون، جن جي حوالي اهو ڪم ڪيو ويو ته هو گشت ڪري انهن شهرن تي قبضو ڪن، جيڪي ايجا تائين سفيد گارڊن جي هٿن ۾ آهن ۽ انهن شهرن ۾ نظم و ضبط لاڳو ڪرڻ سان گڏ ڪاڏ خوراڪ جو سامان هٿ ڪن. سائبيريا جي ريلوي تي مسافرن جي اڇ وڇ ٻن هفتن تائين روڪي ويئي ۽ فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين جي گڏ ڪيل ڪپڙن جي تاکن ۽ لوهه جي چڙن سان پريل 13 گاڏيون جن مان هر گاڏيءَ جو نگران هڪ ڪميسار هو اوپر طرف موڪليون ويون ته جيئن اهو سامان ڏيئي اُن جي بدلي ۾ هارين کان اناج ۽ پٽاٽا ورتا وڃن.

جيئن ته 'دون' جي ڪوئلي جي کاڻين تي ڪاليدن جو قبضو هو تنهنڪري ٻارڻ جو سوال فوري طور تي حل ٿي ويو. اسمولنيءَ، ٽئٽرن، دڪانن ۽ هوٽلن جي بجلي ڪٽي ڇڏي ۽ ٽرامن جو تعداد گهٽائي ڇڏيو ۽ ٻارڻ وڪرو ڪندڙن جي ذخيرن کي ضبط ڪري ورتو..... ۽ جڏهن ڪوئلو نه هئڻ جي ڪري پيٽروگراڊ جون فيڪٽريون بند ٿيڻ لڳيون ته بالٽڪ

---

[6] پود – 36 پائونڊ لڳ ڀڳ سادا سورهن ڪلو گرام جي برابر هوندي آهي.

ٻيڙي جي جهازين، مزدورن کي جنگي جهازن جي ڪوٺارن مان ٻه لک 'پود' ڪوئلو ڏنو.

نومبر جي آخر ۾ "شراب جو قتل عام ٿيو" يعني شراب ذخيرو ڪندڙن جا تهه خانا لٽيا ويا. شروعات 'سرما محل' کي لٽڻ سان ٿي. رستن تي ڪيترن ئي ڏينهن تائين نشي ۾ ٻڏل سپاهي نظر ايندا رهيا، ان ڳالهه ۾ انقلاب دشمنن جو هٿ صاف نظر اچي رهيو هو جن ريجمنٽن ۾ نقشا ورهايا هئا، تن ۾ شراب جي گودامن جي جاءِ ڏيکاريل هئي، اسمولني جي ڪميسارن سمجهائڻ ۽ بحث ڪرڻ سان شروعات ڪئي، پر ان سان وڌندڙ بدنظمي نه رُڪي. ان کانپوءِ سپاهين ۽ ڪميٽيءَ، جهازين جي ڪمپنين کي مشين گنون ڏيئي موڪليو جن فسادين تي ڏاڍي بي رحميءَ سان گوليون هلايون، جنهن ۾ ڪيترائي همراهه مارجي ويا ۽ حڪومت جي حڪم تي خاص ڪميٽين شراب جي تهه خانن تي حملا ڪيا ۽ بوتلون ٻڌي چڏيون يا اهي ڊائنامائيٽ سان اُڏائي چڏيون.

پاڻن جي سوويتن جي آفيسن ۾ پراڻي مليشيا جي جاءِ تي سرخ گارڊن جون ڪميٽيون چوڪي ڏيڻ لڳيون، جيڪي ڊسيپلين جو پابند ۽ جن جون پگهارون سٽيون هيون، شهر جي هر حصي ۾ مزدورن ۽ سپاهين، ننڍين ننڍين ڏوهن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ننڍا ننڍا انقلابي ٽربيونل قائم ڪيا، وڌين وڌين هوٽلن تي جتي منافعي خور وڏي پئماني تي ڪاروبار ڪري رهيا هئا، سرخ گارڊن گهيرو ڪري ورتو ۽ منافعي خورن کي جيلن ۾ بند ڪري چڏيو.

چرڪي ۽ شڪي ٿي، شهر جي مزدور طبقي، پاڻ ئي بوزروازين جي گهرن ۾ ايندڙ ويندڙ نوڪرن جي ذريعي جاسوسي جو هڪ وڏو نظام قائم ڪيو ۽ انهن کان ملندڙ سيئي اطلاع هو فوجي انقلابي ڪميٽيءَ کي پهچائڻ لڳا، جنهن لڳاتار سخت وار ڪيا، ساڻئي طريقي سان بادشاهه پرستن جي سازش جي خبر پيئي، جنهن جو اڳواڻ پورشيڪوچ، امبرن ۽ آفيسرن جو هڪ ٽولو هو هنن آفيسرن جي بغاوت جو منصوبو ناهيو هو ۽ ڪالیدن کي پيٽروگراڊ گهرائڻ جي لاءِ هڪ خط لکيو هو ايئن پيٽروگراڊ جي سازش جي بہ خبر پيئي، جيڪي ڪالیدن کي پئسا ۽ رنگروٽ موڪلي رهيا هئا.

نيراتوف پنهنجي فرار سبب پيدا ٿيندڙ عوامي ڪاوڙ جي طوفان کان ڊجي ويو ۽ هن واپس اچي "ڳجها ناهه" ٽراتسڪيءَ جي حوالي ڪري چڏيا.

جنهن اهي "پراودا" ۾ ڇپڻ شروع ڪري ڇڏيا، جن جي ڪري سڄي دنيا ۾ گوڙ مچي ويو....

هڪ فرمان جي ذريعي پريس تي پابندين کي وڌايون ويو جنهن جي ذريعي اشتهارن کي سرڪاري حڪومتي اخبار جي اجاري داري قرار ڏنو ويو. جنهن تي بين سيني اخبارن احتجاج طور پنهنجي اشاعت بند ڪري ڇڏي يا هنن قانون جي پيڇڪاڙ ڪئي، ۽ انهن کي بند ڪيو ويو. ٽن هفتن کانپوءِ نيٽ انهن اخبارن بہ آڻ مڃي.

پوءِ بہ وزارتن جي هڙتال جاري هئي. پراڻا آفيسر ايجا بہ ٻاهہ ڪري رهيا هئا. عادي معاشي زندگيءَ ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا هئا. اسمولني جي پويان فقط زبردست، غير منظم، عام ماڻهن جي مرضي هئي ۽ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل انهن کان ئي ڪم وٺندي هئي ۽ پنهنجن دشمنن جي خلاف عوامي قدم شروع ڪرائي ڇڏيندي هئي. معنيٰ خيز اعلانن ۾ جيڪي سادا سوڌا لفظ لکيل هوندا هئا، اهي سڄي روس ۾ پکيڙيا ويندا هئا. لينن انقلاب جي وضاحت ڪئي ۽ ماڻهن تي زور پريو تہ هو اقتدار پنهنجن هٿن ۾ کڻي وٺن ۽ صاحب جائداد طبقن جي مزاحمت کي طاقت جي زور تي چٽي ڇڏين ۽ حڪومتي ادارن تي زوري قبضو ڪري وٺن. انقلابي نظم و ضبط انقلابي ڊسيپلين! سخت حساب ڪتاب ۽ ڪنٽرول! نہ هڙتال! نہ آوارا گردي!

20 (7) نومبر تي فوجي ڪميٽيءَ هڪ تنبيهہ جاري ڪئي:

"مالدار طبقا سوويتن جي اقتدار جي يعني مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي حڪومت جي مخالفت ڪن ٿا. انهن سان همدردي رکندڙ ماڻهو حڪومت ۽ دوما جي ملازمن جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا. ٻئنڪن ۾ هڙتالن جي لاءِ هُشڪارين ٿا. ريلوي ٽپال ۽ تار جي ذريعي رسل ۽ رسائل ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

اسين ڪين تنبيهہ ٿا ڪريون تہ هو باهہ سان کيڏي رهيا آهن. ملڪ ۽ فوج جي سامهون ڏُڪار جو خطرو آهي. مزدورن ۽ هارين جي حڪومت ملڪ ۽ قوم جي لاءِ هر ضروري شئي جي ضمانت ڏيڻ جي لاءِ سيئي قدم کڻي رهي آهي.

انهن قدمن جي مخالفت عوام جي خلاف هڪ ڏوهہ آهي. اسين مالدار طبقن ۽ ساٿن همدردي رکندڙن کي تنبيهہ ٿا ڪريون تہ هنن کاڌ خوراڪ

جي شين جي چرپر ۾ پنهنجي پيڄ ڌاهه ۾ پنهنجي اشتعال انگيزي بند نه ڪئي ته سيني کان پهرين کين پوڳٽون پوندو. کين غذا ملڻ جي حق کان محروم ڪيو ويندو. هنن جيترو به ذخيرو گڏ ڪري رکيو آهي، اهو ضبط ڪيو ويندو. خاص ڏوهارين جي ملڪيت ضبط ڪئي ويندي.

جيڪي ماڻهو باهه سان کيڏي رهيا آهن، تن کي تنبيهه ڪري اسان پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي پڪ آهي ته جيڪڏهن کي ضروري قدم کڻڻا پيا، ته سڀئي مزدور سپاهي، ۽ هاري اسان جي مڪمل حمايت ڪندا.

22 (9) نومبر تي شهر جي پتين تي هڪ پيو ڪاغذ چنبڑايو ويو جنهن جي سُرخي هئي:

"عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل کي اُترين۽ محاذ جي استاف جي هڪ هنگامي تار ملي آهي:

"هاڻ وڌيڪ دير نه ٿيڻ گهرجي. فوج کي بُکن وگهي مرڻ نه ڏيو. اُترين محاذ جي فوجين کي ڪيترن ئي ڏينهن کان ماني جو هڪ ڪِيو به نصيب نه ٿيو آهي ۽ هن ٽن ڏينهن ۾ وٽن سُڪل ماني به نه بچندي، جيڪا ان محفوظ رسد مان ورهائي پئي وڃي، جنهن کي ايجان تائين هٿ به نه لڳايو ويو هو.... محاذ جي مختلف حصن جا نمائندا، هن وقت به فوج جي هڪ حصي کي لازمي طور تي پويان وٺي وڃڻ جي ڀالهه ڪري رهيا آهن. چاڪاڻ ته هو ڏسي رهيا آهن ته ٽن سالن کان خندقن ۾ بُکن وگهي مرندڙ اڻ پورن ڪپڑن سبب پريشان، پيرن اگهاڙا، غير انساني تڪليف سبب، چريا ٿيڻ جي ويجهو پهتل سپاهي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ پڄڻ لڳندا.

فوجي انقلابي ڪميٽي، اهڙي صورتحال سبب پيٽروگراڊ گيريزن ۽ پيٽروگراڊ جي مزدورن کي باخبر ٿي ڪري ته محاذ جي حالت جي اها تقاضا آهي ته فوري طور تي ۽ فيصلي ڪندڙ قدم کڻي.. ان عرضي ۾ حڪومتي ادارن، بئنڪن، ريلوي ٽپال ۾ تار جا اعليٰ عهديدار هڙتال تي آهن ۽ محاذ کي رسد پهچائڻ جي لاءِ حڪومتي ڪم ۾ رندڪون وجهي رهيا آهن. هڪ ڪلاڪ جي دير به هزارين سپاهين جي موت جو ڪارڻ بنجي سگهي ٿي. انقلاب دشمن عهديدار محاذ تي پنهنجن بکايل ۽ تڙپندڙ پائرن جي معاملي ۾ سيني کان وڌيڪ بي ايمان ڏوهاري آهن.

"فوجي انقلابي ڪميٽي انهن ڏوهارين کي آخري تنبيهه ڪري ٿي ته هنن پاران ننڍي کان ننڍي مزاحمت يا مخالفت جي صورت ۾ به سندن خلاف قدم کنيا ويندا. اهي قدم سندن ڏوهن جي سنگينيءَ موجب هوندا."

عام مزدورن ۽ سپاهين، ڪاوڙ جي هڪ اهڙي وحشياڻي پونچال سان ان سڌ ۾ سڌ ڏني جنهن سڄي روس کي ڏوڪي ڇڏيو. گادي جي هنڌ ۾ حڪومت ۽ بئنڪ ملازمن سوين اعلان ۽ اپيلون شايع ڪيون، جن ۾ پنهنجي صفائي پيش ڪئي ويئي هئي. جيئن هيٺ ڏنل هڪ اپيل.

سيني شهرين جي ڏيان واسطي
اسٽيٽ بئنڪ بند آهي!

چو؟

چاڪاڻ ته بالشويڪ اسٽيٽ بئنڪ جي خلاف جيڪو تشدد ڪيو آهي، تنهن اسان جي لاءِ ڪم ڪرڻ کي ناممڪن بنائي ڇڏيو آهي. عوامي ڪميسارن جو پهريون قدم هڪ ڪروڙ روبلن جو مطالبو هو ۽ اهو به نه ٻڌايو ويو ته اهي پئسا ويندا ڪيڏانهن؟

اسين عهديدار عوام جي ملڪيت کي لُٽڻ ۾ حصو وٺي نٿا سگهون. اسان ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو.

شهريو! اسٽيٽ بئنڪ ۾ جيڪي پئسا آهن، اهي اوهان جا آهن. عوام جا پئسا آهن. اوهان جي محنت ۽ پگهر جي پورهئي جي ڪمائي آهن. شهريو! عوام جي ملڪيت کي لٽجڻ ۽ اسان کي تشدد کان بچايو... ۽ اسين هڪدم ڪم ڪرڻ شروع ڪنداسين.

ـ اسٽيٽ بئنڪ جا ملازم

رسد واري وزارت ۽ مالڪيات واري وزارت، خاص ڪري رسد ڪميٽيءَ جي اعلانن، فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي ملازمن جي لاءِ ڪم ڪرڻ ناممڪن بنائي ڇڏيو. ماٺهن کي اپيلون ڪيون ويون ته هو اسمولني جي خلاف سندن حمايت ڪن. پر مزدورن جي گهٽائي ۽ سپاهين سندن ڳالهين تي ڏيان نه ڏنو ۽ يقين نه ڪيو. عوام جي ذهنن ۾ اها ڳالهه ويهي رهي هئي ته ملازم، بيج ڌاهه ڪري رهيا آهن. فوج کي ٻُڪن ۾ ماري رهيا آهن. عوام کي ٻُڪن وگهي ماري رهيا آهن... ماني جي لاءِ ڊگهيون قطارون. جيڪي اڳ ۾

سردين جي لوهه جهڙين جميل رستن تي لڳنديون هيون. ڪيرنسڪيءَ جي زماني جيان حڪومت کي نه پر پيج ڀاهه ڪندڙ آفيسرن کي ڏوهاري ٺهرائيندا هئا. چاڪاڻ ته حڪومت ته سندن هئي. سندن سوويتون هيون ۽ وزارتن جا عهديدار سندن خلاف هئا.

مخالفت جي ان سڃي مرڪز ۾ دوما ۾ ان جو لڙاڪا حصو "چوٽڪاري واري ڪميٽي" هئي. جيڪي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي سڀني فرمانن جي خلاف احتجاج ڪندا هئا. بار بار ووٽ ڏيندا هئا ته سوويت حڪومت کي تسليم نه ڪيو وڃي. انهن نين انقلاب دشمن "حڪومتن" سان اعلانيہ تعاون ڪندا هئا. جيڪي موگيليف ۾ قائم ڪيون ويندیون هيون. جهڙوڪ 17 نومبر تي "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" سڀني ميونسپل حڪومتن، زيمستوون ۽ هارين، مزدورن، سپاهين ۽ بين سڀني شهرين جي سڀني جمهوري ۽ انقلابي تنظيمن کي هنن لفظن ۾ مخاطب ڪيو:

"بالشويڪن جي حڪومت کي تسليم نه ڪريو ۽ ان جي خلاف جدوجهد ڪريو.

"چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ جون مقامي شاخون قائم ڪريون. جيڪي سڀني جمهوري قوتن کي متحد ڪن ته جيئن ڪُل روس جي چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ کي انهن فرض ادا ڪرڻ ۾ مدد ملي. جيڪي هن پاڻ لاءِ طئي ڪيا آهن..."

ان دوران، پيٽروگراڊ ۾ آئين ساز اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ بالشويڪن کي زبردست اڪثريت حاصل ٿي. ايتريقدر جو منشويڪ بين الاقواميت پسند به اهو چوڻ لڳا ته دوما جون ٻيهر چونڊون ٿيڻ گهرجن. چاڪاڻ ته هاڻ اها پيٽروگراڊ جي آبادیءَ جي سياسي ترڪيب جي نمائندگي نٿي ڪري.. ان سان گڏ ئي مزدور تنظيمن، فوجي يونٽن، ايتريقدر جي پرپاسي جي ڳوٺن جي هارين طرفان به دوما تي قراردادن جي بوڇاڙ شروع ٿي ويئي. جنهن ۾ اُن کي "انقلاب دشمن، ڪورنيلوفي" ڇيو ويو ۽ ان کان استعفيٰ ڏيڻ جي گهر ڪئي ويئي. ميونسپل ڪارڪنن پاران جيئري رهڻ جي لاءِ مناسب اجوري جي سخت مطالبن ۽ هڙتال جي ڌمڪين جي ڪري. دوما جا آخري ڏينهن طوفاني هئا....

23_ نومبر تي "فوجي انقلابي ڪميٽيءَ" جي هڪ باقاعده فرمان "چوٽڪاري واري ڪميٽيءَ" کي ٽوڙي ڇڏيو. 29_ نومبر تي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل، پيٽروگراڊ ميونسپل دوما کي ٽوڙڻ ۽ ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو.

"ان حقيقت کي ذهن ۾ رکندي ته پيٽروگراڊ جي مرڪزي دوما، جيڪا 20 آگسٽ تي چونڊي ويئي هئي... اها هاڻ مڪمل طور تي پيٽروگراڊ جي آبادي‌ءَ جي نمائندگيءَ جو حق وڃائي چڪي آهي. اها هاڻ پنهنجي ذهن جي حالت ۽ پنهنجي حوصلي جي ڪري پيٽروگراڊ جي آبادي‌ءَ سان مڪمل نااتفاقيءَ ۾ مبتلا آهي. ۽ ان حقيقت کي سامهون رکجي ته دوما جا اڪثريتي ميمبر پنهنجن سياسي حمايتين کان محروم ٿي چڪا آهن. تنهن هوندي به هو پنهنجي اختيارن جو استعمال مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي مرضيءَ جي مزاحمت ڪرڻ، ۽ڇ ڏاهڻ ڪرڻ ۽ حڪومتي ڪار وهنوار ۾ رندڪون وجهڻ جي لاءِ انقلاب دشمن طور ڪري رهيا آهن. تنهنڪري عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل پنهنجو اهو فرض ٿي سمجهي ته گاڏي جي هنڌ جي آبادي‌ءَ کي ميونسپل خود اختياري جي اداري جي پاليسيءَ تي پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ جي دعوت ڏني وڃي.

تنهنڪري، ان مقصد جي لاءِ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل فيصلو ٿي ڪري ته:

(1) ميونسپل دوما کي ٽوڙيو ٿو وڃي، اهو فيصلو 17 نومبر کان عمل ۾ ايندو.

(2)هاڻوڪي دوما جا مقرر ڪيل يا چونڊيل سيئي عهديدار ايستائين پنهنجن عهدن تي ڪم ڪندا ۽ پنهنجا فرض ادا ڪندا رهندا، جيستائين سندن جايون نئين دوما جي نمائندن سان پريون وجن.

(3)ميونسپل جا سڀ ملازم پنهنجا فرض ادا ڪندا رهندا، جيڪي ماڻهون پنهنجي مرضي سان نوڪري ڇڏيندا، تن کي نڪتل سمجهيو ويندو.

(4) پيٽروگراڊ جي ميونسپل جي دوما جي لاءِ نين چونڊن جي تاريخ 26 نومبر 1917ع مقرر ڪئي ٿي وڃي.

(5)پيٽروگراڊ جي چونڊيل 'ميونسپل دوما ' جي اجلاس لاءِ 28 نومبر 1917ع جي تاريخ مقرر ڪئي وڃي ٿي.

(6)جيڪي ماڻهو هن حڪم کي نه مڃيندا ۽ جيڪي ماڻهو ميونسپلٽيءَ جي ملڪيت کي نقصان رسائيندا، يا برباد ڪندا، تن کي بنا دير جي گرفتار ڪيو ويندو ۽ انقلابي ٽربيونل جي سامهون پيش ڪيو ويندو.

دوما، ان حڪم جي خلاف ورزي ڪندي، پنهنجو اجلاس ڪيو ۽ نهراءَ منظور ڪيا تہ اها رت جي آخري قڙي تائين مزاحمت ڪندي ۽ مايوسيءَ جي حالت ۾ شهرين کي اپيل ڪيائون تہ هو پنهنجي چونڊيل شهري حڪومت کي بچائين. پر شهرين سندن اپيل تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏريو. 17 نومبر تي ميئر شرائدر ۽ ڪيترن ئي ميمبرن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪائنئن پچا ڳاڇا ڪئي ويئي ۽ پوءِ کين ڇڏيو ويو. ان ڏينهن ۽ ورندي ٻي ڏيهاڙي دوما جا اجلاس ٿيندا رهيا، جن ۾ ڳاڙهي فوج ۽ جهازي مداخلت ڪندا رهيا ۽ کين عزت ۽ احترام سان منتشر ٿيڻ جي درخواست ڪندا رهيا. 2 ڊسمبر (20 نومبر) جي اجلاس ۾ هڪ آفيسر ۽ ڪجھ جهازي 'نڪولائي هال' ۾ داخل ٿيا، ان مهل هڪ ميمبر تقرير ڪري رهيو هو هنن ميمبرن کي حڪم ڏنو تہ هو اُتان هليا وڃن، نہ تہ کين زوري ڏڪي باهر ڪڍيو ويندو. جنهن تي هو احتجاج ڪندا ۽ اهو چوندا نڪري ويا تہ هو "تشدد جي هٿان مجبور ٿي وڃي رهيا آهن".

ڏهن ڏينهن کانپوءِ نئين دوما جي چونڊ ٿي، جنهن ۾ اعتدال پسند سوشلسٽن حصو وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ايئن لڳ ڀڳ سڄي دوما بالشويڪ ٿي هئي.

ايڏا بہ ڪيترائي خطرناڪ مخالفت جا هنڌ رهجي ويا هئا، جهڙوڪ: يوڪرين ۽ فنلينڊ جون "جمهوريتون" جيڪي مڪمل طور تي سوويت دشمن رجحانن جو اظهار ڪري رهيون هيون. هيلسنگفورس ۽ ڪيف. ٻنهي هنڌن تي حڪومتون اهڙيون فوجون گڏ ڪري رهيون هيون، جن تي پروسو ڪري سگهجي ۽ هو بالشويڪن کي چٽڻ ۽ روسي فوجين کي بي هٿيار ڪرڻ ۽ پنهنجي علائقي مان ڪڍڻ جي لاءِ مهم شروع ڪري رهيون هيون. يوڪريني رادا، سڄي ڏکڻ روس کي پنهنجي ڪمان ۾ وٺي لاٽو هو ۽ ڪاليدن کي ڪمڪ ۽ رسد فراهم ڪري رهي هئي. فن لينڊ ۽ يوڪرين.

ٻيئي ڳجهي نموني، جرمنن سان ڳالهيون هلائي رهيا هئا ۽ انهن کي اتحادي حڪومتن تسليم ڪري کين وڏيون وڏيون رقمون قرض طور ڏنيون ۽ سوويت روس تي حملو ڪرڻ جي لاءِ انقلاب دشمن مرڪز قائم ڪرڻ جي لاءِ شاهوڪار طبقي سان جُٽ ٿي ويون. پڇاڙيءَ ۾ نيٽ، بالشويڪ ٻنهي ملڪن ۾ سوپارا ٿيا ته شڪست کاڌل بورزوازين پنهنجي اقتدار جي بحالي لاءِ جرمنن کي گهرائي ورتو.

پر سوويت حڪومت جي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو اندروني هو. ڪاليدن جي تحريڪ ۽ موگليف جو استاف، جتي جنرل دوخونن ڪمان سنياليو ورتي هئي، هر هنڌ ظاهر ٿيندڙ مورازيوف کي ڪزاڪن جي خلاف ويڑهه جي لاءِ ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو ۽ ڪارخانن جي مزدورن مان هڪ ڳاڙهي فوج پرتي ڪئي ويئي. ان جي علائقي ۾ سوين پرچارڪ موڪليا ويا. عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل ڪزاڪن جي نالي هڪ اعلان جاري ڪيو جنهن ۾ وضاحت ڪئي ويئي هئي ته سوويت حڪومت چا آهي، صاحب جائيداد طبقا، پڻ ٻاهه ڪندڙ زميندار بينڪار ۽ سندن سنگتي ڪزاڪ راجا ۽ جنرل، ڪيئن انقلاب کي تباهه ڪرڻ ۽ پنهنجي دولت کي عوام جي هٿان ضبط ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن.

27 نومبر تي ڪزاڪن جي هڪ ڪميٽيءَ، ٽراٽسڪي ۽ لينن سان ملڻ جي لاءِ اسمولني آئي. هنن ان ڳالهه جي وضاحت گهري ته چا اهو سچ آهي ته سوويت حڪومت، ڪزاڪن جي زمين کي مها روس جي هارين ۾ ورهائڻ جو ارادو نٿي رکي، ٽراٽسڪي وراڻيو"نه". ڪزاڪ ڪجهه دير سوچيندا رهيا، پوءِ پڇيائون، "چا، سوويت حڪومت اسانجن وڏن ڪزاڪ زميندارن جي جاگيرن کي ضبط ڪرڻ ۽ اهي پورهيت ڪزاڪن ۾ ورهائڻ جو ارادو رکي ٿي؟" ان جو جواب ڏيندي لينن چيو "اهو اوهان جو ڪم آهي، اسين پورهيت ڪزاڪن جي هر قدم ۾ سندن مدد ڪنداسين. ان ڪم کي شروع ڪرڻ جو سڀ طريقو اهو آهي ته ڪزاڪ سوويتون ٺاهين، اوهان کي 'تسي اي ڪا' ۾ نمائندگي ملي ويندي، پوءِ اها اوهان جي حڪومت بہ هوندي"

ڪزاڪ غور ۽ فڪر ۾ ٻڏل، موڪلائي روانا ٿيا ۽ ٻن هفتن کانپوءِ جنرل ڪاليدن، پنهنجي فوج جي هڪ وفد سان ملاقات ڪئي. انهن

پچيس، "چا اوهين اهو وعدو ڪريو ٿا تہ ڪزاڪ جاگيردارن جي جاگيرن کي، پورهيت ڪزاڪن ۾ ورهائيندا؟"

ڪالينن وراڻيو "جيستائين سسيءَ ۾ ساهہ اٿم، تيستائين ايئن ڪرڻ نہ ڏينداس".

هڪ مهيني کانپوءِ ڏينهون ڏينهن پنهنجي فوج جي گهٽجندڙ تعداد کي ڏسي هن پنهنجي مٿي ۾ گولي هڻي آپگهات ڪري چڏيو ۽ ڪزاڪ تحريڪ جو وجود ختم ٿي ويو.

ان وچ ۾ موگيليف ۾ پراڻي 'تسي اي ڪا' ۽ 'اعتدال پسند سوشلسٽ' اڳواڻ اوڪسنتئيف کان وٺي چيرنوف تائين، پراڻي فوجي ڪميٽين جا فعال سربراهہ ۽ رجعت پرست اڳواڻ گڏ ٿيل هئا. استاف عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل کي مڃڻ کان انڪار ڪري رهيو هو. ان مهلڪ بٽالين، سينٽ جارج ڪراس جي حامل ۽ محاذ جي ڪزاڪن کي متحد ڪري ورتو هو ۽ اتحادي فوجي اتاشين ۽ ڪالينن جي تحريڪ ۽ يوڪريني رادا ڇجها ۽ ويجها لاڳاپا قائم ڪري ورتا هئا.

اتحادي حڪومتن 8 نومبر (26 آڪٽوبر) جي امن جي فرمان جي ڪابہ ورندي نہ ڏني هئي، جنهن ۾ سوويتن جي ڪانگريس پاران هڪ عام جنگبنديءَ جي گهر ڪيل هئي.

20 نومبر تي ٽراٽسڪيءَ اتحادي سفيرن کي هڪ نوٽ موڪليو.

"جناب سفير صاحب! مون کي، اوهان کي اهو اطلاع ڏيڻ جو شرف حاصل آهي تہ سوويتن جي ڪُل روس ڪانگريس 26 آڪٽوبر تي عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي صورت ۾ روسي جمهوريہ جي هڪ نئين حڪومت جي جوڙجڪ ڪئي. ان حڪومت جو صدر 'ولاديمئر ايلئچ لينن' آهي. پرڏيهي مامرن بابت عوامي ڪميسار جون واڳون منهنجي حوالي ڪيون ويون آهن. آئون اوهان جو ڌيان، جنگ بندي ۽ ملڪ گيري يا ڏن ڪانسواءِ قومن جي حق خود ارادیت جي بنياد تي هڪ جمهوري صلح طرف ڌياريان ٿو ۽ اوهان کي اها درخواست ڪريان ٿو تہ ان دستاويز جي بنياد تي سيني محاذن تي فوري طور تي جنگبندي ۽ ناهہ جي ڳالهہ بولهہ شروع ڪرڻ جي باقاعده تجويز سمجهي ويچي. اهڙي رٽ، جيڪا روسي

جمهوريہ جي مستند حڪومت هڪ ئي وقت جنگ ۾ رڌل سڀني قومن ۽ انهن جي حڪومتن جي سامهون پيش ڪري ٿي.

"جناب سفير! مهربائي ڪري پنهنجي عوام جي باري ۾ جيڪا جنگ سبب ٽڪل آهي ۽ وڏي رتوڇاڻ سبب بي جان ٻين سڀني قومن وانگر لازمي طور تي امن جي خواهشمند آهي. سوويت حڪومت جي گهري احترام کان قبول ڪجو."

ان ئي رات عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جنرل دوخونن کي تار موڪلي، جنهن ۾ لکيل هو.

"عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل ان ڳالهہ کي اڻ تڙ ٿي سمجهي تہ دشمن ۽ اتحادي سڀني جي سامهون جنگبنديءَ جي هڪ باقاعده رٽ پيش ڪئي ويجي." ان فيصلي موجب هڪ اعلان عوامي پرڏيهي ڪميسار پاران پيٽروگراڊ ۾ اتحادي طاقتن جي نمائندن کي روانو ڪيو ويو آهي.

"شهري سپريم ڪمانڊر عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل توکي حڪم ٿي ڏي تہ دشمن جي فوجي اختيارين کي ڪارروائي بند ڪرڻ جي رٽ ڏيو ۽ صلح جي لاءِ ڳالهيون مُهاڙيون شروع ڪريو. اها شروعاتي ڳالهہ ٻولهہ جي ذميداري توکي سوپيندي. عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل توکي حڪم ٿي ڏي تہ:

1۔ دشمن جي فوجي نمائندن سان شروعاتي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪنهن بہ ۽ سڀني قدمن بابت ڪائونسل کي سڏوسنئون تار جي ذريعي اطلاع ڏنو وجي.

2۔ جنگبندي جي ايڪٽ تي ان وقت تائين صحيح نہ ڪئي وجي، جيستائين ان جي "عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل منظوري نہ ڏي"

اتحادي سفيرن، ٽراٽسڪيءَ جي نوٽ کي خاموش حقارت سان وصول ڪيو ان سان گڏ ئي اخبارن ۾ ڪيني ۽ طنز سان پريل گمنام انٽرويو ڇپيا. دوخونن کي موڪليل حڪم کي اعلانيہ غداري جو قدم قرار ڏنو ويو.

جيستائين دوخونن جو تعلق آهي تہ ان بہ ڪا خبر چار نہ ڏني. 22 نومبر تي رات جو ساڍس ٽيليفون جي ذريعي ڳالهايو ويو ۽ پُڇيو ويو تہ ڇا هو حڪم جي تعميل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو تہ دوخونن وراڻيو "هو تيستائين حڪم جي تعميل ڪري نٿو سگهي، جيستائين اهو حڪم ڪنهن اهڙي

حڪومت طرفان ڏنل نہ هجي، جنهن کي فوج ۽ سڄي ملڪ جي حمايت حاصل نہ هجي."

کيس فوري طور تي تار جي ذريعي سپريم ڪمانڊر جي عهدي تان هٽايو ويو ۽ سندس جاءِ تي ڪريلينڪو کي مقرر ڪيو ويو. لينن عوام ڏانهن رجوع ڪرڻ جي پنهنجي طريقيڪار تي عمل ڪندي سيني ريجمنٽن، ڊويزنن ۽ ڪور ڪميٽين کي، فوج جي سيني سپاهين ۽ ٻيڙي جي سيني جهازن کي ريڊيو پيغام موڪليو جنهن ۾ کين دوخونن جي انڪار کان واقف ڪري حڪم ڏنو ته "محاذ جون ريجمينٽون پنهنجن مورچن جي سامهون دشمنن جي دستن سان ڳالهين مُهاڙين جي لاءِ نمائندن جي چونڊ ڪن."

23 نومبر تي اتحادي قومن جي فوجي اتاشين، پنهنجين حڪومتن جي هدايتن تي عمل ڪندي، دوخونن کي هڪ نوٽ پيش ڪيو جنهن ۾ کيس سنجيدگيءَ سان تنبيهه ڪئي ويئي هئي ته هو"اتحادي طاقتن جي وچ ۾ ڪيل عهد نامن جي شرطن جي خلاف ورزي نہ ڪري" نوٽ ۾ اهو به چيو ويو هو ته "جيڪڏهن جرمني سان ڌار جنگبندي ڪئي ويئي ته اهو قدم روس جي لاءِ انتهائي سنگين نتيجن جو حامل ٿيندو." ان مراسلي کي دوخونن فوري طور تي سپاهين جي سيني ڪميٽين کي موڪلي ڏنو.

پي ڏينهن ٽرانسڪيءَ فوجين کي هڪ ٻي اپيل ڪئي، جنهن ۾ اتحادي نمائندن جي نوٽ کي روس جي اندرين مامرن ۾ مداخلت ۽ ان ڳالهه جي اعلانيه ڪوشش قرار ڏنو ويو ته "روسي فوج ۽ روسي عوام جي انهن عهدنامن جي تعميل ۾ جيڪي زار روس ڪيا هئا، جنگ تي ڏڙڪن جي ذريعي مجبور ڪيو پيو وڃي."

اسمولني مان هڪ ٻئي جي پويان اعلان شايع ٿيندا رهيا، جن ۾ دوخونن ۽ ان جي چوڌاري گڏ ٿيندڙ انقلاب دشمن آفيسرن جي مذمت ڪئي ويئي هئي. موگيليف ۾ گڏ ٿيل رجعت پسند سياستدانن جي مذمت ڪئي ويئي هئي. ۽ هزار ميل [illegible] محاذ جي هزارين لکين ڪاوڙيل ۽ شڪي سپاهين کي [illegible] ڪريلينڪو ڏون جي پڪن جهازين [illegible] انتقام جا ڏڙڪا ڏينڊو جنرل

استاف جي لاءِ روانو ٿيو سپاهين هر هنڌ تاڙين جي گونج ۾ سندن آجيان ڪئي. اهو هڪ سوپارو مارچ هو مرڪزي فوجي ڪميٽيءَ دوخونن جي حق ۾ هڪ اعلان جاري ڪيو ۽هڪدم ڏهه هزار فوج موگيليف تي چڙهائي ڪرڻ جي لاءِ رواني ڪئي.

2 ڊسمبر (19 نومبر) تي موگيليف جي گيريزن بغاوت ڪري شهر تي قبضو ڪري ورتو. دوخونن ۽ فوجي ڪميٽيءَ کي گرفتار ڪري ورتو ۽ سوپارو ڳاڙهو جهنڊو کٽي نئين سپريم ڪمانڊر جي آجيان لاءِ اڳتي وڌي. هي ڏينهن صبح جو ڪريلنڪو موگيليف پهتو ته هن ڏٺو ته ريل گاڏيءَ جي ان بوگيءَ جي چوڌاري جنهن ۾ دوخونن کي قيد ڪيو ويو هو هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿي چڪو هو. ڪريلنڪو تقرير ڪئي، جنهن ۾ هن سپاهين کي اپيل ڪئي ته هو دوخونن کي نقصان نه رسائين. چاڪاڻ ته ڪيس پيٽروگراڊ نيو ويندو ۽ انقلابي ٽربيونل سندس باري ۾ فيصلو ڪندي. هن تقرير ختم ڪئي ته اوچتو دوخونن پاڻ دري وٽ آيو. جڏ هن ميڙ کي مخاطب ٿيڻ ٿي چاهيو. ڪيس ڏسي ماٺهو رڙيون ڪندا بوگيءَ ڏانهن وڌيا ۽ ڪيس چڪي کٽي بوگيءَ مان ٻاهر ڪڍيائون ۽ پليٽ فارم تي ئي ان پوڙهي جنرل کي ماري ماري پورو ڪري ڇڏيائون. ايئن جنرل استاف جي بغاوت ختم ٿي ويئي.

روس ۾ مخالف فوجي اقتدار جي آخري اهم ڳڙهه جي ڍهي پوڻ ڪانپوءِ بي انتها مضبوط ٿي سوويت حڪومت وڏي اعتماد سان رياست جي تنظيم شروع ڪئي. ڪيترائي اڳوڻا عهديدار ٻيهر موٽي آيا ۽ ٻين پارٽين مان به ڪيترن ئي. ماٺهن سرڪاري نوڪري ٻيهر اختيار ڪئي، پر جن کي مالي جُوف هو تن کي "حڪومتي ملازمن جي پگهار جي باري ۾ فرمان" بد دل ڪري ڇڏيو. ان فرمان عوامي ڪميسارن جي پگهار جيڪا سيني کان وڌيڪ هئي، 500 روبل (لڳ ڀڳ پنجاهه ڊالر) ماهوار مقرر ڪئي. يونينن جي يونين جي اڳواڻيءَ ۾ سرڪاري ملازمن جي هڙتال ناڪام ٿي ويئي. چاڪاڻ ته انهن مالي ۽ واپاري مفادن، سندن سرپرستيءَ کان هٿ کٽي ڇڏيو. جيڪي سندن پليرائي ڪري رهيا هئا. بينڪ جا ڪلارڪ ٻيهر نوڪرين تي موٽي آيا.

بينڪن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي حڪم، عوام جي معيشت جي ڪائونسل جي جوڙجڪ، ڳوٺن ۾ زمين جي فرمان تي عمل ڪرائڻ، فوج جي نئين سر جمهوري تنظيم، حڪومت جي ۽ زندگيءَ جي مڙني ڪاتن ۾ زبردست تبديلين سان، انهن سڀني شين سان جيڪي فقط مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي عام گهٽائي جي مرضي سبب اثرائتيون هيون، هوريان هوريان ڪيترين ئي غلطين ۽ رڪاوٽن سان پرولتاري روس پنهنجي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي.

بالشويڪن جيڪو اقتدار حاصل ڪيو اهو نه شاهوڪار طبقن يا ٻين سياسي اڳواڻن سان ناهه ڪري ۽ نه ئي وري پراڻي مشنري سان جوڙ توڙ ڪري حاصل ڪيو. نه وري هنن اهو اقتدار ننڍن ننڍن سازشي گروهن کي منظم ڪري تشدد جي ذريعي حاصل ڪيو هو. جيڪڏهن سڄي روس ۾ عوام بغاوت جي لاءِ تيار نه هجي ها تہ اها ناڪام ٿي وڃي ها. بالشويڪن جي ڪاميابيءَ جو اڪيلو سبب هيءَ هو تہ هنن عوام جي سڀ کان هيٺين طبقن جون زبردست ۽ سادين خواهشون پوريون ڪيون ۽ ڪين "پراڻي دانچي" کي ڌاهي پٽ ڪرڻ جي ڪم ڪرڻ جي لاءِ سڌ ڏنو ۽ بعد ۾ اُنهن ڌهندڙ پراڻن ڪنڊرن جي ڍڳ تي نئون ڍانچو ڪڙو ڪرڻ ۾ ساٿن سهڪار ڪيو.

هاري ڪانگريس

18 هين نومبر تي برفباري شروع ٿي ويئي. صبح جو جڏهن اسان جي اک کلي تہ اسان دريءَ مان ٻاهر ڏٺو تہ ٻاهر برف جو ڍڳ لڳو پيو هو ۽ برف ايتري تہ گهٽي ڪري رهي هئي، جو ڏهن فوٽن کان اڳيان ڪابہ شئي نظر نٿي آئي. گپ جو نالو نيشان بہ نہ هو ڪن پل ۾ اُداس شهر اڇو ٿي اکين کي ڪيرو ڪرڻ لڳو ڪهہ مان ٺهيل ڪپڙا پاتل ڪوچوانن جون گاڏيون، برف گاڏيون بنجي ويون هيون. جيڪي ناهموار رستن تي، ڪوچوان جميل ڏاڙهين سان، تيز رفتاريءَ سان ڊوڙائيندا پئي ويا. انقلاب جي باوجود ۽ هڪ اڻ ڄاتل ۽ ڊيڄارينڊڙ مستقبل ۾ هڪدم داخل ٿيڻ جي ٻُوکهلاهٽ جي باوجود، برفباري شروع ٿيڻ سان سڄي شهر ۾ سَرهائي جي لهر پکڙجي ويئي. هر شخص مُرڪي رهيو هو. ماڻهون رستن تي نڪري آيا هئا ۽ ڪِلي برف جي ڪرندڙ نرم ڪڻن کي پنهنجي هٿن جي ترين تي کڻي رهيا هئا. سڄو سُرمئي ماحول لڪي ويو هو. سفيد برف ۾ رڳو سونهري ۽ رنگين گنبذ ۽ مينار ڪجهہ وڌيڪ وحشياڻي شان ۽ شوڪت سان نظر اچي رهيا هئا.

منجهند جو زرد ۽ ٿڌو سج بہ نڪري آيو هو. برسات جي ڏينهن جي ٽڏ ۾ سَنڊن جو سور غائب ٿي ويو. شهر جي زندگي خوشگوار ٿي ويئي ۽ خود انقلاب جي رفتار بہ تيز ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن شام جو آئون هڪ 'تراڪٽير' هڪ قسم جي هيٺاهين سراءِ ۾، اسمولني جي ڦاٽڪ جي سامهون، رستي جي ٻي پاسي ويٺو هوس. اها هيٺاهين ڇت واري پُرشور جڳهہ هئي، جنهن کي 'انڪل ٽام' جي جُهڱي، چيو ويندو هو. جتي ڳاڙهي فوج جا سپاهي گهٽو ايندا هئا. جيڪي ان مهل بہ اُتي جڏهي تعداد ۾ موجود هئا. ڪِنن ميزپوشن ۽ چيني جي وڏين وڏين چانهہ دانين وارين ننڍڙين ننڍڙين ميزن جي چوڌاري هڪ ٻي سان سٽيا. هو

سڄي جاءِ کي سگريٽ جي ڏُنهه مان پري رهيا هئا ۽ پريشان ويٽر، "بس اجهو هڪ منٽ ۾ ٽوڪني اچان!" چئي ڊوڙي رهيا هئا.

هڪ ڪنڊ ۾ ڪپتان جي وردي پاتل هڪ شخص ويٺو هو جيڪو ميڙ کي مخاطب هو ۽ ماٺهو ڪيس ڪجهه لفظن ۾ گالهائڻ کانپوءِ ٽوڪي رهيا هئا.

هن رڙ ڪري چيو"اوهين ماٺهو قاتل آهيو. بس ٻيو ڪجهه ٻه نه! اوهين خود پنهنجن روسي پائرن کي رستن تي گوليون ٽا هٽو!"

"اهو اسان ڪڍهن ڪيو؟" هڪ مزدور پڇيس.

"گذريل آچر واري ڏينهن، اوهان اهو ڪيو جڏهن يونڪرن..."

" ته ڇا هُنن اسان تي گوليون نه هلايون هيون؟" هڪ همراهه پنهنجو هٿ ڏيکاريو جيڪو پٽين ۾ ويڙهيل هو "ڇا مون وٽ انهن شيطانن کي ياد رکڻ جي لاءِ ڪجهه ٻه ڪونهي؟"

ڪپتان رڙ ڪري چيو"اوهان کي اڙ ڏريو رهڻ گهرجي! اوهان کي اڙ ڏريو رهڻ گهرجي، اوهين ڪير ٿيندا آهيو قانوني حڪومت کي ختم ڪرڻ وارا؟ اهو لينن ڪير آهي، هڪ جرمن....!"

" ۽ تون وري ڪير آهين، انقلاب دشمن، فسادي...!" سيئي مٿس اصل ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويا.

جڏهن ڪپتان ٻيهر گالهايو ته هو اُٿي بيٺو ۽ چيائين، "ٺيڪ آهي! اوهين پنهنجو پاڻ کي روس جي عوام ٿا چئو... پر اوهين روس جي عوام نه آهيو. روس جي عوام هاري آهن ترسو جيستائين هاري...."

"هائو!" هنن رڙ ڪري چيو "ترس! تيستائين ترس جيستائين هاري گالهائين، اسان کي خبر آهي ته هاري ڇا چوندا، ڇا هو ٻه اسان وانگر پورهيت ڪونهن؟"

نيٺ شين جو دارو مدار هارين تي هو سياسي لحاظ کان ته هاري چڙوچڙ هئا، پر پوءِ ٻه سندن مخصوص خيال هئا ۽ هو روسي عوام جو اسي سيڪڙو کان ٻه وڌيڪ هئا. هارين ۾ بالشويڪن جا حمايتي گهٽ هئا ۽ روس ۾ صنعتي مزدورن جي ڊڪٽيٽر شپ ناممڪن هئي، سوشلسٽ انقلابي پارٽي هارين جي روايتي پارٽي هئي، ان وقت سوويت حڪومت جي حمايت ڪندڙ سيئي سياسي پارٽيون، ڪابي ڏر جي سوشلسٽ انقلابي هاري ليڊر

شپ جون منطقي وارث هيون. ڪاهي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين کي جيڪي منظم ٽيل شهري پرولتاريه جي رحم ۾ ڪرم تي هٿا. هارين جي پُٽيرائي جي گهٽي گهرج هئي.

ان دوران، اسمولني هارين کي نظرانداز نه ڪيو هو. زمين جي فرمان کانپوءِ نئين 'تسي اي ڪا' جي شروعاتي قدمن مان هڪ اهو به هو ته هن 'هارين جي سوويتن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ' کي نظرانداز ڪري، هارين جي هڪ ڪانگريس گهرائي هئي، ڪجهه ڏينهن کانپوءِ "وولست" (تعلقي) زميني ڪميٽين جا تفصيلي قاعدا ۾ ضابطا جاري ڪيا ويا. ان کانپوءِ لينن جون هارين جي لاءِ هدايتون ڇپيون، جن ۾ بالشويڪ انقلاب ۾ نئين حڪومت جي باري ۾ ساڌن لفظن ۾ سمجهايو ويو هو ۾ 16 نومبر تي لينن ۾ مليوتين "صوبائي پيغام رسائيندڙن جي لاءِ هدايتون" ڇپرايون، جيڪي سوويت حڪومت هزارن جي انگ ۾ ڳوڻن ۾ پهچايون.

1ـ"جنهن به صوبي ۾ ڪين مقرر ڪيو ويو آهي، اُتي پهچي پيغام رسائيندڙ مزدورن، سپاهين ۾ هارين جي سوويتن جي مرڪزي ڪميٽين جي هڪ ڏيل ڏڃاڻي سڏائيندو. جنهن جي سامهون هو زرعي قانونن جي باري ۾ رپورٽ پيش ڪندو ۾ پوءِ گهر ڪندو ته سوويتن جو هڪ مڪمل ڏيل اجلاس گهرايو وڃي.

2ـ ڪيس صوبي ۾ زرعي مسئلي جو گهڻ طرفو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

(الف) ڇا زميندارن جي جائيداد رجسٽر ڪئي ويئي آهي ۾ جيڪڏهن هائو ته ڪهڙن ضلعن ۾؟

(ب) ضبط ٽيل زمين جو بندوبست ڪير ٿو سنياليِ. اڳوڻا مالڪ يا زميني ڪميٽي؟

(پ) زرعي مشينن ۾ فارم جي جانورن جو ڇا ڪيو ويو؟

3ـ ڇا، جنهن زمين تي هاري پوکي راهي ڪن ٿا، ان ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي.

4ـ صوبي جي لاءِ حڪومت اناج جو جيڪو مقدار مقرر ڪيو آهي، ان مان ڪيترو اناج شهر موڪليو پيو وڃي.

5ـ پيغام نيندڙن کي ان ڳالهه تي زور ڀرڻ گهرجي ته هارين کي زمين ملڻ ڪانپوءِ اهو لازمي آهي ته هو وڏ ڪان وڏ اناج شهر موڪلين ۾ اهو ته هو

ڏکار کان بچڻ لاءِ اڪيلي وسيلي جي حيثيت سان شهرن کي اناج موڪلڻ ۾ جلدي ڪن.

6-زميندارن کان زميني ڪميٽين ۽ سوويتن جي مقرر ڪيل ٻين تنظيمن کي زمين جي منتقلي لاءِ ڪهڙا قدم رٿيا ويا آهن يا لاڳو ڪيا ويا آهن؟

7-پلائي ان ۾ آهي ته ساز ۽ سامان سان ڇڪي طرح هٿياربند ٿي ۽ ڇڪي نموني منظم زرعي جائيداد جو انتظام انهن جائيدادن جي باقاعده نوڪرن ٿي ٻڌل سوويتون لائق زرعي ماهرن جي هدايتن موجب ڪن.

سيني ڳوٺن ۾ تبديليءَ جي مٿي ڳوهجي رهي هئي ۽ ان جو ڪارڻ فقط زمين جي فرمان جو تيز رفتار عمل نه پر انقلابي ذهنيت رکندڙ هزارين هاري به هئا. جيڪي محاذ تان واپس اچي رهيا هئا. انهن ماڻهن هارين جي ڪانگريس گهرائڻ جي خاص طور تي آڇيان ڪئي.

جيئن پراٽي 'تسي اي ڪا' مزدورن ۽ سپاهين جي ٻي ڪانگريس جي معاملي ۾ ڪيو هو ساڳئي طرح ورڪنگ ڪميٽي اسمولنيءَ جي گهرايل هاري ڪانگريس کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پراٽي 'تسي اي ڪا' جيان ئي جڏهن هن ڏٺو ته سندس مزاحمت به بيڪار ثابت ٿي آهي ته ورڪنگ ڪميٽي بوڪلايل تارون موڪلي قدامت پرست نمائندا چونڊڻ جو حڪم ڏنو هارين ۾ اها ڳالهه پکيڙي ويئي ته ڪانگريس جو اجلاس "موگيليف" ۾ ٿيندو ۽ ڪجهه نمائندا اُتي ئي ويا. 23 نومبر تائين لڳ ڀڳ 400 نمائندا پيٽروگراد ۾ گڏ ٿي چڪا هئا ۽ پارٽين جي سرگرم گروهن جون گڏجاٽيون شروع ٿي چڪيون هيون.

پهريون اجلاس دوما جي عمارت جي 'اليڪسانڊر هال' ۾ ٿيو ۽ پهرين ووٽنگ ۾ خبر پئي ته سيني نمائندن مان اڌ کان به وڌيڪ ڪابي ڊر جا سوشلسٽ انقلابي هئا. جڏهن ته بالشويڪن جي اٿر هيٺ پنجون حصو هو ساڄي ڊر جا سوشلسٽ انقلابي ڇوٽون حصو هئا ۽ باقي سڀ ان ڳالهه تي سهمت هئا ته هو پراٽي ورڪنگ ڪميٽيءَ جا مخالف هئا. جنهن تي اوڪسنتيئف، چائيڪوفسڪي ۽ پشيخونوف حاوي هئا.

وڏو هال پريو پيو هو ۽ مسلسل گڙٻڙ جي ڪري هُل ۾ هنگامون جاري هو گهري ۾ ڪٽر تلخيءَ نمائندن کي ڪاوڙ ۾ پري گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو

هو. کاپي طرف هِتي هُتي فوجي آفيسرن جون وردين ۾ وڏي عمر جا وڏي حيثيت جا ڏاڙهي وارا چهرا نظر اچي رهيا هئا. وچ ۾ ڪجهه هاري ننڍا فوجي آفيسر ۽ ڪجهه سپاهي هئا ۽ ساڄي پاسي وينل نمائندن کي عام سپاهين جون وردين پاتل هيون. اها ٻئين ٽهي هئي. جيڪا فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهي هئي. گئلرين ۾ مزدور وينل هئا. جيڪي ايڏا تائين روس ۾ پنهنجي اصل هارپ جي ڏنڊي کي وساري نه سگهيا هئا.

پراٽي 'تسي اي ڪا' جي ابتڙ ورڪنگ ڪميٽيءَ افتتاحي اجلاس ۾ ڪانگريس کي سرڪاري نه ڪيو. سرڪاري ڪانگريس 13 ڊسمبر (نومبر) تي گهرائي ويئي هئي. تاڙين ۽ ڪاوڙيل رڙين جي هُل ۾ مقرر اعلان ڪيو ته هي ميڙ رڳو "هڪ غيرمعمولي ڪانفرنس" آهي. پر"غير معمولي ڪانفرنس" کاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي اڳواڻ 'ماريا اسپريدو نودا' کي پنهنجو صدر چونڊي ڏيکاريو ته ورڪنگ ڪميٽيءَ جي باري ۾ سندس رويو کهڙو آهي.

پهرين ڏينهن جو گهڻو تڻو حصو ان پُرجوش بحث ۾ گذري ويو ته"وولست" (تعلقي) سوويتن جي نمائندن کي به ڪانفرنس ۾ جاءِ ڏيڻ ڪپي يا رڳو صوبائي تنظيمن جي نمائندن کي ۽ بلڪل ايئن جيئن مزدورن ۽ سپاهين جي صورت ۾ ٿيو هو واضح اڪثريت. وسيع ترين ممڪن نمائندگيءَ جي حق ۾ راءِ ڏني. جنهن تي پراٽي ورڪنگ ڪميٽي هال مان هلي ويئي.

هڪدم اهو ظاهر ٿي ويو ته گهڻا ٽڻا نمائندا عوامي ڪميسارن جي حڪومت جي باري ۾ معاندانه رويو رکن ٿا. بالشويڪن پاران زينو وئيف تقرير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڪيس چٽر بازين ۾ ڳالهائڻ نه ڏنو ۽ جنهن مهل هو ڊائس تان هيٺ لهي رهيو هو ته گوڙ ٿيو ته."عوامي ڪميسار گپ ۾ ويهن ٿا."

نزارئيف. جيڪو صوبائي ڊيلي گيٽ هو تنهن واڪو ڪندي چيو"اسين کاپي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي هن هٽ نوڪي مزدورن ۽ هارين جي حڪومت کي ان وقت تائين نه ڇيندا سين. جيستائين ان ۾ هارين جي نمائندگي نه هوندي. اها ته ڪجهه به ڪونهي. سواءِ مزدورن جي ڊڪٽيٽر

شپ جي، اسين هڪ نئين حڪومت ٺاهڻ تي زور ڀريون ٿا، جيڪا سچي جمهوريت جي نمائندگي ڪري."

ان جذبي کي رجعت پرست نمائندن وڏي چالاڪيءَ سان وڌايو. هنن بالشويڪ نمائندن جي احتجاج جي باوجود اعلان ڪيو ته عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل يا ته ڪانگريس کي ڪنٽرول ڪرڻ ٿي چاهي يا وري طاقت جي زور تي اها ٽوڙي ڇڏيندي. هارين اهو اعلان سخت ڪاوڙ ۾ ٻڌو.

ٿي ڏينهن اوچتو لينن ڊائس تي آيو. ڏهن منٽن تائين هال تي ديوانگي طاري رهي. ماڻهو هوڪريا ڪندا رهيا. "هيٽ لاهيوس! اسين اوهان جي ڪنهن به عوامي ڪميسار کي ٻڌڻ نٿا چاهيون. اسين اوهان جي حڪومت کي نٿا مڃون."

لينن خاموشيءَ سان ڏيسڪ کي ٻنهي هٿن سان جهليو بيٺو رهيو. هن جون ننڍيون ننڍيون اکيون ڪنهن خيال ۾ ٻُڏل. هيٽ ٽينڊڙ هنگامي جو جائزو وٺندیون رهيون. نيٽ هال جي ساڄي پاسي ٽينڊڙ احتجاج ڪانسواءِ باقي هُل گهٽجي ويو.

"آئون هت عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي هڪ ميمبر جي حيثيت سان نه آيو آهيان." لينن چيو ۽ پوءِ انتظار ڪيو ته جيئن هُل گهٽجي. "پر بالشويڪ جڏي جي هڪ ميمبر جي حيثيت سان آيو آهيان. جنهن کي باقاعدہ ڪانگريس جي لاءِ چونڊيو ويو آهي." ۽ پوءِ هن پنهنجي سَنڊ هٿ ۾ کڻي مٿي ڪئي ته جيئن هڙئي همراهه ڏسي وٺن.

"پر....." هن اهڙي آواز ۾ پنهنجي ڳالهه جاري رکي. جنهن تي ايئن پي لڳو ته ڪنهن شئي جو ڪو اثر نه ٿيو آهي. "ان ڳالهه کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي ته موجوده حڪومت بالشويڪ پارٽيءَ ناهي آهي...." ڪيس ٽورو انتظار ڪرڻو پيو. "ته عملي طور تي اها هڪ ئي ڳانهه آهي...." ان تي ٻي پاسي وارين بينچن زبردست گوڙ ڪيو. پر وچين ۽ کاٻي طرف جي ماڻهن ٻُڏڻ ٿي چاهيو ۽ هنن بين کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو.

لينن جو دليل ڏاڍو سادو هو. هن چيو"اوهان هاري، جن کي اسان زميندارن جون زمينون ڏنيون آهن. صاف صاف ٻڌايو ته چا هاڻ اوهين مزدورن کي صنعت تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ کان روڪڻ ٿا چاهيون؟ اها

طبقاتي جنگ آهي. زميندار ظاهر آهي ته هارين جي مخالفت ڪن ٿا ۽ صنعتڪار مزدورن جي مخالفت ڪن ٿا، ته ڇا اوهين ان جي موڪل ڏيندا ته پرولتارين جون صفون ورهايل رهن. اوهين ڪهڙي پاسي آهيو؟ اسين بالشويڪ پرولتاريه جي پارٽي آهيون، هاري پرولتاري جي به. ته صنعتي پرولتاريه جا به. اسين بالشويڪ سوويتن جا محافظ آهيون، ته هارين جي سوويتن جا به. مزدورن ۽ سپاهين جي سوويتن جا به. اسان نه رڳو هارين جي سوويتن کي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، پر اسان ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين کي به عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني.

"سوويتون، عوام جون ڪارخانن ۽ ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جون ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جون بهترين نمائندا آهن. جيڪو شخص به سوويتن کي برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو اهو غير جمهوري ۽ انقلاب دشمن قدمن جو ڏوهاري سمجهيو ويندو ۽ ڪامريڊ، ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين ۽ اوهان ڪاديت حضراتن کي آئون هت نوٽيس ٿو ڏيان ته جيڪڏهن آئين ساز اسيمبليءَ سوويتن کي برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسين آئين ساز اسيمبلي کي ايئن ڪرڻ جي موڪل نه ڏينداسين."

25(12) نومبر جي ٽپهري جو چيرنوف 'مو گيلف' مان پڇندو آيو چاڪاڻ ته ڪيس ورڪنگ ڪميٽيءَ گهرايو هو اڄا ٻه مهينا اڳ هو انتها درجي جو انقلاب پرست سمجهيو ويندو هو ۽ هارين ۾ تمام گهڻو مقبول هو پر هاڻ ڪيس ڪانگريس جي ڪاپي طرف جهڪڻ جي ڊپ کان روڪڻ جي لاءِ،گهرايو ويو هو. چيرنوف کي پهچندي ئي گرفتار ڪري اسمولني نيو ويو جت مختصر ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ ڪيس آزاد ڪيو ويو.

سندس پهريون عمل اهو هو ته هن ورڪنگ ڪميٽي کي ڪانگريس مان واڪ آئوٽ ڪرڻ تي دهڙات ڪڍيو ۽ اهي واپس اچڻ تي راضي ٿي ويا ۽ چيرنوف جڏهن هال ۾ گهڙيو ته اڪثريت سندس آجيان زوردار تاڙين ۽ بالشويڪن جملي بازين ۽ چٽرن سان ڪئي.

"ساٿيو! آئون ٻاهر هئس، آئون اولهائين محاذ جي سپني فوجن جي هاري نمائندن جي هڪ ڪانگريس گهرائڻ جي سوال تي ٻارهين فوج جي

ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري رهيو هئس ۽ مون کي هن بغاوت جي باري ۾ بلڪل گهٽ خبر آهي، جيڪا هت ٿي....."

زينووئيف پنهنجي جاءِ تي اُٿي بينو ۽ رڙ ڪري چيائين، "هائو تون باهر هئين ڪجهه منٽن جي لاءِ....!" "جنهن تي وڏو هُل مچي ويو ۽ رڙيون ٽيڙ لڳيون." بالشويڪن کي باهر ڪيو."

چيرنوف پنهنجي تقرير جاري رکي، "اهو الزام بلڪل ڪوڙو آهي ۽ ان جو ڪوبه بنياد ڪونهي ته مون پيٽروگراڊ تي فوجي چڙهائي ڪرڻ ۾ مدد ڏني، اهو الزام ڪٽان شروع ٿيو.... مون کي ان جو سرچشمو ڏيکاريو."

زينووئيف: " 'ازوستيا' ۽ 'ويلانرودا' جيڪي تنهنجون اخبارون آهن، اتان کان ئي ان الزام جي شروعات ٿي."

چيرنوف جو موڪرو منهن، نندڙيون نندڙيون اکيون ڪچڙي ٽيل ڏاڙهيءَ سميت ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو پر هن پاڻ تي قابو رکندي تقرير جاري رکي، "آئون وري به چوان ٿو ته مون کي ڪابه خبر ڪونهي ته هٽ ڇا ٿيو آهي ۽ مون ڪنهن به فوج جي سرواٽي نه ڪئي آهي سواءِ (هُن هارين جي نمائندن ڏانهن اشارو ڪندي چيو) هن فوج جي جنهن کي آئون هٽ آٽڻ جو وڏي حد تائين ذميدار آهيان." 'ڪل ۽ رڙيون' واهه! شاباس! "واپسيءَ تي آئون اسمولني ويس، اُتي منهنجي خلاف ان قسم جو ڪوبه الزام نه هنيو ويو ٿورڙي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ آئون هليو آيس ۽ بس! حاضرين مان ڪوبه ان قسم جو الزام هٽڻ چاهي ٿو ته پلي هٽي!"

وڏو گوڙ مچي ويو جنهن ۾ بالشويڪ ۽ ڪجهه ڪابي ڏر جا انقلابي هڪدم پنهنجي جاين تي اُٿي بيٺا ۽ مُڪون لهرائي رڙيون ڪرڻ لڳا، باقي ميڙ انهن کان به وڌيڪ زور سان رڙيون ڪري کين دٻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"هي اجلاس ڪونهي.... هنگامون آهي." چيرنوف رڙ ڪري چيو ته پوءِ هال مان باهر نڪري ويو. هُل ۽ بدنظمين جي ڪري اجلاس ملتوي ڪيو ويو.

ان دوران سيپ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي حيثيت جي باري ۾ پريشان هئا. ميڙ لاءِ 'غير معمولي ڪانفرنس' هٽڻ جو اعلان ڪري ورڪنگ

ڪميٽيءَ نين چونڊن جو سدباب ڪرڻ جي رٽ جوڙي هئي، پر اُن جو اثر ٻن قسمن جو ٿيو ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن ڪانگريس کي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي ڪو اختيار ڪونهي ته ورڪنگ ڪميٽيءَ کي ڪانگريس تي ڪو اختيار ڪونهي. 25(12) نومبر جي ميڙ فيصلو ڪيو ته ورڪنگ ڪميٽيءَ جي اختيارن کي "غير معمولي ڪانفرنس" پنهنجن هٿن ۾ ونڻي لائي، جنهن ۾ ورڪنگ ڪميٽي جا فقط اهي ئي ميمبر ووٽ ڏيئي سگهن ٿا، جن کي ڊيلي گيٽ چونڊيو ويو آهي.

27 نومبر (14) تي زمين جي سوال تي بحث ٿيو جنهن انهن اختلافن کي پڌرو ڪيو جيڪي بالشويڪن ۽ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي زرعي پروگرام ۾ هئا. ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين پاران ڪچنسڪيءَ تقرير ڪندي انقلاب جي دوران زمين جي سوال تي تاريخ جو خاڪو پيش ڪيو هن چيو ته "هارين جي سوويتن جي پهرين ڪانگريس، زميني تعلقن کي هڪدم زميني ڪميٽين جي هٿن ۾ ڏيڻ جي حق ۾ هڪ ٻي چٽي ۽ باقاعده قرارداد منظور ڪئي هئي، پر انقلاب جي هدايتڪارن ۽ حڪومت ۾ جيڪي بورزوا هئا، تن زور پريو ته اهو سوال تيستائين نبرجي نٽو سگهي، جيستائين آئين ساز اسيمبليءَ جو اجلاس نٽو ٿئي. انقلاب جو ٻيو دور "ناهن" جو دور. ڪابينا ۾ چيرنوف جي شامل ٿيڻ سان شروع ٿيو. هارين کي پڪ هئي ته هاڻ زمين جي سوال جو عملي نبيرو شروع ٿيندو. پر پهرين هاري ڪانگريس جي فيصلي جي باوجود "ورڪنگ ڪميٽيءَ" جي رجعت پسندن ۽ مصالحت پسندن ڪوبه قدم کڄڻ نه ڏنو. ان پاليسيءَ سان زرعي بدنظميءَ جو هڪ سلسلو شروع ٿيو جيڪو هارين پاران بي صبري ۽ گهٽيل سگهه جو قدرتي اظهار ٿي لڳو. هارين انقلاب جي صحيح معنيٰ سمجهي ورتي. هنن لفظن کي عمل جو روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي."

مقرر وڌيڪ چيو "هاڻوڪا واقعا ڪن سِڌن سادن فسادن جي يا بالشويڪ مهم جوئين جو نه پر، ان جي ابتڙ هڪ حقيقي عوامي بغاوت جو ڏَس ڏين ٿا، جنهن جي سڃي ملڪ همدردي سان آڇيان ڪئي.

زمين جي سوال جي باري ۾ بالشويڪن عام طور تي صحيح رويو اختيار ڪيو پر ان ڳالهه جي سفارش ڪري هنن هڪ شديد غلطي ڪئي ته هاري زوري زمين تي قبضو ڪري ونن. پهرين ڏينهن ئي بالشويڪن اعلان

ڪيو تہ هارين کي انقلابي عوامي قدمن جي ذريعي زمين هٿ ڪرڻ گهرجي. اهو نراج کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. زمين منظم طريقي سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. بالشويڪن جي لاءِ اها ڳالهہ اهم هئي تہ انقلاب جا مسئلا جلد کان جلد ممڪن طريقي سان نبيريا ويڻ. پر بالشويڪن کي اُن ڳالهہ سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي تہ اهي مسئلا ڪيئن نبيريا ويڻ.

سوويتن جي ڪانگريس جو زمين جي باري ۾ فرمان بنيادي طور تي پهرين هاري ڪانگريس جي فيصلن سان ملندڙ جلندڙ آهي. پوءِ نئين حڪومت اُن ڪانگريس جي مرتب ڪيل طريقيڪار تي ڇو ڪونہ عمل ڪيو؟ ڇاڪاڻ تہ عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل زمين جي سوال کي اُڪلائڻ ۾ جلدي ڪرڻ ٿي چاهي. تہ جيئن آئين ساز اسيمبلي جو ان سان ڪوبہ واسطو نہ رهي.

"پر حڪومت اهو بہ ڏٺو تہ عملي قدم منظور ڪرڻ ضروري هئا. تنهنڪري هن وڌيڪ غور ۽ ويچار کانسواءِ ئي زميني ڪميٽين جي لاءِ ضابطا منظور ڪري هڪ قسم جي عجيب صورتحال پيدا ڪري ڇڏي. يعني عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل تہ زمين جي نجي ملڪيت ختم ڪري ڇڏي. پر زميني ڪميٽين جا مرتب ڪيل ضابطا نجي ملڪيت تي ٻڌل آهن. بهرحال اُن سان ڪو نقصان نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ زميني ڪميٽيون سوويت فرمانن طرف ڪوبہ ڌيان نٿيون ڏرين. پر خود پنهنجن ڪيل فيصلن تي عمل ڪري رهيون آهن. جن جو بنياد هارين جي وڏي گهٽائيءَ جي مرضي تي ٻڌل آهي.

"اهي زميني ڪميٽيون زمين جي سوال کي قانون سازيءَ جي ذريعي نبيرڻ جي ڪوشش نہ ڪيون. جن جو واسطو فقط آئين ساز اسيمبليءَ سان ئي ٿي سگهي ٿو پر ڇا آئين ساز اسيمبليءَ روسي هارين جي مرضيءَ موجب عمل ڪرڻ چاهيندي؟ ان جي باري ۾ ڪنهن کي بہ پڪ ٿي نٿي سگهي. اسان کي فقط اها پڪ ٿي سگهي ٿي تہ هاڻ هارين جو انقلابي عزم جاڳي چڪو آهي ۽ آئين ساز اسيمبلي زمين جي سوال تي ائين طئي ڪرڻ تي مجبور ڪئي ويندي. جيئن هاري اهو نبيرڻ ٿا چاهين. آئين ساز اسيمبلي عوام جي مرضي کان ڌار رستو اختيار ڪرڻ جي همت نہ ڪري سگهندي."

ان کانپوءِ لينن تقرير ڪئي، جنهن کي هن پيري وڏي ڏيان ۽ غور سان پڙهو ويو. هن چيو: "هن وقت اسين نه رڳو زمين جي سوال کي پر سماجي انقلاب جي سوال کي به نبيرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، نه رڳو هتي روس ۾ پر سڄي دنيا ۾، زمين جي سوال کي سماجي انقلاب جي ٻين مسئلن کان ڌار ڪري نبيري نٿو سگهجي. جهڙوڪ: زميني جاگيرن(تعلقن) جي ضبطي جي مزاحمت نه رڳو روسي زميندار پر پرڏيهي مُوڙي به ڪندي، جنهن سان وڏيون زميني ملڪيتون، بينڪن جي ذريعي لاڳاپيل آهن.

"روس ۾ زمين جي ملڪيت وڏي جبر جو بنياد آهي ۽ هارين جو زمينن کي ضبط ڪري وڃڻ، اسان جي انقلاب جي سڀ کان وڏيڪ اهم وک آهي، پر اها وک ٻين وکن کان ڌار نٿي ڪري سگهجي، جيئن انهن مرحلن مان چڱي طرح ظاهر ٿئي ٿو جن مان ئي انقلاب کي لنگهڻون آهي، کاهي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين جي غلطي اها آهي ته ان وقت هنن سمجهوتن جي پاليسيءَ جي مخالفت نه ڪئي، جو ته هو ان نظريي جا قائل هئا ته عوام جو شعور مڪمل طور تي ترقي يافته ڪونهي.

"جيڪڏهن سوشلزم جو حصول فقط ان وقت ٿي سگهي ٿو جڏهن سڄي عوام جي ذهني ارتقا ان ڳالهه جي اجازت ڏي ته اسين گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ته چا، سئو سالن تائين به سوشلزم جي زيارت ڪري نه سگهنداسين. سوشلسٽ سياسي پارٽي، اها مزدور طبقي جو هر اول دستو آهي، تنهنڪري پنهنجي لاءِ اها ڳالهه روا نه رکڻ گهرجي ته اها گهٽائيءَ ۾ تعليم جي ڪوٽ جي ڪري رڪجي ويندي، پر ان کي، سوويتن کي، انقلابي اڳيرائي جي ادارن جي حيثيت سان استعمال ڪري، عوام جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي.

"گذريل جولاءِ ۾ عوام ۽ سمجهوتي بازن جي وچ ۾ اعلانيا طور تي لاڳاپن جي خاتمي جو هڪ سلسلو شروع ٿيو هو پر هاڻ نومبر ۾ کاهي ڏر جا سوشلسٽ انقلابي هاڻ پنهنجو هٿ اوڪسنتيئف ڏانهن وڌائي رهيا آهن، جيڪو عوام کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ لڳل آهي. جيڪڏهن 'ناهه' جاري رهيا ته انقلاب گم ٿي ويندو. بورزوازين سان ڪوبه سمجهوتو ممڪن ڪونهي، ان جي سگهه کي بلڪل چٽي ڇڏڻ گهرجي."

"اسان بالشويڪن پنهنجي زمين جي پروگرام ۾ ڪابه تبديلي نه ڪئي آهي. اسان زمين جي نجي ملڪيت کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ترڪ نه ڪيو آهي ۽ اسانجو ايئن ڪرڻ جو ڪوبه ارادو ڪونهي. اسان زميني ڪميٽين جي لاءِ قاعدا ۽ ضابطا منظور ڪيا، جيڪي نجي ملڪيت تي هرگز هٿ ڪونهن. تنهنڪري اسين عوامي مرضيءَ کي ائين پورو ڪرڻ ٿا چاهيون. جيئن خود عوام فيصلو ڪيو آهي. ته جيئن اسين سماجي انقلاب جي لاءِ وڙهندڙ سيني عنصرن جي اتحاد کي وڌ ۾ وڌ ويجهو ڪري سگهون.

"اسين اُن اتحاد ۾ ڪابي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين کي شامل ٿيڻ جي دعوت ٿا ڏيون. البت ان ڳالهه تي زور ٿا ڀريون ته هو هاڻ پويان ڏسڻ کي ڇڏي ڏين ۽ هو پنهنجي پارٽيءَ جي سمجهوتي بازن سان لاڳاپا ختم ڪري ڇڏين.

"جيستائين آئين ساز اسيمبليءَ جو واسطو آهي ته اهو سچ آهي ته جيئن سابق مقرر ڇيو ته آئين ساز اسيمبلي جي ڪم جو دارومدار عوام جي انقلابي عزم تي هوندو. آئون چوان ٿو ته ان انقلابي عزم تي پروسو ڪريو. پر پنهنجي بندوق کي به نه وسارجو."

ان کانپوءِ لينن بالشويڪ قرارداد پڙهي ٻڌائي.

"هارين جي ڪانگريس 26 آڪٽوبر جي زمين جي فرمان جي مڪمل حمايت ٿي ڪري. جنهن کي مزدورن ۽ سپاهين جي سوويتن جي هي ڪُل روس ڪانگريس منظور ڪيو هو ۽ روسي جمهوريه جي مزدورن ۽ هارين جي عارضي حڪومت جي حيثيت سان عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل لاڳو ڪيو.

"هارين جي ڪانگريس..... سيني هارين کي دعوت ٿي ڏي ته هو سهمتي راءِ سان اُن قانون کي برقرار رکن ۽ اهو خود بنا دير جي لاڳو ڪن. جن پرماريت جي شڪار ٿيل هارين ۽ مزدورن جي مفادن سان پنهنجي لڳاءُ کي وڏن زميندارن، سرمائيدارن، اُن جي طرفدارن ۽ سنگتين طرفان ٿيندڙ هر مزاحمت جي خلاف انهن مفادن جي مدافعت ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي خواهش جو ثبوت لفظن سان نه، پر پنهنجي عمل سان ڏنو آهي.

"هارين جي ڪانگريس، ان سان گڏ پنهنجي ان يقين جو به اظهار ٿي ڪري ته انهن سيني قدمن کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ، جن تي زمين جو فرمان مشتمل آهي، مزدورن جي سماجي انقلاب جي، جيڪو 25 آڪٽوبر 1917ع

تي شروع ٿيو آهي. سوپ جي ذريعي ئي ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿي. چاڪاڻ ته هاري مزدورن کي بنا معاوضي زمين جي قطعي منتقلي، وڏن زمينداڻ جي زرعي شين جي ضبطي، ان جي غلاميءَ جي مڪمل خاتمي سان گڏوگڏ زرعي مزدورن جي مفادن جو مڪمل تحفظ، روس جي سڀني علائقن ۾ زراعت ۾ صنعت جي پيداوار جي باقاعدهه ۾ لڳاتار ورهاست ۾ بينڪن تي قبضو(جنهن ڪانسواءِ زمين جي نجي ملڪيت ختم ڪرڻ ڪانپوءِ به زمين تي عوام جو عمل دخل ناممڪن هوندو) ۾ مزدورن جي لاءِ رياست جي پاران هر قسم جي اُمداد جو بندوبست فقط سماجي انقلاب ئي ڪري سگهي ٿو.

اُنهن سببن جي آڌار تي هارين جي ڪانگريس هڪ سماجي انقلاب جي حيثيت سان 25 آڪٽوبر جي انقلاب جي مڪمل تائيد ۾ حمايت ڪري ٿي ۾ جيڪا به ردوبدل ضروري آهي، انهيءَ سان به بنا ڪنهن هڪ جي روسي جمهوريه جي سڌ جي جوڙجڪ کي عمل ۾ آڻڻ جي لاءِ پنهنجي اڏول عزم جو اظهار ڪري ٿي.

"رڳو سماجي انقلاب ئي زمين جي فرمان جي لاءِ ديرپا ڪاميابي ۾ مڪمل حصول کي يقيني بڻائي سگهي ٿو ۾ ان فتح جي اڻ تڙ شرط سان صنعتي مزدور طبقي سان گڏ سڀني ترقي يافته ملڪن جي مزدورن جو ويجهو اتحاد. هينئر ڪان روسي جمهوريه ۾ رياست جي تنظيم ۾ انتظام جي مڙني ادارن کي مٽان ڪان ونڊي هيڻ تائين، انهي اتحاد تي قائم هڻڻ گهرجي. فقط اهو اتحاد ئي، بورزوازيءَ سان ناهه جي، بورزوا سياست جي سردارن سان ناهه جي، جنهن کي تجربو خراب ثابت ڪري چڪو آهي. پاليسي تي واپس اچڻ اڻ سڌي يا دينا داستي يا ڪجهي، سڀني ڪوششن کي چٽي، سڄي دنيا ۾ سوشلزم جي فتح جي ضمانت ڏيئي سگهي ٿو...."

هاڻ 'ورڪنگ ڪميٽيءَ' جا رجعت پسند هاڻ اعلانيا طور تي سامهون اچڻ جي همت ڪري نٿي سگهيا. پر چيرنوف ڪيترائي پيرا عاجزانه ۾ قائل ڪندڙ اڻ ڏُريائپ سان تقريرون ڪيون. ڪيس ڀائيس تي ويهڻ جي دعوت ڏني ويئي. ڪانگريس جي صدر کي هي رات هڪ نوٽ، ڪنهن صحيح ڪانسواءِ ڏنو ويو جنهن ۾ گذارش ڪئي ويئي هئي ته چيرنوف کي اعزازي صدر بنايو وڃي. استينوف، نوٽ پڙهي ٻڌايو ۾

زينووئيف هڪدم اُٿي ڪڙو ٽيو ۽ رڙ ڪندي چيائين "اها ميڙ تي قبضو ڪرڻ جي پراٿي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي چال آهي." ٻي گهڙي سڄو ميڙ اُيو ٽي ويو ۽ لهرائيندڙ هٿن ۽ ڪاوڙيل چهرن جو هڪ ميڙ بنجي ويو. پوءِ ٻه چيرنوف ڪافي مقبول رهيو.

زمين جي سوال ۽ لينن جي قرارداد تي طوفاني بحث مباحثن جي دوران، بالشويڪ ٻه ٻيرا ميڙ مان واڪ آئوٽ ڪرڻ وارا ئي هئا، پر ٻيئي ٻيرا سندن اڳواڻن کين جهليو. مونکي ائين پي لڳو ته ڪانگريس جو سُٽ اهڙو ته مُنجهي پيو آهي، جنهن جي سُلجهڻ جي ڪا به اُميد ڪونهي.

پر اسان مان ڪنهن کي به اهو پتو ڪونه هو ته اسمولنيءَ ۾ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين ۽ بالشويڪن جي وچ ۾ ان مهل ٻه ڳجهيون ڪانفرنسون جاري هيون. شروع ۾ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين گهر ڪئي ته سوويتن جي اندر ۽ ٻاهر جي سڀني سوشلسٽ پارٽين تي ٻڌل هڪ حڪومت هجي، جيڪا عوامي ڪائونسل جي سامهون جوابدار هجي. ۽ اها ڪائونسل مزدورن ۽ سپاهين جي تنظيم ۽ هارين جي تنظيم جي هڪ جيترن نمائندن تي ٻڌل هجي ۽ ان ۾ ميونسپل دومائن ۽ زيمستون جا نمائندا ٻه هجن. لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ کي ڏار ڪيو وڃي. فوجي انقلابي ڪميٽي ۽ ٻين جبر ڪندڙ ادارن کي ٽوڙيو وڃي.

نيٽ سخت جدوجهد ڪانپوءِ اڳاري 28 (15) نومبر جي صبح جو سڄي رات جي ڳالهين مُهاڙين ڪانپوءِ هڪ ناهه ٿيو. جنهن موجب 108 ميمبرن تي ٻڌل "تسي اي ڪا" ۾ هارين جي ڪانگريس مان 105 ميمبرن جو جن کي پارٽين جي تناسب موجب چونڊيو ويندو. فوج ۽ بحري ٻيڙي مان سنئون سڌو چونڊيل 100 ميمبرن جو ۽ ٽريڊ يونين جي 50 (ڪُل روس يونين جا 35، ريلوي ڪارڪنن جا 10، ۽ ٽپال ۽ تار جي ڪارڪنن جا 5) نمائندن جو واڌارو ڪيو ويندو. دومائن ۽ زيمستون کي ڇڏيو ويو. لينن ۽ ٽراٽسڪي حڪومت ۾ رهندا ۽ فوجي انقلابي ڪميٽي ڪم ڪندي رهندي.

هاڻ ڪانگريسّ جا اجلاس 'شاهي لا ـ اسڪول' جي عمارت نمبر ـ6 'فونٽانڪا' ۾ ٿيڻ لڳا هئا. جتي هارين جي سوويت جي مرڪزي آفيس هئي، اُتي گڏجاڻي هال ۾ اڳاري جي ٽپهري جو نمائندا گڏ ٿيا. ورڪنگ ڪميٽي الڳ ٿي ويئي هئي ۽ ان ئي عمارت جي هڪ ٻي ڪمري ۾ پنهنجن انهن

چاڙتن جو ڪنوينشن ڪري رهي هئي، جيڪو واڪ آئوٽ ڪري ويندڙ نمائندن تي مشتمل هو.

چيرنوف ڪنهن مهل هِن گڏجاڻي ۾ ٽي ويو تہ ڪنهن مهل هُن گڏجاڻيءَ ۾ ٽي ويو ڪيس اها خبر هئي تہ بالشويڪن سان هڪ معاهدي تي بحث مباحثو ٿي رهيو آهي، پر هو ان ڳالهہ کان اڻڄاڻ هو تہ ڪو معاهدو ٿي چڪو آهي.

هن واڪ آئوٽ ڪندڙن جي ڪنوينشن ۾ تقرير ڪئي، "هن وقت جڏهن هر شخص سينيٽ سوشلسٽن جي گڏيل حڪومت ٺاهڻ جي حق ۾ آهي تہ ڪيترن ئي ماڻهن پهرين وزارت کي وساري ڇڏيو آهي، جيڪا اتحادي نہ هئي ۽ جنهن ۾ رڳو هڪ سوشلسٽ هو ڪيرنسڪي- اِها اهڙي حڪومت هئي، جيڪا پنهنجن ڏينهن ۾ گهٽي مقبول هئي، هاڻي ماڻهو ڪيرنسڪي تي الزام ٿا هڻن ۽ هو وساري ٿا ڇڏين تہ ڪين رڳو سوويتن نہ پر عوام ئي اقتدار ڏيارڻ هو.

"ڪيرنسڪي" جي باري ۾ عام راءِ ڇو بدلجي ويئي؟ وحشي ماڻهو ديوتا ناهين ٿا ۽ پوءِ انهن کان دعائون گهرن ٿا ۽ جيڪڏهن انهن جي ڪا دعا نٿي اگهائجي تہ هو اُن کي سزا ب ڏين ٿا. اهوئي هينئر ب ٿئي پيو ڪالهہ ڪيرنسڪي هو ۽ اڄ لينن ۽ ٽراٽسڪي آهن، سياڻي ڪو ٻيو هوندو.

"اسان بالشويڪن ۽ ڪيرنسڪي ٻنهي کي رتّ ڏني تہ هو اقتدار تان دستبردار ٿي وڃن. ڪيرنسڪي اها رتّ قبولي ۽ اڄ هن پنهنجي روپوشي واري هنڌ تان وزيراعظم جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي آهي، پر بالشويڪ پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ ٿا چاهين ۽ هو اهو استعمال ڪرڻ نٿا ڇاڻن"....

ان دوران وڏي هال ۾ استنيوف، هارين جي ڪانگريس ۽ اسمولني جي وچ ۾ ٽينڊڙ ٺاهہ جو اعلان ڪيو جنهن جي آڇيان ڊيلي گيٽن بي حد خوشيءَ مان ڪئي. اوڇتو چيرنوف ظاهر ٿيو ۽ هُن گهر ڪئي تہ ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي. جيڪو ڪيس ڏنو ويو. هن چيو"مون ٻُڌو آهي تہ هارين جي ڪانگريس ۽ اسمولني جي وچ ۾ هڪ معاهدو ڪيو پيو وڃي. اهو ڏسندي تہ هارين جي سوويتن جي اصل ڪانگريس جو اجلاس ايندڙ هفتي تائين شروع نہ ٿيندو. ان قسم جو معاهدو غير قانوني هوندو.....

وڌيڪ اهو ته آئون تنبيهه ٿو ڪريان ته بالشويڪ اوهانجون گهرون نه مڃيندا".....

جنهن تي سڄو هال ٿهڪن سان ٻُرائجي ويو ۽ ڪيس تقرير روڪڻي پئي. هو صورتحال کي سمجهي ويو ۽ ڊائس تان لهي آيو ۽ هال مان ٻاهر نڪري ويو ۽ ان سان گڏ پنهنجي مقبوليت به کڻي ويو.

خميس، 29 (16) نومبر جي ٽپهريءَ جو ديڙ سان ڪانگريس جو هڪ غير معمولي اجلاس ٿيو فضا ۾ ڪنهن عيد جهڙو احساس هو. هر منهن تي مُرڪ هئي. ميڙ جي سامهون باقي جيڪي ڪم هئا، سي جلدي اُڪلايا ويا ۽ پوءِ سوشلسٽ انقلابين جي ڪاپي ڏر جي اڇي ڏاڙهي واري پير طريقت، ڪراڙي 'ناتانسن' پريل آواز ۾ پنل اکين سان هارين جي سوويتن ۽ مزدورن ۽ سپاهين جي سوويتن جي "نڪاح" جي رپورٽ پڙهي ٻُڌائي. جيترا پيرا به لفظ "اتحاد" آيو، ايترا پيرا خوشيءَ مان تاڙيون وڄيون. پچاڙيءَ ۾ استينوف، اسمولني مان هڪ وفد جي اڳواڻ جو اعلان ڪيو جنهن سان گڏ ڳاڙهي فوج جا نمائندا به اچڻا هئا، حاضرين اُٿي ٻنهي تاڙين جي ڇڪي ۾ سندن آجيان ڪئي. هڪ ٻي جي پويان هڪ مزدورن سپاهي ۽ هڪ جهازيءَ ڪانگريس کي خراج پيش ڪيو.

پوءِ آمريڪي ليبر پارٽي جي نمائندي 'بورس رائنشتائن' تقرير ڪئي، "هارين جي ڪانگريس، مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ٻڌيءَ جو ڏينهن، انقلاب جي عظيم ڏينهن مان آهي، ان جو پڙاڏو سڄي دنيا ۾، پئرس ۾، لنڊن ۾، سمنڊ پار نيويارڪ ۾ زوردار نموني ٻُرائجندو اُن ٻڌيءَ تي سيني پورهيتن جون دليون خوشيءَ سان پرجي ويندیون.

"هڪ عظيم خيال جي سوڀ ٿي آهي، اولهه ۽ آمريڪا کي روس کان، روسي پرولتاريه کان ڪنهن زبردست شئي جي گهرج هئي..... سڄي دنيا جي پرولتاريه روسي انقلاب جي لاءِ اکيون وڇايون آهن، انهن عظيم شين جي لاءِ پنهنجون پنبٽيون وڇايون آهن، جيڪي اهو انقلاب آڻي رهيا آهن."

'تسي اي ڪا' جي صدر 'سوير دلوف' ڪانگريس جي نمائندن کي خراج پيش ڪيو ۽ هاري "گهرو ويڑهه جي پُڃاڻي زندهه باد"۔"گڏيل جمهوريت زنده باد" جا نعرا هٽندا عمارت مان ٻاهر نڪتا.

اوندهه ٿي چڪي هئي ۽ برف جي جميل مٽيندڙ حصي تي چنڊ ۽ تارن جي هئڊي روشني جَڳ مَڳ ڪري رهي هئي. ندي‌ءَ جي ڪناري پاولو فسڪي ريجمنٽ جا سپاهي، مارچ ڪرڻ واري انداز ۾ پنهنجن بينڊن سميت قطارون ڪري بيٺا هئا، جنهن "مارسيلز" جي ڌُن وڄائڻ شروع ڪئي. سپاهين جي زوردار نعرن جي گونج ۾ هارين هڪ قطار ٺاهي ورتي ۽ هارين جي سوويتن جي 'ڪل روس ڪانگريس' جي ورڪنگ ڪميٽي‌ءَ' جو وڏو ڳاڙهو جهنڊو کوليو ويو. جنهن تي سونهري لفظن ۾ ايجا تازو ئي لکيو ويو هو. "انقلابي ۽ پورهيت عوام جو اتحاد زندهه باد" ان کانپوءِ ٻيا جهنڊا هئا، جن تي لکيل هو. "اسين هن جهنڊي جو احترام ٿا ڪريون ته جيئن سڀني قومن جي برادري تخليق ڪري سگهون."

خبر ڪونهي ته ڪٽان مشالا بہ اڇي ويا، رات جي اونداهي ۾ دڳدڙ نارنجي روشني، جيڪا جميل برف جي ٽڪرن ۾ هزارين ڀيرا پنهنجا عڪس اوتي رهي هئي، ميڙ جي مٿان دُنهه ڪيندي اڳيان وڌي. جڏهن ميڙ ڳائيندو 'فونتانکا' جي ڪناري سان هلندو ان ميڙ جي وچ مان اڳتي وڌيو جيڪو حيران خاموشي سان بيٺو هو.

"انقلابي فوج زنده باد" "ڳاڙهي فوج زندهه باد" "هاري زنده باد."ايئن اهو جلوس سڄي شهر مان لنگهي ويو ۽ جيئن جيئن اڳتي وڌندو ويو تيئن نہ رڳو وڏو ٿيندو ويو پر اُن ۾ سونهري لفظن وارن نون جهنڊن جو بہ واڌارو ٿيندو ويو بہ. پوڙهَا هاري، جن جي سڄي عمر جي محنت سندن چيلهه جهڪائي ڇڏي هئي، هٿ، هٿ ۾ ڏيو هلي رهيا هئا، انهن جي مُهاندن تي ہارڻن جهڙي معصوميت هئي.

انهن مان هڪ ڄڻي چيو "ٺيڪ آهي هاڻ ڏسنداسين ته اهي اسان جي زمين اسان کان ڪيئن ٿا کسين."

اسمولني‌ءَ وٽ، رستي جي ٻنهي ڪنارن سان ڳاڙهي فوج جا سپاهي قطارن ۾ بيٺا هئا، هو سڀ خوشي‌ءَ سبب ڪيڑن ۾ ئي نٽي ماپيا. ٻي پوڙهي هاري‌ءَ پنهنجي ساٿي‌ءَ کي چيو"ڏرو بہ ٽڪ نہ اٿم.... ڇڙ سڄو رستو هوا تي هلندو آيو آهيان."

اسمولني جي ڏاڪڻين تي، مزدورن ۽ هارين جا لڳ ڀڳ هڪ سئو نمائندا گڏ هئا، جن جي هٿن ۾ جهنڊا هئا. هو تيز لهر جيان هيٺ لٿا ۽ هارين

کي ڳڙانڙيون پائي کين چميون ڏيڻ لڳا ۽ جلوس وڏي دروازي مان گھڙي ٻُرائجندڙ گوڙ ۾ ڏاکڻين تي مٿي چڙھي ويو.

وڏي سفيد ملاقاتي ڪمري ۾ 'تسي اي کا' اوسيئڙو ڪري رھي ھئي. تنھن کانسواءِ سڄي پيٽروگراڊ سوويت ۾ ھڪ ھزار ناظرين بہ اھڙي ئي سنجيدگيءَ سان موجود ھئا. جھڙي سنجيدگي تاريخ جي عظيم باشعور گھڙين کي جنم ڏيندي آھي.

زينووئيف، ھارين جي ڪانگريس سان معاھدي جو اعلان ڪيو. نعرن ۽ تاڙين جي پڙاڏي عمارت کي لوڏي ڇڏيو ۽ جڏھن ورانڊن جي ٻي سري تي بينڊ جو تيز آواز ٻُڌڻ ۾ آيو ۽ جلوس جو پھريون سرو اندر گھڙيو تہ اھا گونج طوفان جيان ڦاٽي پئي. ڊائس تي صدارتي مجلس اُتي بيھي رھي ۽ ھارين جي صدارت لاءِ جاءِ ناھي ويئي، ٻنھي جي ميمبرن ھڪ ٻي کي گلي لڳايو. انھن جي پٽيان پٽ تي ان خالي فريم جي مٿان، جنھن مان زار جي تصوير پٽي لاٿي ويئي ھئي، ٻہ جھنڊا ھڪ ٻي سان ٻکين پٽجي رھيا ھئا.

پوءِ"سوپارو اجلاس" شروع ٿيو. سويردلوف، آجيان جا لفظ چيا ۽ ان کانپوءِ سنھڙي سيپڪڙي ھئڊي عينڪ پاتل، نيو انگلينڊ جي ڪنھن اسڪول ماسترياڻي جي انداز ۾ "سماريا اسپريدونووا" تقرير ڪئي، جيڪا سڄي روس ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب ۽ سينڊي کان وڌيڪ سگھاري عورت آھي.

"روس جي مزدورن جي سامھون ھاڻ ھڪ اھڙو اُفق پيدا ٿي رھيو آھي، جھڙو تاريخ ۾ اڳ ڪڏھن بہ نہ ڏٺو ويو آھي. ماضيءَ ۾ مزدورن جون سڀ تحريڪون شڪست کائي ويون. پر ھاڻوڪي تحريڪ بين الاقوامي آھي، جيڪا ناقابل شڪست آھي. دنيا جي ڪابہ طاقت اھڙي ڪونھي، جيڪا انقلاب جي باھ کي وسائي سگھي! پراڻي دنيا ڍھي رھي آھي ۽ نئين دنيا اُپري رھي آھي."

ان کانپوءِ ٽراٽسڪي زوردار تقرير ڪئي، " ساٿيو! آئون اوھان کي پليڪار ٿو چوان، اوھين ھت مزمانن جيان نہ پر ھن گھر جي مالڪ جيان آيا آھيو. جتي روسي انقلاب جي دل ڌڙڪي رھي آھي، ھاڻ ھن ھال ۾ ھزارين لکين مزدورن جي مرضي ھلندي. ھاڻ سرزمين روس جو فقط ھڪ ئي مالڪ آھي، مزدورن، سپاھين ۽ ھارين جو اتحاد."

هن چُپندڙ چٽر سان اتحادي سفيرن جو ذڪر ڪيو جيڪي ان وقت تائين عارضي ناهه جي لاءِ روس جي دعوت کي حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ جنهن کي مرڪزي طاقتن قبولي ورتو هو.

"هن جنگ مان هڪ نئين انسانيت جنم وٺندي. هن هال ۾ اسين سڀني ملڪن جي مزدورن سان وچن ٿا ڪريون ته اسين پنهنجي انقلابي مورچي تي جميا رهنداسين. جيڪڏهن اسين مُئاسين ته به پنهنجي هن جهنڊي جي حفاظت ڪندي مرنداسين...."

ان کانپوءِ ڪريلينڪو تقرير ڪئي ۽ محاذ جي صورتحال جي وضاحت ڪئي. جتي دوخونن عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل جي مزاحمت جون تياريون ڪري رهيو هو."دوخونن کي ۽ ساٿس گڏ جيڪي ماڻهو آهن ان کي اها ڳالهه چڱي طرح سمجهي وٺڻ گهرجي ته جيڪي به ماڻهو امن جو رستو روڪيندا. تن سان اسين نرمي سان پيش نه اينداسين."

ٻيڙي جي طرفان ديبينڪو ميڙ کي سلامي ڏني ۽ "ويڪزيل" جي ميمبر ڪروشنسڪئي چيو"هن گهڙيءَ جڏهن سڀني سوشلسٽن جي ٻڌي ٽي چڪي آهي ته ريلوي ڪارڪنن جي سڄي فوج. پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور تي انقلابي جمهوريت جي حوالي ٽي ڪري" ٻوءِ لونا چارسڪي جهڙوڪر روئندي ۽ ڪاپي ڏر جي سوشلسٽ انقلابين پاران پروشيان تقريرون ڪيون ۽ سيني کان آخر ۾ مارتوف ۽ گورڪيءَ جي گروهن تي ٻڌل متحده بين الاقواميت پسند سوشلسٽ ڊيموڪريٽن پاران 'سهاراشويلي' اعلان ڪيو ته :

"اسان بالشويڪن جي غير مفاهمانه پاليسي ۽ ڪين رعايتون ڏيڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي لاءِ "تسي اي ڪا' ڇڏي هئي ته جيئن سڄي انقلابي جمهوريت جي ٻڌي ٽئي. هاڻ جڏهن اها ٻڌي ٽي چڪي آهي ته اسين "تسي اي ڪا" ۾ پنهنجي جاءِ سنڀالڻ پنهنجو سڳورو فرض ٿا سمجهون..... اسين اعلان ٿا ڪريون ته انهن سيني همراهن کي هاڻ واپس اچڻ گهرجي. جيڪي "تسي اي ڪا" کان پاسيرا ٽي ويا هئا."

هاري ڪانگريس جي 'صدارتي مجلس' جي هڪ شانائتي پوڙهي هاري استاشڪوف هال جي چئني ڪنڊن ڏانهن جهڪي تعظيم

ڪئي. "هاڻ آئون هڪ نئين روسي زندگي ۽ آزادي جي جنم تي اوهان سڀني کي واڌايون ٿو ڏيان."

پولش سوشل ڊيموڪريسي جي نالي تي بروفڪسيءَ فيڪٽري ورڪشاپ ڪميٽين پاران اسڪرپينڪ، نيلوينڪا ۽ رهندڙ روسي سپاهين پاران ٽريفونوف ۽ بي شمار ٻين ماڻهن خوشي سان پريل ڏني، وڏين اُميدن ۽ خوشين جي اظهار طور تقريرون ڪيون.

رات جو دير سان هيٺين قرارداد پيش ڪئي ويئي، جيڪا سهمتي راءِ سان منظور ڪئي ويئي.

"مزدورن، سپاهين ۽ هارين جي نمائندن جي سوويتن جي 'ڪل روس' 'تسي اي ڪا' پيٽروگراڊ سوويت ۽ هارين جي ڪانگريس سان خصوصي ميڙ ۾ گڏ ٿي، مزدورن ۽ سپاهين جي نمائندن جي سوويتن جي ۽ ڪُل روس ڪانگريس جي منظور ڪيل زمين جي فرمان ۽ امن جي فرمان ۽ "تسي اي ڪا" جي منظور ڪيل، مزدورن جي ڪنٽرول بابت فرمان جي توثيق ٿي ڪري

'تسي اي ڪا' ۽ هارين جي 'ڪُل روس ڪانگريس جو گڏيل ميڙ' پنهنجي اُن پختي يقين جو اظهار ٿو ڪري ته مزدورن، سپاهين ۽ هارين جو اتحاد، سڀني مزدورن ۽ پرماريت جو شڪار سڀني ماڻهن جو اهو پائيپي وارو اتحاد، انهن جي جيتيل اقتدار کي سگهارو ڪندو ته جيئن هو ٻين ترقي يافته ملڪن ۾ اقتدار مزدور طبقي جي هٿن ۾ جلد آڻڻ جي لاءِ سيئي انقلابي قدم کڻي ۽ ايئن هو هڪ منصفاڻي امن ۽ سوشلزم جي سوپ کي يقيني بڻائيندو."

ختم ٿيو

(حيدرآباد: 6_ ڊسمبر 2011)

اداري جانوءَ چپيل ڪتاب



گلشن

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.